# سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون

(جلد _ V)

مرتب: **مختيار احمد ملاح**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ بابت
# مقالا ۽ مضمون

(جلد-٧)

مرتب

**مختيار احمد ملاح**


سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2011ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر پاران | ڊاڪٽر فهميده حسين | 5 |
| مقدمو | مختيار احمد ملاح | 7 |
| سنڌي ٻولي | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 25 |
| سنڌ جي ٻولي | ايم ايچ پنهور | 47 |
| سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ۽ اوسر | ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي | 65 |
| ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديليون | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | 97 |
| سنڌي ڀاشا ۽ اُن جو اصل نسل | لعل سنگهه اجواڻي | 122 |
| سنڌي ٻولي 1500ع کان 1843ع تائين | هيرو ٺڪر | 137 |
| سنڌي ٻوليءَ تي پارسي ٻوليءَ جو اثر | ڊاڪٽر اياز قادري | 153 |
| سنڌي ٻوليءَ جو تعليمي زبان وارو ڪارج | ڊاڪٽر تنوير عباسي | 159 |
| انگريزن جي ابتدائي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي | مظهر يوسف | 169 |
| سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جو اثر | ڊاڪٽر هدايت پريم | 178 |
| قديم زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ | ڊاڪٽر هدايت پريم | 189 |

| | | |
|---|---|---|
| برطانوي دؤر ۾ سنڌي ٻولي | ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي | 200 |
| سنڌي گرامر جا مسئلا | ڊاڪٽر فهميده حسين | 216 |
| پاڪستاني ٻولين لاءِ گڏيل رسم الخط جو مسئلو | ڊاڪٽر الياس عشقي | 254 |
| سنڌيءَ ۽ عربي ٻوليءَ جا لاڳاپا | پروفيسر عبدالرحمان جسڪاڻي | 270 |
| سنڌي تعليم جي ترقي ۽ اُن آڏو آيل مسئلا | ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي | 284 |
| عربي- سنڌي رسم الخط جي اوسر | ڊاڪٽر غلام محمد لاکو | 297 |
| پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي ۽ سنڌي ٻولي | ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو | 315 |
| سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولين جو سٻنڌ | ڪريم بخش خالد | 340 |
| سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، استعمال ۽ پيداواري صلاحيت | شمس سومرو | 347 |
| سنڌي ٻوليءَ جون خوبيون | آفتاب ابڙو | 351 |
| سائنسي علم جي تاليف لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت | انجنيئر احسان احمد عرساڻي | 362 |
| جديد ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي | انجنيئر احسان احمد عرساڻي | 382 |
| سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪجهه تجويزون | مختيار احمد ملاح | 391 |

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل هي لاڳيتو پنجون ڪتاب آهي، جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ڪيو ويو آهي. گذريل ڏيڍ صديءَ کان سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ۽ ان تي تحقيق ڪرڻ جي روايت پيبل آهي، جنهن کي باقاعدي هڪ سلسلي ۾ جوڙي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ سان نوجوان محققن کي اڳتي تحقيق ڪرڻ ۾ يقيناً گهڻي سهولت ٿيندي.

موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي گهڻائي چئلينج درپيش آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ استعمال ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندا وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ ان جو ڦهلاءُ ۽ ترقي سخت متاثر ٿي رهيا آهن. اهو اسان سڀني تي لازم آهي تہ پنهنجي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ان جي تعليم کي بهتر رخ ۾ اڳتي وڌائڻ جون ڪوششون ڪريون ۽ ان جي استعمال کي درست نموني سان جديد اليڪٽرانڪ ميڊيا (موبائيل فون، انٽرنيٽ، ٽي وي چئنل ۽ ريڊيو وغيره) ذريعي وسعت ڏياريون. هن ئي ڪتاب ۾ اسين ڏسون ٿا تہ ڪيئن تاريخ جي مختلف دورن ۾ سنسڪرت عربي، فارسي، انگريزي يا اردو ٻولين جي غلبي جي باوجود سنڌ جي عالمن اديبن کان سواءِ عام ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ کي نہ صرف زنده رکيو پر ان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا

ڪيو. اڄ به اهڙائي ساڳيا بلڪ ان کان وڌيڪ خطرا سنڌي ٻوليءَ کي درپيش آهن. گلوبلائيزيشن جي نالي ۾، توڙي قومي يڪسانيت جي نعري هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي قومي حيثيت اهميت ۽ مقام کي گهٽائي محض هڪڙي علائقائي (regional) زبان ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي، پر اسان کي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪيئن سنڌي ٻوليءَ هڪ مضبوط ۽ ٻڌائتي ٻوليءَ جي صورت ۾ مذهبي، سياسي ۽ علمي طور تي غالب ٻولين سان مقابلو ڪيو ۽ نه صرف ڏکين حالتن ۾ پاڻ کي جيئرو رکيو بلڪ ايڪيهين صديءَ تائين ترقيءَ جون منزلون طي ڪيون. ان جو جس پڪ سان ان جي ڳالهائيندڙن خاص ڪري عالمن اديبن کي ملڻ گهرجي، جيڪي ساڻس دل و جان سان پيار ڪن ٿا.

مون کي يقين آهي ته اسان جا نوجوان ليکڪ ۽ محقق هن ڪتاب مان لاڀ پرائيندا ۽ پنهنجي مادري ٻوليءَ جي بقا ۽ ترقيءَ جي ڏس ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

حيدرآباد، سنڌ
11 آڪٽوبر 2011ع

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن
سنڌي ٻولي اٿارٽي

# مقدمو

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي ٻولين ۾ هڪ ڳاڻائتي ۽ قديم ٻولي آهي، جنهن جو ادب صدين کان شاهڪار شاهوڪار، وڏنڊڙ ۽ ويجهنڊڙ آهي. هن ٻوليءَ جون پاڙون موهن جي دڙي جي پوربل تهذيب ۾ کتل ۽ قديم آهن. سنڌي ٻولي صدين جو سفر ڪنديه پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ سان گڏ اڄ به نه صرف سنڌ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر پنهنجي پاڙيسري صوبن بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ان کان علاوه، دنيا جي ٻئي نمبر آباديءَ واري ملڪ هندستان ۾ به هن ٻوليءَ جا ڪيترائي ڳالهائيندڙ رهن ٿا ۽ ٻين ملڪن جهڙوڪ هانگ ڪانگ، عرب امارات، انڊونيشيا، عمان ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ کي تاريخ جي هر دؤر ۾ اهڙا شاعر، عالم ۽ اديب مليا آهن، جن ان جي آبياري ڪئي آهي. هيءَ ٻولي هڪ مڪمل علمي، ادبي زبان آهي، جنهن کي ججهو لغت جو ذخيرو آهي، ادب جو قديم خزانو آهي. منجهس لوڪ ادب جا انبار آهن. هن ٻوليءَ جي لوڪ ادب مان هتي جي جيوت جا نشان عيان آهن. اهڙيءَ طرح اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، قصن، ڪهاڻين ۽ شعرن جو هڪ وڏو خزانو موجود آهي ۽ هن جو هڪ معياري رسم الخط آهي. سنڌي ٻولي برصغير جي انهن ٿورين ٻولين مان هڪ آهي، جنهن جو علم اللسان جي مطابق اڀياس ڪيو ويو آهي ۽ ان جي ادب ۽ زبان جي ترقيءَ ۽ اڀياس ۾ ڌيهي اديبن ۽ عالمن کانسواءِ پرڏيهي عالمن به ڀرپور حصو ورتو آهي.

جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جا اهڃاڻ صرف راءِ دؤر (495_632ع) کان ئي ڳولبون ته 'چچ نامي' جي آڌار تي معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا ان ۾ لکپڙهه به ڪندا هئا. علم و ادب جا ماهر به موجود هئا، جن جي همت افزائي به ڪئي ويندي هئي. 'چچ نامي' ۾ راءِ سهاسي ٻئي (II) بابت اچي ٿو ته: "هن کي مختلف علمن سان خاص لڳاءُ هوندو هو. ملڪ ۾ تعليم لاءِ خاص وزارت هوندي هئي." ان دؤر لاءِ گمان

آهي تہ ان دؤر ۾ سنسڪرت، هندي ۽ فارسيءَ جي موجودگيءَ سبب سنڌي ٻوليءَ تي انهن جو بہ اثر هوندو. ايران سنڌ جو سرحدي ملڪ هو جتي فارسي رائج هئي. ايراني سنڌ تي ڪاهون بہ ڪري چڪا هئا. اهڙي طرح هندستان وارا بہ سنڌ جا پاڙيسري هئا ۽ سنڌ تي ڪاهون بہ ڪندا هئا. راءِ دؤر ڪانپوءِ برهمڻ دؤر(632-712 ع) آيو هن خاندان جو بنياد راجا چچ رکيو جنهن وٽ راءِ حڪومت ۾ تعليم جو قلمدان هو. سنڌي سماج ۾ مقامي ٻوليءَ کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي، جنهن جي ثابتي آثار قديمہ مان ملي چڪي آهي. تحرير جو رواج پايہ تڪميل کي پهتل هو. ننڍي کنڊ ۾ ان وقت ديومالا ڪان ڏرمي ادب جو دؤر هو جنهن کان سنڌ ڪيئن وانجهيل هونديءَ! عرب سياحن جي سفرنامن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ وارا علم جوتش، علم نجوم، علم رياضي، علم طب ۽ ٻين علمن ۾ مهارت رکندا هئا. ان مان اهو بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن علمن جي سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ڪي ادارا هوندا، ڪي عالم هوندا، تحريري علم و ادب جو بندوبست هوندو جيڪو اتان جي ئي زبان ۾ هوندو.

عرب دؤر (712_1050 ع)۾ سنڌي زبان تمام گهڻي ترقي ڪئي ۽ ان جي نئين سر تشڪيل ٿي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مطابق "عرب دؤر حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي تمدني سرمائي ۾ واڌارو ٿيو ۽ ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ صورتخطيءَ ۾ تبديلي آئي ۽ اها عام رائج ٿيڻ لڳي، جيتوڻيڪ ٻيون مقامي صورتخطيون پڻ هلنديون هيون.

هن دؤر جي سنڌي ادب ۽ سنڌي رسم الخط جي باري ۾ عرب سياحن جي سفرنامن مان معلومات ملي ٿي تہ انهن جا رسم الخط مختلف هئا. جاحظ (864ع) مطابق: "سنڌ جا ماڻهو علم رياضي ۽ علم نجوم ۾ تمام اڳتي آهن. هنن کي لکڻ لاءِ پنهنجي زبان ۽ رسم الخط آهي."

اهڙي طرح بشاري مقدسي (985ع) موجب: "ديبل جا ماڻهو واپاري آهن، اهي سنڌي ۽ عربي ڳالهائين ٿا." اهڙي طرح ابن نديم، البيروني اصطخري، ابن حوقل، ابن بطوطہ ۽ ٻين عرب سياحن وٽان سنڌي علم و ادب ۽ زبان جي جهجهي معلومات ملي ٿي.

عربن جي اچڻ سان سنڌ ۾ ڪيترين درسگاهون کليون، ديبل، سيوهڻ، منصوره، ملتان وغيره علم و ادب جا وڏا مرڪز هئا. اسلامي تعليم لاءِ خاص جتن ڪيا ويا. مستند ذريعن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو. عالمن عربيءَ سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ کي بہ زور وٺرايو. عرب دؤر ۾ سنڌي زبان جي لفظن ۾ وڏو ذخيرو اچي ويو. ان جو وڏو سبب عربي ۽ سنڌيءَ جو پاڻ ۾ ميلاپ هو. هن دؤر ۾ سنڌي ادب جا پڻ ڪيترائي اهڃاڻ ملن ٿا. سنڌي شاعري، سنڌي ڪتابن جا عربيءَ ۾ ترجما، سنڌي عالمن ۽ اديبن جا عربي زبان ۾ شاندار ڪارناما وغيره هن دؤر جي ادب جي خوبين ۾ شامل آهن.

عربن کانپوءِ سومرن جو دؤر (1050_1350ع)، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي لحاظ کان اهم تصور ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو هن دؤر ۾ سنڌي زبان سنڌ جون سرحدون اورانگهي پري پري تائين پکڙجي ويئي. سنڌي زبان ۽ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جون زبانون هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيون. ان کانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ڏاتڪي محاورن جي اوسر ٿي. هن دؤر لاءِ خيال آهي تہ "عربي" ۽ "سنڌي" سرڪاري زبانون هيون. البتہ فارسي زبان جو تسلط هن دؤر کان شروع ٿي چڪو هو. علي ڪوفي ۽ قلندر لعل شهباز هن ئي دؤر ۾ فارسي زبان، شعر ۽ علم کڻي سنڌ آيا ۽ ڇانئجي ويا. عرب دؤر ۾ لکيل عربي ڪتاب "فتح نامہ السنڌ" جو ترجمو علي ڪوفيءَ فارسيءَ ۾ ڪيو جيڪو پوءِ "چچ نامي" جي نالي سان مشهور ٿيو.

سومرا حڪمران جيئن تہ سنڌي هئا، ان ڪري سنڌي زبان جو اسرڻ هڪ فطري عمل هو. هن دؤر ۾ آيل سياسي استحڪام ۽ معاشي خوشحاليءَ جو اثر هن دؤر جي ادب، فن ۽ ٻوليءَ تي نمايان آهي. هن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف مقامي لهجن، سياسي ۽ جاگرافيائي تبديلين ۽ مذهبي جماعتن جي تبليغن جي ڪري هزارين نوان لفظ، محاورا ۽ اصطلاح سنڌي زبان ۾ شامل ٿيا، جن نہ فقط سنڌي ٻوليءَ کي سونهن بخشي، پر ان ۾ خاص صوتياتي نظام بہ پيدا ٿيو ۽ لغت ۾ واڌارو آيو. هڪ خاص لپي ايجاد ٿي، جنهن ۾ اسماعيلي عقيدن جو مذهب لکيو ويو. موجوده تاريخ جا مؤرخ ۽ لسانيات جا ماهر ان کي "خواجڪي سنڌي" سڏين ٿا. هن لپيءَ ۾ اسماعيلي

مبلغن جا گنان لکيا ويا. سومرن جي دؤر جي سنڌي شاعري ۾ بيت، ڳيچ، ڳاهون، سورٺا وغيره اچي وڃن ٿا.

سمن جو دؤر(1350_1520ع) سنڌ جي تاريخ جو اهم ۽ خوشحال دؤر رهيو آهي. ادبي تاريخ ۾ هي دؤر قاضي قادن جو دؤر آهي، ڇو جو هو هن دؤر جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو. هن دؤر ۾ سنڌي زبان ۽ ادب پنهنجي موضوع ۽ وسعت ۾ بي پناهه طاقت حاصل ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو هن دؤر کي "سنڌي ادب جو تعميري دؤر" به چيو ويندو آهي. هن دؤر ۾ سنڌ جي رياستي زبان فارسي ٿي چڪي هئي. تعليمي درسگاهن ۾ عربي ۽ فارسيءَ کي وڏي اهميت حاصل هئي، پر جيئن ته سما حڪمران خود سنڌي هئا ان ڪري سنڌي زبان جو ترقي ڪرڻ لازم هو. هن دؤر ۾ سنڌي زبان سرائڪي ۽ پنجابيءَ تي به وڏو اثر ڇڏيو. مهدوي طريقي جو باني سيد ميران محمد مهدوي ۽ مراڪش جو مشهور سياح ابن بطوطه سمن جي وقت سنڌ ۾ آيا. اهو ئي هن دؤر جي علم ادب ۽ زبان جي ترقيءَ جي عروج جو ثبوت آهي.

شاهه بيگ ارغون ٺٽي تي قبضو ڪري سنڌ جي آزاديءَ جي عظيم دؤر جو انت آندو. سنڌي ٻولي ۽ ادب تي هيڪر وري ڏکيا ڏينهن اچي ويا. ارغونن جي دؤر (1520_1555ع)۾ فارسيءَ جي حيثيت سنڌ ۾ سامراجي ٻوليءَ واري ٿي ويئي. سمن جي دؤر ۾ فقط ٺٽي شهر ۾ سوَن جي تعداد ۾ تعليمي ادارا هئا، جتي سنڌيءَ سان گڏ ٻين ٻولين جي تعليم به ڏني ويندي هئي. ارغونن سنڌي معلمن جي حوصله شڪني ڪري فارسي تعليم تي زور ڏنو. هن دؤر ۾ اسان کي ڪيترن ئي عالمن جو ذڪر ملي ٿو، جن ملڪي حالتن کي ڏسي سنڌ کي هميشه لاءِ الوداع ڪري وڃي ٻيا ملڪ وسايا. هڪ طرف سنڌ مان عالمن جو لڏڻ ته ٻئي طرف حڪمرانن جي مادري زبان فارسيءَ کي سرڪاري سرپرستيءَ ملڻ سان سنڌيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ جو ارغون حڪمران شاهه حسن خود به فارسي زبان ۾ نظم ۽ نثر لکندو هو. هن لاءِ مشهور هو ته هُو فارسي زده عالمن ۽ شاعرن جي خوب حوصله افزائي ڪندو هو. اهو ئي سبب هو جو ڪيترا سنڌي عالم به فارسيءَ ۾ لکڻ کي ترجيح ڏيندا هئا. ان جو نتيجو بهرحال اهو نڪتو جو سنڌي ۽ فارسيءَ هڪٻئي جو اثر قبول ڪيو ۽ فارسيءَ جا

ڪيترائي نوان لفظ سنڌيءَ ۾ شامل ٿيا. سنڌ بابت فارسيءَ ۾ ڪتاب لکيا ويا. سنڌ جا افسانوي ۽ رومانوي موضوع سنڌ جي مقامي ماحول سان فارسي شاعريءَ نثر جي زينت بڻيا. سنڌي لفظ فارسي عبارت ۾ استعمال ٿيڻ لڳا ۽ فارسي تصنيفن ۾ سنڌي بيتن ۽ عبارتن جا پيوند لڳا. هي سلسلو ترخان دؤر ۾ اچا به وڌيو ۽ مغل دؤر ۾ پنهنجي عروج تي پهتو.

ترخانن جو دؤر(1555_1592ع) ادبي لحاظ کان شاهه ڪريم جو دؤر آهي. ارغونن کانپوءِ ترخانن تائين سنڌ ۾ فارسيءَ جو وڏو ڪردار آهي. عموماً سنڌي نسل جا شاعر فارسيءَ ۾ شعر چوڻ تي فخر ۽ برتريءَ جو اظهار ڪندا هئا. انهيءَ دؤر ۾ فارسي عام ماڻهن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو به ذريعو بڻجي چڪي هئي. ڪيترائي فارسيدان سنڌ ۾ مقيم هئا. ان جي برعڪس سنڌي شاعرن، ٻوليءَ جي رڪاوٽن نج سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي. شاهه ڪريم، مخدوم نوح، عثمان اگهم ڪوٽي، عثمان دربيلائي، مخدوم پير محمد لکوي ۽ ٻيا هن دؤر جا نمائندا شاعر آهن. ٻئي طرف سنڌي زبان سرڪاري سرپرستي نه هئڻ باوجود سنڌ جون سرحدون اورانگهيون. هن دؤر ۾ دادو ديال جو نالو ملي ٿو جيڪو راجستان جو رهاڪو هو. هو نه صرف قاضي قادن جي فڪر ۽ فلسفي کان متاثر هو پر هن سنڌي زبان ۾ شاعري پڻ ڪئي.

مغلن جي دؤر حڪومت (1592_1700ع) ۾ فارسيءَ کي هيڪاري وڌيڪ سرپرستي ملي، ڇو جو مغل هئا ئي فارسيدان. سنڌ ۾ پهاڪو مشهور ٿيو ته 'مغلن اڳيان فارسي وسريو وڃي'. هن ئي دؤر ۾ اهو به مشهور ٿيو ته 'فارسي گهوڙي چاڙهسي.' هن دؤر ۾ سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ سياسي حالتن تي ڪيترائي ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيا ويا. ادب پنهنجي ملڪي حالتن جو ردعمل هوندو آهي ۽ زبان ان ردعمل جو بهترين اظهاري وسيلو هوندي آهي. مغلن فارسي ادب ۽ زبان کي ترقي ڏيارڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي. ٻئي طرف سنڌي اديبن، شاعرن ۽ عالمن به سنڌي زبان کي وڌائڻ ۾ ڪابه ڪمي نه ڪئي. سنڌي زبان ۾ تعليمي نظام شروع ٿيو. مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ لپي جوڙي 'مقدمة الصلواة' لکيو ۽ نصابي روايت وڌي، ائين نئين سنڌي صورتخطي ايجاد ٿي. هيءَ هڪ تحريڪ هئي، جنهن جو اثر ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جابجا نظر اچي ٿو.

سنڌي زبان جي محبت ۽ ميناج غير سنڌين کي بہ پنهنجو ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جام ننگر، گجرات ۾ جنم وٺندڙ مهراج پراڻناٿ سنڌيءَ ۾ سلوڪ چيا. هتي سنڌ ۾ شاهہ لطف الله قادري، فاضل بکري، عثمان احساني، ميون شاهہ عنات رضوي، ميون عيسو هالائي، شاهہ عنايت صوفي، احسان فقير جهڙا شاعر موجود هئا. جن سنڌي زبان جي آبياري پئي ڪئي.

ڪلهوڙن جو دؤر (1700_1782ع) سنڌي ادب جي تاريخ ۾ "سونهري دؤر" سڏيو وڃي ٿو. هي دؤر" شاهہ لطيف جو دؤر" آهي. حڪومت هڪ دفعو وري مقامي نسل جي گهراڻي جي هٿ ۾ هئي، جن جي مادري زبان سنڌي هئي. جيتوڻيڪ ملڪ جي دفتري زبان فارسي هئي، پر گهريلو ۽ عام روزمره استعمال جي ٻولي سنڌي هئي. سنڌي زبان کي حڪومتي سرپرستي ملڻ ڪري بہ ترقي ملي. اهو ئي سبب هو جو سنڌي ٻوليءَ کي سياسي حالتن ڪري گهڻي ترقي ملي. ڪڇي، ڪاٺياواڙي، سرائڪي، لاسي، جيسلميري ۽ بلوچي زبانن جو اثر سنڌي زبان قبول ڪيو ۽ مٿن پنهنجو اثر ڇڏيو. هزارين نوان لفظ محاورا ۽ اصطلاح سنڌي زبان ۾ شامل ٿيا. مخدوم ابوالحسن واري جديد عربي لپيءَ جي نهڻ ڪري ڪتاب لکجڻ سان هڪ تحريڪ شروع ٿي. بنيادي طور تي هن دؤر ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي مدرسا هلندڙ هئا. جن کي هاڻي عربي ۽ فارسيءَ بدران سنڌي ميڊيم ۾ پڙهائڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ان تحريڪ کي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ، مخدوم عبدالله نرئي، عبدالخالق ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، مولوي محمد حسين ۽ ٻين عالمن وڌايو. هنن عالمن الف اشباع جي طرز کانسواءِ شاعراڻي نثر (Poetic Prose) جو بہ بنياد وڌو. اهڙيءَ ريت هن دؤر ۾ سماجي زندگيءَ سان لاڳاپيل مختلف خيالن، احساسن، آسن، اميدن ۽ ذهني اظهار جي ترقيءَ ڪري ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ٿي.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٻوليءَ جي ترقيءَ سبب گهڻي ۾ گهڻا شاعر پيدا ٿيا. لوڪ ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي، شاعريءَ ۾ فني پختگي آئي، ديني ادب عروج تي پهتو. اسلامي تصوف ۽ هندو ويدانت جو فلسفو شاعريءَ ۾ غالب ٿيو. شاعريءَ جون نيون صنفون ايجاد ٿيون. ٻئي طرف عروضي شاعري سنڌي شاعريءَ ۾ شروع ٿي. تصوف ۽ ويدانت جي فڪرن جي اظهار سبب

ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جي ڪري شاعري ۾ روشن خيالي مذهبي، رواداري، انساني برابري ۽ انسان دوستي جهڙن قدرن جنم ورتو. هن دؤر جو عظيم شاعر شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ جو معمار ۽ محافظ آهي، جنهن بلاغت، سلاست ۽ جدت جا لاڙا متعارف ڪرايا.

ٽالپرن جي دؤر (1782_1843ع) ۾ سنڌ ۾ هڪ پهاڪو مشهور ٿيو ته:"آيا مير پڳا پير".هي دؤر ادبي طور تي "سچل سرمست جو دؤر "آهي. ٽالپر حڪمران نہ صرف علم و ادب سان چاهہ رکندا هئا، پر شاعرن عالمن جي همت افزائي بہ ڪندا هئا. هن دؤر ۾ لکت وارو ادب ڪافي ترقي ڪري چڪو هو ۽ ڪافي حد تائين هڪجهڙي صورتخطي لکجڻ شروع ٿي چڪي هئي، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي نگاريءَ جو رواج پيو. جيتوڻيڪ، ملڪ جي دفتري زبان فارسي ۽ حڪمرانن جي مادري زبان سرائڪي هئي، پر هنن سنڌي زبان کي ترقي ڏيارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. رچرڊ برٽن ان وقت ۾ سنڌ ۾ برٽش ريزيڊنٽ هو تنهن ملڪ جي تدريسي نظام تي روشني وجهنديءَ ان وقت جي مڪتبن ۾ رائج ٿيل سنڌي نصاب جي فهرست ڇاڻائي آهي، جنهن ۾ ڪيترائي نثر ۽ نظم جا ڪتاب شامل آهن. يعني هن دؤر جي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مقرر نصاب شامل هوندو هو. ٻئي طرف هن دؤر ۾ فارسي زبان جو بہ اثر تمام گهرو هو ڇو جو سنڌ جا ايران سان تعلقات تمام ويجها هئا. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي شاعريءَ ۾ عروضي شاعري پنهنجي عروج تي پهتل هئي. سنڌي نثر جي باقاعده شروعات ٽالپرن جي دؤر ۾ ٿي. ان سلسلي ۾ آخوند عزيز الله جو نالو اچي ٿو جنهن قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

نئين ڪنڌ جي تاريخ ۾ برطانوي دؤر (1843_1947ع)جو عرصو قديم سماج کان جديد سماج ۾ پير پائڻ جو وچ وارو عرصو آهي. انگريزن پنهنجي مفاد ۾ ئي سهي، پاڻ سان گڏ اها ٽيڪنالاجي بہ آندي جيڪا هنن وٽ برطانيہ ۾ هئي. هو سچ پچ تاريخ ۾ داناءُ دشمن ٿي آيا، جڏهن تہ مقامي حاڪم نادان دوست هئا. انگريزن هتي جديد علم متعارف ڪرايا. سنڌ جي تاريخ ۾ انگريز پهريان حڪمران هئا جن سرڪاري سطح تي سنڌي الف_ ب تيار ڪرائي. هتان جي عوامي سهڪار سان نوان اسڪول، ڪاليج

ڪوليا، جن ۾ انگريزي زبان سان گڏ سنڌيءَ بہ وڏي ترقي ڪئي. سنڌيءَ لاءِ سرڪاري سطح تي الف_ ب جي مقرر ٿيڻ سان سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ انقلاب اچي ويو. صدين جي رهيل ڪسرجڻ ٿوري عرصي ۾ پوري ٿيڻ لڳي. سنڌ ۾ ڇاپخانا نڪتا، جنهن ڪري رسالا، اخبارون جاري ٿيا ۽ ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. ان عمل سان انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي تسليم ڪندي، هتان جي عوام جي ثقافتي تشخيص جي مقامي قدرن ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪيو ڇاڪاڻ تہ ٻولي ڪنهن قوم جي ثقافت جو بنياد ۽ ان جي فروغ جو اهم ذريعو هوندي آهي، ان ڪري تاريخ ۾ پهريون دفعو هتان جي عوام جي وچ ۾ ٻوليءَ ذريعي تخليقي رشتا قائم ٿيا. وچولي، اترادي، لاڙي، ٿري ۽ ڪوهستاني لهجا ڳالهائيندڙ ماڻهو جيڪي هن کان اڳ ثقافت جي مختلف درجن تي پکڙيل هئا، تن جي وچ ۾ مضبوط رابطو قائم ٿيو. ۽ ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي. ٻئي طرف يورپ جي سائنسي علمن سان هتان جي عوام جي واقفيت ٿي. سنڌي ادب ۾ شاعري ۽ نثر ۾ هر اها صنف شامل ٿي، جيڪا دنيا جي ڪنهن بہ سڌريل ٻوليءَ جي ادب ۾ هوندي آهي.

1947ع ۾ انگريزن ننڍي کنڊ کي الوداع ڪري ڳڏيل هندستان ۾ ٻن آزاد رياستن پاڪستان ۽ ڀارت جو قيام آندو. "سنڌ" پاڪستان جو صوبو بڻيو ۽ سنڌ جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچيءَ کي ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. دنيا جي تاريخ جي وڏي لڏپلاڻ ٿي. سنڌ جا ڪيترائي هندو هندستان لڏي ويا ۽ هندستان جي مختلف علائقن مان اردو ڳالهائيندڙ مسلمان آيا ۽ شهرن ۾ آباد ٿيا. سنڌي ٻوليءَ کي هڪ دفعو ٻيهر نئين ٻوليءَ، تهذيب ۽ تمدن سان واسطو پيو. ان کان علاوه، روزگار سانگي پاڪستان جي ٻين صوبن جي شهرين پڻ سنڌ جي شهرن ڏانهن رخ ڪيو. هاڻي سنڌ ۾ ثقافتي گهڻ رنگي (Cultural Diversity) پيدا ٿي پئي، جنهن ۾ سنڌي زبان کي پروان چڙهڻو هو.

آزاديءَ کان پوءِ اهو خيال ڪيو ويو تہ سنڌي ادب ڏينهن رات ٻيڻي چئوڻي ترقي ڪندو، پر ائين نہ ٿيو. خاص طور تي سنڌي ناول، سنڌي ڊرامو، سنڌي اسٽيج پروگرام، سنڌي نثر جون ٻيون صنفون خاص ترقي ڪري نہ سگهيون. وقت سان گڏوگڏ سنڌي ميڊيم اسڪول بند ٿيندا رهيا، تعليم جو

معيار ڏينهون ڏينهن ڪرندو ويو ۽ ادب ۽ ٻوليءَ ڏانهن توجهه ۾ گهٽتائي ايندي وئي. ون يونٽ جي قيام ويتر حالتن کي وڌيڪ ناسازگار بنايو. ان جي خلاف تحريڪون هليون. اديبن شاعرن ان ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي جائز مقام ڏيارڻ لاءِ هلچل هلائي. هن دور ۾ سڄي سنڌ ۾ مزاحمتي ادب تخليق ٿيو. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ علمي ادبي ادارا وجود ۾ آيا.

موجوده دور گلوبلائيزيشن جو دور آهي. ان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي وڏا چئلينج سامهون آهن. ڌارين ٻولين جي اثر ۽ برتر حيثيت سنڌي ٻوليءَ لاءِ خطرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ادب جي ميدان ۾ به اڳوڻو اوج نظر نٿو اچي. ادب ۾ فڪري رجحان ۽ نوان موڙ گهٽ ٿي رهيا آهن. يونيورسٽين جي پروفيسرن جو تحقيق طرف رجحان تمام گهٽ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڌارين لفظن جي اثر جو رجحان تمام تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. اخبارن ۽ ٽيلي ويزن وسيلي غير معياري ٻوليءَ جو ڦهلاءُ عام ٿي رهيو آهي. نوجوان نسل ڪتابن جي بجاءِ فلمن ۽ راندين ۾ مشغول آهي ۽ پنهنجي ماضيءَ جي سرمايي کان بي خبر لڳو پيو آهي. شهرن ۾ سنڌي ٻار اردو ۽ انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا. اڄ جي مقبول برقي آمد و رفت موبائيل فون تي پيغام (Message) به سنڌيءَ بدران اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ لکيو وڃي ٿو. مطلب ته موجوده 21 صديءَ ۾ سنڌي زبان کي ڪيترائي چئلينج درپيش آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تذڪري بعد، موجوده ترتيب ڏنل مضمونن بابت عرض آهي ته هن ڪتاب ۾ شامل مقالا ۽ مضمون سنڌ جي نالي وارن اديبن، عالمن ۽ ماهر لسانيات جا لکيل آهن. هي سڀئي مضمون مشهور رسالن ۽ ڪتابن تان کنيل آهن. اگر ڏٺو وڃي ته موضوع جي لحاظ کان هن ڪتاب ۾ ٽن قسمن جا مضمون آهن: 1. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي پسمنظر وارا مضمون، جن ۾ مختلف دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ تاريخي حيثيت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. 2. انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ تي مختلف ٻولين جا پيل اثر بيان ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ عربي، فارسي، انگريزي ۽ اردو زبانون اچي وڃن ٿيون. خاص طور تي انگريزن جي دؤر ۾

سنڌي الف- ب جي نئين سر جوڙجڪ، ادبي ترقي 3. ٽئين قسم ۾ موجوده دؤر جي حساب سان سنڌي ٻوليءَ جي سائنسي، سماجي، علمي، اخباري علمن جي لحاظ کان وسعت ۽ صلاحيت کي زير بحث هيٺ آندو ويو آهي. مطلب تہ هي تربيت ڏنل ڪتاب سنڌي زبان جي مڙني پاسن جي اپياس کي پيش ڪري ٿو ۽ پڙهندڙن ۽ تحقيق ڪندڙن کي بهترين چاڻ مهيا ڪري ٿو. انهن مان ڪن مضمونن يا سندن لکندڙن جو ٿورو پس منظر ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

**سنڌي ٻولي** :هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو هڪ مضمون "سنڌي ٻولي" نئين زندگي رسالي جي سيپٽمبر 2001ع واري پرچي تان ورتل آهي. هي مضمون بنيادي طور تي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي پس منظر تي روشني وجهي ٿو جنهن ۾ تاريخ جي اڳ واري زماني کان وٺي موجوده دؤر جي 1973ع واري عرصي تائين ٻوليءَ جي ترقي، اهميت ۽ عظمت کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. مضمون ۾ مفروضن جي بنياد تي سنڌي ٻولي، قديم رسم الخط، واڌ ويجهہ ۽ ادبي اهڃاڻن تي بہ مفصل روشني وڌي ويئي آهي. مطلب تہ پورو مضمون سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن کي کولي بيان ڪري ٿو.

**سنڌ جي ٻولي** :ڪتاب ۾ ڏنل مضمون "سنڌ جي ٻولي" نالي واري ليکڪ، اسڪالر ۽ انجنيئر ايم. ايچ پنهور جو لکيل آهي، جيڪو محبت برڙي ترجمو ڪيو آهي. هن مضمون ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد جي تلاش 4 هزار ورهيہ ق- م کان ڪئي ويئي آهي. هي مضمون جاگرافي، آرڪيالاجي، ۽ رگ ويد جي سنسڪرت جي آثار تي لکيو ويو آهي. پنهور صاحب جي راءِ مطابق سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد پروٽو انڊو- يورپي ٻولي آهي. ان جي اوپر واري شاخ آهي "پروٽو انڊو- ايراني" ان مان پروٽو ايراني (اوستا، پهلوي، فارسي) پروٽو سنسڪرت (رگ ويدي سنسڪرت ۽ ڪلاسيڪل سنسڪرت) پروٽو- انڊين (پروٽو سنڌي، پروٽو لهندا، پروٽو پنجابي، هندستان جون ٻيون آريائي ٻوليون) نڪتيون آهن. پنهور صاحب جو مقالو ڳوڙهي اپياس، حوالن ۽ موضوع جي لحاظ کان شاندار آهي، جنهن

ڪي محبت پرڏي صاحب انتهائي قابليت سان ترجمو ڪري، ماهوار ڪينجهر حيدرآباد ۾ شايع ڪرايو هو.

**قديم زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ :** هي مضمون ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب جو لکيل آهي، هي مضمون سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان نڪرندڙ تحقيقي رسالي "ڪينجهر" تان کنيو ويو آهي. ڊاڪٽر هدايت پريم جون سنڌي ٻوليءَ جي تحقيق جي سلسلي ۾ ڪيتريون ئي خدمتون آهن. هن سنڌي ٻولي جي مختلف پهلوئن تي ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب پڻ لکيا آهن. هن مضمون ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم سنڌي ٻولي بابت آيل نظرين ۽ ان تي ٿيل اثرن جي روشنيءَ ۾ ٻين ٻولين کي زير بحث آندو آهي.

**سنڌي ٻولي جو بڻ بڻياد ۽ اوسر :** ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي انهن عالمن مان هڪ آهي، جن سنڌي ٻولي تي عقلي دليلن ۽ سائنسي اصولن مطابق تحقيق ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ سندس مقالو "سنڌي ٻولي جو بڻ بڻياد ۽ اوسر" شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي طرفان نڪرندڙ جرنل "ڪلاچي" تان کنيو ويو آهي. هن طويل مقالي ۾ سڀ کان پهرين سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد متعلق ڏنل نظرين تي تنقيدي نظر وڌي ويئي آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج ميمڻ صاحب، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، ايم. ايڇ پنهور صاحب جا نظريا اچي وڃن ٿا. ڊاڪٽر جيتلي جهڙي نموني مٿين عالمن جي نظرين جو اڀياس ڪيو آهي. اهڙي ئي سهڻي نموني هن پنهنجي علمي کوجنا موجب قديم دؤر کان سنڌي ٻوليءَ جي اصل جي تلاش ڪئي آهي، جنهن ۾ ڀارتيه آريه ٻولين جي اوسر هاٿوڪين هندستاني آريه ٻولين جي ترقيءَ جون منزلون، اوائلي پراڪرت ٻولين وغيره کي ڪولي بيان ڪيو آهي.

**ورهاڱي بعد ڀارت ۽ سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديليون:** هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جو هي ٻيو مقالو آهي، جنهن ۾ هن هند ۽ سنڌ ۾ موجوده دور ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ تي روشني وڌي آهي.

**سنڌي زبان جو بنياد ۽ موهن جو دڙو:** هي مضمون پروفيسر مظهر علي قريشيءَ جو آهي. جيڪو نئين زندگي نومبر ڊسمبر 1992ع تان ورتل

آهي. پروفيسر قريشي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد کي موهن جي دڙي جي تهذيب جي آثار تي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت آيل نظرين کي زير بحث آڻي ٿو ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ لکت تي به روشني وجهي ٿو. سندس خيال آهي ته موهن جي دڙي ۾ سنڌي ٻولي جي اصل نسل جون پاڙون پختيون ۽ محفوظ ٿيل آهن.

**سنڌي ڀاشا ۽ ان جو اصل نسل:** هي مضمون لعل سنگهه اجواڻيءَ جو لکيل آهي. سندس مشهور ڪتاب "History of Sindhi Literature" جو ترجمو هيرو شيوڪاڻي "سنڌي ادب جي تاريخ" جي نالي سان ڪيو آهي، جنهن تان هي مضمون کنيو ويو آهي. پروفيسر لعل سنگهه اجواڻي انگريزي ادب جو استاد هو پر پنهنجي ٻوليءَ جو شيدائي ۽ خادم رهيو. سنڌي ايڊوائيزري بورڊ جو ڪنوينر به لاڳيتو رهيو ۽ سرڪاري سطح تي حڪومتي اداري ساهتيه اڪيڊمي جو به انتهائي موثر رڪن هو. هن مضمون ۾ سنڌي ٻولي جي اصل نسل بابت ڪاڪي ڀيرومل واري نظرئي جو حامي آهي. سندس خيال ۾ "سنڌي بنيادي طور سنسڪرت نسل جي ڀاشا آهي."

**سنڌي ٻولي 1500ع کان 1843ع تائين** :هن ڪتاب ۾ به مضمون ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال" ترتيب ڊاڪٽر منوهر متلاڻي تان کنيا ويا آهن. جيڪي 21 فيبروري 2000ع تي ممبئي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي سلور جوبليءَ جي موقعي تي سيمينار ۾ پڙهيا ويا هئا.

سيمينار ۾ پڙهيل هڪ مضمون "سنڌي ٻولي 1500ع کان 1843ع تائين" هيري ٺڪر جو لکيل آهي. هن صاحب 1500ع کان سومرن ۽ سمن جي دؤر کان وٺي انگريزن جي آمد تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جو مجموعي جائزو ورتو آهي. هيري ٺڪر پنهنجي مقالي جو مجموعي تاثر ڏيندي ٻڌايو آهي ته سنڌ جي شاعرن ۽ عالمن پنهنجي مادري ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ سورهين صديءَ ۾ ئي عربي، پارسي ۽ ٻين ٻولين جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيا هئا، جن لاءِ اهو پڻ خيال رکيو ويو هو ته جيئن انهن ذريعي سنڌي ۾ تعليم ڏيئي سگهجي.

**برطانوي دؤر ۾ سنڌي ٻولي:** هي مضمون به ساڳئي ڪتاب مان کنيو ويو آهي، جيڪو ڊاڪٽر جيٺي لالواڻي جو لکيل آهي. هن صاحب

ٻوليءَ جي وصف سان گڏوگڏ سماج ۾ ٻولي ڳالهائڻ جي اهميت کي بيان ڪيو آهي. لالواڻي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي اوسر کي سمجهائڻ لاءِ برطانوي دؤر کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي. 1843ع کان 1907ع واري دؤر ۾ سنڌي نثر جا الڳ الڳ ترجما ڪيا ويا. جڏهن ته ٻئي دؤر ۾ 1907ع کان 1947ع ۾ نئين سجاڳيءَ طرف ڌيان ڏنو ويو. مطلب ته لالواڻي صاحب برطانوي دؤر ۾ سنڌي ادب جي ترقيءَ جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي اوسر کي بيان ڪيو آهي.

**انگريزن جي ابتدائي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي:** هي مضمون نالي واري اديب آفتاب ابڙي جو ترجمو ٿيل آهي. مظهر يوسف صاحب سنڌي ٻوليءَ جي الف- ب جي نهڻ جي سلسلي ۾ سڄو سهرو انگريز عالمن جهڙوڪ بارٽل فريئر، ايلس جيڪب، ٽرمپ، اسٽئڪ ۽ رچرڊ برٽن کي ڏئي ٿو. مظهر يوسف ان سڄي صورتحال ۽ حالتن جو به جائزو ورتو آهي، جن ۾ اها الفابيٽ نهي ۽ ان دؤر ۾ ٻولي جي الفابيٽ نهڻ ۾ ڪهڙا مسئلا در پيش آيا، انهن جو به تنقيدي جائزو ورتو آهي. اهڙي طرح مترجم به پنهنجا رايا مقالي ۾ مختلف جاين تي ڏنا آهن.

**انگريز راڄ ۾ سنڌي ٻولي** :هن ڪتاب ۾ ڏنل اهو مضمون ممتاز بخاري جو لکيل آهي، جيڪو ماهوار "پيغام" آڪٽوبر 1979ع واري شماري تان کنيو ويو آهي. هن مضمون ۾ سڀ کان پهرين اهو ٻڌايو ويو آهي ته 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ هڪ حڪم نامو ڪڍيو ته سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بڻايو وڃي. ان ڏس ۾ سر بارٽل فريئر هڪ اطلاع نامو جاري ڪيو ته سمورا سرڪاري عملدار سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن. پوءِ ڪاميٽي ناهي وئي، جنهن بالاآخر عربي- سنڌي رسم الخط جي منظوري ڏني.

**پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي ۽ سنڌي ٻولي:** هي مقالو نالي واري محقق ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جو لکيل آهي، جيڪو نئين زندگي ڊسمبر 1991ع واري شماري تان ورتو ويو آهي. هن ليک جو مقصد پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي، پاليسي ۽ ان تي عمل جو جائزو وٺڻ آهي. پاڪستان جي قيام کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ ملڪي پاليسين جو اڀياس ڪيو

ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي تہ لسانياتي رٿابندي نہ ٿيڻ ڪري سنڌ صوبو بہ سخت متاثر ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو ماضي ۽ حال ٻڌائين ٿا تہ ان ٻوليءَ ۾ هر موضوع تي اهم مواد موجود آهي، ۽ جديد سائنسي گهرجون پڻ پوريون ڪرڻ جي اهليت رکي ٿي.

**سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولين جو سٻنڌ:** سنڌي ٻوليءَ پنهنجي حيثيت بچائيندي، ٻين ٻولين جي لفظن، محاورن ۽ ادبي صنفن کي ڪيئن پاڻ ۾ سمويو آهي، ان سلسلي جو مضمون ڪريم بخش خالد جو لکيل آهي. ڪريم بخش خالد جيتوڻيڪ ماهر لسانيات ڪونہ هو تڏهن بہ ان پنهنجي موضوع کي نڀائڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي آهي. هن صاحب سنسڪرت جي لفظي معنيٰ کان وٺي سنسڪرت جو تاريخي پسمنظر پڻ بيان ڪيو آهي. مطلب تہ هن ۾ سنسڪرت جو سنڌي مٿان اثر ۽ رابطا سمجهايا ويا آهن.

**سنڌي ٻوليءَ تي پارسيءَ جو اثر:** هي مقالو ڊاڪٽر اياز قادريءَ جو لکيل آهي. ڊاڪٽر اياز قادري ادبي حلقن ۾ انتهائي معتبر محقق طور سڃاتو ويجي ٿو. سنڌي غزل تي سندس تحقيق تمام اهم آهي ان کانسواءِ هو ڪهاڻي ۽ شاعريءَ ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۾ فارسي زبان جو وڏو ڪردار رهيو آهي. ڪيترين ئي صديون فارسي، سنڌ جي رياستي ٻولي رهي آهي. سنڌ جو آڳاٽو علم و ادب ۽ تعليم جو نظام بہ فارسيءَ ۾ رهيو. ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق مطابق پارسي زبان جو فروغ سنڌ ۾ محمود غزنويءَ جي دؤر کان شروع ٿيو. پاڻ اهو بہ لکي ٿو تہ پارسي زبان سان ايتري پراڻي ۽ ويجهي ناتي سببان ان جو سنڌيءَ تي وڏ ۾ وڏ اثر ٿيو آهي. ايتري قدر جو لاتعداد لفظ اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي مستقل جاءِ والاري ان ۾ اهڙو رلي ملي ويا، جو اهي سنڌي ٿا لڳن.

**سنڌي ۽ عربي ٻوليءَ لاڳاپا:** هي مضمون پروفيسر عبدالرحمان جسڪاڻيءَ جو لکيل آهي. 712ع ۾ عربن سنڌ کي فتح ڪيو. سنڌ جي رياستي ٻولي عربي بڻي، رياستي مذهب اسلام ٿيو. قرآن شريف، حديث، فقه ۽ ٻين اسلامي علمن سان سنڌي زبان جو ويجهو ميلاپ ٿيو. سنڌي- عربي رسم الخط ۾ لکجڻ شروع ٿي، جيڪا اڳتي هلي مستقل بنيادن تي

مجي ويئي. مانواري محقق مطابق "عربيءَ ۽ سنڌيءَ جو هڪ ٻئي تي گهرو ۽ گهاٽو اثر ٿيو هن مضمون ۾ عربي ٻولي جي سنڌي ٻوليءَ تي اثر کي پيش ڪيو ويو آهي. مثال طور: سنڌي ٻوليءَ جي لساني انفراديت تي عربيءَ جو اثر، سنڌي ٻوليءَ جي مرڪزيت تي عربي زبان جو اثر، سنڌي ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت تي عربيءَ جو اثر، سنڌي ٻوليءَ جي لغات تي عربيءَ زبان جو اثر، سنڌي علم ادب جي بنياد تي عربي زبان جو اثر وغيره وغيره.

**سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جو اثر** :انهيءَ تسلسل ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم جو مضمون "سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جو اثر" بہ اهم آهي، ڇو جو موجوده دؤر ۾ انگريزي ٻوليءَ کي عالمي حيثيت حاصل آهي. اسان جو تعليمي نظام انگريزي زبان ۾ آهي. اسان جي آفيسن جي لکپڙھ انگريزيءَ ۾ ٿيندي آهي. سائنسي علم ۽ انهن جا ڪتاب نيون ايجادون ۽ انهن جا نالا انگريزيءَ ۾ آهن. انگريز اسان جا حڪمران رهي چڪا آهن، ان نموني سنڌي ٻولي انگريزيءَ جي سڌي طرح اثر هيٺ آئي. اهي سڀ نڪتا ڊاڪٽر هدايت پريم جي مضمون ۾ زير بحث آندا ويا آهن. هن خاص ڪري ماهتاب محبوب جي ناول "خواب خوشبو ڇوڪري" کي ماڊل طور پيش ڪندي ادبي شهپارن تي انگريزي ٻوليءَ جي اثر کي پيش ڪيو آهي.

**سنڌي ٻوليءَ تي وڏندڙ ڌارين ٻولين جا اثر** :ڌارين ٻولين جي اثرات جو آخري مضمون امر انصاريءَ جو ڏنل آهي، جنهن ۾ ليکڪ ڌارين ٻولين جي وڌندڙ اثر ۽ ان سان سنڌي ٻولي ۾ ٿيندڙ بگاڙ تي بحث ڪري ٿو بلڪ اهو بہ چوي ٿو تہ ان ٻوليءَ جي بگاڙ جا سبب اسين پاڻ بہ پيدا ڪندا رهيا آهيون. اهڙي طرح مسئلن ۽ سببن سان گڏوگڏ انهن جا حل بہ ٻڌائي ٿو.

**ٻوليءَ جون خوبيون**: هي مضمون نالي واري محقق آفتاب ابڙي جو آهي. هي مضمون سندس ڪتاب "شاھ جي ٻولي" تان ورتو ويو آهي. هن مضمون ۾ سڀ کان پهرين ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جا سنڌي ٻوليءَ بابت رايا پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ، ارنيسٽ ٽرمپ، جان بيمس، علامہ آءِ آءِ قاضي، علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو ڊاڪٽر اينيميري شمل، سراج ميمڻ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ رچرڊ برٽن شامل آهن. ان کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جي انفراديت يا خاص خوبين کي نروار ڪيو آهي. هن

صاحب سنڌي ٻوليءَ جي گرامر، لوڪ ادب، ادب، لغت، عام روزمره جي استعمال ٿيندڙ شين جي آثار تي سنڌي ٻوليءَ جون خوبيون بيان ڪيون آهن.

**اخبار جي لغت :**محترم شمس سومرو نئين نسل جو نوجوان نقاد ۽ محقق هو. هن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي ڪيترائي مقالا ۽ مضمون لکيا هئا. زير بحث مضمون: "اخبار جي لغت". هن صاحب مانواري ليکڪ ۽ مترجم فضل احمد بچاڻي جي هڪ تفصيلي مضمون: "خبرن جي لغت" جي سلسلي ۾ لکيو. سومري صاحب سندس ڪن راين کي ساراهيو آهي ته ڪن سان اختلاف به رکيو آهي. مجموعي طور تي هن مضمون ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ هر ڪنهن موضوع جي اصطلاحي خاصيت رکڻ واري اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي.

**عربي- سنڌي رسم الخط جي اوسر:** هي مضمون ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو لکيل آهي. ڊاڪٽر لاکو تاريخ جو ماهر آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ استاد آهي. سنڌ جي تاريخ تي سندس گهري نظر آهي. هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب عربي- سنڌي رسم الخط بابت اڳ ۾ لکيل تاريخن وارن بيانن ۽ احوالن تي تنقيدي نظر وڌي آهي ۽ ڪن پهلوئن سان اختلاف به ڪيو آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هي ان موضوع تي پنهنجي قسم جو هڪ منفرد مضمون آهي.

**سنڌي تعليم جي ترقي ۽ ان آڏو آيل مسئلا:** هي مضمون هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جي صورتحال تي روشني وجهي ٿو. ليکڪا ڪملا گوڪلاڻيءَ شاهه لطيف چيئر پاران 2006ع ۾ سڏايل بين الاقوامي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهڻ لاءِ اهو مضمون موڪليو هو پر وقت سر ويزا نه ملڻ سبب اچي نه سگهي هئي. اهو مضمون ان ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپيل ڪتاب ۾ شامل آهي، جتان ورتو ويو آهي.

**سنڌي گرامر جا مسئلا:** هي هڪ تحقيقي مقالو آهي، جيڪو ڊاڪٽر فهميده حسين جو لکيل آهي. پاڻ ان جو اختصار "سنڌ، ماضي، حال ۽ مستقبل" نالي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ پڙهيو هئائين ۽ اهو مقالو مڪمل صورت ۾ ان موقعي تي شايع ٿيندڙ ڪتاب ۾ شامل هو جتان هن

ڪتاب لاءِ ورتو ويو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ استاد جي حيثيت سان سالن جا سال سنڌي ٻوليءَ لسانيات جو مضمون پڙهائيندي رهي ۽ انهيءَ موضوع تي سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا موجود آهن. هن مقالي ۾ هن سنڌي گرامر لکندڙن ۽ پڙهائيندڙ استادن آڏو گرامر جي اصولن ۽ قاعدن بابت پيش ايندڙ مسئلن تي روشني وڌي آهي ۽ سندس خيال آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ان جي پنهنجي خاصيتن خوبين کي نمايان ڪرڻ بدران ڪڏهن عربي، ڪڏهن سنسڪرت ته ڪڏهن انگريزي گرامر جي معيار تي رکيو ۽ سمجهيو ويو آهي.

**سائنسي علم جي تاليف لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت** :ان موضوع تي انجنيئر احسان احمد عرسانيءَ جو مضمون شامل ڪيو ويو آهي. عرساڻي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي سائنسي وسعت کي مثالن سان پيش ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سندس خيال آهي ته سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازي جي راهه ۾ مضبوط بنياد ۽ درست ابتدا جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ اجا پوري طرح ڪوشش ورتي نه وئي آهي، بلڪ ان جي ابتڙ اسان جا ڪيترائي سنڌي استاد، سائنسدان ۽ ادارا پنهنجي نااهليءَ تي پردو رکڻ خاطر ماڻهن کي اهو چئي گمراهه ڪري رهيا آهن ته سنڌي زبان ۾ جديد سائنسي علم لکي پڙهي نٿا سگهجن."

**سنڌي ٻوليءَ جو تعليمي زبان وارو ڪارج**: دراصل ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ليڪچر آهي، جيڪو هن گورنمينٽ ڪاليج، سکر ۾ ڏنو هو. ڊاڪٽر تنوير جيڏو وڏو شاعر ۽ نقاد هو اوترو وڏو محقق هو اهو ئي سبب آهي جو هن ليڪچر ۾ هن سنڌ جي تعليمي نظام جو تاريخي پس منظر بيان ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي وسعت کي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي.

**سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، استعمال ۽ پيداواري صلاحيت**: ڊاڪٽر شمس سومري جو هڪ ٻيو شاندار مضمون ماهوار رسالي 'سوجهرو' نومبر 2002ع تان کنيو ويو آهي. هن مضمون ۾ سڀ کان پهرين ٻوليءَ جي وصف بيان ڪئي ويئي آهي. ان کان پوءِ ان وصف جي آڌار سنڌي ٻوليءَ جي اهميت بيان ڪيل آهي. اهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا بيان ڪندي

سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ واري سوال جو جواب ڏنو ويو آهي. آخر ۾ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش چئلينج کي اياريو ويو آهي.

**جديد ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي** :انجنيئر احسان احمد عرساڻيءَ جو هڪ ٻيو اهم مضمون آهي. اسان کي معلوم آهي تہ موجوده دؤر آهي ئي جديد ميڊيا جو. جنهن ۾ اخبارون، ريڊيو ٽي وي، موبائيل فون، ڪمپيوٽر انٽرنيٽ، ڪيبل سسٽم سڀ دنيا کي هڪبئي سان ڳنڍي ڇڏيو آهي.

موجوده دؤر ۾ موبائيل فون هر شخص جي ضرورت آهي. دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ويهي بغير وقت ضايع ڪرڻ جي دنيا جي ٻئي حصي ۾ ڳالهائي سگهجي ٿو. انٽرنيٽ ذريعي دنيا جي ڪابہ معلومات، ڪتاب، تحقيق، ڪچهري هڪبئي سان ونڊڻ سولي ٿي پئي آهي. موجوده دؤر ۾ ڪيترائي ٽي وي چئنل سنڌي زبان ۾ هلي رهيا آهن. ايف. ايم (FM) ريڊيو سسٽم سنڌي زبان ۾ هلي رهيا آهن. مطلب تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ترقيءَ جو دارومدار سنئون سڌو جديد ميڊيا جي ترقيءَ تي منحصر آهي. هن مضمون ۾ عرساڻي صاحب سنڌي زبان ۽ جديد ميڊيا جي حساب سان سرڪاري ادارن جو بہ جائزو ورتو آهي ۽ سنڌ ۾ ميڊيا جو تاريخي پس منظر بہ بيان ڪيو آهي.

ڪتاب ۾ ڏنل آخري مضمون منهنجو لکيل آهي، جيڪو ڪافي حد تائين معلوماتي مضمون آهي. ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪجهہ تجويزون ڏنيون ويون آهن، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ عوامي، حڪومتي ۽ ذاتي حيثيت ۾ اسان تي ٻولي بچائڻ لاءِ ڪهڙا فرض آهن ۽ اسين ڇا ڪري سگهون ٿا. مون خاص طور تي موجوده سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دؤر ۾ سنڌي ٻولي کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي حل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**مختيار احمد ملاح**

ڪراچي
25-09-2010

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
سنڌيڪار: پروفيسر ڪريمي ابڙو

# سنڌي ٻولي

**سنڌي زبان:** قديم زماني کان سنڌ صوبي جي زبان سنڌي آهي، جيڪا صوبي کان ٻاهر بلوچستان جي ضلعن لس ٻيلي، ڪڇي ۽ سبي، پنجاب جي ضلعي رحيم يار خان جي حدن جي زبان آهي. ڀارت جي علائقي ڪڇ جي زبان سنڌي آهي، جيڪا مقامي ڪڇي لب ۽ لهجي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

ان زبان سنڌونديءَ جي ڏاکڻين سنڌ واديءَ ۾ جنم ورتو ۽ سنڌي سڏايو. سنڌ هند واري ننڍي کنڊ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ هڪ ٻاهريون علائقو آهي، انهي ئي مناسبت سان ننڍي کنڊ جي ٻين اندروني يا داخلي زبانن جي مقابلي ۾ سنڌيءَ جو ڳاڻيٽو "ٻيروني زبانن" ۾ ٿئي ٿو. اهو ورهاڱو لساني اصولن تي ٻڌل ڪونهي، پر رڳو جاگرافيائي آهي.

**تاريخ کان اڳ وارو زمانو:** سنڌو ماٿر جي ثقافتي مرڪز موهن جي دڙي جي پنهنجي هڪ ترقي ڪيل زبان هئي، جنهن کي صوري (شڪلين جي) خط ۾ لکيو ويندو هو. موهن جي دڙي مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، انهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي صوري خط اٽڪل 474 علامتن ۽ 63 انگن تي ٻڌل آهي. احمد حسن دانيءَ موجب (Indian Palaegraphy) اهڙيون مهرون موهن جي دڙي جي تهذيبي خطي کان ٻاهر ڪجهہ ڀارتي علائقن ۾ ۽ عراق جي کنڊرن مان لڌيون آهن. جيستائين هي خط پڙهيو نٿو وڃي، سنڌ جي ان قديم زبان بابت ڪابہ راءِ قائم ڪرڻ ڏکي آهي. البت ان سلسلي ۾ جيڪي مفروضا (گمان) سامهون آيا آهن، اهي هي آهن:

پهريون تہ دجلہ، فرات ۽ سنڌ جون تهذيبون پاڙيسري هيون ۽ انهن

دريائي تمدنن ۾ جيڪڏهن ڪو رشتو موجود هو ته موهن جي دڙي جي قديم زبان ۽ سميري ۽ بابلي زبانن ۾ هڪ رشتو هئڻ گهرجي. سمير ۽ بابل ۾ لڌل ڪجهه لکڻين کي پڙهيو ويو آهي. انهن ۾ هڪ لفظ "ادا"، "دادا" جي معنيٰ ۾ مليو آهي. هن وقت لفظ "ادا" رڳو سنڌي زبان ۾ رائج آهي، ۽ "ياءُ" جي معنيٰ ۾ اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته موهن جي دڙي، سمير ۽ بابل جون قديم زبانون ڪنهن هڪ (سامي؟) سلسلي سان ڳنڍيل هجن.[1]

ٻيو مفروضو (گمان) هي آهي ته موهن جي دڙي جي تهذيب هڪ غير آريائي تهذيب آهي، ان ڪري اها دراوڙي تهذيب ٿي ٿي سگهي ٿي. ان بنياد تي موهن جي دڙي جي قديم زبان دراوڙي هئڻ گهرجي. آرين جي آمد (1500 ـ 1200 ق. م) کان پهرين (پاڪستاني) خطن ۾ منڍ ۾ دراوڙي زبانن جو واهپو هئڻ ممڪن ٿو لڳي ۽ سنڌ سان لاڳو علائقي ۾ دراوڙي سلسلي جي زبان بروهيءَ جي موجودگيءَ مان ان جي تائيد ٿئي ٿي. ان مفروضي (گمان) جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته آريائي دور کان اڳ ۾ سنڌ ۾ يا ته ڪا دراوڙي زبان رائج هئي يا سنڌي جي پنهنجي مقامي زبان يا زبانون هيون، جن تي پاڙيسري دراوڙي زبانن جا اثر پيا هوندا. ان گمان جي بنياد تي جارج شرٽ 1878ع ۾ موجوده سنڌي زبان ۾ دراوڙي عنصر جي ڳولا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ مقالو لکيو. ان مقالي ۾ يا ڪجهه ٻين لکڻين ۾ جيڪي دليل ڏنا ويا آهن، اهي ايترا مضبوط ڪونهن جو انهن جي بنياد تي دراوڙي لغت جي سرمايي کي موجوده زبان جو بنياد قرار ڏنو وڃي، البت ٻين پاڙيسري زبانن وانگيان سنڌيءَ ۾ به دراوڙي لفظ ملن ٿا، جيڪي قديم دور جي لساني رشتن جا يادگار آهن.

ٽيون مفروضو (گمان) جنهن کي گذريل صديءَ ۾ مغربي مصنفن هوا ڏني، هي هو ته ننڍي کنڊ هند جي ٻين زبانن وانگيان سنڌي به سنسڪرت مان نڪتل آهي. ان کان پوءِ سينارٽ (Senart) پشيل (Pischel) ۽ ٻين محققن ان نظريي جي ترديد ڪئي ۽ علمي طور تي ثابت ڪيو ته نه

تہ سنسڪرت. پراڪرت جو منڍ هئي نہ ننڍي ڪنڊ جون موجوده عوامي ٻوليون سنسڪرت مان ڪنيل آهن. سنسڪرت پراڪرت ۽ اپڀرنش سلسلي سان لاڳاپيل هڪ نظريي سارو موجوده سنڌي زبان کي وراچڊ اپڀرنش مان نڪتل مڃيو ويو آهي. هي نظريو وضاحت جوڳو آهي. سنسڪرت سان ماٽيءَ جو معيار قرار ڏيندي، اپڀرنش ان زبان کي چيو ويو آهي، جيڪا ڦٽل هجي. وراچڊ اپڀرنش ان زبان کي چيو ويو آهي، جيڪا حد کان وڌيڪ ڦٽل هجي. ان مفروضي موجب ننڍي ڪنڊ جي ٻين رائج زبانن جي مقابلي ۾ سنڌي زبان ڇاڪاڻ تہ وڌيڪ ڦٽل هئي، ان ڪري ان کي اپڀرنش مان ڪنيل سمجهيو ويو. پراڪرت وياڪرڻ جي مصنف مارڪنڊيہ ڪويندر چيو آهي تہ سنڌ ديس جي زبان وراچڊ کان بہ وڌيڪ ڦٽل آهي. مارڪنڊيہ اپڀرنش جا ٽي قسم بيان ڪيا آهن: 1. ناگر، جيڪا سڀ کان وڌيڪ اهم آهي، 2. ناگر مان نڪتل وراچڊ جنهن سنڌ ديس ۾ جنم ورتو 3. اُپ ناگر، جيڪا ناگر ۽ وراچڊ جي ميلاپ مان پيدا ٿي.

مختلف مؤلفن اپڀرنش جي ساراهہ مختلف طريقن سان ڪئي آهي، جن ۾ وڏو تضاد ملي ٿو. اپڀرنش کي انهن علائقائي زبانن جي هڪ ارتقائي منزل سان تعبير ڪري ٿو سگهجي، جيڪي ماٽيءَ جي اعتبار کان سنسڪرت کان پري هيون. اهي اصل ۾ عوامي ٻوليون هيون، جن جو منڍ سنسڪرت نہ پر اوائلي پراڪرت (Proto_Parkrit) يا ويدي ڀاشا (Vedie Language) هئي، جو تہ اپڀرنش ۽ ويدي ڀاشا جي خصوصيتن ۾ نسبت لڀي ٿي. (Pischel Comprative Grammer)، سنڌ جو علائقو سنسڪرت جي عمل جي دائري کان ٻاهر هو. ان ڪري سنسڪرت سان سنڌيءَ جي ماٽي ناممڪن هئي. سنڌيءَ جي لساني خمير ۾ پهرين منڊا ۽ دراوڙي لفظ ۽ پوءِ قديم ترڪي ۽ ايراني زبانن جا لفظ داخل ٿيا. انهن سببن جي بنياد تي سنسڪرت سان ماٽيءَ جي معيار جو لحاظ رکڻ وارن نحوين (جملن جوڙڻ جي ڄاڻن) کي سنڌيءَ ۾ وڏو ڦيٽارو نظر آيو جيڪو حقيقت ۾ ان جي

پنهنجي لساني خمير جي واڌ ويجهه هئي.

مارڪنڊيه ڪونيڊر پنهنجو ڪتاب "پراڪرت سر وسو" سنڌ کان هزارين ميل ڏور اڙيسه ۾ لکيو ان ڪري سنڌيءَ بابت ان جي ڄاڻ يقيني درجي جي ڪانه هئي. ٻيو هي ته مارڪنڊيه پنهنجو ڪتاب پندرهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ يا ان کان به هڪ سؤ سال پوءِ لکيو. ان دور جا مستند سنڌي شعر موجود آهن، جيڪي رائج معياري سنڌيءَ جي مطابق آهن، جن ۾ اپڀرنش جي خصوصيتن جي ڪابه علامت نظر ڪانه ٿي اچي.

هڻ آيل آثار قديمه ۽ تاريخي پس منظر جي روشنيءَ ۾ هي چئي ٿو سگهجي ته موهن جو دڙو تهذيب جي تباهيءَ سان ان تهذيب جي علمي زبان به ختم ٿي وئي. ان کان پوءِ جي دور ۾ مقامي قبائلي ٻوليون باقي بچيون جن ۾ پاڙيسري دراوڙي زبانن جا لفظ رائج ٿيڻ لڳا. مثال طور ايلاچي، ڪوتمير، ڪانجهي (ٺهڪيل چانورن جو پاڻي، رائي ۽ ٻين مصالحن سان گڏ ٺهيل رس) ڪڙهي، چاڏي (= ماٽي) ڪاٻاڙو (ناريل جي ٽارين مان ٺهيل رسو)، ڪُڏي (= ننڍو ڪمرو)، هنڊي، نير (= پاڻي) نيرو (= نيلو) منڊي (= منڊري) موتي، گند (= گندهه ـ خوشبوءِ) آرس (= آلس ۽ سُستي)، ورلو (= ڪڏهن ڪڏهن)، ٽنگڻ، سُنگ (چونگي، محصول)، ملُهه وغيره لفظ جيڪي سنڌي ۽ پاڙيسري زبانن ۾ ملن ٿا، اصل ۾ دراوڙي زبانن جا آهن.

سنڌونديءَ جي اترين وادين ۾ آريائي قبيلن جي اچڻ سان هند آريائي لفظ به سنڌ واديءَ جي ٻولين ۾ شامل ٿيڻ لڳا. داريوش اول (520 کان 515 ق.م)، سڪندرِاعظم (325_326 ق. م) ۽ ان کان پوءِ وچ ايشيا جي ترڪي نسل قومن جي فتحن سان ايراني، يوناني ۽ ترڪي زبانن جا لفظ سنڌ جي ٻولين جو جز بنيا. هڪ صدي قبل مسيح يا ان کان اڳ سنڌ ۾ ماڻهن ٻڌمت کي پنهنجو ڪرڻ شروع ڪيو. پهرين صدي عيسويءَ ۾ جڏهن سنڌ، قنڌار جي ڪوشان فرمانروا ڪنشڪ جي حڪمرانيءَ جي دائري ۾ داخل ٿي ته ٻڌمت جي مذهبي زبان پاليءَ جو هتي جي زبان تي گهرو اثر پيو

۽ پاليءَ جي وسيلي مان سنسڪرت جا لفظ بہ مقامي ٻولين جو جز بڻجي ويا. ۽ سنڌ ۾ هڪ گڏيل هند آريائي لساني عنصر وڌڻ ويجهڻ لڳو.

اتر سنڌو درياهہ جي وچين ڏاکڻن خطن جي ٻولين تي پيو جنهن سنڌ جي ٻولين ۾ هند آريائي عنصر جي وڌيڪ آبياري ڪئي ۽ ملڪ جي هڪ گڏيل سنڌي زبان جي لساني تشڪيل جي لاءِ راهہ سڌي ٿي وئي. گريئرسن (4:1) جي راءِ ۾ سنڌي ۽ داردي زبانن جي وچ ۾ هڪ واضح ۽ غير مشڪوڪ رشتو موجود آهي.

**تاريخي دؤر: سنڌيءَ جي لساني جوڙجڪ جو ابتدائي دؤر (400 کان 700ع):**

ساساني تسلط جي خاتمي تي پنجين صديءَ ۾ مقامي راءِ خاندان جي حڪومت قائم ٿي. 622ع ۾ سنڌ تي چچ برهمڻ قبضو ڪري ورتو. ان ڪري 711ع تائين هتي برهمڻ گهراڻي جي حڪومت رهي. مذهبي مرڪزيت تہ سنڌ ۾ ٻڌمت جي نفاذ کان پهرين بہ موجود هئي، اُنهيءَ سياسي مرڪزيت سببان مقامي قبائلي ٻولين مان هڪ گڏيل زبان ابرڻ لڳي. پنجين صدي عيسويءَ ۾ خاص طرح ايران جي بادشاهہ بهرام گور (430ـ 438) جي دؤر کان سنڌ ۽ ساساني ايران جي وچ ۾ دوستي ۽ گهاٽو سياسي ڳانڍاپو پيدا ٿيو. رايان سنڌ (سنڌ جا راءِ) جي نالن (چڱل راءِ، ساهڙ راءِ، شاهي راءِ) مان پڌرو آهي تہ سما قبيلي مان هئا. انهن انهيءَ ئي دؤر ۾ پاڻ لاءِ ايراني سلسلي جو سرداري لقب (ڄام) اختيار ڪيو. سياسي ڳانڍاپن سان گڏ ئي سنڌ جي سرزمين ۾ فارسي زبان جو گهرو اثر پوڻ لڳو جنهن هند آريائي عنصرن مان ابرندڙ گڏيل سنڌي زبان جي ڍانچي جي بناوت تي بہ اثر وڌو. فارسي لفظن کان سواءِ، فارسي ضمير، سنڌي ڳالهہ ٻولهہ جو اڻ ٽٽندڙ حصو بڻيا. ضمير متڪلم واحد "من" سنڌيءَ ۾ "مان" جي شڪل ۾ رائج ٿيو. فعلن جي صيغن جي پڇاڙيءَ ۾ فارسي نظام هيٺ سنڌيءَ ۾ ضميري علامتون يا پڇاڙيون رائج ٿيون، مثلن فارسي گفت+ م + (گفتم) ۽ سنڌي "چي+ م" (چيم= مون چيو)، فارسي "گفت+ م+ ش" (گفتمش) سنڌي "چيم+

م+ س* (چيمس = مون ان کي چيو) لغت جي اعتبار کان اهي پويان ڳانڍاپا سنڌيءَ جا پنهنجا هئا. مگر انهن جو نظام فارسيءَ جي اثر هيٺ ترڪيب پائڻ لڳو ان کان پوءِ عربي تعليم جي وچ ۾ عربيءَ جي ضميري پڇاڙين جي نظام سان ان ترڪيب کي تقويت حاصل ٿي.

ان دؤر جي سنڌي زبان جا ڪجھ اسم خاص، عام ۽ اضافي ترڪيبون، 'فتح نامي سنڌ' عرف 'چچ نامي' جي وسيلي محفوظ رهجي ويون آهن. ان دؤر ۾ قبائلي نظام رائج هو ان ڪري ڪيترن ئي قبيلن جا نالا ملن ٿا، مثال طور جت، لاکو ڪاڪو چنڊ، سهتو سما، لوهاڻو ڀاٽيا ۽ نڪر ۽ انهيءَ ئي ريت شخصن جا نالا مثال طور چندر، ڏاهر، موکيو (= نيڪ نام) وسايو (= آباد)، دريائن، ڍنڍن، تلائن وغيره جا نالا، مثال: مهراڻ (فارسي الاصل)، جلوالي (= پاڻي واري) ساڪره، موج (فارمي) ارل (= طاقتور) ڪنب (= وڏو تلاءُ)، ڍنڍ، ٻيٽ وغيره، علائقن جا نالا، مثال طور: بلهار (= چراگاھ)، ساوندي يا ساڙڏي (= سرسبز) جهم (= نشيبي خطو)، ڪجھ اضافي ترڪيبون ملن ٿيون، مثال ريت، ڍنڍ وڪر بهار (وڪر بهار جي ڍنڍ) ڪاڪا راج (- ڪاڪي قبيلي جي بستي يا راج)، ندمتي (ندي جي متي* متي متي) ڪار متي (= زمين شور جي متي= ڪاري متي)، اڌوکو (= ٻڌيا ٻت جي حفاظت ڪرڻ وارو)، ان قسم جون اضافي ترڪيبون موجوده سنڌي زبان ۾ اڃا تائين رائج آهن.

**لساني جوڙجڪ جي پورائي (700 کان 1000ع):** 711ع کان سنڌ ۾ اسلامي حڪومت ۽ معاشري جي شروعات ٿي، ڏاڪي ٻـ ڏاڪي ئي عوام دين اسلام اختيار ڪيو ۽ اسلامي معاشري جا لفظ ۽ اصطلاح سنڌي ڳالھ ٻولھ جو جز بڻيا. ٽن سون سالن تائين سنڌ هڪ وسيع اسلامي مملڪت ۽ ثقافت جي دائري ۾ شامل رهي. نئين ديني تعليمي ۽ اقتصادي نظام ماڻهن جي اجتماعي زندگيءَ کي متاثر ڪيو. عربي تعليم جو سلسلو شروع ٿيو ۽ سنڌ وارن، عربي دانيءَ ۾ هڪ امتيازي جاءِ حاصل ڪئي. منصوره، ديبل ۽ ٻين

شهرن جي اعليٰ تعليمي درسگاهن جي فارغ التحصيل محققن ۽ مصنفن اسلامي دنيا ۾ شهرت حاصل ڪئي. ڪيترن ئي عرب قبيلن ۾ مفاهمت ۽ ڀائپيءَ کي پختو ڪرڻ ۽ علمي تحقيق کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ حڪومت پاران عربي زبان سان گڏوگڏ سنڌي زبان جي ترقي ۽ ترويج تي خاص ڌيان ڏنو ويو.

عربي النسل عالمن سنڌي ۽ ٻين پاڙيسري زبانن جو مطالعو شروع ڪيو ۽ ايتري تہ مهارت حاصل ڪئي جو 270 هہ ۾ منصوره جي هڪ عالم ديسي ڀاشا ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو. (عجائب الهند، ص 44) عرب شاعر (مطيع بن اياس، علقمہ بن عبدالله القشيري وغيره) سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌي نسل جي شاعرن (ابو عطا سنڌي، عياض سنڌي وغيره) عربي شاعريءَ ۾ هڪ خاص جاءِ والاري. گمان آهي تہ سنڌ جي حاڪمن جي وسيلي سان ئي هڪ سنڌي شاعر (187 هجريءَ کان پهرين) بغداد ويو ۽ اتي وزير يحيٰ بن خالد برمڪي يا ان جي پٽ فضل جي خاندان جي ساراهہ ۾ هڪ معنيٰ ڀريل سنڌي قصيدو پڙهيو ۽ انعام حاصل ڪيو. (مجمل التواريخ القصوص، ص 243، روضہ العقلا، ص 125).

اقتصادي شعبن ۾ سنڌ جا صراف، موسيقار، ٻورچي، ۽ ٻين ڌنڌن وارا ماڻهو سنڌ کان ٻاهر اسلامي مملڪت جي ٻين صوبن ۾ پکڙجي ويا. ان ڪري ٽين صدي هجريءَ ۾ سنڌ جا ڪاريگر پنهنجي هنر واري مهارت سببان شهر بغداد ۾ وڏي شهرت جا مالڪ هئا. انهن پنهنجي عربي دانيءَ سببان ان وقت جي بين الاقوامي ثقافت جي هر شعبي ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌ ۾ آيل عربن هميشہ جي لاءِ سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪري ورتي. انهن عربيءَ سان گڏوگڏ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سنڌي ۽ عربي النسل شهرين ۾ اونهي ميل ميلاپ سببان عربيءَ جو سنڌي زبان جي هر شعبي تي اثر پيو. ديني زندگيءَ ۾ دين اسلام جا ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح سنڌيءَ جو جز بڻيا. عربي الاصل اسم خاص کان سواءِ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اسم عام جو وڏو

ذخيرو سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو. زراعت جي ميدان ۾ عربي لفظ (حارث) يا سنڌي لفظ "هرُ" مان (عربيءَ جي اثر هيٺ بروزن فاعل) لفظ 'هاري' نهيو "آجر" مان سنڌي لفظ "مجيري" (يعني اهو جنهن زمين اجاري تي ورتي هجي ۽ هاري جي سار سنڀال ڪري رهيو هجي) رائج ٿيو. خليفي معتصم بالله جي گورنر موسيٰ بن عمران سنڌو درياهه تي هڪ سکر (= بنده بيرج Barrage) جوڙايو ۽ شهر سکر جو نالو انهيءَ ئي قديم سکر جو يادگار آهي. شاخن واٽرن تي پليون ٺاهيون ويون تہ عربي لفظ "فرضتہ" مان سنڌي لفظ "ڦرُ" رائج ٿيو. اناج جي تور جي لاءِ عربي لفظ "ڪاسہ" ۽ معرب "خردار" مان سنڌيءَ ۾ "ڪاسو" (16 سير اناج) ۽ "خرار" رائج ٿيا. لوهارن جي هنرن مان عربي "مطرقہ" ۽ "سندن" مان سنڌيءَ ۾ مترڪو ۽ سنداڻ رائج ٿيا. جهازرانيءَ ۾ ميربحر (اميرالبحر)، "زورق" (ٻيڙيءَ جو قسم)، "ونجهہ" (ونہ مان معرب) "سڪان" (سبڪان) جهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ آيا، واپار ۾ "ساهمي" (= ترازو)، "ڪاٻاڙو" (قبالہ= دستاويز)، "دلال"، "منيب"، "کڙيو" يا "خرچين" (خرج)، "ٻاقري" (بقال)، "بجاج" (بزاز) "ٿوم" (ثوم) "بصر" (بصل) وغيره لفظ رائج ٿيا.

ڍورن ۽ مال جي سلسلي جا عربي لفظ سنڌيءَ ۾ "حلواڻ" (حلوان= ننڍو ٻڪر)، "مهري" (= يمن جي عرب قبيلي مهره بن حيدان جي نسب سان سواريءَ جو اٺ)، "ڪميت"، "انبلڪ" (ابلق) "نقره"، "ديناري" (گهوڙن جو رنگ "نط" (رنطع= سواريءَ جي اٺ تي چمڙي جي سونهري چادر) "گاشو" (غشاءَ)= سواري جي اٺ جي پاکڙي مٿان ويڙهيل چادر) وغيره لفظ رائج ٿيا. گهريلو شين مان "دلو" (دلوه= گهڙو)، ديڪي (طبق)، تباک (طباق)، ڪاتي (قاطع= ڇرو) جا لفظ آيا.

لباس جي سلسلي ۾ "رائو" (رداءَ = چادر) "پوتي" (فوڪ= دوپٽو)، "گندي" (عطاء مرداني چادر) "گج" (قز= ريشمي چولي) "صدري" (صدر مان، هڪ قسم جي مردانِي گنجي)، "اجرڪ" (ازرق، نيلي رنگ جي چادر) رائج ٿيا. انهن کان سواءِ عربي لغت جا ڪيترائي ٻيا نالا مثال طور: 'جبل'، 'اربع'،

’خميس‘، ’ڪبر‘ (قبره مينا جي قسم جو پکي) سنڌي لغت جو جز بڻجي ويا. ٽالن ڪان سواءِ سنڌي فعل، ضمير، حرف ۽ اعرابن تي عربيءَ جو اثر پيو. عربي صيغن مان سنڌي فعل ڪيا ويا. مثال طور: ”تحريف“ مان ترهڻ، بخشي ڇڏڻ جي معنيٰ ۾، ”ضربڻ“ (ضرب لڳائي زخمي ڪرڻ، ٽوڙي ڇڏڻ، تنبيهه ڪرڻ) ”طلبڻ“ (= گهرڻ) ”ترڪڻ“ (= ترڪ ڪرڻ، ڇڏي ڏيڻ)، وغيره وغيره. عربي فاعل جي وزن تي سنڌي لفظن مان فاعل بڻيا. مثال طور: ”ماڇي“ (مڇي مارڻ وارو) ”هاري“ (= هر هلائڻ وارو) ”ماري“ (= مارڻ وارو) وغيره. ضميرن ۾ ”هو“ ۽ ”آن“ (آءٌ، آئون) حرفن ۾ ”لاءِ“ (لِ) عربيءَ مان ڪيا ويا. عربيءَ جي اڪر تحزير وانگر سنڌيءَ ۾ بہ ”چور چور“، ”نانگ نانگ“ وغيره تحزير جي نموني تي استعمال ٿيا. عربي اعرابن جي اثر هيٺ سنڌي اعرابن جو سلسلو لڳڻ لڳو. عربيءَ وانگيان سنڌيءَ ۾ بہ ضمير ۽ تانيث ٻڌل آهن، پر ٻيا اسم عام معرب آهن. يعني انهن جي آخري حرف جي لکيت جملي ۾ انهن جي مبتدا يا غير مبتدا هئڻ سان بدلبي، مثال طور اسم ’گهر‘ جيڪڏهن مبتدا آهي تہ ”ر“ تي پيش ايندو. ”گهرُ خوبصورت آهي“. غير مبتدا جي حالت ۾ جڏهن لفظ ”گهر“ ڪان پوءِ حرف لاڳو ٿيندا. ”ر“ تي زير ايندي مثال طور: ”گهرِ ڏي، گهرِ ڏانهن، گهرِ وٽ“. جيڪڏهن اهي صرف حذف ٿيندا تہ انهن جي علامت جي نموني ”ر“ جي هيٺان زير ايندي مثال ”هو گهر آهي“. فعل لازم جو فاعل سنڌيءَ ۾ هميشہ موضوع ٿيندو ۽ فعل متعدي جو فاعل هميشہ مفتوح ٿيندو. مثال طور: احمد آيو ۽ ”احمد ماريو“.

هي رڳو مختصر تجزيو آهي، جنهن مان سنڌيءَ ۾ عربيءَ جي باهمي ربط ۽ تعلق تي ڪجهہ روشني پوي ٿي. اٺين صديءَ ڪان ٻهرين سنڌ ۾ قبائلي ٻولين جو سلسلو وڌيڪ مستحڪم هو. البت پنجين صديءَ ڪان انهن ٻولين ۾ هڪ مشترڪ لساني خمير ايرڻ ۽ اسرڻ لڳو جو هڪ عام سنڌي زبان جي فروغ جو پيش خيمو ٿيو. اٺين صديءَ جي وچ ۾ هڪ مستقل حڪومتي جوڙجڪ، ديني وحدت، تعليم ۽ تربيت ۾ وسعت پيدا ٿيڻ سان

لساني وحدت جي لاءِ اثرائتا سبب پيدا ٿيا ۽ هڪ مشترڪ عوامي زبان جي تشڪيل تيزيءَ سان ٿيڻ لڳي. عربي ۽ سنڌيءَ جي باهمي رشتي ۾ فروغ سان ائين صديءَ کان وٺي ڏهين صديءَ تائين ٽن سون ورهين ۾ هڪ مشترڪ سنڌي زبان جي تشڪيل جو پورائو ٿيو.

الاصطخري ڏهين صديءَ جي شروع ۽ ابن حوقل ڏهين صديءَ جي وسط ۾ سنڌ جي سياحت ڪئي هئي. اهي ٻئي لکن ٿا ته سنڌ (منصوره) ۽ ملتان جا ماڻهو عربي ۽ سنڌي ٻئي زبانون ڳالهائين ٿا. (الاصطخري ص 105، ابن حوقل ص 280) انهن ساڳئي وقت جي حوالن مان پڌرو ڪيو آهي ته ڏهين صديءَ ۾ عربيءَ سان گڏوگڏ سنڌي هڪ مشترڪ ملڪي زبان جي صورت ۾ رائج هئي. اهوئي سبب آهي جو اهي نسخ رسم الخط سميت ٻين خِطن ۾ لکيون وينديون هيون.

ڏهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين سنڌ ۾ ڪيترائي رسم الخط جاري هئا. ابن النديم الفهرست (تصنيف 377هه 987ع) ۾ لکيو آهي: "سنڌ وارن جون مختلف ٻوليون (لغات) ۽ مذهب آهن. اهي ڪيترن ئي قسمن جا رسم الخط استعمال ٿا ڪن. هڪ شخص، جو انهن جو ملڪ ڏسي آيو آهي، مون سان ذڪر ڪيو ته انهن جا اٽڪل هڪ سؤ رسم الخط آهن (ابن النديم: الفهرست، ص 27) هڪ سؤ جو تعداد ٻڌائي، گمان آهي ته خبر ڏيڻ واري وڌاءُ کان ڪم ورتو هوندو پر ڏکڻي عرصي کان (سنڌي ـ عربي) رسم الخط ٻين خطن جي جاءِ وٺي چڏي، ان ڪري ان کان اٽڪل 45 سال پوءِ محقق البيروني تحقيق (الهند) ۾ ٻڌايو آهي ته ان وقت سنڌ ۾ رڳو 3 رسم الخط جاري هئا: 1. ايرندي وارن علائقن ۾ جيڪي پاٽيہ (جيسلمير، بيڪانير) سان لاڳو هئا. آرڌ ناگر، (يعني ناگر مان ورتل آڌناگري) خط رائج هو. 2. ڏاکڻين سنڌ جي ساحلي خطي ملڪشو ۾ ملگاريءَ خط رائج هو ۽ 3. خاص وچ سنڌ. يعني منصوره جي مرڪزي علائقي ۾ "سيندب" خط رائج هو. (البيروني، ص 135) هي "سيندب يا "سينڌو" خط عربي نسخ مان ورتل هو

جيڪو پوءِ سنڌي خط جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين جاري آهي.

**سنڌي زبان جو تعميري دؤر (1100 کان 1700ع)**: ڏهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين موجوده سنڌي زبان جي بنيادي ڍانچي جو پورائو ٿي چڪو هو ۽ سنڌي زبان جي ڳالهه ٻولهه جو دائرو سنڌ کان ملتان تائين وسيع ٿي چڪو هو. البيروني يارهين صديءَ ۾ هندن جي ثقافت جو مطالعو ڪرڻ وقت سنسڪرت جي معياري اصطلاحن سان گڏوگڏ مقامي عوامي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي به پنهنجي تحرير ۽ توضيحات ۾ جاءِ ڏني. البيروني، گمان آهي ته ملتان جي خطي ۾ رائج مقامي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي قلم بند ڪيو جن بابت پروفيسر زخائو (Sachau) جي راءِ آهي ته اهي سنڌي زبان سان وڏيڪ ملن جلن ٿا. (البيروني طبع زخائو ص 25). مثال طور: ڳڻڻ جا عدد يعني برڪ، بيهه، تري (سنڌي: برڪت يا برک، ٻه، ٽري) لون (=نمڪ)، ٿوهر (هڪ ڪنڊن وارو ٻوٽو Cactus، مگهر (مهيني جو نالو) وغيره؛ يا اهڙا سنسڪرت لفظ جيڪي اڄا تائين سنڌي ڳالهه ٻولهه ۾ عام نموني استعمال ٿين ٿا. مثال طور کنڊ (= شڪر)، گُرڙ (هڪ ديو مالائي پکي) وغيره.

**سومرا خاندان جو دؤر (1050 کان 1350ع)**: البيرونيءَ 1030ع جي لڳ ڀڳ پنهنجو ڪتاب لکيو. اُن وقت ملتان ۾ سنڌي سومرا قبيلي جو وڏو ڏاڏو سومار جو پٽ راجپال اقتدار جو ڌڻي هو. جنهن جي نالي هڪ دروزي مبلغ بهاءُ الدين جو 1032ع ۾ لکيل خط موجود آهي. (Dowson, Elliot 491 کان 493). ان مان معلوم ٿو ٿئي ته ابن سومار جو قبيلو اسماعيلي فرقي سان لاڳاپيل هو پر سلطان محمود ملتان ۾ ان فرقي جي طاقت ختم ڪري ڇڏي ان کان پوءِ سومرا سردارن اسماعيلي عقيدا ترڪ ڪري ڇڏيا ۽ عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪري ورتي. ان ڪري 1050ع جي لڳ ڀڳ انهن سنڌ ۾ پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪري ورتي ۽ ٽن سون ورهين تائين حڪمران رهيا. سنڌ جا سما قبيلا انهن جا ساٿي ۽ مددگار هئا. عربي انهيءَ

ٿي دؤر ۾ دفتري ۽ تعليمي زبان رهي. اهي حڪمران سنڌ جي قبيلن مان هئا. ان ڪري سنڌي عوامي زبان جي نموني تي وڌندي ويجهندي رهي. سومرا حڪمرانن جي طاقت جا مرڪز خاص طرح هاڪڙو ۽ پراڻ دريائن جي سرزمين ۾ يعني سنڌ جي اوير ۽ ڏاکڻين خطي ۾ قائم ٿيا. اڳتي ڏاکڻين خطي سان لاڳو ڪڇ جي علائقي ۾ سما قبيلا آباد ٿي ويا. انهن آبادين سببان سنڌي زبان ڪڇ تائين پکڙي. هي سنڌ جي تاريخ جو هڪ رومانوي دؤر هو جنهن ۾ سنڌ جي اڪثر مشهور عوامي قصن ۽ عشقيه داستانن (مثال طور: سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي، مومل راڻو مورڙو مانگر مڇ، سورٺ راءِ ڏياچ) جنم ورتو. ان کان سواءِ ان دؤر ۾ ٻن ڀائرن، دودي ۽ چنيسر وچ ۾ تخت نشينيءَ جو تڪرار ٿيو. چنيسر جي درخواست تي سلطان علاءُ الدين (1294ع کان 1316ع) پنهنجي لشڪر سان ان جي مدد ڪئي ۽ سلطاني لشڪر سان دودي سومري جي دليرانه مقابلن جي ويڙهه جي نموني تي مشهور منظوم رزميه داستان "دودو چنيسر" لکيو ويو جنهن کي سنڌ جي پيشه ور موسيقارن (ڀٽن ۽ ڀانن) عوامي محفلن ۽ ميلن ۾ ڳايو. ان طرح ان دؤر ۾ قصي خوانيءَ جي روايت شروع ٿي. قصي خوانيءَ ۽ نغمه سرائيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي لاءِ هڪ خالص سنڌي نظم "ڳاهه" گمان آهي ته ٻڌن جي: "گاٿا" جي نالي يادگار وجود ۾ آيو. هي هڪ قسم جو سنڌي دوهو هو جنهن جي وصف هيءَ هئي ته ان ۾ ڪنهن حڪايت ۽ قصي جو ذڪر هجي يا ان ڏانهن اشارو هجي. ڳاهه جي منظوم هئڻ ۽ رزميه، عشقيه داستانن کي پيشورانه نموني بيان ڪرڻ سان سنڌي زبان جي لغت ۽ بيان ڪرڻ جي صلاحيت ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي وئي. (سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ص 57 کان 66).

علمي حلقن ۾ سنڌي شعر بيت ۽ ڪافيءَ جي صنفن ۾ رائج رهيو. عربيءَ ۾ قصيدي يا نظم کي "قافيه يا ڪلمته" به چيو ويجي ٿو. عربي قافيه ۽ ڪلمته کان متاثر ٿيندي سنڌيءَ ۾ نظم چيا ويا، جن کي ڪافي ۽ ڪلام

ڇپيو ويو. اڄ تائين اهو ئي اصطلاح رائج آهي ۽ ڳايو وڃي ٿو. سنڌي ڪافي ۽ ڪلام جي عام مقبوليت سببان سنڌيءَ ۾ نظم گوئيءَ جي صنف ۾ واڌارو ٿيو.

**سما خاندان جو دؤر (1350ع کان 1540ع):** موجوده بلوچستان جي لسٻيلي، ڪڇي ۽ سبي ضلعن جي علائقي ۾ سنڌي قبيلا آباد ٿيا ۽ سنڌي ڳالهه ٻولهه جو دائرو وسيع تر ٿيو. ڪجهه سنڌي خاندان بلوچستان جي ڏورانهن علائقن ۾ (وينديء مڪران ۾) وڃي آباد ٿيا ۽ انهن جي سنڌي "جدگاليءَ" جي نالي سان مشهور ٿي. انهيءَ ئي دؤر ۾ جي جاءِ تي فارسي سرڪاري دفتري زبان بڻي، البت عربي تعليم و تدريس جي زبان رهي، وينديءَ پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ فارسي ذريعه تعليم بڻي، سما قبيلن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ سنڌ جي زبان ڪي، جيڪا سما قبيلن جي مادري زبان هئي، معياري سنڌيءَ جي حيثيت سان فروغ حاصل ٿيو.

عوامي ادبي تحريڪ، جيڪا قصي خوانيءَ جي هئي، سومرن جي دؤر ۾ شروع ٿي هئي. ان دؤر ۾ پروان پهتل سما دؤر جا ٻه داستان "نوري ڄام تماچي" ۽ "همون دريا خان" سنڌ جي روايتي داستانن جي قطار ۾ شامل ٿي ويا. ٻئي پاسي انهن ئي دورن ۾ درويشن جون پيشن گوئيون پڌريون ٿيون ۽ اعليٰ اخلاقي صوفي شاعريءَ جي شروعات ٿي، جنهن مان سنڌي شعري ۽ فڪري سرمائي کان سواءِ زبان ۾ ٻه واڌارو ٿيو. پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا. زبان جو پهريون بزرگ صوفي شاعر قاضي قادن ان دؤر جي پڇاڙيءَ ۾ پيدا ٿيو.

سنڌ ۽ ملتان جي خطن جي جاگرافيائي قربت ۽ لاڳاپي جي سببان ان دؤر ۾ سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن ۾ ڳانڍاپو ٿي ويو.

سرائيڪي زبان سنڌ ۾ پکڙي ۽ سنڌي ملتان کان اترين خطن تائين جي خاص حلقن ۾ عام فهم ٿي. 1365ع کان 1366ع ۾ جڏهن سلطان فيروز شاهه مجبور ٿي ٺٽي جو گهيرو ترڪ ڪندي واپس گجرات ويو. (ان

کان اڳ محمد بن تغلق ٺٽي تي لشڪر ڪشيءَ جي وچ ۾ 1352ع هارجي چڪو هو) تہ سنڌ جي فوج پنهنجو جنگي رجز ڳايو 'پلا پير پنو هڪ مئو هڪ ٺٺو'. (يعني شيخ حسين المعروف پير پٺي جي برڪت سان هڪ بادشاهہ مري ويو ۽ ٻيو بہ ڀڄي ويو). سنڌ کان ٻاهر هي رجز سرائيڪي زبان ۾ ٻي صورت ۾ هن ريت مشهور ٿي تہ 'برڪت پير پٺا اڪ موا دوجها ڀڳها'. شمس سراج عفيف پنهنجي 'تاريخ فيروز شاهي' (تصنيف 1399ع) ۾ اهو اٿپورو رجز نقل ڪيو آهي. (ص 231).

صوفياءَ سڳورن مان شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني رحہ (1184ع کان 1262ع) جي تبليغ جو مرڪز خاص سنڌ رهيو. سنڌي "ذاڪر شيخ" جي سماع جي محفلن ۾ سنڌي بيت (دوها) ۽ ڪافيون ڳائجڻ لڳيون. وري ملتان ۽ پنجاب تائين انهن محفلن جي مقبوليت وڌي ۽ گڏوگڏ اتي جا ڪجهہ حلقا سنڌي زبان سان هري مري وڃڻ لڳا. اترئين خطي جي صوفي سڳورن مان شيخ فريد گنج شڪر رحہ (1157ع کان 1265ع) سان منسوب ڏوهيڙن ۾ سنڌي لفظ ملن ٿا. ان کان پوءِ بابا گرو نانڪ (1469ع کان 1539ع) ۽ گرو ارجڻ (1563ع کان 1606ع) جي ڪلام ۾ بہ سنڌي لفظ اصطلاح ۽ فقرا ملن ٿا. (ڏسو آدگرنٿ).

سماع جي محفلن ۾ سنڌي ذاڪرن جي زبان اتر ۾ لاهور تائين سمجهي ويندي هئي. ان ڪري شيخ عبدالجليل چوهڙ بندگي لاهور 910هہ (1504ع کان 1505ع) جي سماع جي محفلن ۾ هڪ سنڌي ذاڪر هڪ سنڌي ڏوهيڙو پڙهيو تہ ان جي معنيٰ مفهوم جي تاثر کان ان تي حال طاري ٿي ويو تذڪره قطبيہ (ص 136) ۾ انهيءَ جي قسم جي روايت شيخ عبدالجليل جي ياٿني شيخ بري جي باري ۾ ملي ٿي.

**ارغون ـ ترخان ـ مغليہ دؤر (1520ع کان 1700ع):** ان دؤر ۾ فارسي بدستور دفتري ۽ تعليمي زبان رهي، جنهن جي ڪري علمي، ادبي ۽ انتظامي شعبن ۾ بہ ان کي اوليت حاصل رهي ٻئي پاسي عوامي ڳوناڳا شاعر، پيشہ ور

قصہ خوان ۽ سنڌي موسيقيءَ جا ماهر "مڱڻهار" عام ميڙن ۽ محفلن ۾ قصہ خواني ڪندا ۽ ڳائيندا وڄائيندا رهيا ۽ راڳ جي محفلن ۾ سنڌي ذاڪر سوز گداز سان ڪافيون ڳائيندا رهيا. عالمن، فاضلن ۽ صوفي سڳورن جي ٽولن مان سنڌيءَ جا ڪجهہ ناليوارا شاعر (شاهہ عبدالڪريم، شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عنايت الله رضوي) پيدا ٿيا. انهن سنڌي لغت جي وسيع دائري تي حاوي ٿيندي، بيان جي سگهہ جا معجزا ڏيکاريا ۽ فڪر ۽ معنيٰ جون نيون راهون پختيون ڪيون. سموري ملڪ ۾ سنڌي زبان جي عام مقبوليت ۽ سنڌي لغت جي وسعت ۽ افاديت فارسي زبان جي مصنفن کي متاثر ڪيو! ان ڪري انهيءَ ئي دؤر جي تاريخي، طبي ۽ فقهي ڪتابن ۾ فارسي لفظن جي سمجهاڻيءَ جي نموني تي ۽ مقامي اصطلاحن جي لاياڻتي هئڻ سبب سنڌي لغت جو لاڳو ٿيڻ پيو نظر اچي.

**درس و تدريس جي شروعات ۽ شاعريءَ جو عروج (1700ع کان 1843ع):** مغليہ سلطنت جي زوال تي سنڌ جي حڪومت پهرين ڪلهوڙا عباسي خاندان (1700ع کان 1784ع) ۽ پوءِ ٽالپور خاندان (1784ع کان 1843ع) جي هٿن ۾ آئي. انهيءَ دور ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ (1689ـ 1752ع) ۾ پيدا ٿيو جنهن جي شاعري سنڌي زبان جي ترقيءَ ۽ اوسر جو سبب بڻي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعرانہ بلندي (اعجاز) سان سنڌي زبان جي مٿانهين درجي واري شعر ۽ شاعري ۽ علم ۽ ادب جي روايت مستحڪم ٿي. ان دؤر جي شروعات کان ئي سنڌي زبان جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾ هڪ انقلاب اچي ويو يعني ابتدائي مرحلي ۾ سنڌيءَ کي ذريعہ تعليم بنايو ويو. تعليم ۽ تربيت جي نظرين ۽ علمي تنظيم جي سلسلي ۾ سنڌي علم ڏانهن غور ۽ فڪر جي هڪ پراڻي روايت موجود هئي. ان ڪري علامہ جعفر بوبڪائي 1550ع جي ويجهو "نهج التعليم" لکيو جيڪو ننڍي کنڊ ۾ ترقي پذير تعليمي نظرين ۽ تعليمي نظام بابت پهريون تفصيلي ڪتاب هو جنهن جو خلاصو "حاصل النهج" اسان تائين پهتو

آهي، صدين تائين فارسيءَ کي شروع کان ئي ذريعہ تعليم جي طريقي تي استعمال ڪرڻ جي تجربي جي روشنيءَ ۾ ٺٽي جا عالم ان نتيجي تي پهتا تہ ٻار کي ابتدائي تعليم مادري زبان ۾ ڏني وڃي. اهو پنهنجي دؤر جو هڪ انقلابي نظريو هو جنهن کي شيخ ابوالحسن بن عبدالعزيز ٺٽوي (ٺٽوي) عملي جامو پهرايو. انهن 1100 هجري (1688ع) جي لڳ ڀڳ ديني نصاب تي ٻڌل ڪتاب "مقدمة الصلواة" سنڌيءَ ۾ لکيو جيڪو ان دؤر ۾ ابتدائي تعليم جي لاءِ درسي ڪتاب هو. ان ڪري "ابوالحسن جي سنڌيءَ" جي نالي سان مشهور ٿيو. ثانوي سطح تي فارسيءَ جي تعليم کي آسان بنائڻ جي لاءِ ٻہ زباني تعليم جو طريقو عمل ۾ آندو ويو ۽ سنڌيءَ کي تعليم جو ذريعو بنائي سنڌي فارسي لغت تي ٻڌل دو وايو (= ٻہ زباني، ٻہ وايو) عنوان سان خاص نموني جا درسي ڪتاب تيار ڪيا ويا. اعليٰ ثانوي سطح تي عربي سيکارڻ جي لاءِ سنڌي ۽ فارسي ٻنهي کي تعليم جو ذريعو بنايو ويو ۽ "تہ وايو (= ٽہ زباني) قسم جا ڪتابڙا ترتيب ڏنا ويا. ان نئين تعليمي نظرئي ۽ انهن ڪنيل قدمن جي ڪري عملي طور سنڌي سيکارڻ جو سلسلو شروع ٿيو. مخدوم ابوالحسن کان پوءِ مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي (ٺٽوي) هڪ درسي ڪتاب مرتب ڪيو جيڪو "ضياءُ الدين جي سنڌيءَ" جي نالي سان مشهور ٿيو. ان ريت سنڌيءَ ۾ دينيات جي درسي ڪتابن جي تصنيف جو سلسلو تيرهين صديءَ تائين هليو. علامہ سيد علي محمد شاهہ جي تصنيف "دائري وارن جي سنڌي" ان سلسلي جو آخري معياري ڪتاب هو جيڪو 1377هجري/ 1820ع ۾ مرتب ٿيو. انهن ڪوششن جو بنيادي مقصد هي هو تہ تعليم جي طريقي جي اصلاح ڪئي وڃي ۽ مادري زبان جي ذريعي عوام الناس ۾ تعليم کي رائج ڪيو وڃي. ان ڪري شيخ ابوالحسن کان وٺندي سيد علي محمد شاهہ تائين سمورن عالمن (ان هوندي بہ جو انهن کي عربيءَ ۽ فارسيءَ تي دسترس هئي) انهن ڪتابن ۾ نج سنڌي اصطلاحن جو خيال رکيو. ان بندوبست سببان سنڌيءَ ۾ علمي لکيتن جو سلسلو شروع ٿيو ۽

سنڌي لکيت ۾ علمي بيان جي ڍنگ جون راهون پيدا ٿي ويون. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (ٺٽوي)، مخدوم عبدالله ۽ ٻين عالمن ان دؤر ۾ مختلف موضوعن تي سنڌيءَ ۾ درجن ڪتابن جا تصنيف ڪيا. ان سان گڏوگڏ سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جي صحيح معنيٰ متعين ڪرڻ جي لاءِ فارسي- سنڌي ۽ سنڌي- فارسي لغت جي تصنيف جو سلسلو شروع ٿيو جنهن جي شروعات گمان آهي ته نظام الدين بن عبدالرزاق دربيلوي جي ڪتاب "انيس انجمن" کان ٿي، جيڪو هن 1149 هجري/ 1717ع ۾ تصنيف ڪيو. انهيءَ ئي ڪتاب جو ٻيو باب (دراسم هائي جا مد بمعني سنڌي) سنڌي لغت تي تحقيق جي هڪ عالمانه ڪوشش آهي. انهيءَ ئي دؤر ۾ سنڌي ۽ سرائيڪيءَ ۾ اچا به وڌيڪ ويجهو ناتو ٿي ويو. سنڌي ۾ سرائيڪيءَ کي وڏي مقبوليت حاصل ٿي. ان ريت حضرت شاهه عبداللطيف رحه کان پوءِ جيڪي شاعر پيدا ٿيا، انهن مان گهڻن سنڌي ۽ سرائيڪي ٻنهي زبانن ۾ شاعري ڪئي ۽ ان ريت سنڌيءَ جا گهڻائي لفظ ۽ اصطلاح سرائيڪيءَ ۾ رائج ٿيا.

**دفتري ۽ تعليمي زبان- نثر ۽ صحافت نگاريءَ جي ارتقا (1843ع کان 1947ع):**

فيبروري 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪندي، ان کي بمبئي صوبي سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ فارسيءَ جي جاءِ تي انگريزيءَ کي ملڪ جي سرڪاري زبان قرار ڏيندي، فارسي عربي اسلامي تعليمي نظام جي جاءِ تي مغربي انگريزي تعليمي نظام رائج ڪيو. سنڌيءَ جي مرڪزي حيثيت کي مڃيو ويو ۽ حڪومت بمبئيءَ جي هڪ مراسلي (نمبر 1825، مورخه 6 سيپٽمبر 1881ع) جي هيٺ سنڌ ۾ سنڌيءَ کي سرڪاري، ڪاروباري ۽ انتظامي ڪمن جي لاءِ دفتري زبان قرار ڏنو ويو. سنڌ ۾ مقامي ملازمن ۽ انگريزن ٻنهي جي لاءِ سنڌي ڳالهه ٻولهه ۾ صلاحيت جو امتحان لازمي قرار ڏنو ويو.

ان سلسلي ۾ پهريون امتحان 2 نومبر 1855ع کان اڳ ٿيو جنهن ۾ هڪ انگريز ۽ هڪ ديسي آفيسر ڪامياب ٿيا. انگريز ۽ هندو آفيسرن جي هڪ اثر واري گروهہ سنڌي نسخ رسم الخط کي بدلائي ان جي جاءِ تي "ديوناگري" رائج ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ ڪتاب لکيا. مگر عربي- سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي زمين جون تاريخي، تهذيبي، تمدني ۽ ادبي روايتون ايتريون مضبوط هيون، ان ڪري اهي ڪوششون آخرڪار ناڪام ٿيون ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي انتظامي مجلس، جاري ٿيل سنڌي عربي رسم الخط کي جزوي ترميمن ۽ اضافت سان رائج ڪرڻ جو فيصلو ڏئي ڇڏيو. (مراسلہ نمبر 46، مورخہ 8 ڊسمبر 1852ع) سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر بي ايچ ايلس، سنڌ جي عالمن جي جوڙيل سنڌي حرفن جي جاري ٿيل مختلف صورتن مان ڪجهہ خاص صورتون چونڊي ورتيون ۽ نظرثانيءَ کان پوءِ جولاءِ 1853ع ۾ "سنڌي الف- ب' تي ٻڌل قرطاس شايع ڪري ڇڏيو جيڪو هڪ جهڙي نموني تي تعليمي ۽ دفتري شعبن ۾ رائج ٿيو. (تفصيلن جي لاءِ ڏسو The Report on Education in Sindh). حروف تهجي (ڏسو ص 358) جي تعين سان درسي ۽ ٻين ڪتابن لکڻ جي لاءِ رستو ٺهي ويو ۽ سنڌيءَ جي تحريري سرمائي کي فروغ حاصل ٿيو. ليٿو ۽ پوءِ ٽائيپ جي ڇاپخانن جي قائم ٿيڻ سان سنڌي مطبوعات ۾ واڌارو ٿيو.

انگريزيءَ جي تسلط کان پهرين ئي ابتدائي تعليم مڪمل ريت سنڌيءَ ۾ ڏني ويندي هئي ۽ ثانوي سطح جي ابتدا ۾ فارسيءَ سان گڏ سنڌيءَ کي تعليم جي ذريعي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. هاڻي تدريسي سلسلي ۾ واڌارو ٿيو ۽ ثانوي سطح تي انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ کي بہ لازمي طرح تي پڙهايو وڃڻ لڳو. 1935ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان جدا صوبو بڻيو تہ هاءِ اسڪول (ميٽرڪيوليشن) تائين سنڌيءَ کي تعليم جو ذريعو ۽ امتحانن جو ذريعو قرار ڏنو ويو. هڪ مضمون جي حيثيت ۾ سنڌيءَ کي بي. اي جي نصاب ۾ جاءِ ڏني وئي.

**سنڌيءَ جا تهجي حرف**

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ج جھ ڄ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ ڱ گهہ ل م ن ڻ و هہ ء ي

تعليم ۽ تدريس ۽ تصنيف جي سلسلن ۽ ڇاپي خانن ۾ مطبوعات جي سهولتن سببان سنڌيءَ ۾ نثري سرمايو ۽ صحافت نگاريءَ کي فروغ مليو. سورهين صديءَ ۾ مخدوم جعفر ٻوبڪائيءَ جي ڪتاب ”حل العقود في طلاق اسنود“ ۾ سنڌي نثر جا اهي جملا ملن ٿا، جيڪي سنڌ جا ماڻهو طلاق ڏيڻ وقت استعمال ڪندا هئا. ان کان پوءِ مخدوم حامد رگهمي ۽ پوءِ جي عالمن جي ڪتابن ۾ سنڌي نثر ۾ اهڙا جملا ۽ عبارتون ليِن ٿيون، جن جو واسطو فقهي بحثن سان آهي. شيخ ابوالحسن ٺٽوي ۽ ٻين عالمن جا تصنيف ڪيل درسي ڪتاب منظوم هئا. جيتوڻيڪ ڪجهہ تصنيفن ۾ نظم جي صورت رڳو الف اشباع جي قافيي تائين محدود هئي ۽ اڪثر بيان نثري نوعيت جو هو.

1855ع کان پوءِ جڏهن نئون تعليم جو سلسلو رائج ٿيو تہ سنڌي نثر ۾ ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا ۽ ان دؤر جي پڇاڙيءَ تائين اڪثر علمن ۽ فنن ۾ سنڌي ڪتاب تصنيف يا ترجمي جي صورت ۾ مهيا ٿي ويا. 1857ع کان سنڌي نثر ۾ اشتهار ڇپجڻ لڳا. چند سالن کان پوءِ اخبارن جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو (خلافت تحريڪ) جي دؤر ۾ روزنامہ 'الوحيد' جي جاري ٿيڻ سان حقيقي معنيٰ ۾ ڦلاڻتو ٿيو.

انگريزي زبان ۽ تعليم کي ان دؤر ۾ خاص اهميت حاصل ٿي ۽ اها سرڪاري، دفتري، ڪاروباري، تعليمي نظام، صحافت ۽ سياست جي اثرائتي زبان ڀڄجي وئي. سنڌيءَ تي بہ ان جو ڪافي اثر پيو. ان ڪري علمن ۽ فنن جي اصطلاحن جا ڪيترائي انگريزي نالا ۽ لفظ سنڌيءَ ۾ رائج ٿي ويا. 1935ع کان پوءِ سنڌي بہ سنڌ اسيمبليءَ ۾ صوبائي سياست جي زبان بڻي ۽ ان انگريزيءَ مان سياسي لغت جو هڪ چڱو خاصو پنهنجو ڪم ڪيڏي ورتو.

**ورهاڱي کانپوءِ:** پاڪستان جي قائم ٿيڻ (1947ع) کان پوءِ سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي، سنڌي زبان ۾ تعليم ۽ تربيت جي توسيع ۽ سنڌي صحافت جي فروغ جي لاءِ حالتون سازگار ٿيون ته انهن منصوبن کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ ڪجهه نوان ادارا قائم ڪيا ويا، جن ۾ سنڌي ادبي بورڊ (قيام: ڪراچي 1951ع) ۽ شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز (قيام: ڀٽ شاهه، ضلعو حيدرآباد 1953ع) نمايان خدمتون ڏنيون آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ تحقيقي منصوبي هيٺ جامع سنڌي لغات جي (لکندڙ جي نگراني هيٺ) تدوين ٿي، ٻيو منصوبو سنڌي لوڪ ادب کي گڏ ڪرڻ جو هو، جنهن جي هيٺ (لکندڙ جي نگراني هيٺ) هن وقت تائين ڪيترائي جلد شايع ٿي چڪا آهن. شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز جي نگرانيءَ هيٺ شاهه عبداللطيف جي سوانح، ڪلام ۽ موسيقي (شاهه جو راڳ) تي تحقيق ۽ اشاعت جو سلسلو تيزيءَ سان جاري آهي. اهي منصوبا سنڌي زبان جي لغت جي سرمايي ۽ تمدن جي توسيع جي سلسلي ۾ خاص حيثيت رکن ٿا.

ان دؤر ۾ سنڌي صحافت کي چڱي ترقي نصيب ٿي. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي روزنامہ ۽ ڪيترين ئي هفتيوار ۽ پندرهن روزا اخبارون، ماهه ناما، ته ماهي رسالا شايع ٿيڻ لڳا.

ريڊيو پاڪستان تان سنڌيءَ ۾ مختلف قسم جا پروگرام نشر ٿيڻ لڳا. نوان لفظ ۽ اصطلاح گهڙجڻ لڳا ۽ نثري اسلوڪ بيان جي لاءِ نيون راهون پختيون ٿيون. ان دؤر ۾ سنڌي ۽ اردو جي پاڙيسري ٿيڻ سان ٻنهي زبانن جي وچ ۾ عمل ۽ رد عمل جو سلسلو شروع ٿيو. سنڌي- اردو، اردو- سنڌي لغت، تصنيف جا ڪجهه سنڌي لفظ مقامي طور تي اردو ۾ استعمال ٿي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف اردو جي جديد ادب جي اثر هيٺ سنڌي نظم ۽ افسانې ۾ نوان تجربا عمل ۾ آيا آهن. مجموعي طور تي اهو دؤر هڪ عبوري دؤر معلوم ٿو ٿئي، جنهن ۾ مختلف قسمن جا لاڙا عمل هيٺ آهن ۽ سنڌيءَ جو مستقبل روشن نظر ٿو اچي.

## ماخذ:

1. History of India as told by its own Historians, Volume I, 1867, London: Dowson and Elliot.
2. Traces of a dravidion element in Sindhi, The Indian Antiquary, Volume 7, 1878: George Shirt.
3. Linguaistic Survay of India ........ Grierson.
4. Comparative Grammar of Parkarts Translate from Germon Language Dehli, 1957.
5. Indian Palaeography Oxford 1963: Ahmed Hassan Dani.
6. The report on education in Sindh, Volume 2: B.H. Eltes.
7. Encyclopaedia Britannica Volume 20, 1950.
8. Comparative Grammar of the Modern Aryan Languages in India Volume 3, London 1872_79: John Beams.
9. Sindhi Grammar 1872: Trump.

10. بزرگ بن شهريار عجائب الهند ڇپايل لائيڊن.
11. ابن حوقل صورت العرض، ڇپايل بيروت.
12. ابن حبان البستي: روضت العقلا، ونزهت الفضلا، قاهره 1328هـ
13. ابن النديم الفهرست، قاهره 1348هـ.
14. البيروني: في تحقيق ماللهبد، حيدرآباد (دکن) 1377هـ/ 1958ع ۽ طبع سخانو ج 1، مهاڳ.
15. الاصطخري ۽ المسالڪ والممالڪ، قاهره 1961ع.
16. جعفر بوبڪائي: حاصل النهج (مختصر نهج التعلم)، ڇپايل سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد 1959ع).
17. مجمل التواريخ وقصص، ڇپايل ايران.
18. نظام الدين بن عبدالرزاق دربيلوي ۽ انيس انجمن، مخطوطه ڪتاب خانو ۽ راقم.

19. شمس سراج عفيف: تاريخ فيروزشاهي، ڪلڪتو 1890ع.
20. محمد حفيظ الرحمان بهاولپوري، ذڪر ڪرام، بهاولپور، 1357هه.
21. جمال الدين ابوبڪر الهه آبادي، تذڪره قطبيه (تصنيف 1540 ـ 1545ع)، لاهور 1371هه.
22. آدگرنت، لاهور 1884ع.
23. ابوالحسن جي سنڌي، ڇپائيندڙ: عبدالحق، حيدرآباد (سنڌ) 1919ع.
24. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڪراچي 1941ع.
25. نبي بخش بلوچ: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، سنڌ، 1964ع.
26. سيد علي محمد شاهه، مصلح المفتاح يعني سيد دائري وارن جي سنڌي، ڇپائيندڙ نبي بخش بلوچ، ڇپايل سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد 1390هه/ 1970ع.
27. شرف الدين اصلاحي، اردو سنڌيءَ جا لساني لاڳاپا (اردو) ڇپايل مرڪزي اردو بورڊ، لاهور 1970ع.

(نئين زندگي، سيپٽمبر، 2001ع تان ورتل)

ايم ايچ پنهور/ محبت ٻرڙو

# سنڌ جي ٻولي

## 4 هزار -1 هزار ورهيه ق.م.

گريئرسن (Grierson) جي مشهور رپورٽ: هندستان جو لسانياتي جائزو (The Linguistic Survey of India) 1930ع ۾ شايع ٿي. هيءَ هڪ حقيقي سائنسي پورهيو آهي. بدقسمتيءَ سان، اها ان مهل پڌري ٿي، جڏهن هندستاني اپکنڊ ۾ قومي تحريڪون پنهنجي اوج تي پهتل هيون. اهڙين حالتن ۾ گريئرسن جو اهو بيان ته سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل / اپريل/ اسريل هئي، سنڌ جي هندن سرهائيءَ سان قبول ڪيو پر مسلمانن ان کي باطل قرار ڏنو. هڪ سنڌي مسلمان وڏي عالم ڊاڪٽر دائود پوٽي ان کي رد ڪندي چيو ته سنسڪرت جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ماءُ هئي ته عربي ان جو پيءُ ٿئي. ان جي نتيجي ۾ هڪ تضاد اڀريو ۽ سائنسي سچاين ۽ ڇاڻ ۾ واڌارو ڪندڙ بڻائتي (Original) نظريي کي صحيح يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ انتها پسند (Extremist)، رويا اپري آيا. گريئرسن جي نظريي جي پوري زور سان تائيد ڪندڙن ۾ پروفيسر ملڪاڻي ۽ ڀيرواڻي (Bherwani) شامل هئا. ڀيرواڻي توڻي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي دراواڙي ٻولين وارا لاڙا ڏنا، پر انهن ۾ گهرو نه ويو. جيئن ٽرمپ(Trumpp) پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي گرامر (A Grammer of Sindhi Language) ۾ ڪيو جيڪو 1868ع ۾ ڇپيو. اپکنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ به تضاد نه کُٽو ۽ نوان نوان نظريا پيش ڪيا ويا. جن مان ڪن ۾ سنسڪرت ۽ عربيءَ جي وچ ۾ شادي ڪرائي ٿي وئي ته ڪن ۾ سنڌي ۽ سنسڪرت جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ناتي کان مورڳو انڪار ڪندي، ان کي هڪ نج سامي (Semite) ٻولي سمجهيو ويو. هڪ وڌيڪ نظريو اهو به اسريو ته سنڌي هڪ دراوڙي ٻولي هئي ۽ ان جي

گرامر ۾ ڪي اڻنگايون (a bnormalities) سنسڪرت جي اثر سبب هيون. اڃا هڪ وڏيڪ نظريو اهو پيش ڪيو ويو تہ سنڌي سنڌو ماٿر (Indus valley) جي ماڻهن جي ٻولي هئي ۽ اها سنڌ مان هر ڏس ۾ پکڙي ۽ ان سنسڪرت سميت سمورين انڊو- يورپي (Indo_European) ٻولين کي جنم ڏنو. هي نظريو توڙي جو سنڌ جي ڪجهہ سنڌي قومپرست (Nationalist) فردن لاءِ ڪشش رکندڙ هو پر اهو ڪابہ اهڙي پڙاڇاڻي (قديم آثارن جي) (Archaeological) شاهدي نہ پيو رکي، جيڪا اهڙي ڪا حقيقت ٻڌائي سگهي تہ سنڌوماٿر جي سڀيتا (Civilization) هتان سيني ڏسن ۾ پکڙي هوندي.

2. گڏيل آمريڪي رياست، U.S.A، يورپ ۽ ڪن ٻين هنڌن تي هاڻوڪا اڀياس ٻڌائن ٿا تہ ڪنهن هڪ ٻوليءَ ۽ نسل قوم، ٽولي (race) جي وچ ۾ مقرر ناتيداري موجود هئڻ ضروري ناهي. اهڙي ڳالهہ رڳو ننڍا ننڍا ٽولا تي رهندڙ ننڍڙن قبيلن ۽ ان قبيلي تائين محدود ٻولي ڳالهائيندڙن جي باري ۾ چئي سگهجي ٿي، پر اها ڳالهہ انهن ننڍڙن قبيلن بابت بہ چئي سگهجي ٿي جيڪي ڪنهن وڏي قبيلي ۾ ضم ٿي ويا هجن. راهپي (cultural ثقافتي) ٽولن جي حالت ۾ هينير (inferior) راهپي ٽولن مٿير (superior) ٽولن جي ماڻهن جي ٻولين کي قبول ڪيو آهي. توڙي جو اهي هڪ ٿورائيءَ (minority) ۾ هجن. بهرحال، اپڪنڊ جي حوالي سان ۽ خاص ڪري ان سبب جو ڳنڍپ (communication) ۽ پکيڙپ (Expansion توسيع) جا وسيلا گهٽ هئا، اهو نظريو لاڳو ٿيڻ ناممڪن آهي.

3. سنڌ ۾ ڏاکڻي پنجاب کي ڏيان ۾ رکندي، انسان سڃاڻ (Anthropology) بابت اسان جي تحقيق 6 هزار ورهين کان وڏيڪ پوئتي نہ وڃي سگهي آهي. اهو هڪ ڏکيو حل ٿيندڙ سوال آهي، جنهن جو جواب هن وقت تائين نہ ملي سگهيو آهي ۽ ڪيترن ئي عالمن کي منجهائي رکيو اٿائين. اتر پنجاب جي ماٿري وچين پاٿر جمار (Middle stone age) جي

موجودگي ڏيکاري ٿي، جنهن جو سن 1 لک 40 هزار ورهيه اڳ تائين ٻيهي ٿو. ڏاکڻي پنجاب ۽ سنڌ ۾ اوائلي (early) يا وچين (middle) ۽ حقيقت اها آهي ته ديرائت (late) پاٿر ڇمار جي موجوديءَ جي شاهدي به نه ٿي ملي. انهن ٽنهي مان آخري ڇمار [يعني ديرائت پاٿر ڇمار] لاءِ سن سڄي دنيا جي حوالي سان 40 هزار، 7 هزار 5 سئو ورهيه تائين مقرر ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه پڻ عجب ۾ وجهندڙ آهي ته نوَپهڻي (Neolithic) انقلاب وچ اوڀر (Middle East) ۾ جرمو جيريڪو ۽ ڪتال هُيوڪ ۾ 8 هزار ق م ڌاري شروع ٿيو ۽ ايران ۾ 5100 ق. م ڌاري پهتو پر (هاڻوڪي) پاڪستان پهچڻ ۾ ان کي 14 سئو ورهيه ٻيا به لڳي ويا، جوته پاڪستان ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽيون نوپهڻي وسنديون 3700 ورهيه ق. م کان وڌيڪ پراڻيون نه آهن.♥

وچ – اوڀر، ايران، بلوچستان، ۽ سنڌ جي نوپهڻي (کاڄ اپائيندڙ) انقلاب ۾ اها ڳٽپ جوڳي وٿي ڌاري سگهڻ جهڙي ناهي. گذريل ويهه هزار ورهين دوران سامونڊي سطح ۾ آيل تبديلين بابت ٿاڌي تحقيق ڏس ڏئي ٿي ته پاڪستان جي پيٽ ۾ نوپهڻي انقلاب جو وچ اوڀر ۾ اڳ شروع ٿيو. ڪي هڪ لک ورهيه اڳ سامونڊي سطح ۾ چاڙهه اچڻ لڳو ۽ 30 هزار کان 20 هزار ورهيه اڳ واري عرصي دوران ان جي سطح 430- 400 فوٽن جي اوچائيءَ تائين هئي، جنهن کان پوءِ ان لهڻ شروع ڪيو ۽ ڏهه هزار ورهيه اڳ سامونڊي ڪنارو اڄوڪي لاڙڪاڻي شهر جي ويجهو هو. اهڙي قسم جي حالت ۾ ڪي سايا يارهن هزار ورهيه اڳ اهو سامونڊي ڪنارو ملتان جي ويجهو هوندو. ان کان به اڳ وارن لڳ ڀڳ 50 هزار ورهين (20 هزار – 1150 ق. م) دوران هند- گنگائي ميدانن (بنگلاديش، اولهه بنگال، بهار ۽ اترپرديش جي

♥ (هن نقطي هيٺ هاڻي تائين ڪيل ڳالهيون خود پنهور صاحب جن جي ڪيترن ئي مضمونن جي حوالي سان هڪ تضاد رکن ٿيون. ڏسو: سنڌ ۾ ماڻهو- پاٿر ڇمار کان نوپهڻي تائين، سنڌ جون ٻوليون- آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجڻ تائين. آرڪيالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ، ڊيولپمينٽ ان دي اسٽڊي آف هسٽري اينڊ آرڪيالاجي آف سنڌ وغيره (سنڌيڪار)

وڏي حصي سميت) ڏاکڻو پنجاب به سمنڊ هيٺ هوندو. اهو به امڪان آهي ته سمنڊ جا اوپراوان ۽ اولهاوان نار (Gulfs) ڪيترين صدين تائين پاڻ ۾ ڳنڍيل رهيا هجن، جنهن ڪري دکن (Deccan اڄوڪي ڀارت جو ڏاکڻو حصو) پوئو هڪ ٻيٽ بنجي پيو هجي، جنهن ڪري اترادي انڊيا کان ڏاکڻي انڊيا ڏانهن لڏ پلاڻ ٿي هجي.

پنجاهه هزار ورهيه قائم رهندڙ ان حالت اپڪنڊ جي ماڻهن وچ ۾ ڳڏپ (Amalgus) وڌائي ڇڏي هوندي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نئون نسل نهي پيو جنهن کي دراوڙ سڏيو وڃي ٿو. سمنڊ جڏهن لهڻ شروع ڪيو ته ماڻهو هڪ ڀيرو وري لڏڻ لڳا. دکن پوئي ۾ نوپهڻي انقلاب جو ڪوبه نشان پاڪستان ۾ ملندڙ آثارن کان آڳاٽو ناهي. ماڻهن وچپهڻي (Mesolithic) قسم جي حياتي پئي گذاري، يعني سندن زندگيءَ جو دارومدار گهڻي ڀاڱي شڪار ڪرڻ، مڇي مارڻ، سمنڊ مان ڪاچ هٿ ڪرڻ ۽ مختلف قسمن جي جهنگلي اناجن جو لابارو ڪرڻ تي هو. سمنڊ جي لاٿ سبب، دکن جي ماڻهن ڪي 8 هزار ورهيه اڳ اوس سنڌ ۽ ڏاکڻي پنجاب ڏانهن لڏڻ شروع ڪيو هوندو ۽ ايندڙ اڍائي هزار ورهين ۾ انهن مڇي مارڻ جا ونگڙا (ڳنڍا) سوئا (harpoons) ۽ ڄارين ۽ پکي ۽ جانور پڪڙڻ لاءِ ڪوڙڪا ناهي ورتا هوندا. [اڄوڪي تندور جهڙين] تهه ڏنل سوڪيندڙ ٻنين (lines roa sing pits) ۾ کاڌو پچايو ويندو هو. ان نوپهڻي انقلاب ۾ شامل ماڻهو پڪ ئي دکن پوئي سان لاڳاپيل هئا ۽ نسلي طرح دراوڙ هئا. پر انهن کي پوکراهپ (Agriculture زراعت) ۽ نوپهڻي انقلاب جي ڪابه ڄاڻ نه هئي، جيڪو ٻني ٻاري/ پوکي راهي کي ۽ اهڙيءَ طرح پوکراهپ ۽ جانور- پالنا کي وڌائي معاشي زندگي گذارڻ جي هڪ طريقي طور مقرر ڪندو ٿي ويو. نوپهڻي انقلاب ڀهريائين شام (Syria) ۽ اسرائيل (Israel) ۾ شروع ٿيو ۽ اتان اهو ماٿيل (Upper سري واري) نيل (Nile) ۽ ماٿيل فرات (Euphrates) جي ماٿرين ڏانهن پکڙيو. نوپهڻي انقلاب سنڌو ماٿر ۾ نه ڦٽو هو ڇوته اها سمنڊ

هيٺ هئي ۽ اهڙي ئي حالت هيٺل (Lower) نيل ۽ هيٺل فرات جي هئي. نوپهڻي انقلاب جو مکيه وڙ (Item) ڪٺڪ هئي. اها سياري جي برساتن سبب يونوچائي (Mediterranean) آبهوا ۾ سڀ کان اڳ ايري. ايران پڻ يونوچائي ايراضيءَ ۾ آهي ۽ ساڳي ئي ڳالهه بلوچستان سان لاڳو ٿئي ٿي. نوپهڻي ماڻهن جي قدرتي چرپر يونوچ (Mediterranean) سمنڊ جي ڪناري کان ايران تائين ۽ ايران کان بلوچستان تائين هئي، پر انهيءَ واڌ ويجهه ۽ وسعت کي 2 هزار ورهيه لڳي ويا. جنهن عرصي دوران اُهي سامي نه هئا. جن سنڌ ڏانهن لڏيو پر سُوسا (Susa) جا پارپولا ڪلئمائيٽ* (Parpola Klamite) هئا. جيڪي پرشيائي مڪران ۽ سيستان ڏانهن اسهيا ۽ ٽڙي پکڙي ويا. ان جي نتيجي ۾ سيستان ۽ مڪران مان هارين/ آبادگارن جي اوير پاسي لڏپلاڻ ٿي ۽ نيٺ سنڌ ۾ اچي پهتا ۽ پاڻ سان گڏ ڪنيارڪو ڦِڪ (Potter's wheel) ۽ اسريل نوپهڻي راهپ کڻي آيا. آڳاتا سٿي، (Ancient Saythean)، مڪران رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا. اوائلي لاڏائن اوچن جابلو سلسلن تان ٽپڻ کان لنوايو پئي. انهن جيڪو دڳ ورتو اهو ايراني مڪران کان پاڪستاني مڪران هو جتان پوءِ ائين ٿو ڀانئجي ته سڀ کان وڌيڪ سولو دڳ اورنگي ۽ لانڍيءَ وارو ورتو ويو جتان سمنڊ جو ڪنارو (جيڪو انهن ڏينهن ۾ گُجو ڪي ڇهندڙ هو) ڏئي هيٺل سنڌ ۾ ممڪن آهي ته آمريءَ وجي پهتا هجن. ان سان گڏ ٻيو دڳ به ورتو ويو. اهو پاڪستاني مڪران کان پنجگور ۽ خضدار ۽ اتان ڏاڪڻي پاسي مُولا لڪ منجهان منڇر ڍنڍ ڏانهن ۽ پوءِ اتان اڙل نئن وسيلي آمريءَ ڏانهن هو. سنڌ ۾ اهي تبديليون 3100 ق. م ڌاري ٿيون هونديون، جيئن آمري جي ڪرٽا ڪاربه۔ تاريخن (Radio_ corbon dating) واري ڇڪاس ٻڌائي ٿي. 27 سؤ کان 26 سؤ ق. م ڌاري هڪ ٻيو ٽولو ساڳي ايراضيءَ کان لڏي مولا لڪ اڪري ڪوٽڏيجيءَ ۾

* [اهي لفظ منجهائيندڙ آهن، هتي انهن جو مفهوم سمجهه ۾ نه ٿو اچي. سنڌيڪار]

اچي آباد ٿيو. لڏپ جون اهي چوليون جاري رهيون ڇوته لاڏائن جاٽي ورتو هو ته اهي سنڌونديءَ جي ٻوڏ هيٺ ايندڙ ميدانن ۾ هرسال ٿيندڙ آٿر جي محفوظ گهم (Preserved Moisture) تي پنهنجا فصل سولائيءَ سان اپائي سگهن ٿا. ان کان اڳ اهي اهڙي قسم جا فصل ايران ۽ بلوچستان ۾ برساتي نئين تي اپائيندا هئا. پر هتي هنن هڪ وسيع ايراضي ڳولي لڌي، جيڪا هنن ماڻهن کي سهارو ڏئي سگهي پئي. آمري ۽ ڪوٽڏيجي جي انهن رهاڪن جي اها لڏپلاڻ گهٽ ۾ گهٽ 7 سؤ ورهيه جاري رهي، جڏهن 65 ق. م 23 ق. م ڌاري ڏکڻ اولهائين ايران کان لاڏائن جي نئين چولي ظاهر ٿي، جيڪي آمرين سان گڏ هڙپائي (Harappan) اثر بہ ڏيکارن ٿا. سڏو سولو ڪري چئجي ته پراڻي راهپ ۾ اها نون نون ماڻهن جي جذب پذيري ڏيکاري ٿي. اها راهپ رڳو آمريءَ تائين محدود نه هئي. اها سڄيءَ سنڌ، ڏاکڻي پنجاب وارو (پاڪستان توڙي هاڻوڪي ڀارت وارو) ڪڇ، ڪاٺياواڙ بيڪانير ۽ اتر اولهائين راجستان تائين پکڙجي ويئي. ڪڇ جو رڻ هڪ ساموندي ڪاڙي (Creek) هو ۽ ان ۾ نه رڳو سنڌونديءَ پر سرسوتي نديءَ وسيلي بہ پاڻيءَ رستي پهچي سگهجي پيو. سرسوتي هن وقت ميسارجي ويل ندي آهي، پر بيڪانير اوڀر پنجاب ۽ سنڌ ۾ ريٽي- هاڪڙو سرشتي مٿان ان جي ڪنارن تي ساڳي قسم جا ماڳ لڌا ويا آهن. اهڙيءَ طرح هن راهپ جي يڪروپائي (Uniformity) بلوچستان (۾ ويندي ڪوئٽا تائين) سميت جاٽايل صوبن جي وسيع ايراضين ۾ پکڙيل هئي.

4. انهن ماڻهن ڪهڙيون ٻوليون ڳالهايون پئي، پڪ سان ڪجهه بہ نه ٿو چئي سگهجي، پر اهو چوڻ اٽر آهي ته سنڌونديءَ جي پيٽ ڀرسان رهندڙ شڪاري قبيلن ڪي دراوڙي ٻوليون ڳالهايون ٿي ۽ انهن ماهيگيريءَ شڪار ۽ جهنگلي وڻن ٻوٽن مان کاڌ خوراڪ حاصل ڪئي پئي. پوکراهپ ڪندڙ ماڻهو جيڪي ٻوڏ هيٺ ايندڙ ميدانن ۾ آباد ٿي ويا هئا ۽ گذريل ستن صدين کان اپکنڊ جي انهن ئي حصن ۾ رهندڙ هئا، جن ڏکڻ اوڀر ايران کان

لڏپلاڻ ڪئي هئي، اهي اتان جون ڪي ٻوليون ڳالهائيندا هئا.

5. 25 سؤ کان 23 سؤ ق. م جي وچ واري عرصي ۾ اسان کي نج آمرين راهپ ۽ هڙپائي راهپ جو عارضي مدو ملي ٿو جنهن ۾ اڳ- هڙپائي اثر ملن ٿا ۽ ممڪن طرح ٻنهي راهپن ۽ ٻنهي قسمن جي ماڻهن جو ميل جول ڏيکارجي ٿو. اهي ماڻهو (جيڪي لڏپلاڻ ڪندڙ ٿين چولي سڏبا) پڻ ڏکڻ اوير ايران کان آيا هئا. ڪوٽڏيجي جو اڳ – هڙپائي اوائلي دؤر (-Pre Harappan early period of Kotdiji) جنهن جو سن 40- 2605 ق. م سمجهيو وڃي ٿو پڻ اڳ- هڙپائي عرصو آهي، جنهن جي پڇاڙيءَ مهل ڪوٽڏيجي راهپ ميسارجي وئي ۽ ان تي هڙپائي راهپ ڇانئجي وئي، پر اڳ –هڙپائي ۽ هڙپائي، ٻنهي راهپن جا اثر جاري رهيا. جيڪي ٻن راهپن ۽ ٻنهي قسمن جي ماڻهن جي جذب پذيري ڏيکارن ٿا. اوير پنجاب، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ ساڳئي عرصي دوران ساڳي ئي قسم جو لقاءُ (Phenomenon) نظر اچي ٿو.

6. اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ پڻ دلچسپيءَ کان خالي نه هوندي ته اڳ هڙپائي (آمرين، ڪوٽڏيجين، سِٽين) راهپ لڳ ڀڳ اها ساڳي ئي ايراضي والاري پئي، جيڪا هڙپائي (سنڌو ماٿر سڀيتائي) راهپن والاري رکي هئي. ان ڪري اهو سمجهڻ ڏاڍو درست هوندو ته يڪروپ راهپ ۽ نسلجاڻي (Ethnological) پس منظر سبب، انهن ماڻهن جيڪڏهن ساڳي ٻولي نه پئي ڳالهائي ته به گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ساڳي ٻوليءَ جا مختلف محاورا (Dilects اپڀاشائون) ڳالهائيندا هوندا. ويندي اڄ به ڪڇ پوريءَ طرح سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آهي ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي هڪ حصي سميت اها ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، جيڪا سنڌيءَ سان ويجهي ناتي رکي ٿي. قلات، لس ٻيلو ڪڇي ۽ سبي علائقن ۾ پڻ سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. ملتان تائين ڳالهائي ويندڙ سرائيڪي ٻولي سنڌيءَ سان ويجهي ناتيداري رکي ٿي ۽ ملتان ۾ هڪ هزار ورهيه اڳ تائين سنڌي ٻولي ڳالهائي

ويندي هئي، جيئن ڪن عرب سياحن ۽ ڀُون سُڌيرن (جاگرافيدان، Geographer) بيان ڪيو آهي. پاڪستاني سرحد جي ڀئي پاسي پڻ راجستان، جيسلمير، اجمير ۽ بيڪانير جي وسيع بندرن ۾ اڄ ڏينهن تائين سنڌي ٻولي عام واهپي ۾ آهي. آمري ۽ ڪوٽڏيجي، ٻنهي کي هڙپائي (راهپ وارن) ماڻهن ساڙي ۽ تباهه ڪري ڇڏيو پر انهن جي تباهيءَ کان پوءِ به انهن هنڌن تي هڙپائي اثر تڳندا رهيا. ٻنهي راهپن جي جذب پذيري اهو ئي ڏيکاري ٿي. هڙپائي ماڻهو پڻ ڏکڻ اولهه ايران کان آيا ۽ اهي جڏهن هت پهتا، توڻي جو انهن وچٽري اوچائي رکندڙ جابلو سلسلن تان اڪرڻ نه سکيو هو اهي شايد ڏاکڻي پنجاب ۾ بينڪ وجهڻ لاءِ بولان ۽ گومل لَڪن وٽان لنگهي آيا. سنڌ ۾ انهن لاڏائن جي آمد ڇاڻايل ٻنهي دڳن تان جاري رهي. موهن جي دڙي کي لاڏائن جي ٽين ۽ چوٿين ڇوليءَ نيٺ تباهه ڪري ڇڏيو ان ڇوليءَ ۾ شامل ماڻهن کي اڄ تائين آريا سمجهيو وڃي ٿو پر پوءِ هلي ثابت ٿيو ته اهي ائين سڏيا ويندڙ رگويدي آريا نه هئا. پر ڪي ڏکڻ_ اولهاوان ايراني هئا، جن کي هاٽي سيميٽري_ ايڇ (Cemetry_H قبرستان_ هه) ماڻهو سڏيو وڃي ٿو. 3100 ق. م کان وٺي 1700_ 1600 ق. م ڏاري هڙپائي شهرن جي تباهيءَ تائين ميسوپوٽاميا (Mesopotamia) عراق جي سامي ماڻهن سان واپاري ناتن جون ڪڙيون قائم ٿيون. پهرين اڳ_ هڙپائي ۽ آمرين ماڻهن سان ۽ پڇي 2100 – 1900 ق. م سنڌو شهرن سان. سامي ايراضين مان ڪنهن به قسم جي لڏپلاڻ نه ٿي.

7. هڙپائي، حصاري (Hisar) ۽ سنڌو ماٿر جي ماڻهن جي انساني ڍانچن، کوپڙين ۽ کوپ_ ڏساڪن (Cranial Indices) بابت تجزياتي رپورٽ جو ڊگهي عرصي کان اوسيڙو هو جيڪا تازو ئي سرڪار (Sarkar) ڇپرائي پڌري ڪئي آهي. اها کوپ ڏساڪ ڪوٽڏيجي، آمري، هڙپا ۽ جنڪر (Junkar) دؤرن سميت تاپ حصار (4 هزار ورهيه ق. م) جي هڪ واڌ (extension) آهي. اهو تجزيو هڪ نئون در کولي ٿو ۽ اڳوڻي نظريي کي رد

ڪري ٿو تہ هڙپائي ماڻهو ڪي دراوڙ (پارپولا- آسٽرالسرا. -Parpola Australoids) هئا. سنڌو لکيت (Script) تي هلندڙ تحقيق جو بنياد ان نظريي تي رکيل آهي تہ سنڌو ماٿر جا ماڻهو دراوڙ هئا ۽ دراوڙي ٻولين جا ڪي قسم ڳالهائيندا هئا. انهن راهن تي ويچار ڪندي (يو ايس ايس آر U.S.S.R يونين آف سويٽ سوشلسٽ ريپبلڪس) فنلئنڊ (Finland) ۽ نيدرلئنڊس (Netherlands) جا عالم سنڌو لکيت جي مام پروڙڻ لاءِ ڪمپيوٽرن سان گڏ ٻيا ڪيترائي طريقا ڪم آڻي رهيا آهن. سنڌو ماٿر جا ماڻهو جيڪڏهن دراوڙ نہ هئا تہ پوءِ هنٽر (Hunter) کان پرپولا (Parpola) تائين سيني عالمن جو سمورو پورهيو محض ڪوڙا / غلط نتيجا ئي ڏئي سگهندو.

8. ديرانت پاٿر جمار (Late stone age) ۽ نوپهڻيءَ دؤران جيڪي ماڻهو هت رهيا، انهن جو ڏڍ تي سگهڻ لاءِ سنڌوءَ جي ميدانن جي گنجائش ڪيتري هئي، ان سلسلي ۾ منهنجو اڀياس ڏيکاري ٿو تہ لائلپور ۽ هڙپا جي ذڪر ۾ سنڌو ماٿر اهڙي قسم جي آباديءَ کي سهي سگهڻ لائق هئي، جنهن جو 80 سيڪڙو پوکراهپ ۽ 40 سيڪڙو شڪار ۽ ماهيگيريءَ تي ياڙيندڙ هجي. ٻئي برادريون ان ڪري، پڪ ئي، هڪ ٻئي جي پرپاسي ۾ ٻئي تي اثر وجهندي ۽ هڪٻئي جون خاصيتون جزب ڪندي اُسريون هونديون ۽ هڪ گڏپ ضرور ٿيي هوندي، جنهن ۾ دراوڙي ٻولين جو ڪجهہ حصو موجود هوندو. انساني ڍانچن ۽ کوپڙين جي تجزيي ڏانهن موٽ ڪائيندي، 71 ماپ انگ ڏيندڙ کوپ- ڏساڪ (Cranial Index of 71) اُها ساڳي ئي آهي، جيڪا پنجاب جي سکن ۽ ڇُهڙن جي آهي. اجا وڌيڪ اڀياس ٻڌائن ٿا تہ سکن جو واسطو پنجاب جي جٽ (Jutt) آباديءَ سان آهي. ڊاڪٽر سگرڊ ويسٽفال هيلبش (Sigrid Westfall Hellbush) جون تازيون تحقيقون ڏيکارين ٿيون تہ هاڻوڪي پاڪستان جي سنڌ ۽ پنجاب ۾ جٽن جي ڳڻپ 80 لک آهي. رسلي (Risley) پنهنجي تحقيق (1915ع) ۾ ٻڌايو تہ يارت پاسي اهو انگ اجا وڌيڪ آهي. جٽ سک هئڻ سان گڏوگڏ مسلمان بہ آهن

تہ هندو بہ. اتر انڊيا ۾ جٽن بابت گوها (Guha) ۽ پرڌان (Pardhan) سميت ٻين بہ ڪي ٿي اپياس ڪيا آهن. سنڌو سڀيتا سان گڏ اتر پرديش وارين ڪيترين ئي ايراضين ۾ انهن جي موجودي پرکي سگهجي ٿي. 400 کان 450ع ۾ جٽن جي مهنداري هيٺ مينهون پالڻ جو مرڪز هئي. اسان کي عرب ذريعن مان سُڌ ملي ٿي تہ انهن (جٽن) 636ع ۾ عربن خلاف ايرانين جي واهر ڪئي ۽ پارسين جي هار کان پوءِ ڪجهہ شرطن تي اهي عرب قوتن سان وڃي مليا. اهي جٽ سنڌ ۽ پنجاب مان هئا. 637ع ۾ اهي بصري ۾ وڃي آباد ٿيا. 662ع ۾ انهن ڪيڪان (قلات) والاري رکيو هو ۽ انهن مختلف وقتن تي مختلف ڪاهُن. جيئن هاريہ بن ابوالقيس (59/ 958ع) عبدالرحمان بن سامره (9662)، محلب بن اجي سفراع (25/ 664) ۽ عبدال العابدي (65/ 664ع) کي رد ڏنو. انهن رشيد بن عمر جديدي (668/69ع) خلاف ويڙهہ ڪئي. 694/95ع ۾ انهن کي حجاج بن يوسف پاران موڪل ڏني وئي تہ اهي وڃي ڪاسڪر (عراق) ۾ آباد ٿين. 712ع ۾ انهن سيوهڻ وٽ محمد بن قاسم سان ويڙهہ ڪئي ۽ 4 هزار ماڻهو قيد ڪيا ويا. 836ع ۾ سنڌ جي عرب گورنر عمران بن موسيٰ برمڪيءَ کي بولان لڪ وٽ جٽن ۽ ميدن (Meds) سان وڙهڻو پيو ۽ آئينده بغاوتن کان بچڻ لاءِ (اتي) ڇانوڻي ٺاهڻي پئي. 72/ 871ع ۾ سنڌ ۾ جٽ بغاوت تي ۽ انهن کي دٻائڻ لاءِ خليفي مهدي کي بغداد کان خصوصي لشڪر موڪلڻو پيو. 1026ع جي اوائل ۾ جٽن محمود غزنوي جو سامان ڦري ورتو. جڏهن هو سومنات کان موٽي رهيو هو. هو 1026ع جي سياري ۾ انهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ موٽي آيو ۽ ماٿيل (Upper) سنڌ تي قبضو ڪيائين. چچنامو ڪيترين ئي سنڌي ذاتين جو جٽ طور ذڪر ڪري ٿو جهڙوڪ: سهتا، لوهاڻا، لاکا ۽ سما. جٽن بابت مٿي ڏنل بيان جي روشنيءَ ۾ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ ڏاکڻي پنجاب جي آباديءَ جو وڏو حصو سنڌو جي مٿي ڄاڻايل هنڌن تان مليل کوپڙين جي تجزيي ۽ سرڪار جي رپورٽ موجب ساڳئي جٽي سان واسطو رکندڙ هو.

بيان ڪيل هن سڄيءَ ڳالهہ ٻولهہ مان پڌرو ٿو ٿئي تہ سنڌ جي آباديءَ جو وڏو حصو جتن تي ٻڌل آهي، جيڪو سنڌو ماٿر جي اڳ هڙپائي ۽ هڙپائي ماڻهن جا پوئيلا (پونير، پوئير، Descendents) آهن.

9. 18 سؤ کان 16 سؤ ق. م واري عرصي ۾ جيڪو موهن جي دڙي، آمري ۽ چانهوءَ دڙي جي پڇاڙيءَ وارو مدو آهي، جت قبيلا مينهون پالڻ جي ڌنڌي سان لاڳاپيل هئا. موهن جي دڙي ۾ مينهن جا هڏا مليا آهن. بيو تہ سنڌ ۽ ملتان ۾ عرب اقتدار کان گهڻو اڳ مينهن جي پالنا جتن سان لاڳاپيل آهي.

10. پرشيائي مڪران ۾ خوراب (Khurab?) [شايد خنجراب] وٽ لڌل هٿ_ ڪهاڙو سڀ کان آڳاٽي اهڙي لڌپ آهي، جيڪا انهن قبيلن جو ڏس ڏئي ٿي، جيڪي نيٺ موهن جي دڙي ۾ رهي پيا هئا. اهي قبيلا 150 + 2000 ق. م ڌاري مڪران جي ماٿر ڪيچ (ڪيچ) ۾ شاهي ٽمپ (Shahi Tump) ڏانهن هلي آيا. ويجهڙ تائين انهن قبيلن کي آريا سڏيو ويندو هو ۽ ساڳئي ئي وقت اهو سمجهيو ويندو هو تہ اهي ڪئسپين ڍنڍ (Caspian sea) وٽان آيا هئا. مسئلو اهو ناهي تہ اهي ڪٿان آيا، پر انهن جو ڏگ سدائين مڪران کان هوندو هو تہ جيئن اوچن جابلو سلسلن تان ٽپڻ کان بچي سگهجي. انهن جي پهچ جي ممڪن راهہ پرشيائي مڪران کان اورنگي – گُجو يا پنجگور_ مولا لڪ وٽان هئي. انهن قبيلن نيٺ سنڌو شهرن کي ڦريو ۽ پڙا ڇاڻي (آثارِ قديمہ) طور انهن کي هاڻي "سميٽري ايچ ماڻهو" سڏجي ٿو ۽ انهن جي لڌپ جي پنجين چوليءَ کي جنڪر (Junkar) ماڻهو سڏجي ٿو. پوٺ_ هڙپائي (Pat_Harappan) دؤر جي ابتدائي ڏينهن ۾ اها پهرئين ۽ بي لڌپ هئي. جنڪر ماڻهو جنڪر دڙي ۾ 1650 ق. م ڌاري آباد ٿيا. جنڪر ماڻهن پويان ايندڙ چوليءَ ۾ جهانگر (Jhangar) ماڻهو هئا، جيڪي 13 سؤ کان 12 سؤ ق. م جي وچ ۾ آيا. انهن ڏينهن تائين رگويدي آريا منظر تي اچا نہ اپريا هئا.

11. ان کان پوءِ بہ اپکنڊ ڏانهن ڪئسپن بڻ رکندڙ ايراني ماڻهن

جي نئين لڏپ ٿي، جنهن کي آمريءَ جي حوالي سان انين ۾ سنڌو سڀيتا جي ميسر (Fall) کان پوءِ چوٿين ڇولي سڏيو وڃي ٿو پر هن پيري اهي مهاراشٽر ڏانهن لڏي ويا.

12. نيٺ، 1050 کان 750 ق. م جي وچ واري عرصي دوران آرين ڪئسپين ڍنڍ کان ناپکنڊ ڏانهن لڏيو. هٽين (Hittian) بادشاهه سُبيلوليما (Subilulima) ۽ متانيائي (Miatannian)، بادشاهه متيواز (Mattiwaza) جي وچ ۾ ٺاهه (13 سؤ ق. م) متر (Mitra)، ورڻ (Veruna)، اندر (Indra) ۽ مستيا (Masataya) جا نالا ڄاڻائي ٿو جيڪي رگويدي آرين جا خدا / ديوتا (gods) هئا.* هٽين سلطنت لوهه رجائي سگهڻ وارو راز صدين تائين لڪائي رکيو. انڊو ڪئپسيائين (آرين) کي هٽين سان شايد ڪنهن قسم جو لاڳاپو هو. 12 سؤ ق. م ڌاري هٽين سلطنت ۾ ڦوٽ کان پوءِ ئي اهو ممڪن ٿي سگهيو تہ لوهه پگهرائڻ جا هنر اولهائين ايشيا، ڪيڪاس (Coucasus ڪوهه قاف) ۽ اوڀرائين ۽ مرڪزي يورپ ڏانهن پکڙيا، پر اپکنڊ ڏانهن نہ. اهو هنر ايران ۾ 11 ق. م ڌاري ۽ سوات ۾ 1050 ق. م ڌاري پهتو. بلوچستان ۾ ان جي موجودگي 850 ق. م ڌاري ثابت ٿئي ٿي. لوهه خاڪي ٺانون (Grey – ware) سان ۽ پوءِ آرين سان لاڳاپيل هو ۽ ان ڪري اهو سمجهڻ ئي درست ٿيندو تہ رگويادي آريا، انڊو پاڪ اپکنڊ ۾ 1050ع کان 750 ڌاري تائين واري عرصي دوران پهتا هوندا. ان ڪري آرين جي سنسڪرت ٻولي اپکنڊ ۾ انهيءَ عرصي کان آڳاٽي ۽ اترادي اپکنڊ جي ٻولين جي ماءُ ٿي ئي نہ ٿي سگهي. سنسڪرت هندو ٻاون جي طبقي جي ٻولي هئي ۽ اپکنڊ جي ڪنهن بہ صوبي جي (عوام جي) ٻولي نہ هئي. حقيقت ۾ ان جون پاڙون گهريون نہ هيون. 6 صدي ق. م ڌاري ٻڌمت جي اوسر سان مذهب جي رسمي ٻولي طور پالي (Pali) ڪم ايندي هئي، پر ان جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر ٿيو هجي، اهڙي

* [سنڌ جون ٻوليون مضمون ۾ هٽين بدران هتانيٽين (Hittitian)، متيواز بدران متياور (Mattiaver) ۽ مستيا بدران نتيا (Nattaya) نالا ڄاڻايل آهن. سنڌيڪار]

ڪا بہ شاهدي نہ ٿي ملي ۽ ان شاهديءَ جي بہ کوٽ آهي تہ ٻڌمت پنهنجي اوائلي ڏينهن ۾ ڪو سنڌ اندر پکڙيو هجي. چوٿين صدي ق.م ڌاري ماٿيل سنڌ ۾ برهمڻ ڏاڍا مضبوط هئا ۽ ان جي پڪي شاهدي ملي ٿي. سنڌ جي سرحدن ويجهو شهباز ڳڙهي ۾ اشوڪ (Asuka) پاران ٺُلهن تي ڪرايل اُڪر [جنهن وسيلي مختلف حڪم پڌرا ڪيا ويا] ۽ گنڌارا وارا نوشتہ (Inscriptions) ڏيکارن ٿا تہ پالي مقامي ٻولين جي اثر هيٺ اچي وئي هئي ۽ ان ڪيترائي مقامي ٻولين جا لفظ قبول ڪري ورتا هئا ۽ (Discipating) هئي. پالي اها ٻولي هئي، جيڪا بِهار ۾ ڳالهائي ويندي هئي ۽ اها چندر گپت موريا جي راڄوڪي (321_ 298 ق. م) هئي، جنهن ۾ ان کي سلطنت جي سرڪاري ٻوليءَ طور رائج ڪيو ويو هو. گنڌارا وارا نوشتہ ڏيکارن ٿا تہ پالي ٻولي ڪشميري، سنڌي ۽ سرائيڪيءَ سان ڪي ساڳيائپيون (Similiarities) پيدا ڪري ورتيون هيون. انهن ڏينهن ۾ ان جون اتر اولهائين اپکنڊ ۾ ٿي مختلف صورتون اڀري آيون هيون. پهرين سنڌ ۽ راڄپوتانہ ۾، پوءِ گجرات ۾ ۽ ٽين مرڪزي انڊيا ۾ پنهنجي صورت وڃائي پراڪرتن (Prakrits) کي جنم ڏيڻ جو سبب اُهو نہ هو تہ ڪو پالي ٻولي مقامي ٻولين سان رلي ملي وئي هئي. موريا دربار ۾ لڪشڻ (Lakhshan) 300 ق. م ڌاري پراڪرت ٻوليءَ جو وياڪرڻ (گرامر) لکيو هو پر ان بابت اهو چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ اهو ان پاليءَ جو وياڪرڻ آهي، جيڪا بِهار ۾ آخري صدي ق. م جي پوئين اڌ ۽ پهرئين صدي عيسويءَ جي پهرئين اڌ دوران ڳالهائي ويندي هئي. سنگم (Sangam) شاعري تامل ٻوليءَ ۾ ڪئي وئي. ان شاعريءَ ۾ سنڌي لفظ ۽ سنڌي وياڪرڻي لاڙا ڳولڻ لاءِ سنڌي عالمن اڃا ان جو اڀياس نہ ڪيو آهي. سنڌ ٻوڌين جي سگهاري اثر هيٺ ڪُشنن (Kushans) کان پوءِ ئي اچي سگهي (65_ 140ع) توڙي جو سِٿين (Scythians) ۽ پارٿِين (Parthians) ان کي سنڌ ۾ ڪي هڪ سؤ ورهيہ اڳ جاري ڪيو هو. ان ڪري ظاهر آهي تہ سنڌيءَ تي پاليءَ جو اثر پهرين صدي

عيسويءَ کان پوءِ ئي تي سگهيو هوندو.

13. مٿيون بحث ڏيکاري ٿو تہ مقامي ٻولين تي سنسڪرت جو اثر بلڪل ٿورو هو. اخميني (Achamenian) پارسين هاٺوڪو پاڪستان 519 ق. م ۾ فتح ڪيو پر پهلوي (Pahlavi) کي سرڪاري ٻولي طور رائج نہ ڪيو ان جي بدران انهن آرامي (Aramaic) ٻوليءَ کي پنهنجي سلطنت جي ٻوليءَ طور واهپي ۾ رکيو جنهن ڪري خروشتي (Kharoshti) لکيت (Script) اڀري ۽ اندين لکتن ۾ هڪ جاءِ والاريائين. 375 ق م ڌاري، آرامي ۽ فونيشين (Phoenician) لکيتن مان بروهڪي (براهوي Brahvi) ۽ خروشتي لکتون اڀريون، جن گهٽين ئي يورپي لکيتن کي جنم ڏنو. انهن لکيتن ۾ واولز (Vowels, سُرَ) نہ هئا ۽ اهي اناطولي (Antolian) اثرن جي ڪري پوءِ ڳنڍيا ويا.*

14. اڳ ڪيل ڳالهہ ٻولهہ مان اهو پڌرو آهي تہ اهي نہ تہ سامي ٻوليون هيون ۽ نہ وري سنسڪرت، جن سنڌي ٻوليءَ کي جنم ڏنو هجي. سنڌي ايڪنڊ ۾ اسريل اها ٻولي آهي، جيڪا ذڪر ايران کان ايندڙ انهن ماڻهن جي اُنن لاڏائو چولين، 1300 ق. م — 1100 ق. م تائين، سبب اڀري، جن کي اڄ آڳاٽا / قديم سِٿي (Ancient saythian) سڏيو وڃي ٿو. اهي پوءِ آيل سٿين جا ڏاڏاڻا هئا، جن 80 ق. م ڌاري [هاٺوڪي سڄي] پاڪستان ۽ پارت جي ڪجهہ حصي تي فتح حاصل ڪئي. سنڌين جا مهانڊا اهي ساڳيا آهن، جيڪي سٿين جا [۽] اها ڳالهہ رسلي، گوها ۽ سورلي (Sorley) سميت ايڪنڊ ۾ تحقيق ڪندڙ ڪيترن ئي مان- سڄاڻڪن (Anthropologists) جي بيان ڪيل آهي، انهن جي خيال موجب سٿين جا وڏا وڏا جٿا 80 ق. م

* (سنڌيڪار سمجهي ٿو تہ ڪا بہ ٻولي بنا واولس (Voweles) نہ ٿي تي سگهي البتہ اهو ٿي سگهي ٿو تہ واول جو تحريري نشان يعني اکر (letter) پوءِ ٺاهيو ويو هجي. هتي بہ تحريري نشان واري واول جو ذڪر آهي)

ڪان 46ع تائين سنڌ والارڻ لاءِ ايندا رهيا ۽ ان ڪري سنڌي ستين جهڙا ڏيکارجن ٿا. انهن کي خاطري هئي تہ سنڌو [راهپ وارا] ۽ اڳ سنڌو [راهپ وارا] ماڻهو دراوڙ هئا. جن کي اتر اپکنڊ مان ڏکڻ ڏانهن آرين تڙي ڪڍيو ۽ ان ڪري رڳو انڊو يورپين نسل اتر انڊيا ۾ رهجي ويو. اهو نظريو موهن جي دڙي، سيمٽري ايچ ۽ جنڪر ماڳن تان لڌل کوپڙين جي ڇڪاس کان پوءِ پوريءَ طرح رد ڪيو ويو آهي. اهي سمورا ماڻهو "آڳاٽا سِتي" هئا. جيڪي پاڻ آڳاٽا انڊو يورپين هئا ۽ شايد هڪ ٻئي سان ويجهي ماٽتي رکندڙ ٻولين مان ڪا هڪ ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ سنڌو ماٿر ايراضيءَ ۾ انهن ٻولين جي گڏپ هڪ نئين ٻولي يا ساڳي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي محاورن کي جنم ڏنو. اهو بہ ڏيکارجي ٿو تہ انهن ٻولين تي بنائتن (Original) وچيهٽي دراوڙ ماڻهن جو پڻ اثر پيو جن جي ماڻهو ڳڻپ 20_25 سيڪڙو تائين هوندي ۽ انهن جي ٻولين مان ڪيترائي لفظ ۽ وياڪرڻي گڻ جذب ڪيا ويا هوندا.

15. اها پڪ آهي تہ اپکنڊ ۾ سنسڪرت گهڻو دير سان پهتي ۽ ان هڪ محدود دائري اندر مقامي ٻولين تي اثر وڌو هوندو. چوتہ اها رڳو ٻاون جي طبقي جي ٻولي هئي. سنڌو راهپ جا هنڌ جيڪي هاڻي پنجاب جي حدن کان بہ ٻاهر اتر پرديش ۾ بہ لڌا ويا آهن ۽ ان جي اها وسعت ڏيکاري ٿي تہ سنڌو سڀيتائي ٻولي پڻ لاڏائن سان گڏ انهن ايراضين تائين سفر ڪيو ۽ مقامي دراوڙي ٻولين تي اثر وڌو جن مان اوڀرايون دراوڙي ٻوليون اڀريون جيئن: هندي، بهاري، بنگالي ۽ آسامي، جن تي موٽ ۾ وري سنڌن مقامي دراوڙ ٻولين اثر ڪيو. پالي ٻڌمت جي مذهبي ٻولي تي پئي ۽ ٻڌمت سڄي اپکنڊ ۾ ڪجهہ صدين لاءِ هڪ عوامي مذهب جي حيثيت اختيار ڪري ورتي. اها مقامي ٻولين جي اثر هيٺ وڌيڪ آئي، بنسبت ان جي تہ انهن تي هن جيڪو اثر ڇڏيو. پراڪرت سڏيون ويندڙ اپکنڊ جون مقامي ٻوليون، سمجهيو ٿو وڃي تہ مقامي ٻولين تي پاليءَ جي اثر جو نتيجو هيون. اها ڳالهہ شڪ جوڳي آهي، چوتہ سنڌو راهپ جي انڊو يورپين ٻولي ڏکڻ ۾ اڳ ئي

ڪاٺياواڙ تائين پهچي چڪي هئي ۽ مرهٽي (Marahati) ٻوليءَ جي اوسر ۾ اوس واهر ڪئي هونداڻين. پراڪرت مان سنڌيءَ جي اوسر بابت اهي وڏا وڏا بيان، جيڪي غلط رهنمائي ڪن ٿا، هيمچندر واري گرامر تي ٻڌل آهن. هو تيرهين صدي عيسويءَ ۾ مهاراشٽر جي چالڪايہ (Chaulukaya) بادشاهن جي دربار ۾ رهندو هو ۽ سنڌ سان سندس تعلق ڪو معمولي هو. پراڪرت ٻوليءَ جو اهو گرامر، جيڪو هن لکيو درحقيقت سندس دؤر جي مرهٽي ٻوليءَ جو گرامر آهي. هن سنڌ جي ٻوليءَ بابت لکيو تہ اها اپڀرنش (Apbharansa) سڏي وڃي ٿي، جيڪا ابيرن (Abhiras) (اهي جيڪي مال چاريندڙ هئا) جي ٻولي آهي، جيڪي راڳ ڳائيندا (گپت جهونگاريندا) هئا ۽ ان ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندا هئا. اپڪنڊ جي ڪيترن ئي ٻولي- ڄاڻڪن (Linguists) اهو بيان ڪم آڻيندي چيو آهي تہ سنڌي ٻولي پراڪرت مان ٻارهين صدي عيسويءَ کان پوءِ اسري، پر اها ڳالهہ سراسر غلط آهي. سنڌي نائين صدي عيسويءَ ۾ بہ ڳالهائي ۽ لکي ويندڙ ٻولي هئي، جيئن ڪيترين ئي عرب لکڻين منجهان بکي ٿو. اهڙو ڪوبہ نڪتو نہ ٿو ملي تہ اپڀرنش سڏي ويندڙ ٻولي سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. عرب ليکڪ چٽيءَ طرح بيان ڪن ٿا تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي.

16. اها دعويٰ تہ سنڌي هڪ سامي ٻولي آهي، ڪنهن بہ ٺوس بنياد تي ٻڌل ناهي. سنڌ ۾ 712ع ۾ عرب سوڀ کان اڳ ڪنهن بہ طرح سامي اثر موجود نہ هو. سنڌ ۾ عرب اقتدار پنجويهہ ورهين ۾ يعني 738ع تائين پڄاڻيءَ تي پهچي چڪو، جڏهن کان پوءِ اهو گهٽجڻ شروع ٿيو. 38/ 737ع ڌاري سنڌ جي مختلف شهرن مان عربن کي اٿاري محفوظ هنڌن ۾ آباد ڪيو ويو. جتان پوءِ وري لڏائي ان جي شهر برهمڻ آباد ۾ وسايو ويو، جنهن کي منصوره نالو ڏنو ويو هو. اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ڏهين صديءَ جي وچ ڌاري خود منصوره شهر ۾ سنڌي ۽ عربي ٻئي ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون، پر ڳادي (منصوره) جي ٻاهران (ان جي پرپاسي توڙي پري وارن ڳوٺن ۾) سنڌي هلندڙ

هئي. خاص ڪري ائين صديءَ جي پڇاڙي ۽ نائين صديءَ ۾ راهپي ڏي وٺ ٿي. پر حقيقت ۾ اها هڪ طرفي هئي يعني مختلف سائنسي شعبن ۾ مهارت رکندڙ عالم سنڌ ۽ اپکنڊ مان نڪري بغداد وڃڻ لڳا. عرب دنيا مان ڪي مذهبي پرچارڪ سنڌ ۾ آيا ۽ انهن ضرور سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن لفظن جو واڌارو ڪيو هوندو پر ائين جيئن هڪ ٻي مذهبي ٻولي پاليءَ اٺ سؤ ورهيه اڳ ڪيو هو. اهي مذهبي پرچارڪ نه هئا. جن سنڌ تي (مذهبي) اثر ڇڏيو پر اسماعيلي مبلغ (تبليغ ڪندڙ مذهبي پرچارڪ) هئا. جن ٻارهين صديءَ جي پوياڙيءَ، تيرهين صديءَ ۽ چوڏهين صدي عيسويءَ جي ابتدا دؤران مذهبي پرچار لاءِ مقامي ٻوليون ڪم آڻيندي ماڻهن تي (مذهبي) اثر وڌو.

سنڌيءَ ۾ عربي لفظن جو چڱو چوکو مقدار جذب ٿيو پر آڳاٽي سنڌي ڪيترن ئي عربي لفظن کان وانجهي آهي. عربي لفظن جي جذب پذيري فارسيءَ جي سڌي اثر جو نتيجو هئي، جيڪا سنڌ جي مڪاني سومرا دؤر جي پڇاڙيءَ کان وٺي سرڪاري ٻولي ٿي رهي. سنڌيءَ تي عربيءَ جي ان محدود اثر ڪري ائين وسهي نه ٿو سگهجي ته اها ڪو عربيءَ مان نڪتي آهي.

17. آخر ۾ نتيجو سهيڙيندي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت، پالي پراڪرت يا عربيءَ مان نڪتل / اسريل نه آهي. اها آڳاٽين انڊو يورپين ٻولين مان (جن مان سنسڪرت ۽ پهلوي ٻوليون پڻ اسريون) چوويهه سؤ ورهين جي عرصي دوران (3100_ 750 ق. م) اسري نڪتي. آڳاٽيون انڊو- يورپي ٻوليون ڳالهائيندڙ ايران ۾ "آڳاٽا سِتي ماڻهو" ڳالهائيندا هئا. جن سنڌو ماٿر سيپتا وارين ايراضين ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي ۽ دراوڙن سان لهه وچڙ ۾ آيا ۽ انهن ٻولين جي ميل جول هڪ نئين ٻولي پيدا ڪئي. تنهن کانپوءِ اها ٻولي هوري هوري اوڀر پاسي بنگال ڏانهن ۽ ڏکڻ پاسي مهاراشٽر ڏانهن سرڻ ۽ پکڙڻ لڳي ۽ مقامي ٻولين جا لفظ ۽ وياڪرڻي

گڻ جذب ڪندي وئي تان جو اپڪنڊ ۾ ڪيترين ئي انڊو- يورپي ٻولين جي اوسر لاءِ پيڙهہ رکيائين. پاليءَ جو ان تي تمام ٿورو اثر پيو. پراڪرت ٻوليءَ سان اُن جي هڪجهڙائيءَ جو سبب ان کان سواءِ ٻيو ڪو ناهي تہ پراڪرت ان مان ڦٽي نڪتي آهي. ان جو سنسڪرت سان ناتو پراڪرت جي پيٽ ۾ وڌيڪ پرانهون آهي. ان جون پراڪرت سان ساڳيائپيون محض ان ڪري آهن. جو ٻئي ايران مان آيل آهن. سنسڪرت اتر ايران ۽ ڪئسپيائي روس (Caspian Russia) مان ۽ سنڌي ڏاکڻي ايران مان. پر اپڪنڊ ڏانهن سندن لڏپلاڻ ۾ 2 هزار ورهين جي وٿي آهي. سنڌيءَ ۾ عربيءَ جي لفظن جي جذب پذيري ان ڪري ٿي جو عربي مذهبي ٻولي ٿي رهي ۽ انهيءَ حيثيت ۾ لاڳو ٿيندي رهي. 1000ع کان پوءِ سنڌي ڪيترين ئي سماجي- مذهبي سياسي تحريڪن جيئن اسماعيلي مت، صوفي مت ۽ جاگيرداريءَ خلاف تحريڪن کان اثر ورتو. اهو عرصو بهرحال، هن موضوع جي دائري کان ٻاهر آهي.

[نوٽ: هن متن ۾ ڪم آندل "سن ڪرٽا_ ڪاربہ_ تاريخڻ" (ريڊيو_ ڪاربان ڊيٽنگ Radio_corban dating) جي بنياد تي ٻيهاريل آهن ۽ انهن ۾ ايم. اي ايس. ڪي. اي (M.A.S.K.A) درستيون شامل ڪيل ناهن. مضمون ۾ ڄاڻايل سمورن سنن لاءِ ليکڪ جو ڪتاب ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ فرام جيالاجيڪل ٽائيمس ٽو دي رائيز آف سمازِان 1352 ڏسڻ گهرجي. اهي ڏکڻ اولهاوان ايراني.]

[ماهوار ڪينجهر، حيدرآباد جولاءِ 1995ع تان ورتل]

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي

# سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ۽ اوسر

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد بابت، ملڪ جي آزاديءَ بعد، سنڌ ۽ ڀارت ۾ جيترو گهڻو لکيو ويو آهي، اوترو ئي گهڻو مونجهارو پيدا ڪيو ويو آهي. انهيءَ جا مکيه سبب هن ريت آهن:

(1) سنڌيت جي جذبات وچان هر هڪ ڳالهه جو بنياد "مُئن جي دڙي" جي سڀيتا ۾ ڳولهڻ.

(2) هاڻوڪي سنڌيءَ جو لاڳاپو "مُئن جي دڙي" جي ٻوليءَ سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ (چاهي اُن جي سڃاڻپ اڃان تائين مڪمل طور تي نہ سگهي آهي).

(3) پراچين ڀارت جي ٻولين جي باريڪيءَ سان اُڀياس ڪرڻ کان سواءِ ئي، اِتهاس ۽ قديم آثارن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي قديم روپ جو انومان ڪرڻ.

(4) يورپي تاريخ نويسن ۽ ڀاشاوگيانين (لسانيات جي ماهرن) جي راين کي پرکڻ کان سواءِ جيئن جو تيئن دهرائڻ.

(5) ويدڪ سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ سان سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سنٻنڌ کي ناڪارڻ.

(6) تاريخي ڀاشا وگيان جي جديد اصولن جي ڄاڻ نہ هئڻ (ان ڪري هڪ ئي ليکڪ جي لکڻين ۾ پڻ گهڻيئي تضاد ڏسڻ ۾ اچن.)

هتي ٿوري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد بابت پيش ڪيل مکيه راين تي ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

### 1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيقي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جو ٽيون ايڊيشن، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان 1990ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. اِن ۾ قديم دؤر کان وٺي 1890ع تائين سنڌي ٻوليءَ جي اوسر تي ويچار ڪيل آهي. اِن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد بابت ڊاڪٽر بلوچ پنهنجو نظريو هن ريت پيش ڪيو آهي:

(1) سنڌ جي قبل از تاريخ قديم تهذيب جي ٻوليءَ جا آثار "مٽن جي ڏڙي" جي ڪنڊرن مان مليل مهرن ۾ محفوظ آهن. اِنهيءَ قبل از تاريخ قديم ٻوليءَ جي حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اُها ڪا "سامي- صفت" ٻولي هجي، جيڪا عراق جي قديم "سُميري تهذيب" جي ٻوليءَ جي سائٽياري هئي. مقامي طور اُن جي دراوڙي سلسلي سان نسبت ٿي سگهي ٿي.

(2) موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اُسري. اُها "هند- آريائي" ٻولي آهي. لهندا (سرائيڪي، بهاولپوري، ملتاني، ديري والي، هندڪو)، ڪشميري ۽ اُترئين سنڌوماٿر جون داردي ٻوليون، اُن جون ڀينرون آهن. ٻُودو باش جي لحاظ سان اِهي مڙيئي سنڌو ماٿر جي آڳاٽين هند- آريائي ٻولين کان نراليون آهن. ڇاڪاڻ تہ اِنهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ مُنڊا ۽ دراوڙي ٻولين کان سواءِ هند- ايراني ۽ اولهہ کان داخل ٿيندڙ ٻين ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي.

(3) سنڌي انهيءَ وراچڊ اُپڀرنش مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو

اڳين تحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ تيار ٿيو. اُن جو بڻ - بنياد اُن جو پنهنجو موروثي سرمايو ٿي آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت کان اڳ واري "پروٽو- پراڪرت" يا "پهرين پراڪرت" تائين پهچي ٿي. (صفحو 32_33).

هتي ٿوري ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ تي ويچار ڪجي ته هُن پنهنجي ڪتاب ۾ "مُئن جي دڙي" جي ٻوليءَ کي "سامي صفت" (يعني سيميٽڪ ٻولين- سرياني، عبراني، حبشي عربي ٻولين جهڙي) ليکڻ لاءِ ڪوبہ وزندار دليل نہ ڏنو آهي. مئن جي دڙي جي تهذيب وارا ماڻهو عراق، ببيلان وغيره مغربي ملڪن مان آيا هئا. اِهو نظريو هاڻي رد ٿي چڪو آهي. علم قديم آثار جا عالم هاڻي اِها ڳالهہ خاطريءَ سان ثابت ڪري چڪا آهن تہ اِن تهذيب جا ماڻهو اِنهن علائقن جا اصلوڪا رهاڪو هئا. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ واپار سانگي اِنهن جي اچ وڃ مغربي ملڪن ۽ ڪن ٻين علائقن ۾ ٿيندي هئي. ٻيو تہ مئن جي دڙي مان لڌل مهرن جي ٻوليءَ جي سڃاڻپ اجاتائين خاطريءَ جوڳي نہ ٿي سگهي آهي. ڊاڪٽر بلوچ جو اِهو نظريو صحيح آهي تہ موجوده سنڌي ٻولي، سنڌ جي پراڪرت يا پراڪرتن مان ٿي اسري آهي، پر انهيءَ جو سنٻنڌ ويدن جي سنسڪرت ۽ اپڀرنش سان ڪهڙو آهي، تنهن کي هو سمجهي نہ سگهيو آهي. اِن ڪري سندس ڪتاب جو پهريون باب گهڻن ئي تضادن ۽ غلطين سان ڀريو پيو آهي. هن جي خيال ۾ سنڌ واري علائقي ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جي پهچ ئي ڪانہ هئي. سنڌي ٻوليءَ تي سنسڪرت جو ٿورو گهڻو اثر، جيڪو نظر اچي ٿو اُهو پاليءَ ذريعي پيو. اِن مان بہ صاف ظاهر آهي تہ کيس اِها ڄاڻ نہ آهي تہ پالي ٻوليءَ ۽ سنسڪرت جي وچ ۾ شبد- سنگرهہ ۽ وياڪرڻي ٻيهڪ جي لحاظ کان تمام گهڻي مشابهت آهي.

**2. سراج الحق جو رايو:**

سراج الحق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ کي رد ڪرڻ لاءِ "سنڌي ٻولي" ڪتاب لکيو جيڪو اپريل 1964ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿيو. هن کي اِن ڳالھ تي سخت اعتراض هو تہ مٿن جي دڙي جي ٻولي ڪا سامي صفت زبان هئي ۽ اُن تهذيب جا اڏيندڙ عراق، شميريا غيرملڪن مان سنڌ ۾ آيا هئا. سراج پنهنجي ڪتاب ۾ پيش ڪيل نظريي کي هن ريت سمجهايو آهي:

> "باوجود اِن ڳالھ جي تہ سنڌي ۽ سنسڪرت جو ماٺتاٺو ناتو ثابت ٿئي ٿو سنڌيءَ جي تاريخ سنسڪرت کان بہ ڳُهني آهي، ۽ هڪ طرح سان سنسڪرت ۽ اُن سان لاڳاپيل تمدن، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان اُسريا آهن... سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي موهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جواِن کان بہ وڌو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي، سڌيءَ طرح نہ سهي، اَڻ سڌيءَ طرح سهي."
> (پيش لفظ)

اِن ڪتاب جي ديباچي ۾ مشهور سنڌي عالم محمد ابراهيم جويي، سراج جي راءِ کي وڌيڪ چٽيءَ طرح سمجهائيندي لکيو آهي، "(هاڻوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت (۽ ٻيون اڪثر هند- پاڪستاني ٻوليون) سڀئي ڪنهن هڪڙيءَ ساڳيءَ آڳاٽيءَ (اوائلي) ٻوليءَ مان نڪتل آهن، جن کي پڻ هو "سنڌي" سڏي ٿو پر جنهن لاءِ هو شايد "پروٽو- سنڌي" يا "پروٽو- اِنڊڪ" (يا پروٽو هند- يوروپي) لفظ استعمال ڪرڻ وڌيڪ موزون سمجهندو. اُن آڳاٽيءَ ٻوليءَ متعلق سندس راءِ آهي تہ اُها اصل هتي سنڌ ماٿريءَ ۾ ئي پيدا ٿي، ۽ سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو ئي پوءِ اُن کي هند- پاڪستان جي ٻين حصن ۽ اُن کان ٻاهر ٻين ملڪن ڏانهن پاڻ سان کڻي

ويا، جتي اُها ماحول جي تبديليءَ ۽ نين ضرورتن سبب الڳ الڳ ٻولين جي صورت اختيار ڪري ويئي... لائق مصنف اِن آڳاٽي ٻوليءَ جا تحريري نشان موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي مُهرن ۾ موجود سمجهندي، انهن مهرن ڪي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ جيڪي پڙهڻيون هو قائم ڪري سگهيو آهي، تن مان هو اِهو نتيجو ٿو ڪڍي ته اسان جي (هاڻوڪي) سنڌي ٻولي، سڌيءَ طرح اِن آڳاٽيءَ ٻوليءَ جي اُسريل ۽ ترقي يافته صورت آهي." (ص 17_18)

سراج جي هن نظريي ۾ سنڌيت لاءِ سندس پريم جو جذبو صاف ظاهر آهي. مٿن جي دڙي جي ٻوليءَ کي "سنڌي" سڏڻ سان اِهو ڀرم پيدا ٿئي ٿو ته هاڻوڪي سنڌي ٻولي اُن وقت به ساڳيءَ صورت ۾ اُن ايراضيءَ ۾ مروج هئي، جيڪا ڳالهه تاريخي ڀاشا وگيان (لسانيات) جي اُصولن خلاف آهي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي هر هڪ ٻوليءَ ۾ ڦيرو اچڻ لازمي آهي. سنڌيءَ مان سنسڪرت نڪتي آهي، اِهو چوڻ به ڀاشا وگيان جي نيمن خلاف آهي. سنسڪرت، سنجوڳي منزل (synthetic stage) واري ٻولي آهي، ان جي اچارن ۽ وياڪرڻي ٻيهڪ وارو سرشتو گهڻو پيچيده ۽ اوکو آهي. ٻئي طرف هاڻوڪيون هند_ آريائي ٻوليون (analytical stage) واريون آهن. ٻولين ۾ ڦيرگهير هميشه پيچيدي ۽ اوکي سرشتي کان آسان ۽ سوکي سرشتي طرف ٿيندي آهي، جن جو آڌار اُچار سهنج (simple pronuciation)، ڪشالي جو سنجم (economy of effort) وغيره هوندا آهن. اِن ڪري سنڌيءَ مان سنسڪرت جو جنم ٿيو اِهو چوڻ درست نه آهي."

## ڊاڪٽر غلام علي الانا جو رايو:

ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" نالي ڪتاب لکي، حيدرآباد_ سنڌ مان جنوري 1974ع ۾ شايع ڪرايو. ان ۾ هو سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ دراوڙي ٻولين سان ڪرڻ بعد، هيٺين نتيجن تي پهتو آهي:

(1) آرين جي اچڻ کان اڳ برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالو هيون. ان ڪري چئبو ته سنڌوماٿر ۾ به آرين جي اچڻ کان اڳ ڪا

غير آريائي ٻولي چالو هئي. اِنهيءَ آڌار تي چئبو تہ موهن جي ڊڙي واري ٻولي بہ ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي.

(2) موهن جي دڙي واري قديم تهذيب ۽ قديم ٻولي، دراوڙي تهذيب ۽ دراوڙي ٻوليءَ جي نشاني آهي.

(3) سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي نظام، دراوڙي ٻولين جي صوتياتي نظام سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

(4) سنڌي ٻوليءَ جي صرفيائي ۽ نحوي ستاءُ. دراوڙي ٻولين جي صرفيائي ۽ نحوي ستاءُ ۾ هڪجهڙائي آهي.

(5) سنڌي ٻولي بنيادي طور غير_ آريائي ٻولي آهي، جنهن کي "سِئندَوَ" ٻولي يعني سنڌي ٻولي چئي سگهجي ٿو جا بنيادي طور توراني ٻولين جي خاندان سان واسطو رکي ٿي.

(6) فنس ۽ روسي ماهرن جي راءِ موجب، دراوڙي ٻولين ۽ موهن جي دڙي جي قديم ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي آهي، تنهن ڪري ائين چئبو تہ دراوڙي ٻولين جي موهن جي دڙي جي ٻوليءَ سان ڪا نسبت آهي. اهي ماهر اِنهيءَ راءِ جا آهن تہ موهن جي دڙي جي ٻولي، دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد آهي.

(7) جيڪڏهن ڪالڊويل جي راءِ موجب، دراوڙي ٻوليون "ستين ٻولين" جي معرفت توراني خاندان سان هڪجهڙائي رکن ٿيون، تہ پوءِ هيئن چونہ چئجي تہ دراوڙي ٻولين جو بڻ_ بنياد موهن جي دڙي واري ٻولي آهي، ۽ موهن جي دڙي واري ٻولي يعني "سئندوي ٻولي" (سئندويءَ سِندوي، سنڌي) جو بنياد توراني ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو.

(8) سنڌي ٻولي آرين جي اچڻ کان اڳ، موهن جي دڙي واري قديم تهذيب جي ٻولي هئي، جنهن تي پهرين داردي ۽ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر ٿيو ۽ اُن کان پوءِ سنسڪرت جو

پوءِ پاليءَ جو. انهيءَ لحاظ سان سنڌي ٻوليءَ جو شجرو هن ريت بيهندو:

تُوراني ٻولي

موهن جي دڙي واري ٻولي

دراوڙي | بروهڪي | سَئِنڌو

سَئِنڌو

قديم سنڌي

وچين دؤر واري سنڌي

هاڻوڪي سنڌي

(9) مختلف ٻولين جي اثر جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ جو صرفي ۽ نحوي سٽاءُ گهڻو ڪري ساڳيو رهيو. البت ٻوليءَ جو لفظي خزانو گاڏڙ بڻجي ويو.

(10) مٿين نتيجن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي غير- آريائي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي جي قديم تهذيب ۾ کُتل آهن ۽ جيڪا ساڳي موهن جي دڙي واري قديم ٻولي آهي، سَئِندوَ- سَئِندوي- سِندوي مان روپ بدلائيندي سنڌي سڏجڻ لڳي آهي. جا مختلف ٻولين کان اثر وٺندي، جيئندي، پنهنجي خوبين ۽ انوکين ڳالهين کي پاڻ بچائيندي ۽ محفوظ رکندي، اَڄ به پنهنجي انفراديت قائم رکيو بيٺي آهي.“

ڊاڪٽر الانا جو اهو نظريو تہ موهن جي دڙي جا رهاڪو دراوڙ هئا ۽ سندن ٻولي پروٽو دراوڙي هئي، انهيءَ جي مخالفت گهڻن ئي عالمن ڪئي آهي، جيڪي موهن جي دڙي جي سڀيتا جي هڪجهڙائي ويدڪ آرين جي سنسڪرتيءَ سان ڏيکارين ٿا. هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن ڪجهہ دراوڙي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ ملن ٿا تہ اُنهن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جو بنياد قديم دراوڙي ٻوليءَ مان ليکڻ غلط آهي. اهڙا لفظ تہ سڀني هند۔ آريائي ٻولين ۾ ملن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ ٻين هند۔ آريائي ٻولين جهڙي آهي، جيڪي اِن ڪتنب جي پراچين ٻولين (ويدڪ سنسڪرت، سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش) سان گهڻي سمانتا رکن ٿيون. سنڌيءَ ۾ جيڪي نراليون خاصيتون (جيئن تہ چوسٽا آواز ضميري پڇاڙين جو اسم، فعل ۽ حرف جر سان استعمال) ملن ٿيون، انهن جو ڪارڻ ڦهلاءَ دوران ٻين ٻولين جو اثر آهي. انهن کي ڏسي سنڌيءَ جو بنياد غير آريائي ٻوليءَ مان ليکڻ، تاريخي ڀاشا وگيان جي اصولن خلاف آهي.

ڊاڪٽر الانا هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ کي هڪ غير۔ آريائي زبان ثابت ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفيائي ۽ نحوي سٽاءَ جي مشابهت دراوڙي ٻولين سان ڏيکارڻ لاءِ جيڪي مثال ڏنا آهن، اُنهن ۾ ڪوبہ وزن نہ آهي، ۽ اُهي غلطين سان ڀريا پيا آهن.

حقيقت ۾ هاڻوڪي سنڌيءَ جي اُچارن جو سرشتو توڙي وياڪرڻي بيهڪ ٻين هاڻوڪين ڀارتي آريہ ٻولين جهڙي ئي آهي.

**4. ايم ايچ پنهور جو رايو:**

سنڌ جي هڪ ٻئي عالم ايم ايچ پنهور، سنڌ جي اِتهاس، جاگرافيءَ ۽ آرڪيالاجيءَ جو گوڙهو اڀياس ڪيو آهي. قديم سنڌ جي ٻولين ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت سندس هڪ مقالو "سنڌ ڪوارٽرلي" (ڪراچي، 1985ع، نمبر2) ۽ "ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ" (سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1988ع) ۾ شايع ٿيو آهي. پنهور جي راءِ موجب، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ۔ بنياد پروٽو

اِنڊو- يورپي ٻولي آهي. اُن جي اوپر واري شاخ آهي "پروٽو اِنڊو- ايراني". اِن مان پروٽو ايراني (اوستا، پهلوي، فارسي) پروٽو- سنسڪرت (رگويد جي سنسڪرت ۽ ڪلاسيڪل سنسڪرت)، پروٽو- اِنڊين (پروٽو- سنڌي، پروٽو لهندا، پروٽو پنجابي، ڀارت جون ٻيون آريائي ٻوليون) نڪتيون آهن. هن جي راءِ موجب سنڌو ماٿر واري ايراضيءَ ۾ آسي سيڪڙو اِنڊو- يورپي قبيلا هئا ۽ فقط ويهه سيڪڙو ڪن دراوڙ لوڪ ۽ ٻيا آدي واسي قبيلا هئا. موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي سيتا ۾ اِنهن لوڪن جي گڏيل سنسڪرتيءَ جا اُهڃاڻ ملن ٿا.

پنهور جي سمجهاڻي گهڻي قدر صحيح هوندي پڻ اُن ۾ دؤرن جا تفصيل جيڪي هُن مقرر ڪيا آهن، اُنهن ۾ گهڻيئي تضاد آهن. هُن رگويد جي سنسڪرت جو زمانو عيسوي سن کان اڳ هڪ هزار کان ڇهه سؤ سالن وارو ڏيکاريو آهي، جيڪو بلڪل قبولڻ جوڳو نه آهي.

**5. ڀارتيه آريه ٻولين جي اوسر:**

هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ۽ ٻين گهڻن ئي سنڌي عالمن سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان ڄاڻايو آهي. هنن اُن جي وڪاس (اوسر) جو سلسلو هن ريت سمجهايو آهي:

ويدڪ سنسڪرت بدلجي ڪلاسيڪل سنسڪرت جو روپ ورتو جنهن مان پوءِ پاليءَ جو، پوءِ پراڪرت ٻولين جو ۽ اُنهن مان اپڀرنش ٻولين جو وڪاس ٿيو. عيسوي ڏهين صديءَ جي آس پاس، جدا جدا علائقن ۾ اپڀرنش ٻولين بدلجي هاڻوڪين ڀارتي آريه ٻولين جي منزل ۾ پير رکيو. حقيقت ۾ ڏسجي ته هاڻوڪين ڀارتي ٻولين جو وڪاس، اِن طرح سنئون سڌو ساهتيه ۾ هلندڙ سنسڪرت، پاليءَ، پراڪرت ۽ اپڀرنش ٻولين مان نه ٿيو آهي. لکيل ساهتيه جي درجي تي پهچڻ شرط هرهڪ ٻولي وياڪرڻ جي نيمن ۾ جڪڙجي ويندي آهي. اُن ۾ پوءِ ڦيرگهير ٿيڻ گهڻي قدر بند ٿي ويندي آهي، پر اُنهيءَ جي برابر ٻور- وڃونئيءَ تي (Parallel) هرهڪ ادبي

ٻوليءَ جو ٻول چال وارو روپ بہ هوندو آهي، جيڪو وڌيڪ لچڪيلو هوندو آهي. اُن ۾ ٻين ٻولين جا لفظ پڻ ججهي تعداد ۾ پيا ڪتب ايندا آهن. وياڪرڻي ٻيهڪ جي خيال کان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ اُن ادبي ٻوليءَ جي جدا جدا اُپياشائن جا روپ بہ ڪتب پيا ايندا آهن. ٻول چال واريءَ اهڙي ٻوليءَ جا ڪجهہ لفظ وياڪرڻي پريوگ، وقت گذرندي، پوءِ لکيل ادبي ٻوليءَ ۾ بہ داخل ٿي ويندا آهن. اِن طرح اڄوڪي ادبي سنڌيءَ ۾ بہ گهڻيئي انگريزي، هندي، گجراتي، مراٺي لفظ واهپي ۾ اچي ويا آهن. ساڳيءَ طرح، ڪجهہ اُپياشائن جا وياڪرڻي پريوگ بہ آدبي لکڻين ۾ داخل ٿي ويا آهن. جيئن تہ: "اسين وڃون ٿا" بدران "اسان وڃون ٿا"، "ويندس" بدران "ويندم"، "لکندس" بدران "لکندم"، "هن وٽ" بدران "سندس وٽ"، "هن کي" بدران "سندس کي".

ٻولين جي تبديل ٿيڻ جي انهيءَ عام ريت کي ڌيان ۾ رکندي، اِهو چوڻ وڌيڪ درست آهي تہ هن وقت ڀارت جي پراچين ٻولين ۾ جيڪو ساهتيہ ملي ٿو اُنهيءَ جي برابر اُن زماني ۾ جيڪي ٻول چال ۾ واهپي ۾ ايندڙ جدا جدا علائقن ۾ ڀارتي آريہ ٻوليون هيون، تن بدلجي هاڻوڪين ڀارتي آريہ ٻولين جو روپ اختيار ڪيو آهي.

**ڀاشا وگيانين هاڻوڪين ڀارتي آريہ ٻولين جي وڪاس جون مکيہ ٽي منزلون ڄاڻايون آهن، اُهي هن ريت آهن:**

ڀارتي آريہ ٻولين جي پراچين منزل (عيسوي سن کان 600 ورهيہ اڳ ڀاڳتي ڦيءَ کان وٺي، عيسوي سن کان ڇهہ هزار کن سال اڳ وارو دؤر):

هن زماني ۾ اُتر ڀارت ۾ ويدڪ سنسڪرت (ڇندس يعني رگويد جي منترن جي ٻولي) سان مشابهت رکندڙ گهڻيئي ٻول چال ۾ مروج ٻوليون هيون، جن کي "اوائلي يا بنيادي پراڪرت ٻوليون" (Primary Prakrits) نالو ڏنو ويو آهي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي اِنهن ٻولين جو ڪهڙو روپ هئو تنهن جي جهلڪ اسانکي رگويد جي منترن جي ٻوليءَ مان ملي ٿي.

عيسوي سن کان اٽڪل ٽي هزار کن سال اڳ، مهاڀارت واري زماني ۾ مهرشي ڪرشڻ دوئيپاين ويدوياس ويدن جي منترن مان گڏ ڪري، اُنهن جو چئن ويدن (رگويد، يجر ويد، سام ويد ۽ اٿر ويد) جي روپ ۾ اٿلايو. انهيءَ صورت ۾اهي منتر اسان تائين پهتا آهن. ويدوياس کان اڳ پڻ ڪن رشين منين منترن جا سنگرهہ (مجموعا) تيار ڪيا هئا. جيڪي زماني جي اُٿل پٿل ۾ سلامت نہ رهي سگهيا. ڀارتي رواج موجب ويدن جا منتر ايشوري آواز آهن، جيڪي رشين منين اُچاري ڏهرايا. اِن ڪري ويدوياس اُنهن جي اُچارن ۽ وياڪرڻي ڀيهڪ کي جيئن جو تيئن اصلوڪي روپ ۾ درج ڪرڻ جي ڏِس ۾ گهڻيءَ خبرداريءَ کان ڪم ورتو. اِهو ئي سبب آهي جو منترن جي اُچارن ۽ وياڪرڻي روپن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيهڪ وارا لفظ ملن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اِنهن جا اُچاريندڙ رشي ڀارت جي الڳ الڳ علائقن جا رهاڪو هئا. اِن کان سواءِ منترن جي رچنا جو وقت بہ جدا جدا هئو. جيئن تہ:

1. داتم، داتوي، داتوَئي= ڏيڻ لاءِ
2. دَت، دِڻڻ، دِننَ= ڏنو
3. ديواهہ، ديواسہ= ديوتائون.
4. نوَم، نَويم، نوتنم= نئون.
5. شيتم، شڌتم= سندر، شبهہ.

پاڻني رشيءَ (عيسوي سن کان 500 ورهيہ اڳ) جي زماني ۾ ويدڪ سنسڪرت ۽ سماج جي اعليٰ طبقي وارن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي سنسڪرت ۾ ايترو تہ ڦيرو اچي ويو، جو منترن جي ٻولي "ڇندس" عام ماڻهن توڙي برهمڻ ورگ جي سمجهڻ کان بہ گهڻي قدر ٻاهر ٿي ويئي. اِن ڪري ويدڪ سنسڪرت جي شبد ڪوشن ۽ لفظن جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ "نِرڪت" جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. منترن جي صحيح اُچارن کي قائم رکڻ لاءِ پراتساکيہ گرنٿن جي رچنا ڪئي ويئي ۽ پدپاٺ وغيره طريقن سان منتر شُڌ روپ ۾ ياد ڪرڻ جي روايت بہ عمل ۾ آئي. اِهي طريقا پاڻنيءَ

جي دؤر کان ڪجهہ صديون اڳيئي اختيار ڪيا ويا هئا.

مها رشي پاڻني شالاٿر جو رهاڪو هو. اِهو آٽڪ جي ويجهو سنڌوندي‌ءَ ۽ ڪابل نديءَ جي سنگم کان اُتر- اولهہ طرف، چئن پنجن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ننڍو ڳوٺ هو. هن سنسڪرت جي تعليم اُن زماني جي مشهور تڪسشلا وشووديالیہ (ٽيڪسيلا جي جڳ مشهور درسگاهہ) ۾ حاصل ڪئي. اُن کان پوءِ پاڻنيءَ پنهنجي زماني جي ٻوليءَ جو مطالعو ڪرڻ لاءِ ڀارت جي جدا جدا ايراضين ۾ ويجي، اوڀر ڀارت ۽ مگڌ واري علائقي تائين سير سفر ڪيو. اُن بعد پنهنجي وسيع اڀياس جي آڌار تي، سماج جي اعليٰ طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جا نيم ٺاهيا آهن. هُن اُن ٻوليءَ کي "ڀاشا" (يعني جيڪا ٻول چال ۾ هلندڙ آهي) نالو ڏنو آهي ۽ اُن جي ڀيٽ ۾ ويدڪ ساهتيہ جي جهوني ٻوليءَ کي "ڇندس" سڏيو آهي، يعني جيڪا ويد منترن جي ٻولي آهي. ڀاشا تي پوءِ وقت گذرندي نالو پيو "سنسڪرت" يعني "سنسڪار ڪيل، معياري ٻولي". ڪن يورپي عالمن پرم وچان سنسڪرت کي پاڻنيءَ جي گهڙيل نقلي (Artificial) ٻولي ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا بلڪل غلط ڳالهہ آهي. پاڻنيءَ جي ان ڪوشش جي جيڪڏهن باريڪيءَ سان اڀياس ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ هُن گهڻن ئي هنڌن تي ٻوليءَ جي علائقائي تفاوتن طرف بہ اشارو ڪيو آهي، جيئن تہ بياس نديءَ جي ويجهو پکن کوهن ۽ ڪچن کوهن جي نالن جي اُچار ۾ فرق، پوربي ڀارت ۾ مروج راندين جو ذڪر، سالو جنپد ۾ نهندڙ رٿڙ وغيره جا نالا.

هاڻي ڇنبو تہ ڀارتيہ آريہ ٻولين جي پراچين منزل ۾ هيٺيون ٻوليون شامل آهن:

1. **اوائلي پراڪرت ٻوليون** (Primary Prakrits): انهن مان مڌيہ ديش ۽ سپت سنڌوءَ وارين ايراضين جي ٻولين جي آڌار تي هڪ ادبي ٻوليءَ "ڇندس" يا "ويدڪ سنسڪرت" جو وڪاس ٿيو جنهن جي روپ جي جهلڪ اسان کي رگ ويد جي منترن جي ٻوليءَ ۾ ملي ٿي.*

* مي نڪتو ساڳيو سراج صاحب واري نظريي کي ثابت ڪندڙ لڳي ٿو (سنڌيڪار)

2. **سنسڪرت يا ڪلاسيڪل سنسڪرت:** ٽن هزارن سالن جي عرصي ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي اوائلي پراڪرت ٻولين جي روپ ۾ ڦيرو اچي ويو. ان جو اثر ادبي يا ساهتيڪ لکٽين جي ٻوليءَ تي بہ پيو. گهڻيئي جهونا لفظ وياڪرڻي روپ واهپي مان نڪري ويا. اُچارن ۾ آوازن جي لاهي چاڙهيءَ جي اهميت بہ گهٽجي ويئي. منترن جي ٻوليءَ جو اِهو سرل ۽ بدليل روپ اسان کي براهمڻ، آرڻيڪ، اُپنشد ۽ سوتر گرنٿن جي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو جنهن جو ذڪر پاڻنيءَ "ڀاشا" (سنسڪرت) نالي سان پنهنجي وياڪرڻ ۾ ڪيو آهي.

3. **ٻول چال ۾ مروج ٻيون غير_ آريائي ٻوليون:** پاڻنيءَ جي زماني تائين پراچين ڀارت ۾، سنسڪرت سڻ جي ٻولين سان گڏوگڏ، جدا جدا علائقن ۾، ٻول چال ۾ ٻيون بہ غير _ آريائي ڪٽنبن جون ٻوليون مروج هيون، جن ۾ اُن دؤر ۾ لکيل ڪوبہ ساهتيہ نہ مليو آهي. جيئن تہ_ دراوڙ لوڪن جي تامل ۽ اُن جون اُپڀاشائون، نشاد يا آسترڪ لوڪن جون ٻوليون (ڪول يا مُنڊا ڪٽنب جون ٻوليون)، ڪرات لوڪن جون تبتي – چيني ڪٽنب جون ٻوليون. اِنهن مان جهوني تامل ۾ لکيل ساهتيہ عيسوي سن جي شروعاتي دؤر کان وٺي ملي ٿو.

رگويد جي منترن ۾ پڻ ڪن ڀارتي ٻولين جا حوالا ملن ٿا. مثال طور_ آريہ ٻوليون_ (14.122.1)، گلچا يا شڪ ٻوليون – (20.1.8) مدي ڀاشا_ (11.167.1)، گنڌار جي ٻولي_ (6.80.10)، پئشاچي ڀاشا – (2.98.7)

ڀاشا وگيان جي اُصولن موجب ڪنهن هڪ ايراضيءَ ۾ جڏهن جدا جدا ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، تڏهن اُن جو هڪ ٻئي تي اثر پوڻ لازمي آهي. اِن لحاظ کان سنسڪرت تي بہ غير آريائي ٻولين جو اثر پيو آهي. اِن جي جهلڪ اسان کي هڪ ئي لفظن جي جدا جدا اُچارن ۾ ۽ اُڌارن ورتل لفظن ۾ نظر اچي ٿي.

مثال طور: 1. هڪ ئي لفظ جا جدا اُچار (ڀاسڪ جي نرڪت ۾ ڏنل)

لوٺتي- لونتي (ص 198)

رَجتِ – لجت (ص 198)

هَرت- سَرِت ص 161)

شَوِت...... (ص 104)

ڪمبوج لوڪ "شوِت" ڪريا وڃڻ جي معنيٰ ۾ ڪتب آڻيندا آهن. اِن جو بدليل معنيٰ ۾ لفظ شَوَ (يعني بي جان جسم، لاش) آريہ ٻولين ۾ استعمال ڪيو ويجي ٿو.

سنسڪرت ۾ ٻين ٻولين جا لفظ: (ميمانسا درشن- "جيمني" ۾ ڏنل) پڪ، نَوم، ست، تام رس، ڦارس (پارسِڪ) تربوج وغيره.

ان جي پيٺ ۾ پاڻنيءَ جي دؤر تائين پهچنديءَ سنسڪرت جو ڦهلاءُ سڄي ڀارت ۾، ۽ اُنهيءَ جي حدن کان ٻاهر پڻ گهڻن ئي علائقن ۾ ٿي ويو. اِن ڪري سنسڪرت شبد تتسم ۽ تديو روپن ۾ ڀارت جي سيني ٻولين ۾ ملن ٿا.

**(2) ڀارتيہ آريہ ٻولين جي وچين منزل (500 سال ق. م کان 1000ع تائين)**

عيسوي سن کان اٽڪل 500 سال اڳ، ڀارت جي اوپر وارن علائقن ۾ رهندڙ آريہ لوڪن جون اوائلي پراڪرت ٻوليون، پراچين منزل پار ڪري وچين منزل ۾ داخل ٿي چڪيون هيون. پوءِ اِها تبديلي ڀارت جي ٻين حصن جي ٻول چال وارين آريہ ٻولين ۾ بہ شروع ٿي ويئي. گوتم ٻڌ (جنم 566 ق. م نرواڻ 486 ق. م) پنهنجي مت جو پرچار عوام جي اُنهن ٻول چال وارين ٻولين مان هڪ "ماگڌي" ٻوليءَ ۾ ڪيو جيڪا مگڌ واري ايراضيءَ ۾ مروج هئي. هن جي برپا ڪيل سنگهہ ۾ ڀارت جي جدا جدا حصن مان ماڻهو اچي سندس پوئلڳ بڻيا، جن مان گهڻيئي الڳ الڳ ٻوليون ڳالهائيندڙ هئا. ان ڪري مگڌ جي ٻول چال واري ٻوليءَ ۾ تيزيءَ سان تبديلي اچڻ لڳي. اِنهن ٻولين جي پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪري، وقت گذرندي ادبي پاليءَ جو وڪاس ٿيو جنهن ۾ پوءِ ٻڌ ڌرم جو ساهتيہ لکيو ويو. هن وچين دؤر جي آريہ ٻولين ۾ بہ علائقائي اُپڀاشائن جا تفاوت هئا، جنهن جي جهلڪ اسان کي سمراٽ

اشوڪ (273_ 232 ق. م) جي شلا ليکن جي ٻولين جو اڀياس ڪرڻ مان ملي ٿي. اُنهن ۾ مکيہ روپ اوڀر، اولهہ ۽ اُتر اولهہ وارا هئا.

جدا جدا ايراضين جي ٻول چال ۾ مروج ٻولين جو عيسوي سن جي شروعات ڌاري ايتري اوسر ٿي جو اُهي لکيل ساهتيہ ۾ اظهار لاءِ استعمال ڪيون ويون. انهن ٻولين جي وياڪرڻي روپ جي ڄاڻ اسان کي پراڪرت ۾ لکيل شلا ليکن، سنسڪرت ناٽڪن ۾ عورتن ۽ هيٺين طبقن جي ڪردارن جي گفتگوءَ ۾ ڪتب آندل ٻوليءَ ۽ پراڪرت جي وياڪرڻ گرنٿن (ڪتابن) مان ملي ٿي، پر هتي اسان کي اِن حقيقت جو ڌيان رکڻ گهرجي تہ ادبي پراڪرت ٻولين تي سنسڪرت جو گهڻو رنگ چڙهيل آهي. پراڪرت ٻولين جي وياڪرڻ لکندڙن عالمن اڪثر ڪيترن ئي سنسڪرت لفظن جي روپن ۾ ڦيرگهير ڪري، اُنهن کي پراڪرت روپ پئي ڏنو. ساڳي واٽ پراڪرت ۾ ساهتيہ سرجيندڙ شاعرن بہ اختيار ڪئي.اِن ڪري پراڪرت ۾ لکيل ساهتيہ جيڪو روشنيءَ ۾ آيو آهي، اُهو سؤ سيڪڙو ٻول چال وارين پراڪرت ٻولين جو عيوضي سمجهڻ نہ گهرجي.

ادبي پراڪرت ٻولين جا مکيہ علائقائي لهجا هن ريت آهن:

(1) شؤرسيني پراڪرت (مٿُرا ۽ اُن جي آس پاس وارين ايراضين جي ٻولي)

(2) ماگڌي (مگڌ يعني ڏکڻ بهار ۽ اُن جي آس پاس وارين ايراضين جي ٻولي)

(3) ارڌماگڌي (شؤرسيني ۽ ماگڌيءَ جو گڏيل روپ. جين ڌرم جو گهڻو ساهتيہ ان ۾ لکيل آهي.)

(4) مهاراشٽري (هاڻوڪي مهاراشٽر ۽ اُن جي آس پاس وارن علائقن جي ٻولي)

انهن کان سواءِ اُتر_ اولهہ ۾ پئشاچي، وراچڊ پئشاچي ۽ ڪئڪيہ پئشاچيءَ جا بہ علائقائي لهجا ملن ٿا. گڻاڍيہ نالي ڪويءَ جي پئشاچي

پراڪرت ۾ لکيل ڪتاب "برهت ڪٿا منجري" جو حوالو ملي ٿو. اِن ۾ ڏنل گهڻيئي ڪٿائون پوءِ سومديو نالي عالم سنسڪرت ۾ ترجمو ڪري "ڪٿاسرت ساگر" نالي سان هڪ ڪتاب تيار ڪيو هو جيڪو اسان تائين پهتو آهي.

پراڪرت جو گهڻو ساهتيہ مهاراشٽري پراڪرت ۾ لکيل آهي، جيڪا عيسوي سن جي شروعات کان وٺي، اٽڪل 500ع تائين، پنهنجي ڪيتر جي حدن کان ٻاهر ڦهلجي، ڀارت جي گهڻن ئي علائقن ۾ هڪ ڳانڍيو ٻوليءَ ۾ ادبي اظهار جي واهڻ طور استعمال ٿيڻ لڳي. "گاهاست سئي" (گاٿا سپت شتي) نالي ان پراڪرت ۾ لکيل ست سؤ ڳاهن جو هڪ عمدو مجموعو آهي، جيڪو ٻين عيسوي صديءَ ڌاري "هال" نالي ڪويءَ تيار ڪيو هو.

پراڪرت ٻولين کي جڏهن ادبي درجو حاصل ٿيو تڏهن وياڪرڻ لکندڙن آچارين اُنهن کي وياڪرڻي نيمن ۾ جڪڙي ڇڏيو پر جن ٻول چال وارين ٻولين مان اُنهن جي اوسر ٿي هئي اُهي تہ نديءَ جي وهڪري وانگر لڳاتار اڳتي وڌنديون پئي رهيون. اُنهن جي روپ ۾ ڦيرو ايندو پئي ويو. اُنهن جي ٻول چال واري بگڙيل صورت کي ڏسي، سنسڪرت ۽ پراڪرت وياڪرڻ لکندڙن، اُنهن کي اپڀرنش يعني ادبي معيار کان ڪريل، بگڙيل يا دهقاني ٻوليون ڪري سڏيو.

ڇهين عيسوي صديءَ جي آس پاس، اپڀرنش ٻولين جو بہ ستارو بلند ٿيو. عوامي شاعر تہ انهيءَ کان بہ ٽي صديون اڳيئي، زباني روايتن ۾ دوها، ڳاهون ۽ لوڪ گيت رچيندا پئي آيا، پر پوءِ انهن ٻولين جي قدرتي سونهن اعليٰ درجي جي شاعرن کي بہ ڪشش ڪئي. ڪوي ڪاليداس جهڙي اعليٰ ساهتيہ ڪار بہ پنهنجي ناٽڪ "وڪرموروشييم" ۾ اپڀرنش جي لوڪ گيتن کي جڳهہ ڏني. اٺين- نائين عيسوي صديءَ جي ٻڌسِڌن، ناٿ پنٿ جي جوڳين، جين ڌرم جي ڪوين اپڀرنش ۾ پنهنجي وائيءَ جو اظهار ڪيو. ٻارهين عيسوي صديءَ جي ملتان طرف جي رهندڙ مسلمان شاعر عبدالرحمان

اپڀرنش ۾ "سنديش راسڪ" نالي ڪاويه لکيو. ٻئي طرف چوڏهين عيسوي صديءَ جي مئٿلي شاعر ودياپتيءَ هڪ طرف مئٿلي ٻوليءَ ۾ شرنگار رس جا پدَ چيا، ته ٻئي طرف اپڀرنش ۾ "ڪيرتي لتا" نالي ڪاويه لکيو. اِن طرح، اٽڪل 500ع سن کان وٺي، سنسڪرت ۽ پراڪرت سان گڏوگڏ، اپڀرنش ٻولين به ادبي اظهار جو ذريعو بڻيون. اپڀرنش ۾ لکيل ساهتيه مان هاڻوڪين ڀارتيه آريه ٻولين جي اوسر جي اُها منزل نظر اچي ٿي، جنهن ۾ هڪ طرف پراڪرت وارو جهونو روپ ڏينهون ڏينهن گهٽبو پئي ويو ته ٻئي طرف جدا جدا علائقن ۾ مروج هاڻوڪين آريائي ٻولين جو پنهنجو پنهنجو نرالو روپ ظاهر ٿيندو پئي ويو. ان طرح جي علائقائي آريائي ٻولين ۾ 1000ع سن جي آس پاس لکيل ساهتيه مليو آهي. اُنهيءَ ۾ اسان کي اپڀرنش سان گڏ، علائقائي ٻولين جون خاصيتون به نظر اچن ٿيون. ناگر اپڀرنش، جيڪا گجرات واري علائقي جي ٻولي هئي، تنهن پنهنجي حدن کان ٽپي، ادبي اپڀرنش جو درجو حاصل ڪيو.

**(3) ڀارتيه آريه ٻولين جي نئين منزل (1000ع سن جي آس پاس کان اڄ تائين)**

هن وقت هند ۽ پاڪ ۾ جيڪي جدا جدا هند- آريائي نسل واريون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، اُنهن ۾ ادبي سطح تي اوسر حاصل ڪيل مکيه ٻوليون آهن:

سنڌي، پنجابي، هندي، اردو، راجستاني، گجراتي، مرٺي، اُڙيا، بنگالي ۽ آسامي. انهن جي اوسر ڏهين عيسوي صديءَ جي آس پاس، پنهنجي پنهنجي علائقن جي ٻول چال واريءَ پراڪرت ۽ اپڀرنش مان ٿي آهي. انهن جو بڻ بنياد اُنهن علائقائي اوائلي پراڪرت ٻولين مان ٿيو آهي، جيڪي پراچين ڀارت ۾ ويدڪ سنسڪرت واري دؤر ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پرچلت هيون. ڳالهائڻ ٻولهائڻ وارين ٻولين جي تز ۽ مڪمل ڄاڻ ملڻ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ڪي به آڳاٽيون لکيتون محفوظ نه رهيون آهن، پر انهن

جي وياڪرڻي بيهڪ جو اندازو سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش ۾ لکيل ساهتيه مان لڳائي سگهجي ٿو. ادبي ٻوليءَ ۽ اُنهيءَ جي ٻول چال واري روپ ۾ گهڻو تفاوت نہ هوندو آهي. ان ڪري ٻول چال واريون آڳاٽيون هند_ آريائي ٻوليون، ڀارت جي پراچين ساهتيه ۾ ملندڙ ٻولين سان گهڻي مشابهت رکندڙ هيون. انهيءَ حقيقت جو علم نہ هئڻ ڪري ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا وغيره سنڌ جي عالمن اوائلي پراڪرت ٻولين کي ويدڪ سنسڪرت ۽ سنسڪرت کان بلڪل عليحديون يا نراليون ٻوليون ڪري سمجهيو آهي.

ٻول چال ۾ علائقائي اُپ ڀاشائن جي تفاوتن ڪري هڪ ئي لفظ جا جدا جدا اُچار ۽ وياڪرڻي روپ ملندا آهن. اُنهن مان جيڪي اُچار سماج جي اعليٰ طبقي جا تعليم يافتہ ماڻهو ڪندا آهن، اهي ساهتيڪ لکڻين جي ٻوليءَ ۾ تسليم ٿي ويندا آهن، جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهہ مثال ڏسو:

اِتان، اِتون، اِتون، اِٿهون، اِتهون، اِتهين، اِتئون، اِتئن، اِٿان، اِٿائون، اِٿانهون، اِٿانئين، اِٿون، اِتون، اِٿهون وغيره.

انهن مان ادبي سنڌيءَ ۾ لکڻ ۾ فقط هڪ روپ "اِتان" کي جڳهہ حاصل ٿي آهي. ڪِجي، ڳجي، ڪريجي (ادب ۾ فقط "ڪجي" روپ آهي.)

ڇوڪر_ شوڪرُ، ڇوڪرو_ شوڪرو (ادبي سطح تي فقط ڇوڪرُ، ڇوڪرو تسليم ٿيل آهن).

(توهان جو توان جو اوهانجو اوانجو آن جو (ادبي سطح تي فقط توهان جو اوهان جو روپ تسليم ٿيا آهن.)

اِها ساڳي حالت ويدن جي رچنا واري زماني ۾ بہ هئي. اوائلي پراڪرت ٻولين ۾ ڳالهائڻ ۾ گهڻائي جدا جدا اُچار ۽ وياڪرڻي روپ هئا. اُنهن مان لکيل ساهيتڪ ٻوليءَ ۾ فقط اُهي اُچار ۽ روپ ڪنيا ويا، جيڪي تعليم يافتہ اعليٰ درجي جا ماڻهو ڪندا هئا. اِن لحاظ کان سنسڪرت مان هاڻوڪيون آريہ ٻوليون نڪتيون آهن، انهيءَ بدران اِئين چوڻ وڌيڪ درست آهي تہ سنسڪرت توڙي هاڻوڪين هند_ آريائي ٻولين جي اوسر اوائلي

ٻـ اٽڪل ستر سيڪڙو لفظ سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش ٻولين جا آهن. اِن جون وياڪرڻي خاصيتون ٻـ گهڻي ڀاڱي سنسڪرت سڻ جي ٻولين مان آيل آهن.

ويدڪ سنسڪرت واري دؤر کان وٺي 1000ع سن تائين، سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جا جيڪي دؤر آهن، اُنهن کي اڀياس جي سهوليت جي خيال کان هينئين طرح نالا ڏيئي سگهون ٿا:

1. اوائلي پراڪرت ـ سنڌي (500 سال ق. م کان اڳ جو ويدڪ ساهتيہ ۽ سنسڪرت ڀاشا وارو زمانو) اِن دؤر ۾ قديم سنڌ ۽ اُن جي آس پاس وارن علائقن جي ٻول چال واري سنڌي.
2. پالي ـ سنڌي (500 سال ق. م کان وٺي عيسوي سن جي شروعات تائين).
3. پراڪرت ـ سنڌي (عيسوي سن جي شروع کان وٺي 500ع سن تائين/ ساهتيڪ پراڪرت ڀاشائن جي دؤر وقت، سنڌ ۾ مروج ٻول چال واري ٻولي.
4. اپڀرنش ـ سنڌي (500 کان وٺي 1000ع سن تائين) ساهتيڪ اپڀرنش جي دؤر وقت، سنڌ ۾ مروج ٻول چال واري ٻولي

سنڌ علائقي جي ٻول چال واري سنڌي ٻولي، انهن دؤرن ۾ ساهتيہ ۾ ملندڙ سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اُپڀرنش سان گهڻي قدر مشابهت رکندڙ هئي، ان ڪري هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ ٻـ انهن ادبي ٻولين جا گهڻا لفظ ۽ وياڪرڻي روپ ملن ٿا. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ هر هڪ منزل ۾ سنڌ جي مڪاني ٻوليءَ ۾ ڪجهہ علائقائي خاصيتون ضرور هيون، جن ڏهين عيسوي صديءَ جي آس پاس، سنڌي ٻوليءَ کي ٻين پر وارين ايراضين جي ٻولين کان نرالو روپ عطا ڪيو. 711ع کان 1050ع تائين سنڌ ۾ عربن جي حڪومت هئي. اُن زماني جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اپڀرنش جي وياڪرڻي روپن سان گڏوگڏ پنهنجين نرالين خاصيتن جي ٻـ اوسر ٿي رهي هئي. اِن ڪري انهيءَ دؤر جي

سنڌ جي ٻوليءَ کي اسين "جهوني سنڌي" به سڏي سگهون ٿا.

موجوده سنڌ جي حدن اندر 1000ع کان اڳ واري دؤر جا شلاليک، تامرپتر، سِڪا وغيره ۽ ادبي لکيتون گهٽي تعداد ۾ نه مليا آهن، جو اُنهن جي آڌار تي اُن زماني جي سنڌ جي ٻوليءَ جو تفصيلوار اڀياس ڪري سگهجي. اِن حالت ۾ اسين سنڌ جي آس پاس حاصل ٿيل لکيتن ۽ پراچين لکيل ساهتيه سان هاڻوڪي سنڌيءَ جي ڀيٽ ڪندي، اُن جي آڳاٽي روپ جو اڀياس ڪري سگهون ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ 1500ع سن تائين جيڪو ساهتيه مليو آهي، اُهو گهڻو ڪري زباني روايتن ذريعي حاصل ٿيل لوڪ ادب آهي. اِهو گهڻو ڀوءِ سترهين۔ ارڙهين عيسوي صديءَ کان وٺي قلمبند ڪيو ويو آهي. اِن ڪري اُن جي جهوني سنڌي ٻوليءَ جو روپ به گهڻي قدر بدلجي، هاڻوڪي سنڌيءَ جي ويجهو ٿي ويو آهي. سترهين عيسوي صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن کان وٺي اسان کي سنڌيءَ ۾ ادبي لکيتون چڱي تعداد ۾ ملڻ لڳيون آهن. انهن ۾ قاضي قادن (1463۔ 1551ع)، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري (1537۔1622) جو ڪلام مکيه آهن. انهن کان پوءِ شاهه عنايت الله رضوي (1625۔1713ع)، شاهه عبداللطيف (1689۔1752ع)، سچل سرمست (1739۔1829)، سوامي پراڻناٿ (1618۔1694ع)، ڀائي چينراءِ سامي (1743۔1850ع) وغيره گهڻيئي سنڌي شاعر روشنيءَ ۾ آيا آهن، جن جي شعر جي ٻوليءَ جي آڌار تي اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ جو اڀياس وستار سان ڪري سگهجي ٿو.

هن مضمون جي محدود دائري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جي منزلن جو هڪ خاڪو پيش ڪجي ٿو. اِهو هن ريت آهن:

**(1) ويدڪ سنسڪرت (ڇندس) ۽ سنڌي:**

. ويدڪ سنسڪرت جا گهڻيئي شبد (لفظ) آهن، جيڪي لوڪ سنسڪرت ۾ ئي واهپي مان نڪري ويا، پر اِهي هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ موجود آهن:

| ويدڪ سنسڪرت | هاڻوڪي سنڌي |
|---|---|
| جوريه | جهور (پيلو) |
| جورٿه | جهونو (پراڻو) |
| واره | واڙ |
| سده | سدورو (ڏاهو سياڻو) |
| آڪره | آڪيرو |
| آناسہ | آڻاسو |
| مهوارٿه | مهراڻ (سمنڊ، ساگر) |
| ريواٿ | ريور (ڌنوان اسم خاص) |
| چوله | چُولو (اعليٰ شريشٽ) |
| يوته | جوءِ (جاءِ جڳهه) |

ناهري (نائون سنڌي مهينو_ منگر، مگهر، مارگ شيريش) لفظ هن وقت فقط سنڌيءَ ۾ سلامت آهي، جنهن جو بنياد ويدڪ سنسڪرت شبد "نو_ آن_ آهار" آهي.

نَوَ_ آن_ آهار= نَوَ آهار= نواهار= ناهار= ناهري

اِن نائين مهيني تي اِهو نالو اِن ڪري رکيو ويو، ڇاڪاڻ ته ويدن جي زماني ۾ سياري جو فصل ناهريءَ ۾ لڻندا هئا. اُن کي "نئين فصل جو آن" ڪري سڏيندا هئا. اُن زماني ۾ سال جي شروعات به ناهريءَ کان وٺي ليکي هئي، جنهن ڪري اِن مهيني تي "اگرهاين"_ اگهن نالو به پيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ مِنگر يا مگهر لفظ سنسڪرت "مارگ شيرش" جا بدليل روپ آهن.

(2) لؤڪڪ سنسڪرت ۽ سنڌي:

ٻين هاڻوڪين هند_ آريائي ٻولين وانگر، سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو شبد_ ڀنڊار (لفظي خزانو) لؤڪڪ عوامي سنسڪرت عوامي ڪلن ورتي ۾ آيل آهي. اِهو تتسم روپ ۾ گهٽ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي اُچارڻ جي عادتن مطابق بدلجي گهڻي قدر تدڀو روپ وارو بڻجي ويو آهي. مثال طور هتي ڏينهن ۽ مهينن جا نالا ڏسو:

سوماڙ/ سؤمر، منگل/ آنگارو، ٻڌر، وسپت، شڪر وار، ٿارون (ٿارن ڀڳوان شنڪر جي هڪ صفت آهي)، ڇنڇر، آرتوار، آچر، آڏِتوار، آئچ وار> آچر، آڏِتوار= آرتَ وارُ).

ڇيٽ/ ڇيٽر، ويساک، ڄيٺ، آکاڙ، سانوڻ، بڊو/ بڊرو، اَسو، ڪتي، ناهري، پوه، مانگهه، ڦڳڻ.

(3) **پالي، پراڪرت، اُپڀرنش ۽ سنڌي:**

(الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ سنسڪرت سڱ جي ٻولين جا گهڻا لفظ تدڀو روپ ۾ آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي عادتن موجب اُچارن جي تبديلي ڏيکارين ٿا. مثال طور:

(ب) ڀرت مُنيءَ پنهنجي ڪتاب ناٽيہ شاستر (ٻين عيسوي صديءَ) ۾ لکيو آهي تہ هماليہ، سنڌ ۽ سؤوير علائقن ۾ رهندڙن جي اُچارن ۾ ناٽڪ نويس کي "اُ" سُر جو گهڻو استعمال ڪرڻ گهرجي.

اِن هدايت مان ظاهر آهي تہ ٻين عيسوي صديءَ جي آس پاس سنڌي پراڪرت ۾ "اُ" سُر جو اُچار گهڻو ٿيندو هو. اِها ريت هاڻي ٻين هند-آريائي ٻولين مان گهڻي قدر گم ٿي ويئي آهي، پر اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هاڻي بہ قائم آهي، جيئن تہ ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، پيرُ، هٿُ، ڪنُ، نڪُ، واتُ، ڏندُ، مُنهن، اُٺڻ، لکڻُ، پڙهڻُ، اُٿُ، لکُ، پڙهُ.

(ب) سنڌي ٻوليءَ ۾ چؤسٺن چئن ڏوني- ٽٽن/ ڳ، ڄ، ڏ، ٻ/ جي اوسر، گهڻو ڪري شبدن (لفظن) جي وچ ۾ سنسڪرت جي سنيڪت وينجنن مان ٿي آهي، پوءِ اُچار جي اها عادت شبد (لفظ) جي شروع ۾ ايندڙ هڪ سادي وينجن/ گ، ج/د/ ب/ تي بہ اثرانداز ٿي آهي. ٽرنر ۽ ٻين ڀاشاوگيانين جي راءِ موجب، سنڌي ٻوليءَ ۾ اِهي اُچار عيسوي سن جي شروعات جي آس پاس استعمال ۾ آيا آهن:

| سنڌي | پراڪرت | سنسڪرت | |
|---|---|---|---|
| ڳنڍِ | گنٺ | گرنِٿ | ڳ: |
| ڦَڳڻَ | ڦڳڻَ | ڦالگن | |
| ڄڀَ | ڄِبيا | جهوا | ڄ: |
| وِڄُ | وِججُ | وديت | |
| ڏُڪارُ | دُڪڪال | دشڪال | ڏ: |
| ڏوٽو | دُٽا | دوِگُڻ | |
| سڏ | سدّ | شبد | |
| ٻانهن | باهہ | باهہُ | ٻ: |
| ڪُٻو | ڪُبَ | ڪُبج | |

(پ) سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪل ڏيڍ سؤ کن اسم مفعول (ڪرمڻي ڀوت ڪردنت) آهن، جن کي وياڪرڻ ۾ بي قاعدي (آپواد) ڄاڻايو ويو آهي پر حقيقت ۾ اهي پراڪرت، اپڀرنش وارا روپ آهن، جيڪي سنڌيءَ پاڻ وٽ سلامت رکيا آهن:

| سنڌي | پراڪرت | سنسڪرت |
|---|---|---|
| تتو | تَت | تپت |
| ڄاتو | ڄاڻِئہ | گيات |
| لڌو | لَدّۃَ | لبڌ |
| گنو | گَنٽُ | گهرشٽ |
| ڀڳو | ڀَگگہ | ڀگن |
| ٽُٺو | ٽُٺٿَ | ٽُشٽ |
| مُٺو | مُٺٿَ | مُشٽ |
| اُٺو/ وُٺو | وُٺٿَ | ورشٽ |

(ڀ) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرمڻي واچيہ (passive/ مجهول) ۽ ڀاوي واچيہ (impersonal/ غيرشخصي) ۾ فعلن جا روپ فعل جي بنياد ۾ ج-اِج

لڳائڻ سان ٺاهيا وڃن ٿا. اِها ريت سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين جي آهي، جيڪا هاڻوڪين ٻين هند- آريائي ٻولين مان گهڻو ڪري گم ٿي ويئي آهي. مثال:

| سنڌي | سنسڪرت |
|---|---|
| لِکجي (ل+اِج+اي) | لکيتي |
| نچجي (نچ+اِج+اي) | نرتيتي |
| جيئجي (جيءَ+اج+اي | جيويتي |

(پ) سنڌيءَ ۾ ڪن اسمن جو جمع، پالي- پراڪرت جي طرز تي ٺهيل آهي.ساڳيءَ طرح ڪن اسمن ۾ جهونا معنوي جوڙ به سنڌيءَ ۾ اَڄ تائين سلامت آهن:

پاءُ- پائُرَ- پائِرَ
ماءُ- مائُرَ، مائِرَ، مائرون
ڌيءَ- ڌيئرون، ڌيئرُ
ڳوٺُ- ڳوٺان
گهرُ- گهرِ

(ت) شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ڏسبو ته هاڻوڪي سنڌيءَ جي ڀيٽ ۾ پراڪرت- آپڀرنش تديو شبدن جو پريوگ وڌيڪ ٿيو آهي: مثلاً:

سنگهر، پِيَہ، پَٽہ، اوڙ/ اول
نِيَر، نيئر، رائر (ڏِل)، وٽراهہ
جُوءِ، (جڳهہ)، لوءَ/ لوءِ، سوءَ.

سنسڪرت ۽ اپڀرنش سان سنڌيءَ جي ويجهي مشابهت هيٺين دوهن ۾ ڏسو:

1. سنڌي:

وڳر ڪيو وتن پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو.

**سنسڪرت:**

وگر ڪرتوا ورتنتي، پريت نہ چنينت آپمس،
پسيہ پڪشڻ مانوَيہ مث..........

**2. سنڌي:**

ڍولو سانورو ڌڻ چمپاورڻي،
جڻ سون- ريهہ ڪسوٽيءَ ڏني.

**سنسڪرت:**

ڍولا سانولا، ڌڻ چمپاورڻي،
ٺائي، سُوورڻ- ريهہ ڪسوٽي دني.

(ڍولو يعني پريتم سانوري رنگ جو آهي، ڌنيا يعني نائڪا (ڌيءَ/ ڌَڻ) چمپاورڻ جي آهي، پريتم جي پاڪر ۾ نائڪا ائين ٿي لڳي جڻ ڪسوٽيءَ تي سون جي ريهہ ڪسي ويئي آهي.)

**712ع کان 1947ع تائين سنڌي ٻولي:**

(1) سنڌ ۾ جڏهن راءِ گهراڻي (495_631ع) ۽ براهمڻ گهراڻي (631_711ع) جو راڄ هو تڏهن سنڌي ٻوليءَ جو روپ آپڀرنش جي گهڻو ويجهو هو. "سن 711ع محمد بن قاسم جڏهن راجا ڏاهر سين کي شڪست ڏيئي، سنڌ جي گهڻي حصي تي عربن جي حڪومت جو پايو وڌو، تڏهن سنڌيءَ ۾ پنهنجون نراليون خاصيتون گهڻي قدر اُسري چڪيون هيون. اُن دؤر جي سنڌيءَ کي اسين "جهوني سنڌي" چئون ٿا. اِن جي ڪي قدر چاڻ اسان کي مجمل- "آل- تواريخ ۾ ڏنل مهاڀارت جي ڪٿا جي فارسي ترجمي (1026ع) ۽ چچ نامي ۾ (فارسي 1216ع) ڏنل سنڌ جي تاريخ ۾ اسم خاص لفظن جي اڀياس ڪرڻ سان ملي ٿي. البيرونيءَ جي لکيل ڪتاب ۾ بہ سنڌ ۽ ملان جي علائقائي ٻولين جا گهڻيئي لفظ ملن ٿا. مثال طور:

چچ نامو: لاڏي (لادي)، گوپي_ (قوفي) ڍنڍ (دنده)، ٺڪُر (تکر)، چڱي (چنگي)، ٻٽي (بهتي)، جٽ (زط)، ڍول (دهول)، ٽاٽو (تانہ)، ٻيٽ (بيت)، ڪارمٽي

(3) سومرن (1050_1350ع) سمن (1350_1520ع) سردارن مان گهڻن ئي اسماعيلي فرقي جي پرچارڪن جي اثر هيٺ اسلام مذهب قبول ڪيو. پير شمس سبزواري (1165_1276ع). پير صدرالدين (1290_1490ع) ۽ ٻين اسماعيلي پيرن "گنان" نالي پد رچيا، جن جي ٻولي سنڌي- هندي- گجراتي- ڪڇي آميزش واري آهي. اِهي گنان هنن خواجڪي لپيءَ ۾ لکيا، جيڪي هٽواڻڪي يا هندو- سنڌي اکرن جو ئي هڪ روپ آهن. اَڄ تائين اسماعيلي پنٿ جا پوئلڳ پنهنجن مذهبي گرنٿن کي اِن لپيءَ ۾ ڇپائيندا آهن.

(4) سومرن جي حڪومت واري دؤر کان وٺي سنڌ ۾ فارسي ٻولي سرڪاري لکپڙهه جي لاءِ ڪتب آڻڻ لڳي. اِن ڪري روزاني زندگيءَ ۾ چاهي سنڌي وهنوار جي ٻولي هئي، پر اُن تي فارسيءَ جو گهڻو اثر پيو، جيڪو اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ ادبي لکڻين تي نظر اچي ٿو. ارغونن (1520_1554ع)، ترخانن (1554_1592ع)، مغلن (1592_1700ع)، ڪلهوڙن (1700_1783ع) ۽ ٽالپورن (1783_1843ع) جي حڪومت واري دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ تي فارسيءَ جو گهڻي ۾ گهڻو اثر پيو. اِهو نه فقط ٻوليءَ تي، پر سنڌي ادب جي ڌارائن ۽ شاعريءَ جي جدا جدا روپن تي به پيو. غزل، رباعي، قصيدا، مثنويون وغيره روپن ۾ شعر رچڻ ۾ سنڌي شاعر فخر محسوس ڪرڻ لڳا. صوفي درويشن جي ڪلام ۾ چاهي اسان کي گهڻي قدر ٺيٺ سنڌي ٻولي ۽ دوها، سورٺا وغيره ڇندن ۾ شاعري ملي ٿي، تنهن هوندي به اُنهن جي شعر ۾ فارسي لفظن جو واهپو وڌندڙ نظر اچي ٿو. ٻيو ته هن دؤر جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اُپڀاشائن جا پريوگ به صاف ظاهر آهن. قاضي قادن جي ڪلام جي ٻولي اُتر سنڌ جي ۽ سرائيڪي لهجي واري آهي ته ساميءَ جي سلوڪن جي ٻوليءَ تي شڪارپوري عبارت جو گهڻو اثر آهي. شاهه لطيف جي ڪلام جي ٻوليءَ تي لاڙي ۽ وچولي سنڌيءَ جو گهڻو اثر آهي. سوامي پراڻناٿ جي سنڌي واڻي، ڪڇي اُپڀاشا کان متاثر آهي. روحل فقير جي سنڌي

ڪلام تي هنديءَ سنت ڪوين جي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي سگهڙن جي لوڪ شاعريءَ تي به هنديءَ جي شرنگار ڪاويه ۽ ٻوليءَ جو گهڻو اثر پيو آهي.

(5) 1843ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿي. هنن 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عربي- فارسي لکاوٽ کي هڪ معياري روپ ڏنو ۽ اُن ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ درسي ڪتاب به تيار ڪرايا. اُن دؤر ۾ حيدرآباد ۽ ساهتيءَ جي تعليمدانن درسي ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو. اِن ڪري جدا جدا اُپڀاشائن مان وچولي سنڌيءَ ادبي سطح تي پهچي، ادب جي لکڻين ۾ اظهار جو مکيه ۽ مرڪزي درجو حاصل ڪيو.

انگريزن جي حڪومت ۾ اوڻويهين صديءَ ۾ ٿي گهڻيئي هندو نثر نويس ۽ سنت شاعر روشنيءَ ۾ آيا. سنڌي ساهت کي اوج ڏيڻ ۾ اُهي پهرين صف ۾ هئا. اُن زماني ۾ ٿي سنڌ ۾ سک پنٿ جو به گهڻو پرچار ٿيو. اِن ڪري هندو ڌرم ۽ سک پنٿ جي ويچارن تي آڌار رکندڙ چڱوئي ادبي ذخيرو سنڌيءَ ۾ شايع ڪيو ويو. اهڙي ساهت جو سنڌي ٻوليءَ تي به گهڻو اثر پيو. ڌرم ۽ درشن شاستر جا گهڻيئي لفظ ۽ اصطلاح سنڌي ڪتابن ۾ واهپي ۾ اچي ويا.

(6) انگريزن جي دؤر ۾ درسي ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ انگريزي ڪتابن جا ترجما سنڌيءَ ۾ شايع ڪيا ويا. جيڪي جدا جدا ۽ نون موضوعن تي هئا (جيئن ته: حساب، جاميتري، اِتهاس، وغيره). اهڙن موضوعن تي لکڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ نوان ٽيڪنيڪي لفظ به گهڙيا ويا. روزاني عام زندگيءَ تي پڻ انگريزن جي سڀيتا، سنسڪرتيءَ ۽ ٻوليءَ جو گهڻو اثر پيو. اهڙو اثر گهڻو ڪري سڀني هاڻوڪين ڀارتي ٻولين تي نظر اچي ٿو. اِن ڪري جهجهي تعداد ۾ انگريزي لفظ نه فقط سنڌيءَ پر سڀني هاڻوڪين ٻولين ۾ جذب ٿي ويا آهن. ايتري قدر جو بنيادي شبد ڀنڊار ۾ به اُهي داخل ٿي چڪا آهن. آمان، اَمي، امڙ جي جاءِ تي ممي، مما ورتي آهي ته بابا، ابا جي جاءِ تي ڊئڊي، پاپا اچي ويا آهن. انڪل آنٽي ته اٿپڙهيلن هندستانين جي ٻوليءَ ۾ به

ڀانت ونڻي، سنڌي ٻوليءَ جي تبديلين جو باريڪيءَ سان اڀياس ڪرڻ گهرجي."

هتي مان فقط آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي شبد- ڀنڊار ۾ آيل ڦيرگهير جو ذڪر ڪندس. گذريل پنجونجاهه کن سالن ۾ ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ پاڪستان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري قدر ڦيرو اچي ويو آهي، جو ٻنهي ملڪن جا سنڌي هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ مشڪلات پيا محسوس ڪن. ڀارت جا سنڌي، پاڪستان جي اردو آميزش واري ساهتيه کي ننا سمجهي سگهن، ته ٻئي طرف سنڌ جي سنڌين لاءِ به ڀارت جي هندي- سنسڪرت شبدن (لفظن) واري سنڌي سمجهڻ جڻ پرولي ڀڃڻ وانگر ٿي پيو آهي. مثال طور: ڀارت جي سنڌي (ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي ساهت واريءَ ٻوليءَ ۾ هي لفظ عام جام پيا واهپي ۾ اچن: پرجاتنتر (جمهوريت)، آتنڪواد (دهشتگردي)، راشٽرواد (قومپرستي)، راشٽرپتي (صدر)، پرڌان منتري (وزيراعظم)، سچواليه (صلاحڪار)، منتراليه (وزارت)، مکيه منتري (وڏو وزير)، انت راشٽريه (انٽرنيشنل)، انتر- ڀارتي، ٻهوجن سماج (کاڌ خوراڪ)، وڌان سڀا (اسيمبلي)، سنسدڀون (پارلياماني ايوان)، سنسد (پارليامينٽ)، سدسيه (گهرڀاتي)، وِڌان (قاعدو)، پريشد (ڪائونسل، مجلس) وغيره.

ٻئي طرف، سنڌ جي سنڌيءَ ۾ هي لفظ ڏسو تمدن، ثقافت، اِشاعت، بين الاقوامي، انفراديت، ارتقا، ترميم، تصنيف، تڪميل، اختصار، بالغ، صغير، متحد، قومي جماعت وغيره.

سنڌ جي مشهور ليکڪا ماهتاب محبوب پنهنجي ڀارت جي سفرنامي ۾ لکيو آهي ته "ڀارت جي سنڌين واتان جڏهن بار بار "يوگدان" لفظ ٻڌم ته مون ڇيو ته اِها الائجي ڪهڙي بلا آهي؟ هونءَ پاندان، روشندان، پيڪدان، شمعدان، مڇرداني وغيره ته ٻڌا هئا، پر هيءَ "يوگدان" خبر نه آهي ته ڇا آهي؟"

سنڌ جي سفر دوران اِن قسم جو آزمودو مون کي به گهڻيئي ڀيرا مليو. اديبن جي محفل ۾ هڪ اديب کان سياڻيڪ طرح پڇيم "اوهان کي

گهٽي سنتان آهي؟" ته هو يار منجهي پيو؟ چيائين, "ڇا مطلب؟" تڏهن محسوس ڪيم ته مان پاڪستان ۾ آهيان. اِن تي پاڻ سنيالي وري سوال ڪيم "اوهان کي ڪهڙو اولاد آهي؟" ته هو هڪدم سمجهي ويو ۽ ورائي ڏنائين. ساڳيءَ طرح, هڪ هنڌ گفتگوءَ ۾ چيم "وشيه ڪيتر" ته ٻڌندڙ انهن جو مطلب نه سمجهي سگهيا.

آخر ۾ هتي مان ڊاڪٽر ڪتريءَ جي لفظن کي وري دُهرائيندس ته ڀاشاگيانين لاءِ هاڻي سونو موقعو آهي ته هو باريڪيءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ ڦيرگهير جو تفصيلوار اڀياس ڪن. انهيءَ ۾ ڪين معلوم ٿيندو ته جدا جدا حالتن ۽ ٻولين جي اثرن هيٺ هڪ زمين کان اُکڙيل ٻوليءَ ۾ تبديلي ڪيئن ٿي اچي.

[ڪلاچي, شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي, مئي 2007ع تان ورتل]

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

# ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديليون

هندستان جي ورهاڱي کان اٽڪل ٻارهن سال پوءِ جي ڳالهه آهي، پونا يونيورسٽيءَ مان هنديءَ ۽ سنسڪرت ۾ ايم. اي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد، اُن يونيورسٽيءَ مان لسانيات ۾ ايم. اي ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي هئم. پوني ۾ لسانيات جي ابياس ۽ ٻولين تي تحقيق ڪرڻ جو مکيه مرڪز آهي. "ڊيڪن ڪاليج پوسٽ، گرئجوئيٽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ". جتي اسان جا ڪلاس هلندا هئا. ان زماني ۾ اُنهيءَ انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر مشهور ڀاشا وگياني پروفيسر ڪٽري هو. ڪيس جڏهن اها ڄاڻ پيئي ته منهنجي مادري زبان سنڌي آهي، ته هن مون کي سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي. مون کي ٻولين جي ابياس ڪرڻ جو اڳيئي گهڻو چاهه هو. سو ايم. اي ڪرڻ بعد "سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي رچنا" (Morphology of Sindhi) موضوع تي تحقيقي مقالو لکيم. ان تي پونا يونيورسٽيءَ سال 1965ع ۾ مون کي پي. ايڇ ڊيءَ جي ڊگري عطا ڪئي.

پروفيسر ڪٽريءَ کي سنڌي ٻوليءَ سان خاص عشق هو. جڏهن به ڪنهن سنڌيءَ سان گڏبو هو ته ڪيس ان تي تحقيقي ابياس ڪرڻ جي صلاح ڏيندو هو. اهڙا ويچار هن منهنجي والد صاحب پنڊت ڪشنچند جيٽلي جي سنڌي ٻوليءَ تي، هنديءَ ۾ لکيل ڪتاب جي مهاڳ ۾ به ظاهر ڪيا آهن. هو لکي ٿو:

"هند- آريائي ٻولين جي سٽ ۾ سنڌي هڪ اهم ادبي زبان آهي. ملڪ جي ورهاڱي بعد سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ نرالي حالت پيدا ٿي پيئي

آهي. ڀارت ۾ سنڌي مادري زبان وارن جي چئني طرف، ٻيون- هند آريائي ۽ دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهندڙ آهن. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻين ٻولين جي وچ ۾ ايترو تہ گهڻو ۽ سڌو ردِ عمل شروع ٿي ويو آهي، جيڪو رواجي تاريخي حالتن ۾ عام طور ممڪن نہ هو. هن قسم جي سياسي ۽ سماجي اُٿل- پٿل ذريعي، اسان جي ملڪ ۾ ٻولين جي جڙ تہ لئبارٽري برپا ڪئي ويئي آهي. اُن ۾ لسانيات جو ماهر جدا جدا ٻولين وچ ۾ ٿيندڙ ردِعمل، هڪ ٻئي تي پوندڙ اثرن ۽ اُنهن جي نتيجن جو باريڪيءَ سان حقيقي جائزو پيش ڪري سگهي ٿو. لسانيات جي ماهرن لاءِ هيءَ دؤر هڪ يگانو ۽ نهايت ئي موزون موقعو آهي." (انگريزيءَ ۾ لکيل مهاڳ جو سنڌي ترجمو)[1].

پروفيسر کٽريءَ جا اهي ويچار ورهاڱي بعد سنڌ ۾ پيدا ٿيل حالتن ۽ انهن جي ڪري اُتي سنڌي ٻوليءَ تي پوندڙ اثرن سان بہ لاڳو ٿين ٿا. ورهاڱي بعد، ڀارت مان الڳ الڳ ٻوليون ڳالهائيندڙ مهاجر، جهجهي تعداد ۾ وڃي سنڌ ۾ ڳاهٽ ٿيا. اُنهن ۾ گهڻائي اردو ڳالهائيندڙن جي آهي. اِن کان سواءِ اردوءَ کي پاڪستان جي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو بہ عطا ڪيو ويو آهي. اِن جو اثر سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي پوڻ لازمي آهي. ڀارت ۽ پاڪستان، ٻنهي ملڪن ۾ انگريزيءَ کي اهم درجو حاصل ٿيل آهي. اِن جو گهرو اثر نہ فقط سنڌي ٻوليءَ تي، پر ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۽ دنيا جي ٻين بہ گهڻن ئي ملڪن جي ٻولين تي اوڻويهين عيسوي صديءَ کان وٺي پوندو رهيو آهي.

ملڪ ورهاڱي بعد، ڀارت توڙي سنڌ ۾ پيدا ٿيل حالتن، ۽ ٻنهي ملڪن ۾ ٻين ٻولين جي اثر سببان، سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل مکيہ تبديلين جو مختصر جائزو هتي پيش ڪيو وڃي ٿو.

انهيءَ کان اڳ ٻولين ۾ تبديلين بابت ڪجهہ حقيقتون اسان کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجن:

---

[1] جيٽلي، ڪشنچند، 'سنڌي ڀاشا ڪا سنڪشپت پريچيہ'، پوني (مهاراشٽر) 1957ع (پروفيسر ايس. ايم. کٽريءَ جو لکيل پيش لفظ)

(1) **هر ڪنهن زنده ٻوليءَ ۾ تبديلي اچڻ لازمي آهي.**

هتي "زنده" صفت جو مطلب آهي، اُها ٻولي، جنهن جي ذريعي ڪنهن ڀاشائي سماج جا ماڻهو پاڻ ۾ ويچارن جي ڏي- وٺ ڪن ٿا. وهنوار ڪن ٿا. هن دور ۾ سنڌي، هندي، اُردو پنجابي، گجراتي، مراٺي وغيره ان قسم جون ٻوليون آهن. انهن جي ڀيٽ ۾ پالي، پراڪرت (ارڌ- ماگڌي، مهاراشٽري وغيره) ۽ اَپڀرنش اُهي اڻ ڳالهايون ٻوليون آهن، جيڪي هاڻي روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۾ ڪتب نٿيون اچن. اِهي فقط ادبي ۽ مذهبي ڪتابن ۾ محفوظ آهن. سنسڪرت پڻ قديم دور جي ٻولي آهي، پر انهيءَ جي حالت ڪي قدر نرالي آهي. اها هاڻوڪي دور ۾ بہ اهڙي جاندار ٻولي آهي، جو هن وقت بہ ڀارت جي علائقائي ادبي ٻولين ۾ نوان نوان ٽيڪنيڪي اصطلاح جوڙڻ لاءِ عالم سنسڪرت جي مدد وٺندا آهن. ذڪر ڀارت جي ڪيرل صوبي جي ڪن ڳوٺن ۾ سنسڪرت روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۾ بہ ڪتب ايندي آهي. ان کان سواءِ ڀارت ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان بہ سنسڪرت ۾ روزانيون خبرون ڏنيون وينديون آهن. هر سال ان ٻوليءَ ۾ گهٽيئي ڪتاب ۽ ادبي رسالا بہ شايع ڪيا ويندا آهن.

(2) ٻوليءَ ۾ ڦير گهير اُنهيءَ جي هرهڪ ڀاڱي ۾ ٿيندي آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جو آوازي سرشتو لفظن ۽ جملن جي ويڪارڻي بيهڪ ۽ معنيٰ وارا پهلو شامل آهن.

(3) عام رواجي حالتن ۾ ٻولي ۾ تبديلي ايتري تہ آهستي ٿيندي آهي، جو اُها محسوس ڪانہ ٿيندي آهي. اسين اِهو بہ خاطريءَ سان ٻڌائي ڪونہ سگهندا آهيون تہ ڪهڙي تبديلي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن ۽ ڪٿي شروع ٿي. جيڪڏهن ٻولين ۾ تبديليءَ جي

رفتار تيز هجي ها، تہ اُن ڀاشائي سماج وارن جو هڪ ٻئي کي سمجهڻ ئي مشڪل ٿي پوي ها. مثال طور، شاهہ جي رسالي ۾ گهڻيئي اهڙا جهونا سنڌي لفظ ۽ وياڪرڻ جا روپ ملن ٿا، جيڪي اڄڪالهہ جي ٻول چال واري سنڌيءَ ۾ واهپي ۾ نٿا اچن. جيئن: گهاگهائِڙ (ڪِلڻ، سيَر) (مون ٻڌا)، ستريارو (تون سان گڏ سُتي/ سمهي)، دوسنئان (دوستن کان)، ڏاگهنؤن (ڏاگهن کان)، راڻ (سرڪاري ڍل/ ٽئڪس)، نيرَ (زنجير)، رئي (چمڪ)، پِٽان (پُٽيان)، مَجُڻ (متان).

**ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ حالتون**

ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ حالتون اهڙيون سازگار نہ آهن، جو اُها ڀاڳمرادو سياويڪ طرح، ترقيءَ جي راهہ تي اڳتي وڌي سگهي. اَچو تہ اَول ٿوري ۾ انهن تي ويچار ڪريون:

1_ علائقائي حالتون: ڀارت ۾ سنڌي لوڪ جدا جدا ڀاشائي صوبن ۽ ايراضين ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. سال 1991ع جي آدمشماريءَ ۽ ٻولين جي انگن اکرن موجب، ڀارت ۾ 22,848، 21 (ايڪويهہ لک، ڀاويهہ هزار، آٺ سئو اڻيتاليهہ) شخصن پنهنجي مادري زبان سنڌي لکائي آهي. ان مطابق ڀارت ۾ سنڌي، ڪُل آدمشماريءَ جو 0.25 سيڪڙو مس آهن. انهيءَ ڳڻپ ۾ ڪڇي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي سرحدن سان لڳندڙ گجرات_ راجستان جي ايراضين ۾ ڍاٽڪيءَ وغيره اُپ ڀاشائن جي ڳالهائيندڙن کي بہ شامل ڪيو ويو آهي. اهي حقيقت ۾ سماجي ۽ ثقافتي لحاظ کان، ورهاڱي بعد، سنڌ مان لڏي آيل سنڌين کان الڳ آهن ۽ مڪاني رهاڪن جي نزديڪ آهن. سنڌي ڳالهائيندڙن مان اٽڪل ويهہ لک ماڻهو گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيہ پرديش، اُتر پرديش ۽

دهليءَ ۾ رهندڙ آهن. ورهاڱي کان پوءِ انهن ڇهن ايراضين ۾، سرڪاري توڙي خانگي سطح تي، اُنهن ننڍين- وڏن شهرن ۾ ابتدائي ۽ ثانوي سنڌي تعليم جو انتظام ڪيو ويو جتي سنڌي گهڻي تعداد ۾ اچي رهيا.

2- تعليمي حالتون: ويهين عيسوي صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾، ڀارت ۾ سنڌي تعليم جي هڪ جائزي (ليکواڻي، ڪنهيالال، ڀارت ۾ سنڌي تعليم، سنڌي اڪادمي، دهلي 1997ع) جي انگن اکرن مان صاف ظاهر آهي ته سال 1948- 1949ع ۾ جنهن جوش ۽ اُتساھ سان ڀارت ۾ سنڌيءَ جي دستوري تعليم ڏيڻ جي شروعات ڪئي وئي، اُها ويهارو کن سالن بعد، ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندي وئي. سال 2005ع تائين، سنڌي ميڊيم سان تعليم ڏيندڙ ابتدائي ۽ ثانوي اسڪول گهڻو ڪري بند ٿي ويا آهن. انهن جي جاءِ هندي يا انگريزي ميڊيم وارن اسڪولن ورتي آهي. اهڙا ڪجھ اسڪول، جن جو انتظام ڪن سنڌي سنستائن جي هٿ ۾ آهي، اُتي هاڻي سنڌي ٻولي فقط هڪ وشيہ (subject) طور پڙهائي وڃي ٿي. سڄي ڀارت ۾ اسڪولن ۾ تعليم وٺندڙ سنڌي ٻارن جي ڪل تعداد مان پنج سيڪڙو کان به گهٽ ٻار، سنڌي ٻولي دستوري طور پڙهن ٿا. ان مان صاف ظاهر آهي ته دستوري تعليم جي سرشتي ۾، ڀارت ۾ سنڌي ٻولي پساهن تي آهي.

3- سماجي سرشتي جي لحاظ: ڪان ڏسبو ته ڀارت جي وڏن ننڍن شهرن ۾ توڙي ڳوٺن ۾ گهڻا سنڌي اهڙين ايراضين ۾ رهن ٿا، جتي غير- سنڌي ماحول آهي. اهڙن هنڌن تي جيڪڏهن سنڌي گهرن ۾ به سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ناهي، ته انهن

ڪتنبن جا ٻار توڙي ٿيهن، پنجٽيهن سالن جي عمر جا نوجوان پڻ، پنهنجي مادري زبان صحيح نموني نٿا ڳالهائي سگهن. آخري حد تي سنڌي ٻارن توڙي نوجوانن جو اهڙو طبقو بہ آهي، جيڪو سنڌي سمجهي بہ نٿو سگهي.

4- روزگار ۽ ڌنڌو واپار: جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ جي اهميت تمام محدود آهي. ان ڪري اونچي توڙي وچولي طبقي جا سنڌي، پنهنجن ٻارن کي انگريزي ميڊيم وارن پبلڪ اسڪولن ۾ موڪلڻ وڌيڪ پسند ڪن ٿا، چاهي ڪيترو بہ خرچ چونہ ڪرڻو پوين.

5- ڀارت سرڪار جي پاليسيءَ: موجب هرهڪ اسڪول ۾ هنديءَ جي تعليم لازمي آهي، ڇاڪاڻ تہ اها ٻولي ملڪ جي راج- ڀاشا (Official Language) آهي. ان ڪري ڀارت ۾ جاول هر سنڌيءَ کي هنديءَ جو گيان آوس آهي، پوءِ چاهي هو ڪهڙي بہ صوبي ۾ رهندو هجي ۽ ڪهڙي بہ اسڪول ۾ (انگريزي/ هندي يا علائقائي ٻوليءَ واري اسڪول ۾) پڙهندو هجي. ان ڪري هرهڪ سنڌيءَ کي ديوناگري لپيءَ جي ڄاڻ آهي، جنهن ۾ هندي ٻولي لکي ويندي آهي. ٻئي طرف ڏسجي تہ ڀارت ۾ انهن سنڌين جو تعداد اڄڪلهہ پنج سيڪڙو بہ مشڪل ٿيندو جن پنهنجي مادري زبان جي دستوري تعليم عربي- سنڌي لکاوٽ ۾ حاصل ڪئي آهي. اِن جو مطلب اهو ٿيو تہ ڀارت ۾ پيدا ٿيل ٻن پيڙهين ۾ اُهي سنڌي پنجانوي سيڪڙو (95٪) کان بہ وڌيڪ ٿيندا، جن کي عربي، سنڌي لکاوٽ جي ڄاڻ نہ آهي. ان ڪري هو سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ ثقافتي وراثت کان ڪٽجي ويا آهن. اهڙن سنڌين کي جيڪڏهن سنڌي ساهت، سنڌي سڀيتا ۽

سنسڪرتيءَ کان واقف ڪرڻ لاءِ اسين چونڊ سنڌي ڪتاب ديوناگري لاکوٽ ۾ ڇپائي کين ميسر ڪريون ته اُهي سنڌيت کان واقف ٿي سگهندا. ان بعد جيڪڏهن منجهن سنڌ جي اِتهاس ۽ سنڌي ساهت جي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ چاهه پيدا ٿئي، ته پوءِ هو پاڻمرادو عربي۔ سنڌي لکاوٽ جو اڀياس ڪري اُن ۾ شايع ٿيل ادب پڙهي سگهندا. اسين جڏهن غير۔ سنڌين کي سنڌي ادب کان واقف ڪرڻ لاءِ چونڊ سنڌي رچنائون انگريزي، هندي، مراٺي، گجراتي، اردو وغيره ٻولين ۾ ترجمو ڪري شايع ڪريون ٿا، ته پوءِ پنهنجن ئي سنڌي نوجوانن کي اِن کان محروم ڇو رکون؟

هتي اها حقيقت به اوهان جي ڌيان تي آڻڻ چاهيندس ته نوجوان پيڙهيءَ جي سنڌين کي عربي۔ سنڌي لکاوٽ سيکارڻ لاءِ ڀارت ۾ گهڻن ئي هنڌن تي ڪوششون جاري آهن، پر اهي دائمي طور اثرائتيون ۽ ڪامياب ثابت نه ٿيون آهن. شاگردن کي انعامن وغيره جون لالچون ڏيئي سنڌي ٻولي سيکارجي ٿي. هو اسي۔ نوي سيڪڙو مارڪون حاصل ڪري امتحان ۾ پاس ٿين ٿا. پر پوءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکاوٽ جو نيمائتو اڀياس نه ڪرڻ سببان، ٻن ٽن مهينن ۾ ئي سڀ وساري ٿا ڇڏين.

6۔ ڀارت ۾ سنڌين جي زوردار گهُر ۽ سانتيڪي نموني هلايل هلچل کان متاثر ٿي، ڀارت سرڪار 10 اپريل 1967ع تي، چيٽي چنڊ جي ڏڻ تي، سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين (Constitution) ۾ ٻين مُکيه ادبي ٻولين جي فهرست ۾ شامل ڪيو. جيئن ته ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو ڪوبه

خاص علائقو نہ آهي، ان ڪري مرڪزي سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي حفاظت ۽ واڌاري جي ذميواري پاڻ تي کنئي. 1975ع کان وٺي، سنڌي صلاحڪار ڪاميٽي مقرر ڪري، اُن جي صلاح سان سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ ڪجھ رٿائون عمل ۾ آنديون ويون. پوءِ سال 1995ع کان وٺي، سنسڪرت ۽ اردوءَ جي طرز تي "نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج" (NCPSL) نالي هڪ خودمختيار ادارو بہ برپا ڪيو ويو. انهيءَ دؤر ۾ ٿي مٿي ڄاڻايل پنجن صوبن ۽ دهليءَ ۾ سرڪاري مدد سان سنڌي اڪاڊميون بہ برپا ٿيون. ان طرح جي سرڪاري مدد ملڻ جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليم، ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ جوڳي رٿابندي تيار ٿي نہ سگھي آهي.

هتي اها حقيقت بہ ڏيان ڏيڻ جوڳي آهي تہ جيستائين ڪنهن بہ ڄاتيءَ ۾ پنهنجيءَ ثقافتي وارثت، پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب سان پيار پيدا نہ ٿيو آهي، تيستائين اُن جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ سرڪاري مدد گھڻي ڪارگر ثابت نہ ٿي سگھندي.

**ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديليون:**

**1. سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ ڦيرگھير:**

(الف) غير سنڌي ماحول ۾ رهندڙ 30 کان 35 سالن ۽ ان کان گھٽ عمر واري نوجوان پيڙهيءَ جا اُهي سنڌي، جن پنهنجي مادري زبان جي دستوري تعليم نہ ورتي آهي، اُهي هنديءَ جي اثر ڪري هيٺيان آواز درست نموني اُچاري نٿا سگھن:

| | | |
|---|---|---|
| /خ/جو/ک/ اُچار: | خان> کان | ختم> کتم |
| /غ/جو/گ/ اُچار: | غريب> گريب | غم> گم |
| /ز/جو/ج/اُچار: | راز> راج | زمانو> جمانو |

| | | |
|---|---|---|
| /ف/جو/ ڦ/ اُچار: | فن> ڦن، | فال> ڦال |
| /گ/ جو/ نگ/ اُچار: | مُگ> مُنگ، | سگ> سنگ |
| /ج/جو/ن/يا/نج/: | وجان> ونان، | سُڄ> سُنج |

(ب) سنڌيءَ جا داخلي ڌماڪيدار وينجن (consonants) /ڳ، ڄ، ڏ، ٻ/ جيڪي اسان جي ٻوليءَ جي اهم خاصيت آهن، اُنهن جا اُچار ننڍي ٿهيءَ وارا سنڌي ٻار اڪثر بدلي، نمبر وار /گ/، ج /، /د/، /ب/ ڪن ٿا:

| | | |
|---|---|---|
| /ٻ/>/ب/: | ٻير>بير، | ٻلي> بلي |
| /ڏ/>/د يا ڊ/: | ڏاڏو> دادو، | ڪڏ> ڪڊ |
| /ڄ/>/ج/: | ڄيڀ> جيڀ، | ڄاور> جارو |
| /ڳ/>/گ/: | ڳلا> گلا، | ڳن> گن |

(ڀ) تتسم نڪان اُچار ڪرڻ جي سنڌيءَ ۾ خاصيت آهي، جيڪا گهٽي قدر گهٽجي ويئي آهي.

ڪلان> ڪلا، ليلان> ليلا، سيتان> سيتا، ننديِ> نديِ، ميران> ميرا.

(پ) سنڌي ٻوليءَ جي ٻي مکيہ خاصيت اها آهي تہ لفظن جي آخر ۾ ايندڙ ننڍا سُر (vowels)/ اَ، اِ، اُ/ چٽا اُچاريا آهن، ڇاڪاڻ تہ اسمن جي گردان جو آڌار اُنهن تي آهي. نوجوان طبقي جا سنڌي، هنديءَ جي اثر ڪري، انهن جو چٽو اُچار نٿا ڪن، جيئن: ڪڏ> ڪڊ، راتِ، گهرُ> گهر.

**2. وياڪرڻ جي سرشتي ۾ تبديل:**

1. اسمن جي آخر ۾ ايندڙ ننڍا سُر جڏهن اُچارڻ مان نڪري ويندا تہ لفظن جي عدد، جنس ۽ حالت تي گهڻو اثر پوندو. ان ڪري وياڪرڻ جا جدا جدا روپ هڪجهڙا ٿي پوندا. غير- سنڌي ماحول ۾ رهندڙ سنڌين جي ٻوليءَ ۾ اهڙي تبديلي چڱي قدر اچي چڪي آهي.

مثال:

گهر- گهَرَ- گهَر/ گهَر/گهَر ۾> اهي سڀيئي روپ "گهر" ٻڌجي پيا آهن.

سنڌيءَ ۾ "آ" پڄاڙيءَ وارا سڀ اسم، جنس مونث آهن. جيئن تہ، زالَ، ڪڏَ، ڪٺَ، رَنَ، خَبَرَ، موڪلَ. لفظن جي اُچارن مان اِهي آخري سُر نڪري وڃڻ ڪري، جنس جي سڃاڻڻ جي اِها خاصيت گم ٿي رهي آهي.

2. هنديءَ جي اثر هيٺ، اڄڪلهہ پنجاهہ کن سالن جي عمر وارا سنڌي بہ ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾ گهڻن ئي سنڌي مذڪر اِسمن کي جنس مونث ڪري پيا استعمال ڪن.

مثال طور:

دوڪانون، ڪتابون غزلون- درست روپ آهن: دوڪانَ ڪتابَ غزلَ

هن قسم ڪاڏو> هُن قسم ڪاڏي

سمپادڪ جي قلم مان- درست آهي: سمپادڪ جي قلم مان.

3. لفظن جي اُچارن مان آخري سُر نڪري وڃڻ ڪري، فعلن جي جدا جدا روپن تي بہ اثر پيو آهي.

مارِ> مار، ڪرِ> ڪر، وڃُ> وڃ، ٻيهُ> ٻيهہ

4. ضميري پڄاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي مکيہ خاصيت آهي. اڄڪلهہ انهن جو واهپو ڳالهائڻ توڙي لکڻ واري سنڌيءَ مان، گهڻي قدر ختم ٿي ويو آهي. ڪن هنڌن تي مون کي انهن جو غلط استعمال بہ نظر آيو آهي. جيئن تہ ڀارت ۾ پنجاهہ کن سالن جي عمر وارا سنڌي مرد پڻ عام ميڙن ۾ تقرير ڪنديءَ پنهنجي لاءِ جنس مونث جي فعلن جو استعمال پيا ڪن. (مان ڪندس، مان ويندس، مان چوندس) "سندو" ضميري پڄاڙيءَ سان گڏ استعمال ڪرڻ جي شناس سنڌي پاڙهيندڙ ماسترن کي بہ نہ رهي آهي.

مثال طور:

سندَس پُٽُ آيو آهي. (صحيح آهي: سندُس پُٽُ آيو آهي).

سندس کي = هن کي، سندَس وٽ= هُن وٽ، سندَس جو= هن جو اهڙا غلط استعمال مون کي نامي ليکڪن جي لکڻين ۾ به نظر آيا آهن.

آنبُ کاڌَم (صحيح= 'کاڌُم') پاڻي پيتم (صحيح- 'پيتُم')

هڪ ڀار کان سوال پڇيو ويو: "ماڻهين ڪٿي آهي؟"

هن وراڻي ڏني: "ماڻهين ڪچن ۾ آهي."

کيس اها ڄاڻ نه هئي ته "ماڻهين" جو مطلب آهي "تنهنجي ماءُ".

5. سنڌيءَ ۾ ٻي خاصيت آهي- فعل جي بنياد ۾ پڇاڙي لڳائي "ڪرمڻي" ۽ "ڀاوي" پريوگ وارا فعل جوڙڻ. هنديءَ ۾ ان قسم جي رچنا نه هئڻ ڪري، سنڌيءَ ۾ به هنديءَ جي طرز تي فعلن جوڙڻ جو واهپو وڌندڙ آهي.

نه مارجي > نه ماريو وڃي. ڇيومانس> مون هن کي ڇيو.

نه ٻيهجي> نه ٻيهڻ گهُرجي ڪتاب ڏنامانس> مون هن کي ڪتاب ڏنا.

6. هرهڪ ٻوليءَ ۾ پنهنجا نرالا محاورا هوندا آهن. ننڍي ٿهيءَ وارن سنڌين جي ٻوليءَ مان محاورن جو واهپو گهٽبو گهٽجي ويو آهي، جيئن ته "ٻڳڙيون ٽيڻ"، "ڄُڄ تي ٻيهڻ"، "سورهن ٺي سر اڏ پورا ڪرڻ"، "گوررڻي گنگا تي آئس". ٻئي طرف هندي محاورن جو استعمال وڌن وڌن ليکڪن جي لکڻين ۾ پڻ گهٽبو وڌي ويو آهي.

مثال طور:

| | |
|---|---|
| چوُنو لڳائڻ، | چنيءَ جو کير ياد اچڻ، |
| نيس پهچائڻ، | ڦوليو نه سمائڻ، |
| سامنو ڪرڻ، | خون پسينو هڪ ڪرڻ |
| چار سؤ ٻيس | |

7. سنڌيءَ جو شبد ڀنڊار: شبد ڀنڊار جو مطلب آهي ٻوليءَ جي لغات، لفظن جو ذخيرو. وياڪرڻ جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي شبد- ڀنڊار ۾ گهڻي تيزيءَ سان تبديلي اچي رهي آهي، اِها تبديلي مکيه طور ٻن قسمن جي آهي.

i. سنڌ جي جاگرافيءَ، ڦلن- ڦولن، ڀاڄين، ڳوناٽي ثقافت وغيره سان واسطو رکندڙ لفظ ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ مان واهپي مان نڪري ويا آهن. نوجوان پيڙهيءَ جا گهڻا سنڌي تہ اُنهن کان واقف بہ نہ آهن.

ii. ٻئي طرف انگريزي، هندي ۽ ڪن علائقائي ٻولين جا لفظ سنڌيءَ ۾ تيز رفتار سان جذب ٿيندا پيا وڃن. اِهو رجحان نہ فقط ٻول- چال واري سنڌيءَ ۾، پر ادبي لکڻين ۾ بہ گهڻي قدر نظر اچي ٿو. خاص طور اخبارن جي ٻوليءَ ۾ تہ اهو ايتري قدر وڌي چُڪو آهي، جو اُن سان سنڌي ٻوليءَ جو سياڻيڪ روپ ئي بگڙي ويو آهي. هتي ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

(الف) مُترُوڪ ٿيل لفظ

(1) ڪاڌي جون شيون: ڏاجورا، لوڙهہ، ڪُمَ ڪوٽيون، ڀيٽيون، لِيار، گيدوڙا، ٻوراٽي، پڪا، ڀُسي.

(2) پُراڻي ماپ- تور: پاٽي، ٽوپو چوٿائي

(3) پُراڻا سڪا: پائي، آڌيلو ٽڪو آنڪ، ٻياني، پائُلي.

(4) ترپارڪر جي طبعي حالتن سان واسطيدار لفظ:

ڏَهَر : ڀِٽن جي وچ ۾ سنئين زمين.

ٽڙڪول: ڀِٽ يا ڊڙي جو اُهو حصو جنهن تي سج اُڀرڻ وقت اُس پوي.

ٽونڪ: چوٽيءَ وارو ريٽيءَ جو وڏو دڙو.

لَڪَ: ريٽيءَ جو وڏو دڙو.

ساڳيءَ طرح، سنڌي مسلمانن جي ثقافت سان واسطو رکندڙ ڪن لفظن جي ڄاڻ ڀارت جي عام سنڌين کي نہ آهي. جيئن تہ: ڪارو_ ڪاري، حق بخشائڻ، ذبح ڪرڻ وغيره.

**(ب) ٻين ٻولين جا سنڌيءَ ۾ داخل ٿيل لفظ:**

1. **انگريزيءَ جا گھڻا** لفظ اهڙا آهن، جيڪي سنڌيءَ ۾ ٻين علائقائي ٻولين ۾ جذب ٿي ويا آهن. جيئن تہ، اسٽيشن، پليٽفارم، اسپتال، ڊاڪٽر، نرس، ماستر، اسڪول، ڪاليج، گلاس، ڪلاس، ڪرڪيٽ، بئٽ_ بال، رنس/ رنسون، ريڊيو، ٽيليويزن وغيره. تازو جديد ٽيڪنالاجيءَ جا گھڻيئي انگريزي لفظ جيئن جو تيئن، سنڌيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪتب پيا اچن. جيئن تہ ويب_ سائيٽ، سائبر ڪئفي، ڪامپيوٽر، فلاپي، اي_ ميل فئڪس، موبائيل فون.
2. **هندي لفظ:** ملڪي انتظام سان واسطو رکندڙ لفظ لازمي طور سنڌيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ استعمال ڪيا پيا وڃن. جيئن تہ: راشٽر پتي، اُپ_ راشٽر پتي، پرڌان منتري (وزيراعظم) مُکيہ منتري (چيف منسٽر)، سنسد ڀون (پارليامينٽ هائوس)، سچو Sachiv) سيڪريٽري)، سچواليہ (سيڪريٽريٽ). اهڙن لفظن کان سواءِ ٻيا بہ گھڻيئي هندي لفظ سنڌيءَ ۾ عام جام واهپي ۾ پيا اچن. جيئن تہ: آڪاشواڻي (ريڊيو)، دُوردرشن (ٽيليويزن)، درشڪ (Viewer)، آتنڪ (دهشت)، پُرشارٿ (اُدم)، واتاورڻ (environment)، اُدگھاٽن (inauguration)، سواگت (آجيان) وغيره. سنڌيءَ جي درسي ڪتابن ۾ بہ ٽيڪنيڪي لفظ يا اصطلاح، جيڪي اڳي عربي، فارسيءَ وارا ڪتب ايندا هئا، اُنهن جي بدران هاڻي هندي اصطلاحن جو واهپو وڌندڙ آهي، ڇاڪاڻ تہ شاگردن کي عربي_ فارسي لفظ اوکا محسوس ٿين

تا، جو هنن اُهي ڪڍهن ٻڌا_ پڙهيا نہ آهن ۽ هندي ٽيڪنيڪي اصطلاحن کان هو اڻڄاڻ واقف آهن. مثال طور گرامر جا ڪجهہ لفظ ڏسو: ورتمان ڪال (زمان حال)، ڀُوت ڪال (زمان ماضي)، ڀوشيہ ڪال (زمان مستقبل)، سنگيا (اسم)، سروَنام (ضمير)، وِشيشڻ (صفت)، ڪِريا (فعل)، پُلِنگ (مذڪر) استري لِنگ (مونث) وغيره.

3. **سنڌيءَ ۾ گجراتي لفظ:** راجي نامو (استعفا)، کيڙوت (ڪسان)، گامڙو (ڳوٺ)، چؤڪس (خبردار)، ڀوائي (لوڪ ناٽڪ جو هڪ قسم)، گربا (لوڪ ناچ جو هڪ قسم)، واستو پُوڄن (نئين گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ جي پُوڄا)

4. **سنڌيءَ ۾ مراٺي لفظ:** پيٺ (گهٽي، علائقو)، وديا پيٺ (يونيورسٽي)، رنگولي (مڪان جي مکيہ دروازي جي ٻاهران زمين تي رنگن سان چِتر ڪڍڻ)، ڪُنڪمُ پتريڪا (شادي لاءِ دعوت نامو) سينگہ دٽا (ٻيهي مُگ)، جڪات ناڪو (چُونگي، ناڪو ٽول ٽئڪس ڀرڻ جي جاءِ)، شريکنڊ، چِڪي، ڀيل پوري (کاڌي جون شيون)، وغيره.

5. **سنڌيءَ ۾ پنجابي لفظ:** پنُورا، ڪُلچا (کاڌي جون شيون)، ڀانگڙا، گِدا (لوڪ ناچ جا قسم)، لاڙا_ ليا (لوڙ آسرا، بهانا) ناڪو (مڱڻي جي پڪي مصري).

6. **سنڌيءَ ۾ ڏکڻ ڀارت جي ٻولين جا لفظ:** اِڊلي، ڊوسا، سامبر وڙا، اُتپم رَسم، اُپما (کاڌي جي شين جا قسم).

7. **ڪِن سنڌي لفظن جي معنيٰ ۾ ڦيرگهير:** سنڌيءَ ۽ علائقائي ٻولين ۾ جيڪڏهن ڪجهہ لفظ ساڳئي اُچار وارا آهن، پر اُنهن جي معنيٰ علحدي آهي، تہ سنڌيءَ ۾ اهڙا لفظ علائقائي معنيٰ سان بہ ڪتب پيا اچن. جيئن تہ مراٺيءَ ۾ "مست" جي معنيٰ

آهي سُهڻو دلڪش ۽ سنڌيءَ ۾ معنيٰ آهي "چريون، پاڳل". پر هاڻي سنڌيءَ ۾ بہ اهو لفظ عام جام مرائيءَ واري معنيٰ سان ڪتب پيو اچي. سنڌيءَ ۾ "واندو" لفظ جي معنيٰ آهي "فرصت وارو". پر هاڻي گجرات جي سنڌين ۾ اِهو لفظ گجراتي معنيٰ ۾ واهپي ۾ پيو اچي: واندو ناهي: چنتا، ڳڻتي ناهي).

**سنڌي لکاوٽ ۾ غلطيون:**

ڀارت جي تعليمي سرشتي ۾ ورهاڱي بعد شروعاتي پندرهن کن سال سيڪنڊري اسڪولن ۾ هڪ ڪلاسيڪل ٻولي (سنسڪرت يا فارسي) پاڙهي ويندي هئي. ان دؤر ۾ گهڻيئي سنڌي شاگرد فارسي ٻولي سکندا هئا. پوءِ اهو سرشتو ختم ڪيو ويو. فارسي ٻوليءَ جو علم نہ هئڻ ڪري، اڄڪلهہ وڌن وڌن سنڌي ليکڪن جي لکڻين ۾ بہ گهڻن ئي فارسي لفظن جون هجيئون غلط لکيل نظر اچن ٿيون. مثال طور: وابسطہ (درست آهي وابستہ) لحاذ (درست آهي لحاظ)، مظبوت (درست آهي مضبوط)، مثئلو (درست آهي مسئلو)، مهاورو (درست آهي محاورو)، استلاح (درست آهي اصطلاح) وغيره. ان قسم جون غلطيون ڏينهون ڏينهن وڌنديون آهن.

**سنڌي اُپ- ڀاشائن جو فرق گهٽجڻ:**

سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اُپ- ڀاشائن (Dialects) جو فرق قائم آهي، پر ڀارت ۾ هاڻي اهو فرق گهڻي قدر ختم ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي سنڌ جي جدا جدا علائقن مان لڏي آيل سنڌي ڪئمپن ۽ ڪالونين ۾ گڏ رهي رهيا آهن. ان کان سواءِ سنڌي اسڪولن ۾ پڙهندڙ جيڪي سنڌي شاگرد آهن، اهي سنڌيءَ جي تعليم معياري وچولي سنڌيءَ ۾ وٺن ٿا، جنهن جو اثر سندن ڳالهائڻ- ٻولهائڻ تي گهڻو پيو ٿو. مثال طور: 'مان چيو'، 'مان کي ڏي'، 'ڪاڏي ويو'، 'ڪاڏهون آيو'، 'ڳوٺئون آيو آ' وغيره پريوگ ڀارت جي نئين ٽهيءَ جي سنڌين مان گهڻي قدر نڪري ويا آهن. شڪارپوري

ڪتنبن جا ٻار هاڻي 'ڪارڪان'، 'ڪلان'، 'ڪتان' بدران 'ڪارڪون'، 'ڪلون'، 'ڪتون' چوندا آهن.

**سنڌي ادبي رچنائن مان ڪجهه مثال:**

ڀارت ۾ سنڌي ليکڪن جي ادبي رچنائن جو جيڪڏهن باريڪيءَ سان مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو هرهڪ اديب جي پنهنجي پنهنجي نرالي عبارت آهي. لڇمڻ ڀاٽيا 'ڪومل' ۽ ٻلديو مٽلاڻيءَ جي ٻوليءَ ۽ عبارت تي اردوءَ جو گهڻو اثر آهي، تہ پريم پرڪاش جي ٻوليءَ تي هنديءَ ۽ گجراتيءَ جو گهڻو اثر آهي. ادبي رچنائن جي ڀيٽ ۾ سنڌي اخبارن جي ٻولي، ٻين ٻولين جي اثر ڪري، گهڻي قدر بگڙي ويئي آهي. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

(1) "هر سنچار سرشتي وانگر، ڀاشا سنچار ۾ بہ پرڪريائون هلن ٿيون. هڪ آهي ٻوڌڪ پرڪريا (Mental Process) ۽ ٻي آهي ڀؤتڪ پرڪريا (Physical Process) .... واسطيدار سُوچنا کي ڪوڊ ۾ ٻڌڻ (To Codify) ۽ وري ڪوڊ ڀڃي (To decode)، اِن مان واسطيدار سوچنا حاصل ڪرڻ، ٻوڌڪ پرڪريا جو حصو آهي، جاڪاڻ جو اها پرڪريا ٻڌڻ‍َ جي ڏراتل تي ٿئي ٿي ۽ جنهن جي ڄاڻ گيان- اندرين دوران حاصل نٿي ڪري سگهجي." (ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان، ص. 33، ستيش روهڙا)

(2) "ڪلاتمڪ سنڌي ناٽڪ کي منچ مُيسر ڪري ڏيڻ لاءِ سنڌي ڊراما ورڪشاپ جي اِستاپنا، جنهن اڄ آرٽ ناٽڪن جي آندولن جي شڪل اختيار ڪئي آهي. ورڪشاپ دوران پيش ڪيل بہ- سؤ کن اِمپرووائيزيشن، ٽي ڊزن ايڪانڪي ناٽڪ، ڊزن کن مائيم، اَڌ ڊزن ترجما، هڪ عدد فُل- لينٿ ناٽڪ، ڪوتائن ۽ غزلن جي وزيوئل فارم ۾ پيش

ڪش." (لکمي کِلاڻي، پريم پرڪاش ۽ سنڌي ڊراما ورڪشاپ، مُکتي، ص 7)

(3) اوهان/ سچ آهي/ اکين آندرين اُنيُوتيءَ/ جو/ آنتر سنگهرش/ آدرشي هو/ آدرشي رهيو/ مان درشي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويُس/ تون سچ ٿو چوين/ ساهه ڪڍڻ وسري ويو هو مون کان." (هريش واسواڻي، ٻُڙي ۽ ٽي ٻُڙيون، ص 9).

**اخبارن ۾ سنڌي ٻولي:**

(1) "جيڪي اوورسيز سٽيزنس آف انڊيا" طور رجسٽر ٿيل هوندا ته کين "U" نالي ويزا ملندي، جا تا عمر ملٽي- پرپز ۽ ملٽي- اينٽري ويزا هوندي. تنهنجو مطلب آهي ته OCI ڪارڊ هولڊر ڪنهن به وقت، ڪهڙي به ڪم سان، ڪيتري به وقت لاءِ ڀارت اچڻ جو حقدار ٿيندو. کيس پوليس وٽ رپورٽ ڪرڻ کان ڇوٽ آهي. آرٿڪ، مالي توڙي تعليمي کيتر ۾ کيس ايتري ئي آزادي آهي، جيتري NRI کي، البت هو زرعي يا باغاتي پلاٽس ملڪيت حاصل ڪرڻ جو حقدار نه رهندو."

(سبڌي ڀاشا، هفتيوار نڙياد، تاريخ 2005_2_5)

(2) اڄ چارون اور شانت آهي.... اڄ ديش جي ناگرڪ جون نظرون چارون اور چوڪس آهن.... آسماجڪ تتو.... هي پنگوُ پرشاسن ڪجهه نه ڪري سگهندو.... آگ ٻجهامي کين آهي. (آمن هند، ديو جهوڙاڻي، ڀوپال (1993_4_1)

(3) مهورت تي آيل سيني معزز شخصن، سوشل ورڪرن، پترڪارن خواه لڳل ڄڻن سموُهه کي رات جو پريتي ڀوڄن پڻ گهڻي پيار ۽ ستڪار سان ڪارايو ويو. .... جونو پراٿڪ پرچار ڪرڻ جو هن پڪش، آسرو ورتو آهي.... گجرات ۾ وري پاڪستاني ناگرڪ جهجهي تعداد ۾ گهُسي آيا آهن،

اهڙي ماهتي سرڪار کي ملي آهي. (سچائي، پرسرام ٻوداڻي، احمد آباد (23-5-1993).

(4) آجمير ۾ رکيل ٻهؤ- ڀاشا راشٽريہ سيمينار جي زوردار ڪاميابي. ادگهاٽن سٽر جو تمام سهڻي نموني سنچالن، ڊائريڪٽر سيمينار ڊاڪٽر هاسي دادلاڻيءَ ڪيو. (چٽنگون- مهيش هنسراج پنجابي، احمد آباد (2006-2-13).

(5) (الف) فون ٽيپنگ تي سرڪار جاري ڪيا دشا- نِرديش.

(ب) پردرشن ڪندڙن تي آنسو گئس جا گولا ڇوڙيا.

(پ) سڀ آڌڪار پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ کان پوءِ نيپال نَريش دوار ان ديش ۾ لوڪ تنتر بحاليءَ جي ڊشا ۾ پهرئين قدم طور تي ڏنا ويندڙ نگر نِگم چونڊن لاءِ اج سخت سُرکشا ۾ متدان شروع ٿيو. پر هن دؤران مائو وادين ٻن جي هتيا ڪئي ۽ 10 سرڪاري آفيسرن جو اَپهَرڻ ڪيو.

(هندو روزاني، ايڊيٽر هريش ورياڻي 2006-2-10)

**سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديليون:**

ملڪ جي ورهاڱي بعد، سنڌ ۾ پڻ اهڙيون حالتون پيدا ٿيون آهن، جن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ چڱي ڦير گهير رهي آهي. ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ تي انگريزيءَ، هنديءَ ۽ ٻين علائقائي ٻولين جو اثر آهي، ته سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي انگريزيءَ ۽ اردوءَ جو گهڻو اثر پيو پوي. ان جو مکيہ سبب آهي ته اردو پاڪستان جي قومي (سرڪاري) ٻولي آهي. اُها انگريزيءَ سان گڏ سرڪاري لکپڙه ۾ ڪتب پيئي آچي. ٻيو ته تعليمي سرشتي ۾ هرهڪ سنڌي شاگرد کي سيڪنڊري اسڪول جي سطح تي، اُردوءَ جو گهڻو واهپو آهي. ان جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي پوڻ سڀاويڪ آهي. هاڻوڪي دور ۾ سنڌيءَ تي انگريزيءَ جو اثر بہ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. ڀارت وانگر سنڌ ۾ بہ اونچي طبقي وارا سنڌي پنهنجن ٻارن کي انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾

تعليم ڏيارڻ پسند ڪن ٿا. اهڙي ماحول جي باوجود، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڏڪائڻ جي ڪا سازش ڪامياب ٿيندي نظر نه ٿي اچي. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي جا ڳالهائيندڙ پنهنجي ٻولي سان پيار ڪن ٿا. جتي صدين کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر ٿيندي رهي آهي. ڳوٺن ۾ سنڌي ثقافت موجود آهي. گهرن ۾ روزاني وهنوار ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو آهي، جيڪو ٻوليءَ کي امر رکندو.

سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي مکيه تبديليون مون کي نظر آيون آهن، اُهي هن ريت آهن:

1. اُردو عدد جمع وارن روپن جو وڌندڙ استعمال: خواتين، حضرات، صاحبان، ڪرامات، الفاظ، فرائض، روابط، قوانين، مضامين، خدمات.
2. حرف جملي 'و' وارا فقرا: عجيب و غريب، نام و نمود، شان و شوڪت، حسب و نسب، سامان و اسباب.
3. زير اضافت وارا فقرا: شجره نسب، سلسلهٔ نسب، صوانح حيات، قوتِ تحرير، خِراج عقيدت.
4. اسمن جي اردوءَ واري جنس اپنائڻ:

| | |
|---|---|
| اَڄ موسم سُٺو آهي. | درست—(موسم سُٺي آهي) |
| هن شراب پيتي | درست- (هن شراب پيتو) |
| هن غزل پڙهي | درست- (هن غزل پڙهيو) |

5. اسمن جي هجي سنڌي وياڪرڻ موجب نه لکڻ:

'جوٽيجي' کي 'جوٽيجہ'، 'پٽي' کي 'پٽہ' لکڻ 'ذريعي' کي 'ذريعہ' لکڻ.

6. عربي- فارسي لفظن جو گهڻو استعمال:

سنڌ جي سنڌي اخبارن ۽ ڪتابن ۾ گهڻيئي اڻڪا عربي- فارسي لفظ عام جام ڪتب پيا اچن، جيڪي ڀارت جي

پڙهيل- ڳڙهيل سنڌين جي به سمجهه کان ٻاهر آهن. مون کي ياد آهي، ياءُ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ 1981 ۽ 1982ع ۾ سائين غلام مرتضيٰ سيد جو لکيل دستخط "سنڌوءَ جي ساڃاهه" ممبئيءَ مان، ٻن ڀاڱن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ان ۾ گهڻيئي اڻڪا عربي- فارسي لفظ ڏسي، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ فارسيءَ جي ماهر پروفيسر منشارامائيءَ کي عرض ڪيو ته هر هڪ ڀاڱي ۾ استعمال ٿيل اهڙن لفظن جي فهرست معنيٰ سان گڏ تيار ڪري ڏي. هن اهڙي ننڍڙي لغات تيار ڪئي، جيڪا هرهڪ ڀاڱي جي آخر ۾ شايع ڪئي ويئي. اهڙن لفظن جا ڪجهه مثال ڏسو:

معاشرو (سماج)، اِستحصال (ڦرلُٽ)، نِشاندهي (اشارو ڪرڻ)، محڪوم (غلام) مستند (سَنَڌي)، تفتيش (ڇنڊڇاڻ)، زرمبادله (وديشي ناڻو (Foreign exchange) مُفتوح (هارايل)، اِڪتفا (سنتوش)، اظهر من الشمس (پڌرو ثابت)، اِبن الوقت (موقعي پرست)، نعم البدل (هم معنيٰ)، مرهون منت (احسانمند)، تارڪ الدنيا (ويراڳي)، روح القدس (پوتر آتما)، آقوال (قول، وچن).

اهڙي قسم جي راءِ مشهور صحافي علي احمد بروهي صاحب به ظاهر ڪئي آهي، هُو لکي ٿو:

"وقت جي ٻيڙ ۽ ٻچ – ٻچان ۾ اسان جا نوجوان صحافي خبرن جو پوراٿو ڪرڻ لاءِ زور رکن ٿا اڙدو اخبارن جي آنڊا- ڏنڊ ترجمن تي. نِج ۽ نيٺ سنڌي لفظ وجي ڪڏ ۾ پيا، پر عام فهم اکرن جي به ڄاڻ نه هئڻ ڪري، هو ڏار- ڏار اڙدو اکر استعمال ڪندا رهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو اوهان کي سنڌي اخبارن اندر معطل، مثبت، تسلط، مزاحمت، منتشر، محصورين، متاثرين ۽ مداخلت جهڙا ڦوڙاٽ اکر، عام جام سنڌيءَ جي سيني تي مڱ ڏريندي نظر ايندا."

(آسان کي متان وساريو: گنگارام سَمراٽ جي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي پيش لفظ ۾ ڏنل حوالو 1999ع).

7. ڊاڪٽر الانا جي، ان پيش لفظ مان اِهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ اڄڪلهہ ٽيليويزن ۽ ريڊيو تي بہ گھڻيئي خبرون ڏيندڙ غلط اُچار ڪن ٿا. جيئن تہ 'ڪبرون (خبرون)، ڪت (خط)، گلام (غلام)، گور (غور) وغيره. اِن ڪان سواءِ سرائيڪي لهجي جي اثر ڪري، ڪي سنڌي ڳالهائيندڙ جملي ۾ حالت عام ۾ عدد جمع ۾ لفظن جا آخري سُر ڪيرائي ٿا ڇڏين جيئن تہ:

ڇوڪري ڪي اَ/ آتِ شيون ڏي: ڇوڪريءَ کي آٺَ شيون ڏي،

هاري ٻني ۾ پاڻي وهايو: هاريءَ ٻنيءَ ۾ پاڻي وهايو.

(ساڳيو ڪتاب، پيش لفظ ص 6)

ساڳيءَ طرح، ٻين اِسمن جو استعمال پڻ سنڌي وياڪرڻ جي بنيادي قاعدن خلاف ڪيو پيو وڃي. جيئن تہ:

آءُ ڪنڌيارو مان پيو آچان. يا آءُ مورو مان پيو آچان.

سنڌي ٻوليءَ جي ويڪارٽي سٽاءَ موجب، هيئين هئڻ گهرجن: "آءُ ڪنڌياري مان پيو آچان"، "آءُ موري مان پيو اچان"، "هُو ڪالهہ ممبئي ويو" هئڻ گهرجي، "هو ڪالهہ ممبئيءَ ويو".

8. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ هندو۔ مسلم ثقافت جو جيڪو مرڪب يا گڏيل (composite) روپ هو، اُهو هاڻي گهڻي قدر ٽٽي پيو آهي. سنڌي مسلمانن کي هندن جي ڏڻن وارن، ريتن رسمن جي پوري ڄاڻ نہ رهي آهي. ٻئي طرف، ڀارت ۾ سنڌي هندو پڻ سنڌي مسلمانن جي خاص ريتن رسمن کان واقف ناهن. هتي ٻوليءَ جي حوالي سان پنهنجن شخصي آزمودن مان ڪي مثال پيش ڪندس.

1986ع ۾ جڏهن مان اُڻيتاليهن سالن جي عرصي بعد، پهريون دفعو سنڌ ۾ آيو هوس، تہ ڪجهہ ڪلاڪ لاڙڪاڻي ۾ بزرگ عالم ۽ تعليمدان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي سنگت ۾ گذارڻ جي خوشنصيبي حاصل

تي هئي. سنڌي هندن جي ڪن ريتن رسمن جي بنياد تي اسان جي ٻوليءَ ۾ جيڪي محاورا ٺهيل آهن، تن بابت هن تفصيلوار ڄاڻ مون کان پڇي. جيئن تہ: پڳڙيون ٽيڻ، سورهن ئي شراڌ پورا ڪرڻ، جُڃ تي ويهڻ، گوروئي گنگا تي هئڻ، ڏتر مٺڻ وغيره. اِنهن رسمن جي ڪيس ڄاڻ ڪانہ هئي. جامع سنڌي لغات (سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ) جي پنجن جلدن جا ورق ورائيندي ڏٺم تہ اُنهن ۾ چڱا ئي اهي لفظ داخل ٿيل نہ آهن، جن جو واسطو سنڌي هندن جي ريتن رسمن ۽ ورتن نيمن سان آهي. تحقيقي مقالن ۾ گهڻن ئي هنڌن تي هندن جا نالا بہ غلط لکيل آهن (جيئن تہ راءِ بهادر جڳنتا نارائڻ، ص 35: ناجندرا ناٿ گپتا، ص 85-86، سنڌي صحافت جي اِرتقا ۽ تاريخ، ڊاڪٽر عزيزالرحمان ٻگهيو 1988ع. اِنهن جا صحيح نالا آهن. نارايڻ جڳننتا وئديہ، جنهن جي نالي پنيان ڪراچيءَ جو (N.J.V High School) آهي. نگيندر ناٿ گپتا، صحيح نالو آهي.

9. عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن جي هجيئن جو مسئلو ٻنهي ملڪن ۾ اڃا تائين جيئن جو تيئن قائم آهي. ڀارت ۾ اعرابن جو اُهو جهونو طريقو جاري آهي، جيڪو 1950ع ڌاري درسي ڪتابن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف، سنڌ ۾ هاڻي فارسيءَ وارو طريقو عمل ۾ آندو ويو آهي، جيڪو ڊاڪٽر دائود پوٽي 1940ع ڌاري شروع ڪرايو هو. جيئن تہ:

شي / شيَ / شئِ / شئي؛ سِيڙ / سٿڙ

ٻڪِري / ٻڪري، مُول / مُوَل

10. سنڌ جي صحافت ۾ انگريزيءَ ۽ اُردوءَ جي آميزش واري سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مثال ڏسو:

"شمشيرالحيدريءَ جي شخصيت ۽ سندس فن ۽ سنڌي اديبن، صحافين ۽ فنڪارن جي قافلي جي ڀارتي ياترا جي سلسلي ۾اِن قافلي ۾ شامل شخصيتن جا پروفائيل، رپورٽون، مضمون collect ڪرڻ بہ هڪ

نهايت time consuming ڪم هو. جيتوڻيڪ پارٽ ويندڙ وفد ۾ آئون به شامل هئس ۽ منهنجو نالو سيني processes ۽ formalities مان finalize به ٿي چُڪو هو پر پرچي جي تياري ۽ ڪن ٻين سببن ڪري مون پارٽ وڃڻ کان معذرت ڪري ڇڏي هئي...."

(سنڌ رويو ڪراچي سيپٽمبر 2005ع "پنهنجي پاران" عرفان عباسي)

**11. فارسي آميزش واري سنڌيءَ جا مثال:**

"گرفتار زلف، خمدار جا حسن پرست، شراب محبت جا مست، عشق جو داستان فرحت بيان هن طرح تا قلم کي سُپرد ڪن، ته جڏهن راحت جان تي بعد فراغت علم جي ۽ مشقت مشق قلم جي جوش جوانيءَ جو قائل ٿيو تڏهن هُو شوق شڪار ۽ عشق عاشقيءَ ڏي مائل ٿيو..."

(آخوند حاجي فقير محمد 'عاجز'، گلشن بهار حيدرآباد سنڌ، 1960ع، ص 7)

"هونئن به سنڌ صوفين، صالحن، ولين، اصحابن ۽ اوليائن، پيرن فقيرن، درويشن ۽ دردمندن، فقيهن ۽ فقرائن، قطبن ۽ قلندرن، سيدن ۽ ساداتن، عالمن ۽ علمائن، مخدومن ۽ محدثن، اهل فڪر، اهل علم، فاضلن ۽ فياضن سخن سنج ۽ سخن فهم، سياڻن، سمجهدارن ۽ سگهڙن، مهمان نوازن ۽ مروت ڪندڙن، سنون، سڌن سباجهڙن جو ديس آهي."

(علي نواز وفائي، يادگار مولانا وفائي، ڪراچي، 1973ع، ص 2)

اِنهن مثالن مان ائين نه سمجهڻ گهرجي ته سنڌ ۾ شايع ٿيل هرهڪ سنڌي ڪتاب جي اهڙي عبارت آهي. سنڌ جي افسانوي ادب، ناٽڪن ۽ شاعريءَ جي ٻولي گهڻي قدر ٺيٺ، نِج، ۽ ڇيدي سنڌي آهي. سراج الحق، غلام نبي مغل، آغا سليم، حميد سنڌيءَ، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه وغيره جي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ اسان کي نِج ۽ محاوريدار سنڌي ٻولي ملي ٿي.

12. منهنجي ويچار ۾ هن دؤر ۾ پارٽ ۽ سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻو فرق شبد- ڀنڊار يا لغات ۾ نظر اچي ٿو. هتي

هڪ ٻه مثال پنهنجي شخصي آزمودي مان ڏيندس. ماهتاب محبوب پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ هُوءَ الهاس نگر ۾ سنڌي اديبن جي هڪ ميڙ ۾ ويٺي هئي تہ ڪن اديبن سندس ساراهہ ۾ چيو تہ ماهتاب جو سنڌي افسانن ۾ اَهم يوگدان آهي. هن لاءِ 'يوگدان' لفظ بلڪل نئون ۽ اوپرو هو. هن لکيو آهي تہ آتشدان، شمعدان، روشندان، پاندان وغيره لفظ تہ هن ٻڌا آهن، پر هيءَ 'يوگدان' ڪهڙي بلا آهي؟ نيٺ پاسي ۾ ويٺل ڪنهن ليکڪ کان ان جي معنيٰ پڇيائين، جنهن ٻڌايس تہ 'يوگدان' جو مطلب آهي 'contribution' . ساڳيءَ طرح ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي تہ ڪيس منوهر متلاڻيءَ جي پي. ايڇ. ڊيءَ لاءِ لکيل ٿيسز پڙهندي "ايڪانڪي" لفظ جي معنيٰ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي. گهڻو پوءِ جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب "ساهت جي پرک" پڙهندي کيس معلوم ٿيو تہ ان لفظ جي معنيٰ آهي 'يڪ فصلو ناٽڪ' (One_act play)

ٻئي طرف ڏسجي تہ ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ توڙي ٻين ڀارتي ٻولين ۾ اِهي ٻئي لفظ عام فهم آهن. جيڪي اسڪولي سطح تي درسي ڪتابن ۾ ٻار عام طور پڙهندا آهن ۽ استعمال بہ ڪندا آهن. سنڌ جي سفر دوران، اُتي جي سنڌي دوستن سان ڳالهيون ڪندي، ساڳيءَ طرح جڏهن منهنجي واتان 'وشيہ' (موضوع)، 'سنتان' (اولاد)، 'ڪيتر' (ايراضي) جهڙا عام فهم لفظ ٿي نڪتا، تہ ڏٺم اهي ڪن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيا. اُن تي پوءِ مون مٿي برئڪيٽ ۾ ڏنل هم معنيٰ لفظ پئي استعمال ڪيا.

هاڻي جيڪڏهن ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جي حالت ڏسجي تہ ڪيسن سنڌ مان شايع ٿيل سنڌي ڪتابن ۾ ڪتب ايندڙ گهڻيئي نيٺ سنڌي لفظ ۽ ڳوڻاٺا اصطلاح بہ سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن. اردو عربي- فارسي لفظن ۽ محاورن جي ڳالهہ ئي ڇڏي ڏيو.

چوويهن- پنجويهن سالن جي عمر جا سنڌي نوجوان، جيڪي غير- سنڌي ماحول ۾ ڄاوا ۽ نپنا آهن، اهي جڏهن دهلي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي پڙهڻ لاءِ ايندا آهن، تڏهن پنهنجي ئي مادري زبان ۾ سندن لياقت جي ڪريل سطح کي ڏسي، ڏنديون آڱريون ڏيڻيون پونديون آهن. ٻوليءَ جي بنيادي لفظ ڀنڊار جي ٻـ ڪين ڄاڻ نـ هوندي آهي. 'ٽونٽ' کي چون 'ڪوهني'، 'ٽرڙ' کي 'لاٽ'، 'لونڊڙيءَ' کي 'ڪنپٽي'!

گذريل سال، مارچ مهيني ۾ جڏهن ڀاءُ سراج الحق ميمڻ ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ سيمينار تي آيو هو تـ ساڻس ملاقات ٿي. هن ڳالهين ڪندي چيو تـ هتي جيڪي سنڌي ڪتاب مليا آٿم، تن مان معلوم ٿئي ٿو تـ ڀارت جا سنڌي ليکڪ ڄاڻي واڻي هندي- سنسڪرت لفظ گهڻي تعداد ۾ ڪتب آڻي، سنڌي ٻوليءَ کي هندڪو ويس پهرائي رهيا آهن. اِن تي مون سندس راءِ تي اختلاف ظاهر ڪندي کيس چيو تـ حقيقت ۾ اهو ڀارت جي ڀاشائي ماحول جو اثر آهي. هتي جا سنڌي ليکڪ جڏهن قلم هٿ ۾ کڻن ٿا، تڏهن اهڙا لفظ سهج- سڀاءَ سندس دماغ ۾ ايرن ٿا. انهن جا هم معنيٰ چيدا لفظ جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ موجود آهن تـ انهن جي ڪين ڄاڻ نـ آهي، يا لکڻ وقت ڪين اُهي لفظ هڪدم سجهن ٿا.

آزادي بعد، اڻونجاهـ کن سالن جي عرصي ۾، ڀارت ۽ سنڌ جي سنڌي ٻولي، ٻنهي ملڪن جي علحدن سماجي ۽ ڀاشائي اثرن سببان، ٻن الڳ الڳ ڏِسائن ۾ اوسر پائي رهي آهي. اهو وقت پري نـ آهي، جڏهن عبارت جي لحاظ کان سنڌي ٻولي ٻـ نِرالا روپ اختيار ڪندي، جن کي "ڀارت جي سنڌي" ۽ "سنڌ جي سنڌي" سڏيو ويندو.

لعل سنگهه اجواڻي / هيرو شيوڪاڻي

# سنڌي ڀاشا ۽ اُن جو اصل نسل

اٽڪل هڪ صدي اڳ ڊاڪٽر اي. ٽرمپ پنهنجي وڏي ڪتاب "سنڌي گرامر" 1872ع ۾ سنڌي ڀاشا جو اونهو اڀياس پيش ڪيو هو. ان ڪان پوءِ ٿيل کوجنائن جي باوجود سنڌس اها دعويٰ اڄ بہ صحيح مڃي وڃي ٿي: "سنڌي بنيادي طور سنسڪرت نسل جي ڀاشا آهي. اُها اُتر ڀارت جي ٻين ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ پرڏيهي عناصرن ۽ اثر ڪان آجي آهي. پراڻي پراڪرت جي وياڪرڻ لکندڙن وٽ، اپڀرنش ٻوليءَ کي، جنهن مان سنڌيءَ جو جنم ٿيو گهٽ درجي جي اپڀرنش مڃڻ جا واجب سبب ٿي سگهن ٿا، ليڪن اڄ جيڪڏهن اسين ان جي، ٻين ڀاشائن سان، مشابهت ڪنداسين تہ سنڌيءَ کي، وياڪرڻ جي درشٽيءَ کان، انهن ۾ سڀ کان مٿانهون درجو ڏينداسين. هاڻوڪي مرهٽي، هندي، پنجابي توڙي بنگاليءَ جي ڀيٽ ۾، سنڌي پراڻي پراڪرت جي وڌيڪ ويجهو آهي. اُن ۾، انهيءَ گرامر جا مکيہ عناصر گهڻي ڀاڱي محفوظ آهن، جن لاءِ سنڌس ٻيئرون ان سان ريس ڪري سگهن ٿيون. ٻيون سڀ هاڻوڪيون پرانتڪ ڀاشائون (صوبائي ٻوليون)، گهڻي قدر بگاڙي جي اوستا ۾ آهن، جن ۾ پراڻي پوتر مول ڀاشا بگڙيل ڍيئرن ۾ مشڪل سان سڃاڻپ ۾ اچي ٿي، ان جي اُبتڙ سنڌيءَ، ان جا سڀ کان گهڻا ۽ اهم ارڪان سانڍي رکيا آهن ۽ پاڻ لاءِ اهڙي نحوي اڻت اختيار ڪئي آهي جا سنڌس ٻيئر ٻولين جي گهرگهلي ۽ هڪ ڪري اڻت جي مقابلي ۾ وڌيڪ سهڻي ۽ اندروني هڪجهڙائيءَ واري آهي.

"سنڌي، پراڻي پراڪرت کان پوءِ، تبديل جي پهرين منزل ۾، يڪسان رهي آهي، جڏهن تہ ساڳئي نسل واريون ٻيون زبانون ڪجهہ وڌيڪ

بدلجي ويون آهن. اسان ڏسنداسين تہ پراڻي پراڪرت جي وياڪرڻي ڪرمديشور اپيرنش جي حوالي ۾ جيڪي نيم طئہ ڪيا آهن، اهي اڄ بہ سنڌي ٻاشا ۾ موجود آهن. اِها ڳالهہ ٻين ٻاشائن سان لاڳو ناهي. ان ڪري سنڌي هڪ خودمختيار زبان ٻڻجي پيئي آهي. جيتوڻيڪ ان جو اصل نسل، پنهنجي ڀينر ٻاشائن جهڙو آهي، تنهن هوندي بہ اها ڪانئن گهڻي الڳ آهي."(1)

سنڌي ٻاشا جي هڪ ٻئي مستند ماهر سر جارج گريئرسن، سنڌي ٻاشا کي ڀارت جي آريہ ٻاشائن جي سنسڪرت خاندان جي ٻاهرين اپ- شاخ جي اتر اولهہ گروهہ ۾ "لهندا" سان گڏ رکيو آهي. اِهو گروهہ اتر ۾ اتر اولهہ جي علائقن ۾ داردڪ ٻولين کان متاثر ٿيل مڃيو ويجي ٿو. "اُن جي اولهہ ۾ ايراني- پشتو آهي ۽ ذڪرڪ ۾ اهو خطو عربي سمنڊ تائين وڃي ٿو. اِهو فقط اوڀر ۾ ٿي ٻين ڀارتي آريہ ٻاشائن جي سمپرڪ (تعلق) ۾ اچي ٿو. اهي (ٻوليون) نمبروار اتر کان ذڪرڪ طرف هن ريت آهن: پنجابي، راجستاني، مارواڙي اپياشا ۽ گجراتي. انهن تنهي جو اندرينءَ اپ شاخ سان ناتو آهي. ڪنهن زماني ۾ انهيءَ سڄي خطي ۾ داردڪ ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون، جن جا اهڃاڻ اڄ بہ سنڌي ۽ لهندا زبانن ۾ لڀن ٿا. مگر داردڪ ٻولين جيِ ان پرياو جي باوجود اِهي ٻئي، چٽيءَ ريت ٻاهرين اپ شاخ جون زبانون آهن ۽ اوڀر ڀارت جي ٻاهرين اپ شاخ جي زبانن سان اِنهن جو جيترو لاڳاپو آهي، اوترو ئي پنجابي ۽ راجستانيءَ مِان لاڳاپي جي غيرموجودگي آهي."(2)

لهندا بابت سر جارج گريئرسن چوي ٿو "اها پڇمي هنديءَ جي اثر هيٺ بگڙيل داردڪ ٻاشا سڏي سگهجي ٿي، جڏهن تہ پنجابي داردڪ ٻولين سبب بگڙيل پڇمي هنديءَ جو هڪ روپ آهي." پر سنڌيءَ متعلق هو چوي ٿو "ان جي ابتڙ سنڌيءَ گهڻي قدر پنهنجي ٻاهرين اپ شاخ جون مول ٻاشائي خصوصيتون سانڍي رکيون آهن، مگر ڪنهن حد تائين ان تي داردڪ ٻوليءَ جو اثر آهي. ان جي اوڀر ۾ راجستاني آهي، پنجابي ڪانهي.

ان جو هڪڙو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اها پڇمي راجستان جي ريگستان جي جاگرافيائي رنڊڪ ڪري، اوپر جي حملن کان بچيل آهي. جتي هاٿوڪي لهندا اڻ ڏني روپ ۾ جذب ٿي وڃي ٿي، اتي سنڌي، راجستانيءَ ۾ جذب نه ٿي آهي، اُلٽو ان کان بنهه الڳ آهي. جيتوڻيڪ تمام آڳاٽي وقت کان ئي اهو خطو جنهن ۾ پارتي آريه ڀاشائن جي اولهه اُتر گروهه جون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، گهڻي قدر پرڏيهي اثرن هيٺ رهيو آهي. ان هوندي به اها اچرج جي ڳالهه آهي ته داردڪ گاڏڙ ٻاهرين اپ شاخ جي ڀاشا تي نه جهڙو اثر آهي. مسلم حڪومت ۾ البت، ان جي (سنڌي جي) شبد ڀنڊار ۾ پارسي (عربيءَ سميت) شبد ملي جلي ويا آهن."

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت گريئرسن ٻڌائي ٿو: "سنڌيءَ جو سڌو ۽ ويجهي ۾ ويجهو نسلي لاڳاپو وراچڊ اپڀرنش سان آهي. ان بابت پارتي وياڪرڻي مارڪنڊيه ڪجهه سامگري ميسر ڪئي آهي. مارڪنڊيه ان کان سواءِ ساڳئي پرديش ۾، ان کان الڳ روپ ۾ ڳالهائي ويندڙ هڪ ٻيءَ وراچڊ- پئشاچيءَ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان ڳالهه تي وڏيڪ زور تو ڏني ته ڪيڪيه پئشاچي هاٿوڪي داردي لوڪن جي ابن ڏاڏن جي زبان هئي. ان ريت اولهه اُتر گروهه جي ٻولين تي داردڪ اثر جي شاهدي ان مان ملي ٿي وڃي ته ڪنهن ڀڳ ۾ پئشاچي ان خطي ۾ ڳالهائي ويندي هئي."

گريئرسن جو چوڻ آهي ته سنڌيءَ ۾ ٿورا ڪتاب لکيل آهن ۽ اُن جي مکيه لپي لنڊا آهي، حالانڪ گرمکي ۽ ناگري لپين ۾ به لکي وڃي ٿي، هاڻ پارسي لپيءَ جو واهپو به ٿئي ٿو. اِن مان هن جو مطلب شايد عربي سنڌي لپيءَ سان آهي، جيڪا سنڌ جي انگريز حاڪمن جي فيصلي موجب هڪ سئو سال (هاڻي هڪ سئو پنجتيهه سال) اڳ تيار ڪئي ويئي هئي.

آخر ۾ گريئرسن صاحب چوي ٿو "سنڌي زبان ۾، گرامر ۽ اُچارڻ جون اهڙيون انيڪ خاصيتون موجود آهن، جيڪي ٻين زبانن مان غائب ٿي ويون آهن. ان ريت اُها "ٻاهرين اپ شاخ" جو هڪ بهتر مثال آهي. پراچين

ڪال ۾ سنڌ پرديش ۾ پراڻو وراچڊ ديس پڻ شامل هو. انهيءَ جي اپڀرنش مان هاڻوڪي سنڌيءَ جو جنم ٿيو آهي. اڄ به اُن ۾ ڪئين اهڙيون خصوصيتون موجود آهن، جيڪي سوين سال اڳ وراچڊ اپڀرنش ۾ هيون." پر ڪتاب ۾ هيٺ ڏنل نوٽ ۾ گريئرسن ان حقيقت تي زور ڏئي ٿو ته سندس مطلب اهو ناهي ته لهندا يا سنڌي، پئشاچي (يعني داردڪ) ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن. پشاچ لوڪ پرڏيهي هئا. اهي سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو ڪين هئا.

سنڌي ڀاشا بابت جان بيمس ڪي نه چاهيندي به اِهو مڃڻو پيو ته "هيءَ اڻ گهڙيل ڀاشا آهي ان جي واٽ ڪنڊن ڇانئي آهي. پر هن ڀاشا ڪي ڪٽي منهنجي من ۾ هڪ جهنگلي گل جي سونهن جو احساس جاڳي ٿو جنهن جي اڻ ڪٽيل پٽن جي موجودگي، ڦلواڙيءَ ۾ ڪپيل ڪوريل ڪياريءَ جي گلن جي سونهن کان وڌيڪ سنتوش ڏئي ٿي. ايتري قدر جو پراڪرت يگ کان ئي سنڌو ماتريءَ جي زبان پنهنجو پاڻ کي زنجيرن کان نجات ڏياري ڇڏي ۽ نيمن قاعدن جي پابند پنڊتن نفرت وچان ان کي اپڀرنش يعني بگڙيل (ڀرشٽ) ڀاشا قراريو. پنجابي توڙي سنڌيءَ ۾ ڪٽڪ جي اٽي ۽ جهوپڙيءَ جي دونهين جهڙي بوءِ آهي، جي لاشڪ ڀارت جي انهن اوڀر وارن علائقن جي زبانن جي، برعڪس، جيڪي دقيانوسي ۽ پراڻ پنٿي پنڊتن سان حاوي آهن، وڌيڪ فطري ۽ موهيندڙ آهن."(3) برٽن سدائين سنڌوءَ ڪي بدنصيب ماتريءَ جي روپ ۾ ڏٺو.اِن هوندي به هن 1851ع ۾ قبول ڪيو ته "جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي ادب جو واسطو آهي، اهو سولائيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اسان جڏهن ان ديس تي سوڀ پاتي هئي، ان وقت جي ڪنهن به علائقائي ٻوليءَ ۾ ايترو جهجهو ادب ڪونه هو ۽ تمام گهٽ ٻولين ۾ ايتريون اصلوڪيون رچنائون موجود هيون." هو اڳتي چوي ٿو "سنڌ جي شاعري، ان جي نثر کان گهڻي وڌيڪ گوناگون ۽ ملهائتي آهي. اها مرهٽي، هندي ۽ ٻين برج ڀاشائن جي اصلوڪي ڪوتا کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ اهم ناهي."(4)

ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي ڀاشا جي اصل نسل بابت گهڻو واد وواد جاري ٿيو آهي. اهو سوال ڪڙو ڪيو ويو آهي تہ ڇا واقع سنڌي سنسڪرت پريوار جي وراچڊ اپڀرنش مان ڦٽي نڪتي آهي؟ اهو شڪ ان ڏارڻا مان پيدا ٿيو آهي تہ "سنڌي زبان ان وقت بہ هئي، جڏهن اڃا سنسڪرت ڀاشا جو وجود ئي نہ هو يا ويدن جي رچنا ڪانہ ٿي هئي. دليل اهو ڏنو ويو آهي تہ "موئن جو دڙو" جي سڀيتا - سنسڪرتيءَ جي ڪيترين صدين بعد آريہ هندستان ۾ آيا هئا ۽ ويد، پنج هزار سال پراڻي سنڌوماتريءَ جي سڀيتا کان پوءِ، رچيا ويا. ڪي عالم، سنڌي ورڻ مالا (حروف تهجي) جي چئن حرفن کي مخصوص سنڌي آواز ٿا چون. هو اهو بہ چون ٿا تہ سنڌي "ر" سان جيڪي لفظ پورا ٿين ٿا، سي ٻئي هنڌ "ل" سان سماپت ٿين ٿا ۽ اهڙيون ڪجھ ٻيون ڳالهيون پيش ڪري هو ان نتيجي تي پهچن ٿا تہ سنڌي، سنسڪرت کان اڳ جي ڀاشا آهي. ان ڪري سنڌن راءِ ۾ اها سنسڪرت مان نڪتي آهي، اهو تہ پري رهيو اها خود سنسڪرت کان اڳ جميل ڀاشا آهي. ڪن سڄڻن تہ ايتري قدر اشارو ڪيو آهي تہ سنسڪرت جيڪڏهن هڪ ئي ڀاشا مان جاول ڏيءَ ناهي تہ پوءِ اها سنڌيءَ جي جائي آهي. هن کان وڌيڪ ڪل جهڙي ڳالھ شايد ٻي ڪانہ هوندي، اها ناسمجهي تڏهن بنھ ليڪا لتاڙي ٿي وڃي، جڏهن ائين ٿو چيو وڃي تہ سنڌي "سيميٽڪ" (سامي) خاندان جي ٻولي آهي يا ڪنهن سامي زبان مان ڦٽي نڪتي آهي.

سنڌي، سنسڪرت، پراڪرت جي وراچڊ اپڀرنش مان نڪتي آهي، ان مجيبل ڏارڻاتي جٿرامداس دولترام جهڙا شخص اعتراض ٿا وٺن. هن "دي اينسيسٽري آف سنڌي" (سنڌيءَ جو برڻ بنياد- 1975ع) ليک ۾ "پراڪرت سروسوَ" جي 18 باب ۾ آيل مارڪنڊيہ جي ان قول "وراچڊ اپڀرنش سنڌو ديس ۾ جائي" جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي ۽ شڪ ڳاڙڙ ڪيترا سوال اٿاريا آهن: "ڇا اهو ممڪن ناهي تہ جنهن ڀاشا کي اسين "سنڌيءَ" جي نالي سان سڃاڻون ٿا، ان جي اوسر وراچڊ اپڀرنش بدران، ڪنهن

مڪاني قسم جي پراڪرت مان ٿي هجي، جيڪا هيناهين سنڌوماٿريءَ ۾ پنهنجي الڳ سروپ مان اُسري هجي ۽ جنهنجو جيون- ڪيتر اهو ڀاڱو هجي، جنهن کي عرب ۽ ايراني اتهاسڪار براهمڻڪ... يا برهمڻ آباد چوندا هجن؟ ڀارتي آريه ڀاشائن جي وڪاس (اوسر) جو سلسلو مٿي ڄاڻايل امڪان کي ثابت ٿو ڪري ۽ اهو اهڃاڻ به ڏئي ٿو ته ويدن کان اڳ جي پراڪرت جو هڪ پراڻو لهجو جيڪو سنڌ جي هيناهين ماٿريءَ جا ماڻهو ٻول چال ۾ استعمال ڪندا هئا، اهو شايد رفته رفته اسرندو رهيو ۽ ان پوءِ جي پراڪرت جي "ٻي" منزل ۾ پراڻي سنڌيءَ جي شڪل اختيار ڪئي. ته ڇا پوءِ، جڏهن سنسڪرت هن ديش جي ودوانن جي ڀاشا هئي ۽ پراڻتن (صوبن) جي وچ ۾ ساهتڪ ناگر- اپڀرنش ڀاشا جو به هڪ روپ وراڇيل، موجوده سنڌ جي اتر ۾ ڪنهن هنڌ اسريو. تڏهن سنڌي پراڪرت به گڏوگڏ، هيٺين سنڌوماٿريءَ جي مکيه ڀاڱي ۾ وڪاس ۽ پريورتن (تبديلي) جي پنهنجي خلاصي ڪوشش جاري رکي ۽ ان ڳالهه ٻولهه جي توڙي ساهتيڪ ڀاشا جي شڪل حاصل ڪري ورتي ۽ ان کي عيسوي سن جي پهرين هزار سالن جي پڇاڙيءَ ۾ اڳلي دور جي پراڻي سنڌي توڙي اپڀرنش ڀاشائن جي دؤر کان پوءِ جي هاڻوڪي دؤر جي سنڌيءَ جي مشابهت ۾ "وچولي سنڌ" ڪوٺي ٿو سگهجي؟ ڇا ائين آهي ته وراڇيل موجوده سنڌ جي ماڻهن جي مڪاني ٻولي نه هئي، پر ويجهائيءَ جي ناتي، ان، اترين ٻوليءَ ۾ پنهنجا ڪجهه لفظ توڙي صوتي (آوازي) خاصيتون ملائي ڇڏيون هجن ۽ ان جو موجوده سنڌ جي ڀاشا تي اثر پيو هجي، ڇوته اترئين ۽ اتر اولهه ڀاڱن مان آيل لوڪن جو ڪيترين صدين کان سنڌ تي سياسي، پختگتي ۽ سيپتڪ ڏاڪو جميل هو؟"

جيرامداس جا شڪ وزنائتا ٿي سگهن ٿا، پر هن جو سچو دليل "ويدن کان اڳ جي پراڪرت" فقري ڳنڍڻ سان رد باطل ٿي وڃي ٿو. ويدن کان اڳ پراڪرت هئي ئي ڪانه. سنڌ ۾ "موئن جو دڙو" جي سڀيتا يا ان کان اڳ واري دؤر ۾ سڀ پراڪرت ٻوليون، ويدن کان پوءِ جون آهن. جيڪڏهن

جيرامداس جي دليلن کي پوريءَ طرح قبول ٻه ڪٺي ڪجي ته ان مان اپڀرنش- پراڪرت- سنسڪرت جي اڳيان وري وراچڊ اپسرگ نه لڳائي سگهبو. جيڪا جائز طور سنڌي ڀاشا جي ماءُ مڃي ويئي آهي.

جيرامداس دولترام سنڌ جي هيناهين ڏاڪٽي ماترٽيءَ ۾ سنڌي ڀاشا جي ڏيهي اوسر جو جيڪو دليل پيش ڪيو آهي، ان جي ابتڙ دليل وري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آڏو رکيو آهي. ڊاڪٽرصاحب. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جو صدر آهي. هن "مهراڻ" رسالي ۾ توڙي "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ: آڳاٽي دؤر کان سمن جي صاحبيءَ تائين" (1962ع) ڪتاب ۾ پنهنجي اها راءِ ظاهر ڪئي آهي. هو جيرامداس سان مارڪنڊيئه جي اِن ويچار کي ٺوڪاري ڇڏڻ ۾ شامل راءِ آهي ته وراچڊ اپڀرنش سنڌوديش ۾ پيدا ٿي (ص: 16) مگر ويدن کان اڳ واري پراڪرت بدران هو "پروٽو پراڪرت" لفظ استعمال ڪري ٿو ۽ ان کي اپڀرنش جو بنياد ٿو سڏي ۽ بنا ڪنهن دليل جي اِها ڌارڻا ٿو ظاهر ڪري ته سنڌ جي جهوني زبان ڀڪ ئي ڀڪ سامي صفت زبان هئي، جنهن تي پوءِ آريه ڀاشائن جو اثر پيو.

هو اڳتي چوي ٿو ته جهوني سنڌي زبان غالباً ايراني داردي زبانن کان متاثر ٿيل آهي ۽ ان کان پوءِ پالي ۽ پراڪرت معرفت سنسڪرت جي اثر هيٺ آئي آهي. هوءَ صاحب اِن عام عقيدي کي رد ڪري ٿو ڏئي ته سنڌي، سنسڪرت مان نڪتي آهي. هن جو رايو آهي ته ان ڌارڻا جي سنسڪرت سان پاس خاطريءَ ۾ سنڌ جا هندو ليکڪ شامل آهن. هن جو رايو آهي ته سنڌ جا آڳاٽا ماڻهو اولهه کان آيا هئا ۽ اُها سيپتا. جنهن جو اوج موئن جي دڙي جي سيپتا تائين رسيو، سمير ۽ بئبيلان جي تهذيب مان ڦٽي نڪتي آهي، جا اصل ۾ دجله ۽ فرات ندين جي ڪناري تي اُسري هئي.

اِن بعد هو سنڌي تهذيب و تمدن ۾ سنڌ جي عرب فاتحن جي دين جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اِن حقيقت طرف اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي ته عرب حاڪم صاف طور مطيع ٿيل هيٺن سنڌين جي سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ کان گهٽو

پنتي پيل هئا ۽ وري عرب تہ صرف تلف ۽ تاراج جي طريقن جا حامي هئا، نہ تعمير جا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ تہ جهمنمل ڀاوناڻي، ڊاڪٽر ايچ. ايم گربخشاڻي يا عبدالڪريم سنديلي جهڙن عالمن جي ڪيل ڪوجنا تي بہ ڪو ڌيان نٿو ڏئي، جي سڀيئي اِن ڳالهہ تي يڪراءِ آهن تہ سنڌي شبد-ڀنڊار جا آسي سيڪڙو شبد سنسڪرت بنياد جا آهن.

ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ، ڪن سنڌي مسلمانن جو اِهو رخ ئي رهيو آهي تہ هُو پاڻ کي نوح جي ڪنهن پٽ يا پوٽي جا وارث پيا ڄاڻائين ۽ پنهنجي اصل نسل کي ڪنهن "سئميٽڪ" (عربي- يهودي) خاندان سان پيا ڳنڍين. اِن ڪري ان ۾ ڪو عجب نہ لڳڻ گهرجي تہ اِهي شخص سنڌي ڀاشا کي بہ ڪنهن سئميٽڪ يا اولهہ ايشيائي تخم سان ڳنڍيل ظاهر ڪن.

پر سڀ سنڌي مسلمان اهڙين بي بنياد مڃتائن يا تاريخ کان منڪر ڳالهين کي هضم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن. هڪ نوجوان سنڌي مسلمان سراج الحق تازو سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي" (1964ع) ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راين جي سخت مخالفت ڪئي آهي، حالانڪ ساڳئي وقت عالم فاضل ليکڪ ڏانهن پنهنجو احترام بہ ڏيکاريو اٿس(5). سنڌ، سنڌي جاتي توڙي سنڌي ٻوليءَ طرف پنهنجي محبت ڪري سراج عربي ۽ سنسڪرت ٻنهي کي هڪ ئي سطح تي رکيو آهي ۽ چيو آهي تہ ٻنهي ٻولين جو سنڌي ٻولي توڙي سنڌي سنسڪرتيءَ جي اوسر ۾ ڪوبہ يوگدان (حصو) ڪونهي. هن جو رايو آهي تہ (جيئن هن مهاڳ ۾ لکيو آهي) "سنڌيءَ جي تاريخ، سنسڪرت کان بہ ڪهني آهي ۽ هڪ طرح سان سنسڪرت ۽ ان سان لاڳاپيل تمدن، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان اسريا آهن.

اِن راءِ کي هو نهايت جوش خروش سان پيش ڪري ٿو ۽ ڪيس توڙي سندس هم خيال محمد ابراهيم جويي کي ڊاڪٽر نبي بخش تي نڪتہ چيني ڪندو ڏسڻ دراصل هڪ وڻندڙ احساس ٿو ڏياري،

ڊاڪٽر صاحب اهو چيو هو تہ سنڌي عربي اُچارن ۽ عربي گرامر جي قاعدن مان ڦٽي نڪتي آهي. پر هنن ٻنهي ليکڪن اِن دليل کي "بڪواس" سڏيو آهي. هڪ سنڌي مسلمان ۾اِن ريت عربي مانڊاڻ کي ڊاهڻ لاءِ سچ پچ وڏي جرئت جي درڪار آهي. شايد عربي زبان ۽ عرب لوڪن (سنڌين کي "مهذب" ٺاهيندڙن جي حيثيت ۾) جي خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ہہ هو تہ چئجي تہ هاڻوڪي سنڌي ٻولي توڙي سنسڪرت ۽ ٻيون سڀ ڀارت جون ڀاڪ ڀاشائون انهيءَ جهونيءَ ڀاشا مان ڦٽي نڪتيون آهن، جنهن کي سنڌي يا پروٽو سنڌي يا پروٽو هندستاني سڏي سگهجي ٿو ۽ جا سنڌوماتريءَ ۾ پيدا ٿي هئي ۽اهي ڀاشائون سنڌوماتريءَ مان ٿي ڀارت خواهہ پاڪستان جي ڌار ڌار پرانتن ۾ توڙي پرڏيهہ ۾ ڦهليون.

اِن مکيہ بڻ بنياد يا سرچشمي کي ثابت ڪرڻ لاءِ سراج "موئن جو دڙو" ۽ هڙاپا جي مهرن تي اُڪريل ٻوليءَ کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اِن ڪوشش ۾ هو اِن نتيجي تي پهتو آهي تہ هاڻوڪي سنڌي، انهيءَ جهوني ۾ جهوني ڀاشا، جيڪا ٻہ سنڌي ئي هئي، جو اسريل روپ آهي. هن نوجوان ليکڪ پنهنجي علميت ۽ تنقيدي قابليت انهيءَ مڃتا کي قائم ڪرڻ ۾ ظاهر ڪئي آهي تہ سنڌيءَ جو بڻ بنياد، سنسڪرت ناهي، بلڪ سنڌي ۽ سنسڪرت، ٻئي هڪ ئي بنياد مان نڪتيون آهن ۽ شايد سنڌيءَ جو جنم سنسڪرت کان اڳ ٿيو. اِن ڪري ان سنسڪرت کي وڌيڪ متاثر ڪيو آهي، بجاءِ ان جي تہ اها سنسڪرت کان اثرانداز ٿي هجي. "سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو اِن کان ٻہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي جائي آهي. سڌيءَ طرح نہ سهي، اڻ سڌيءَ طرح سهي."(6) سنڌي سنسڪرت کان ٻہ جهوني آهي ۽ ان سنسڪرت تي اثر وڌو آهي، ليڪڪ ان لاءِ اهو ثبوت ڏنو آهي تہ سنڌيءَ ۾ لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ايندڙ "ر" حرف قائم رهي ٿو جڏهن تہ سنسڪرت ۾ اهو "ل" ۾ تبديل ٿي ٿو وڃي.

جڏهن هڪ ودوان اهو چوي ٿو ته جيڪو ڪم سر جان مارشل يا فادر هيراس نه ڪري سگهيا (يعني "موئن جو دڙو" جي مهرن تي اڪريل ٻولي پڙهڻ) اهو ڪم هن نوجوان مسلم ليڪ ڪري ڏيکاريو تڏهن هاڻي لڳي ٿو ته سراج الحق جي راين تي غور ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. "سنڌي ٻولي" ڪتاب ۾ هن کي سڀ کان وڏي ڪاميابي اها ملي آهي، جو هن ڊاڪٽر بلوچ جي ان من- گهڙت اصول کي ڊاهي پٽ ڪيو آهي ته نج ڀارتي نسل جي هن ٻوليءَ سان انهن "سئميٽڪ" (عربي- يهودي) ٻولين جو ڪو ناتو آهي. سراج الحق ڪيئي مثال ڏيئي ثابت ڪيو آهي ته سئميٽڪ زبانون ۽ سنڌي يا سنسڪرتي يا ڀارتي آريه ڀاشائون هڪ ٻئي کان بلڪل الڳ آهن. سئميٽڪ زبانن ۾ اڪثر ٽن حرفن جو مُول ڌاتو ٿيندو آهي، جنهن مان ٻيا الڳ الڳ لفظ نحوي بناوتن جو پالن ڪندي ۽ ڪي حرف جوڙي ٺاهيا ويندا آهن. ڪنهن به ڀارتي آريه ڀاشا ۾ ائين نٿو ٿئي.

اها ڳالهه ڌيان تي چڪائي ته سنڌ ۾ عربيءَ جو سڀ کان وڏو عالم ڊاڪٽر يو. ايم. دائودپوٽو ٽرمپ ۽ گريئرسن جي راءِ کي پوريءَ ريت مڃي ٿو. "سنڌي نهايت جهوني زبان آهي ۽ پراڪرت جي "وراچڊ" ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتي اهي."(7) ڊاڪٽر دائودپوٽو پراڪرت سان گڏ "سنسڪرت" لفظ ڳنڍڻ جو خواهشمند نه آهي، پر ان ۾ سنسڪرت اڻ سڌيءَ طرح شامل آهي، ڇو ته پراڪرت ته فقط ڏيهي ٻولي آهي، جڏهن سنسڪرت سڌريل ۽ مڪمل زبان آهي.

سنڌي، سنسڪرت ٻڻ جي ڀاشا آهي، ان ڳالهه کي قبولڻ ۾ هڪ دقت اها آهي، جو ان جي موجوده لپي، عربي- سنڌي لپي آهي، جيڪا برٽش سرڪار جي حڪم سان، نقلي نمونې تيار ۽ اختيار ڪئي ويئي، جڏهن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌ ۾ ڪنهن هڪ لپيءَ جو واهپو ڪونه هو. تعليم يافته فقط پارسي لپيءَ کان واقف هئا، ڇو ته انگريزن کان اڳ ڪورٽن ۾ فارسي زبان هلندڙ هئي. سنڌي ڀاشا جا اوائلي گرامر ۽

ڊڪشنريون ديوناگري لپيءَ ۾ آهن. ان جا سبب ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي ڪتاب "سنڌي گرامر" (1849ع) ۾ درج ڪيا آهن (اهو ان ڏس ۾ پهريون ڪتاب آهي، جو ته ان کان پنجويهه سال اڳ واٿين پنهنجو گرامر فارسي لپيءَ ۾ تيار ڪيو هو. پر سڃاڻ ماهرن ظاهر ڪيو هو ته اهو گرامر ئي نه آهي) ڪئپٽن اسٽئڪ چوي ٿو:

"هن ڪتاب تي قلم کڻندي منهنجي من ۾ پهريون ويچار اِهو آيو ته آءٌ ڏيهي لفظن کي کهڙي لپيءَ ۾ لکان.

"منهنجي آڏو سنڌي (يا ان جا ڪيئي لهجا) رومن، فارسي، گرمکي يا ديوناگري رسم الخط ۾ هئا.

"مون ڏٺو ته پهرين لپيءَ سان ڪم نه هلندو. اُن ۾ حرف علتن (سُرن) جو استعمال تمام گهٽ ٿو ٿئي. ان ۾ مفرد لفظن کي لکڻ ناممڪن آهي ۽ ٻولي سمجهه ۾ ئي نه ايندي.

"مون رومن کي رد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. آءٌ يورپ جي ڀاشائن جي آوازن کي رومن ۾ لکڻ جي فائدي کي ڦور سمجهي نه سگهيو آهيان.

"فارسيءَ تي ته ويچار ڪرڻ ئي ضروري نه سمجهيم ۽ اها ڪارگر نه سمجهيم جو ته ان جا اڳ وارا مثال مون وٽ موجود هئا. واٿين جو گرامر ۽ ڪي ٻيا ڪتاب فارسي لپيءَ ۾ هئا. پر منجهن فارسي لفظن کي ڇڏي باقي ڪن آوازن کي لپيءَ ۾ آڻڻ لاءِ ڪن وڌيڪ نشانين ڏيڻ جي درڪار هئي...

"ان ڪري مون کي گرمکي ۽ ديوناگريءَ مان چونڊ ڪرڻي هئي. گرمکيءَ جي خوبي اها هئي ته ديوناگريءَ جي ڀيٽ ۾ اها سنڌي ٻوليءَ سان وڌيڪ جڙيل هئي ۽ سنڌ جا هندو به ان کي ديوناگريءَ کان وڌيڪ ڄاڻندا سڃاڻندا هئا. پر مون ديوناگريءَ کي ترجيح ڏني آهي. پهريون سبب اهو ته يورپي لوڪ ان لپيءَ کان وڌيڪ واقف آهن ۽ ٻيو اها سنڌيءَ جو مُول روپ آهي. ٻي ڪنهن لپيءَ ۾ لکڻ بجاءِ پوءِ چاهي اها ساڳئي نسل واري عموماً يڪسان ڪٺي چونه هجي، ان ۾ لکڻ وڌيڪ مناسب ڄاڻم.

"سنڌي آوازن ۽ اُچارن کي پوريءَ ريت لپيءَ ۾ آڻڻ لاءِ مون ڪن ديوناگريءَ اکرن ۾ ڪي نشانيون ڳنڍيون آهن. پر اهي گهٽيون ڪين آهن ۽ نه ئي وري اچارڻ ۾ گهڻو تفاوت اٿن. اهي نشانيون جي بلڪل ضروري آهن."(8)

ساڳين ئي سببن ڪري ڪئپٽن اسٽئڪ پنهنجي "انگريزي سنڌي شبد ڪوش" (1849ع) ۽ "سنڌي- انگريزي شبد ڪوش" (1855ع) ۾ ديوناگريءَ لپي ڪم آندي آهي. هاڻي انگريزن جي سرپرستيءَ ۾ ٺاهيل عربي- سنڌي لپي استعمال ٿئي ٿي. ان مان اِها ڳالهه ٿي بڻجي ته سنڌي ٻوليءَ جو عربي زبان سان ڪو ناتو آهي.

هڪ مشڪلات اها به آهي ته سومرن جي صاحبيءَ کان اڳ جي سنڌي ٻوليءَ جا ڪي به نمونا نٿا لڀن. ان ڳالھ جون ته ڪي ثابتيون آهن ته اوائلي عرب حڪومت وقت سنڌيءَ ۾ ڪتاب موجود هئا. جوته سن 1000ع کان اڳ سنڌيءَ مان عربيءَ ۾ سنڌ جي قديم تاريخ، مهاڀارت جون وارتائون، توڙي ڪي ٻيا اهڙا ڪتاب ترجمو ڪيا ويا هئا.(9) پر اسان وٽ سومرن جي حڪومت کان اڳ جي سنڌي نظم يا نثر جو ڪوبه نمونو ميسر ڪونهي. هندو گهراڻي ۽ سومرن کان اڳ جي دؤر جو سنڌي ساهتيه ناس ٿي ويو آهي، جنهن کي اسين وري ته جوڙي نٿا سگهون. ان بابت فقط انومان لڳائي سگهون ٿا. پير حسام الدين راشدي ٻين صدي (هجري) يا عيسوي سن جي ائين صديءَ جي سنڌي نظم جي جنهن نام نهاد نموني جو ڏس ڏنو آهي.(10) ان جي سنڌي ته رڳو سندس تخيل جي سنڌي آهي. ان مان، ان زماني جي سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبه ڏس پتو نٿو ملي.

پنهنجي هيڏي ساري تحقيقي مواد يا کوجنا ڪاريه جي باوجود ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سومرن جي صاحبيءَ (1050 کان 1350ع تائين) کان اڳ واري دؤر جي اصلوڪي سنڌيءَ جي هڪ سٽ به پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ويو آهي. جيرامداس دولترام 1975-5-5 جي "هندواسي"

هفتيوار اخبار ۾ هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ هن "تاريخ - الهند" جي مصنف البيرونيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. البيروني سنڌ ۽ هند ۾ سن 1017ع ۽ 1030ع جي درميان آيو هو ۽ هن پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ لکيو آهي، "هن وقت هندستان ۾ يارهن لپين جو واهپو آهي، جن مان ٽي سنڌ ۾ مروج آهن. اهي آهن: اردناگري، سئنڌو ۽ ملواڙي" ڊاڪٽر يو. ايم. دائودپوٽو بہ لڳ ڀڳ ساڳي ڳالهہ ٿو چوي، "جيتري قدر ان ڳالهہ جو تعلق آهي تہ سنڌيءَ جي لپي ڪهڙي هئي، البيرونيءَ پنهنجي ڪتاب "الهند" ۾ چوي ٿو "ذڪر سنڌ ۾ ساموندي ڪناري طرف ڪم ايندڙ لپي ملواڙي آهي، جڏهن تہ ڪن پاڱن ۾ اردناگري لپيءَ جو واهپو آهي."(11) پر انهن لپين ۾ بہ هڪ سٽ هٿ نہ آئي آهي، ڪن ٻين ليکڪن مني رام سنهہ جي دوهن ۾، جن جو دستخط هڪ جين مندر ۾ محفوظ آهي، توڙي ٻين دستخطن ۾ سنڌي ڪوتا کي ڳولهي لڌو آهي. انهن دوهن جو نمونو راجستاني يا گجراتيءَ سان ميل کائي ٿو... پر جنهن نموني ٻوليءَ کي اسين سڃاڻون، ان جو ڪوبہ روپ منجهن ڪونهي. نہ تہ ڊاڪٽر دائودپوٽي جهڙو خبردار کوجنيڪ اهو چوڻ لاءِ مجبور ٿو ٿئي ها تہ "ان ڳالهہ جي صحيح ڄاڻ نٿي ملي تہ سنڌي شاعري سڀ کان اول ڪڏهن لکي ويئي."(12) ۽ اهو بہ تہ سنڌي ٻوليءَ جو سڀ کان اوائلي نمونو هجري سن جي اٺين صدي يعني عيسوي چوڏهين صديءَ ۾ ملي ٿو.

پروفيسر ڀيرومل مهرچند جو ويچار آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي جنهن روپ ۾ ڄاڻون سڃاڻون ٿا، اها اٽڪل 1100 عيسوي سن ڌاري الڳ ٻوليءَ طور قائم ٿي. ان راءِ کي اڃاتائين ڪوبہ رد قد نہ ڏنو ويو آهي.(13) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ڪتاب ۾ سمن ۽ سومرن جي صاحبيءَ جي زماني واري سنڌيءَ جا مثال ڏنل آهن، تن ۾ عجب ۾ وجهندڙ هڪجهڙائي آهي. انهن ۾ عربي يا فارسي لفظن جو لڳ ڀڳ نہ جهڙو اثر آهي، توڙي اُها مذهبي شاعري ڇونہ هجي (جيئن کوجا فرقي جي) ڪٿي ڪٿي "برڪت" جهڙا ايڪڙ ٻيڪڙ لفظ ڇڏي، سڀ لفظ سنسڪرت

پراڪرت نسل جا آهن. انهن مثالن مان اِها حقيقت پڌري پٽ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل سنسڪرت- پراڪرت ڀاشا آهي.

ان ڪري سنڌي ڀاشا جي بڻ بنياد بابت گهڻي شنڪا ڪانهي. اها سڀ ڪان پراڻي سنسڪرت – پراڪرت ڀاشائن مان هڪ آهي. پر ان عربي فارسي زبانن مان بہ گهڻو ڪجهہ کنيو آهي. ان جو انهن لوڪن سان تعلق يا ڏيٺ ويٺ رهي آهي. جن جي مادري زبان عربي يا فارسي هئي. ان تي دراوڙ ٻولين جو جهونو اثر بہ نظر اچي ٿو. سنڌيءَ جو شبد- ڀنڊار تمام وسيع آهي ۽ اها نئين يگ جون تقاضائون پوريون ڪري ٿي. بيابان جي "اُٺ" لاءِ سنڌيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن لفظ آهن. اهو ڏنو ويو آهي تہ جسم جي سيني عضون، گهڻي ڀاڱي جي ڀارتي نباتات، توڙي ساهوارن جو سنڌي ڀاشا ۾ چڱيءَ طرح ورنن ڪري سگهجي ٿو. اها ڳالهہ ٻين ڪن ڀارتيہ ڀاشائن لاءِ چئي ڪانہ سگهبي. ڪٽنب جي ڏار ڏار رشتن جو ذڪر سنڌيءَ ۾ هڪ ئي لفظ ۾ ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ٻين ڀاشائن ۾ اِنهن رشتن جو تز مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ ڪان وڌيڪ لفظن جو استعمال ڪرڻو ٿو پوي.

فصلن، گاهن ۽ مڇين متعلق سنڌيءَ جو شبد ڀنڊار خاصو ڀرپور ۽ شاهوڪار آهي. (ڏسو: فصلن تي ڪوٽومل آڏواڻيءَ جو ڪتابڙو ۽ گاهن بابت ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مسلنيءَ ۾ ايس. سي. شهاڻي ۽ رامداس لڪاڻيءَ جا ليک) پرمانندا ميوارام اج ڪان ڪيئي سال اڳ (هاڻ انهتر سال) هڪ همٿ ڀريو ڪم ڪيو. سنڌيءَ جي هڪ وڏي ڊڪشنري جوڙي شايع ڪرايائين. البت هاڻي ان ۾ سڌاري واڌاري جي ضرورت آهي، ڇوتہ اُن وقت ڪان وٺي اج تائين ڪيترا نوان لفظ مروج ۽ شامل ٿيا آهن.

## حوالا:

(1) ارنيسٽ ٽرمپ: سنڌي گرامر، مهاڳ (قدري اُلٿو ڪيل)
(2) جي. گريئرسن: لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد_8، ڀاڱو_1.
(3) جان بيمس: "ڪمپيئريٽو گرامر آف ماڊرن انڊين لئنگئيجز"، ص 51 (ڀيرومل مهرچند جي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ ڏنل حوالو)
(4) رچرڊ برٽن: هسٽري آف سنڌ، ص 77.
(5) سراج الحق: سنڌي ٻولي، مهاڳ
(6) يو. ايم. دائودپوٽو: "سروي آف سنڌي لٽريچر"، شروعاتي سٽون.
(7) جارج اسٽئڪ: سنڌي گرامر، ص 5 ۽ لاڳيتا صفحا.
(8) سنيتي ڪمار چٽرجي: "لئنگئيجز ائنڊ لٽريچرس آف انڊيا، ص 342.
(9) پير حسام الدين راشدي: سنڌي ادب (اردو ۾) ص 16.
(10) يو. ايم. دائودپوٽو: "سروي آف سنڌي لٽريچر"، شروعاتي سٽون.
(11) "سنڌو" رسالو: جنوري 1934ع.
(12) ڀيرومل مهرچند: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ڀاڱو_2، شروعاتي رايا.

(سنڌي ادب جي تاريخ، شايع ٿيل سنڌي ساهت گهر تان ورتل)

هيرو ٺڪر

# سنڌي ٻولي 1500ع کان 1843ع تائين

مون کي مقالي لاءِ جيڪو وشيہ (موضوع) ڏنو ويو آهي، سو آهي "سنڌي ٻولي، 1500ع کان 1843ع تائين". اُن ۾ 1843ع وارو تاڻو تہ هڪ چٽو سنگ ميل آهي، جيڪو اُن واقعي جي ٿڙ نشاندهي ڪري ٿو. جنهن ذريعي انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري، اُتي پنهنجو حڪومتي سرشتو قائم ڪيو. جنهن سان سنڌ ۾ نئين سياسي، حڪومتي، سماجي، تعليمي ۽ آرٿڪ حالتن جو آغاز ٿيو. جن وڏيون تبديليون آنديون. جن جو يقيني طرح سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ تي بہ اثر پيو. پر موضوع جو ٻيو تاڻو ڪو گهڻو چٽو نہ آهي، سواءِ اِن جي تہ اگر سنڌي ٻوليءَ جي اوسر تي ڏها صدي يعني ملينيمي جي حوالي سان نظر وجهبي، تہ اِهو سال ڏها صديءَ Millennium جي ٿڙ وچ وارو سال آهي. جنهن کي جيتوڻيڪ ڪو واقعاتي پس منظر نہ آهي، پر اِن سن جي آس پاس وارن سالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معيار ۽ اُن جي ادبي حيثيت ۾ جيڪو انقلابي ڦيرو ڪارفرما ٿيندو ڏسجي ٿو. اُن خيال کان اِن تاڻي کي بہ اهميت ڏيئي سگهجي ٿو.

سن 1500ع ۾ سنڌ ۾ سمن جو راڄ هو ۽ حڪومت جي واڳ سمن جي حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي هٿ ۾ هئي. اُن وقت جي سنڌي ٻولي ۽ اُن جي اوسر تي نظر وجهڻ کان اڳ اِهو بيجاءِ نہ ٿيندو تہ اُن کان ٿورو اڳ واري سنڌيءَ جي حالت کي بہ جاچجي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اِيپاس جي سلسلي ۾، سمن کان اڳ وارو دؤر سومرن جو دور آهي.

سومرن جو دور جيڪو چوڏهين صديءَ تائين هليو. تنهن دوران سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو صدري (زباني) روايتن، خاص طور عشقيہ داستانن، جنگ نامن، قصيدن ۽ واقعاتي بيتن تي جيڪي ڳالهين ۽ ڳاهن جي روپ ۾

چيا ويندا هئا، اُنهن تي مشتمل رهيو. اُن وقت چارڻن، ڀٽن، ڀانن ۽ منگتن، وقت جي حاڪمن جي سرپرستيءَ ۾ جيڪو لوڪ ادب خلقيو. تنهن کي هڪ پنهنجي سونهن، سندرتا ۽ اهميت آهي. جيتوڻيڪ اِها ٻي ڳالهه آهي تہ علمي، ادبي ۽ معياري ڪسوٽيءَ تي اُن کي ڪا گهڻي اهميت نہ آهي. سومرن جي دؤر جي بيتن جي ٻوليءَ جا ڪجهہ مثال هن طرح آهن:

جين ڏُونگر تين هاٿيا، جين ڪِنيريو تين ڇَٽ،
هميراڻي موج، ڪر، آڳا اُڀ نڪٽ.

ڍري ڍوري راءِ جنهين چارڻ سان ڪاهُ،
پتڻ پٽي جو ٽِٽو سِج وتايو ساهُ،
هميران ڀُوراهہ راڄُ نہ ڪندا سُومرا.

ڪنٿين يا هارائين مري تہ وڃي واءِ،
ٻنهي منجهئون هڪڙي، چڱي تہ ٿئي ڪاءِ.

آءُ هگورل ٻؤڃز يار اڄ گهرجين هِت،
سومرن ماري سما، ڳنرن ڀريا رت.

اُڀُ سيڪنهين اوچو، اُڀ نہ اوچو ڪوءِ،
مُٺي ٻہ مٿو ٽٿو سؤره سير سندوءِ.

مذڪوره بيتن مان ڏسبو تہ اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي قوت ۽ اداڪاريءَ جي خوبصورتي اچي چُڪي هئي. ٻي ڳالهہ جيڪا يڪدم ڌيان ڇڪائي ٿي، سا اِها تہ اُن ۾ نج ۽ نيٺ سنڌي شبد ڪم آندل آهن. سومرن کان اڳ، جيتوڻيڪ اٽڪل چار سؤ سالن تائين سنڌ تي عربن ۽ انهن جي صوبيدارن جي حڪومت رهي، پر مذڪوره بيتن ۾ پڻ اُن وقت جي

ڳاهن ۽ ڳالهين ۾ استعمال ٿيل بيشمار بيِن بيتن کي آثار ڄاڻائي، اِئين چئي سگهجي ٿو تہ اُن مهل تائين سنڌي ٻوليءَ تي ڪنهن غير ڏيهي زبان جو اثر نہ پيو هو. اِنهن ڳاهن ۽ ڳالهين ۾ اِستعمال ٿيل سنڌي ٻولي، پنهنجي سِٽاءَ، شبداوليءَ، ادائگي ۽ وياڪرڻ جي نقطہ نظر کان نيٺ نج ۽ ڳوناٺي فطرت واري سنڌي لڳي ٿي.

اِنهن ڳاهن ۽ ڳالهين، قصن ۽ داستانن جو اڀياس ڪرڻ بعد اِن نتيجي تي بہ پهچجي ٿو تہ سُومرن جي دور تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت، ۽ قصن ڪهاڻين بيان ڪرڻ جي قوت پيدا ٿي چڪي هئي ۽ پڻ ادبي صلاحيت جي نشونما ٿي رهي هئي. جنهن سان سُومرا سردارن جي سُورهيائي ۽ سخاوت بيان ڪرڻ جو بنياد پيو ۽ اهڙن قصن کي خوبصورت نموني ۾ شعر جي تاجي پيٽي ۾ اُٽيو ويو. اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جي ٻي هڪ خاصيت اِها آهي جو اُها 'عام فهم' ابتدائي ادبي ۽ معياري ٻوليءَ جي تعمير ۽ توسيع کي ظاهر ڪري ٿي. عموماً اِن ئي دؤر ۾ سنڌيءَ ۾ نثريہ داستانن جو بنياد پيو ۽ ڪن مثالن کي خيال ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي شعر، علمي سطح تي پڻ بيتن ۽ ڪافين جي روپ ۾ سماج جي محفلن ۽ دوريشانہ بزمن جو جُز بڻيو.

سُومرا دؤر جي پوئين حصي ۾ سمن سردارن جي وڌندڙ اثر رسوخ سبب، سندن ٻانهن ٻيلي سردارن، سما قبيلي وارن جي زبان کي اهميت ملي ۽ سنڌي ٻولي اهڙين حالتن ۾ آئي، جنهن کي جيڪر معياري سنڌي ٻوليءَ جي اوسر وارو مرحلو ڪري سڏجي.

سمن جي طاقت، ڄام انڙ جي سرداريءَ واري زماني ۾ زور ورتو شروع ڪيو. ڄام انڙ چوڏهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ ملڪ رتن کي ماري مات ڪيو جيڪو دهليءَ جي حڪومت طرفان سيوهڻ جي گورنر طور مقرر ٿيل هو. ڄام انڙ 1350ع ڌاري، پاڻ تي 'ڄام' جو لقب رکائي، سما گهراڻي جو بنياد وڌو ۽ خودمختيار نموني حڪمراني شروع ڪيائين. جيڪا 1520ع

تائين ڄام فيروز تائين هليو.

سمن جي ايامڪاريءَ جا اٽڪل پوڻا ٻه سؤ سال، سنڌ جي اندروني حصن ۾ سنڌ جي گوناگون پاڳن ۾ معياري سنڌيءَ جي اوسر ۽ سنڌ جي حدن کان ٻاهر تائين سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ لاءِ تمام مفيد رهيا. سما اصل کان سنڌ جي وچولي حصي سان واسطو رکندڙ هئا. عربن جي آمد وقت اُهي هالاڪنڊي تعلقي نواب شاهه ضلعي نواب شاهه (شهيد بينظيرآباد) ۾ "سمن جي ساوڙي" نالي ديهه ۾ سڪونت پذير هئا ۽ ڇهه سؤ سالن بعد جڏهن ڄام انڙ طاقت ۾ اچي سيوهڻ تي قبضو ڪيو تيستائين به اُهي سنڌ جي وچولي حصي ۾ ئي رهندا پئي آيا. تاريخي احوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سمن جا انڙ، ڏاهريه ساند، ساوريا ۽ ڪيريا قبيلا، سيوهڻ ۽ نصرپور سرڪارين (علائقن ۾) هالاڪنڊي ڪونڙيه سيوهڻ، مورو، سڪرنڊ، نوابشاهه شهدادپور، ٽنڊو الهيار علائقن ۾ وڏي گهڻائيءَ ۾ رهندا هئا. اِهو سنڌ جو وچولو حصو آهي. اُن ڪري اِن حصي جي ٻولي، سمن جي حڪومت دوران، خاص طور اُنهن جي حاڪم ڄام نظام الدين جي ايامڪاريءَ دوران ڪافي ترقي ڪئي. ڄام نظام الدين جي حڪمرانيءَ وارو وقت سنڌ ۾ عام طور امن ۽ استحڪامت وارو وقت رهيو آهي. جنهن دوران ڪن جزوي ننڍڙن ننڍڙن مقابلن کي ڇڏي ڪنهن به وڏي جنگ جهيڙي جو ذڪر نٿو ملي. ڄام نظام الدين خود هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ علم پسند حاڪم هو. جنهن عالمن جو قدر ڪيو ۽ علم کي همٿايو ۽ ترقي وٺائي. جنهن ڪري سندس وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ ڪافي ترقي ڪئي. پر هن جي موت بعد سندس پٽ ڄام فيروز ۽ ڀاڻيجي ڄام صلاح الدين حڪمرانيءَ جي هوَس ۽ ڇتاپيتيءَ ۽ پنهنجن بداعمالن جي ڪري سنڌ جي جيڪا حالت ڪئي ۽ بعد ۾ غيرڏيهي حاڪمن ارغونن ۽ ترخانن جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ ۾ جيڪو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي اِنتشار رهيو، تنهن سنڌ کي اهڙي بدترين حالت ۾ آندو جهڙي بدترين حالت سنڌ ۾ اڳي ڪڏهن به پيدا نه ٿي هئي. بهرحال ڄام نظام الدين، ڄام

فيروز ۽ وينديي شاهه بيگ ارغون ۽ مرزا شاهه حسن جي وقت تائين، يعني ارغون دؤر تائين سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جو سُنو رڪارڊ ملي ٿو. سمن واري دؤر جي آخري حصي ۾ ٿي سنڌيءَ جو هيستائين جو ڄاتل سڃاتل پهريون وڏو شاعر ۽ برک صوفي ۽ عالم قاضي قادن پيدا ٿيو. قاضي قادن غالباً 1463ع ۾ ڄائو ۽ 1551ع تائين حيات رهيو. هُو سنڌ جي چئن حاڪمن: ڄام نظام الدين، ڄام فيروز، شاهه بيگ ارغون ۽ مرزا شاه حسن جي دؤر حڪومت ۾ قاضي القضات يعني سڀ کان وڏي قاضيءَ واري ۽ ٻين رتبي وارن عهدن تي فائز رهيو.

قاضي قادن جي شاعريءَ کي گهٽين ٿي نقطہ نگاهن کان اهميت آهي. پر هتي مان اِهو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سنڌي ٻوليءَ جي اِيياس ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بنياد کي جاچڻ ۽ پروڙڻ لاءِ قاضي قادن جي شاعريءَ کي وڏي اهميت آهي. ڇوتہ هي پهريون آڳاٽو شاعر آهي، جنهن جو گهٽي ۾ گهٽو (260 بيت) لکت ڪلام ۽ سو بہ گهٽ ۾ گهٽ 1629ع ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ لکجي رڪارڊ ٿيل ڪلام اسان کي ملي سگهيو آهي.

قاضي قادن جا اڳ ۾ فقط 7 بيت موجود هئا. ڪئين صديون پوءِ، بعد ۾ 1978ع ۾ 112 ٻيا بيت روشنيءَ ۾ آيا. هن جي اڳين بيتن ۽ پوءِ مليل بيتن جي ٻوليءَ ۾ ڪافي فرق آهي. اڳيان بيت لاڙي لهجي وارا هئا ۽ بعد ۾ مليل بيت مٿئين سنڌ واري، اُترادي يا سنڌي سرائيڪي لهجي وارا آهن. اڳيان بيت قاضي قادن جي انفرادي بيتن طور اسان تائين نہ پهتا هئا، پر لاڙ جي شاعر شاه ڪريم بُلڙيءَ واري جي بيتن سان گڏ، ڪانئس پوءِ سندس هڪ ننڍي ۽ لاڙائي مريد محمد رضا ٺٽويءَ جي لکيل ڪتاب ذريعي اسان تائين پهتا هئا. ظاهر هو تہ انهن ڏارين اثرن جي ڪري ئي قاضي قادن جا 7 بيت، جيڪي هونئن وڏي تعداد ۾ اُترادي يا سنڌي سرائيڪي لهجي ۾ آهن، سي بدلجي لاڙي لهجي ۾ آيا هئا. اِن مسئلي تي اسان پنهنجي مضمون 'قاضي قادن جي ٻوليءَ' ۾ تفصيلي طرح روشني وجهندي اِهو نتيجو ڪڍيو

آهي تہ قاضي قادن جي ٻولي اُترادي هئي ۽ اُن نتيجي ڪي هاڻي سنڌ جي وڏن وڏن عالمن بہ قبول ڪيو آهي.

قاضي قادن جي بيتن جي ٻوليءَ ڪي باريڪيءَ سان جاچڻ سان پتو پوي ٿو تہ هن سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ خاص نزاڪت، اظهار جي صلاحيت ۽ معنيٰ ۽ فڪر جي وڏي قوت پيدا ڪئي، جو اُهو تصوف جهڙي فلسفي ڪي بہ اظهار ڏيئي سگهيو.

اُن اڀياس مان اِهو بہ پتو پوي ٿو تہ سندس دؤر ۾، سنڌ ۽ هند ۾ عربي ۽ فارسي تعليم جي روا هجڻ ۽ وقت جي اُستادن ۽ عالمن طرفان عربي ۽ فارسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي باوجود سنڌي ٻولي، پنهنجي نِج ڳالهائجندڙ روپ ۾ ئي ڪتب ايندي هئي. يعني تہ جيئن عام ماڻهو اُها اُچاريندو هو تيئن ئي اُها لکي بہ ويندي هئي. عوام جي ٻوليءَ جو ٻول بالا هو ۽ عالم ۽ فاضل بہ عربي، فارسي يا ڪهڙيون بہ رُتبي واريون ٻوليون ڄاڻندي بہ پهرين تہ نيٺ ۽ نج سنڌي ٻولي ئي استعمال ڪندا هئا. اگر ضروري ٿيندو بہ هو تہ اِنهن ٻولين جي لفظن ڪي هُو اهڙي طرح استعمال ڪندا هئا، جيئن عام سنڌي ماڻهو يا سنڌي ٻوليءَ اُن ڪي پنهنجي سياوَ يا ذاتي خصوصيتن موجب اختيار ڪيو هو. 'ش' ڪي 'س'، ن ڪي 'ڻ'، 'ز' ڪي 'ج' ۾ ڦيري اُچار ڪيا ويندا هئا.

مثال:

جنين جان جدا ڪي تون منهن تنهين "پس"،
لتاڙين لتن سين، انئي پهر عرس
"سفافي" مون "سيڻ" وسن "سهر" سفاف ۾
ڳالهين چون سفافيان، چون سفافي ويڻ.
جيئن ڦقڙ ماه ۾ اِئين "روجا" عيد "نماج"
اجا آه ڪاء ٻي الله هند جي حاج
پڙهندا پٺي ويا ڪوڙين لک قُراڻ
لکي لوڪ نہ سگهيا پاڻيءَ اندر پاڻ.

سنڌ جي ماڻهن جي اِن 'ش' کي 'س'، 'ج' کي 'ز' ۽ 'ز' کي 'ج' ۽ ٻين متعدد غير ڏيهي اکرن کي، ڏيهي متبادل اکر ۾ بدلي ڪرڻ واري ڳالهه جي تصديق ۽ ثابتي مشهور ڪتاب 'ڪتاب البيان والتبيين' مان به ملي ٿي. جنهن ۾ ھو چوي ٿو تہ 'سنڌ جو رهاڪو لامحالہ 'ج' جو اُچار 'ز' ۽ 'ز' جو 'ج' ڪري ٿو. پوءِ ڀلي ڪٿي ھو عرب جي فصيح ۽ بليغ قبيلن بنو قيص ۾ پنجاه سال ڇونہ رهيو هجي.' ابو عطا سنڌيءَ پڻ اِن ڄاڃنا جي تصديق ڪئي آهي.

قاضي قادن جي ٻوليءَ مان اِهو بہ پتو پوي ٿو تہ اُن وقت جي ٻولي سرائيڪي ۽ ملتاني لهجي کان گهڻو متاثر هئي. ٻوليءَ جي وياڪرڻي جزن: اِسمن، ضميرن، ظرفن، صفتن ۽ ڪن حالتن ۾ فعلن تي بہ اِهو سرائيڪي اثر نظر اچي ٿو.

1. اسمن ۾ 'ن' جي بدران 'ڻ' واريون پڇاڙيون ملن ٿيون.
2. ضميرن ۾ تُسان، توڻون، تنئن، اساڻ جهڙا ضمير ملن ٿا. جيئن عيد ڪريندو ڪير ماکي سڄڻ گڏيو.
3. ضميري پڇاڙيون عام جام ملن ٿيون.
4. ظرفن تي بہ اِهو اثر نمايان آهي. جيئن: جهڙي، تهڙي، رواجي طرح سنڌيءَ ۾ 'جن' ۽ 'تن' يا 'جنهن' ۽ 'تنهن' چيو ويندو آهي. پر هتي پنجابي لهجو بہ نظر اچي ٿو.
5. عددن جي ڦيري ۾ بہ اسان کي اُترادي يا سرائيڪي اثر واري سنڌيءَ جا اُصول ڪارفرما نظر اچن ٿا. لاڙ ۽ وچولي واري سنڌيءَ ۾ مؤنث جا عدد واحد گهڻو ڪري 'زبر سان' ٿيندا آهن. جن کي عدد جمع بنائڻ لاءِ ڦيري 'اون' ڪيو ويندو آهي. پر قاضي قادن واري ٻوليءَ ۾ اُن کي 'آن' ڪيو ويو ٿو. جيئن تہ 'انب' جو 'انبان'، دانهن جو 'دانهان'، 'پيڙ' جو 'پيڙان'، 'لت' جو لتان'، 'ڇپ' جو 'ڇپان'.

سرائڪي- ملتاني آميزش وارا ٻيا ڪي بيت هن طرح آهن.

جهڙي پاڻي هتڙي تهڙي پاڻ پرين،
ٻهڻ محبا ڇڏيا، تون نہ ڇڏ ڏٽي.

ٻلي وي ٻلي، ٻلي تنگائون آئي،
بابا آدم اتي حوا ٻلي ٻلي سب دنيا.

سيجاڻا اتي سينهن، ڏوُنئون وسن جهنگ ۾،
سي ڪڙ ڪاون ڪيئن ماش جنهان ڪون لکيو.
توئون اسان نهين پُڇيو تئن پڇي "اساڻ"
نهين رتو رحمان سين، وي پڙهڻهار قُراڻ.

مذڪوره بيتن جي سرائيڪي سٽاءَ، خاص طور ويندي 'قرآن' کي بہ 'قراڻ' ڪري چوڻ، اِهو ڏيکاري ٿو تہ سنڌيءَ تي اِهو سرائيڪي لهجو گهڻو غالب هو. اِن جي صفائيءَ طور مون اڳ ۾ ڪن مضمونن ۾ رائين بہ ڇيو آهي تہ قاضي قادن جا وڏا اُچ ملتان جا ويٺل هئا. ۽ بعد ۾ بہ اُهي مٿئين سنڌ جي بکر ۾ مقيم هئا. تنهن ڪري هنن جي ٻوليءَ تي اِهو اثر رهيو هوندو. پر ان سان گڏ اُنهن ڳالهين کي بہ ڌيان ۾ رکڻو پوندو تہ ملتان جا سنڌ سان صدين کان روحاني، ثقافتي ۽ واپاري لاڳاپا رهيا آهن. مشهور صوفي بهاءُ الدين ذڪريا جي درگاہ بہ ملتان ۾ هئي ۽ سنڌ جا ڪيترائي حاڪم ۽ اُن جي ڪري يا خود ذاتي عقيدت جي ڪري سنڌ جو وڏي تعداد ۾ عوام پڻ اِن در جو معتقد ۽ زيارتي هو ۽ پيرن ۽ مرشدن جي ٻوليءَ جي ناتي سرائيڪي- ملتاني ٻوليءَ کي وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا.

عوامي سطح تي ڏسبو تہ سرائيڪي ملتاني روزمره جي ڪرت ڪار ۽ ڪن خاص ڪمن ڪارين ۾ بہ سرائيڪيءَ جو استعمال عام هو.

اُتر سنڌ ۽ سري ۾ ڪيترن ڦِتل ڪوُهن جي لڏل ڪجهہ سِڙن تي اُڪريل ڪي ڪُتبہ نظر آيا آهن. جيڪي بہ اِن ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿا:

سِل ٽپي ٽپڻهاري، صابُو نان ڪوُهاري،
دلوُراءِ دي واري سِل پڪي ٻل جانيي تي

ٽپڻ والي ٽپي، سڪندر دي واري دي،
ڪوئي آکي سلان ڪنه پڪايان، داو نان ڪوهاري،
جانيي دا ٻل ٻلايا شاه سڪندر واري،

سلا بلند ٽپيان، نڳيا نام نصير،
ڪوُه ڪٽايا پتر ڪامڻ دي اونر نام همير،
وقت سڪندر بادشاه ملڪ ڏني پهلوان،
رعيت راضي ايهہ جيهي ٻڊانت جوان،
هڪ لک سلان اڳيان ٽيا ڪوهہ تمام،
تري سو ٻوٽي باغ دي راڏي اونڙ ڄام،

اِنهن سيني مثالن ۾ پڻ تازو مليل قاضي قادن جي بيتن جي مدنظر برک عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ٻراها راءِ قائم ڪرڻي پيئي آهي تہ سنڌيءَ سان گڏ سرائيڪي ٻولي پڻ سري ۾ عام هئي ۽ نہ فقط ڳالهائبي هئي، پر تاريخي ڪتبن لکڻ لاءِ بہ استعمال ٿيندي هئي. جيئن اِنهن سرن وارن عبارتن مان ان جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌي ۽ سرائيڪي جڻ تہ ساڳئي ملڪ جون ٻہ ٻوليون هيون ۽ خاص طرح اُترين سنڌ ۽ سري ۾ ٻنهي جي قريبي رشتي جي تصديق قاضي قادن جي ڪلام مان بہ ٿئي ٿي.

بهرحال سڀ کان وڏي ڳالهہ جيڪا اسان جي سامهون اچي ٿي، سا هيءَ تہ جيئن قاضي قادن جي شاعريءَ مان ظاهر آهي، سن 1551ع تائين سنڌي ٻولي معياري ۽ ادبي اعتبار کان ڪافي بلوغت کي پهچي چڪي هئي، اُن ۾ تصوف توڙي ويدانت، يوگ توڙي اخلاق جا دقيق ۽ دقيق خيال

سمائڻ جي قوت بہ پيدا ٿي چڪي هئي. جيئن تہ:

"لا" لاهيندي ڪنهن کي، "لا" موراهين ناهہ،
بالله ري پريان ڪٿ نہ ڏسي ڪو پيو.

لوڪان نحو صرف من مطالع سپرين،
سوئي پڙهئو سو پڙهان، سوئي سو حرف.

يا اگر ويدانت ۽ يوگ آچار جا خيال ڏسڻا هجن تہ هيٺيان بيت اُن جا عمدا مثال آهن:

پرين وڃائي رت روئن ڳُبُڏي ري ڪارڻ،
ڪنچن راس وِڃاءِ ڪي ٻُڪين ڏوڙ پون،
روئي م ڪر پڏرو هٿ منجهيئي حال،
جان جان پريان نہ مِڙءِ تن ڪانيءَ جيئن ٻال.

سمن جي دؤر ۾ سنڌ جو ڪڇ ۽ گجرات سان بہ گهرو لاڳاپو رهيو. جام نظام الدين جي وفات کان پوءِ ڪڏهن جام صلاح الدين ۽ ڪڏهن جام فيروز پڇي وڃي پٺي ڪڇ ۾ پناه ورتي. يا ڪڇ ۽ گجرات جي راجائن کان مدد وٺي هڪ ٻئي تي يا بعد ۾ ٻاهران ڪاهي آيل ارغونن سان پٺي لڙايون ڪيون. حاڪمن جي لڏپلاڻ سان اُنهن جا لشڪر ۽ غلام ساڻن گڏ ايندا ويندا هئا. جنهن ڪري لازمي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي گجراتي لفظ بہ گهڙيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون پڻ گجرات تائين ڦهليون. قاضي قادن جي شاعري پڻ فڪري ۽ معنوي طرح ايتري تہ بلند هئي، جو اُها پڻ سنڌ سان گڏوگڏ اُن جي پر وارن علائقن، گجرات، راجستان ۽ پنجاب وارن ٽڪرن، جن کي هينئر هرياڻا سڏيو وڃي ٿو اُتي بہ پڻ مقبول بڻي. ڇوتہ راجستان جي مشهور درويش دادو ديال ۽ سندس پنٿ جي ڪيترن ٻين سنتن جهڙوڪ: رجب، سندرداس ۽ ٻين بہ ڪيترن اُن کي پسند ڪيو ۽ اُها دُور دُور تائين

ڦهلي. اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ پر وارن علائقن جي گجراتي، راجستاني ۽ پنجابيءَ جي ڀاڱي ۾ ڏي وٺ ٿي.

بعد ۾ اها روايت پراڻناٿ جي ڪڇي سنڌيءَ ۾ شاعريءَ سان اڃا به وڌي. پراڻناٿ عرف مهراج، جاڙيجن سمن جي ڄام نگر شهر ۾ 1618ع ۾ ڄائو ۽ هڪ سنڌي ماءُ جو ڄائو هو. سندس مادري زبان سنڌي هئي، پر هن ڪڇ ۾ رهڻ ڪري پنهنجو گهڻو ڪلام ڪڇي محاوري واري سنڌيءَ ۾ چيو آهي. هن جي سلوڪن جو نمونو هن ريت آهي:

آخر ويرا اُٿڻ جي آنئين روحين ڇڏيجا راند،
اُتي وِچ عرش جي، ڪوه ڪري وڙون ڪانڌ،
ڏٺي مؤهجي روح جا هاٿي چوئان ڪيئن ڪري،
روح ڪي ڏِنو پرڏيهڙو، ڇوُ سو دل ڌري

سوامي پراڻناٿ کان ٿوروئي اڳ جي ٻن ٻين ناميارن شاعرن، سنڌ جي لاڙ جي ميين شاه ڪريم ۽ راجستان جي سنت دادو ديال جا به متعدد سنڌي بيت اسان کي ميسر آهن. جن مان اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اُنهن مان شاه ڪريم جي بيتن تي لاڙي ۽ دادو ديال جي بيتن تي راجستاني رنگ چٽيءَ طرح نمايان آهي.

شاه ڪريم جي شعر جو نمونو:

وهاڻيءَ ئي وڃُ تو نه سرندو تِن ري،
تان سا وڃي پڇُ، پيئي جا ڪاڻ پرين سن.
جي مون سڌ ڪِئا، پنيوران ٻهار تي،
جي سي پرينءَ سُئا ته هند وِئا نه نڪري

يا دادو ديال جي راجستاني رنگ واري سنڌي:

دادو! اکيون پسڻ کي پرين پري اُلٽيان منجهه،
جتي وينو مان پرين نهاريندو منجهه
دادو غافل ڇو وتين، منجهين ربُ نهار،
منجهيئي رب پانهنجو، منجهيئي ويچار.

اِن ئي دؤر دوران هڪ طرف اوڀر ۾ سنڌي ٻوليءَ جا گجراتي راجستاني ۽ پنجابيءَ سان پيچ پيا، ته ٻئي طرف اولهه ۾ وري بلوچي ۽ بروهڪي ٻولين سان به اُن جي آميزش ٿي. لس ٻيلي ۾ رونجهن جي زور وقت ڪيترائي سنڌي قبيلا موجوده بلوچستان جي ڪن ايراضين ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. سنڌي ٻولي اُنهن سنڌي قبيلن سان گڏ سفر ڪندي، ويندي مڪران تائين وڃي پهتي هئي. آڳاٽي دؤر کان وٺي سنڌي ۽ بلوچي ٻولين جي سرحد جو پاڻ ۾ ملڻ، سنڌين جو بلوچستان ۾ ۽ بلوچن جو سنڌ ۾ وسڻ، سنڌي قبيلن جو اُتر ۾ سبي ۽ اولهه ۾ مڪران ۾ ڦهلجڻ، انهن ڳالهين پڻ سنڌي ۽ بلوچيءَ وچ ۾ ڏي وٺ کي زور وٺايو ۽ ڪيترائي بلوچي الفاظ سنڌيءَ ۾ مروج ٿيا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اهڙن گهڻن ئي لفظن جي لسٽ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" (ٽئين ڇاپي) ۾ ڏني آهي.

مٿي شاهه ڪريم ۽ دادو ديال جو بيان ڪيو ويو آهي. اُن بعد شاهه لطف الله قادري (جنم 1611ع) ۽ ميين شاهه عنايت (جنم 1621ع) به پنهنجن ڪلام جي رسالن سان سنڌي ٻوليءَ کي ڪافي زور وٺايو آهي. اِنهن شاعرن جي ٻولي لازمي سنڌي آهي. پر اُن ۾ جوڳين ويراڳين سنياسين متعلق جيڪي بيت آهن، تن ۾ ڪافي تعداد ۾ بيت، سلوڪ ۽ طريقت واري روايت ۽ عوامي بيتن جي روايت وچ ۾ معنوي ميلاپ جي نشاندهي ڪن ٿا. اهڙو ميلاپ ميين شاهه عنايت جي ڪلام ۾ واضح طور نظر اچي ٿو. هُن کان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيتن جا 'عارفانه' ۽ 'عوامي' قسم جا ٻه جدا جدا سلسلا هلندڙ هئا. پر ميين عنايت جي بيتن ۾ انهن ٻن درياهن جي پلٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

شاهه لطف الله قادريءَ جي سنڌي ٻوليءَ سان محبت بلڪل واضح آهي. هُن خاص طرح ڏيان ڏيئي تصوف جي خيالات تي سنڌيءَ ۾ بيت لکيا. پاڻ خود پنهنجي رسالي ۾ چيو اٿس:

ڪوڏان ڪِئو رسالو ايءَ فقير جوڙي بيتن،
ته هوءِ سنڌي وائيءَ سُهکو ٻُجهڻ ابوجهن.

پانهنجي ٻوليءَ ڪري سِگهائي اي سِڪن.

اهڙي قسم جو اظهار اُن زماني جي متعدد ٻين شاعرن ۾ به ملي ٿو. جن خاص توجهه ڏيئي پنهنجو ڪلام سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڙيو. بهرحال، سنڌي ٻوليءَ کي جيڪو وڏو عروج مليو سو ڪلهوڙن جي دؤر ۾، سنڌ جي سدا حيات ۽ سرموڙ شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان. شاهه صاحب جي ولادت 1689ع ۾ ٿي ۽ هُو 1752ع تائين هن فاني دنيا ۾ حيات رهيو. اِن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته شاهه عبداللطيف، قاضي قادن جي پيڙهه وڌل سنڌي اساسي شاعريءَ جي عمارت کي اُن بلنديءَ تي پهچايو جنهن بلنديءَ کي اڄاتائين ته ٻيو ڪوبه سنڌي شاعر ڇُهي نه سگهيو آهي. شاهه سائين جي ڪلام جو ڪٺ "شاهه جو رسالو" آهي، جنهن ۾ شامل اٽڪل ٻه سؤ وايون ۽ ٽي هزار اهڙا بيت آهن، جن کي معياري ۽ صحت جي لحاظ سان شاهه سائينءَ جا پنهنجا رچيل بيت ڪري مڃيو وڃي ٿو.

سنڌي ٻولي شاهه عبداللطيف جي وقت تائين گهڻن ئي گهٽن ۽ گهيڙن مان گذرندي،اِن منزل تي پهتي هئي، جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي. شاهه کان اڳ جي ڪن شاعرن: قادري ۽ ٻين سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ڏي خاص ڌيان ڏنو. مخدوم ابوالحسن ۽ سندس ٻين همعصر عالمن پڻ سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ لکڻ جي طريقي کي هڪ مخصوص روپ ڏنو هو. جنهن کي 'ابوالحسن جي سنڌي' سڏجي ٿو. سنڌي ادب جي تاريخ نويس محمد صديق ميمڻ جو رايو آهي ته شاهه عبداللطيف اُها ساڳي سنڌي ڪم آندي، جا مخدوم ابوالحسن ۽ سندس همعصرن ڪم آندي هئي. هن جون لغوي ترڪيبون ۽ صورتخطيءَ جو نمونو به ساڳيو آهي.

شاهه جي رسالي جو اڀياس ڪرڻ سان ڏسجي ٿو ته شاهه نج ۽ چيدي سنڌي ڪتب آندي آهي. اُن ۾ سنڌيءَ جي فطري اوسر واري طريقي، پراڪرت ۽ اصل ٻولي سنسڪرت جا ڪيترائي لفظ اسان کي ملن ٿا. شاهه ۾ عربي ۽ پارسيءَ جا جيتوڻيڪ تمام گهڻا لفظ نه آهن، پر ڪِن ڪِن هنڌن

تي انهن ٻولين جي لفظن جو بہ استعمال ٿيل آهي ۽ پڻ قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن جا ٽڪرا، جيڪي عربيءَ ۾ آهن، تن کي پڻ تضمين طور ڪم آندو ويو آهي. سنڌس 'سُر رامڪلي'، 'سُر آسا' ۽ 'سُر پورب' ۾ جيڪا ٻولي ڪم آئي آهي، تنهن ۾ ڪيترائي لفظ ۽ ترڪيبون هندو جوڳين ۽ سنياسين جي ٻوليءَ واريون آهن. اِنهن سڀني ڳالهين جي ڪري شاهہ جو ڪلام ايترو تہ سليس ۽ عام فهم آهي، جو هرڪو شخص هندو توڙي مسلمان اُن مان فيضياب ٿيندو رهيو آهي ۽ اُن کي پسند ڪندو رهيو آهي.

شاهہ کان يڪدم پوءِ واري شاعر سچل سرمست پڻ گهڻو تڻو شاهہ عبداللطيف واري اڏ ڇڪي آهي. سچل جيتوڻيڪ پارسي، سرائيڪي، هندي، جملي ستن ٻولين ۾ ڪلام چيو آهي. پر سندس شعر جيڪو سنڌيءَ ۾ آهي: اُن جو مزاج ڏري گهٽ شاهہ جهڙو ئي آهي. اُن جي برعڪس شاهہ، سچل، سامي واري ٽمورتي جي ٽئين شاعر، چئنراءِ بچومل لنڊ 'ساميءَ' جي ٻوليءَ ۾ اڳين ٻن شاعرن جي بيت ۾ وڏو فرق آهي. اِن فرق جو هڪ وڏو پر سمجهہ ۾ ايندڙ ڪارڻ اِهو ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ ۽ سچل نج تصوف واري فلسفي جا شاعر هئا. جڏهن تہ سامي، ويدانت ۽ پارتي اڌياتمڪ فلسفي وارو شاعر هو. جنهن پنهنجي سلوڪن ۾ خود بہ چيو آهي تہ ويدن جي واڻي، سنڌيءَ منجهہ سڻايان. سوئي اُن ويدڪ ۽ پارتي اڌياتمڪ پسمنظر سبب، سياويڪ طور هن جي ٻوليءَ تي پڻ سنسڪرت هندي وغيره ٻولين جو اثر چڙو آهي. ساميءَ جي سنڌي ڀاشا ۾ وچين دور وارن ٻين شاعرن جي بيت ۾ اِهو فرق شايد ان ڪري بہ آهي، جو ٻيا گهڻي ڀاڱي شاعر تہ لاڙ ۽ وچولي جا هئا. پر هيءُ ئي هڪ شاعر آهي، جيڪو شڪارپور جو هو ۽ پڻ زندگيءَ جو ڪجهہ حصو امرتسر ۾ بہ رهيو هو. سنسڪرت ۽ هنديءَ جي اثر جي لحاظ کان ڏسجي تہ ڪلهوڙن جي دؤر جي شاعر روحل ۾ پڻ اسان کي اِهو اثر نظر اچي ٿو. روحل، جيتوڻيڪ سنڌ جو شاعر هو ۽ سندس ٿورو ڪلام (31 بيت) سنڌيءَ ۾ بہ آهن، پر هن پنهنجو گهڻو ڪاويہ هندي، راجستاني ۽

سرائيڪيءَ ۾ ڇپيو آهي. هن جي رهائش بہ گھڻو وقت جوڌپور ۾ ٿي، جنھن ڪري روحل جي هندي ڪويتا توڙي سنڌي ڪلام تي هنديءَ سنسڪرت جو اثر وڌيڪ آهي. بهرحال هنن شاعرن ۽ سندن نقش قدمي ڪندڙ اِن ساڳئي دؤر جي بيشمار شاعرن، سنڌي شعر جي ذخيري کي خوب مالامال ڪيو آهي. پر اُن ۾ شاهہ جي شاعريءَ جھڙو ٻيو ڪو مثال ئي نہ آهي. اُهو تہ جڻ سنڌي ادب جي آسمان جو سُورج آهي.

جيئن لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ تي تبصرو ڪندي مٿي لکيو ويو آهي، سنڌ ۾ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جي قدر کي سڃاڻندڙ شاعرن ۽ عالمن، خاص توجهہ ڏيئي سنڌيءَ ۾ عربي، پارسي ۽ ٻين ٻولين جا ڪتاب ترجمو ڪرڻ، سورهين صديءَ ۾ ئي شروع ڪري ڇڏيا هئا. اُهي ڪتاب فقط ڪلامن جا ئي نہ هئا، پر اُن سلسلي ۾ اِهو بہ خيال رکيو ويو تہ اهڙا ڪتاب هجن، جن ذريعي سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيئي سگھجي. اهڙن ڪتابن ۾ هڪ مشهور ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" آهي، جيڪو ٺٽي جي مشهور عالم ميان ابوالحسن لکيو هو. بهرحال تازي ٿيل تحقيق سان اِها ڳالھہ بہ روشنيءَ ۾ آئي آهي تہ ميان ابوالحسن کان اڳ بہ سنڌيءَ ۾ تعليمي ڪم کي ترقي وٺائڻ لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا هئا. ڊاڪٽر بلوچ "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" جي تازي ڇاپي ۾ اِهو ظاهر ڪيو آهي تہ ابوالحسن جي سنڌيءَ کان اڳ ۾ بہ سنڌيءَ ۾ تعليم جا اٽڪل 49 ڪتاب موجود هئا. اُهي ڪتاب سمورا نظم ۾ آهن. اِن ڪري اُنهن کي 'منظوميہ' سڏيو ويجي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ جو اِهو بہ رايو آهي تہ سنڌ ۾ نئين تعليمي نظريي ۽ تعليمي تحريڪ جي شروعات مخدوم جعفر جي ڪتاب 'حاصل النهج' جي لکجڻ کان پوءِ ٽيهن چاليهن سالن بعد ٿي. سورهين صديءَ کان وٺي اُڻويهين صديءَ تائين، يعني انگريزن جي آمد واري وقت تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد سميت بي شمار ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ٿيا. ايترو ئي نہ، سنڌي عالمن سنڌي ۽ پارسي ۽ سنڌي- عربي- پارسيءَ جون ٻن ٻولين واريون ۽ ٽن

ٻولين واريون ڊڪشنريون بہ جوڙيون. جن کي نج سنڌي ٽالن سان 'ٻہ وايا' يعني ٻن واين ۾ ۽ 'ٽہ وايا' يعني ٽن واين يا ٻولين ۾ ڪري سڏيو ويو.

اِن طرح مذڪوره تجزيي مان ڏسبو تہ 1500ع کان وٺي اُڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري 1843ع تائين، سنڌي ٻولي منزل بہ منزل مسلسل ترقيءَ جي راهہ تي گامزن رهي آهي.

(سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال: ترتيب منوهر مٿلاڻي تان ورتل. ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف ممبئيءَ، ممبئي)

ڊاڪٽر اياز قادري

# سنڌي ٻوليءَ تي پارسي ٻوليءَ جو اثر

سنڌ جي قديم تاريخ تي وقت لٽ چاڙهي ڇڏي آهي، تنهن ڪري اسان کي اهو صحيح پتو نٿو پوي ته سنڌ جا پنهنجي ويجهن ملڪن خاص طرح ايران سان ڪهڙا تعلقات هئا ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪهڙا تاريخي، تجارتي ۽ لساني ناتا ۽ رشتا هئا. ٻنهي ملڪن جي تواريخ جي ماهرن جو خيال آهي ته ايران ۽ سنڌ جا سياسي، معاشرتي ۽ تجارتي لاڳاپا ان دؤر کان گهڻو قديم آهن، جڏهن آرين اچي هن ڌرتيءَ کي پنهنجو وطن بڻايو. اهڙن لاڳاپن جون ڪي شاهديون ٻنهي ملڪن جي قديم آثارن جي کوٽاين مان مليون آهن. آرڪيالاجيءَ جي ماهرن جو چوڻ آهي ته هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي، جيڪي مختلف ڌاتن مان جوڙيل شيون هٿ آيون آهن، تن جي اثر اوپر ايران جي قديم آثارن مان هٿ آيل شين سان گهڻي هڪجهڙائي آهي.

ڊاڪٽر ڇبلاڻي پنهنجي ڪتاب 'سنڌ جي اقتصادي تواريخ' ۾ قديم سنڌ جي مغرب سان واپار ۽ واپاري رستن جو احوال بيان ڪندي چوي ٿو ته سنڌ کي مغرب سان ڳنڍڻ لاءِ ٻه تاريخي خشڪي رستا هئا، جي ٻئي وڃي ايران ۾ مليا.

خشڪيءَ کان سواءِ سامونڊي رستي ٻه قديم ايران سان سنڌ جو واپار قائم هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. ابن بطوطه جڏهن سنڌ ۾ آيو هو تڏهن هو سنڌ جي مشهور لاهري بندر جو سير ڪندي، پنهنجي سفرنامي ۾ ٻڌائي ٿو ته هي شهر هڪ وڏو بندرگاهه آهي، جتي يمن ۽ فارس يعني ايران جا جهاز ۽ واپاري گهڻا ٿا اچن.

قديم سنڌ ۽ ايران جي تعلقات بابت ٿوري گهڻي معلومات ڪن

ڪتبن، يوناني تصنيفن، فردوسي جي شاهنامي يا ڪن افسانہ آميز پارسي رزميہ نظمن مان ملي ٿي.

سڀ کان قديم حوالو ايران جي سخامنشي شهنشاه دارا اعظم جي زماني جو ملي ٿو. چيو وڃي ٿو تہ هن حاڪم جي دؤر ۾ ايرانين پنجاب ۽ سنڌ تي فوج موڪلي ڪيترن ضلعن تي قبضو ڪري ورتو هو. هي واقعو اٽڪل پنج صديون قبل مسيح جو آهي. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ان واقعي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ عيسوي سنہ کان 510 ورهيہ اڳ دارا سنڌ ۽ پنجاب تي ڪاهي، اُهي ملڪ پنهنجا ڏن ڀرو ڪيا. اُهي ملڪ دارا کي 260 مڻ سون هر سال ڏن طور ڏيندا هئا.

دارا کان پوءِ گشتاسپ ۽ سندس پٽ بهمن جي سنڌ جي مٿان چڙهائيءَ جو احوال ملي ٿو. ايچ. ٽي. ليمبرڪ پنهنجي ڪتاب 'سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ (Sindh Before Muslim Conquest)' ۾ لکي ٿو تہ گشتاسپ جي حياتيءَ جي وقت ۾، بهمن لشڪر وٺي هندستان تي ڪاهہ ڪئي ۽ ان جي هڪ حصي تي قبضو ڪري ورتو. بهمن ترڪن ۽ هندن جي سرحد کي پڌرو ڪرڻ لاءِ هڪڙو شهر ٻڌايو جنهن جو نالو قندابيل رکيائين ۽ هڪ ٻئي هنڌ جنهن کي 'ٻڌ' ڪوٺيندا هئا، هڪ شهر ٻڌرايائين، جنهن کي بهمن آباد ڪوٺيائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب برهمڻ آباد اصل ۾ بهمن آباد آهي، جنهن کي ايران جي بادشاه بهمن اردشير جي حڪم سان ٻڌايو ويو هو.

بيان ڪيل مختصر سنڌ ۽ ايران جي قديم تواريخي ۽ تجارتي لاڳاپن جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ هنن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪي لساني ناتا پڻ هوندا. حڪمران قوم جي زبان جو محڪوم قوم جي زبان تي گهرو اثر ٿو ٿئي، تنهن ڪري ان دؤر جي ايراني زبان جو سنڌ جي ماڻهن جي زبان تي پڻ اثر پيو هوندو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تواريخ' ۾ 600 قبل مسيح سنڌ جي اوائلي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين

جي اثر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته، آثار قديمه مان مليل مواد ۽ معلومات جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي ٻوليءَ تي گهٽي ۾ گهٽ اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو.

سنڌ ۾ باقاعده پارسي زبان ڪڏهن مروج ٿي؟ تحقيق طلب آهي. 712ع ۾ محمد بن قاسم جڏهن سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تڏهن عرب تواريخ نويس بلاذري جي چوڻ مطابق محمد ايران ۾ هو ۽ اتاهون ڪيس سنڌ ڏانهن وڃڻ جو حڪم مليو. تحقيق سان معلوم ٿو ٿئي ته سندس لشڪر ۾ ايراني سپاهي پڻ هئا. احمد ميان اختر قاضي جهوناڳڙهي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ ڪيترا شيرازي هئا، تنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته پارسي زبان انهن ايرانين جي بدولت پهتي. مگر پارسي زبان جو فروغ سنڌ ۾ محمود غزنويءَ جي دؤر کان شروع ٿيو. ڪن محققن جو خيال آهي ته سومرن جي آخري دؤر ۾ پارسيءَ کي سنڌ جي حڪومت ۾ درباري زبان جو درجو ملي چڪو هو. ان کان پوءِ سمن، ارغونن، ترخانن، ڪلهوڙن، ميرن ۽ انگريزن جي شروعاتي دؤر تائين پارسي نه صرف سنڌ جي مڪتبن، مدرسن جي زبان رهي، پر ان کي درباري زبان جو درجو حاصل رهيو. انهن دورن ۾ نه صرف سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن ان جو مطالعو ڪيو، پر ان ۾ سخن سنجي ڪئي. انهيءَ زماني ۾ پارسيءَ جي اهميت جو اندازو هنن ٻن چوڻين مان، جي ان وقت مشهور هيون، لڳائي سگهجي ٿو:

پهرين چوڻي: پارسي گهوڙي چاڙهسي.

ٻي چوڻي: پڙهي پارسي وڪڻي تيل، ڏسو قدرت جو کيل.

پارسي زبان سان ايتري پراڻي ۽ ويجهي ناتي سببان پارسي زبان جو سنڌي زبان تي وڏ ۾ وڏ اثر ٿيو آهي. ايتريقدر جو لاتعداد لفظ اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي مستقل جاءِ والاري ان ۾ اهڙو رلي ملي ويا آهن جو اهي سنڌي ٿا لڳن.

پهريون اثر جو سنڌي ٻوليءَ پارسي زبان کان قبوليو آهي، سو آهي،

سنڌي آئيويٽا يعني الف بي ۾ اضافو. پ_ ڇ_ گ پارسيءَ جا حرف آهن، جي سنڌي الف بي ۾ اهڙا شامل ٿي ويا آهن. جو اهو پتو ئي نٿو پوي تہ اهي ڪي ڌاريا آهن.

ڪي پارسي لفظ پنهنجي اصلي شڪل ۾ ئي سنڌيءَ ۾ اهڙيءَ طرح رائج ٿي ويا آهن. جو اهي پنهنجا لڳن ٿا ۽ نہ صرف هرڪو ماڻهو انهن کي سمجهي سگهي ٿو بلڪ انهن کي پنهنجي روزمره گفتگوءَ ۾ رواني سان پنهنجن سنڌي لفظن وانگر استعمال ڪري ٿو. ڪي لفظ هي آهن:

دل، حسن، عشق، عاشق، دلبر، جنگ، آواز، آرام، خوشي، شادي، آباد، برباد، شاه، شهنشاه وغيره.

ڪن پارسي لفظن وري پنهنجي ٿوري گهڻي صورت بدلائي ڇڏي آهي. جهڙوڪ پارسيءَ جي پيرهن لفظ کي اسين پهراڻ چئون. لتہ کي لٽو، مزدور کي مزور ۽ مزدوريءَ کي مزوري، پالان کي پالاڻ، ڪنج کي ڪنڊ، ڪرتہ کي ڪڙتو، مرهم کي ملم چئون.

پارسي زبان جو سنڌي گرامر تي پڻ گهرو اثر آهي.

سنڌي زبان ۾ ڪيترا فعل پارسي زبان وارا مروج ٿي ويا آهن ۽ انهن کي اسان پنهنجو بنائي ڇڏيو آهي. مثلاً: آزمودن مان آزمائڻ، خريدن مان خريدڻ، بخشيدن مان بخشڻ، فرمودن مان فرمائڻ.

پارسيءَ جا ظرف بہ اسين سنڌيءَ ۾ استعمال ٿا ڪريون جهڙوڪ: اڪثر، آخر، آئينده، بغير، جلد، هرگز وغيره.

۽ هي حرف پڻ عام جام استعمال ڪندا آهيون: اگر، مگر، البتہ، ليڪن.

ڪي حرف ندا اسان پنهنجا بڻائي ڇڏيا آهن: بس، خبردار، خوب، شاباس.

اسان سنڌي زبان ۾ ڪيترين پارسيءَ جون اڳياڙيون ۽ پارسي اڳياڙين وارا لفظ استعمال ڪندا آهيون جن مان ڪي آهن: هر، در، بر، با،

اسان چئون 'ڪوهه ولو پر پنڌ پلو'. پارسيءَ ۾ چون: 'راه راست بہ رو گرچہ دور است'.

پارسي ۾ چون، آب نديده موزه ڪشيده. اسان چئون پاڻيءَ کان اڳ لٽا لاهڻ.

پارسي شاعريءَ جو بہ سنڌي شاعريءَ تي گهرو اثر آهي. سنڌ ۾ پارسي شاعريءَ جي اثر ڪري عروضي شاعري مقبول ٿي آهي. پارسي شاعريءَ جي اثر ڪري ڪيتريون صنفون جهڙوڪ: غزل، مثنوي، قصيدو، مرثيہ وغيره سنڌ ۾ مقبول ٿي ويا آهن.

پارسي شاعريءَ جي خيالن جو پڻ سنڌي شاعرن تي گهڻو اثر آهي، جيڪو شاهه ڪريم، شاهه لطيف کان وٺي اڄ تائين هليو اچي. مثلاً: شاهه ڪريم جو هي بيت:

پائيون جان نہ ڪجن، روئي ڏوئي اکڙيون،
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

روميءَ جي هن شعر کان متاثر ٿي چيل آهي:

خار را از چشم دل گرير ڪني،
چشم جان را حق بہ بخشد روشني.

[ماهوار پيغام ڪراچي فيبروري_ مارچ، 1982ع]

ڊاڪٽر تنوير عباسي

# سنڌي ٻوليءَ جو تعليمي زبان وارو ڪارج

هن ڪاليج جا سرواڻ ڊاڪٽر عبدالرشيد شيخ صاحب! هن ماڻدارڻ جا منتظم مسٽر عبدالمجيد مري صاحب! مانائتا ۽ لائق استادؤ پيارا شاگردؤ خواتين ۽ حضرات.

اڄ مون کي هڪڙي تمام اهم موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو آهي، اهو آهي سنڌي ٻولي "تعليم جو ذريعو" (Medium of Instruction) ٿيڻ ڪپي يا نه ۽ ان جي اهميت.

هاڻي اچو ته ڏسون ته تعليم شروع ڪنان ٿي ۽ پهريون استاد ڪير هو. يعني پهريون سيکاريندڙ ڪير هو؟ ۽ پهريون سکندڙ ڪير هو؟ عرض آهي ته تعليم ڏيڻ نبين جو پيشو آهي. برابر! سڀ نبي رشي، سنت سڀ استاد هئا. انهن جي حيثيت استاد جي هئي، پر اچا به ان کان اڳتي وڌون ته قرآن مجيد ۾ ۽ انجيل ۽ پراڻي عهد نامي ۾ جنهن کي عام طور توريت چيو ويندو آهي ۾ ذڪر آهي ته جڏهن الله سائينءَ حضرت آدم عليہ السلام کي خلقيو. تڏهن فرشتن کي چيائين ته هن کي سجدو ڪريو. فرشتن مان ڪجهه انڪار ڪيو ۽ چيائون ته اسين هن کي سجدو نه ڪنداسين، ڇو ته هي مٽيءَ مان ٺهيو آهي، اسين باهه (نور) جي پيدائش آهيون. پوءِ الله سائين آدم کي ڪي نالا سيکاريا جي ڪجهه شين جا نالا هئا: فرشتن کان پڇائين ته توهان کي هنن شين جا نالا اچن ٿا ته چيائون نه! حضرت آدم عليه السلام کي چيائين ته تون اهي نالا ٻڌاءِ ته حضرت آدم عليه السلام اهي سڀ نالا ٻڌائي ويو. تنهن کان پوءِ فرشتن حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڪيو ته ڇئبو ته پهريون سيکاريندڙ الله سائين پاڻ هو ۽ ڇو ته اتي فرشتن چيو ته اسان کي اُهو علم آهي ته جيڪو فقط تو اسان کي ڏنو آهي ته الله سائين آدم

ڪي علم ڏنو ۽ علم ڄاڻڻ ڪان پوءِ ئي آدم ان لائق ٿيو تہ فرشتا ان کي سجدو ڪن. انهيءَ تي اسان جي سرمست شاعر سچل سائين چيو آهي تہ:

ملڪ فلڪ سجدا ڪيا تي واهہ مٽي تنهن جو ملهہ،

تون تہ آدم اصلي ناهين ٻول نہ ڪنهن ٻيءَ ٻل.

تہ اهو مٽيءَ جو ملهہ علم جي ڪري ٿيو. ان ڪري مان چوان ٿو تہ توهان جو پيشو تعليم ڏيڻ هي ۽ اهو نبين وارو پيشو برابر آهي، پر اهو خدائي پيشو بہ آهي. "It is divine profession" ڇوتہ پهريون سيکاريندڙ الله تعاليٰ پاڻ هو ۽ پهريون سکندڙ حضرت آدم هو.

هاڻي تعليم جي اهميت تي انگريزن جو هڪڙو قومي هيرو آهي، انهيءَ جو نالو آهي لارڊ نيلسن. لارڊ نيلسن جو مجسمو ٽريفلگر اسڪوائر تي بہ سٺو فٽ ڊگهي مناري تي ڇاهي لڳايو ويو آهي، ايترو اهم هي انهن لاءِ لارڊ نيلسن. هاڻي اڄو تہ ٻڌون تہ لارڊ نيلسن ڇا ٿو چوي، پهرين مان توهان کي ان جو Back ground / پس منظر ٻڌايان. توهان شايد يورپ جي تاريخ نہ پڙهي هجي. لارڊ نيلسن اهو جنرل هو جنهن نيپولين بونا پارٽ کي واٽرلو جي جنگ ۾ شڪست ڏني هئي، انهيءَ جي ڪري ان کي هنن ايتري اهميت ڏني تہ انهيءَ لارڊ نيلسن چيو هو تہ "اسان واٽرلو جي جنگ آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين مان کٽي" تنهن جو مطلب اهو آهي تہ اسان آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين جي ڪري کٽي. جڏهن ايترا تعليم يافتہ هئاسين، تڏهن اسان اها جنگ کٽيسين. جيڪڏهن اسان جاهل هجون ها، اسان ڄٽ هجون ها تہ اسان واٽرلو جي لڙائي کٽي نہ سگهون ها. تہ هاڻي اهو ڇٽي سگهجي ٿو تہ تعليم جي اهميت هميشہ رهي آهي. ڄٽن ڪڏهن بہ حڪومت نہ ڪئي آهي نہ ئي ڄٽن جي قوم ڪڏهن حڪومت وٺي سگهندي نہ ئي حڪومت هلائي سگهندي ۽ نہ ئي حڪومت قائم رکي سگهندي.

هاڻي اڄون ٿا، پڙهڻ پڙهائڻ تي: تہ طوطو بہ پڙهي ٿو. طوطي کي توهان ڪابہ شئي پڙهايو تہ هو پڙهي ويندو. طوطي کي قرآن پاڪ پڙهايو تہ

هو توهان کي پڙهي ٻڌائيندو. طوطي کي توهان گانو ڇورايو ته هو ڇئي ويندو، پر اهو حقيقت ۾ پڙهڻ نه آهي. علم محض پڙهڻ نه آهي، پڙهڻ ۽ ڄاڻڻ ۾ فرق آهي، انهيءَ ڪري اسان جي صوفين پڙهڻ جي انهيءَ اصل ڄاڻ جي ڳالهه تي زور ڏنو آهي، ڇون ته پڙهڻ معنيٰ ڪڙهڻ. تعليم يافته هجڻ. جيئن اسان جي اوائلي شاعرن مان قاضي قاضن جو بيت آهي ته:

ڪنز قدوري قافيه، ڪي ڪين پڙهيام،
سو ڏيهه ئي ڪو ٻيو، جان ٿي پرين لڌام.

يا ٻئي هنڌ اسان جي قومي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي ته:

پڙهيو ته پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
مٿان ڏوهه چڙهن، جيئن ورق ورائين وترا.

يا وري هيئن چوي ٿو ته:

اکر پڙهه الف جو ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار پنا پڙهندين ڪيترا.

ڇئبو ته اهو پڙهڻ آهي اندر اجارڻ، اهو پڙهڻ آهي ڪڙهڻ. اصل ڳالهه پڙهڻ سان گڏ ڪڙهڻ به آهي. پڙهيل آهي ڪڙهيل نه آهي، تيسين ان جو پڙهڻ بيڪار آهي، بيسود آهي، تعليم اندر کي اجاري ٿي، جنهن جو اندر نه اجاريو آهي ته ان جي پڙهيل هجڻ ۾، ڊگري يافته هجڻ، پي. ايڇ ڊي هجڻ ۾ ڪابه چڱي ڳالهه ڇئي نٿي سگهجي.

هاڻي ڏسون ته ڪڙهڻ ڇا آهي؟ پڙهڻ سان گڏ ڪڙهڻ جو مطلب آهي، هڪڙي ڪلچرڊ سوسائٽي پيدا ڪرڻ. اها سوسائٽي ڪلچرڊ "Cultured" هجي جيڪا سولائيزڊ "Civilized" هجي. جيڪا تهذيب يافته هجي، جيڪا مهذب هجي ڇوته ماڻهو جيڪو مهذب هوندو اهو ئي فضيلت وارو هوندو ۽ اهوئي تميز وارو هوندو. اهو ڄٽن وانگر، غنڊن وانگر بدتميزي نه ڪندو. اها مهذب سوسائٽي ٺاهڻ لاءِ هي تعليمي ادارا آهن. انهن ادارن جو وري هيءُ مهان ادارو آهي يعني (ڪاليج آف ايجوڪيشن) جتي توهان پڙهو

ٿا. توهان هتان نڪري وري به تعليمي ادارن ۾ ويندؤ ته ڇٽبو ته توهان ڦهلاءُ ٿا ڪريو تعليم جو تهذيب جو مهذب هجوم جو ڪڙهيل هجڻ جو مان ته ائين چوندس ته توهان هتان ڪڙهي نڪرو جيئن توهان وٽ جيڪي شاگرد هجن اهي به ڪڙهي نڪرن ڇوته جيڪڏهن اهي رڳو پڙهندا ۽ ڪڙهندا ڪونه ته پوءِ اهي رڳو طوطا هوندا.

هاڻي اچون ٿا "سنڌي ٻولي ذريعه تعليم" تي، ان لاءِ مان لازمي سمجهان ٿو ته توهان کي ان بابت پنهنجا خيال ۽ ويچار ٻڌايان. سنڌي ٻوليءَ جو جيتري قدر تعلق آهي ته پهرين پهرين اسان کي جيڪا سنڌي لکيت صورت ۾ ملي ٿي اها آهي موهن جي دڙي جي ٻولي- 'انڊس اسڪرپٽ' حالانڪ اها اڃا تائين چڱي طرح پڙهي نه وئي آهي. يعني decipher ڪانه ٿي آهي. خبر ناهي ته اها هن جديد سنڌي ٻوليءَ کان ڪيتري قدر مختلف هئي، پر سيئي چون ٿا ته اها هڪ باقاعده ٻوليءَ جي سيني خصوصيتن سان لکي ۽ پڙهي ويندي هئي، ڇوته ان جا آثار ان لکيت جا آثار موهن جي دڙي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ به چوکنڊي (چوکنڊي) جي مقبرن مان ملندا رهيا، خود اسان جي سچل چيئر ۾ هڪ قلمي نسخو پيل آهي، جيڪو ڏيڍ سئو سال پراڻو آهي، ان ۾ ان ٻوليءَ جي لکيت آهي. تنهن کان پوءِ اڄ تائين جيڪي ڏوبي ڪپڙن کي ٿي نشان هڻن ٿا، ياڳيا جانورن کي نپا هڻن ٿا. انهن جي جيڪا لکيت آهي اها به اهائي آهي. منهنجي چوڻ جو مقصد به اهوئي آهي ته جيئن موهن جي دڙي جي بيل گاڏي به اڃان تائين آهي، موهن جي دڙي جي ٻيڙي به اڃا تائين آهي، ته ممڪن آهي ته ان ٻوليءَ جا ڪجھ لفظ ڪجھ لکيت جا نمونا به اڃا تائين جاري رهيا هجن، جيڪي ان صورت ۾ آهن. پوءِ سڄي ٻولي ڪٿي موجود نه هجي. هن مان ٻي ڳالھ به سمجهي سگهجي ٿي ته موهن جي دڙي جون جيڪي مهرون آهن، انهن تي جيڪي لکڻ وارا هئا، انهن کي به ڪنهن ته اها ٻولي سيکاري هوندي ته پوءِ ڇٽبو ته ان وقت به سنڌي ٻولي سکڻ ۽ سيکارڻ جو ذريعو هئي، ته پوءِ "سنڌي ٻولي

ذريعہ تعليم" لاءِ جيڪڏهن چئجي تہ سنڌي ٻوليءَ جو تعليم جو ذريعو ايترو پراڻو آهي، جيترو موهن جي دڙي جي تهذيب، تہ منهنجي خيال ۾ تہ اها ڳالهہ غلط نہ ٿيندي.

هاڻي هلو اڳتي! چچ نامي ۾ لکيل آهي تہ راجا راءِ سهاسي چچ کي ان ڪري پاڻ وٽ ويجهو رکندو هو جو هو تمام سٺي عبارت لکي سگهندو هو. اهو آهي اٺين صدي عيسويءَ جو دؤر. چچ جيڪو ڪجهہ لکندو هو ان جي لپي Script يا صورتخطي ڪهڙي هئي، اهو چئي نٿو سگهجي. بهرحال اها تہ پڪ آهي تہ اها ٻولي سنڌي ٻولي هئي، ڇوتہ چچ نامي ۾ جيڪي لفظ ملن ٿا، اهي لفظ اڄا تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن. جيئن لوهاڻا، لاکا، ڍنڍ ۽ سما وغيره ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن. جيڪي چچ نامي ۾ بيان ٿيل آهن. جيئن ماڇن جا نالا، ماڻهن جا نالا، تورن جا نالا وغيره. حالانڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو خيال آهي تہ موجوده سنڌي ٻولي بصورت ٻولي، يارهين صدي عيسويءَ جي آهي، پر مان چوان ٿو تہ اها اٺين صدي عيسويءَ ۾ ڪافي لکي ويندي هئي، ڇوتہ چچ، بادشاهہ جي چوڻ تي ان زماني ۾ لکندو هو.

تنهن کان پوءِ اڳتي ٿا هلون! تہ اروڙ تباهہ ٿيو. ان کان اڳي جو ڪوبہ لکيت جو ڪوبہ مسودو يا ڪوبہ پٿر يا ڪابہ شئي ڪانہ ٿي ملي. عام طرح اهو چيو ويندو آهي تہ هڪڙي حڪومت ڊهندي آهي تہ ٻيا ان ۾ نظرون وجهيو ويٺا هوندا آهن، تہ جيئن اها قوم جاهل رهي. "شعر العجر" ۾ سليمان ندوي لکيو آهي تہ عربن جي ايران فتح ڪرڻ کان پوءِ اڍائي سؤ سال هڪ بہ شاعر فارسي ٻوليءَ ۾ پيدا ٿي ڪونہ سگهيو پر رڳو عربي ٻوليءَ جا شاعر پيدا ٿيا. اها بہ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ عربن اسڪندريہ ۾ لئبررين کي ڊاهيو. عين ممڪن آهي تہ هتي اسان وٽ بہ اهي سنڌي لکيتون جيڪي چچ جي زماني ۾ مروج هيون، ختم ڪيون ويون هجن. انهيءَ ڳالهہ تي وڌي تحقيق ٿيڻ کپي. خاص ڪري اروڙ ۾ جيڪڏهن کوٽائي ڪرائي وڃي تہ، ٿي سگهي ٿو تہ اسان کي عربن جي دؤر کان اڳ جي دؤر جي صحيح خبر

پئجي وڃي. بهرحال ان کان پوءِ اچا اڳتي ٿا اچون ته سومرن ۽ سمن جي دؤر ۾ اسان کي سنڌي لکيت ته ڪانه ٿي ملي، پر فارسي ڪتابن ۾ ڪجهه سنڌي شعر مليا آهن. جيئن اسحاق اهنگر جو بيت، ماموئي فقيرن جا بيت، شاهه ڪريم جا بيت. ان مان ائين ٿو لڳي ته ان زماني ۾ جيڪا صورتخطي سنڌ ۾ مروج هئي، اها فارسي هئي. سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي ٿورا گهڻا بيت ملن ٿا. اهي فارسي رسم الخط ۾ لکيل هئا. هتي هڪ ٻي وڏي ڳالهه سامهون آئي آهي. جيئن اسان جي دوست هيري ٺڪر ڪم ڪيو آهي. سورهين صدي عيسويءَ ۾ قاضي قاضن جا بيت ديوناگري اسڪرپٽ ۾ لکيل ان کي مليا آهن. اهي هڪ سؤ کان مٿي آهن. اڳي چوندا هئا ته قاضي قاضن جا رڳو ست بيت آهن. هيري اهي مليل بيت شايع ڪرايا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ۽ ٻيا سڀئي ان ڳالهه تي متفق آهن ته اها واقعي سنڌي ٻولي آهي. تنهن جو مطلب اهو ٿيو ته سمن ۽ سومرن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ هڪڙي اسڪرپٽ ديوناگري مروج هئي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي لکي ويندي هئي. حالانڪ قاضي قاضن مسلمان هو ۽ ديوناگري اسڪرپٽ هندو ڪم آڻيندا هئا. قاضي قاضن ته ٺهيو پر جيڪو سکن جو ڪتاب آهي گروگرنٿ، انهيءَ ۾ توهان کي بابا فريد گنج شڪر جا بيت ملندا، ٻه سنڌي بيت جيڪي گرمکيءَ ۾ آهن ملن ٿا. تنهن کان پوءِ سوامي پراڻناٿ جا چار سئو کن سنڌي دوها ديوناگري لپيءَ ۾ مليا آهن، جيڪو شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي دؤر جو هو. ٻيو جيڪو قلمي نسخو هٿ آيو آهي، جيڪو عربي سنڌي لپيءَ جو سڀ کان قديم نسخو ليکيو وڃي ٿو. اهو 1655ع يا 1675ع ۾ لکيو ويو هو. اهو قلمي نسخو هن وقت به پير ڳوٺ ۾ موجود آهي. انهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيئي نظم جيڪي عربي سنڌيءَ ۾ لکيل آهن ملن ٿا. اها ته هئي 1655ع کان 1675ع جي ڳالهه. پر ان کان جيڪڏهن اڳتي وڃجي ته دادو ديال، قاضي قاضن ۽ پراڻ ناٿ جا بيت اسان کي ديوناگري لپيءَ ۾ ملن ٿا. ان لاءِ مون کي هيري ٺڪر ٻڌايو ته راجستان ۾

ٻوينا جراڙ جي جيڪا سنڌيءَ ۾ ڪهاڻي آهي، اها مون کي ٽن جاين تان ديوناگري لپيءَ ۾ ملي آهي. ان جي معنيٰ ته سمن ۽ سومرن واري دؤر ۾ ٻئي اسڪرپٽ "عربي سنڌي" ۽ "ديوناگري" سنڌ ۾ رائج هئا ۽ سنڌ جو گهڻو ادب ديوناگري اسڪرپٽ ۾ هو. دهليءَ ۾ مون کي ٻين دوستن به ٻڌايو ته اسان دعويٰ تا ڪريون ته اسان وٽ جيڪڏهن ماڻهو ۽ وسيلا هجن ته هڪ هزار نسخا هندستان ۾ آهن، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مواد موجود آهي. هن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ اهي ٻئي اسڪرپٽ مروج رهيا آهن.

هاڻي ان کان اڳتي وڃجي ته مون هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته ٻارهين صديءَ ۾ مخدوم جهانيان جهانگشت وٽ جيڪي به مريد ۽ عقيدتمند سنڌ مان ايندا هئا ته هو هنن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سمجهائيندو هو. ان جي معنيٰ ته ڏهين صدي هجريءَ کان وٺي سنڌي ٻولي يا زبان ۾ تعليم ڏيڻ جو رواج هو. تنهن کان پوءِ اها ڳالهه ته توهان کي معلوم هوندي ته پهريون درسي ڪتاب "مقدمته الصلوات" مخدوم ابوالحسن 1680/1700ع ۾ لکيو پر ان کان اڳ ۾ نظمن جو ڪتاب جيڪو سمن جي دؤر جو مون توهان کي ٻڌايو هو ته ٻير جي ڳوٺ ۾ پيپل آهي. اهو هڪڙو جهڙوڪر ٽيڪسٽ بڪ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جي نئين نسخي ۾ سنڌي زبان جي انفراديت ۽ اسڪرپٽ بابت لکيو آهي!

ان کان پوءِ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو دؤر اچي ٿو جنهن ۾ گهڻين جاين تي عربي سنڌي لپي مستعمل ٿي. 1853ع ۾ وري موجوده لپي مقرر ٿي، جيڪا اسان اڄڪلهه لکون ٿا. ان ۾ ڪيئي ڪتاب ڇپيا آهن. ان دؤر ۾ عجب ٿو لڳي ته تاريخي ڪتاب، جاگرافيءَ بابت ڏرتي نروار نالي ڪتاب ڇپيا، گرامر تي وياڪرڻ نالي ڪتاب ڇپيا. ليکي جي پيڙهه ميٿميٽڪس تي ڪتاب ڇپيو. اوڻويهين صديءَ جي وچ ۾ ۽ آخر ۾ انهن سڀني موضوعن تي سنڌيءَ ۾ ڪتاب تيار ٿيا. بمبئي يونيورسٽي به سنڌي ٻوليءَ کي مئٽرڪ تائين رائج ڪيو تنهن کان پوءِ اڳتي هلي، بي اي تائين هن کي تسليم

ڪيو ويو.

1947ع کان پوءِ ورهاڱو ٿيو ته ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي ٻوليءَ کي تڙي ڪڍيو ويو ۽ ذريعه تعليم کي ختم ڪيو ويو. جيڪي سنڌي شاگرد هئا, اهي ڏاڍا پريشان ٿيا. مون کي ياد آهي ته انهيءَ زماني ۾ سنڌي شاگردن جلوس ڪڍيو. ڪورٽ ۾ ڪيس وڌو تنهن کان پوءِ وڃي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ دروازا کليا.

1958ع ۾ جڏهن مارشل لا لڳو ۽ ايوب خان کي هڪ قوم ۽ هڪ قومي ٻوليءَ جو ڏاڍو خفت لڳو هو. هن هڪڙي شريف ڪميشن ويهاري. شريف ان وقت جو سيڪريٽري تعليم هو. انهي ڪميشن جيڪا فتويٰ ڏني اُها هئي ته سنڌي ٻوليءَ کي پرائمري ليول تائين پاڙهيو وڃي. اڳتي هلي سنڌي ٻولي ذريعه تعليم جي حيثيت ۾ ختم ڪئي وئي. ان جي جاءِ تي اردو کي آندو ويو ۽ سنڌي سبجيڪٽ طور رکي وئي, انهيءَ تي سنڌي قوم کي ٻيو شاڪ لڳو. هزارين سنڌي ماسٽر ويچارا سڀ بيروزگار ٿي پيا.

انهيءَ ڳالهه تي مون کي فخر آهي ته اسان ان وقت ايوب خان جي خلاف وڏو احتجاج ڪيو. اهو منهنجي خيال ۾ پهريون موقعو هو جو ايوب خان جي خلاف احتجاج ڪيوسين. حميد سنڌي صاحب به اسان سان گڏ هو. آءٌ هئس, مخدوم فهيم هو سردار علي شاهه هو مخدوم امير احمد مرحوم هو. وڏي ويڙهه ڪئي سين تنهن کانپوءِ مون کي ياد آهي ته ان وقت جي سيڪريٽري محمد شريف حيدرآباد ۾ سائين غلام مصطفيٰ شاهه ڏانهن شام جو گاڏي موڪلي, اسان به وياسين, اسان ويهي ڳالهيون ڪيون. اسان ان کي سڄو رڪارڊ ڏيکاريو جنهن چيو اسان کي اها خبر ئي ڪانه هئي ته 1853ع کان اڳي به سنڌي ذريعه تعليم هئي. اسان ان کي 1853ع کان 1948ع تائين اهو ويهي رڪارڊ ڏيکاريو ته سنڌي ٻولي ذريعه تعليم رهي آهي, تنهن کان پوءِ ايوب خان ان حڪم کي رد ڪيو. منهنجي خيال ۾ اهو اهڙو ان جو پهريون ۽ آخري حڪم هو جيڪو هن رد ڪيو. بهرحال اها ته

تي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي حيثيت جي تاريخ، هاڻي اچون ٿا هن وقت تي ته سنڌي ٻوليءَ جي ذريعہ تعليم جي حيثيت ڇا ٿيڻ کپي. هن وقت اسان جا ڪي دوست ان راءِ جا آهن ته سنڌي ٻوليءَ کي مڪمل طرح سان ذريعہ تعليم ڪيو وڃي، پر منهنجي خيال ۾ آرٽس جي شعبن جو جيستائين تعلق آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ مڪمل طرح اها لياقت آهي، پر جيستائين سائنس جو تعلق آهي ته سوين نوان ٽيڪنيڪل ٽرم (اصطلاح) روز جنم وٺن ٿا. ڪمپيوٽر سائنس، نيوڪليئر فزڪس، اسپيس سائنس يا ڪيترين ئي سائنس جون ٻيون برانچون آهن، جنهن ۾ ڪيترائي نوان ٽيڪنيڪل ٽرم ٺهن ٿا. هي هڪ ضرب خانو آهي، جنهن مان لفظ نڪرندا رهن ٿا. اسان جي ٻوليءَ ۾ اجا ايتري سگهہ نہ آهي. ٻولي ٺيندي آهي قوم سان. اسان جي قوم ۾ اجا اها صلاحيت ڪونهي، ايترا هزار نوان ٽيڪنيڪل ٽرم هر مهيني ترجمو ڪندي هلي ۽ ڇپائيندي رهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪٿي اها صلاحيت هجي مان مڃان ٿو پر قوم ايتري جفاڪش نہ آهي.

ٻي ڳالهہ جيڪا مان ذاتي طرح ڄاڻان ٿو جيئن مون 1960ع ۾ ايم. بي. بي. ايس ڪئي. هاڻي 1996ع آهي. انهيءَ دوران ڪيترين ئي نيون دوائون، نيون ٿيوريون، ڪيترين ئي ٽيسٽون وجود ۾ آيون آهن. جيڪڏهن انگريزي نہ ڄاڻندو هجان ها تہ اها 1960ع واري جيڪا منهنجي ايم. بي. بي. ايس جي ڊگري بيڪار هجي ها. ساڳيو ئي حال فزڪس، ڪيمسٽري، ڪمپيوٽر سائنس، تعليم ۽ ٻين سينئي سبجيڪٽن جو آهي. هاڻي منهنجي ناقص راءِ اها آهي تہ جيستائين اسان ٻين قومن وانگر، جپانين وانگر، چينين وانگر، روسين وانگر پنهنجي قوم کي ان ليول تي، انهيءَ سطح تي پهچائي سگهون جو اسان پنهنجي تعليم، سائنسي تعليم، ٽيڪنيڪل تعليم پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو نہ ڪري سگهون، تيستائين اسان کي لازمي طرح انگريزي ٻوليءَ جو سهارو وٺڻو پوندو، ڇوتہ هر شعبي ۾ هزارين جرنل

شايع ٿين ٿا. اهي اسان يڪدم سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو نٿا ڪري سگهون. هاڻي جيڪڏهن اسان ائين نه ڪيو ته اسان هڪڙي صدي دنيا کان پوئتي هليا وينداسين. تنهنڪري منهنجي راءِ اها آهي ته آرٽس جي شعبن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ هرڪا صلاحيت آهي جو اها ذريعه تعليم ٿي سگهي ٿي. باقي سائنس جي شعبن ۾ ڪنهن حد تائين انٽر ميڊئيٽ ليول تائين به سنڌي ڀلي تعليم جو ذريعو هجي، پر جيستائين مٿي ريسرچ جو سوال آهي ته جيڪي ريسرچ وارا آهن، انهن کي خود انگريزي زبان جو سهارو وٺڻو پوندو ته هو دنيا سان اپ ٽو ڊيٽ رهي نٿا سگهن ته ريسرچ جي لاءِ اسان کي به انگريزيءَ جو سهارو وٺڻ لازمي ٿيندو.

مان توهان سڀني جو ٿورائتو آهيان ۽ توهان جي پرنسپال صاحب جو ۽ شاگردن جو. توهان مهرباني ڪري مون کي پنهنجا رايا ظاهر ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ تمام ڌيان سان ۽ قرب سان مون کي ٻڌو. مهرباني.

(هي ليڪچر سنڌي ٻوليءَ جي دانشور ڏاهي، اديب، محترم ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ صاحب گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن سکر طرفان توسيعي ليڪچرن جي سلسلي ۾ ڏنو هو.)

[ماهوار ٻرک، ڪراچي، آڪٽوبر 2004ع]

مظهر يوسف/ آفتاب ابڙو

# انگريزن جي ابتدائي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي

مئڪس ميولر پنهنجي ڪتاب "ٻولين جي سوانح" ۾ لکي ٿو تہ "سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي قديم ٻولين مان هڪ آهي". هو اڳتي لکي ٿو تہ "جڏهن آريا سنڌ ۾ آيا تہ هنن کي معلوم ٿيو تہ سنڌؤ جي ڀنهي ڪپن سان آباد ماڻهو هڪ ٻولي ڳالهائي رهيا آهن، جيڪا زنده ۽ سنسڪرت کان مختلف ۽ اوائلي آهي، جيڪا 4500 سال قديم ٿيندي.

انهيءَ ڊگهي عرصي اندر سنڌي ٻوليءَ ڪيئي لاها چاڙها ڏٺا هوندا ۽ انهيءَ جي عالمن کن ڌڪين ڏينهن ۾ پاڻ پتوڙيو هوندو.

منهنجي نظر ۾، سنڌي ٻوليءَ جيڪي وڏا عالم ڏٺا، اُهي برطانوي دؤر جي شروع واري عرصي جا هئا. انهن ۾ بارٽل فريئر، جيڪو 1851ع کان 1859ع تائين سنڌ جو ڪمشنر رهيو فريئر جا مددگار: ايلس، بيلاس، جيڪب، ٽرمپ، اسٽئڪ ۽ رچرڊ برٽن هئا، جن سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تہ ان دؤران سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا رائج هئا. انهن کان علاوه فارسي دفتري ٻوليءَ طور ڪتب ايندي هئي، جنهن کي نہ صرف روايتي مذهبي تعليم ڏيندڙ آخوند استعمال ڪندا هئا، پر هندو عامل بہ اختيار ڪندا هئا. جيڪي ڪلهوڙن توڙي ٽالپرن جي دؤرن ۾ مکيہ عملدار هئا. پر عام ماڻهو جيڪي ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آباد هئا، اُهي ٻوليءَ جا مختلف لهجا ڳالهائيندا هئا. سنڌن لکت جو نمونو بہ لهجن جيان پيچيدو ۽ مختلف هو.

انگريزن لاءِ فارسي توڙي سنڌي ٻئي ڌاريون ٻوليون هيون. تڏهن بہ ڪن ڏگهي نظر رکندڙ انگريز عملدارن، روينيو اوڳاڙيندڙن ۽ عدالتي اهلڪارن فيصلو ڪيو تہ عام ماڻهن سان سندن ٻوليءَ ۾ ڳالهائجي. اهڙيءَ طرح هنن سنڌيءَ کي فارسيءَ تي فوقيت ڏني. مٿين راءِ کي ذهن ۾ رکندي انگريز عملدارن، ٿوري عرصي اندر ہ اهم پروگرام شروع ڪري ڏنا. جنهن سان سنڌيءَ ٻوليءَ کي دفتري ٻولي طور رائج ڪرڻ ۾ سٺي هٿي ملي. انهن ۾ هڪ هو- روينيو رڪارڊ سنڌيءَ ۾ لکڻ، ٻيو هو صوبي ۾ فوري طور اسڪول کولڻ تہ جيئن سنڌي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي انگريزي تعليم ڏئي سگهجي. شروع ۾ انگريز پوري طرح سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ طور اختيار نہ ڪري سگهيا. ان جو وڏو سبب اهو هو جو اها ڪيترن ئي نمونن ۾ لکي ٿي ويئي. تقريباً هر لهجي لاءِ الڳ خط هو انهن ۾ ڪابہ هڪجهڙائي نہ هئي. سنڌ جا هندو عامل ۽ آخوند فارسي ٻوليءَ ۾ پڙهيا هئا، تہ ساڳئي وقت هو سنڌي ٻولي عربي خط ۾ لکڻ جا بہ ماهر هئا. هندو پائيبند واپاري مقصدن لاءِ ديوناگريءَ جو هڪ نمونو استعمال ڪندا هئا، جنهن کي شخصي لهجو سڏيندا هئا. باقي سڀني پرڳڻي ۾ ڏڄن کن ٻيا خط رائج هئا، جن کي مسلمان توڙي هندو استعمال ڪندا هئا. حقيقت ۾ انهن مان ڪيترائي هٽڪي لهجا، جيئن خواجڪي ۽ ميمڻڪي وغيره غير عربي خط ۾ لکيا ويندا هئا. حالانڪ خواجا ۽ ميمڻ مسلمان هئا، پر پوءِ بہ هو غير عربي خط استعمال ڪندا هئا.

جيئن تہ روينيو ۽ واپار نون حڪمرانن جو بنيادي مسئلو هو ان ڪري، هو فطري طور فوراً واپاري طبقي سان لهہ وچڙ ۾ آيا، جيڪي ناگري خط استعمال ڪندا هئا، جيئن اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. انهن انگريز حڪمرانن مان ڪيترن کي ديوناگريءَ سان واهپو رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ اهو خط هندستان جي ٻين ڪيترن ئي صوبن ۾ رائج هو اوائلي انگريز عملدارن ۾ ڪيپٽن اسٽئڪ کي انهيءَ خط تي چڱي دسترس حاصل هئي،

سو هن (انگريز عملدارن جي آسانيءَ خاطر) چڱي جاکوڙ کان پوءِ 'انگريزي-سنڌي' ڊڪشنري تيار ڪئي، جنهن ۾ هن ديوناگري خط استعمال ڪيو. جنوري 1849ع ۾ اسٽئڪ ڪمشنر کي لکيو تہ "ان ڊڪشنريءَ جي قيمت مقرر ڪري ۽ ان ڊڪشنريءَ واسطي هن جيڪو هڪ پنڊت رکيو هو ان تي آيل خرچ ڀري ڏئي." بمبئي حڪومت ان ڊڪشنريءَ جي ٻہ رپيا اٺ آنا قيمت مقرر ڪئي ۽ ڪيس اختيار ڏنو تہ ڪيل خرچ سرڪاري خزاني مان ڪڍائي.

حڪومت ان ڊڪشنريءَ جون 250 ڪاپيون ٻہ خريد ڪيون، جيڪي پوءِ سرڪاري ادارن کي وڪيون ويون.

ان کان اڳ بمبئي حڪومت، سنجيدگيءَ سان ويچار ڪري رهي هئي تہ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سِول توڙي ملٽري آفيسرن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ تمام ضروري آهي، تہ جيئن هو عام ماڻهن سان چڱي طرح لهہ وچڙ ۾ اچي سگهن. ان ڪري ان سلسلي ۾ حڪومت، سنڌ جي ڪمشنر کي جون 1848ع ۾ هدايت ڪئي تہ هُو ٽن ميمبرن تي مشتمل هڪ امتحاني ڪاميٽي مقرر ڪري، جيڪا سنڌي ٻوليءَ بابت امتحان ۾ ويهندڙ آفيسرن جو امتحان وٺي.

ان کان پوءِ اپريل 1849ع ۾، سنڌ جي ڪمشنر، بمبئيءَ جي گورنر کي هڪ ليٽر لکي زور ڀريو تہ صوبي ۾، سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي اختيار ڪيو وڃي. جيستائين قدر لپيءَ جو سوال هو تہ ان لاءِ 'خداوادي خط' لاءِ سفارش ڪئي وئي ۽ اهو ٻہ ڄاڻايو ويو تہ ان ۾ ڪجهہ سُرن (Vowels) جو اضافو ڪيو وڃي. ان صورتحال ۾ ڏسڻ ۾ اهو ٿو اچي تہ تڏهوڪو ڪمشنر [ان دوران مسٽر پرنگل سنڌ جو ڪمشنر هو جنهن 1850ع ۾ استعفيٰ ڏني هئي.] مسٽر اسٽئڪ کان مختلف راءِ جو نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪيپٽن اسٽئڪ ان موضوع تي آگسٽ 1848ع ۾ هڪ تفصيلي رپورٽ پيش ڪري چُڪو هو. بهرحال بمبئيءَ جو گورنر، ڪمشنر جي راءِ سان سهمت ٿيو ۽ جولاءِ 1849ع ۾ ڪيس لکي موڪليائين تہ 'خداوادي خط' اختيار ڪيو وڃي.

بمبئي سرڪار ٻن سالن کان پوءِ هڪ وڏيڪ حڪم نامو موڪليو ته سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ هر سرڪاري وهنوار لاءِ اختيار ڪيو وڃي. اهڙو ليٽر بمبئي سرڪار سنڌ جي ڪمشنر کي 30 مئي 1851ع تي موڪليو. جڏهن ته بمبئي سرڪار ان وقت اهو ٿي چاتو ته سنڌي ٻوليءَ جو خط صرف ديوناگري آهي، چاڪاڻ ته ان عرصي ۾ سرڪار ڪيپٽن اسٽئڪ جي ڊڪشنري خريد ڪري چُڪي هئي. ان ڪري هڪ ڀيرو وري 8 ڊسمبر 1851ع تي ڪمشنر کي خط لکيو ويو ۽ کيس صلاح ڏني وئي ته اسٽئڪ جو تجويز ڪيل خط ديوناگري، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اختيار ڪيو وڃي، پر خيال پرست فريئر کي انهيءَ منجهائيندڙ مسئلي بابت پنهنجا الڳ ويچار هئا.*
هي صاحب نه صرف گورنر سان هم خيال نه ٿيو پر 6 سيپٽمبر 1851ع تي بمبئي حڪومت کي هڪ خط لکيائين، جنهن ۾ سنڌيءَ لاءِ 'عربي خط' اختيار ڪرڻ جي ڀرپور وڪالت ڪيائين.

بمبئي سرڪار سندس دليلن کي مڃيو ۽ عربي خط اختيار ڪرڻ جو مشورو ڏنو. ان کان پوءِ ڪمشنر سيني ڪليڪٽرن، پوليس جي ڪيپٽنس ۽ صوبي ۾ ڪم ڪندڙ ٻين عملدارن کي، ان نئين فيصلي بابت آگاهه ڪيو. هاڻي بارٽل فريئر جي سرپرستيءَ ۾ سنڌي ٻولي صوبي ۾ سرڪاري زبان طور رائج ٿي ته عربي خط اختيار ڪرڻ جو فيصلو به ٿيو. پر مسئلو اڃا ختم نه ٿيو بلڪ نئين سر شروع ٿيو. چاڪاڻ ته اسٽئڪ آسانيءَ سان پنهنجي موقف تان هٽڻ وارو نه هو. ان کان پوءِ نتيجو اهو نڪتو ته انگريز عملدارن ۾ لپيءَ جي مسئلي تي هڪ مزيدار بحث ڇڙي پيو. ان اعليٰ معيار واري بحث ۾ هڪ طرف ڪيپٽن اسٽئڪ هو ته ٻئي طرف برٽن

* [مسٽر پرنگل کان پوءِ فريئر کي سنڌ جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. تڏهن سندس عمر فقط 35 سال هئي. ڪائونسل سندس تقرريءَ تي اعتراض ڪيو هو پر گورنر لارڊ فاڪلينڊ کي سندس صلاحيتن تي پورو ڀروسو هو. ڪائونسل جو خيال هو ته سنڌ ۾ ڪو تجربيڪار عملدار رکيو وڃي، جيڪو سنڌ جي منفرد مزاج رکندڙ ماڻهن سان منهن ڏئي سگهي.] (سنڌيڪار)

۽ ٽرمپ هئا. جڏهن تہ فريئر ۽ ايلس پڻ ان کان مزو ڏسي رهيا هئا.

برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌوماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" جيڪو 1851ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ ۾ ان اختلاف جي پسمنظر تي تفصيلي روشني وڌي آهي. اهو پسمنظر سندس 'يادداشت نامي' (Memorandum) تي انحصار رکي ٿو جيڪو هن تيار ڪري ڪمشنر کي 2 مئي 1848ع تي پيش ڪيو هو. هرهڪ خط جي خوبيءَ تي لکڻ کان پوءِ برٽن عربيءَ جي نسخ خط جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. سندس خيال مطابق اهو خط حالتن جي گهرج مطابق هو ۽ پڻ ان خط جي ذاتي خوبيءَ کي مجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ الجيريا کان گنگانديءَ ۽ بخارا کان سيلون تائين استعمال ان جو مثال آهي. صدين کان اهو واهپي ۾ رهيو آهي ۽ ڪيترين ئي ٻولين لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو آهي. اهو معمولي واڌاري ۽ سڌاري سان ايشيا جو بهترين خط ٿي سگهي ٿو. اهو ممڪن نہ آهي تہ ڪو جديد رومن طرز جا اکر انهيءَ جي جاءِ پُري سگهندا ۽ نہ ئي اهي اکر تمدن جي ترقيءَ سان پٽتي پوندا. [ص: 145]

ٽرمپ، برٽن جو اهو يادداشت نامو 28 آگسٽ 1848ع تي حاصل ڪيو هو ۽ برٽن جي دليلن کان قائل ٿيو. اهوئي سبب آهي جو ٻئي سنڌيءَ لاءِ عربي خط جا حامي رهيا.*

برٽن سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ صرف عربي، خط تي اڪتفا نہ ڪئي، پر هن خط نستعليق ۽ شڪستہ تي خط نسخ کي ترجيح ڏيڻ لاءِ زور پريو. ان کان

* [ٽرمپ سنڌيءَ لاءِ عربي خط جو تہ قائل هو پر ان لاءِ هن اجا بہ وڌيڪ سڌارن تي زور ڏيڻ ٿي چاهيو پر جيئن تہ ابتدا ۾ مسئلو اهو هو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري خط اختيار ڪجي يا عربي سو ٽرمپ بہ برٽن جو ان معاملي تي حامي ٿيو. ٽرمپ ليپيءَ ۾ مناسب سڌارن لاءِ جيڪي رايا رکندو هو، اُهي هن پنهنجي ڪتاب "سنڌيءَ ٻوليءَ جو گرامر" ۾ ڏنا آهن ۽ عملي طور پنهنجي ترتيب ڏنل 'شاهہ جي رسالي' ۾ ان طرز جو خط اختيار ڪيو آهي، جيڪو رسالو هن پنهنجي اباڻي شهر ليپزگ (جرمني) مان 1866ع ۾ ڇپايو هو.] (سنڌيڪار)

بہ وڌيڪ هن سنڌيءَ لاءِ هڪ مخصوص صورتخطي تيار ڪئي ۽ پنهنجي اندازسان ٺيڪا ڏنا.* هن، ڪجهہ سنڌي ڪتابن جي فهرست بہ تيار ڪري ورتي، جيڪي عربي خط ۾ لکيل هئا. اجا اهو بحث هلي رهيو هو تہ مسٽر ايلس، جيڪو اسسٽنٽ ڪمشنر [حيدرآباد] هو ۽ پڻ تعليم کاتي جو انچارج هو فريئر جي چوڻ تي ٻوليءَ جي ماهرن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جن جي مشوري سان سنڌي ٻوليءَ لاءِ معياري خط تيار ڪري سگهجي. ان ڪاميٽيءَ ۾ راءِ بهادر جڳناٿ، خانبهادر مرزا صادق علي بيگ، ديوان پريداس، آنند رام چنداڻي، ديوان اڏارام ميرچنداڻي، ديوان ننديرام، ميان محمد علي، قاضي غلام علي، ميان غلام حسين ٺٽوي♥.

ڪاميٽيءَ مسئلن جو جائزو ورتو ۽ ڪن انتها پسند تجويزن تي پڻ غور ڪيو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ هڪڙي آواز لاءِ مختلف اکرن کي ختم ڪيو وڃي. جيئن ا، ع، ء، ت، ط، س، ص، ث، ض، ذ، ز وغيره. بدقسمتيءَ سان

* [برٽن جي انهيءَ حرڪت سان اسان کي اختلاف آهن ۽ سنڌي الف- ب بابت منهنجي مضمونن جو مرڪزي نقطو بہ اهو آهي، تہ برٽن جي تخريبي ذهن، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي راهن کي ٻنبو ڏئي ڇڏيو. ان حرڪت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي برٽن جي زندگي ۽ سياءِ بابت پڙهڻو ۽ پرکڻو پوندو. ان سان گڏ، ان ڏهن ٻارهن سالن جي حالتن جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪرڻو پوندو. [برٽن جي زندگيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏسو: سنڌيڪا بليٽن شمارو 2- ڊسمبر، جنوري 92]

♥ [سڀ کان پهريائين تہ جيئن مظهر يوسف صاحب ٻڌايو آهي ۽ اسان جي ادبي تاريخن جي ليکڪن بہ لکيو آهي تہ "ٻوليءَ جي ماهرن جي ڪاميٽي"، سو بلڪل غلط آهي. انهن مان ڪوبہ ٻوليءَ جو ماهر نہ هو. ڪي چڱا ليکڪ هئا، تہ ڪي وري تعليم جا ڄاڻو. انهن کي 'Linguist' يا ماهر لسان سڏڻ مناسب نہ ٿيندو. اسان ان موضوع تي ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ منهنجا ڪجهہ مضمون هلال پاڪستان ۾ اچي چُڪا آهن، جن مان ڪن ۾ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي تعليمي ڄاڻ، علمي ڪارنامن ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتن جو تفصيل ڏنل آهي. منهنجي تحقيق موجب جنهن مفهوم ۾ سمجهيو ٿو وڃي، اهڙي ڪابہ ڪاميٽي ڪانہ ٺهي هئي. ڪاميٽي ٺهڻ جو جيڪو سال ڄاڻايو ويو آهي، ان ۾ بہ خود اختلاف آهي. ٻيو تہ ان عرصي ۾ مرزا صادق علي بيگ جي عمر ڪل اٺ نوَ سال هئي، ديوان ننديرام بہ سورنهن سالن جو الهڙ جوان هو تہ اهي ٻار ۽ نوجوان ڪهڙي صلاح ڏئي سگهيا هوندا. بهرحال تفصيل ڪنهن ٻئي مضمون ۾ ڏينداسين.] (سنڌيڪار)

جهڙيءَ ريت ان دؤر ۾ انهن هم آواز حرفن تي غور ڪيو ويو هو اهو بحث اڄ به سنڌيءَ توڙي اردوءَ ۾ هلي رهيو آهي ته انهن حرفن کي ڪيئن گهٽائجي. آخر ۾ ڪمشنر يورپي ماهرن: گولڊ سمٿ، ٽرمپ، اسٽئڪ، برٽن ۽ ايلس سان مشوري ڪرڻ کان پوءِ هڪ صورتخطي ترتيب ڏني، جنهن ۾ 23 حرف عربيءَ جا، فارسيءَ جا ڪجهه حرف ۽ 20 نوان حرف ڪنيا ويا، جيڪي مخصوص سنڌي آوازن جي نمائندگي ڪري ٿي سگهيا.*

اٽڪن جي لکڻ مطابق ڪاميٽيءَ کي ڪلڪتي جي فورٽ وليم ڪاليج جي تجربي کان به آگاهه ڪيو ويو هو جتي اردو لاءِ هڪجهڙي لپي تيار ڪئي وئي هئي ۽ ان ۾ ڪيئي ڪتاب ڇپايا ويا هئا.*

ساڳئي وقت فريئر اهو به فيصلو ڪيو ته سرڪاري ملازمن لاءِ ضروري آهي ته هو تقرريءَ کان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ لياقت/ اهليت جو

* [اسان جي مطالعي مطابق ڪمشنر صاحب انهن يورپي عالمن سان ڪو مشورو ڪونه ڪيو هو البت انهن عالمن، پنهنجي مختلف لکڻين ذريعي سنڌي الف- ب بابت ويچار ظاهر ڪيا هئا، جن ۾ ڪافي اختلاف شامل هئا. ان کان علاوه موجوده صورتخطيءَ ۾ عربيءَ جا 28 حرف ڪنيل هئا. محمد صديق ميمڻ پنهنجي ادبي تاريخ ۾ لکي ٿو ته همزه "ء" ۽ لا (لام ڪئينچيءَ) کي جدا حرف نٿو ڳڻيو وڃي، ڇاڪاڻ ته "ء" هڪڙي صورت آهي الف جي، ۽ لا ملاوت آهي ل+ الف جي (ص: 21) يعني ته ان دؤر ۾ "ء" ۽ "لا" کي الڳ صوتيو (Phoneme) تصور ڪيو ويندو هو. ميمڻ صاحب جو خيال آهي ته "ء" ننڍو سُر (Short vowel) آهي.

اسان جي خيال مطابق عربيءَ جا جيڪي حرف ڪنيا ويا آهن، انهن مان گهڻن حرفن جا آواز سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ ۾ ئي شامل هئا، ان ڪري سنڌي آوازن جو دائرو محض 20 ٺاهين نه سمجهڻ گهرجي. 'اڳارو' جيڪو عربن کان به اڳ سنڌي 'واڻ' هو ان ۾ 'الف، ء' موجود آهن، جيڪي عربيءَ ۾ به موجود آهن، هتي ويچار طلب نُڪتو هي آهي ته سنڌي وارن (ڏيتهن) جا نالا اڏ عربي ته اڏ سنڌي چو آهن؟ يا ته مڪمل سنڌي هجن يا وري عربي، يا وري جڏهن اسان چوندا آهيون ته 'سنڌي تاريخ' ڪهڙي آهي، ته اتي سنڌي لفظ تاريخ جي ڪنهن اوڻهي دؤر ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. اسان جي معلومات مطابق عربن کان اڳ سنڌ ملڪ ۾ باقاعده پنهنجو ڪئلينڊر رائج هو.]

* [فورٽ وليم ڪاليج ۾ جيڪا اردوءَ لاءِ لپي تيار ڪئي وئي هئي، ان ۾ ڙ= ڙ ٽ= ٽ، ڊ= ڈ لکيا ويا هئا، ان لپي مان صحيح استفادو ٽرمپ صاحب ڪيو جو هن به شاه جي رسالي ۾ اهڙي صورتخطي استعمال ڪئي آهي.]

سرٽيفڪيٽ تعليم کاتي کان حاصل ڪن. هيٺين درجن جي ملازمن لاءِ اهو طئي ڪيو ويو تہ هو جيستائين سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس نہ ڪن، تيستائين سندن نوڪري جو عرصو (مشروط) عارضي ليکيو ويندو. واضح رهي تہ سر جارج ڪلرڪ بمبئي جي گورنر کي اپريل 1848ع ۾ هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو هو تہ "اسان کي ملڪ جي ٻولي (سنڌي) سرڪاري زبان طور رائج ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ مون کي ڪونہ ٿو سُجهي تہ اسان جا روينيو ۽ عدالتي عملدار ڪهڙي ريت ڌاري زبان فارسي يا انگريزيءَ ۾ مؤثر نموني ڪم هلائي سگهندا. ان ڪري 18 مهينن جو مدو سِوِل عملدارن کي ڏنو ويو تہ جيئن هو سنڌي ٻوليءَ بابت امتحان جي تياري ڪري سگهن. ان دوران اسٽئڪ، جنهن اڳ 'انگريزي- سنڌي ڊڪشنري' تيار ڪئي هئي، پنهنجي ٻي 'سنڌي- انگريزي' ڊڪشنريءَ جي تياريءَ ۾ لڳي ويو. ان ڊڪشنري لاءِ بہ هن زور پريو تہ ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ڪئي وڃي. اسٽئڪ 1853ع ۾ وفات ڪئي ۽ اها ڊڪشنري 1855ع ۾ شايع ٿي. ان ڊڪشنريءَ تي ڪل 2496-14 روپيا خرچ آيو ۽ ڪل 500 ڪاپيون شايع ٿيون ۽ ان جي قيمت في ڪاپي 8-5 رپيا مقرر ڪئي وئي.*

اسٽئڪ اڃا بہ زور ڏيندو رهيو تہ سنڌيءَ لاءِ ديوناگري خط اختيار ڪيو وڃي، پر هاڻي ڪافي دير ٿي چُڪي هئي، نئين عربي- سنڌي خط ۾

* [ان ڊڪشنريءَ جو مهاڳ ايلس لکيو آهي، جيڪو تعليمي سرگرمين لاءِ ذميوار هو. هو ڄاڻائي ٿو تہ "اسٽئڪ ان ڊڪشنريءَ لاءِ انتهائي جاکوڙ ڪئي، وڻن ٻوٽن جا نالا ۽ گاهن پنن جو ذڪر ججهو ڪيو اٿائين، جنهن جي خبر يورپي عالمن کي ڪانہ هئي... انهيءَ جاکوڙ کيس جهوري وڌو ۽ اڃا ان ڊڪشنريءَ جا کيس 9 حرف پورا ڪرڻا هئا، جو وفات ڪري ويو. سندس هدايتن پٽاندڙ اُن ڊڪشنريءَ کي ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ڪيو وڃي ٿو"... اسان ان ڊڪشنريءَ جي اهميت ۽ افاديت جي ڪري، سنڌالاجيءَ وارن کي تجويز ڏني هئي تہ سنڌي- انگريزي ڊڪشنرين جي کوٽ آهي، ان ڪري انهيءَ کي موجوده صورتخطي ۾ شايع ڪيو وڃي، پر سنڌالاجيءَ وارا انتظامي/ مالي مجبوريءَ سبب لاچار ٿي ويٺا.]

ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چُڪا هئا.

آخر ڪمشنر بارٽل فريئر 25 مارچ 1857ع تي پرڳڻي جي سيني ڪليڪٽرن ڏانهن هدايتون جاري ڪيون تہ روينيو سان گڏ عدالتن لاءِ سنڌي ٻولي اختيار ڪئي وڃي.

[ماهوار پيغام, ڪراچي, 1992ع]

ڊاڪٽر هدايت پريم

# سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جو اثر

سنڌ کي انگريزن سن 1843ع ۾ برطانوي راڄ ۾ شامل ڪيو. سنڌ ۾ انگريز حاڪمن ۽ سنڌي محڪومن جو نئون ناتو جڙيو. سنڌ جي رهواسين جو انگريزن جي ٻولي انگريزيءَ سان واسطو پيو. انگريز حڪمرانن ساري هندستان جي ٻولين واري پاليسي سنڌ ۾ به نافذ ڪئي. يعني ته مقامي ٻولين (ورناڪيولر لئنگويجز) کي هٿي ڏيڻ ۽ آفيسرن کي مقامي ٻولي سکڻ ۽ امتحان پاس ڪرڻ جا احڪامات جاري ڪيا. سنڌي ٻوليءَ جي آئيوڻا ناهڻ ۾ ڏهاڪو سال لڳا. 1853ع ۾ سنڌيءَ لاءِ عربي_ فارسي رسم الخط واري 52 حرفن تي مشتمل الف بي رائج ڪئي، جا اڄ تائين اسين ڪم آڻي رهيا آهيون.

برطانوي دؤر حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو انگريزي ٻوليءَ سان گهرو ناتو قائم ٿيو. سنڌي ماڻهو انگريزي سکيا. انگريزيءَ ۾ لکڻ پڙهڻ ۾ قابليت حاصل ڪيائون. انگريزي عملدارن سنڌي سکي، سنڌ جي ماڻهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا. ڏک سور معلوم ڪندا هئا. سرڪاري محڪمن ۾ سنڌي ٻولي استعمال ٿيندي هئي. روينيو جو رڪارڊ سنڌيءَ ۾ رکيو ويو. قانون جي محڪمي ۾ ڪارروائي سنڌيءَ ۾ هلندي هئي. قانون جا ڪتاب انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ ڇپايا ويندا هئا.

سنڌي ۽ انگريزي ٻوليءَ جي ميلاپ سببان سنڌي ٻوليءَ تي گهرا اثر مرتب ٿيا. ٻولين جي اهڙي ميلاپ مان سڀ کان گهڻو اثر لفظي ذخيري تي پوندو آهي. سنڌيءَ ۾ به انگريزيءَ جا هزارين لفظ بطور دخيل لفظن (Loan Words) جي داخل ٿيا. انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ دخيل لفظن جي اچڻ جا به خاص سبب آهن:

1. ضرورت پٽاندر
2. پسنديءَ پٽاندر

سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ضرورت تحت سنڌيءَ ۾ اهڙن هم معنيٰ لفظن جي ناپيد هجڻ سبب انگريزيءَ مان اهڙا لفظ اڌارا ورتا ويا. پسند/ اختيار سان ورتل لفظ پنهنجي اظهار ۾ وسعت ڏيڻ ۽ معنوي نڪتهءِ نگاه کي مختلف انداز سان بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا. (1)

انگريزي دخيل لفظ سنڌيءَ ۾ اهڙيءَ طرح سمائجي ويا، جو انهن لفظن سان سنڌي گرامر جا قاعدا قانون لاڳو ڪري مڪمل سنڌي لفظ ۽ ترڪيبون ٺاهيون ويون. جهڙوڪ:

**فعل ٺاهڻ:**

فلم + آئڻ= فلمائڻ

**ٻٽا فعل ٺاهڻ:**

پاس + ڪرڻ= پاس ڪرڻ

فيل + ڪرڻ= فيل ڪرڻ

پاس + ٿيڻ= پاس ٿيڻ

فيل + ٿيڻ= فيل ٿيڻ

**حرف اضافت:** /ي/ پڇاڙي لڳائڻ سان سنڌيءَ ۾ اضافت ڏيکاري ويندي آهي. مثلاً سرڪار+ اي = سرڪاري. اهڙيءَ طرح انگريزي لفظن سان سنڌي گرامر جو اصول/ اي/ پڇاڙي ملائي لفظ ٺاهيا ويا:

اسڪول + اي= اسڪولي

ڪاليج + اي= ڪاليجي

فلم + اي= فلمي.

**واحد- جمع جا اصول:** انگريزي لفظن سان به واحد- جمع جو قاعدو سنڌي گرامر موجب لاڳو ڪيو ويو:

| جمع | واحد |
|---|---|
| ماستر | ماستر |
| ماسترياڻيون | ماسترياڻي |
| ڊاڪٽر | ڊاڪٽر |
| ڊاڪٽرياڻيون | ڊاڪٽرياڻي |

اثر پذير ٻولي جڏهن اثرانداز ٻوليءَ جا لفظ پنهنجي اندر جذب ڪندي آهي، تڏهن انهن کي پنهنجي سنا ۽ سرشتي موجب تبديل ڪندي آهي. (2) سنڌي ٻوليءَ انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ هوبهو اختيار ڪيا، پر ڪيترن لفظن ۾ آوازي تبديليون ڪيون، مثال طور:

| سنڌي | انگريزي |
|---|---|
| استان | اسٽينڊ |
| ٽيشڻ | اسٽيشن |
| بلف يا ٻلب | بلب |
| اسپتال | هاسپيٽل |
| رٻڙ | ربر |
| ڏاڪدر | ڊاڪٽر |

انگريزي لفظ جن جي آخر ۾ ٻه ويڃن گڏ اچن ٿا تن جي وچ ۾ ۽ آخر ۾ سر ملائي سنڌي لفظ ٺاهيا ويا، جهڙوڪ:

| سنڌي | انگريزي |
|---|---|
| باڪُسُ | باڪس |
| گرلِسِ | گرلس |
| فلپِسِ | فلپس |
| ڪورَٽِ | ڪورٽ |
| پيپلُسُ | پيپلس |

جيئن ته عام طور سنڌي اسم جي آخر ۾ ڪونه ڪو "سر" هوندو

آهي، تنهنڪري انگريزي دخيل ساڪن لفظ جنهن جي آخر ۾ وينجن هوندو آهي، ان ۾ ٻـ ڪو چوٿو سر ملائي سنڌي لفظ ٺاهيو ويندو آهي. مثلن:

| انگريزي | سنڌي |
|---|---|
| ڪوٽ | ڪوٽُ |
| ڪارڊ | ڪارڊُ |
| بوڪ | بوڪُ |
| فلم | فلمَ يا فلم |
| ڪريم | ڪريِم |

اهڙيءَ طرح انگريزيءَ جي هڪ پدي لفظ کي تبديل ڪري ٻـ پدو لفظ ٺاهيو ويو. پدن جي اها جوڙجڪ سنڌي صوتياتي اصول موجب آهي. (3)

1947ع کان بعد، انگريزن جي هتان روانگيءَ کان پوءِ ٻـ سنڌيءَ جو انگريزي ٻوليءَ سان ناتو جاري رهيو. گذريل پنجاهـ سالن دوران انگريزي پنهنجن سمورن جلون سميت موجود رهي آهي. اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽين ۽ آفيسن ۾ دفتري ڪاروباري ۽ تعليمي ٻوليءَ طور انگريزي ٻوليءَ جو عمل دخل ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. انگريزي ٻوليءَ جا اثر سنڌ جي عام شهري زندگيءَ تي تمام گهرا ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ تي قدري ٿوري انداز ۾ مرتب ٿي رهيا آهن. مغرب جي ثقافتي غلبي جي نتيجي ۾ هتان جو شهري انگريزي لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو ۽ انگريزيءَ جا اڪيچار لفظ پنهنجي عام سنڌي گفتگوءَ ۾ ٺنبي ڳالهائڻ لڳو آهي. انگريزيءَ جا اهڙا لفظ جن جا متبادل سنڌيءَ ۾ مشڪل ملن، تن کي قبول ڪرڻ ۾ ڪوبـ هرج ڪونهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ باعث ڪيترائي سائنسي لفظ ۽ اصطلاح نـ صرف سنڌي ٻوليءَ پر دنيا جي اڪثر ٻولين قبول ڪيا آهن ۽ عام جام ڳالهايا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح مختلف ٻولين جا لفظ ٻين ٻولين ۾ جذب ٿي وڃن ٿا. خود انگريزي ٻوليءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ ٻين ٻولين جهڙوڪ: فرينچ، اطالوي ۽ جرمن جا لفظ موجود آهن. البرٽ باغ

هسٽري آف انگلش لئنگويج ۾ لکي ٿو:

The English vocabulary, at this time shows words adopted from more than fifty languages, most important of which were Latin, Greek, French, Italian and Spanish. (4)

تنهنڪري ضرورت مطابق انگريزي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جا سائنسي لفظ، يا ڪي اهڙا لفظ جن جا هم معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ ناپيد هجن، تن جو سنڌيءَ ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو پر جيئن ته سنڌيءَ ۾ پنهنجا سولا، سلوڻا ۽ سهڻا لفظ هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ موجود آهن ۽ سنڌي ٻولي هڪ ڪشادي ٻولي آهي، جنهن جو دامن ڪنهن طرح به تنگ ڪونهي، ان ۾ انگريزيءَ جي اوپرن ۽ اڻ سهائيندڙ لفظن جي ٽنب ڪرڻ ڪنهن طرح به مناسب ڪونهي. اهڙي اڻ سهائيندڙ رويي سبب عام ماڻهوءَ جي ذهن ۾ يقينن اهڙا سوال ڪر کڻي ايرندا ته ڇا سنڌي ٻولي ايتري ڪنل ۽ اڻ پوري آهي جو انگريزيءَ جو سهارو ورتو پيو وڃي؟ان ڏس ۾ احتياط جي ضرورت آهي ۽ اهڙي ڪنهن به قسم جي الزام کان بچڻ تمام ضروري آهي. سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جا اثرات نه صرف ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڏٺا ويا آهن، پر ادبي ٻوليءَ ۾ پڻ نمايان نظر اچن ٿا. هت هڪ ناول "خواب خوشبو چوڪري" کي ماڊل طور پيش ڪري اهڙن اثرن جو مختصر مطالعو هيٺ ڏجي ٿو:

"خواب خوشبو چوڪري" ناول مئي 1996ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيو آهي. هن ناول جي ليکڪا، محترمه ماهتاب محبوب صاحبه آهي. ماهتاب صاحبه سنڌي ادب جي هڪ نهايت معزز ۽ معتبر شخصيت آهي. هن جون تحريرون تحسين جي نگاهه سان ڏٺيون وڃن ٿيون. هن سندس ناول ۾ ڪم آيل انگريزي دخيل لفظن جي لساني اعتبار کان ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي. انگريزي لفظن جي استعمال جي مختلف لاڙن ۽ رجحانن جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي، جنهن مان ڪنهن

طرح بہ محترمہ ماهتاب صاحبہ جي قابليت، عزت ۽ احترام تي ڪوبہ حرف آڻڻ مقصود نہ آهي.

"خواب خوشبو ڇوڪري" ناول ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو صفحو هوندو جنهن ۾ انگريزيءَ جو ڪونہ ڪو لفظ موجود نہ هجي. هيٺ اهي سمورا انگريزيءَ جا لفظ لکجن ٿا، جيڪي هن ناول ۾ استعمال ڪيا ويا آهن. سمورن لفظن جي ذخيري کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين حصي ۾ اهي لفظ لکيا ويا آهن، جيڪي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا هجڻ سبب سنڌيءَ ۾ انهن جا نعم البدل ناپيد آهن. ٻئي حصي ۾ اهڙا لفظ ڏنا ويا آهن، جن جا متبادل ۽ هم معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ موجود آهن:

**حصو پهريون:**

فون، رسيور، ڪريڊل، رٽائر، ٽيليفون، سگريٽون، چيسٽر، اسڪول، نائيٽ گائون، ايپرن، رٽائرمينٽ، فليٽ، برش، مئٽرڪ پاس، ايم اي، پي ايچ. ڊي، فائل، ٽيپ رڪارڊر، رڪارڊ، پالش، راڪ ميوزڪ، ڊيڪ، ڪيسٽ، هيئرپن، ڪار هارن، ڪارپورچ، ميڊيڪل، هاسٽل، ڪورم، فرج، بل، گئس، ايئرڪنڊيشن، ايئرڪنڊيشنر، لائيٽون، فريزر، ڊائل، فري اسٽائل، ڊيوٽي، ڊرل مشين، آمليٽ، ٽوسٽر، سلائيڊ پينشن، ڊاڪٽر، ڊرافٽ، فرينچ آمليٽ، فارمي بيدا، اسپيشل، ايف اي، آئسڪريم، موٽر، چيونگ گم، سالينسر، فلائينگ ڪس، سگار، بم، مسز سوٽ پتلون، ڪنڊوم، انجنيئري، پائيپ يونيورسٽي، گيراج، مڪينيڪل انجنيئر، جگ، گلاس، وڊيو ڪيمرا، فرنيچر، سائنس، ڊيزل ڪن، ڪالر، ورڪشاپ، پارٽي، بنگلو ٽيڪسي، وي سي آر، پالش، سپرمارڪيٽ، ٽرئفڪ، ٽرئفڪ سنگل، بريڪ، اسٽيرنگ، ڏڪا اسٽارٽ، سينڊوچ، سينڊل، فون نمبر، وڊيو ڪيسٽ، اپارٽمينٽ، روبوٽ، روالورڪس، جوائن، چاڪليٽ، فڪسڊ ڊپازٽ، انٽرڪام، فوٽوالبمس، باڪس، ماڊل بسڪٽ، فيشن شو فوڪس، ماڊلس، چاڪليٽ ملڪ، فلمون، فون سرپرائيزر، ريڊيو فون سروس، پاسپورٽ، ٽڪيٽ،

اسپتال، پي اي ڊائري، آٽوگراف، شارٽ، ڪيڪ، پيزا، ڪوپ، رن آپريشن، برگر، ڪورٽ شو بيوٽي پارلر، سي ايس ايس آفيسر، ڪميشن، ايف 16، ڪسٽم نيڪ ٽاءِ، نيو ليبر پارٽي، ڊيش بورڊ، ٽشو بينڊ، ڪواٽر ڪرنل، ڪانفرنس، ايڪس ري، مينگوشيڪ، ڊي هائيڊريشن، پلگ، رپيٽر، اسٽاف، بي بي سي.

**حصو پهريون:**

لائونج، رسيو ڪيپ، ارجنٽ، آرڊر ڊراءِ ڪلين، شارٽ ڪٽ، گرل، لائين، ڊسڪنيڪٽ، ڪوايجوڪيشن، وئڪيشن، پينٽنگ، هسٽريائي، ليڪچر، چڪن سوپ، ٽريننگ سينٽر، اسٽيج، موٽر ٽريننگ، ڪورٽ، پارٽ ٽائيم، مئگزينون، پراپرٽي ٽيڪس، اسٽيئس، اسٽارٽ، سيڪنڊ هينڊ، انرجي، ٽيومر، نيل فائلر، ميوزڪ، ٽارچر، سيل، وال ڪلاڪ، ڊوربيل، گيٽ، لان، ٿينڪ يو موڊ، ڊائننگ ٽيبل، چارم، وين، ٽيبل، ٽوٽ پڪ، واش بيسن، فروٽ، هوم ورڪ، ايمرجنسي، ميٽر ريڊنگ، مٽيريل، ڊائمنڊ، ڊپريشن، فلرٽيشن، اسڪولي گيٽ، بلٽ، ميسيج، هيپنو ٽائزڊ، ڪچن، ڊرائنگ روم، ڊسٽبن، فراءِ پين، هيڊ ڪوڪ، بلڊ پريشر، فڪس، نوٽيس، پليٽون، ڪانشس، ٽيليفون ڪالز ٽائيليٽ، ٽائمنگس، چينج، فون ڊيڊ، اسڪرو ڊرائيور ٽيليفون سيٽ، فيڪس، سسٽم منٽ، لوڪل، ڪال، بيڪ گرائونڊ، ڊپريسڊ، هانٽ، ليمپ، پيڊ، مس، ڊائلاگ، ونڊر فل آئيڊيا، پرفيوم، لو ليٽر، مسٽ، ان ڊيسينٽ، امپريشن، شيونگ لوشن، ڊريسنگ ٽيبل، پوسٽ، واچ، ٽائيم ڪچن، ايڊريس، سويٽ، ڊائون ٽائون، پرزم گلاس، مائڪرو ڊسٽرب، فرنٽ، پرس، لاڪ، نائيٽ ڊريس، ٽيوشن، ڪنگ سائيز ٽينشن، ريل، نوٽ ڪيو واشنگ مشين، بئگ، ٽئگ، ڊسڪس، پليز گئلري، بور، فريش، هولڊر هيروئن، اسٽول، اسڪوٽر سٽنگ، فليور فيڊيڊ جينز جيڪٽ، ڪولڊ ڊرنڪ، جنرل اسٽور، روڊ، اوڪي ماءِ لو سي يو بائيڪ، ڪيس روٽين لائيف، لوفر، ايش ٽري، فرينڊ، بيڊ روم، ڪارڊليس فون، گولڊن

چانس، ٽنٽيڊ گلاسز شاپنگ، ٽيپ، ريڊيو آف ڪرڻ، سچوئيشن، ڪرائيم رپورٽنگ ڊيٽ، ڊبل بيڊ، ڊسڪشن، انوسپيئنٽلي فلرٽيشن، فرين نمبر، پليز بي بي، اٽينڊ، لنڪ، فارملٽي، موڊ آف، بيوٽيشن، برائيڊل ميڪ اپ، فائنل ٽچز شيڊيڊ، وينٽي باڪس، سيٽ ڪرڻ، ڪنٽرول، سٽ، ڪريڊٽ، ڪرنٽ، ڪار اسٽارٽ، ڪلوز اپ، فيملي، ڪريسپانڊنٽ، رپورٽنگ، سيڪنڊ فلور، فارن شوپيسز اليڪٽرانڪ، وٽي، سي ٽرو نائٽي، هينگر، پروپوزل سنيڪ، فيڊ، ابارشن، ليڊي ڊاڪٽر، صوفو پيلوس، ميچوئر، رف ٽف، پريڪٽيڪل، سلم، سمارٽ، آئل بوٽ پوزيشن، آڪورڊ، ٽپ ٽاپ، بوائي فرينڊ، ميگنيفائين گلاس، لينس، الرٽ، سوشل، پوني، ماڊل، ڪپل، ڊنر رولس، پلڪنگ، ڊريس، جويلري، سليڪشن بيوٽي، ڪامپيشن، ايڪسڪيوز ڪنزرويٽو ايڪٽوپرسنلٽي، ايڪٽونيس، فري، لفٽ، سوشل ورڪر، وارڊ روب، لسٽ، ارينج ڪئرليس ڊاٽنگ، انچ ٽيپ، ينگ، فريش، هسبنڊ، بلڪي، باءِ دي وي، ڊفرنس، ايج، او سي، ارينج مئريج، ڊائير، مائينڊ، لو ميرج، رسڪ اسٽرينج، هاءِ هلو سپ، ايڊوانس، انجواءِ، موڊ آف، سرس پرفارم، هيلپر، سرڪل، ڪٽ، سوٽ بوٽ، براسٽيڊ چڪن پيس، گيٽ اپ، ڊائريڪٽ، ريمارڪ، ريس، اولڊ لاسٽڪ، ڪمپني، ٽاپڪ، آرڊيننس، فيشن، لونيڪ، سينٽون، باٿ سائيڊ، ايئر هوسٽس، ٻئڙ ڪرسچن، فيڊ، ميوزڪ سينٽر، ڪزن، ڪانسٽيبل، فرنٽ سيٽ، ميرڊ لائيف، ريسٽورنٽ، ڪارنر، اسٽائلش، فرام ٽاپ ٽوٽو ميچنگ، سمارنيس، برائيٽ ڪلر، نيل پاليش، سمپل، سمپل رومينٽڪ، فرسٽيشن، هينڊ بيگ، سرپرائيزنگ، گيٽ ڪيپر، بالڪوني، لائين ڪليئر، ويري گڊ، آئيڊيل فيملي، پولٽري فارم، فيس ڪرڻ، ايڊجسٽمينٽ، شيئر، پرامرن سرينڊر ايڊجسٽ، سرچ لائيٽون، رومنيٽڪ موڊ، سٽنگ روم، شوٽ ڪرڻ، ريپر، هينڊل ڪرڻ، وائيف، فون ڊسڪنيڪٽ، وي وي آءِ پي، ماسڪ، پلش، ڪوالٽي، ڊپرسڊ، ڪائونٽر، سرپرائيز سيٽل، لو ينگ مين، هلو سويٽي، گرل فرينڊ، ايڪسپريشنس،

ڪامپليمينٽ، بزنس ٽرپ، ايڪسپورٽ امپورٽ، جينٽلمينس پرامز لنچ، ايڪسڪيوز گيٽ، ڪريڊٽ، فيڪٽري، مينو ويلڪم، ايڪسپورٽرز ڊيلنگ ٽائيم، اوڪي، ڪيڪ، ڊپلوما، سيرب، ڪيڪ پيس، اِف يو ڊونٽ مائينڊ، ٻٽرنگ، ڊائلاگ بازي، ڊفرنس، آءِ ايم ساري، آئيڊيل، ٽاپڪ، اوائڊ، رليڪس، ناليج، ڪمپرومائيز ميوزيڪل لائيٽر، ڪمپني، آٽوميٽيڪلي، فريش اپ، آئوٽنگس، سافٽ ڪارنر ٽيبل، فلاسڪ، ڊريس، ڊزائننگ، ڊسپلي، ڊپلوميٽڪ انوالو فيلڊ، پروفيشنل شوز ماڊلنگ، اميج، آرڊرس بڪ ڪرڻ، ميڊم، پارٽنر، انيوئل، اٽينڊ، يونيفارم، ليڊرجيڪٽ، ريئيلي، بلش، ايش ٽري، سوئچ آف، فيلنگ، سيڪس، اسٽرانگ فيلنگس، ڊوائيڊيڊ، ڊوائيڊيڊ پرسن، اسڪرين، بليم، ليول پلاننگ، آءِ ول سيو يو، ريومرس ٽارچر، ايڪڊيمڪ رپورٽس، ٽوئر، پئڪ، مما، سوٽ ڪيس، ايئرپورٽ، لينڊ ڪرڻ، ٻئنڪ بيلنس، ڪوئيڪ رڪوري، شاڪ، ڪانٽريڪٽ، ليفٽ رائيٽ، لوڪيٽ ميٽنگ ڊپريس، اوڪي، ماءِ ڊيئر، بزي، ٻهيق ٽوئسٽ، پارڪ ٽيل، ڊراپ، فرنٽ ڊور، سو نائيس آف يو، ائز يو وش، ڪارڊ، وائليٽ، پين سر اسٽار ڪچن، بونس، فيلڊ، ليٽ، جاب، ايجوڪيشنل ڪيواليفڪيشن بوسن، ينگ، بولڊ، بيوٽيفل، ايڊورٽائيزنگ ايجنسي، ڪمرشل، رينج، لڪ، پارٽيسيپيٽ، اوپيس لينس، هولڊر، فگر، انٽروڊيوس، پريارٽي، انٽريسٽ، فيم، رڪيئسٽ، نان اسٽاپ، فائيو اسٽار هوٽيل، بوٽيڪ، آفر، ڊوز جوز ايڊس، پبلڪ، هاٽ فيورٽ ماڊل، پراڊڪٽ، ڪسٽمر، ورڪنگ ڊيز فٽ ڪرائڻ، اسٽل پوز ڊرائيونگ، ڪمپرومائيز گريٽنيس رزرو ڊو نات ڊسٽرب، اسڪينڊل، هاءِ ڪلاس سوسائٽي لنچ بريڪ، بيورو ڪريٽ، آرڪيڊ، ڊفينس، مائگريٽ، پوزيشن، باربرين، ماڊرن، فلاسافر، پارٽنرشپ، هينڊسم، بيوٽيشن، ڊسپوزيل، سٽسفيڪشن، لپ اسٽڪ، ايڪٽ، ٽرپ، ڪورس، پمپلز ٽريٽمينٽ، بلئڪ هيڊس، ٽين ايج، مساج، اينٽي ايجنگ، الٽراماڊرن، گورنمينٽ سروس، لوور، مڊل ڪلاس، اپر ڪلاس، ٽاپ موسٽ، ڪاٽن

فيڪٽري، ڪال گرلس، سپلاءِ، ڪمينٽ، پف، فري سيڪس، پروفيشن، پارٽ ٽائيم لور، ڪامپليڪيس، انٽيريئر، آءِ ڊيم ڪيئر، ايڪٽنگ، ٽينشن، آئنٽي، ڪاريڊور، پاڪيٽ، ڪاڪ ٽيل، سويٽ هارٽ، فرنشڊ، پٺگ (پٺگڙو) آئيس ڪيوب، بليو ليبل، سيڪس فري زون، اڪيوپنچر، فرنٽ پيج اسٽوريون، ايئر رنگس، پيريڊس، هيئر برش، فيل، پوز اينگلر، باڊي گارڊ، ايم پي اي ڊيل، ويسٽ لائين، فريشنيس، باٿ گائون، رڊيوس، پيل، فرنٽ لڪ، چانس، پرابلم، رئش، ٽرنيڪولائيزر هسٽري، پرسينٽ، ٽيسٽ رپورٽون، هاسپيٽلائيز لئب، ايڊز ۽ لاسٽ اسٽيج ڪينسر.

حصي ٻئي ۾ ڄاڻايل سمورن لفظن جا نعم البدل سنڌيءَ ۾ نهايت ئي سهڻا، سلوڻا ۽ سادا لفظ ٿوري ئي ڪوشش سان ملي سگهن ٿا. "خواب خوشبو ڇوڪري" ناول جي صفحي 23 تي هڪ لفظ آيل آهي، "ڪو ايجوڪيشن" ساڳي ئي معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ صفحي 30 تي "گڏيل تعليم" لفظ لکيا ويا آهن! حصي ٻئي ۾ ڏنل لفظن جي وڏي تعداد ڪي ڏسي نهايت حيرت ۽ اچرج وٺي ٿو وڃي. ڪيترائي لفظ وري وري ڪم آندا ويا آهن. ناول جي مڪالمن ۾ ڪردارن پاران اهڙا لفظ گهڻائي تحرير ڪيا ويا آهن، پر بيانيه لکڻين ۾ ليکڪا پاران ڏنل عبارت ۾ پڻ ڪيترائي انگريزيءَ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. انگريزي لفظن جو بي دريغ استعمال سنڌي ٻوليءَ جي حسن کي داغدار ڪرڻ جي برابر آهي، جنهن تي جيترو به افسوس ڪجي ٿورو آهي. هيءَ صورتحال جيڪڏهن بخمل ۾ ٽاٽ جي ڇتين جيان نه آهي ته ٽاٽ ۾ بخمل جي ڇتين جيان ضرور آهي!

ٻولين ۾ تبديليون ناگزير آهن. انگريزيءَ جا اثرات سنڌيءَ تي پيا آهن، پئجي رهيا آهن ۽ پوندا رهندا، پر ان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته انگريزيءَ جا اوپرا، اجاتا ۽ الوڻا لفظ ٺنبي سنڌي ٻوليءَ جي زيب ۽ زينت کي ئي مورڳو بگاڙيو وڃي. ٻوليءَ جي تاريخ ۾ اهڙا منفي رويا گهڻو ڪري جٽاءُ ڪري نه سگهندا آهن. ٻوليءَ تي سماج جي گرفت نهايت مضبوط هوندي

آهي. سماج ۾ تڪڙي تهذيبي اٿل پٿل جي ڪري ٻولين ۾ پڻ تڪڙي تبديلي واقع ٿئي ٿي. سماج پاران ئي هٿرادو ۽ جڙتو تبديلين کي روڪيو ويندو آهي. جڏهن سماج جا ڏاها ۽ رکوالا، اديب ۽ دانشور شعوري طور ٻوليءَ جي منفي روين تي گهري نظر رکندي، پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪندا رهندا ته ان صورت ۾ اهڙن منفي روين جو ترت خاتمو ٿي سگهندو.

## حوالا:


(1) Khubchandani, L. M. Acculturation of Indian Sindhi to Hindi_ Ph.D Thesis, Penssylvania University.

(2) جتوئي، علي نواز علم لسان ۽ سنڌي زبان (ٽيون ڇاپو) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو 1996ع، ص 171.

(3) جتوئي، علي نواز حوالو ساڳيو ڪتاب، ص 75.

(4) Bough, Albert. C. and Thomas Cable. A History of English Language 1980. P.227


[ڪلاچي، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي، نومبر 1998ع]

ڊاڪٽر هدايت پريم

# قديم زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ

سنڌ جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ڌرتيءَ تي صدين کان وٺي ڪيترين قومون آيون ۽ هت اچي سنڌ ۾ وسي ويون. انهن مان ڪيترين قومن سنڌ تي حڪومت هلائي، ڌاريا سنڌ جا حاڪم بڻيا. سنڌ جي رهواسين جو اهڙيءَ طرح سان آرين، ايرانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن سان تعلق قائم ٿيو جن کي پنهنجي علحده تهذيب ۽ تمدن هو. طويل عرصي کان سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي انهن جا اثر اڄ موجود آهن. ٻاهران آيل قومن پاڻ سان پنهنجي ٻولي بہ آندي. اهڙيءَ طرح سان سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ، ڪيترين ئي مختلف ٻولين سان ٿيو. ٻولين جي ميلاپ جو هڪ خاص سبب دنيا ڀر ۾ مذهبن جو ڦهلاءُ بہ رهيو آهي. قديم زماني ۾ آريہ لوڪن پاڻ سان سنسڪرت آندي. زردشت مذهب ڪري "اوستا" زبان ايران ۾ اثرانداز ٿي. لاطيني زبان جي واڌ ۽ ويجهہ بہ عيسائي مذهب جي ڦهلاءُ سان گڏوگڏ ٿي. عربي ٻولي بہ اسلام جي حوالي سان مسلم دنيا ۾ متعارف ٿي. سنسڪرت جو اثر ٿائلينڊ، انڊونيشيا، چين ۽ جپان تائين، ٻڌ ڌرم جي ڪري ٿيو(1).

ٻولين جي ميلاپ سببان هڪ ٻولي، ٻي ٻوليءَ کان ڀيريائين تہ ڪي "لفظ" اڌارا وٺندي آهي، جيڪي گهڻو ڪري "اسمن" تي مشتمل هوندا آهن. ٻن ٻولين جو هڪٻئي سان تمام گهڻو ۽ گهرو ميلاپ، جيڪو اگر پنهنجي انتها تي پهچي وڃي تہ اهڙي ميلاپ جي نتيجي ۾ اهو مخصوص سماج (Bilingual Community) بہ لساني فرقو بنجي وڃي ٿو

جتي ٻئي ٻوليون نہ صرف ڪيترا ساڳيا ئي لفظ استعمال ڪن ٿيون، پر گهڻائي صوتي ۽ صوتياتي ۽ نحوي قاعدا قانون بہ ساڳيا استعمال ڪرڻ لڳن ٿيون(2).

ٻولين جي ميلاپ جا اثرات ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي تي بہ پون ٿا. نوان نوان صوتياتي روپ وٺن ٿا ۽ ٻوليءَ جي صوتي سرشتي ۾ داخل ٿين ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جو مثال/ ف ز خ ۽ غ/ جا صوتيا آهن. جيڪي عربي ٻوليءَ سان ميلاپ جي نتيجي ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي ۾ شامل ٿيا آهن. هي آواز عربن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ سنڌيءَ ۾ ڪونہ هئا(3).

ٻين ٻولين کان اڌارا ورتل لفظ مادري زبان جي مزاج موجب تبديل ٿيندا آهن. مثال طور: [پ، ت، ڪ] آواز انگريزي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڏگهن سرن کان اڳ ۾ ايندا آهن، تہ وسرگ ٻڻجي ويندا آهن. يعني تہ [ڦ، ٿ، ک]. اهوئي سبب آهي تہ انگريز/ آمريڪي ماڻهو "پاڪستان" جو اُچار "ڦاڪستان" ڪندا آهن يا جيئن (پ، چ ۽ گ) آواز عربيءَ ۾ نہ آهن تہ انهن جي جاءِ تي (ب، ج ۽ غ) جا آواز ڪم آڻيندا آهن.

خوبچنداڻيءَ لکيو آهي:

ٻين ٻولين جي ميلاپ سببان انفرادي طور هڪ شخص ڄڻ ٻن لساني تهذيبن جو فرد ٻڻجي وڃي ٿو جنهن ۾ هڪ سندس مادري زبان واري تهذيب هوندي آهي. اهڙو ميلاپ لسانيات ۾ اهميت رکي ٿو(4).

سنڌي ٻوليءَ جي طويل تاريخ ۾ جن ٻولين پنهنجا اثرات ڇڏيا آهن، تن جو سن وار تفصيل ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن طرح ڏنو آهي(5).

| | |
|---|---|
| آڳاٽي ايراني ٻوليءَ جو اثر | 250۔ 515 ق. م فتح دارا<br>5 صدي ق. م<br>4 صدي ق. م |

| | |
|---|---|
| يوناني ٻوليءَ جو اثر | 325_ 326 ق. م فتح سڪندر<br>3 صدي ق. م<br>2 صدي ق. م<br>195_ 150 ق. م بلخ جي يونانين جي فتح |
| ترڪي ۽ داردي ٻولين جو اثر | 150_120 ق. م ساڪا ۽ سٿين جون ڪاهون<br>1 صدي ق. م |
| پالي پراڪرت جو اثر | 40_50عيسوي ڪوشان شاه ڪنشڪ |
| ترڪي ۽ داردي جو اثر | 102/160_200ع پارٿين جون ڪاهون<br>2 صدي عيسوي |
| ٻوئين ايراني ٻوليءَ جو اثر<br><br><br><br><br>ترڪي ۽ ايرانيءَ جو اثر | ساساني تسلط<br>3 صدي عيسوي<br>4 صدي عيسوي هياطله<br>470_ 480 عيسوي سفيد هڻن<br>5 صدي عيسوي<br>315 عيسوي خسرو نوشيروان |
| ملڪي ٻوليون | 6 صدي عيسوي راءِ گهراڻو<br>7 صدي عيسوي برهمڻ گهراڻو |

سنڌي ٻوليءَ جو هڪ جيالاجيڪل خاڪو سنڌ جي عالم ڏاهي ۽ محقق، ايم_ ايڇ پنهور به تيار ڪيو آهي، سو هن ريت آهي(6).

پروٽو هند –يورپي

پروٽو هند_ ايراني

پروٽو هندي

دراوڙي 1000 ق. م کان اڳ

پروٽو سنڌي
رگ ويد ۽ سنسڪرت 1000 کان 600 ق. م
پوئين سنسڪرت 600 کان 500 ق. م
آرميائي ۽ پهلوي 500 کان 400 ق. م
پالي 325 – 187 ق. م
پالي ۽ يوناني 178 کان 283ع
پهلوي 283- 356ع
اوائلي سنڌي
سنسڪرت 356- 711ع
عربي ۽ سنسڪرت 711ع- 1011ع
وچين سنڌي 1011ع – 1315ع
فارسي 1315ع – 1600ع
ڪلاسيڪل سنڌي
فارسي 1600ع – 1743ع
اٺهين صديءَ جي سنڌي
انگريزي ۽ فارسي 1843- 1947
جديد سنڌي

مٿين ڄاڻي خاڪي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ دراوڙي ٻولين، سنسڪرت، اوستا (پراڻي فارسي) پالي، يوناني، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين سان ٿيو آهي.

سنڌي ٻولي هڪ قديم ۽ اصلوڪي ٻولي آهي. ڪيترين ٻولين جا اثر مٿس ٿيندا رهيا، پر تہ بہ پنهنجون ڪيتريون ئي اصلي خاصيتون قائم رکيون آهن، ان ڪري ئي سندس حيثيت برقرار ۽ مان مٿاهون آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اهڙين نرالين خاصيتن جا تفصيل، ٽرمپ، گريئرسن، الانا، سراج ۽ ٻين ماهرين لسانيات پنهنجن ڪتابن ۾ ڄاڻايا آهن. هن مضمون جو مقصد سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ٿيل ميلاپ جي مختلف رخن تي

روشني وجھڻ آهي، جنھن سان سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ ڪشادگيءَ جو اندازو لڳائي سگھبو. تاريخي اعتبار کان سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل تبديلين جو اڀياس ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي ڪجھ روشني وجھي سگھبي. سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ٻولين سان ميلاپ جي ڪھاڻي قديم ايراني اثرات سان شروع ٿئي ٿي.

ايران جي شھنشاھ دارا استاسپ، سنڌ کي ڪڇ جي علائقي سميت 519 ق. م ۾ پنھنجي حڪومت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. 518 ق. م ۾ قائم ڪيل نقش رستم ڪتبي ۾ ڄاڻايل آهي تہ سنڌ دارا جي حڪومت جو حصو هئي. قديم ايرانين يعني اخمانين جي راڄ دوران ٻھريون پيرو پري پري جا صوبائي شھر هڪٻئي سان ۽ گادي واري هنڌ سان رستن ذريعي ڳنڍيا ويا هئا. هنن ئي پھرين پھرين مڪاني سڪي جي پيٽ ۾ عالمي سڪي کي رائج ڪيو. هن اوستا (پراڻي فارسي) نہ پر آرامي (اتر ميسوپوٽيميائي ٻوليءَ) کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو(7).

محمد حسين پنھور جي خيال ۾ اخماني دؤر ۾ اوستا، جيڪا حڪمرانن جي پنھنجي ٻولي هئي، توڙي آرميائي جيڪا سندن سرڪاري زبان هئي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻين مقامين ٻولين تي تمام ٿورڙو اثر ڇڏيو آهي(8).

دارا جي زماني ۾ اخمانين سنڌ ۽ پنجاب ۾ پنھنجي آئيوٽا چالو ڪئي، جنھن جو نالو خروشتي هو. هيءَ آئيوٽا ڪئين ورهيہ ساندھ پئي هلي ۽ هندستان مان عيسوي ٽين صدي ڌاري غائب ٿي وئي(9).

ننڍي کنڊ ۾ خروشتي جو فروغ اخماني فتوحات سبب ٿيو آهي. خروشتي توڙي برهمي لپي، ٻئي آرميائي ۽ فونيشي لپين منجھان نڪتل آهن. برهمي لپي فونيشيا سان قديم واپاري ناتن سبب رائج ٿي، جنھن ۾ اعرابون بعد ۾ ڏنيون ويون آهن.(10)

خروشتي لپي اوير ۾ پنجاب ۽ ماڻڪالا کان متڙا تائين ۽ پٽنا مان پڻ خروشتي لپيءَ جا دستاويز مليا آهن. اولھہ ۾ قنڌار ۽ سيستان تائين هن

لپيءَ وارا سڪا مليا آهن. اتر ۾ سوات ۽ لداخ جي علائقي مان خروشتي رڪارڊ هٿ آيو آهي. ذڪر مان ڪجهه تڪرا موهن جي دڙي مان پڻ مليا آهن. بهرحال اصلي ايراضي جتي خروشتيءَ جو واهپو هو سو گنڌارا وارو علائقو آهي ۽ خاص طور ٽيڪسلا ان جو مرڪز هو (11). خروشتي لپي جيئن تہ ساڄي کان کاٻي لکي وئي آهي، تنهن ڪري اهو سمجهڻ نهايت ئي آسان ٿي پيو آهي تہ هن لپيءَ جو تعلق آرميائي (آرامي؟) سان آهي، جيڪا اترين سامي لپيءَ جي مکيہ شاخ آهي(12).

خروشتي لپيءَ ۾ جيڪا ٻولي لکي ويندي هئي، سا اخمانين جي زبان اوستا هئي. خروشتي لپي وارا سڪا سنڌ جي قديم آثارن مان گهڻي تعداد ۾ لڌا ويا آهن.(13)

سن 519 ق. م کان 325 ق. م تائين سنڌ اخماني سلطنت جو صوبو رهي. قديم ايراني حڪمرانن جي زبان پهلويءَ جا سڌا سنوان اثرات ان وقت جي سنڌي ٻوليءَ تي يقيني طور پيا آهن. حالانڪ خروشتي لپي وارا ڪتبا سنڌ مان ڪونہ لڌا ويا آهن، پر سنڌ جي ويجهي ۾ ويجهي علائقي سئي وهار مان ۽ شهباز ڳڙهي مانسهره مان لڌا آهن، پر سِڪن جو سنڌ مان لڀڻ، جن تي اخماني دؤر جي تحرير موجود آهي، ان مان پڪ ڄاڻجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ تي اوائلي دؤرن کان وٺي ايراني اثرات ٿيندا رهيا آهن.

اخماني دؤر ۾ سنڌين جا لاڳاپا ايرانين سان ڪافي گهرا نظر اچن ٿا. سنڌين يونانين جي خلاف اخمانين جي حمايت ۾ يورپ جي سرزمين تي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو. سنڌي پڪا ٻڌي تير ڪمانن سان، هاٿين تي سوار ٿي يونانين سان وڙهيا. سن 486_ 488 ق. م ۾ زيراڪس جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌين بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريا (14).

هن دؤر جو هڪ اهم ڪتبو ايران جي بغستان شهر مان مليو آهي، جنهن جي رسم الخط ميخي (Cuniform) آهي. ان ۾ ٽي سئون اهڙيون آهن، جيڪي معمولي فرق سان اڄوڪي فارسي، پشتو ۽ سنڌيءَ جهڙيون آهن.

ستون هن طرح آهن:

| | **سنڌي معنيٰ** |
|---|---|
| (1) ني آريڪ آهم | نہ آريڪو آهيان. |
| (2) ني دورجن آهم | نہ ڪوڙو آهيان. |
| (3) ني زور ڪره آهم | نہ زور ڪندڙ آهيان. |

افغان محقق عبدالحي حبيبي هنن ڪي پشتو جا الفاظ قرار ڏنو آهي، جڏهن تہ سراج هنن ئي ستن جي آڌار تي خيال ڏيکاريو آهي، تہ قديم سنڌيءَ ۾ بہ ضميري پڇاڙين جو نظام اصل کان ئي موجود هو جيئن اڄوڪي سنڌيءَ ۾ موجود آهي(15).

مٿيون ستون قديم هند- آريائي ٻوليءَ جون آهن، جنهن ۾ ضميري پڇاڙي "م" موجود آهي. هيءَ خاصيت سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ آهي. ان مان سمجهجي ٿو تہ آڳاٽي ايراني ٻولي پهلوي جو ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر سنڌي ٻوليءَ تي پيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جو فارسي ٻوليءَ سان ڀرپور ميلاپ ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر ۾ ٿيو آهي.

سن 326 ق. م ۾ سڪندراعظم سنڌ ۾ آيو. سڪندراعظم جا گورنر سنڌ تي 322 ق. م تائين حاڪم رهيا. ڇئن سالن جي قليل عرصي ۾ يوناني حاڪمن جي ٻولي مقامي ٻوليءَ تي ڪي اهڙا اثرات ڪونہ ڇڏيا هوندا، جيڪي ديرپا ثابت ٿي سگهن. البت سنڌي تهذيب ۽ تمدن تي ٻوليءَ سميت يوناني اثرات موجود آهن، جيڪي باختري يوناني دؤر ۾ قائم ٿيا. باختري دؤر سنڌ ۾ 187 ق. م کان 283ع تائين رهيو آهي. باخترين جي زبان يوناني هئي. مذهبي طور ٻڌ ڌرم سان ناتو هئن، جيڪو هنن بعد ۾ اختيار ڪيو هو تنهنڪري سندن مذهبي ٻولي پالي هئي. اهوئي سبب آهي، جنهنڪري محمد حسين پنهور صاحب 187 ق. م کان 283ع تائين پالي ۽ يوناني گڏيل اثرات وارو عرصو ڪري ڄاڻايو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۽ يوناني ٻوليءَ جي ڪن لفظن ۾ هڪجهڙائيءَ جا

ڪيترا مثال ملن ٿا (16):

| يوناني | | سنڌي |
|---|---|---|
| Cheia= hole | چيئہ | چير (سوراخ |
| Chora= a place | چور | چوڙ (جڳهہ، شهر) |
| Melas= black | ميلس | ميرو (گندو) |
| Oon= egg | اون | آنو (بيدو) |
| Pyr= fire | پير / پائر | پچرڻ (ٻرڻ) |
| Kanne=grass | ڪاني | ڪانو (ڪڙٻ جو ٽڪرو) |
| Nanos=dwarf | ننوس | ننڍو (وڏي جو ضد) |
| Deiknynan= to show | ديڪنين | ڏيکارڻ نمائش ڪرڻ |
| Sitos= food | ستوس | ستون (ڪڪڪ مان ٺهيل کاڌو) |
| | ڪانون | قانون |
| | پانوس | فانوس |
| | ڪفس | ڪفن |
| | دئوس | ديوس |
| Darkme | دارڪمي | دام |
| Syrinx | سرنڪس | سرنگهہ |

سڪندر نالو اچ ٻہ سنڌ توڙي هند ۾ ائين رکيو ويجي ٿو گويا هيءَ خالص اسلامي نالو هجي. حالانڪ هيءَ واضح طور تي يوناني اثر آهي.

ڪوشان گهراڻي ۽ پارٿين جو راڄ سنڌ ۾ اٽڪل 323 ق. م کان 283 عيسوي تائين قائم رهيو. هن دؤر ۾ حڪمرانن جي سرڪاري توڙي مذهبي ٻولي 'پالي' هئي. ڇهہ سؤ ورهين جو عرصو تمام وڏو عرصو آهي. ان عرصي دوران ننڍي کنڊ جي مقامي ٻولين تي پالي ٻوليءَ جا اثرات تمام گهرا ٿيا هوندا. جنهن جو ادراڪ / احساس ماهرين لسانيات نہ ڪري سگهيا

آهن(17).

پالي ٻوليءَ جي اثرات جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ آهي، ته پالي پراڪرت جي ڪنهن مخلوط پالي محاوري ۾ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي پرچار ڪئي وئي. سئي وهار مان لڌل ٿالهيءَ تي اُڪر ڪيل تحرير واري ٻولي، بختي پالي Bacterian Pali آهي. هن پالي محاوري جي ذريعي سنسڪرت جا ڪافي الفاظ سنڌ جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا (18).

پالي ٻوليءَ جي باري ۾ پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي لکي ٿو ته:

"ٻڌ ڌرم جا شاستر هندستان ۾ اصلي پالي ٻوليءَ ۾ لکيل هئا. اها ٻولي پراڻين پراڪت (پراڪرت) ٻولين مان هڪ هئي ۽ سنسڪرت وانگر هن ويل رڳي ڪن ٿورڙن ٻڌ ڌرم جي پنڊتن جي ٻولي آهي. ٻڌ ديو پالي ٻوليءَ ۾ پرڀوڌ ڏنو هو پر سندس وچن ڪئين ورهيه پوءِ لکيا ويا. تنهنڪري ائين پڪ سان نٿو چئي سگهجي ته ٻڌ ديو جي پالي ۽ شاسترن جي پالي ٻئي ساڳيون ٻوليون آهن. اها ٻولي اڳ مگڌ ديس ۾ چالو هئي، ۽ ڪن شاسترين جو چوڻ آهي ته پالي ٻولي مگڌي ٻوليءَ جي هڪ اُپڀاشا dialect هئي. پالي شبدن جون ٻه پتيون سنسڪرت آهن ۽ باقي اپڀرنشٽ (corrupt) سنسڪرت آهن. خاص پالي شبد ڪي ٿورڙا آهن. پر اهي پراچين سنسڪرت کان به پراڻا آهن. تنهنڪري پالي ٻوليءَ جي سنسڪرت ٻولي ماتر ڀاشا نه، پر ڀيڻ ڀاشا چئبي. جيتوڻيڪ هن ويل پاليءَ جو پرچار هندستان ۾ ڪونهي، ته به سنسڪرت جي اڀياس کان پوءِ پاليءَ جو اڀياس نهايت سهنجو ٿو لڳي ۽ ناگري لپيءَ ۾ لکيل گرنٿ پڙهڻ ۾ سولا ٿا ٿين (19).

سنڌي ٻوليءَ تي پاليءَ جا اثرات مرتب ٿيا آهن، انهن جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. ان لاءِ پالي ٻولي ۽ ٻڌ ڌرم جي پستڪن جي اڀياس جي ضرورت ٿيندي. في الوقت سنڌيءَ جا چند لفظ پيش ڪجن ٿا، جيڪي پالي جي اثرات جي نشاندهي ڪن ٿا (20).

ڏمو ڏمي، ٻمو ٻمي، پيوڪه ميمي، وغيره.

## حوالا:


(1) M. H. Panhwar. Languages of Sindh between rise of Amri and fall of Mansoora i.e. 5000 years ago to 1025 A. D. Article in book >Cultural Heritage of Sindh> 1988_ p.24.

(2) Bynon. T. Historical Linguistics 1977 p.216.

(3) علي نواز جتوئي، علم اللسان ۽ سنڌي زبان، 1983ع، ص 163.

(4) L. M. Khubchandani. Acculturation of Indian Sindhi to Hindi. Ph.D Thesis, 1963, p.5.

(5) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ، ٽيون ڇاپو 1991ع، ص 23.

(6) M. H. Panhwar, Ibid, P.23.

(7) محمد حسين پنهور، مقالو سنڌ جي تاريخ ۽ آثار قديمه جي تحقيق ۽ اشاعت، سه ماهي مهراڻ 2_ 1984ع، ص 177.

(8) M. H. Panhwar, Cultural Heritage of Sindh, P.19.

(9) ٻوپٽي هيراننداڻي، ڀاشا شاستر، ص 233.

(10) M. H. Panhwar, Chronological Dictionary of Sindh P. 47.

(11) Dani, A. H. Indian Palaeography, P.252.

(12) Dani, Ibid P.255.

(13) ٻوپٽي هيراننداڻي، ڀاشا شاستر، ص 233.

(14) M. H. Panhwar, Chronological Dictionary of Sindh, P. 73.

(15) سراج، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، 1964ع، ص 81.

(16) ليلو رچنداڻي، سنڌوءَ جي جهلڪ 1963ع، صفحو 78_79.

(17) M. H. Panhwar, Cultural Heritage of Sindh, P.20.

(18) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ٽيون

چاپو 1990ع، ص 22.

(19) نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي، پروفيسر، ڏمپڊ ص 1 ۽ 2.

(20) ڀوڳتي هيراننداڻي، ڀاشا شاستر، ص 20.

[ڪينجهر 1993ع سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو]

ڊاڪٽر جينو لالواڻي

# برطانوي دؤر ۾ سنڌي ٻولي

ماڻهو جڏهن هڪ ٻئي سان تعلق ۾ لهه وچڙ ۾ اچن ٿا، تڏهن هو ڪجهه نه ڪندا هجن، ڪهڙو نه عمل ڪن، پيار ڪن، محبت ونڊين، ڪاروبار هلائين، آفيس ۾ گڏ ڪم ڪن، مزوري ڪن يا راند ڪن يا ڪنهن نه ذريعي سان سفر ڪندا هجن، هو هڪ ٻئي سان جڏهن نه رابطي ۾ اچن ٿا ته اُهي پاڻ ۾ ڳالهائين ٿا. اسين ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي ڪائنات ۾ رهون ٿا. اسين پنهنجن دوستن، مائٽن، عزيزن، واقف، اڻ واقف ماڻهن سان ڳالهايون ٿا. اسان روبرو ۽ ٽيليفون تي نه ڳالهايون ٿا ۽ موت ۾ هو ٻيو ماڻهو نه ڳالهائي ٿو. ريڊيو ۽ ٽيليفون اسان کان وڌيڪ ڳالهائين ٿا. اُهي گهڻو وقت هڪ طرفو ڳالهائين ٿا ۽ لفظن جي ٻرمار ڪن ٿا.

انسان جي زندگيءَ جون گهٽ گهڙيون بنا ڳالهائڻ جي گذرن ٿيون ۽ اُنهن گهٽ ۽ خاموش گهڙين ۾ نه ٻولي اسان جي دماغ ۾ گردش ڪندي رهي ٿي. گهڻا شخص ننڊ ۽ خوابن ۾ نه ڳالهائيندا آهن. اڪثر گهڻا اِنسان پنهنجي منهن نه ڳالهائيندا آهن. جڏهن ته ڪو ٻڌڻ ۽ جواب ڏيڻ وارو نه ڪونه هوندو آهي. ٻولي ۽ اُن جو استعمال، يعني ڳالهائڻ ئي سماجي تحفو آهي، جيڪو انسان کي ٻين جانورن کان الڳ ڪري بيهاري ٿو. ماڻهپي ۽ اِنسان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻوليءَ جي قدرت ۽ ڪيفيت کي سمجهون. اِها ٻولي ئي آهي، جيڪا اِنساني زندگيءَ ۾ طاقت جو ذريعو آهي. اسين ڪا ٻولي ڄاڻون ٿا ته اُها ٻولي ڳالهايون نه ٿا ۽ اُها ٻين ماڻهن کي سمجهه ۾ نه اچي ٿي، جيڪي ساڳي ٻولي ڄاڻن ٿا. حاصل مطلب ته اسين ڪي اهڙا آواز پيدا ڪيون ٿا، جيڪي ڪي مقصد ۽ مطلب ظاهر ڪن ٿا ۽ ساڳين آواز ڪندڙن کي سمجهه ۾ اچن ٿا.

ٻولي صرف رابطي جو ذريعو ئي نہ، پر ٻولي ئي انسان، گروہ، قوم، قبيلي جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي. ٻوليءَ سان ئي سياسي ۽ معاشي مفاد وابستہ آهن.

آمريڪي لسانيات جي ماهرن بلاڪ ۽ ٽرئگر (Bloch_Trager) ٻوليءَ جي وصف هن ريت ڏني آهي:

'Language is a system of arbitraty vocal symbols by means of which social group_co_operates'

(An Out line of Lingustic Analysis: Lingustic of America. 1942_p.s)

ڪنهن بہ سماجي گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ اِنسان ذات جي زبان مان نڪتل آواز جي سرشتي کي ٻولي سڏجي ٿو. زبان هڪ ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي هڪ انسان جي طلب stimulus جو ٻيو انسان جواب response ڏئي ٿو. زبان، تهذيب ۽ تمدن جو بنياد آهي، زبان، خيالن جي اظهار جو وسيلو آهي. زبان جي عمل سان ئي هرڪا قوم ٻڌجي ٿي، اگر اسان کي ڪنهن قوم جي طريقن، لباس، کاڌ خوراڪ، خطي ۽ ماحول جي ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي تہ اُهو اُن قوم، قبيلي، ملڪ جي زبان جي مطالعي مان ئي ڄاڻي سگهجي ٿو. (سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڊاڪٽر غلام علي الانا).

سنڌي ٻولي ۽ زبان، سنڌ ۽ سنڌين جي زبان آهي. سنڌ ۽ اُن جي آس پاس جي وڏي حصي ۾ اُها ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. جيون جو ڪاروبار سنڌيءَ ۾ بہ هلندڙ آهي. اسين اِهو بہ ڄاڻون ٿا ۽ سنڌ جي اِتهاس مان بہ ڄاڻ ملي ٿي تہ سنڌ تي صدين کان وٺي ڪيترين قومن حملا ڪيا آهن. سنڌ ۾ بار بار قومون آيون، وسيون ۽ وري ڪن سنڌ تي حڪومت بہ ڪئي. سنڌ جي رهواسين جا اهڙيءَ طرح آرين، ايرانين، عربن، مغلن ۽

انگريزن ۽ ٻين سان تعلقات قائم ٿيا. جن کي پنهنجي علحده تهذيب ۽ سڀيتا هئي. ٻاهران آيل قومن پاڻ سان پنهنجي ٻولي به آندي، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ، ڪيترين مختلف ٻولين سان ٿيو. ٻولين جي ميلاپ جو هڪ خاص سبب دنيا ۾ مذهبن جو ڦهلاءُ به رهيو آهي. قديم زماني ۾ آرين سنسڪرت جو ڦهلاءُ ڪيو. زردشت مذهب ڪري اوستا زبان ايران ۾ اثرانداز ٿي. لاطيني زبان جي واڌ عيسائي مذهب دؤران ٿي. عربي ٻولي به اسلام سان گڏ جدا جدا مسلم ديشن ۾ ڦهلي. سنسڪرت جو اثر ٿائيلينڊ، انڊونيشيا، چائنا ۽ جاپان تائين ٻڌ ڌرم جي ڪري قائم ٿيو.

هندستان جي زمين تي اُردو زبان جنم ورتو. اِها به حقيقت آهي ته ٻولين جي ميلاپ ڪري هڪ ٻولي، ٻي ٻوليءَ کان ڪي لفظ اُڌارا وٺندي آهي ۽ اڳتي هلي اُهي لفظ اُن ۾ جذب ٿي، اُن ٻوليءَ جو هڪ حصو بڻجي ويندا آهن. ڪي لفظ مادري زبان مطابق به تبديل ٿيندا آهن. پر گهڻا ئي وري صوتي، صوتياتي ۽ نحوي قاعدا، قانون به ساڳيا استعمال ڪن ٿيون.

جيستائين سنڌي ٻوليءَ جو سوال آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ٻولين سان ميلاپ جي ڪهاڻي قديم ايراني اثرات کان شروع ٿئي ٿي. ايران جي شهنشاهه دارا استاسپ سنڌ کي ڪڇ جي علائقي سميت 519 ق. م ۾ پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو. دارا جي زماني ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪروشتي آئيوٽا چالو ڪئي. جيڪا پڻ سنڌيءَ جيان ساڄي کان کاٻي لکي ويندي هئي. اُن ريت سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ جو سلسلو اڳتي وڌندو رهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جو هڪ جيلاجيڪل خاڪو سنڌ جي عالم ايم. ايڇ. پنهور تيار ڪيو آهي، جنهن جي آڌار تي ڄاڻ پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جي طويل تاريخ ۾ جن ٻولين پنهنجا اثر ڇڏيا آهن، اُهي هن ريت آهن:

پروٽو هند- يورپي

پروٽو هند- ايراني

پروٽو هندي

دراوڙي 1000 ق. م کان اڳ

پروٽو سنڌي

رگ ويد ۽ سنسڪرت 1000 کان 600 ق. م.

پوئين سنسڪرت 600 کان 500 ق. م.

آريائي ۽ پهلوي 500 کان 400 ق. م.

پالي 325_187 ق. م.

پالي ۽ يوناني 187 کان 283ع

پهلوي 283_ 356ع

اوائلي سنڌي

سنسڪرت 356_ 711ع

عربي ۽ سنسڪرت 711_1011ع

وچين سنڌي 1011ع_ 1315ع

فارسي 1315_ 1600ع

ڪلاسيڪل سنڌي

فارسي 1600ع_ 1742ع

اوڻويهين صديءَ جي سنڌي

انگريزي ۽ فارسي 1843_ 1947ع

جديد سنڌي

(ڪينجهر 5_1993_ سنڌ يونيورسٽي، ص 118)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ ان قسم جو سن وار چارٽ جوڙيو آهي. اسان کي هنن خاڪن مان ڄاڻ پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ دراوڙي ٻولين، سنسڪرت، اوستا (پراڻي فارسي)، پالي، يوناني، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين سان ٿيو آهي.

هن مقالي جو واسطو انگريزي حڪومت يعني 1843ع کان 1947ع

سان آهي. سن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. اُن وقت سنڌ ۾ فارسي ٻولي هلندڙ هئي. اُن وقت اٽڪل ڇهه سؤ کن مڪتب سنڌ ۾ هلندڙ هئا. انگريزن اچڻ شرط اُن وقت سيدن کي جيڪي لوازما ملندا هئا، اُهي بند ڪيا ۽ مڪتبن کي جيڪا مالي امداد ڏني ويندي هئي، اُها بند ڪئي. جنهن ڪري ناٿي جي ڪوٽ ۾ حڪومت جو سهارو نه هئڻ ڪري پارسيءَ جي واڌاري کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. اُن شروعاتي عرصي ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪئپٽن راٿبوان انگريزي اسڪول کولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر لائق ماستر نه ملڻ ڪري اسڪول کلي نه سگهيو. پر ڪئپٽن پريڊي جي ڪوشش سان 1846ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ اسڪول کليو. جنهن ۾ مفت تعليم ڏني ويندي هئي. هن اسڪول ۾ عيسائين جو انجيل (بائيبل) ضرور پاڙهيو ويندو هو. 1825ع ۾ اُن جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو ويو هو. اُن جو نئون ترجمو ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ڪيو جو ديوناگريءَ ۾ 1850ع ۾ ڇپيو. بعد ۾ 'يومن' جو ترجمو برنس 1852ع ۾ عربي سنڌي اکرن ۾ ڪيو. ٻئي سال اِهو گرمکي اکرن ۾ به ڇپيو.

ٻولين رڳو آواز جو اُهو سرشتو نه آهن. جيڪي ساڳئي گروهه جا انسان هڪ ٻئي کي پنهنجي مقصد سمجهائڻ لاءِ زبان مان ڪڍن ٿا. پر اُنهن نڪرندڙ آوازن ۽ اُنهن کي ڪاغذ تي چٽڻ ۽ لکڻ جو هڪ تسليم ڪيل نظام به ڳولهي لڌو ويو جنهن کي لپي سڏجي ٿو.

انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌ ۾ ٻوليءَ لاءِ ڪا هڪڙي آئيويتا ڪونه هئي. سنڌ جا برهمڻ ۽ ڪي ٻيا شخص ديوناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا، ته ڀاٽيبند هندو سنڌي يا واڻڪي اکر ڪم آڻيندا هئا. جن ۾ ڪي به لاڪنائون يا ماترائون ڪونه هونديون هيون. خواجه ۽ ميمڻ به اِهي اکر ڪم آڻيندا هئا. گهرن ۾ ناريون گرمکي پڙهنديون هيون. سن 1890ع ۾ سنڌ جي ايڊيوڪيشن انسپيڪٽر جيڪب صاحب ٿورا هندي- سنڌي اسڪول کوليا ۽ هندو سنڌي آئيويتا ۽ ماترائون

گڏاياڻين. اِهو ڪم راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل ڪيو. اِن نئين آئيوينا ۾ ڪي هندو سنڌي درسي ڪتاب ٻه ڇپيا.

سن 1851ع ۾ سنڌ جي چيف ڪمشنر سر بارٽل سرڪاري ڪم پارسيءَ بدران سنڌيءَ ۾ هلائڻ جو فرمان جاري ڪيو. اُن وقت اِها ڪوشش ورتي وئي ته سڀ سرڪاري ڪم سنڌيءَ ۾ هلڻ گهرجي. يورپي ۽ ٻيا غيرڏيهي عملدار سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن ۽ عام ماڻهن کان پنهنجي سر احوال وٺي اُن جو نيڪال ڪن ۽ سنڌي اسڪول کوليا وڃن. پر جيئن ته اُن وقت سنڌيءَ لاءِ ڪا مقرر ٿيل آئيوينا نه هئي، اِن ڪري مٿين ڳالهين جي مرادن جي برثوابيءَ لاءِ هڪ مقرر سنڌي آئيوينا جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي ۽ سن 1853ع ۾ سر ايلس جي صدارت ۾ عربي سنڌي آئيوينا جوڙڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، جنهن جا ميمبر هئا راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ، خانبهادر مرزا صادق علي بيگ، ديوان پريداس رامچنداڻي، ديوان اُڌارام ميرچنداڻي، ديوان نانديرام ميراڻي، ميان محمد، قاضي غلام علي ۽ ميان غلام حسين.

هن ڪاميٽيءَ ڪجهه قديم سنڌي لکيل ڪتابن جو سهارو وٺي يعني ڪجهه اڳوڻو نمونو ۽ ڪجهه اردوءَ وارو نمونو (فورٽ وليم جي ڪن پروفيسرن جي جوڙيل اردوءَ لاءِ آئيوينا) اختيار ڪري هاڻوڪي سنڌي آئيوينا جوڙي. اِها نئين آئيوينا 1853ع ۾ ٺهي ۽ اُن جو عمل شروع ٿيو. هن نئين عربي سنڌي آئيوينا تي، نئين سنڌي صورتخطي مقرر ٿيڻ تي گهڻو بحث هليو. ڪن هندن جو چوڻ هو ته ا ۽ ع، ت، ط، ٿ، س ۽ ز، ذ، ض ۽ ظ، ڪ ۽ ق، ح ۽ ھ جهڙن اُچارن لاءِ ڌار ڌار اکرن بدران هڪ هڪ اکر مقرر ڪري اکرن جو تعداد گهٽائجي. پر اها رٿ اُن وقت ڪجهه سبب ڏيئي رد ڪئي ويئي ته سورهين صديءَ کان 1853ع تائين سڀ سنڌي ڪتاب عربي ۽ پارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن ۽ جيڪڏهن عربي حرفن جون صورتون ڦيرايون وينديون ته ڇئن صدين جو علم- ادب بيڪار ٿي ويندو. سر بارٽل

يڪراءِ تي عربي صورتخطي قائم رکي ۽ نج سنڌي آوازن لاءِ نوان حرف مقرر ڪيائون. ٻ، ڏ ج، ڳ چار نجا سنڌي ۽ چار نجا عربي ف، خ، غ ۽ ز باقي فارسي ۽ ترڪي. اکر گهٽائڻ ۽ ڏار ڏار اکرن بدران هڪ اکر مقرر ڪرڻ جي ڳالهه اڄ به جاري آهي ۽ اُن تي وقت به وقت بحث ڪيو پيو وڃي.

نئين آئيوپٽا جي جوڙڻ ۽ اُن جي خامين تي اُن وقت ڪافي بحث هليو. ڪن جو چوڻ هو ته اردو آئيوپٽا جيڪا اُن وقت تيار هئي سا ئي سنڌيءَ لاءِ به اختيار ڪئي وڃي ها. ڪن جو چوڻ هو ته خواجه ۽ ميمڻ هندو سنڌي اکر پيا ڪم آڻين، تنهن ڪري اُنهن ۾ لاڪنائون ۽ ماترائون گڏي اُهي چالو ڪرڻ کپندا هئا. اُن وقت ديوناگري به عمل ۾ هئي، ان لاءِ ڪن جو چوڻ هو ته ديوناگري اکرن ۾ ڦيرگهير ڪري اُهي ڪم آڻڻ گهربا هئا. ڪجهه به هجي نئين آئيوپٽا جي مخالفت، لپيءَ جو اِهو جهڳڙو هند ۾ اڄ به قائم آهي. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن اسٽئڪ جو چوڻ هو ته سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرتي بنياد سبباں ديوناگري لپي اُن لاءِ وڌيڪ ڪارگر ٿئي ها.

سنڌيءَ لاءِ آئيوپٽا مقرر ٿيڻ سان سنڌيءَ کي ڪافي اهميت ملي. جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ سرگرميون پڻ وڌي ويون. اسڪول برپا ٿيڻ سان اسڪولي شاگردن ۽ استادن کي اڀياس لاءِ ضروري درسي ڪتاب ميسر ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي ويئي. اِن ڪري ودوانن جو ڌيان گرامر، لغت ۽ ٻوليءَ جي ٻين شاخن طرف پڻ ويو. پڙهڻ ۾ ايندڙ سمورا مضمون جيئن تاريخ، جاگرافي، حساب، سوڪس وغيره جا درسي ڪتاب به تيار ٿيا. 1887ع تائين ترجمن جو دور هو. ٻارتي ٻولين: هندي، گجراتي وغيره تان ترجما ڪري ٻارن کي ڪتاب ميسر ڪري ڏنا ويا.

آئيوپٽا ٺهڻ سان ٻيو ڪم به ٿيو جو درسي ڪتابن جي اشاعت ۽ سرڪاري ڪم لاءِ سنڌيءَ جو هڪ معياري لهجو مقرر ڪيو ويو. جيئن ته انگريزن، سنڌ جي جدا جدا علائقن ۾ سنڌيءَ جا جدا جدا لهجا هجڻ ڪري،

ڪنهن هڪ لهجي کي اپنائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. انگريزي حڪومت حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور ڪتابن جي اشاعت ۽ سرڪاري ڪم لاءِ قبول ڪيو. سنڌيءَ جون سڀ تصنيفون ۽ لکيتون ان ئي لهجي ۾ تصنيف ٿيڻ لڳيون. غيرملڪي ماڻهن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ ڪتاب پڻ هن ئي لهجي ۾ لکيا ويا. حيدرآبادي لهجو مقرر ٿيڻ لاءِ ديوان ڀيرومل جو رايو آهي ته:

"حالانڪ سنڌ جي ساهتيہ خطي وارو لهجو زياده معياري آهي، پر چاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ٺاهڻ واري ڪاميٽيءَ توڙي سرڪاري تعليم کاتي ۾ حيدرآباد جا رهاڪو گهڻا هئا ۽ درسي ڪتاب لکڻ وارن ۾ به حيدرآبادي گهڻا هئا، تنهن ڪري ئي حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور اهميت ملي ۽ اُن کي ئي معياري لهجو تسليم ڪيو ويو."

"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"_ آڏواڻي ڀيرومل، سنڌي ادبي بورڊ 1956ع، ص 93)

ان طرح انگريزن جي وقت ۾ لهجن جي حد پڻ مقرر ڪئي ويئي. اسان کي اِها ڄاڻ آهي ته ٻولي هڪ وهندڙ درياه آهي ۽ ٻوليءَ جا جدا جدا لهجا ڪنهن حد تائين هڪٻي پنهنجو اثر گهٽائي ڇڏيندا آهن. لهجن جي خاتمي وارين حدن جا نشان (خيالي ليڪون) نقشي تي ڏيکاري سگهجن ٿيون. اهڙين خيالي ليڪن کي لسانيات جي ماهرن آئسوگلاسر Issooglosser سڏيو آهي.

ٻوليءَ جي لهجن جي ڳالهہ هلي رهي آهي ته مان ايترو چوڻ به واجب ٿو سمجهان ته ڪنهن به ملڪ، صوبي ۽ خطي جي ٻوليءَ، اُن جي لهجن ۽ مختلف لهجن ۾ ڪم ايندڙ محاورن جي تعليم لاءِ ڪي اصول مقرر ٿيل آهن. اُهي اصول آهن:

1. حاڪمن جي ٻولي هجڻ، 2. ساڳي حڪومت، 3.

سياسي حالتون، 4. سماجي ۽ مذهبي ميل جول، 5. وڻج واپار ۽ سياسي ناتا، 6. ساڳيون جاگرافيائي حالتون، 7. ساڳيون رسمون ۽ رواج، 8. باهمي شاديون ۽ 9. آباديءَ جي لڏپلاڻ.

انگريزن جي حڪومت ۾ سنڌي زبان کي جدا جدا لهجن ۽ جدا جدا محاورن ۾ ورهائڻ لاءِ جيڪي اصول ۽ ڪارڻ مٿي بيان ڪيا ويا آهن. اُنهن جي آڌار تي سنڌيءَ جا جدا جدا لهجا مقرر ڪيا ويا.

لسانيات جي ماهرن اهڙي لهجي کي، جو سرڪاري طور اسڪولن، ڪاليجن، نشر و اشاعت، سرڪاري پڌراين، ڪورٽن، اسيمبلين توڙي مهذب ماڻهن ۾ استعمال ٿيندو هجي، اُن کي معياري لهجو يعني Standard dialect سڏيو آهي.

انگريزن جي حڪومت ۾ سنڌ جي زبان جي معياري لهجي کي علمي تسليم ڪيو ويو. جيتوڻيڪ لاڙ ۽ اُتر جا ماڻهو ائين ڪونه ڳالهائيندا آهن، جيئن درسي ڪتابن ۾ آهي. حاصل مطلب تہ جيڪا زبان سرڪاري طور تي ملڪ جي زبان تسليم ڪيل آهي، اُها 'معياري سنڌي ٻولي' آهي، جيڪا سنڌ جي ٻين خطن جي اُچارن سان ڪجهہ اختلاف رکي ٿي. معياري سنڌي معنيٰ 'معياري مهذب ۽ اعليٰ طبقي واري زبان.'

انگريزن جي راڄ ۾ شايع ٿيل انگريزي عالمن جا لکيل ڪتاب جن ۾ گهڻو ڪري ڊڪشنريون ۽ گرامر جا ڪتاب آهن ۽ جن تي ٻوليءَ جو بنياد ٻڌل آهي. اُهي آهن:

(1) انجيل، بائيبل مان ترجمو 1825ع ديوناگريءَ ۾.

(2) Grammer of Sindhi Language مسٽر ارنيسٽ ٽرمپ، 1835ع

(3) A Grammer_ Vocabulary of Sindhi Language مسٽر واٿن، 1836ع

(4) Vocabulary of Sindhi Language مسٽر ايسٽ وِڪ، 1843ع.

(5) Vocabularies of seven languages spoken in Countries, West of Indus مسٽر ليچ، 1843ع

(6) A Dictionary of English_Sindhi ڪئپٽن اسٽئڪ، 1849ع.

(7) A Grammer of Sindhi Language ڪئپٽن اسٽئڪ، 1849ع.

1853ع ۾ سنڌي لپي جڙڻ کان پوءِ ڊڪشنريون، گرامر ۽ پهاڪن جا ڪتاب شايع ٿيا. جن مان ڪي پهريان ڪتاب ديوناگريءَ ۾ ۽ ڪي انگريزيءَ ۾ ۽ باقي عربي سنڌي لپيءَ ۾ هئا. مکيه ڪتاب هن ريت آهن.

- نئيو سنڌي وياڪرڻ، منشي اُڌارام ٿانورداس، 1854ع.
- Vocabulary of Sindhi Agricultural Terms, Herbs and Drugs مسٽر ايٿر نگٽن، لپزگ، 1855ع.
- "سنڌي پاٺاولي" (ديوناگري_ عربي) ڊا. ارنسٽ ٽرمپ، 1858ع.
- "اکر ڌاتو" (سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد ريورنڊ، جارج شرٽ).
- "جواهر لغات"، (نج سنڌي اکرن جون فارسيءَ ۾ معنائون) آخوند عبدالرحيم، 1871ع.
- "وئتپتي ڪوش" (سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد) جهمٽمل نارومل، 1886ع.
- "سنڌي پهاڪا" ڪوڙومل چندن مل، 1888ع.

- "گل شڪر"، ڪيولرام سلامتراءِ، 1905ع.
- سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ورجيسون، گھنشامداس، رامنداس.
- Philological Curiosities مرزا قليچ بيگ، 1911ع.
- (زبان دانيءَ جا عجيب مثال)
- "ٻهاڪن جي حڪمت" (دنيا ڀر جي ملڪن جون ڪهاوتون) مرزا قليچ بيگ، 1925ع.

'ٻابنامو' (ٻاراڻو ڏرمي ڪتاب)، پهريون- چوٿون درسي ڪتاب. 'چٽ ٻي پاڙ' (ڊرائنگ سيکارڻ)، 'ڌرتي نروار' (دنيا جي جاگرافي)، 'ليکي جي پيڙه' (انگي حساب)، 'جبرو مقابل' (آلجبرا)، آڪاسي نروار' (علم هيئت اسٽرانامي)، 'سنساري نروار' (سرشتي (ڪائنات) اڀياس)، 'تاريخ هندستان'، 'انڊين پينل ڪوڊ'، 'اصول علم طبي' (يوناني طب)، 'علم منطق' (لاجڪ)، 'علم معاشري (پوليٽڪل اِڪانامي)، 'ادب و مروت' (اخلاق ۽ ادب)، جاميٽري، 'سنڌ جي تاريخ' (تصويرن سان) وغيره.

انهن شايع ٿيل ڪتابن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته انگريزن سنڌي ٻوليءَ تي ڪتاب جوڙڻ شروع ڪيا ۽ هنن سنڌي ٻوليءَ جي خاص خدمت ڪئي. بعد ۾ سنڌين پڻ سنڌي ڪتاب رچڻ شروع ڪيا. هنن سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس طرف ڌيان ڏنو ۽ اُن کي سهيڙڻ جو ڪم ٻه ڪيو. انگريزن جي حڪومت ۾ هر صنف ۽ هر موضوع تي سنڌيءَ ۾ ڪتاب تيار ٿيا ۽ شايع ٿيا. جيڪي اسڪولن، ڪاليجن ۾ پاڙهيا ويندا هئا.

هتي هڪ ڳالهه اِها ٻه واضح ٿي ته آئيويتا نهڻ ڪان پوءِ سنڌيءَ ۾ صرف ڪهاڻيون، قصا، ڪوتائون رچڻ کي هٿي ڪونه ملي، پر عالمن جو علم لسانيات يعني ٻوليءَ جي اندروني بناوت، گرامر جي اصولن، آوازن، لفظن جي ذخيري، اُنهن جي معنائن ۽ استعمال، لکڻ جي اصول، صورتخطي وغيره ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪيو. ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌي ٻوليءَ تي هن سلسلي جو ڪم اُڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ کان شروع ٿيو ۽

جڏهن انگريز حاڪمن سنڌي سڪڻ جي اهميت خود محسوس ڪئي ته، لغتن ۽ گرامر جا ڪتاب جيئن ته ٽرمپ جو سنڌي گرامر ۽ گريئرسن جو سنڌي ٻوليءَ بابت ڪتاب جڙيو. ان بعد سنڌيءَ تي ٿيندڙ ڪمن تي اُنهن ٻنهي اهم مطالعن جو ڀرپور اثر رهيو آهي. لسانيات کان سماجي لسانيات تائين ڪافي ڪم ٿيو آهي. نه صرف ايترو پر تقابلي لسانيات، تاريخي لسانيات، جاگرافيائي لسانيات، محاوره شناسي، جاگرافيائي محاورا، لاڳاپي ۾ ايندڙ محاورا، لاڳاپي ۾ ايندڙ ٻوليون، ٻوليءَ جي رٿابندي، ٻوليءَ ۾ فرق ۽ تبديلي، ٻوليءَ جو واهپو حاصلات، ٻوليءَ جي حيثيت، گهرجن مطابق ٻوليءَ جو گهاڙيٽو وغيره بابت کوج ۽ ڪم ٿيو آهي. ٻوليءَ جي اهڙي سائنس کي سمجهڻ لاءِ مختلف دورن جو مطالعو ڪري مختلف سرشتن کي تاريخي حوالي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جنهن کي تاريخي لسانيات سڏيو ويو. هتي اِهو چوڻ واجب ٿيندو ته صرف ڪنهن ٻوليءَ جي تاريخي اوسر، ترقي يا اسڪرپٽ جي مختلف مرحلن جو بيان ڪرڻ ئي تاريخي لسانيات نه آهي، پر ٻوليءَ جي مختلف علمن ۽ سرشتن جي تاريخي دؤر وار Diachronic اڀياس ئي 'تاريخي لسانيات' سڏجي ٿو.

انگريزي حڪومت جي دؤران ساهتيہ جي جدا جدا شاخن ۾ پڻ ڪافي اضافو ٿيو. سنڌي ساهتيہ جي مدنظر برٽش دؤر کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ 1843-1907ع ۽ ٻيو 1907-1947ع.

1843-1907ع وارو عرصو نثر ۾ ترجمي ۽ تجربي وارو دور هو. پر ڪويتا ۾ اِهو دور ديوان، مثنوي ۽ رباعين جو هو. هن دور جي مکيہ شاخ آهي غزل. هتي اِهو بہ نظر ٿو اچي تہ آئيوٽا ٺهڻ سان جيڪي سنڌي پارسي ٻوليءَ ۾ اُتپنانگ ڪوتائون رچيندا هئا، اُهي هينئر اچڻ بند ٿيون. هنن مڪمل ڏيان سنڌي ڪويتا رچڻ طرف لڳايو. هنن سنڌيءَ ۾ علم عروض، ڇند وديا تي آڌارت ڪويتا جدا جدا روپن غزل، مثنوي، رباعي جوڙڻ طرف رکيو. هن عرصي ۾ بيتن، دوهن، رسالن بدران ديوان رچڻ جي ڀرمار ٿي. هن دور ۾

پارسي غزل جو گهڻو- ٿو نقل ڪيو ويو. شمع، پروانا، ساقي، شراب، گلاب، بلبل، ڪستوري، بسنت، بهار، زلف، ليليٰ مجنون، شيرين فرهاد وغيره کي گهڻي اهميت ڏني ويئي. ٻولي سنڌي هئي، پر پارسي وزن بحر، موضوع ۽ ڪويتا روپ قائم رهيا. ان ئي عرصي ۾ مرزا قليچ بيگ، عمر خيام جي رباعين جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو. هن ئي دؤر ۾ اسڪولي درسي ڪتابن ۾ ڪتاتمڪ ڪوتائون شامل ڪيون ويون. جيڪي شاگردن، اُستادن ۽ عام پانڪن کي ڪافي وڻيون ۽ لوڪپريہ بڻيون. هن ئي وقت ۾ صوفي پرمپرا ۽ ساميءَ جي شلوڪن جي ڍنگ تي پڻ ڪوتائون جوڙيون ويون. مارئي، سسئي، هير کي ڪٿي ڪجهہ ڪافيون بہ رچيون ويون. هن سمي ۾ شاهہ، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، سانگي وغيره ڪوين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا.

1947-1907ع واري دؤر ۾ ادب جون سرگرميون نظم بدران نثر طرف وڌيڪ مڙيون. ماڻهن جو ڌيان راڄنيتي ۽ سماج سڌار طرف ٿيڻ لڳو. هيءَ وقت نئين سجاڳيءَ ۽ قومي سجاڳيءَ جو دور هو. هن دؤر ۾ سنڌي مسلمان گهڻو ڪري راڄنيتيءَ (سياست) ۾ مشغول رهيا. پر هندو سوتنترتا سٽنانئي (آزاديءَ جي هلچل جا حامي) بڻجي ويا. اِن ڪري هن دؤر ۾ ديوان يا رسالا لکڻ جو وقت ڪنهن وٽ ڪونہ هو. پر غزل، مثنوي لکڻ جاري رهيو. 'عزيز' اُن جو ماهر شاعر هو. هن دور جي هندن جون ڪوتائون ڪافي اثردار ۽ ڪلاتمڪ رهيون.

هن دؤر ۾ موضوع ۽ روپ جي لحاظ کان سنڌي ڪوتا ۾ هڪ بدلاءُ آيو. بيوس، سنڌيءَ ۾ هڪ نئين ڪاويہ (شعري) ڌارا کي جنم ڏنو. بيوس قومپرست هو. هو سنڌيءَ جو پهريون ڪوي هو. جنهن قومي گيت رچيا. هن پريم ۽ سندرتا تي انيڪ ڪويتائون رچيون. بيوس، سنڌي ساهتيہ جي خاص شيوا ڪئي. هن نوجوان ڪوين کي پريرڻا ڏني. دادا دکايل ۽ دادا دلگير، بيوس جا ئي شاگرد آهن. دادا دکايل تہ قومي شاعر جو خطاب بہ

حاصل ڪري چڪو آهي. هن دؤر ۾ عوامي سجاڳيءَ سان ڀرپور گيتن رچڻ ڪي وڌيڪ اڳرائي ملي. جن ديش جي آزادي جي تحريڪ ۾ هڪ اهميت ڀريو پارٽ ادا ڪيو.

جيستائين نثر جو واسطو آهي، ان لاءِ حقيقت اِها آهي تہ سنڌي نثر جو شروعاتي ڪم ڪنڌڙ يورپين ئي هئا. جن لغت ۽ گرامر جوڙڻ جو ڪم ڪيو. يورپين عالمن کان پوءِ سنڌي ودوانن پڻ ان طرف رُخ رکيو ۽ نثر ۾ ڪتاب جوڙڻ ۽ شايع ٿيڻ کي اڳرائي ملي. شروعاتي دؤر ۾ ترجمن تي زور رهيو. بعد ۾ اصلي تخليقي ساهتيہ رچڻ کي اڳرائي ملي. شروعاتي ترجمن جو واسطو صرف درسي ڪتابن تائين محدود رهيو پر بعد ۾ غير درسي ڪتا ساهتيہ جو پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو شروع ٿيو. جن ۾ ناٽڪ بہ شامل آهن. ترجمي جو ڪم گهڻي ڀاڱي انگريزي، پارسي، هندي، گجراتي ۽ اُردو کان ٿيو. هن دؤر ۾ سنڌ ۾ اخبارون ۽ رسالا پڻ شايع ٿيڻ شروع ٿي چڪا هئا. پر اُن جي رفتار ڪجهہ ڍلي هئي. هنن اخبارن ۽ رسالن ۾ ساهتيہ بہ شايع ڪيو ويندو هو. سنڌي تعليم جي وڪاس، نثر ۽ خاص طور ناٽڪ جي وڪاس لاءِ اهم پارٽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ادا ڪيو. سنڌ جي پهرين ناٽڪ منڊلي بہ 'ڊي جي سنڌ ڊرئمٽيڪ سوسائٽي' 1894ع ۾ برپا ٿي. سنڌي نثر جا چار ٿنڀا آهن. مرزا قليچ بيگہ، ديارام گدومل، ڪوڙومل چندن مل ۽ پرمانند ميوارام. جن سنڌيءَ جي هر لحاظ کان خوب شيوا ڪئي ۽ هر صنف کي مالامال ڪيو. ان طرح برٽش دؤر واري ساهتيہ جو 'قليچ بيگ' دور ڪري سڏيو ويجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ قليچ بيگ صاحب سيني شاخن تي قلم آزمائي ڪئي ۽ خوب ساهتيہ سرجيو ۽ ترجما بہ ڪيا. ديارام گدومل برٽش دور جو سيني کان وڌيڪ سگهارو ودوان ۽ بي غرض لوڪ سيوڪ ٿي رهيو آهي. 1947_ 1907ع وارو دؤر نثر ۽ ناٽڪ جي وڪاس لاءِ تيزيءَ وارو رهيو. سوين مترجم ۽ اصلوڪا ليکڪ هئا. سنڌي جيون ۽ سنسڪرتيءَ سان ڀرپور انيڪ رچنائون ۽ ناٽڪ لکيا، رچيا ۽ کيڏيا ويا.

هن دؤر جا مهان اديب آهن: چيتمل پرسرام، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، لالچند امرڏنومل وغيره. 1925ع ۾ دادا شيوڪ ڀوڄراج "ٻالڪن جي ٻاري" قائم ڪئي. اِها اڪل ڀارت جي ٻارن جي تنظيم جي روپ ۾ پکڙجي وئي. "ٻالڪن جي ٻاري" سنڌي لفظ يا لفظن جو مجموعو آهي. جيڪو سيني ڀارتي ڀاشائن ۾ قبول پئجي چڪو آهي. برٽش دور ۾ ٻارن جي ساهتيہ طرف پڻ جوڳو ڌيان ڏنو ويو. سکيا ۽ تفريح سان ڀرپور ٻاراڻي ساهت جي رچنا ٿي. 1932ع ۾ ٻولچند راجپال 'سنڌو' رسالي جي شروعات ڪئي. جنهن سنڌي ليکن کي هڪ وشال منچ ڏنو. سنڌي جيون ۽ ساهتيہ سان سنواريل هن قسم جي مخزن ٻي نہ نڪتي. فلم ۽ ناٽڪن جي ڏس ۾ ڪي. ايس درياڻي اهميت ڀريو پارٽ ادا ڪيو. هن جو ساٿي هو پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي هو. ملڪاڻي صاحب جي ناٽڪي پريم، سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ کي هڪ نئين ڏسا ڏني.

حاصل مطلب تہ برٽش دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مضبوط پيڙهہ ٻڌي، اُن تي هڪ خوبصورت عمارت اڏڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن دؤر ۾ ٻوليءَ جي سائنس کي سمجهڻ لاءِ مختلف دؤرن جو مطالعو ڪري مختلف سرشتن کي تاريخي حوالن سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. هن دؤر ۾ هڪ ٻوليءَ جي خاصيتن کي ٻي ٻوليءَ جي ساڳين خاصيتن سان يا وري ساڳي ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۽ آراڏين (Varities) جي مختلف خاصيتن کي هڪ ٻئي سان ڀيٽي فرق معلوم ڪيا ويا. هڪ ٻوليءَ يا آراڏائي جي هيئت (Form) کي ڪٿي ٻي لاڳاپيل ٻوليءَ جي هيئت سان ڀيٽي اڀياس ڪري سندن تاريخي لاڳاپن بابت پڻ نتيجا ڪڍيا ويا. هن ئي عرصي ۾ ٻولين جا خاندان، خانداني وابستگيون ۽ رشتا بہ قائم ڪيا ويا ۽ سنڌيءَ جي بڻ بنياد جي کوج ڪئي ويئي.

برٽش دور سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي وڪاس ۾ هر لحاظ کان سونهري دور رهيو آهي، جنهن ۾ ادب جي هر صنف ڪنڌ ڀاسي کان اڀياس ڪيو ويو.

## مددي ڪتاب:

1_ "سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس": لال سنگهہ هزاري سنگهہ اجواڻي، 1992ع.
2_ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ": ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، 1991ع.
3_ "سنڌي نثر جي تاريخ": منگهارام ملڪاڻي، 1968ع.
4_ "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي": ڊاڪٽر غلام علي الانا، 1995ع.
5_ "ڪينجهر_5"، سنڌ يونيورسٽي، 1993ع.
6_ "ڪينجهر_6"، سنڌ يونيورسٽي، 25_1996ع.

(سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال: ترتيب، ڊاڪٽر منوهر متلاڻي،تان ورتل، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف ممبئي، ممبئي).

ڊاڪٽر فهميده حسين

# سنڌي گرامر جا مسئلا

اها حقيقت آهي تہ ڪنهن بہ خطي ۾ ٻولي صدين جي صفر ۾ گهڻائي لفظ اصلاح ۽ ڪي بناوٽون حاصل يا ترڪ ڪي ٿي، پر ان جي سٽاءَ ۽ ساخت ۾ اوستائين ڪا وڏي تبديلي نہ ٿي اچي، جيستائين ماڻهو اها اصلوڪي ٻولي ڳالهائڻ ڇڏي، مڪمل ڪا ٻي ٻولي نہ اختيار ڪري وٺن. سنڌي ٻوليءَ سان بہ ائين ئي ٿيو آهي جو اها ڪيترين ئي ٻولين سان لهہ وچڙ ۾ آئي، انهن ڪان ڪيترائي لفظ اُڌارا ورتائين، ڪيترا لفظ متروڪ ٿي ويا، پر سندس بنيادي ساخت ۽ سٽاءَ، جوڙجڪ ۽ بناوٽ ۾ ڪا وڏي تبديلي ڪانہ آئي.

ٻولين جي انهيءَ بنيادي ساخت ۾ جيڪي اصول ڪارفرما هوندا آهن، انهن کي بيان ڪرڻ جي علم کي گرامر / وياڪرڻ چيو ويندو آهي، انهن کي عربيءَ ۾ صرف ۽ نحو بہ چيو ويندو آهي. ڇوتہ ان ۾ لفظن ۽ جملن جي بناوٽن جي باري ۾ اصول بيان ٿيندا آهن. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هر ڪا ٻولي پهرين وجود ۾ آئي ان جو گرامر ان جي اندروني جوڙجڪ (frame work) ۽ نظام (organization) جي سمجهڻ سمجهائڻ لاءِ پوءِ جوڙيو ويو.

سنڌيءَ ۾ باقاعده گرامر لکڻ جو رواج تہ انگريزن جي دور ۾ پيو (اڳ ۾ جيڪڏهن سنسڪرت، پراڪرت وغيره جا گرامر هئا تہ بہ انهن جو سنڌيءَ سان ڪو سڌو لاڳاپو ڪونہ ٿو نهي.) هن وقت تائين ڪيترائي گرامر جا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، پر اهي سڀ ٻوليءَ جي بنياد بابت ڪنهن نہ ڪنهن نظريي ۾ يقين رکي لکيا ويا، ان ڪري خود سنڌي ٻوليءَ کي سندس اصلوڪي صورت موجب پرکي، لسانيات جي اصولن مطابق ڪو گرامر ڪونہ جوڙيو ويو. ويهين صديءَ ۾ تشريحي (Descriptive) ۽ جوڙجڪ وارا (Structural) گرامر لکڻ جو رواج پيو ۽ اهي Transformational, Practical

۽ Generative پهلوئن کان لکيا ويا. جيڪي ٻوليءَ جي تعميري ۽ تخليقي سگهہ کي بيان ڪن ٿا ۽ ان ۾ واڌارو آڻين ٿا، پر سنڌيءَ ۾ ائين ٿي نہ سگهيو آهي. هن مقالي ۾ سنڌي گرامر جي ارتقا ۾ ان جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڪيترائي نظريا موجود آهن. جن کي دهرائڻ کان سواءِ ٿلهي ليکي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ کي هڪڙا هند آريائي تہ ٻيا غير آريائي ٻولي قرار ڏين ٿا. هند آريائي ٻولي مڃڻ ناتي سنڌيءَ جو رشتو ناتو سنسڪرت سان سڌو يا اڻ سڌو ڳنڍيو وڃي ٿو ۽ غير آريائي حوالي سان هڪڙا ان کي دراوڙي دفعي جي تہ ٻيا نج ديسي اصلوڪي ٻولي قرار ڏين ٿا ۽ ٿيان وري ان کي سامي (Semetic) گروهہ سان لاڳاپين ٿا. اهڙي قسم جا نظريا ان ڪري بہ وجود رکن ٿا جو انهن عالمن کي انهن ٻولين سان ڪانہ ڪا هڪجهڙائي سنڌيءَ ۾ نظر آئي. اها ڪجهڙائي ساڳئي خطي ۾ رهڻ ۽ هڪ ٻئي سان واهپي سبب بہ ٿي سگهي ٿي. ان قسم جي هڪ ٻئي کان ڌار نظريا رکندڙ عالمن جڏهن سنڌي گرامر تي ڪم ڪرڻ لاءِ قلم کنيو تہ انهن ان کي پنهنجي نظريي جي روشنيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي... آءٌ انهن جي نيڪ نيتيءَ يا خلوص تي ڪو شڪ ڪرڻ گناهہ ٿو سمجهان. ڇاڪاڻ جو انهن جو ڪم علمي هو ۽ سندن اڳيان جيڪي مثال هئا، انهن کي سامهون رکي انهن ڪم ڪيو.

سنڌيءَ جي هند آريائي هئڻ واري نظريي ۾ يقين رکڻ وارن جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ٺاهڻ جو ارادو ڪيو تہ شعوري يا غير شعوري طور انهن سنسڪرت- پراڪرت- اپڀرنش- وراچڊ اپڀرنش واري ارتقائي سفر کي سامهون رکي، سنڌيءَ جي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ کي انهيءَ حوالي سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنسڪرت پراڪرت جي وياڪرڻين جي ڏنل اصولن موجب ان کي نهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهن مان ڪن کي سنڌي ٻوليءَ جي بناوٽ کي انهن اصولن تي نهڪائڻ (يا فٽ ڪرڻ) ۾ ڏکيائي پيش آئي تہ انهن ان کي ڪنهن

اصلوڪي ديسي (aboriginal) ٻوليءَ جو اثر ڇڏي نظرانداز ڪيو ته ڪٿي ڪٿي انهيءَ لاءِ جواز به گهڙيا... سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي باقاعدگيءَ سان ڪم جي شروعات انگريزن جي دور ۾ ٿي، جنهن جو تفصيل سان ذڪر اڳتي ڪندس....

انگريزن جي ئي دور ۾ سنڌيءَ جي موجوده صورتخطي ٺهي، ان کان پوءِ جيڪي گرامر جوڙيا ويا اهي يا ته عربي "صرف و نحو" جي اصولن کي سامهون رکي جوڙيا ويا يا وري انگريزي گرامر کي معيار بڻايو ويو. نتيجي ۾ جيڪي ڳالهيون انهن ٻن ٻولين سان ٺهڪ نٿي آيون، انهن کي ٻوليءَ جون نه سمجهه ۾ اچڻ جهڙيون خاصيتون يا شاعرائيون خوبيون ڇڏي نظرانداز ڪيو ويو يا غيراهم بنايو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اردو ٻوليءَ جو واهپو وڌڻ جي ڪري هاڻي "اردو قواعد" جي معيار مطابق ڪي گرامر جوڙڻ جي ڪوشش پڻ ٿي آهي، خاص ڪري اردودان طبقي کي سنڌي سيکارڻ لاءِ اهڙا گرامر ٺاهيا ويا آهن.

بقول ڊاڪٽر الانا جي هن وقت تائين سنڌي وياڪرڻ جي موضوع تي گهڻو ڪري ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سر گيرئرسن جي جڳ مشهور ڪتابن جو ترجمو ئي پيش ٿيو آهي... جيڪڏهن سنڌي وياڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه اضافو ٿيو آهي ته اهو وري عربي ۽ فارسي وياڪرڻ جو چربو آهي. (مهاڳ: گريئرسن: ترجمو فهميده)

ان سموري عمل ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي انفرادي خصوصيتن کي اجاگر ڪرڻ جي ايتري ڪوشش ڪانه ڪئي وئي، جيتري ڪرڻ گهربي هئي. هتي آءٌ مختصر طور تي سنڌيءَ ۾ گرامر لکڻ جي تاريخ کي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌيءَ جون اهي ڳالهيون نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس، جيڪي هن ٻوليءَ جي پنهنجي خصوصيت آهن جن ۾ ئي هن جي سونهن لڪل آهي. ڪئي صدين کان مختلف حملہ آورن، نقل مڪاني ڪري ايندڙن جي ٻولين، ڌرمن ۽ مذهبن جي اثر سببان سوين بلڪ هزارين لفظ شامل ٿي وڃڻ جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ پنهنجي اها انفراديت

قائم رکي آهي، جيڪا ان جي گرامر کي صحيح رُخ ۾ سمجهڻ سان سمجهي سگهبي.

سنڌي ٻوليءَ جو پهريون گرامر جو ڪتاب، جنهن جو ذڪر اسان کي مختلف حوالن ۾ ملي ٿو سو هو Wathen's Grammar جنهن کي اڳيان رکي ڪيپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجو ڪتاب جوڙيو Grammar of Sindhi Language هن جو اهو ڪتاب 1849ع ۾ ڇپيو ۽ اهو ديوناگري لپيءَ ۾ هو جڏهن ايجا سنڌيءَ جي موجوده صورتخطي ڪانه ٺهي هئي. انهيءَ گرامر تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي تفصيل سان لکي چڪو آهي. (آءٌ ڪوشش جي باوجود اهو هٿ ڪري ڪانه سگهيس[*]) پوءِ 1853ع ۾ موجوده صورتخطي ٺهڻ کان پوءِ انهيءَ صورتخطيءَ ۾ 1872ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجو گرامر[•] جوڙيو جنهن جو نالو آهي:

1ـ A Grammar of Sindhi Language

هن ڪتاب جي شروع ۾ تعارف واري ڀاڱي ۾ ٽرمپ سنڌيءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان لاڳاپو بحث هيٺ آندو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هن سنڌيءَ جو گرامر لکڻ مهل انهن ٻولين جي گرامر کي ضرور معيار بڻايو آهي. هو اها دعويٰ تہ ڪري ويٺو تہ:

The Sindhi is pure Sanskritical language, more free from foreign elements than any other of the North Indian vernaculars, (Introduction, page7)

يعني سنڌي خالص سنسڪرتي ٻولي آهي، جيڪا اتر هندستان جي ٻين ديسي ٻولين جي ڀيٽ ۾ ٻاهرئين عنصر کان آزاد آهي.

پر هو ان ۾ موجود ڪيترن نمونن تي حيران ضرور هو لکيائين:

The Sindhi is by no means an easy language, it is on the contrary beset with more intricacies and difficulties than any of its

---

[*] خوشقسمتيءَ سان هاڻي اهو گرامر ملي ويو آهي، جنهن کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2011ع ۾ ڇپايو پيو وڃي. (ف.ح)

[•] ٽرمپ جو گرامر پڻ ترجمو ڪرائي اٿارٽيءَ پاران 2011 ۾ شايع ڪرايو ويو.

Prakrit sisters... for Sindhi has preserved a great many forms for which we look in vain in the cognate idioms. (Introduction, Page2)

يعني سنڌي ڪنهن به ريت سولي ٻولي ڪانهي، بلڪ ان ۾ ڪيترين پيچيدگين ۽ ڏکيائون آهن، جيڪي سندس ٻين پراڪرت ڀينرن ۾ ڪونہ آهن. ڇوتہ سنڌيءَ ڪيترين اهڙيون صورتون قائم رکيون آهن، جيڪي ٻين ڄاتل ٻولين ۾ نہ ٿيون ملن.

هن کي ان ٻوليءَ جي وياڪرڻي بناوٽ جي سونهن جو اعتراف ڪرڻو پيو.

The Sindhi has preserved most important fragments of it and created for itself a grammatical structure which surpasses in beauty of execution and internal harmony. (int.pg.3)

ترجمو: سنڌيءَ ڪيترين تمام اهم خاصيتون سنڀالي رکيون آهن، جن سندس اهڙي وياڪرڻ سٽاءَ کي قائم رکيو ويو آهي، جيڪو پنهنجي اندروني آهنگ ۽ استعمال ۾ اعليٰ سونهن رکي ٿو.

ٽرمپ پراڪرت جي وياڪرڻي ڪرمديشو جي اپيرنش جي حوالي سان ڀاهيل گرامر جا اصول سنڌيءَ سان لاڳو ڪري، ان کي هڪ منفرد ٻولي قرار ڏنو. ٻوليءَ جي انهيءَ انفراديت ۽ اچارن ۾ ٻين آريائي ٻولين کان فرق لاءِ هن انهيءَ پراڻي ٻوليءَ کي ذميوار ٺهرايو جيڪا سندس لفظن ۾ aboriginal (اصلوڪي) هئي. جنهن جو نہ ڪو نالو نڪو ڪو تفصيل ملي ٿو. انهيءَ کي هو آرين جي اچڻ کان اڳ جي ٻولي ڪوٺي ٿو. سندس خيال هو تہ پراڻن پراڪرت وياڪرڻين ان کي غير آريائي لفظن مان residuum (بچيل) سڏيو هو جن مان خاص طور حالتن وارين پڇاڙين (case_ terminations) جي سنسڪرت جي وياڪرڻ جي اصولن سان پيٺ ڪيائين.

هو لکي ٿو تہ "حالت مفعولي سببي (accusative) کي سنڌيءَ واحد ۽ جمع ۾ بنهہ ختم ڪري ڇڏيو آهي. خصوصاً اپنيرنش واري مرحلي تي. (ص 112)

ترمپ جي انهيءَ ڳالهه مان صاف ظاهر آهي ته هو سنڌيءَ کي اپڀرنش جي ارتقائي صورت مڃيندي ان جي اصولن تي پرک ڪري رهيو هو."

"We shall now first investigate the remnants of the ancient case_terminations. In the arrangement of the cases we shall follow the common order, which has been instituted by the old Sanskrit grammarians, in order to facilitate the internal comparison. (pg.42)

ترجمو: اسين هاڻي قديم حالت وارين پڇاڙين بابت کوجنا ڪنداسين. حالتن جي ترتيب ۾ اسين اهوئي رستو وٺنداسين جيڪو پراڻن سنسڪرت جي وياڪرڻين ورتو هو ته جيئن پيٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي.

مثال طور هو سنڌيءَ ۾ حالت جريءَ جي هڪ قسم ablative case جو بيان ڪري ٿو جنهن ۾ اسم ۾ "آن" پڇاڙي گڏي ويندي آهي. مثلاً واحد "گهران" "دران"، "مروان" ۽ جمع ۾ "گهرنئان"، "مرنئان" وغيره... هو ان case) affix) پڇاڙيءَ جي اصل اسم سان گڏجڻ کي پالي پراڪرت سان ٿو ڀيٽي: لکي ٿو:

This case_termination corresponds exactly to the Pali Prakrit Ablative case_termination a by elision of final thin Sanskrit ablative 't', in Sindhi the Final long vowel has been nasalized. (pg.117)

معني: اها حالت واري پڇاڙي پالي پراڪرت جي اهڙي حالت جريءَ واري پڇاڙي "آ" سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪا سنسڪرت جي اهڙي پڇاڙيءَ ۾ "ت" کي حذف ڪري ٺهيل آهي. سنڌيءَ آخري ڊگهي سر (يا حرف علت) کي گهڻو ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻي ڏسو ته اصل سنسڪرت ۾ پڇاڙيءَ ۾ "ت" هئڻ جي ڳالهه ته ڪي جيڪا غائب ٿي وئي، وري پالي پراڪرت ۾ اها "آ" جي صورت ۾ ملي ٿي، ان مان سنڌيءَ جي لفظن جي پڇاڙي "آن" کي نڪتل ڏيکارڻ لاءِ چوي ٿو ته سنڌيءَ ان پالي پراڪرت واري "آ" کي ڊگهو گهڻو آواز بنائي "آن" ڪيو.

هلو اها ڳالهه هڪ طرف رکوا هو وري اچي ٿو سنڌيءَ جي اترادي لهجي تي جنهن ۾ اها نشاني "آون" آهي ان کي بہ ساڳئي بڻ بنياد مان ثابت ڪرڻ لاءِ چوي ٿو تہ پراڪرت ۾ آخر ۾ "ڌو" هو جنهن مان "د" حذف ٿي وئي. باقي بچيو "آو" جنهن کي اترادي سنڌين نڪ مان ادا ڪري "آون" ڪيو- جيئن "گهرئون"، "درئون" وغيره ۾ آهي... اهو ٿيو زوريءَ ڇڪي وڃي ملائڻ! ۽ اهو ڳچ وقت کان ٿيندو پيو اچي (مثال لاءِ ڏسو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پاران شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل معنائون جتي هرهڪ لفظ کي زوريءَ ڇڪي سنسڪرت مان ڪڍيو ويو آهي).

اهي تہ اسمن جون صورتون آهن. جيڪي ڪنهن حالت ۾ قيرو ڪائين ٿيون، پر سنڌيءَ ۾ تہ اهڙا حرف جَرَ (Postpositions) بہ آهن، جن ۾ اها "آن" (يا اترادي "آون") نشاني اچي ٿي. مثلاً: مان، کان، تان وغيره (مٿون، ڪٿون، تٿون)، هو سنڌيءَ جي انهن حروف جر جهڙا متبادل آريائي ٻولين ۾ خاص ڪري سنسڪرت- هنديءَ ۾ نہ ٿو ڏسي تہ بہ انهن جي باري ۾ ڪجهہ نہ ٿو چوي... اتي وري انگريزي گرامر کان مدد ٿو وٺي. لفظ جي اهڙي حالت جري جنهن ۾ اهڙو ڪو حرف جر اچي ان کي هو ablative case ٿو سڏي ۽ کان مان ۽ تان جي استعمال کي انهيءَ حالت ۾ ٿو ڳڻي، جڏهن تہ "سان" جي بي جان شين سان استعمال کي instrumental case ٿو چوي...

اهي "آن" وارا حرف جر خاص سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت طور مڃڻ گهرجن. ڊاڪٽر جارج شرت اهڙن "آن" وارن لفظن کي دراوڙي ٻوليءَ جي خصوصيت قرار ڏنو هو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ۾ حوالو ڏئي بحث ڪيو آهي تہ:

"ٻن لفظن "کان" ۽ "آن" مان شرت ٻڌائڻ چاهي ٿو تہ "آن" سنڌ ۾ اڳ موجود هئي، مگر اها دراوڙي ٻولين جي هئي. ڇاڪاڻ تہ اجا بروهڪي ٻوليءَ ۾ موجود آهي." (ص 10) ڊاڪٽر بلوچ ان ڳالهہ کي رد ڪري ٿو. منهنجو خاص آهي تہ ان کي ڪنهن بہ ٻي ٻوليءَ جي خصوصيت چوڻ بدران خالص سنڌي خصوصيت قرار ڏئي گرامرن ۾ ان کي داخل ڪرڻ گهرجي.

ماهرن آريائي ٻولين ۾ حالت اضافت کي هالت جريءَ ۾ ڳڻيو ته اسان جي گرامر جي ماهرن بہ اها ڳالهہ سنڌيءَ لاءِ قبول ڪندي سنڌيءَ جون حالتون گهٽائي ڇڏيون (اها ڳالهہ ڀيرومل پڻ پنهنجي ڪتاب "وڏو سنڌي وياڪرڻ" ۾ ڪئي آهي، جنهن تي اڳيان هلي بحث ڪنداسين).

ٽرمپ کي سنڌيءَ جو حرف اضافت "جو" ڪنهن بہ ريت سنسڪرت پراڪرت يا ٻين آريائي ٻولين سان نهڪندڙ ڪونہ لڳو تہ هن اجهو هيئن وضاحت ڪئي:

"پالي پراڪرت ۾ سيہ" ۽ "سس" هو پوءِ اهو ٿيو عام "ڪو" (سنسڪرت "ڪ" وري اڳتي لکي ٿو:

"With transition of the tenuis c=k, in totha media (j)." (Trumpp: pg 119)

مطلب تہ بدلجڻ واري عمل ۾ ٻيصوت "ٽ" جو آواز "ڪ" جي برابر ٿيو ۽ پوءِ چونڊ وسيلي "ج"!

اهڙيءَ ريت "جو" کي زوريءَ سنسڪرت جي "ڪو" مان تہ ڪڍيائين، پر ان جي ڀيري ۾ هڪ هنڌ سنسڪرت جي ڏيءَ هنديءَ کان مختلف واٽ کي بيان ڪونہ ڪيائين.

سنڌي مذڪر واحد حرف اضافت "جو" جمع ۾ "جا" ٿيو ۽ مؤنث واحد "جي" جمع ۾ "جيون" ٿيو پر هندي (۽ اردوءَ) ۾ "جيون" جو متبادل "ڪيان" نہ پر "ڪي" ئي رهيو. (مثال "ڪاري ٻلي"- "اس ڪي ڪالي ٻلي" "هن جي ڪاري ٻلي" اس ڪي ڪالي ٻلي" ٿيندو پر "ڪاريون ٻليون" بہ هن جون ڪاريون ٻليون- اس ڪي ڪالي ٻليان "ڪالي ٻليان" ٿيندو). اهي اضافتون جن لفظن سان لڳن ٿيون اهي اسم هجن يا ضمير هي انهن جي ڀيري سان نهڪي ٿيون اچن. سنڌيءَ جي ان اصلوڪي خاصيت جو بہ گرامر ۾ ذڪر هئڻ گهرجي.

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| سنڌي | هندي | سنڌي | هندي |
| جو | = ڪا | جا | = ڪي |
| جي | = ڪي | جيون | = ڪِي |

اها ته ٿي عام ڳالهه جيڪا ڏسڻ ۾ ٿي اچي، پر سنڌيءَ ۾ حالت اضافت جا ڪيترا مثال اهڙا ملندا، جن ۾ حرف اضافت ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي (حالت جريءَ جا پيا به ڪيترا مثال اهڙا ملندا، جن ۾ حرف جر ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي). انهن جو ذڪر ٽرمپ ڪري ضرور ٿو پر انهيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت طور سمجهڻ بدران صرف شاعريءَ ۾ استعمال سمجهي ٿو. مثال طور شاهه لطيف جون هي بناوٽون ٿو ڪڍي:

| | | |
|---|---|---|
| واحد: | مون ورتو تون هي تون<br>تو اوڏا مون ڏور<br>ڏکيءَ ڏک مَر ڏيج | (مون= منهنجو)<br>(تو= توکي، مون= مون کان)<br>(ڏکيءَ= ڏکيءَ کي) |
| جمع: | ليڙن لُڪَ مَر لڳ<br>اُسَ مَر لڳي اوٺئين | (ليڙن= ليڙن کي)<br>(اوٺئين= اوٺين کي) |

(ٽرمپ ص 452 ۽ 453)

ڏنو وڃي ته "مون" ۽ "تو" (يا هُن) اهڙا ضمير موصول جا مثال آهن، جيڪي فعل متعدي معروف جي فاعلي حالت ۾ زمان ماضيءَ سان استعمال ٿيڻ مهل ٻئي اکر وارو ڪم ڪن ٿا. جنهن ۾ هڪڙو حرف جر جهڙوڪر اڳئي لڪل موجود آهي. ان کي ٽرمپ Instrumental ٿو سڏي، پر اِڳتي ٻين ائين ڪونه ڪيو آهي. ان بناوٽ کي اسان جي گرامر ۾ ڪڏهن سمجهائڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ٿي آهي، نتيجي ۾ انهن جو غلط استعمال به عام آهي.

لفظ "مون" کي فعل متعديءَ سان ماضيءَ ۾ استعمال ڪبو ته هيءَ صورت ٿيندي: "مون لکيو" يا "مون چيو"... هندي ۽ اردوءَ ۾ ان جو ترجمو ڪري ڏسو ته اهو ٿيندو "مين ني لکا" يا "مين ني ڪها" (اهو صرف متعدي فعل سان ٿيندو آهي) اتي جيڪو حرف جر "ني" آهي اهو ٻين به اڪثر آريائي ٻولين ۾ موجود آهي. هاڻي ان کي گرامر جي ڪتابن ۾ نه سمجهائڻ ڪري خود سنڌيءَ جا مختلف لهجا ڳالهائڻ وارا معياري لهجو ڳالهائڻ ۽ لکڻ مهل غلط استعمال ڪندا آهن. سنڌيءَ جي معياري لهجي ۾ ضمير

متڪلم واحد "آءٌ" (جمع "اسين") آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ متعدي فعل سان "مون" ٿيو وڃي. جڏهن ته سنڌيءَ جي اترادي لهجي ۾ ضمير متڪلم "مان" آهي (جمع "اسان") جيڪو لازمي توڙي متعديءَ ۾ ساڳيو رهندو آهي. هاڻي ڇاڪاڻ جو انهيءَ فرق کي گرامر جا ڪتاب ڇٽو نٿا ڪن. انهيءَ ڪري ڪيترا ماڻهو "مون" کي "مان" جو متبادل سمجهي "آءٌ لکيو" يا "آءٌ چيو" لکي ۽ چئي ويندا آهن ۽ ان کي غلط به ڪونه سمجهيو ويندو آهي. ساڳيو فرق "اسين" ۽ "اسان" ۾ آهي، ضمير حاضر واحد "تو" ۽ "تون" جمع "توهين" ۽ "توهان" ۾ آهي. اترادي "مان" "اسان" ۽ "توهان" لازمي ۽ متعدي فعل سان ٻنهي حالتن ۾ استعمال ٿي سگهن ٿا، پر معياري وارو "آءٌ" يا "اسين" ۽ "توهين"- ٻنهي صورتن ۾ استعمال ڪونه ٿيندا "اسين چيو"، "توهين لکيو" وغيره غلط ٿيندو. وري جيڪڏهن انهن ضميرن کي لازمي فعلن سان لاڳو ڪبو ته فعل ۾ ڪانه ڪا متصل پڇاڙي (ضميري پڇاڙي) لڳائڻي پوندي:

آءٌ/ مان آيس/ آيم (س/ م)، اسين/ اسان آياسين (سين/ سون) وغيره.

اهي ڳالهيون جيڪڏهن سنڌي گرامرن ۾ آهن به ته چٽيءَ طرح سان سمجهايل ڪونهن. انهن کي اهميت سان بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي.

وري اچون ٿا ترمپ جي ڏنل مثالن تي:

پهرئين ۽ ٻئي مثال ('مون ور تون' هي تون ۽ 'تو اوڏا مون ڏور') ۾ "مون" "تو" جي 'ها ٻئي لفظ هئڻ واري خوبي ڏسي سگهجي ٿي، جنهن ۾ هتي حرف اضافت ۽ هرف جر لڪل آهن. ('منهنجو' ۽ 'توکي ۾') ٽئين مثال "ڏکيءَ ڏک مَر ڏيج" ۾ لفظ "ڏکيءَ" جي حالت مفعولي به آهي ته جري به. جنهن کي انگريزيءَ ۾ oblique چئبو آهي. ان جي استعمال کي سؤلن لفظن ۾ اٿلايون ته مطلب ٿيندو "(تون) مون ڏکيءَ کي ڏک نه ڏيج"... جملي جو لڪل فاعل آهي 'تون' ۽ مفعول آهي "مون ڏکي" جنهن ۾ "ءَ" ملائي ان جي حالت

بدلائي وئي آهي ۽ ظاهري طور حرف جر نظر نہ ٿو اچي... ساڳي ڳالهہ جمع وارن مثالن لاءِ چئي سگهجي ٿي "ليڙنِ" جي "ن" هيٺيان زير جو استعمال ۽ "اونٺين" ۾ "ٺين" پڇاڙيءَ "کي" لڪل حرف جر ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. ڇا انهيءَ قسم جي بناوٽن تي ڪنهن بہ گرامر ۾ بحث ڪيو ويو آهي؟ ٽرمپ صرف شاعريءَ ۾ اهڙو استعمال چئي ذڪر ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ اڪثر اسم، ضمير، صفت ۾ ڪنهن خاص سُر / اعراب (زير زبر پيش) وغيره جي استعمال سان حالتن ۾ تبديلي آڻبي آهي. جيئن هالت مڪاني Locative case) ۾ ٽرمپ جا ڏنل مثال آهن.

| | |
|---|---|
| وٽن ويٺا ڪانگ | (وٽن= وٽن تي) |
| ديڳين دوڳ ڪڙهن | (ديڳين= ديڳن ۾) |
| وڃان تي وٽڪارِ | (وٽڪارِ= وٽڪار ڏانهن) |
| ٻيا درَ ڏٺي ٻينِ، آيسِ تنهنجي دَرِ | (ٻينِ= ٻين کي، دِرِ= درَ تي)<br>(ص 460) |

عام ٻوليءَ ۾ پڻ چئبو آهي تہ "آءُ گهر ٿو وڃان" يا "ڪالهہ ڳوٺ ويو هئس" ان ۾ "گهر" ۽ "ڳوٺِ" لفظن جي حالت مڪاني آهي، جنهن ۾ طرف/ جاءِ ڏيکاريندڙ حرف جر لڪل آهي ۽ اسم جي حرڪت بدلائي وڃي ٿي، ان کي آريائي، غير آريائي ثابت ڪرڻ بدران خاص سنڌي خاصيتون سمجهي ان تي تفصيل سان گرامرن ۾ لکڻ جي ضرورت آهي.

ٽرمپ ڪجهہ ٻيا مثال هي ڏنا آهن:

سهٽيءَ کي سيد چوي وڏو قربَ ڪُهي- (هن ۾ "قربَ" برابر آهي "قرب سان" جي)

اسم ۾ "سان" حرف جر جي ملڻ سان جيڪا حالت ٺهي ٿي، هو ان کي instrumental case ٿو سڏي، پر ڏٺو وڃي تہ هن سٽ ۾ "قربَ" لفظ جي حالت فاعلي آهي (واڃي سؤلن لفظن ۾ هيءَ سٽ ٿيندي "قربَ سهٽيءَ کي ڪهي وڏو... سيد چوي") فعل "ڪهي وڏو" ۽ مفعول "سهٽي" اٿس، جنهن

جي هتي حالت مفعولي جري آهي، جنهن کي ٽرمپ عام جري حالت (Dative case) لکيو آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ Syntax جي سري هيٺ جڏهن ڳالهائڻ جي انن لفظن تي اچي ٿو تہ سندس اڳيان انگريزي گرامر معيار طور موجود آهي، ان ڪري سڀ کان پهرين سنڌيءَ ۾ definite article جي نہ هئڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري.. سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڇا ضروري آهي ڇا تہ جيڪو ڪنهن هڪ ٻوليءَ جي بناوٽ ۾ هجي سو ٻيءَ ۾ بہ هجي!

ان کان پوءِ ضميرن جي بيان ۾ هو سنڌيءَ ۾ ضمير غائب Third person pronoun جي جاءِ تي ضمير اشارو (demonstrative) استعمال ڪرڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري، لکي ٿو:

There is no personal pronoun of the Third person (singular and plural) in Sindhi, its place being generally supplied by the demonstrative. (pg 467)

ٽرمپ "هي" ۽ "هو" کي ضمير اشارو ٿو ڪوٺي this, that جي مفهوم ۾، پر سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي لفظ پنهنجو هڪ مڪمل ڦيرو رکن ٿا ۽ مذڪر مؤنث ۾ تبديل ٿين ٿا (هيءَ، هوءَ) زوراڻتي انداز ۾ definite طور اِهو اِها اِهي اُهي (اجهو، اجها، اجهي صورتون بنهہ نج سنڌي آهن، جن جو هڪ لفظ ۾ متبادل نڪو هنديءَ ۾ ۽ نہ انگريزيءَ ۾ ملندو) وغيره صورتن ۾ ڳالهائي سگهجن ٿا، جيڪي متعدي فعل سان حالت فاعليءَ يا مفعوليءَ ۾ "هِن"، "هُن"، "هِنن" "هُنن") توڙي جريءِ اضافتي حالتن ۾ استعمال ٿين ٿا، جڏهن تہ this, that سان اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿي ٿئي سواءِ جمع ۾ these & those ٿيڻ، جي جن جون ٻيون حالتون ساڳيون he, she, it جهڙيون آهن، ان ڪري انهن سان ڀيٽڻ ئي غلط هو....

ضمير موصول (relative pronoun) ۽ جواب موصول (co_relative) جي پڻ سنڌيءَ ۾ پنهنجي وات آهي. ان ڏس ۾ ٽرمپ شاهہ جي بيتن مان هي مثال ڏنا آهن:

سو وڻ سيئي ڪن، جو وڻ جڙي جن سين

ٿَن جنهين جي تانگهہ، سي سجڻ هليا سفر
(ص 467)

ٽرمپ ان ڏس ۾ صرف ضميرن تائين پاڻ کي محدود رکي "جو" ۽ "سو" "جنهين" ۽ "سي" جي باري ۾ لکيو آهي.

ٽرمپ اهڙين صفتن relative and co_relative adjectives جي مختصر ڳالهہ بہ ڪري ٿو پر اهڙن ظرفن (adverbs) جي ڳالهہ ڪونہ ٿو ڪري ڇا اسان وٽ ڪنهن گرامر ۾ اها ڳالهہ بيان ٿيل آهي تہ صفت ۽ ظرف جون بہ اهڙيون ئي co_relative ۽ relative صورتون آهن. جيئن ضميرن جون ٿين ٿيون. اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ ڏئي سگهجن ٿا. جيڏو- تيڏو جيترو- تيترو (صفت) يا جيڏانهن- تيڏانهن، جڏهن- تڏهن (ظرف) وغيره وغيره.

ضميري پڇاڙين Pronominal suffixes کي ضمير متصل بہ چيو ويندو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ انهن تي تفصيل سان لکيو آهي. هو اسمن ۽ حروف جر (postpositions) ۽ ظرفن (adverbs) ۽ فعل سان انهن جي لڳڻ جو بيان ڪري ٿو پر انهن جي استعمال جي اصول کي بيان نہ ٿو ڪري. ان ڪري خصوصاً فعلن جي ڦيرن ۾ انهن جي استعمال جي خبر ڪانہ ٿي پوي. مثلاً جيڪڏهن "م" ضمير متڪلم جي نشاني آهي. جيئن "لکيم" معنيٰ مون لکيو تہ پوءِ لازمي فعل سان متڪلم لاءِ "س" ڇو ٿي لڳي. جيئن "ڊوڙيس" معنيٰ آءٌ ڊوڙيس. (جڏهن تہ ڪن ٻين صورتن ۾ "س" ضمير غائب جي نشاني آهي. مثلاً "اٿس" ۾) وري انهن ٻنهي جي جمع ۾ صورت ڏسو تہ "لکيوسين" ۽ "ڊوڙياسين" ۾ ٻنهي هنڌ پڇاڙي "سين" آهي (مکيہ فعل ۾ فرق آهي "يو" ۽ "يا" جو). اها ڳالهہ معياري توڙي اترادي لهجن سان لاڳو ٿئي ٿي. اتراديءَ ۾ لازمي فعل سان بہ متڪلم لاءِ "م" جو استعمال ٿيندو آهي، جيئن "آيم"، "ڊوڙيم" وغيره... پر جمع ۾ "آياسين"، "ڊوڙياسين" (يا آياسون ۽ ڊوڙياسون) ۾ ساڳي ضميري پڇاڙي 'س' سان آهي...

اهي مسئلا سنڌي گرامر جا آهن، اهي ڪهڙن اصولن موجب سمجهائبا اهو ڳالهه به طي ٿيڻ کپي. اهي خالص سنڌي بناوٽون آهن ته انهن جو باقاعدي چارٽ هر گرامر جي ڪتاب ۾ سمجهاڻين سان ڏيڻ کپي.

ضميري پڇاڙين جي ڏس ۾ به ٽرمپ لکي ٿو:

The use of these suffixes constitutes quite a peculiar feature of Sindhi language and distinguishes it very advantageously from all the kindred idioms of India, which are dstritute of pronominal suffixes. (page 225)

ترجمو: انهن پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت آهي، جيڪا ان کي هندستان جي ٻين ٻولين ۾ ممتاز ڪري ٿي، جيڪي اهڙين ضميري پڇاڙين کان محروم آهن.

اڳتي ڊاڪٽر ٽرمپ انهن کي فارسي ۽ پشتو جي ڪن اهڙين نشانين سان هم آهنگ ٿو چوي، سنڌيءَ جي دراوڙي ٻولي هئڻ واري نظريي جو داعي ڊاڪٽر جارج شرٽ انهن پڇاڙين جي استعمال کي دراوڙي ٻولين سان هم آهنگ ٿو ڪري، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ رد ڪري داردي ٻولين سان ٿو لاڳاپي. (بلوچ: ص، 10 ۽ 11)

اهي نشانيون ڪنهن سان به ملن ۽ هم آهنگ هجن، انهن کي سنڌيءَ جي خصوصيت سمجهي، انهن کي گرامر ۾ باقاعده سمجهائڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر کي ترجمو ڪري، ان کي گرامر جي ارتقاءَ ۾ اهم جاءِ ڏجي (مون اهڙو ترجمو ڪيو آهي، پر ديوناگري لپيءَ کان واقف هئڻ جي باوجود ان ۾ موجود سنسڪرت لفظن کي نه سمجهي سگهڻ ڪري اڌورو رهيو*).

صفت جي درجن (degrees) جي باري ۾ پڻ سنڌيءَ جو لاڳاپو مختلف ٻولين سان هيٺن ٿو سمجهي.

* اهو ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج ڪيو آهي ۽ ان جي ٽرانسلٽريشن وليرام ولڀ ڪئي آهي، جيڪو ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.

The Sindhi, as well as the cognate idioms, has lost the power to form a comparative and superlative degree after the manner of Sanskrit (and Persian) by means of adjective suffixes, and it is very remarkable that the semetic way of comparison has been adopted. (Trumpp: page 156)

يعني: سنڌيءَ توڙي ٻين ڇاتل محاورن مان سنسڪرت (۽ فارسي) وانگر صفتي پڇاڙين لڳائڻ وارو نمونو گم ٿي ويو. آهي ۽ هتي اها ڳالهه قابل ذڪر آهي تہ ڀيٽ/ تفصيل لاءِ ان سامي طريقو اختيار ڪري ورتو آهي.

اهو لکڻ وقت ٽرمپ کي صفتن لاءِ انگريزي جوڙ est/er ۽ فارسي "تر" ۽ "ترين" ذهن ۾ آهن. ان ڏس ۾ آءٌ وري بہ اهو چوندس تہ هو سنڌيءَ ۾ ڀيٽ يا تفصيل جو پنهنجو انداز وساري ٿو ويهي. جيڪو اسين اڄ بہ استعمال ڪندا آهيون. (چڱو- چڱيرو- چڱيرڙو وغيره ۾ "رو" ۽ "ڙو" پڇاڙيون).

**1. سنڌي وياڪرڻ- منشي اڌارام ٿانورداس-** ڇاپو ارڙهون سن 1912ع گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو بمبئي ڪاتي جو سرڪاري تعليم ڪاتو. جيتوڻيڪ مختلف تاريخن ۽ تذڪرن ۾ هن وياڪرڻ جو ڇپجڻ جو سن 1892ع لکيل آهي. پر مون کي جيڪو ڇاپو هٿ آيو اهو 1912ع ۾ ڇپيل ڪتاب آهي، جنهن جو اهو ارڙهون ڇاپو آهي.

هي ڪتاب سادي ٻوليءَ ۾ اسڪولي ٻارن لاءِ لکيل آهي، ان ڪري ان ۾ ان وقت گرامر پڙهائڻ لاءِ مروج عام ڳالهيون ڪيل آهي تہ، ڳالهائڻ جا لفظ اٺ آهن. پوءِ هرهڪ جي باري ۾ مثالن سان سمجهايل آهي.

هن ڪتاب ۾ اسم جون ڪل پنج حالتون ٻڌايل آهن. فاعلي مفعولي، اضافت، جري ۽ ندا- (اهي ٽي حالتون هاڻي بہ اسڪولن ۾ پڙهايون وڃن ٿيون) انهن حالتن ۾ مذڪر مؤنث واحد جمع صورتن ۾ ڦيرا سمجهايل آهن.

صفت جي حوالي سان هر ڪو انگريزيءَ وارين degrees يا درجن سان ڀيٽي ائين ٿو چوي تہ ان جا ٽي درجا تہ آهن، پر انهن لاءِ ڪي مقرر

پڇاڙيون ڪين آهن. مثلاً جيئن انگريزيءَ ۾ آهن good, better, best ۾ پيٽ/ تفصيل (comparative) لاءِ er ۽ est مبالغي (superlative) لاءِ (يا فارسيءَ ۾ "تر" ۽ ترين وغيره).

پر سنڌي گرامر کي انگريزي گرامر جي نموني تي پرکيل آهي. انهيءَ ساڳي روايت تي هلندي اڌارام ٿانورداس به لکي ٿو ته:

"حقيقت ڪري سنڌيءَ ۾ صفت تفضيل ۽ صفت مبالغي ڏيکارڻ لاءِ ڪي مقرر پڇاڙيون ڪين آهن، جيئن پارسي- شاستري ٻولين ۾ آهن، پر رڳو تفضيل ۾ موصوف جي پٺيان حرف جر "کان" گڏ آٿي، پوءِ ڪٿي صفت خالص آٿيندا آهن ۽ صفت مبالغي ۾ "سڀني کان" يا "سڀني ۾" لفظ صفت خالص جي اڳيان آٿيندا آهن."

هاڻي اسان کي خبر آهي ته هرويرو ائين ڪونهي چڱو- چڱيرو يا چڱيرڙو خالص سنڌي مڪاني بناوٽون آهن. جن کي هرويرو نظرانداز ڪيو ويو آهي.

منشي اڌارام ٿانورداس مختلف جاين تي صفتن جا ڦيرا به ڏيکاريا آهن. ايتري قدر جو صفتن طور استعمال ٿيندڙ انگن جا ڦيرا به سمجهايا اٿس. جيئن: هڪڙو (فاعلي) هڪڙي (مفعولي) هڪڙن (جمع فاعلي/ مفعولي) وغيره (ٻه — ٻن — ٻنهي وغيره).

ساڳي ڳالهه اڻپورن انگن/ ڀاڱن لاءِ به ٻڌائي ٿو ته سوا- ڏيڍ مان- سوايو ڏيڍو- اڍايو- پيٺو پيٺي، پيٺن وغيره.

اهي ڳالهيون اسان جي هاڻوڪن گرامرن ۾ بنهه سمجهايل ڪونهن. هو ضمير ۽ انهن جا ڦيرا به سمجهائي ٿو. ضمير موصول ۽ جواب موصول جو به ذڪر ڪري ٿو. جيڪي پڻ مختلف حالتن ۾ ڦرن ٿا. هو ضمير اشاري مان ضميري صفتون ٺهڻ جو آسان طريقو به ٻڌائي ٿو:

| بنياد | انداز | قد | قسم |
|---|---|---|---|
| اِي | ايترو | ايڏو | اِهڙو |
| او | اوترو | اوڏو | اوهڙو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| او | اوترو | اوڏو | اوهڙو |
| جو | جيترو | جيڏو | جهڙو |
| سو | تيترو | تيڏو | تهڙو |

ضميري پڇاڙين تي تمام مختصر ۽ منجهيل لکيو اٿس.

فعل جا قسم ڦيرا ۽ بناوٽون بہ مختصر نموني سمجهايون اٿس.

هن ڪتاب ۾ ڳالهائڻ جا اٺ لفظ سمجهائڻ کان پوءِ هڪ صفحي تي باب آهي "نحو جي بيان ۾ آهي". هو ان ۾ جملي جا مکيہ ڀاڱا فاعل، فعل ۽ مفعول بيان ڪري پريوگن جو بيان ڪري ٿو جنهن ۾ ڪرمڻي، ڪرتري ۽ ڀاوي پريوگن جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪو ننڍڙن اسڪولي ٻارن کي سمجهائڻ درست نہ هو ۽ نہ اڄ آهي، بلڪ ڪاليج سطح تي ان کي آڻجي تہ بهتر ٿيندو.

2. **سنڌي وياڪرڻ (ٻہ ڀاڱا)**- ڪشنچند گلاب سنگهہ گدواڻي 1914ع ۾ ننڍن ٻارن لاءِ هي گرامر ڇاپيو ويو ان ۾ ٻهريون دفعو لکندڙن اها ڳالهہ ڪئي تہ:

"هن وقت جيڪي وياڪرڻ جا ڪتاب موجود آهن، تن ۾ فقط وياڪرڻ جون حقيقتون ڏنل آهن، پر ٻارن کي ڪيئن اهي سمجهائجن، تنهن بابت ڪا ترتيب ڏنل نہ آهي."(صفحو1، منڍ)

هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ اهو ٻڌايل ڪونهي تہ اسم ڇا آهي، ضمير ڇا آهي يا انهن جا قسم ڪهڙا آهن، بلڪ جملن مان اهي ڌار ڪري ڏيکاريل آهن ۽ پوءِ نتيجو بيان ڪيل آهي تہ "سيني ڻالن کي اسم چون ٿا". ياد ڪريو تہ "ضمير اسم جي بدران ڪم اچي ٿو" وغيره.

ٻئي ڀاڱي ۾ وري سيني اٺن ڳالهائڻ جي لفظن جون وصفون ڏنل آهن.

هي پهريون موجوده سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيل وياڪرڻ آهي، جنهن ۾ حالتون (Cases) ڏنل آهن ۽ تمام سٺي نموني سان سمجهايل آهن. حالتون، فاعلي مفعولي جري، اضافت، ندا بيان ڪيل آهن، پر ٻڌائي ٿو تہ سنسڪرت ۾ اٺ حالتون آهن، پوءِ هن سنسڪرت ۽ انگريزي گرامرن ۾

موجود حالتن جا نالا ڄاڻائي مثال به ڏنا ويا آهن، پر سمجهاڻي ڏنل ڪانهي ته اهي ڪيئن ٺهيون.

| | سنسڪرت | سنڌي | انگريزي |
|---|---|---|---|
| گوپال پڙهي ٿو | ڪرنا ويڪتي | حالت فاعلي | Nominative |
| گوپال ماني کائي ٿو | ڪرم ويڪتي | حالت مفعولي | Objective case |
| گوپال ڪپڙ سان انب وڍيو | ڪرڻ ويڪتي | حالت جري | Instrumental case |
| گوپال ڪشني کي رپيو ڏنو | سپردان ويڪتي | حالت جري | Dative case |
| گوپال ميز تان ڪتاب کنيو | اپادان ويڪتي | حالت جري | Ablative case |
| هي گوپالَ جو ڪتاب آهي | سنبندي | حالت اضافت | Possessive case |
| هي ڪتاب پيتيءَ ۾ رکـ | اڌيڪرڻ ويڪتي | حالت جري | Locative case |
| اڙي رامَا هيڏانهن اچ | سنبوڌن ويڪتي | حالت ندا | Vocative case |

هو لکي ٿو ته "انهن پنجن حالتن کان سواءِ باقي اسان حالت جري جي دفعي ۾ آنديون آهن... سنسڪرت ۾ اهي جدا جدا آهن، پر سنڌيءَ ۾ سڀ حالت جريءَ ۾ اچن ٿيون."

سوال آهي ته ڇو؟ اها هڪ سنڌيءَ جي خصوصيت آهي ته ان کي ڏار حالتن ۾ ڇو نه بيان ڪجي. (انهن جا نالا سولي سنڌيءَ ۾ گهڙي سگهجن ٿا) خاص حالت اپادان (Ablative case) جو ته گرامرن ۾ خصوصي طور بيان ڪرڻ گهرجي. ڇو ته اهي حرف جر (کان مان تان سان) اسين اسمن ۾ به استعمال ڪندا آهيون.

گھرَ مان - گھران

نڪ مان - نڪان

جڏهن تہ حالت مڪاني (Locative) ۾ بہ اسين اسم سان حرف جر ملائي پڇاڙيءَ واري حرڪت بدلائي ڇڏيندا آهيون تہ پوءِ ڇونہ ان کي ڌار ظاهر ڪجي. جيئن:

هو گھر ويو آهي.

آءُ راتوڪو هتي وينو آهي.

آءُ رات آيو آهيان.

هن ڪتاب ۾ ضميري پڇاڙين جو بہ مختصر احوال آهي.

هن ڪتاب ۾ زمانن کي تمام تفصيل سان سمجھايو ويو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ هن وقت تائين مون جيڪي گرامر ڏٺا آهن، انهن مان سيني کان سؤ ۾ ڀرپور ڪتاب اهوئي آهي ۽ پوءِ جا لکلي سمورا گرامر انهيءَ کي سامهون رکي لکيل آهن. اهو هڪ بنيادي ڪتاب آهي ۽ تمام بي ريا ٿي لکيل آهي، جنهن کي نئون گرامر جوڙڻ لاءِ ضروري سامهون رکڻ گھرجي.

Linguistic Survey of India .3

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ٺهڻ کان پوءِ، جيڪو وڏو اهم ڪتاب سنڌي گرامر تي روشني وجهي ٿو سو آهي سر جارج گريئرسن جو ڪتاب Linguistic Survey of India (جنهن جو سنڌي ترجمو مون ڪيو هو جنهن کي سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ ڇاپيو آهي. مون ان جو اردو ترجمو پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس حوالي ڪيو هو پر انهن اهو اڃا ڪونہ ڇاپيو آهي ۽ نہ ئي ڇاپڻ جو ڪو ارادو رکن ٿا).

ڊاڪٽر ٽرمپ وانگر گريئرسن بہ سنڌيءَ کي هند آريائي/ سنسڪرت جي ڄائي سمجھي، ان جي گرامر کي پرکيو آهي... ان ڪري هن کي بہ ڊاڪٽر ٽرمپ وانگر ڪيترين ٻانوٽون سمجھہ ۾ نہ آيون آهن تہ انهن کي محض شاعرانٽي بناوت ڪوني ٿو مثلاً:

لفظن جي حالتن لاءِ لکي ٿو تہ.

The accusative of the personal pronouns must be marked by the posposition dropped in poetry.(225 گريئرسن: ص)

ترجمو: ضمير موصول جي حالت مفعولي سببيءَ ۾ حرف جر گم ٿيڻ واري ڳالهه شاعريءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

مثال طور شاهه جي هيءَ سٽ ڏسو

مون گهر مون پرين جي اچڻ وارو

لکي ٿو ته هن سٽ ۾

مون= منهنجي- ان ڪري حالت اضافت (Genetive) ۾ آهي.

گهر= گهَر ۾- ان ڪري حالت مڪاني (Locative) آهي.

پريَن= پرين جي- حرف اضافت کي حرف جر طور قبول ڪنديءَ ان جي هالت جري (Dative) ٿو ٻڌائي.

پر هو لڪل حرف جر جي ڪري حالت فاعلي مفعولي ۽ جري وغيره ۾ لفظن جي صورت کي سمجهائي نه ٿو سگهي.

مٿي مون ڊاڪٽر ٽرمپ پاران ضمير موصول relative ۽ co_ relative جي حوالي سان هڪ نڪتو اٿاريو هو ته اهڙا ساڳيا لفظ صفتن (adjectives) ۽ ظرفن (adverbs) طور به سنڌيءَ ۾ موجود آهن. جن کي گرامر جو حصو هئڻ گهرجي. گيرئرسن انهن تي روشني وڌي آهي. مثال لاءِ هي سٽون ڏسو:

جتي جيتريون لکيون لوهه قلم ۾،

تتي تتريون گهڙيون گهارڻ آئيون.

هنن سٽن ۾ relative ۽ co_relative صفتون به آهن... جيتريون- تيتريون ۽ ساڳيءَ طرح ظرف (مڪان) به آهن... جتي- تتي، پر هو انهيءَ ڳالهه کي واضح نه ٿو ڪري.

ڊاڪٽر ٽرمپ کان وڌيڪ گريئرسن سنڌي گرامر کي انگريزي معيارن موجب ڏٺو آهي. لفظن جي حالتن جي سلسلي ۾ هن ڪيترا نوان اصلاح ڪم آندا. مثلاً:

متعدي مجهول جي فاعلي هالت لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ Agent ڪم آندائين (مثال: مون کي صوبيدار پڪڙيو آهي) وري حالت جريءَ بدران مفعول ثانيءَ واري حالت کي Dative لکيائين. (مثال تنهنجي خدمت پيو ڪريان)، هالت سببي يا Accusative لاءِ هڪ مثال ڏنائين. (مثال: پنهن جو پيٽ ڀريان). البت "مان"، "تان"، "کان" حرف جر واري لفظ جي حالت کي ساڳيو Ablative نالو ڏنائين. هن حالت اضافت واري مڪمل ڦيري کي به سمجهايو ۽ حرف اضافت "جو" ۽ "وارو" جو پورو گردان ڏنو. (گريئرسن جا ڏنل مثال ترجمي ۾ ص 85 ۽ 86 تي ڏسو)

اڪل حرف جر جي سلسلي ۾ هن هڪ مثال ڏنو ته:

"جيڪو ياڱو منهنجي حصي اچي".

چوي ٿو ته هن ۾ لفظ "حصي" جي حالت مفعولي جري آهي، پر ان سان حرف جر موجود ڪونهي، پر "۾" ان ۾ لڪل آهي. ضميري پڇاڙين جي ڏس ۾ گريئرسن جو چوڻ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جو مڪمل نظام آهي ۽ اهڙيون ئي ساڳيون پڇاڙيون ڪشميري ۽ لهندا ۾ لڳنديون آهن، پر ٻنهي ۾ فرق اهو آهي ته ڪشميريءَ ۾ صرف فعل سان لڳنديون آهن، لهندا ۾ فعل کان سواءِ اسم سان به لڳنديون آهن. پر سنڌيءَ ۾ ته فعل، اسم کان سواءِ حرف جر ۽ ظرف سان به لڳنديون آهن.

مثال طور:

جوٺم۔ جوٺين۔ جوٺس (اسم)

ماريم۔ ماريئي۔ ماريس (فعل)

سندم۔ سنڌءِ۔ سندس (اضافت)

وٽم ۔ وٽئہ۔ وٽس (حرف جر)

مٿس۔ مٿم، مٿانس (ظرف)

گريئرسن نہ صرف انهن مفرد پڇاڙين جي نظام جي ڳانهہ ڪئي، جنهن ۾ مذڪر مؤنث ۽ واحد جمع جا ڦيرا مڪمل طور موجود آهن، پر سنڌيءَ ۾ ٻٽين پڇاڙين جي موجودگيءَ بابت پڻ ٻڌايائين.

ماريومانس، چيوسونس، چپائينس، لڪرائيندو سانس وغيره.

هڪ ڳالھہ گريئرسن اها بہ ڪئي تہ فعل جا قسم متعدي، لازمي ۽ بالواسطہ مثالن سان ڏنائين ۽ اهو پڻ ڏيکاريائين تہ ڪو لازمي فعل متعديءَ ۾ ڪيئن ٿو ادا ٿئي. وري ان جي معروف صورت مجهول صورت کان ڪيئن مختلف آهي، پر اهڙو ڪو اصول بيان ڪونہ ڪيائين تہ فعل بدلجڻ جي صورت ۾ لفظ مختلف صورتون ڪهڙي اصول تحت وٺن ٿا. اسان کي اهو سوچڻ گهرجي تہ ان مسئلي جو حال ڇا آهي. ان جي پٺيان ڪهڙو اصول ڪارفرما آهي. شاگردن کي انهيءَ ڳالھہ جي سمجهاڻي ڪيئن ڏجي. باقاعده ۽ بي قاعده (regular_irregular) فعلن کي ڪيئن ڌار ڪجي؟

زمانن جي پرک ڪندي گريئرسن ساڳيا انگريزي زمان سامهون رکيا آهن. هو زمان حال ۽ ماضي مداميءَ کي habitual ٿو سڏي. ان جا مثال بہ ڏي ٿو. هتي اسان کي انهيءَ زمان کي سنڌيءَ ۾ هڪ خاص زمان ڪري سمجهڻ گهرجي. هندي اردوءَ توڙي انگريزيءَ ۾ اهو زمان ايترو چٽو ڪونهي، انگريزيءَ ۾ تہ صرف عام زمان حال مطلق Present indefinite ئي استعمال ٿيندو آهي.

"آءٌ بس ۾ اسڪول وڃان ٿو" يا "آءٌ بس ۾ اسڪول ويندو آهيان" جو ترجمو ساڳيو ٿيندو I go to school by bus البت ماضيءَ ۾ used to وجهي اهو زمان ٺاهبو آهي. هندي/ اردوءَ ۾ پڻ ساڳيءَ صورتحال آهي. "مين بس سي اسڪول جاتا هون"، "جاتاهون" ٻنهي صورتن ۾ استعمال ٿيندو آهي. البت هڪ صورت ماضيءَ ۾ نظر اچي ٿي. "جايا ڪرتا تها" اهو بہ مداميءَ کان وڌيڪ استمراري (Continuous) مفهوم وارو آهي. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ زمان حال مدامي ۽ زمان ماضي مدامي ٻئي ڌار آهن. عام يا مطلق زمانن کان!

(حال) آءٌ اسڪول وڃان ٿو- آءٌ اسڪول ويندو آهيان (حال مدامي)
(ماضي) آءٌ اسڪول ويس- آءٌ اسڪول ويندو هئس (ماضي مدامي)

اها سنڌيءَ جي خوبي ٻين ٻولين کان ان کي جدا ڪري ٿي، انهيءَ

کي گرامر ۾ نمايان ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ساڳيءَ صورتحال زمان حال ۽ ماضي متشڪيءَ جي آهي، جنهن جو ذڪر گريئرسن پنهنجي گرامر ۾ ڪيو آهي ۽ مزي جي ڳالهه تي سنڌيءَ ۾ اهو متشڪي سڏبو آهي. پر گريئرسن ان کي Future Perfect ٿو سڏي، ان ڪري جو اهڙو زمان انگريزيءَ ۾ مستقبل ۾ ڳڻبو آهي.

ان ڏس ۾ ديوان اڏارام ٿانورداس جي 1912ع ۾ ڇپيل وياڪرڻ واري ڪتاب ۾ ان زمان کي زمان حال متشڪي سڏيو ويو آهي، مثال طور "آءٌ پٽيو هوندس"، "تون پٽيو هوندين" وغيره. (اها بناوٽ اصل ۾ ماضي متشڪي جي آهي)

سنڌيءَ ۾ اسم مفعول سان زمان مستقبل وارو هوندس. گڏي اهو شڪ وارو زمان حال ٿاهيو ويندو هو جنهن جو ذڪر گريئرسن ڪيو. پر پوءِ وارن گرامرن ۾ اهو زمان ماضي متشڪي لکيو ويو آهي.

مثال: "هليو هوندس" ـ لازمي فعل سان

"مون ماريو هوندو" ـ متعدي فعل سان

هاڻي سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن زمان حال متشڪيءَ لاءِ (يا ڪن صورتن ۾ مستقبل لاءِ) جملو ٺاهبو ته پوءِ اهو اسم حاليه ملائڻ سان ٺهندو آهي

مثال: "هلندو هوندس" ۽ "ماريندو هوندس"

ان کان سواءِ گريئرسن سنڌيءَ ۾ جنس بي جان (Neuter) جي نه هئڻ ڏانهن به اشارو ٿو ڪري.

انهن ڳالهين کي سنڌي گرامر ۾ واضح نموني بيان ڪرڻ گهرجي.

**4. سنڌي وياڪرڻ ـ مرزا قليچ بيگ**

هي ڪتاب 1915ع ۾ ڇپيو. مرزاصاحب جي اڳيان واٽن، ٽرمپ، اڏارام ٿانورداس، گلاب سنگهه وارا گرامر هئا. جيڪي تمام گهڻي محنت سان لکيل هئا. اهي عالم سنسڪرت انگريزي ۽ فارسي ٻوليون ڄاڻندا هئا. پر انهن جي ڀيٽ ۾ ونس هڪ وڏيڪ ٻوليءَ جي ڄاڻ هئي، جيڪا هئي عربي. ان ڪري هن انهيءَ ڄاڻ کي به ڪتب آندو.

هن لکيو "سنڌي صرف و نحو جو نمونو شروع کان وٺي عربي نموني تي ٺهيل اجا ڪم پيو اچي. فقط هاڻي انگريزي صرف نحو موجب ٿوري گهڻي ڦير گهير ٿي آهي. گرامر جا اصطلاحي لفظ بہ سڀ عربي ڪم اچن ٿا. فقط هاڻي ڪي سنسڪرت صورتون بہ داخل ٿيون آهن، جيئن تہ "ڪردنت" ۽ "پريوگ" وعيره (قليچ ص 59، ڀاڱو ٽيون)".

مرزا صاحب جي ڪتاب ۾ مٿي ڄين گرامرن ۾ بيان ڪيل سموريون ڳالهيون هيون، پر جيڪي ڳالهيون هن نيون لکيون انهن جو بيان هتي ڪرڻ چاهيندس.

مرزا صاحب پهريون دفعو ضمير مشترڪ ۽ مبهم جي ڦيرن جي ڳالهہ ڪئي. مثال طور "پاڻ" ۾ "جو" اضافت ملڻ سان ان جون صورتون "پنهنجو"، "پنهنجا"، "پنهنجي"، "پنهنجيون"- "پنهنجي" "پنهنجن"، "پنهنجين" وغيره وغيره. يا وي ڪو- ڪا- ڪي- ڪن، ڪنهن.... وغيره.

هن اسمن جي قسمن جو بيان ڪنديہ collective nouns (ڌڻ، فوج وغيره) ۽ material nouns (سون، لوهہ، اٽو وغيره) کي بہ بيان ڪيو- تنهن کان سواءِ اسم ذات کي ڌار سمجهائڻ جي لاءِ اسم عام ۽ خاص کي concrete nouns يا صفاتي اسم سڏيو ۽ اسمن، ضميرن، فعلن ۽ حرف جرن سان لڳندڙ ضميري پڇاڙين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو.

مرزا صاحب ڪيترين جاين تي سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي خوبين کي عربي ۽ فارسيءَ سان ڀيٽيو. صفت جي ڦيري بابت هڪ هنڌ لکي ٿو:

"عدد ۽ جنس ۾ ڦرندڙ صفتون نج سنڌي ٻوليءَ جون آهن. مگر فارسي ۽ عربي ٻولين جا صفتي لفظ عدد ۽ جنس سان نہ ٿا ڦرن. جيئن خوبصورت- خوش وغيره". (ص 49)

پر ٻئي هنڌ وري سنڌيءَ کي انگريزي ۽ سنسڪرت سان بہ ڀيٽي ٿو. فعل جا قسم ڏيندي هو لازمي ۽ متعديءَ جا مثال ڏي ٿو. تڏهن هڪ هنڌ لکي ٿو تہ "انهن ۾ صرف متعديءَ جون منجهول ۽ معروف صورتون هونديون آهن، پر سنڌيءَ ۾ لازمي فعل بہ اهي ٻئي صورتون وٺن ٿا. اهو نمونو قديم

سنسڪرت مان ورتل آهي (ص 69)".

| | | |
|---|---|---|
| فعل لازميءَ جا مثال | لڏي ٿو (معروف) | لڏجي ٿو (مجهول) |
| فعل متعديءَ جا مثال | ماري ٿو (معروف) | مارجي ٿو (مجهول) |
| اڪر ترڪ يا فاعل | لڏجي ٿو لڏبو آهي | (ڊوڙبو ته پڳهر ايندو) |
| ٻي فعل جا مثال | لکبو | |

ڏٺو وڃي ته اها خوبي ته هڪ لفظ سان هڪ پورو مفهوم ادا ٿئي، هندي اردوءَ ۾ به ڪانهي. "لکبو"، "ڊوڙبو" جو سندي/ اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ڏسو هڪ ڪان وڌيڪ لفظ ڪتب ايندا!

مرزا صاحب وري اڳتي لکي ٿو "سنڌيءَ ۾ ڪيترائي فعل آهن، جيڪي مجهول صورت ورا آهن ۽ انهن ساڳين فعلن جي ذاتن مان معروف صورت وارا فعل موجود آهن. اهي مجهول فعل اڪثر لازمي آهن ۽ معروف فعل اڪثر متعدي آهن، تنهن ڪري هيٺ انهن کي لازمي ۽ متعدي ڪري ڄاڻائجي ٿو."

لازمي — متعدي

اجهامڻ — اجهائڻ

جڙڻ — جوڙڻ

ڦاٽڻ — ڦاڙڻ (ص 62)

اهڙي ساڳي ڳالهه گريئرسن به ڪري چڪو آهي ۽ هن تمام ڏکيون فهرستون اهڙن لفظن جون ڏنيون هيون، بلڪ هن ته بالواسطه Causa فعلن جو ساڳين ذاتن مان نهڻ پڻ ٻڌايو هو.

مرزا قليچ بيگ هڪ ٻي ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي جيڪا پڻ اسان جي هاڻوڪن گرامرن ۾ زور ڏئي سمجهائڻ گهرجي، پر ائين ٿئي ڪونه پيو.

هن لکيو ته ڪيترا ماڻهو لازمي فعل جي مجهول صورت ۾ به "ج" وارو جوڙ (affix) وجهندا آهن، جيڪو غلط آهي، مثلاً

مون کان ڪتاب نه ٿو ليجي. (غلط)

مون کان ڪتاب نه ٿو ليي (صحيح)

مون کان لغڙ نہ ٿو اُڏامجي. (غلط)
مون کان لغڙ نہ ٿو اُڏامي. (صحيح)

ٻئي طرف مرزا صاحب پاڻ فعل جي زمانن جو ڦرڻ سنسڪرت سان ٿو لاڳاپي ۽ عجيب عجيب مثال ٿو ڏئي. لکي ٿو:

فعل مجهول ۾ "جڻ" جو نشان سنسڪرت جي "ي" مان آهي، جو بدلجي پهرين .اي" ٿيو ۽ پوءِ "اج"، سنڌيءَ وانگي ٻين ٻولين ۾ مجهول لاءِ ڪوبہ نشان ڪونهي، ٻيا فعل وجهي اها معنيٰ ڪين ٿا. جيئن تہ "هو مارجي ويو"، "هنديءَ ۾ "وه مارا گيا"، "آءٌ مارجان ٿو" - "مين مارا جاتا هون".

امر جي پنيان جو "اج" نشان اچي ٿو جيئن تہ "ڪج" يا "ڪجئين"، سو پراڪرت جي "اِج" مان آيل آهي، هنديءَ ۾ "اِيو" آهي جيئن تہ "ڪريو"، "جائيو"، يا جايئي. (ص 176)

اهڙي ساڳي ڳالهہ جارج شرٽ بہ ڪري ٿو تہ "سنسڪرت ۾ فعل مجهول واري نشاني "ي" سنڌيءَ ۾ ڦري "ج" ٿئي ٿي (جيئن تہ مارجڻ، ڪائجڻ، گهٽجڻ وغيره)" (بلوچ ص 8)

جارج شرٽ تہ ڪجهہ اهڙن منجهول فعلن کي دراوڙي بہ سڏيو هو. جن ۾ "پ" اچي ٿي. مثلاً ڏوپڻ، ڍاپڻ، ڏاپڻ وغيره. هو لکي ٿو:

"منهنجي خيال ۾ انهيءَ "پ" جو تعلق دراوڙيءَ "پو" بمعنيٰ "وڃڻ" سان آهي جو انهن ٻولين ۾ فعل مجهول ٺاهڻ لاءِ ڪم اچي ٿو (بحوالو بلوچ ص 8)

ڊاڪٽر بلوچ ان کي رد ڪيو هو.

مٿي مجهول فعل ۾ "ج" نشانيءَ جي سنسڪرت مان اچڻ واري ڳالهہ بہ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. اها سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت آهي ۽ ان کي سنڌي گرامر ۾ پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي. مرزا قليچ بيگ زمان ماضيءَ ۾ فعل سان لڳندڙ پڇاڙين .س" ۽ "سين"، "سون" وغيره کي بہ سنسڪرت مان آيل ٿو چوي، جيڪا ڳالهہ پڻ عام گرامر جي ڪتاب ۾ ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

مرزا صاحب لکي ٿو تہ "هاڻي اسم جون پنج حالتون آهن. 0فاعلي

مفعولي، جري، اضافت ۽ ندا) (ص 114)."

معنيٰ تہ اڳي ڪي ٻيون هيون!! مرزا صاحب بہ حالتن جي نشانن جي بيان ۾ ڪيتريون ئي ترمپ جي گرامر مان ڳالهيون دهرايون آهن. مثلاً "کي" حرف جر ۽ "جو" حرف اضافت کي سنسڪرت مان ڊيڪارڻ لاءِ ڏکهو سلسلو ڏنو اٿس. مثلاً لکي ٿو:

"جو" سنسڪرت ۾ "سي" آهي ۽ پراڪرت ۾ "س" جيڪو سنسڪرت جي صفت جي نشان "ڪ" مان ورتل آهي، جو هندي ۽ مرهٽيءَ ۾ "ڪا" ٿيو آهي. حقيقت ڪري اهو هرف اضافت "جو" صفت آهي نہ حرف، ۽ ٻين صفتن وانگر جنس ۽ عدد وٺي ٿو (ص 119 ڀاڱو ٽيون).

مرزا صاحب بہ اهو نہ ٿو ٻڌائي تہ آخر اهو مؤنث جمع ۾ هنديءَ کان جدا ڇو ٿو ٿي وڃي. (جيون= "ڪي")

5. **وڏو سنڌي وياڪرڻ- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي**، ڇاپو پهريون، 1925ع، ڇاپو ٻيو 1985ع، سنڌالاجي.

هن گرامر کي سنڌي گرامر جي ارتقا ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل رهي آهي، جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين اسڪولن ڪاليجن ۾ رکيل گرامر رهيو هو. هن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ آهي تہ "هن ڪتاب جو دارومدار ٽرمپ واري گرامر جي ڪتاب تي آهي". پر منهنجو خيال آهي تہ ڀيرومل ٽرمپ واري گرامر کان سواءِ گريئرسن جي ڪتاب کي بہ نظر مان ڪڍيو آهي ۽ پاڻ پنهنجي طرفان پڻ ڪيتريون نيون ڳالهيون هن ۾ شامل ڪيون آهن، جيڪي ممڪن آهي تہ هن سنسڪرت ۽ هندي وياڪرڻ جي مطالعي مان حاصل ڪيون هجن. (اها ڳالهہ سندس ڏنل اهڙن اصطلاحن مان بہ ظاهر ٿئي ٿي).

ڀيرومل صاحب ڳالهائڻ جا اٺ لفظ ۽ ٻيون عمومي ڳالهيون ڪري ٿو پوءِ اسم جي حالتن جي ڏس ۾ لکي ٿو "سنسڪرت ۾ اسم جون 8 حالتون ليکيندا آهن ۽ هرهڪ لاءِ خاص پڇاڙيون مقرر ٿيل آهن. جي سنڌيءَ مان گهڻو ڪري گم ٿي ويون آهن. ان ڪري گهڻيون حالتون حالت

جريءَ ۾ گڏي ائن مان گهٽائي ٽي ڪيون اٿن. ساڳيءَ طرح انگريزيءَ ۾ بہ ائن حالتن مان گهٽائي ٽي ڪيون اٿن. فاعلي، مفعولي ۽ اضافت(ص 46)".

اول تہ انگريزيءَ ۾ انهيءَ ريت لفظ جي ڪا جري حالت ٿئي ئي ڪانہ، ڇوتہ اتي هرف جر اسم (يا ضمير) کان پهرين ٿو اچي Pre_ position آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهو Post _Position آهي. ان ڪري ان جو اثر مٿس ٿئي ٿو. وري سنڌيءَ ۾ حرف جر بہ مختلف قسم جا آهن. هڪڙا اضافت (مالڪي) ٿا ڏيکارين ۽ اسم سان ڦيرو ڪائين ٿا (جو جا جي جيون جي جين وغيره) ٻيا ڪي ٻٽا حرف جر آهن "کان"، "مان"، "تان" "سان" جن ۾ جيڪا "آن" جي نشاني آهي، اها خود اسم ۾ بہ لڳي ٿي سگهي (جيئن گهران ڳوٺان ۾) ٽيان اهڙا آهن، جيڪي لڪل آهن. (هو ڳوٺِ ويو آهي معنيٰ ڳوٺ ڏانهن، هوءَ پيڪِن وئي آهي معنيٰ پيڪن ڏانهن. يا راتِ ڇا ٿيو هو- معنيٰ رات جو انهيءَ ويلَ معنيٰ ويل تي گهوڙَ ماءُ معنيٰ گهوڙ جي ماءُ، منهنجي پاڳي جيڪو اچي. معنيٰ پاڳي ۾- هتي مختلف قسم جو پڇاڙيون ڏسي سگهجن ٿيون. پوءِ ائين ڇو آهي تہ ٻين ٻولين ۾ حالتون گهٽايون ويون تہ ضروري هو تہ سنڌيءَ ۾ بہ گهٽائجن؟ سنڌيءَ جي اها خصوصيت ڇونہ اجاگر ڪجي؟ پيرومل ضميري پڇاڙين جي استعمال بابت ذڪر ڪندي، اڻ سڌيءَ طرح سنڌيءَ جي مختلف حرف جرن جو استعمال ڏيکاري ويو آهي، مثلاً:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اسم جي حالت | | | | | |
| (سببي) | لاءِ | - | تو لاءِ وينو هوندس | = | وينو هوندوسانءِ |
| (مڪاني) | ۾ | - | تون هن ۾ تيل وجهہ | = | تيل وجهينس |
| (مڪاني) | تي | - | تون مون تي پاڻي وجهہ | = | پاڻي وجهينم |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| وٺي اڇجانس | - | تون هن کي وٺي اڇجان | - | کي | (جري) |
| رپيا وٺي اڇجانس | = | تون هن کان روپيا وٺي اڇجان | - | کان | (جري) |

مطلب تہ انهن پڇاڙين سان جدا جدا قسم جي حرف جرن جي معنيٰ نڪري ٿي. (ص 142)

انهن مان جيڪي اسم جون حالتون نهيون، اهي بہ بيان ڪيون اٿس. پر وري بہ نتيجو اهو ڪڍيائين تہ حالتون گهٽايون وڌايون آهن. انهيءَ بابت اسان جي ماهرن کي گڏجي ويهي سوچڻ گهرجي تہ سنڌيءَ جي لاءِ پنهنجي وات ڪهڙي ٿيڻ گهرجي.

اسم جي جنس جي بيان ۾ بہ ڪاڪو ڀيرومل سنسڪرت سان ڀيٽي لکي ٿو "سنسڪرت کان ڇڄي ڌار ٿيڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ پهريون قدم هي کنيو آهي جو جنس بي جان ڪڍي ڇڏي اٿس. جن لفظن جي اصل جنس بي جان هئي، تن مان ٿورا مؤنث ليکجن ٿا ۽ گهڻا "او" (اون) پڇاڙي وٺي ويٺا آهن، جنهن ڪري اهي مذڪر ليکجن ٿا. جيئن هنيئون (دل) ۽ پريتڙو (پريت). اها "اون" پڇاڙي اصل جنس بي جان جي نشاني هئي ۽ اها اڄ تائين گجراتي ٻوليءَ ۾ آهي."(ص 35)

ان مٿئين حوالي ۾ ڪا بہ ڳالهہ Justify نہ ٿي ٿئي. سنڌيءَ ۾ "هنيئون"، "دل" کان جدا معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ آهي. ساڳيءَ طرح "پرتيڙو"، "پريت" مان هئڻ جي باوجود ٻوليءَ جي جدا خصوصيت رکي ٿو. اهڙا استثنيٰ exceptional لفظ ڪٿي سنڌي ٻوليءَ کي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ سان ڳنڍڻ بدران ڇنڻ سگهجي ٿو تہ شروع کان ان ٻوليءَ ۾ صرف ٻہ جنسون رهيون آهن. لفظ جي بناوت، پڇاڙي وغيره ان کي مذڪر يا مؤنث طور استعمال ڪرڻ لاءِ سبب ڏي ٿي.

ڪاڪو ڀيرومل مرزا قليچ بيگ سان ان ڳالهہ ۾ سهمت آهي تہ سنڌيءَ ۾ جيڪو فعل بي فاعل (اڪر ترڪ) آهي اهو ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪونهي. لکي ٿو:

سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ فعل جي فاعل ڪونهي، تنهن ڪري هن قسم جي جملن جو ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ پوريءَ طرح ترجمو ٿي ڪين سگهندو. ٻي ڳالهه ته ٻين ٻولين ۾ رڳو فعل متعدي معروف ۽ مجهول اهي صورتون وٺي ٿو پر سنڌيءَ ۾ فعل لازمي به اهي ٻئي صورتون وٺي ٿو. اهو نمونو آڳاٽي سنسڪرت مان ورثل آهي. (ص 96)

هو وري به ان خاص بنهه انفرادي خوبيءَ کي (جيڪا سنڌيءَ جي هڪ ٻئي عاشق "سنڌي ٻوليءَ جي پراسرار خوبي" سڏي) سنسڪرت سان ڳنڍي ويو. جيڪا سنسڪرت جي سڪيلڌي وارث هنديءَ (يا اردوءَ) ۾ به ڪانهي.

ڪاڪو ڀيرومل سنڌ جو تمام وڏو عالم هو. هو لسانيات، تاريخ ۽ ادب جو وڏو ماهر هو. سندسسموروڪم سنڌيءَ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. هو جنهن دور ۾ هو ان دور ۾ مروج نظريي کي سامهون رکي، تحقيق ڪيائين ۽ نتيجا ڪڍيائين. ڇٺن ڀاڱن تي مشتمل "وڏي سنڌي وياڪرڻ" بيشڪ کيس وڏو عالم ثابت ڪري ٿو. جيئن ته research معنيٰ وري ڳولڻ سو هاڻي وي نئين سر ڳولا ڪرڻ گهرجي. اصل ٻوليءَ جي، جيڪا هن ڌرتيءَ جي ئي ڄائي آهي. نئين انداز ۾ اهڙي ريسرچ هن دور جي ٻين عالمن به ڪئي آهي، جن مان هڪڙو آهي سراج الحق ۽ ٻيو ڊاڪٽر غلام علي الانا.

سراج مختلف مضمونن ۽ سندس ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ" ۾ گرامر جي ڪافي پهلوئن تي پاڻ کان اڳ جي عالمن سان اختلاف ڪيا ۽ پنهنجي واٽ ورتي. هڪ هنڌ سنڌيءَ جي پراسرار خصوصيت جي باري ۾ هن لکيو ته "ج" جي هڪ صورت اڪرترڪ ۽ پريوگن ۾ داخل ٿئي ٿي. مثلاً "اچجي"، "ويججي"، "هلجي". ان "ج" جو اثر اهو ٿو ٿئي ته اهي لازمي فعل پنهنجو فاعل وڃائي ٿا ويهن. (مفعول ته هونءَ ئي ڪونه اٿن). متعدي فعلن ۾ جي داخل ٿئي، تڏهن به فاعل کي نابود ڪري ڇڏي، مفعول باقي رهجي وڃي (ڪجي، ڪائجي، پڙهجي وغيره). ڇاڪاڻ ته اهو "ج" هنن فعلن جي فاعلن

لازمي فعلن کي وڏيڪ لازمي بنايو ڇڏي، ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪنهن اهڙي پد جو جزو هجي، جنهن جي خصوصيت فاعلي صورت سان دشمنيءَ جي هجي. اهو اصل پد ڳولڻ سان پنهنجي گرامر جي هڪ وڏي ڳجهارت حل ٿي پوندي. (سراج، نئين زندگي، اپريل 1965ع، مقالو سنڌي ٻوليءَ جون چند خصوصيتون، سراج ص 51)".

چاڪاڻ جو سراج صاحب ڪو ڌار گرامر جو ڪتاب ڪونه لکيو ان ڪري هاڻي اڃبو ٻيهر گرامر جي ڪتابن تي.

**6. سنڌي معلم- ڊاڪٽر غلام علي الانا**

1984ع ۾ سنڌي معلم" نالي ڪتاب سنڌ ۾ رهندڙ اردو دان طبقي کي سنڌي سيکارڻ جي خيال کان لکيو. اهو ڪاب ٽن ڀاڱن ۾ آهي. ڊاڪٽرصاحب لسانيات جو وڏو ڄاڻو آهي ۽ سنڌ ۾ هن موضوع تي ڪم ڪرڻ ۽ لکڻ وارن جو استاد به آهي. سندس راءِ کي وڏي اهميت حاصل هوندي آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ کي خالص هن خطي جي پنهنجي ٻولي سمجهي ٿو. لکي ٿو:

Majority of scholars have agreed that the language of Indus valley was not an off shoot of any foreign language but it is really the original and indigenous tongue of the Indus valley people.

ترجمو: عالمن جي اڪثريت ان ڳالهه تي متفق آهي ته سنڌو ماٿر جي ٻولي ڪنهن ٻاهرين ٻوليءَ جي شاخ نه پر هان جي اصلوڪي آڳاٽي ٻولي آهي. (هن ڪتاب جو مقالو)

ڊاڪٽرصاحب عمومي طور ڳالهائڻ جي انن لفظن کي سمجهائي ٿو ۽ پوءِ ٻيا مسئلا بيان ڪري ٿو پر سندس مقصد چاڪاڻ ته اردو دان طبقي کي سنڌي سيکارڻ هو. ان ڪري هن مختلف واٽ ورتي آهي ۽ سندس ذهن ۾ اردو قوائد هئا. جن سان ڀيٽ سان ٿي هو. پنهنجو مقصد حاصل ڪري ٿي سگهيو. اهوئي سبب آهي جو ان ۾ ڪنهن خصوصي مسئلي جو ذڪر ڪونه ڪيو اٿس. سنڌي اردوءَ ۾ صوتي، صرفي ۽ نحوي تفاوتن ۽ هڪجهڙاين کي واضح ڪيو اٿس:

**7. سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو**

سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ اهم گرامر جو ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو“ (ٻہ ڀاڱا) واحد بخش شيخ صاحب جو بہ آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع ۾ ۽ 1989ع ۾ ڇاپيو.

واحد بخش شيخ صاحب سنڌي ٻوليءَ کي عربي ٻوليءَ جي سڳي ڀيڻ ثابت ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ سيني ڪان اڳرو ثابت ٿيو. هن لکيو تہ .سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ آواز اهي ئي آهن، جي سنسڪرت جا آهن: اَ آ اِ اِي آي، اُ، او اُو آو وغيره. حقيقت ۾ هنديءَ يا سنسڪرت ۾ حرڪتن جو استعمال ظاهري طرح آهي ئي ڪونہ، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي آواز جون ظاهري نشانيون يعني زبر زير پيش، شد، مد وغيره استعمال ٿين ٿيون، سي عربيءَ کان اڌاريون ورتل آهن ۽ اهي هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن حد تائين امتيازي خصوصيت بڻجي چڪيون آهن. (ص-2).

دراصل شيخ صاحب سنڌيءَ جي عربي- سنڌي آئويتا سبب اهڙي راءِ قائم ڪئي آهي، ظاهر آهي تہ لپي عربي آهي تہ اعراب بہ اتان ايندا، جيڪڏهن لپي ديوناگري هجي ها تہ ماترائون بہ اتان اچن ها. باقي ٻوليءَ ۾ اهي آواز يا حرڪتون هميشہ کان موجود هيون ۽ آهن. ان ڏس ۾ هو ڊاڪٽر بلوچ جي اوائلي خيال سان سهمت نظر اچي ٿو جنهن جو خيال هو تہ سنڌيءَ ۾ بہ حرف صحيح بنا ڪنهن وچ ۾ حرڪت جي اچي ٿا سگهن. پاڻ ”ڪڪڙ“ ۽ ”گدڙ“ جا مثال ڏنا هئائين. (ڪتاب جي پهرئين ڇاپي ۾ ائين لکيل هو پر پوءِ ٻئي ڇاپي ۾ سندس نظريو تبديل ٿي ويو هو. (ان جي جواب ۾ سراج لکيو هو تہ اهي ساڳيا لفظ انگريزيءَ ۾ لکي ڏسي تہ انهن ۾ ڇوٽا سر ڏسڻ ۾ ايندا. مثلاً kukur, gidaru ڪُڪُرَ، گِدَڙُ).

صورتخطيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي لکت ضرور اهڙيون نشانيون عربيءَ کان اڌاريون ورتيون، پر اهي آواز تہ موجود هئا. تحريري شڪل جي هڪجهڙائيءَ کي ڏسي ڪو نظريو قائم نہ ٿو ڪري سگهجي. سڀاڻي جي سنڌي رومن ۾ لکجي تہ اها رومن جي ڀيڻ تہ ڪانہ ٿي پوندي. واحد بخش

شيخ صاحب جو خيال هو ته سنڌي ٻولي اگرچ سنسڪرت مان پيدا ٿي آهي، تاهم ٻنهي ۾ حرفي مشابهت کان سواءِ ٻي ظاهري هڪجهڙائي خيرڪا نظر ايندي، پر انهيءَ جي برعڪس عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين سان سندس تعلق ۽ تشبيهه گهڻو نظر ايندو. (ص 4)

شيخ صاحب ڳالهائڻ جا لفظ اٺ نه پر ڇهه لکيا آهن. (حرف جر، حرف ندا ۽ حرف جملي کي هو ٿي خاني ۾ رکي ٿو) ۽ اسمن جا قسم وري ويهه ٻڌائي ٿو... اهو اهوئي طريقو آهي، جيڪو فارسي ۽ اردو گرامرن ۾ هوندو آهي. نالا ۽ اصطلاح به سڀ اهي ئي آهن. اسم عام کي اسم نڪره، اسم خاص کي اسم معرفه... وغيره لکي ٿو. سنڌيءَ ۾ ٻن جنسن واري نڪتي ۽ بي جان شين سان جنس لاڳو ڪرڻ بابت هن جو چوڻ آهي ته حقيقت ۾ جاندار ۽ غيرجاندار شين ۾ فرق ڪرڻ ۽ زبان جي اصولن کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته غيرجاندار شين سان تذڪير ۽ تانيث جي نسبت لاڳو نه ڪجي، بلڪ انهن سان جنس غير ذي روح يا بي جان لڳائي وڃي. (ص 146)

اهو ڏاڍي حيرت جهڙو بيان آهي جو ڪنهن ٻوليءَ جي بنيادي بناوت ۽ گرامر کي بدلائڻ جي صلاح ڏجي. ٻوليون ڪنهن Logic يا منطق تحت ٺهيل ڪونه هونديون آهن. اهي صدين جو سفر ڪري، جنهن مقام تي پهچن ٿيون ۽ مستقل تبديليءَ جي عمل مان به گذرن ٿيون، پر اهو غيرشعوري هوندو آهي، انهن ۾ شعوري طور تي تبديلي آڻڻ انهن لاءِ فائديمند ثابت ڪونه ٿيندو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ڪا به ٻولي گرامر جي اصولن موجب ڪانه ٺهندي آهي، پر گرامر جا اصول ٻوليءَ تان ٺاهيا ويندا آهن. ٻولي پهرين وجود ۾ آئي گرامر پوءِ انهيءَ جي ساخت ۽ سٽاءَ کي ڏسي ٺاهيا ويا، ان ڪري پنهنجي مرضيءَ سان جنس بي جان (neuter) سنڌيءَ ۾ وجهڻ واري ڳالهه کي جوڳي ٿي لڳي.

ساڳي ڳالهه عددن لاءِ به ڪري ٿو ته ڇاڪاڻ ته سنسڪرت ۽ عربيءَ ۾ ٽيون عدد تثنيه به ٿيندو آهي، "ان ڪري سنڌيءَ ۾ به ٽي عدد شمار

ڪيا ويا وڃن. اگرچه سنڌيءَ ڪي تثنيه جي پنهنجي صورت خيرڪا آهي."
(ص 169)

اسم جي حالتن جي ڏس ۾ هو ساڳي وات وٺي ٿو. يعني پنج حالتون بيان ڪري ٿو پر حالت جري ڪي وڏيڪ صورتن ۾ ورهائي ٿو. يعني حالت جري، حالت سببي، حالت امدادي ۽ حالت مڪاني. جواز اهو ساڳيو ٿو ڏي، سنڌيءَ ۾ حالتن ظاهر ڪرڻ واريون پڇاڙيون نه هئڻ ڪري، مونجهارو ٿو ٿئي، ان ڪري بهتر آهي ته اهي گڏي ڇڏجن.

ساڳيءَ طرح حالت اضافت جون به ڇهه صورتون بيان ڪري ٿو. جن جا نالا عربي رکيا اٿس. اهڙيءَ ريت هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي نين ڳالهين ڪي ڏسي سگهجي ٿو پر اهي سڀ عربي گرامر کان ورتل آهن ۽ اصطلاح ايترا ته ثقيل آهن جو شاگردن ڪي سمجهڻ بدران رٽو هڻي ياد ڪرڻو پوندو. مجموعي طرح ڪتاب تي محنت تمام گهٽي ڪيل آهي.

مٿي ذڪر ڪيل گرامر جي ڪتابن کان سواءِ اسڪولي ٻارن لاءِ سنڌي رهبر (علي محمد بلوچ) ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو گرامر ۽ ٻيا ڪي ننڍڙا ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود آهن. پر انهن ۾ ڪو خاص مسئلو بيان ٿيل ڪونهي.

مٿئين اڀياس مان اسان ڪي ڪيترين ئي ڳالهيون سمجهه ۾ اچن ٿيون. سنڌيءَ جي سنسڪرت/ آريائي ٻولي هئڻ جو ايترو ته ڊنڍورو پٽيو ويو آهي جو لنڊن ۾ ڪجهه عرصو رهڻ دوران مون ڊاڪٽر شيڪل (Shackle) ۽ روپرٽ سنيل (Rupert Snell) ۽ ٻين سان ملاقات کان سواءِ سندن ڪتابن ۽ مضمونن جو مطالعو ڪيو ته هو هر طرح سان ان ڳالهه جا قائل آهن ۽ سنڌيءَ ڪي انهيءَ ئي بڻ بنياد سان ڳنڍيندي ان جو گرامر به ان ريت سمجهائن ٿا ۽ پنهنجن ڪلاسن ۾ اهوئي پڙهائين ٿا. ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل ذڪڻ ايشيا جي ٻولين مان دراوڙي ٻولين تامل تيلگو وغيره ڪي ڌار ڪري ٻين ٻولين لاءِ لکي ٿو:

... The others are all Indo Aryan languages, members of that branch of Indo_ European family which derives from

Sanskrit. They include many important regional languages of India and Pakistan (Gujrati, Marathi, Oruja, Assamese, Kashmiri, Sindhi, Punjabi). Learner English_ Michael Swan Shackle_ page 227)

ترجمو: ٻيون سڀئي ٻوليون هند آريائي آهن، جيڪي هند يورپي خاندان جي ان شاخ مان نڪتل آهن، جيڪا سنسڪرت مان آيل آهي. انهن ۾ هندستان پاڪستان جون ڪيتريون ئي اهم ٻوليون شامل آهن. (جگراتي، مراٺي، اروجا، آسامي، ڪشميري، سنڌي، پنجابي). (الرنر انگلش، مائيڪل سوان، شيڪل، ص 227)

انگريزيءَ سان ڀيٽ ڪندي هند آريائي ٻولين جي باري ۾ هن جو چوڻ آهي تہ انهن سڀني ٻولين ۾ هيٺيان اصول ساڳيا آهن.

- اسمن ۾ ضميرن لاءِ جنس عام neuter ڪانهي ۽ صفتون ۽ فعل جنس مطابق ڦرندا آهن.
- صفت تفضيل ۽ مبالغي لاءِ ڪي نشانيون ڪونہ آهن.
- انگريزي articles جو ڪو متبادل ڪونهي.
- حرف (جر، اضافت وغيره) اسمن ڪان پوءِ ايندا آهن.
- جملي جي ترتيب ۾ فعل آخر ۾ ٿو اچي.
- هنن ٻولين ۾ انگريزي معروف فعل do جو ڪو متبادل ڪونهي، ان ڪري جڏهن جملي ۾ ڪو سواليہ لفظ ڪونہ هوندو آهي تہ صرف اتار چڙهاءَ سان سوال ڪندا آهن.
- ناڪاري جملا no ۽ not ۾ ڪو فرق نہ ٿا ڪن.
- انگريزي مصدر To be جو متبادل معاون فعل تہ آهي پر To have جو متبادل ڪونهي.
- هنن ٻولين ۾ عام طو ماضي مدامي Past habitual هوندو آهي.
- صفت جا درجا degrees ڪونہ ٿين.
- وري ٻئي طرف هو دراوڙي ٻولين جون خصوصيتون لکندي هيٺيان نڪتا ڄاڻائي ٿو:

- ترڪي ٻوليءَ وانگر دراوڙي ٻوليون agglutinative ٻوليون (گهڻ پديون) آهن ۽ صوتيات، صرفيات، نحويات جي اصولن ۾ هند آريائي ٻولين کان مختلف آهن.
- لفظن کي سرن ۾ ڏگهو ڪنديون آهن.
- دراوڙي ٻولين ۾ ڪي وسرگ وينجڻ aspirated consonants ڪونہ ٿين ان ڪري "ڦ"، "ٿ"، ۽ "ک" ڪونہ اچاري سگهن.
- انهن جي آخر ۾ وينجڻ نہ پر هلڪو سر هوندو آهي (اُ جو آواز هوندو آهي).
- جملي ۾ لفظن تي زور ڏئي ڳالهائيندا آهن، ان ڪري هرهڪ لفظ ڌار پڌرو ٿي ايندو.
- لفظ جو مطلب هرو ڀرو هڪ لفظ نہ وٺڻ ڪپي، ٻولي گهڻ پدي هئڻ ڪري اهو گهڻن لفظن جو مجموعو بہ ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ پچاڙيون بہ لڳل هجن.
- سوال ۾ "do" يا "have" جهڙو ڪو فعل شروع ۾ لڳائڻ جو رواج ڪونهي.
- Articles ڪونہ آهن.
- ظرف ۽ صفت ۾ مونجهارو آهي.

هاڻي توهان ڏسو تہ ڪيتريون ڳالهيون سنڌيءَ ۾ هند آريائي ٻولين جون آهن ۽ ڪيتريون دراوڙي ٻولين واريون آهن.... ان کان پوءِ فيصلو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ جون پنهنجون اهي ڪهڙيون خصوصيتون آهن، جيڪي انهن ٻنهي خاندانن جي ٻولين کان الڳ ڪرِ ڪنيو بيٺيون آهن.

منهنجي ناقص راءِ اها آهي تہ اچو اهو وساري ڇڏيون تہ سنڌي ڪهڙي نسل مان آهي، سنسڪرت ڄائي آهي، دراوڙي دفعي جي آهي، عربيءَ جي پيڙ آهي، فارسيءَ جي سوٽ يا درادي ٻولين جي ماسات. اسين

ڪنهن بہ ٻي ٻوليءَ جي گرامر سان ڀيٽ ڪرڻ بدران سنڌيءَ جو پنهنجو گرامر/ وياڪرڻ ان جي پنهنجي بناوٽ، ساخت، سٽاءَ کي سامهون رکي ٺاهيون. جيڪي اصطلاح اڳ مروج آهن، پوءِ اهي هندي آهن، عربي يا فارسي يا مرڳو انگريزي انهن مان جيڪي سولا آهن، سمجهہ ۾ اچن ٿا، انهن کي قائم رکندي، جتي ضرورت پوي، اتي پنهنجا اصطلاح بہ جوڙيون، جيڪي سؤلي سنڌيءَ جا هجن. جيئن شاگردن کي ناليءِ مان ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي.

اهو سڀ ڪجهہ ڪو هڪ ماڻهو نہ ڪري بلڪ سنڌي ٻوليءَ جا ماهر گڏ ويهي، انهن تي سوچين ۽ انهن جو حل ڪڍي ڪو سؤلو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي اصلوڪي بناوٽ کي سامهون رکي ٺاهيل گرامر شاگردن لاءِ آڻيون.

## مددي ڪتاب:

(جنهن ترتيب ۾ انهن مان حوالا ڪنيا ويا آهن)

1. A Grammar of Sindhi Language, Dr. Ernst Trumpp, Educational Sevices New Delhi, 1872.

2. سنڌي وياڪرڻ، منشي اڌارام ٿانورداس، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو ڪراچي، 1912ع.

3. سنڌي وياڪرڻ، ڪشنچند گلاب سنگهہ ۽ ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي، موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد، 1914ع.

4. Linguistic Survey of India, Sir George Grierson, 1915.

ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين، برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو، سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2000ع.

5. سنڌي وياڪرڻ، مرزا قليچ بيگ (پهريون ڇاپو سن 1916ع) ٻيون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع.

6. وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي (پهريون ڇاپو سن 1925ع) ٻيو ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1985ع.

7. سنڌي معلم ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1984ع.

8. سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو واحد بخش شيخ (ٻه ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1986ع ۽ 1989ع.

9. Learner English, Michael Swan & Bernard Smith (Second Edition) Cambridge University Press 2003.

(شاهه لطيف چيئر جي پاران ڇپايل ڪتاب، 'سنڌ، ماضي، حال ۽ مستقبل' 2006ع تان ورتل)

ڊاڪٽر الياس عشقي/ منير چانڊيو

# پاڪستاني ٻولين لاءِ گڏيل رسم الخط جو مسئلو

برناڊشا پاڻ کي ملندڙ نوبل انعام جي رقم مان ڪجهه حصو انگريزي رسم الخط جي اصلاح لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ ان ڏس ۾ ڪجهه ماڻهو ڪم ڪندا به رهيا آهن، جن کي ان رقم مان معاوضو به ملندو رهيو آهي، پر اڄ تائين سندن تحقيقي ۽ اصلاحي ڪمن جو اثر انگريزي رسم الخط تي نه پيو آهي. ان ڳالهه مان به نتيجا نڪرن ٿا: هڪ ته دنيا جو ڪوبه رسم الخط ايترو وسيع نه هوندو آهي، جيڪو پنهنجي ٻوليءَ جي هر آواز کي صحيح طريقي سان تحريري شڪل ۾ آڻي سگهي، ٻيو ته هر رسم الخط پنهنجي ٻوليءَ لاءِ مناسب هوندو آهي. ان ڪري هتي جيڪو ڪجهه به عرض ڪيو پيو وڃي، ان جي حيثيت علمي آهي، ڇوته اهو رڳو ڪنهن هڪ رسم الخط جي باري ۾ نه آهي، پر اهو پاڪستان جي ٻولين جي لاءِ هڪ گڏيل رسم الخط جو مسئلو آهي، جنهن جي نوعيت ڪجهه مختلف آهي.

ڪنهن به قوم لاءِ هڪ گڏيل ٻولي ۽ هڪ گڏيل رسم الخط انتهائي ضروري هوندو آهي. پاڪستان جي مختلف ٻولين جيِ موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي اهو چئي سگهجي ٿو ته سندس ٻولين جي ترقيءَ لاءِ حالتن کي بهتر بنائيندي، سيني قسمن جي شڪن کي دور ڪندي، قومي ٻولي اردوءَ جي قومي ۽ رابطي واري حيثيت کي برقرار رکندي، جيڪڏهن اسان غور ڪنداسين، ته اسان کي سڀ کان وڏو مسئلو پاڪستان جي سيني ٻولين لاءِ هڪ گڏيل رسم الخط جو نظر ايندو ۽ اهوئي اسان جي هن مقالي جو موضوع آهي، هيءُ موضوع بظاهر منجهيل نظر اچي ٿو پر جيڪڏهن ننڍي ڪنڊ ۾

رسم الخط جي ارتقا جي تاريخ کي نظر ۾ رکيو ويندو، ته اهو مسئلو ايترو ڏکيو ۽ منجهيل نظر نه ايندو.

مسلمانن ننڍي کنڊ ۾ اچڻ کان پوءِ مقامي ٻولين ۾ دلچسپي ورتي ۽ انهن کي سکڻ شروع ڪيو. ان وقت کين اهي ٻوليون لکڻ جي ضرورت محسوس ٿي. قدرتي طور تي هنن مقامي ٻولين کي ان رسم الخط ۾ لکيو جيڪو هو ڄاڻندا هئا. اهو عجيب اتفاق آهي، ته نه رڳو سنڌ ۾ جتي سڀ کان اڳ ۾ عرب آيا، جن مقامي ٻولين کي عربي رسم الخط (نسخ) ۾ لکيو، پر ان کان پوءِ ايندڙ ٻين مسلمانن به پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ مقامي ٻولين کي عربي رسم الخط ۾ ئي لکيو. اهڙيءَ ريت بنگالي، گجراتي، مراٺي، برج، اوڌي، کڙي، پنجابي، سرائيڪي، ڪشميري، سنڌي، پشتو ۽ ٻين ٻولين کي لکڻ لاءِ عربي رسم الخط ئي اختيار ڪيو ويو. پر مغلن جي آخري دؤر تائين فارسي ٻوليءَ جي عام رواج جي ڪري فارسي رسم الخط (نستعليق) مقبول ٿي چڪو هو. سنڌي ۽ پشتو کان سواءِ مسلمان ٻين سڀني ٻولين کي فارسي رسم الخط ۾ ئي لکندا هئا. هندن جا ڪجهه طبقا ۽ اردو فارسيءَ جا ڄاڻو به نستعليق جا عادي ٿي ويا هئا. اها صورتحال بنگال کي ڇڏيندي مسلم اڪثريتي صوبن ۾ برقرار رهي. جڏهن ته هاڻي به جيڪڏهن ڪو ڪتاب ملي ٿو ته اهو قديم عربي رسم الخط ۾ ئي هجي ٿو. جنهن کي مسلمانن جي ڪنهن به علائقي ۾ ناپسند نه ڪيو ويو. ڇوته ڪنهن نه ڪنهن طرح عربي تعليم مسلمانن ۾ جاري رهندي آئي آهي. عربي ٻوليءَ جي مذهبي اهميت جي ڪري مسلمانن جو تمام وڏو تعداد عربي اکر پڙهي به سگهي ٿو. باقي ٻين ماڻهن لاءِ فرق رڳو عادت جو آهي، ۽ اجڪلهه ته هوندن به ان سلسلي ۾ وڏيڪ ڪا ڏکيائي نه رهي آهي. ٽائيپنگ جي رواج ۽ پبلسٽي ادارن جي ضرورت جي ڪري عربي رسم الخط جي رواج ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي. ڪمپيوٽر جي ايجاد کان پوءِ ان ۾ ڪيترين ئي تبديليون پيدا ٿي ويون آهن.

آهن. عربي ۽ فارسي رسم الخط ۾ انهن کي اکرن جي شڪل ۾ 'هہ' سان ملائي لکيو ويندو آهي. ديوناگري رسم الخط ۾ انهن لاءِ الڳ اکر مقرر آهن.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ديوناگري: | भ | फ | थ | ठ | (झ/भ) |
| اردو ۽ ٻيون ٻوليون: | بھ | پھ | تھ | ٹھ | جھ |
| سنڌي: | ڀ | ڦ | ٿ | ٺ | جھ |
| ديوناگري: | छ | ध | ढ | ख | घ |
| اردو ۽ ٻيون ٻوليون: | چھ | دھ | ڈھ | کھ | گھ |
| سنڌي: | ڇ | ڌ | ڍ | ک | گھ |

سنڌي ٻوليءَ جي ڏهن مان اٺن "هائيہ" آوازن لاءِ اکر واضح ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ باقي ٻن اکرن 'جھ' ۽ 'گھ' کي اردو ۽ ٻين ٻولين جيئن گڏي لکيو ويندو آهي، پر اهڙا ڪجهہ ٻيا آواز بہ آهن. جيئن:

رھ (يارهون) ڙھ (ڪاڙهو)

لھ (ڪولهي) مھ (سمھ)

نھ (انهن کي)

سرائيڪي ٻوليءَ جي مشهور عالم ۽ ماهر لسانيات ڊاڪٽر مهر عبدالحق پنهنجي ٻوليءَ ۾ هڪ ٻي 'هائيہ' آواز جي نشاندهي ڪئي آهي، اهو آواز آهي 'يھ'، جيڪو سرائيڪي ٻوليءَ جي لفظ 'ايھو' ۾ ٻڌو ويندو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ 'يھ' کان سواءِ هڪ ٻيو آواز 'وھ' بہ آهي، جيڪو 'وهان' ۽ 'يهان' ۾ موجود آهي. جيڪو انهن آوازن سان 'ديوانِ حالي' جي پهرين ايڊيشن ۾ ڏنو ويجي ٿو. اهڙيءَ ريت اهڙا آواز 17 آهن. جنهن ۾ ديوناگري رسم الخط ۾ ڏهہ ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ اٺن لاءِ الڳ اکر آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سنڌي اکرن کي ناهيندڙن ان مسئلي جي نوعيت تي چڱيءَ طرح ڌيان نہ ڏنو آهي، ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن اکرن 'جھ' ۽ 'گھ' لاءِ اکر نہ ٺاهي سگهيا آهن. ان ڪري رسم الخط ۾ هڪجهڙائي پيدا نہ ٿي سگهي آهي.

جيئن تہ ڀهرين عرض تي ڇڪو آهي، تہ 'هائيہ' آوازن تي پوريءَ طرح غور نہ ڪيو ويو آهي. اهي سمورا آواز جن لاءِ ديوناگريءَ ۾ الڳ اکر موجود آهن، جن مان ائن لاءِ سنڌيءَ ۾ اکر ناهيا ويا آهن، اهي هائيہ آواز يا (Aspirates) سڏجن ٿا. باقي ٻين آوازن کي 'نرم هائيہ' آواز (Affricates) سڏجي ٿو. مڪمل هائيہ آوازن (جيڪي قدرتي آواز آهن) کي سڃاڻڻ جو طريقو اهو آهي، تہ اهو معلوم ڪيو وڃي، تہ اهي صوتي آواز آهن يا نہ. جيڪڏهن اهي صوتي آواز آهن، تہ معنيٰ اهي قدرتي آواز آهن. جيڪڏهن اهي صوتي آواز ناهن تہ معنيٰ قدرتي آواز نہ آهن. (قدرتي آوازن کي حرفِ صحيح بہ چيو ويندو آهي.) انهن جي شناخت جو اهويہ طريقو آهي، تہ انهن آوازن جا ننڍڙا جوڙا ٺاهي سگهجن ٿا يا نہ؟ پر ڏٺو وڃي تہ انهن هائيہ آوازن جا ننڍڙا جوڙا موجود آهن.

*ڀ – ڀاڳ، ٺ- ٺور، ٻھ- ٻھاڳ، ڍ- ڍور، ٿ- ٿان، ڇ- ڇل،*
*ڌ- دھان، جھ- جھل، ک- کول، گھ- گھول ـ*

انهن ننڍڙن جوڙن کي اهڙا جاڙا لفظ چئجي ٿو جن ۾ آوازن کي بدلايو ويندو تہ معنيٰ متجي ويندي، جيئن مٿي ڏنل لفظن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح انهن آوازن کي صوتي آواز (حرف صحيح يا Consonents) چيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ڏٺو ويندو تہ 'هائيہ' آواز (Aspirates) بدلبا نہ آهن، جڏهن تہ نرم 'هائيہ' آواز (Affricates) بدلجي ويندا آهن. اردوءَ ۾ انهن جو مثال هي آهي:

*يہان - يھان - ياں          وہاں - وھاں - واں*

'يھ' ۽ وھ جي 'ي' ۽ 'و' جي بدلجڻ کان پوءِ معنيٰ ۾ ڪو فرق پيدا نہ ٿيو. اهڙيءَ ريت سيئي هائيہ آوان اصلي آواز آهن: ۽ سڀ نرم / هائيہ آواز گڏيل آواز آهن.

ارڙهين صديءَ ڌاري سيئي هائيہ آواز 'ڀهہ' ۽ 'ڌهہ' کي ڇڏي سيئي نرم هائيہ آواز اردو رسم الخط ۾ شامل هئا. اهڙا ڪتاب جن ۾ اهي اکر شامل هئا، ان صديءَ جي شروعات ۾ مدرسن ۾ پڙهايا ويندا هئا. ان مسئلي کي انشاءَ الله خان انشاء پنهنجي مشهور ڪتاب 'درياءِ لطافت' ۾ اهڙي نموني بيان ڪيو آهي، جو اهي سيئي آواز الڳ اکرن جي صورت ۾ اهڙيءَ ريت ظاهر ٿي بيٺا آهن، جو اردو الف ب جو تعداد سنڌي الف ب کان بہ وڌي ويو. 'انجمن ترقي اردو' انهن مان ڪجهہ اکرن کي وري پوءِ رائج ڪيو آهي. 1930ع کان پوءِ انجمن، اردو ٻوليءَ جي الف ب کي سيکارڻ لاءِ هڪ قاعدو جاري ڪيو هو جنهن ۾ ان حوالي کان ضروري هدايتون ڏنيون، ان ۾ الف ب کي سيکارڻ جو صحيح طريقو ٻڌايو هو. ان قاعدي جي مدد سان اردوءَ ۾ هائيہ ۽ نرم هائيہ آوازن جو تعداد پندرهن آهي.

سنڌي ۽ پشتو ۾ ڪجهہ آواز مخصوص آهن، جن لاءِ رسم الخط ۾ اکر بہ مخصوص آهن:

سنڌي اکر: ٻ ڄ ڏ ڳ

ان سان گڏوگڏ ٻي غنہ آواز بہ آهن (جن سان ن جو آواز مليل آهي) جيڪي رڳو سنڌيءَ ۾ نہ آهن، پر اهڙا ۽ انهن سان ملندڙ ٻيا آواز ٻين ٻولين ۾ بہ آهن. انهن مان ڪجهہ سنڌيءَ جا مخصوص لفظ آهن. جيئن:

ن ۽ ج جو آواز (ن+ ج= نج) اکر ڃ

ن ۽ ڙ جو آواز (ن + ڙ= نڙ) اکر ڻ

ن ۽ گ جو آواز (ن+ گ= نگ) اکر ڱ

سنڌي ٻوليءَ جو اهو 'ڻ' وارو آواز اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ موجود آهي. 'ڃ' سنڌيءَ جو مخصوص آواز آهي. اهو آواز سنسڪرت ۾ ٿورو بدليل آهي، ۽ ان ۾ ن+ ي جو آواز گڏيل آهي. جنهن لاءِ هي اکر (ञ) مقرر ٿيل آهي. ٽيون آواز 'ڱ' جو آهي، جيڪو سنڌيءَ جو مخصوص آواز آهي. اهو آواز بہ سنسڪرت ۾ ڪجهہ بدليل آهي. جنهن ۾ ن غنہ سان گڏ گ ۽ ي جا آواز

يعني (ن+ گ + ي) مليل آهن. انهن لاءِ اکر (ङ) مقرر ٿيل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جا ٻه اکر اهڙا آهن، جن مان هرهڪ جا ٻه تلفظ آهن: 'ٽ' جنهن جو هڪ پنهنجو آواز به آهي، ته اتر سنڌ ۾ ان سان 'ر' به ملايو ويندو آهي، يعني 'ٽر'. هي اهو ئي آواز آهي، جيڪو نرم ٿي سنسڪرت ۾ (تر) جي صورت ۾ موجود آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو تلفظ سخت آهي؛ پر سنسڪرت پنجابي ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ ان جو تلفظ نرم آهي. سنڌي 'ٽي' (ٽي ۽ ٽري) 'ٽن' کي چيو ويندو آهي؛ ۽ پنجابي ۽ ٻين ٻولين ۾ 'ٽن' کي 'تري' چيو ويندو آهي. 'ڏ' جو به هڪ پنهنجو تلفظ آهي، جيڪو ٻين ٻولين ۾ به آهي، پر ٻين ٻولين ۾ 'ڍ' سان 'ر' جو تلفظ به ملايو ويندو آهي. (ڍر) اهڙيءَ ريت 'ڍوڙ' جو تلفظ 'ڍروڙ' به آهي. اهو به سنڌيءَ جو مخصوص آواز آهي.

پنجابيءَ ۾ به هائيه آواز ڳڏيل صورت ۾ لکيا وڃن ٿا. (سکن جي مذهبي رسم الخط ۾ انهن آوازن لاءِ اکر مخصوص ٿيل آهن) پر پنجابيءَ ۾ انهن آوازن جي نوعيت بدليل آهي؛ ۽ اهي انهيءَ ٻوليءَ جا مخصوص آواز آهن. انهن کي جهڙيءَ طرح لکيو ويندو آهي، انهيءَ مان ئي ٻولي ڳالهائيندڙ يا سکندڙ تلفظ درست ڪري وٺندا آهن. اهو ان ٻوليءَ جو مسئلو نه آهي. يورپ جون سيئي ٻوليون، جن جو شمار دنيا جي تمام سڌريل ۽ ترقي يافته ٻولين ۾ ٿيندو آهي، اهي سڀ رومن رسم الخط ۾ لکيون وينديون آهن؛ ۽ ان ذريعي ئي پنهنجي صوتي خاصيتن کي برقرار رکنديون آهن، جن کي ڏاري ٻولي ڳالهائيندڙ به درست تلفظ سان سکي سگهندا آهن. ان سلسلي ۾ هڪ حد تائين هر ٻوليءَ جي صوتيات جي مخصوص بين الاقوامي رسم الخط مان به ڪم ورتو ويندو آهي؛ پر ٻوليءَ جي مخصوص صوتيات ان جي رسم الخط ذريعي ئي سکي ۽ سيکاري سگهجي ٿي؛ ۽ هونئن به اهو ٻوليءَ جو هڪ اهم شعبو آهي، جنهن جي تعليم جو طريقو منفرد آهي.

ٻين ٻولين کان بلڪل الڳ سنڌي رسم الخط جي اها به هڪ ڳالهه

آهي، تہ ان ۾ ٻہ لفظ ٻيا بہ رسم الخط ۾ شامل آهن. جيڪي هي آهن.

هڪ 'ڀ'، ٻيو '۽' (مرعٰء جي هيٺان ٻہ ٻيٺل زيريون) اهي لفظ سنڌي الف- ب ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن داخل ڪيا ويا، ان جي باري ۾ ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. غالباً اهو عربيءَ جي اثر تحت ٿيو هوندو. انهن ۾ اختصار تہ ضرور آهي، پر اهي اکر (يا لفظ) رسم الخط تي بار آهن. منهنجي خيال ۾ انهن کي لفظي صورت ۾ 'ميں' ۽ 'ائين'، لکڻ بهتر ٿيندو.

هيستائين تہ معاملو بلڪل صاف آهي، پر سرائيڪي رسم الخط جو معاملو ڏاڍو منجهيل آهي. ٻڌو آهي تہ ملتاني سرائيڪي ٻوليءَ کي صحيح لکڻ لاءِ سڀ کان اڳ ان رسم الخط ۾ ترميم وحيد اختر مرحوم ڪئي هئي، پر اها ڪهڙي هئي، تنهن جي خبر نہ پئجي سگهي آهي. ايتري تائين جو ان جي باري ۾ ڪنهن کي بہ ثابتيءَ سان ڪا معلومات نہ آهي. اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اها هڪ ابتدائي ڪوشش هوندي، جيڪا مقبول نہ ٿي سگهي.

سنڌي ۽ سرائيڪي صوتيات هڪ آهن، ٻنهي ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. ٻنهي ٻولين ۾ لسانياتي هڪجهڙايون بہ آهن. ان ڪري ٻنهي جو رسم الخط بہ هڪ ئي هجڻ گهرجي ها، پر انهن ٻنهي ٻولين جي رسم الخط ۾ فرق پيدا ڪرڻ جون دانستہ ڪوششون ڪيون ويون. ملتاني سرائيڪي ٻوليءَ جي رسم الخط جي تاريخ رڳو پنجاهہ سٺ سال پراڻي آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ سرائيڪي ٻولي سنڌي رسم الخط ۾ شروع کان ئي لکي ۽ پڙهي ويندي آهي. سرائيڪي ٻولي مناسب رسم الخط نہ هجڻ جي ڏکهي وقت دوران پنجابي ٻوليءَ جي فارسي رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي، جنهن کي چڱيءَ طرح نہ پئي پڙهجي سگهيو.

سرائيڪي ملتاني رسم الخط جي معاملي ۾ ان وقت کان غور فڪر شروع ٿيو جڏهن ننڍي کنڊ جي مشهور اخبار 'رياست' جو مشهور ۽ معروف ايڊيٽر ديوان سنگهہ مفتون قيد ٿي منٽگمري جيل ويو جتي هن خواجہ غلام

فريد جو ڪلام پڙهي ۽ جڏهن کيس خبر پئي ته خواجه غلام فريد جو تمام ٿورڙو ڪلام ڇپيل صورت ۾ آهي ۽ قابل اعتماد ۽ درست ڪتابت سان هن جو ڪوبه ديوان موجود نه آهي، تڏهن هن بهاولپور جي نواب کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ هن کيس مخاطب ٿيندي چيو هو ته اهو هڪ وڏي افسوس جو مقام آهي، ته ملتاني ٻوليءَ جي عظيم شاعر ۽ اوهان جي مرشد خواجه غلام فريد جي ڪلام جو ڪوبه نسخو موجود نه آهي. ڇا اهو اوهان جو فرض نه آهي، ته هن عظيم شاعر جي ڪلام جو ڪو نسخو ڇپرايو. جيڪو هن عظيم شاعر ۽ اوهان جي شان وٽان هجي. خط ملندي ئي نواب بهاولپور مولوي عزيزالرحمان مرحوم کي حڪم ڏنو ته فريد جي ڪلام جو اعليٰ نسخو تيار ڪيو وڃي. جنهن هڪ ڪميٽي ٺاهي سُتت ئي ڪم شروع ڪري ڏنو. ان وقت خواجه فريد جي ڪلام کي لکڻ لاءِ جڏهن ملتاني سرائيڪي ٻوليءَ جي رسم الخط جي ضرورت جو احساس ٿيو ته سنڌي رسم الخط جي الف بي کي سامهون رکي غور ڪيو ويو.

ٻنهي ٻولين جي ساڳي صوتيات ۽ ساڳي ئي رسم الخط ۾ سرائيڪيءَ کي سنڌ ۾ لکجڻ جي ڪري، اهائي صورتخطي اختيار ڪئي وڃي ها، پر مسئلو اهو هو ته سنڌي عربي رسم الخط ۾ ۽ سرائيڪي فارسي رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي، ۽ ٻيو مک سبب اهو هو ته سرائيڪيءَ جا اديب ۽ محقق پنهنجي ٻوليءَ جو تشخص رسم الخط کي سمجهندا هئا. اهڙيءَ ريت هو فارسي رسم الخط کي ترڪ ڪرڻ چاهيندا هئا. ان ڪري هنن سنڌي رسم الخط کي سامهون رکيو پر ان ۾ معمولي ڦيرگهير ڪان پوءِ ان کي اختيار ڪري ڇڏيو. پر هنن جو سڀ ڪان وڏو مقصد پنهنجي ٻوليءَ لاءِ هڪ الڳ رسم الخط جوڙڻ هو.

جيڪي اکر سرائيڪي ملتانيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا، اهي سنڌي اکرن سان گڏ هيٺ ڏجن ٿا.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي: | ٻ | ڄ | ڃ | ڊ/ڏ | ڳ | ڱ | ڻ |
| سرائيڪي: | ٻ | ڄ | ڃ | ݙ | ڳ | ڱ | ݨ |

شيخ محمد اڪرام الحق: (ڊاڪٽر ٽرومپ جي اکر گ ۾ ترميم): 'ڪ'
(شيخ محمد ڪرام الحق 'گ' کي ڊاڪٽر ٽرمپ جي تجويز ڪيل گ ۾ ترميم ڪري 'ڪ' جي وچ جي مٿان نيم دائرو ڏئي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ اهو اکر پشتو مان ڪنيو هو. ڇوته هن پشتو قاعده لکيا هئا. هن چاهيو ٿي ته ٻين ٻولين لاءِ به عربي رسم الخط استعمال ڪيو وڃي)
ڊاڪٽر ٽرمپ: ڱ (پشتو گ)

انهن سيني اکرن ۾ نقطن جو تعداد مقرر ڪري ۽ دائرن کي هيٺ مٿي ڪري فرق پيدا ڪيو ويو آهي. نظامي صاحب 'ڳ'. 'گ' لفظن کي اکرن جي ابتدا ۾ رکڻ کان سواءِ اکرن جي وچ ۾ به رکيو آهي. جيئن شيخ اڪرام الحق صاحب پشتو رسم الخط جي پيروي ڪندي 'ڪ' جي هيٺان جي بجاءِ مٿان نيم دائرو ڏئي 'ڳ' کي 'ڪ' جي صورت ڏئي ڇڏي آهي.

مولانا فريدي پنهنجو ديوان. جيڪو ٻن ضخيم جلدن ۾ شايع ٿيو آهي، ان کي نظامي صاحب جي اکرن ۾ ڇاپيو آهي. اهڙيءَ ريت رسم الخط جي معاملي ۾ مولوي عزيزالرحمان، بشير احمد نظامي ۽ ڊاڪٽر عبدالحق جا اکر هڪ ئي وقت سندن پنهنجين پنهنجين ڇپيل لکڻين ۾ رائج ٿيل آهن.

اکر 'ڻ' جو معاملو دلچسپ به آهي، ته ساڳي وقت افسوس جوڳو به. جنهن ۾ ڪو به بنيادي اختلاف نه هو. پر جڏهن 'ڻ' جي سرائيڪيءَ واري صورت پشتو اڪيڊمي اپنائي پنهنجي رسم الخط ۾ شامل ڪئي آهي، ته پنجابي ٻوليءَ ۾ سنڌي ۽ سرائيڪي صورتن کي ترڪ ڪري هڪ ٻي صورت 'ݨ' کي اختيار ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اها صورت پنجابي رسم الخط ۾ رواج پائي وئي آهي. مزي جي ڳالهه اها آهي، ته جنهن اکر کي سنڌيءَ ۾ سرائيڪيءَ اکر کان الڳ ڪري نئون اکر ٺاهيو ويو آهي، اهو به سنڌي رسم الخط جو اکر آهي، جيڪو ڊاڪٽر ٽرمپ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي کي ڇپائڻ لاءِ پنهنجي ٺاهيل اکرن ۾ شامل ڪيو هو. ۽ جنهن کي

ٽائيپ ليپزڪ جرمنيءَ ۾ وڌو ويو هو.

سنڌي رسم الخط ۾ ان کي ترڪ ڪرڻ جو سبب معقول آهي، ڇوته هاڻوڪي رسم الخط ۾ اها صورت 'ٺ' جي آهي. ان ڪري ٻنهي اکرن جي هوندي هڪ ئي الف ب ۾ ڏکيائيون ٿي پون ها. گڏيل رسم الخط جي صورت ۾ ان اکر کي ترڪ ڪرڻو پوندو.

بشير احمد نظامي سرائيڪي رسم الخط لاءِ هڪ نئون اکر 'ي' تجويز ڪيو آهي، جنهن کي هن پنهنجي ڪتابن ۾ به استعمال ڪيو آهي. ان اکر کي هن (يا ي نفي الصوت) جو نالو ڏنو آهي. هن جي 'ي' اردو لفظن 'ڪيا' ۽ ڪيون ۽ سرائيڪي لفظن بياھ ۽ ڪڙهيا ۾ آئي آهي، پر هن ان مسئلي تي چڱيءَ طرح غور نه ڪيو آهي. جيڪڏهن هو غور ڪري ها ته "واؤ معدوله" کي نه وساري ها. اهو به "واؤ نفي الصوت" آهي، جيڪو 'خود' ۽ 'خواب' ۾ استعمال ٿيو آهي. اهو اکرن جي اضافي جي ڪري نه آهي، پر اهو بنيادي طور تي ٻوليءَ جي الف. ب جو معاملو آهي، جنهن کي پڙهندي اڄ ڏينهن تائين ڪابه ڏکيائي محسوس نه ٿي آهي. ٻار به 'ڪيا' (ڇا) ۽ 'ڪيا' (ڪيو) ۾ فرق سمجهي سگهندا آهن. عملي طور تي انجمن ترقي اردوءَ ان مسئلي تي غور ڪيو ۽ ان جي درست الف بي لاءِ پنهنجي قاعدي ۾ طريقو تجويز ڪيو آهي. واؤ جي مختلف آوازن جو چارٽ هيٺ پيش ڪجي ٿو.

| | | |
|---|---|---|
| زبر | قول | Qaul |
| پيش | کول | Khol |
| پيش | ڦول | Phool |

۽ واو معدوله کي لکڻ لاءِ هيٺيون طريقو تجويز ڪيو آهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| خواب | خواب | Khwab | Khab |
| خود | خود | Khud | |
| خوش | خوش | Khush | |

۽ 'ي' جي گڏيل تلفظ کي به هيٺينءَ طرح لکي سگهجي ٿو.

ڪيا Kya ڪيون Kyon

اهڙيءَ ريت جڏهن معمولي طور تي اهي لفظ لکيا وڃن، تہ انهن جو تلفظ هي هوندو.

ڪِيا (Kiya) ديا (Diya) لِيا (Liya)

جڏهن گڏيل 'ي' يا گڏيل 'واو' لاءِ ساڪن لفظ موجود هئا. تہ پوءِ هڪ غير اصطلاحي لفظ خفي الصوت جي استعمال جو ڪوبہ سبب نہ آهي. ظامي صاحب اهو لفظ ان ڪري استعمال ڪيو آهي، جو هو انهن قاعدن کان اڻڄاڻ هو.

اها هڪ لسانياتي حقيقت آهي، تہ سنڌي ۽ سرائيڪي صوتيات ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي، ان ڪري انهن ٻنهي ٻولين جو رسم الخط بہ ساڳيو هجڻ گهرجي. انهن ۾ فرق نہ هجڻ گهرجي ۽ پاڪستان جون سڀ علائقائي ٻوليون فارسي يا عربي رسم الخط ۾ لکيون وينديون آهن. (جن ۾ ڪو بنيادي فرق نہ آهي) ان ڪري سنڌي ۽ پشتو جي چئن بنيادي آوازن لاءِ چار چار اکر گڏيل رسم الخط ۾ رکڻ ضروري آهن. ان کان سواءِ ائين هائيہ آوازن کي ترڪ ڪري، باقي هائيہ آوازن کي، جيڪي تعداد ۾ گهٽا آهن، تن کي 'ھ' سان ملائي لکيو وڃي، جيئن اردو، سرائيڪي ۽ پنجابيءَ وغيره ۾ لکيو ويندو آهي. ايئن ڪرڻ سان پاڪستان جي علائقائي رسم الخط ۾ هڪجهڙائي پيدا ٿي ويندي. 'ڻ' غنہ سان لاڳاپيل ٿي اکر آهن، انهن کي ترڪ ڪرڻ بہ لازمي آهي. جيڪڏهن گهٽ ضروري سمجهيو وڃي تہ 'ڻ' کي برقرار رکيو وڃي، پر جيڪڏهن ان کي بہ ترڪ ڪيو وڃي تہ بهتر آهي.

آخر ۾ جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جو ڪو مسئلو هجي، تہ ان تي بہ غور ڪري سگهجي ٿو. مثال طور: براهوي جو هڪ بنيادي آواز آهي، جنهن کي 'ل' جي اکر سان ظاهر ڪري سگهجي ٿو. براهويءَ ۾ اهو آواز ل+ س ۽ ان سان لاڳاپيل لهجن ۽ گڏيل سنڌي لهجن ۾ "ز" سان ملندڙ جلندڙ تلفظ ۾ ادا ڪيا وڃن ٿا، اهڙيءَ ريت راجستان سان ملندڙ ڪنهن لهجي ۾ ل+ ڙ جو

گڏيل آواز آهي. ان لاءِ "ڙ" جي صورت ۾ هڪ لفظ وڌائي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ جيڪي اکر گڏيل رسم الخط لاءِ مرتب ڪيا وڃن. انهن جو تعداد ائيتاليهه هوندو.

ا ب ٻ پ ت ٽ ث ج ڄ ڃ چ ڇ ح خ د ڏ ڌ ذ ر ڙ ز ژ
س ښ ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ک گ ڳ ڱ ل ڷ (ڵ) م ن
(ڻ) و ه ء ي ے۔

آخر ۾ هڪڙو مسئلو رهجي ويو آهي، اهو آهي، ٽ/ڊ/ڙ لاءِ اردو سنڌي ۽ پشتو اکرن مان چونڊ جو. جيڪو ايڏو وڏو مسئلو نہ آهي، انهن مان جنهن تي اتفاق ٿي وڃي، ان تي اتفاق ٿي سگهي ٿو. وڏو مسئلو عربيءَ ۽ فارسيءَ مان هڪ جي چونڊ ڪرڻ جو آهي، جنهن کي في الحال ڇڏي ڏيڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ ٽائيپ مشين ۽ ٽائيپ رائيٽر کان پوءِ اسان جون اکيون عربي رسم الخط کان روشناس ٿي وينديون ۽ ان تي سڀني جو اتفاق ٿي ويندو.

دنيا جي اهڙي ڪابہ ٻولي نہ آهي، جيڪا پنهنجي سمورن لهجن جي صوتيات کي پنهنجي رسم الخط ۾ پوئي سگهي، ان ۾ ڪجهہ لهجي جي رعايت هوندي آهي. جيئن سنڌي صورتخطيءَ ۾ وچولي جو لهجو جنهن جو دارومدار لاڙي لهجي تي آهي. ۽ اترادي لهجو جنهن جي صوتيات جو ڇار اڳ ۾ ئي 'ٽ' ۽ 'ڊ' جي ٻن تلفظن ۾ رکيو ويو آهي، ان کان سواءِ صورتخطيءَ ۾ ڪوهستاني، لاسي ۽ ٿري لهجن جي رعايت سان الف- ب ۾ اضافو ڪرڻ ڪنهن بہ ريت درست نہ ٿيندو اٿلندو پنهنجيءَ ٻوليءَ کي منجهائي ناقابل عمل بڻايو ويندو. پاڪستاني ٻولين جي هڪ رسم الخط جي تصور جي دائري ۾ رڳو بنيادي صوتيات جو ڇار ڇاهيو ويو آهي. جيئن پهرين عرض ڪيو ويو تہ سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي کان سواءِ پشتو ٻوليءَ جي لهجن جو بہ خيال رکيو ويو آهي. ان ٻوليءَ جا ح خ س ۽ ز سندس مخصوص لهجن تي بہ حاوي آهن. ز جيئن تہ اردو ٻوليءَ جي الف- ب ۾ شامل آهي، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿي، پوءِ ڀلي ان کي سنڌي الف-

ب ۾ شامل ڪيو وڃي يا نہ. ان تلفظ کي سنڌيءَ ۾ 'ي' سان اچاريو ويندو آهي. هاڻي جيڪي ڪجهہ ماڻهو 'ي' کي ڇڏي 'ز' اچارين ٿا، ۽ ٽيليويزن کي ٽيليوزن چون ٿا، اهي صوتيات جي لحاظ کان ز کي وڌيڪ ويجهو آهن، اها تبديلي بهتر ۽ مناسب آهي. ان ڪري نون لفظن، دائرن، نيم دائرن ۽ مختصر ڦڏن خطن جي اضافي سان سنڌي الف_ ب کي صحيح تلفظ جي نانءَ تي زير ڪرڻ جو ڪو علمي ۽ فني جواز نہ آهي.

اهو ان ڪري بہ ضروري آهي، تہ ٻولييون لساني حوالي کان اختصار ڏانهن مائل آهن. ٻولين جي سلسلي ۾ ازلي ۽ ابدي قانون، سهولت جو قانون (Rule of convenience) آهي. ان حوالي کان سنڌي ٻوليءَ جو شمار انهن ٻولين ۾ ٿئي ٿو جن ۾ اختصار واري خاص خوبي شامل آهي، جنهن ۾ جملن کي لفظن ۾ بدلائڻ جو رجحان اڳ ئي موجود آهي، جيڪو هيٺ ڏنل مثالن مان ثابت ٿئي ٿو جن ۾ جملا گهٽجي لفظ ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا:

(1) 'ڇيومانس'. دراصل هي هڪ جملو آهي، جيڪو اصل ۾ 'مون هن کي ڇيو' آهي.

(2) 'ڇيومانءِ' هي بہ هڪ جملو آهي، جنهن جي معنيٰ 'مون توکي ڇيو' آهي.

(3) 'ڇيومانِ' هي بہ هڪ جملو آهي، جنهن جي معنيٰ 'مون هنن کي ڇيو' آهي.

هونئن بہ سهولت يا سهل پسنديءَ جو اهو قانون انساني فطرت جي عين مطابق آهي، جيڪو ٻولين ۾ 'غنہ' ۽ 'هائيہ' آوازن جي گهٽ هجڻ ڏانهن مائل آهي. اهو هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن کي وڏيءَ ڪوشش سان سست تہ ڪري سگهجي ٿو، پر ان کي روڪي نہ ٿو سگهجي. ان ڪري ٻوليءَ جي صوتيات ۾ مداخلت ڪرڻ واري سلسلي ۾ وڏي احتياط جي ضرورت آهي؛ ۽ هن زماني ۾ جڏهن فني طور تي مصمتي آواز بہ يا تہ گهٽجي رهيا آهن، يا وري انهن جو رجحان گهٽجي رهيو آهي. ان جي مداخلت جي گنجائش اڃان

ٻـ گهٽ ٿي وئي آهي، پر ٻولين جو اصل ڪردار برقرار رکڻ ضروري آهي. سنڌي ٻوليءَ جي چوسٽن (Implosive) آوازن کي برقرار رکي، ڪين قائم رکي سگهجي ٿو. اهي آواز ٻ، ڏ ۽ ڄ جي آوازن کي، جيڪي ٻين ٻولين ۾ Plosive يا Explosive آواز آهن، جن جي تلفظن ۾ آواز وات جي اندران ٻاهر نڪرندو آهي. انهن آوازن کي سنڌي Implosive جيئن اچارڻ گهرجي، جن ۾ آواز (صوت) ٻاهر کان اندر ويندو آهي. اهڙيءَ ريت پشتو جي خاص آوازن لاءِ ٻـ گنجائش رکي سگهجي ٿي. جيڪڏهن براهوي ۽ ڪشميري ٻولين لاءِ ٻـ هڪ گڏيل رسم الخط رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، تـ انهن جا ٻـ آواز جن سان ٻولين جو ڪردار برقرار رهندو هجي، شامل ڪري سگهجن ٿا. پر اهو قوم جي گڏيل راءِ تي ٻڌل هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ان کي مناسب سمجهيو وڃي تـ مٿين تجويزن تي غور ڪري سگهجي ٿو. في الحال ان مسئلي تي علمي نظر وڌي وئي آهي.

('مطالعہ عشقي مرتب: شڪيل احمد خان جي ٿورن سان، 'ڪلاچي ' تحقيقي جنرل، 2 ڊسمبر 2007ع)

پروفيسر عبدالرحمان جسڪاڻي

# سنڌيءَ ۽ عربي ٻوليءَ جا لاڳاپا

ٻولين جو جڙڻ هڪ ٻئي تي اثر پوندو آهي، ان جا ڪجهه اصول ۽ سبب هوندا آهن. انهن مان هڪ اهم اصول اهو آهي تہ جڏهن ڪوبہ ملڪ يا ڪا قوم، ڪنهن اهڙي ملڪ جي تسلط هيٺ ايندي آهي، جنهن جي زبان مفتوح قوم جي زبان کان مختلف هوندي آهي، تڏهن ٻئي ٻوليون (فاتح ۽ مفتوح قوم جون) ڪجهه وقت تائين گڏوگڏ قائم رهنديون آهن ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ يا تہ فاتح قوم جي ٻولي، مفتوح قوم جي ٻوليءَ تي غالب پئجي ويندي آهي يا وري مفتوح قوم جي ٻولي فاتح تي غالب پئجي ويندي آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي غالب ٻولي جيڪا بہ هجي، پنهنجا ڪجهه نشان ڇڏي منجهي ويندي آهي ۽ نئين صورت واري ٻولي هڪ نئين روپ ۾ نکري نروار ٿيندي آهي. اهو سڄو ٻوليءَ جي سٽاءَ، جوڙجڪ، خط، تاريخ، قدامت، لفظن جي ذخيري ۽ شاهوڪاريءَ تي دارومدار بہ رکي ٿو. انهيءَ دعويٰ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت سنڌي زبان آهي. سنڌ ۾ آيل عرب سياحن جي سفرنامن ۾ ڏنل حوالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ عرب دور ۾ سنڌ جا ماڻهو ڪافي عرصي تائين ٻئي ٻوليون يعني عربي ۽ سنڌي ڳالهائيندا رهيا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هزارن جي تعداد ۾ عربي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا ۽ ڪيترائي سنڌي لفظ عربي زبان جي لغت جو حصو بنيا. اسلام جي اثر سنڌ جي ماڻهن جي ذهنيت، سوچ ويچار ۽ فڪر جي ارتقا ۾ تازي خون مثل ڪم ڪيو. نئين مذهب سبب، نئين معاشري جنم ورتو مذهبي نالا، اسلامي تعليم انتظامي، سياسي، معاشرتي علومن جا هزارين لفظ سنڌي زبان ۾ استعمال ٿيڻ لڳا. عربي زبان جي اثر سبب سنڌي زبان ۾ وسعت، مرڪزيت ۽ گهرائي پيدا ٿي ۽ زبان جي تمدني سرمائي ۾ اضافو ٿيو. ان کان سواءِ

حديث، فقهه ۽ اسلامي احڪامن ۽ علومن سان گڏ ادبيات، ثقافت، دينيات، عمرانيات، فلسفي، سائنس، تاريخ، جغرافيه، فنون لطيفه ۽ ٻين علمن جا انيڪ عربي اصطلاح ۽ فني الفاظ سنڌي زبان ۾ داخل ٿيا.

سنڌ جي فتح دوران جيڪي عرب سپاهي آيا سي هتي رهي پيا، شاديون ڪيائون، بعد ۾ بغداد، مصر، شام ۽ ٻين عرب ملڪن مان عالم، درويش ۽ سياح آيا، سنڌ جو عرب ملڪن سان تجارت جو سلسلو شروع ٿي ويو. عربيءَ ۽ سنڌيءَ جو پاڻ ۾ گهرو ۽ گهاٽو اثر ٿيو. سنڌي زبان عربيءَ تي غالب پئجي وئي. سنڌي عالمن، اديبن، حڪيمن، ويدن ۽ شاعرن پنهنجو پاڻ کي مڃايو ۽ عربيءَ جي بين الاقوامي حيثيت سان سنڌي زبان کي به اهو مان مرتبو مليو. سنڌي ۽ عربيءَ جو هڪ ٻئي سان 1026ع تائين سڌو واسطو رهيو(1).

**سنڌي ٻوليءَ جي لساني انفراديت تي عربيءَ جو اثر:**

سنڌ تي عرب حڪومت ۾ نئين علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي، مذهبي ۽ سياسي ماحول جي زير اثر سنڌيءَ ۽ عربي زبان جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو قائم ٿيو جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي لساني انفراديت تي عربي زبان جو اثر ظاهر ٿيو ۽ سنڌي زبان کي بين الاقوامي سطح تي مڃتا ملي ۽ هن تي علمي تحقيق شروع ٿي، جنهن ۾ عرب عالمن ۽ ماهرن جا خط ابن حوقل، ۽ ٻين عالمن سنڌي زبان بابت حوالا قلمبند ڪيا ۽ اهو سڀ ڪجهه عربي زبان سان لڳ لاڳاپي، تعلق، عربيءَ جي اثر قبول ڪرڻ سبب ٿيو ۽ عربن خود سنڌي زبان ۾ اهي خوبيون ۽ صلاحيتون ڏٺيون، جن عربيءَ سان گڏ سنڌي زبان سکڻ ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ تحقيق شروع ڪئي ۽ سنڌي زبان کي بين الاقوامي حيثيت ۽ مرتبو ڏياريو.

چوٿين هجري صديءَ جي ٻئي اڌ ڌاري هڪ عرب محقق اسحاق ابن النديم سنڌي زبان بابت تحقيق لاءِ هڪ وک اڳتي وڌائي ۽ انهيءَ دؤر ۾ هڪ ٻئي عرب ماهر ۽ عالم بشر بن عبدالوهاب الفزاري سنڌي لغت جو

وڏيڪ گهرو مطالعو ڪيو ۽ ان کان بعد پنجين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ البيروني سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت وسيع پيماني تي معلومات قلمبند ڪئي(2)

ٻي ۽ ٽين صدي هجريءَ کان وٺي عرب عالمن علم طب تي تحقيق شروع ڪئي ۽ دوائن ۾ استعمال ٿيندڙ پسارڪي وکر بابت ڪتابن لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ان ڪري مختلف ملڪن ۾ جڙين ٻوٽين جي سڃاڻپ ۽ سمجهه لاءِ نالا ٻين ٻولين ۾ ڏيڻ ضروري سمجهيا، ليڪن صرف انهن ٻولين ۾ جيڪي بين الاقوامي حيثيت رکندڙ هيون. انهن ٻولين ۾ قديم يوناني، رومي، سرياني ۽ رائج ٻولين مان عربي، فارسي، سنڌي ۽ هنديءَ کي بہ بين الاقوامي حيثيت سان تسليم ڪندي ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو جيڪو سنڌي زبان لاءِ هڪ وڏو اعزاز هو. ابو حنيفہ جي "ڪتاب النبات" محمد بن زڪريا جي "ڪتاب الصيدنہ" بشر بن عبدالوهاب جي ڪتاب "تفاسير الادويہ" ۽ البيروني (ڪتاب الصيدنہ في الطب) ۾ ٻوٽين جا نالا ٻين زبانن سان گڏ سنڌي زبان ۾ بہ ڏنا آهن. جيڪي سنڌي زبان جي لساني انفراديت ۽ بين الاقوامي طور تي سنڌيءَ جي اهميت ۽ حيثيت کي تسليم ڪرڻ سان گڏ ان تي عربن جي خصوصي تحقيق، مطالعي، دلچسپيءَ ۽ عربي زبان جي اثر جو بہ هڪ ثبوت فراهم ڪن ٿا.

### سنڌي ٻوليءَ جي مرڪزيت تي عربي زبان جو اثر

عربن جي حڪومت دوران سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏيڪ مرڪزيت پيدا ٿي، جنهن جي ڪري هڪ جامع سنڌي ٻولي وجود ۾ آئي، سنڌي عام ملڪي ٻولي بڻي ۽ ان جو بنياد مضبوط ٿيو. هن جي مرڪزيت جا جيڪي اهم سبب هئا، انهن مان هيٺيان 3 مکيہ ڪارڻ هئا. 1- نظام حڪومت، 2- مذهب، 3- آبادي ۽ تجارت.

#### 1- حڪومتي نظام

هن دؤر ۾ سڄي سنڌ هڪ پختي نظام حڪومت هيٺ آئي، جيڪو اٽڪل ٽي سؤن سالن تائين قائم رهيو. ملڪ ۾ قافلن جي اچ وڃ ۽

تجارت، قضا ۽ عدالت، خراج ۽ زراعت جي ساڳئي سرشتي، سماجي ۽ اقتصادي زندگيءَ ۾ يڪجهتي پيدا ڪئي.

## 2. مذهب دين اسلام

سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏيڪ مرڪزيت پيدا ٿيڻ ۽ عربي زبان جي اثر جو ٻيو اهم سبب مذهب هو عربن جي دؤر حڪومت ۾ سنڌ جي ماڻهن عربن جي دعوت ۽ تبليغ جي عمل ۽ دين اسلام جي رواداري، ڀائيچاري، تحفظ ۽ احترام انسانيت جي اعليٰ اخلاقي قدرن کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪيو هو اسلامي عقيدن ۽ اسلامي تعليم سببان عربن ۽ هتان جي مسلمانن جي زندگيءَ ۾ يڪسانيت پيدا ٿي. جنهن ڪري سماجي توڙي سياسي مرڪزيت وڏيڪ مضبوط ٿي، قومن، قبيلن جا ويڇا، ذات پات جو فرق ختم ٿيو. شريعت اسلامي قبائلي ريتن رسمن کي هموار ڪيو اسلامي اقدار ۽ ديني تعليم، قرآن، حديث، سنت، فقهه نماز روزي، جزا ۽ سزا وغيره جا نوان اصطلاح سنڌي زبان ۾ داخل ٿيا.

## 3. آبادي ۽ واپار

عربن جي حڪومت ۾ نون شهرن ۽ آبادين جو سلسلو شروع ٿيو ۽ منصوره جو نئون مرڪزي شهر تعمير ٿيو. جنهن جو تذڪرو علم، ادب، فن ۽ تاريخ جي حوالي سان پوريءَ دنيا ۾ مشهور آهي. واپار کي ترقي ملي خشڪي ۽ بحري رستا کليا، ملڪ ۽ ڏيساور ۾ واپاري قافلن جي اچ وڃ جو سلسلو شروع ٿيو جنهن سببان هڪ طرف ملڪي معيشت کي هٿي ملي، ٻئي طرف هڪ ٻئي سان لاڳاپن ۽ تعلق سببان تهذيب، تمدن، زبان رسم ۽ رواج تي پڻ اثر ٿيا. مختلف علائقن ۾ عربن جي ميل جول، ڪاروبار تجارت ۽ معاشرت ڪري ماڻهن ۾ وڏيڪ لهه وچڙ ۽ لڳ لاڳاپو پيدا ٿيو مختلف ٻولين ۽ لهجن ۽ محاورن ۾ لساني ربط پيدا ٿيو. جيڪو هڪ عام ۽ مشترڪ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو.

**سنڌي ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت تي عربيءَ زبان جو اثر:**

سنڌ تي عرب حڪومت دوران محمد بن قاسم سنڌ جي مختلف شهرن ۾ عربن جون آباديون قائم ڪيون، جنهن ڪري سنڌين ۽ عربن جا پاڻ ۾ گهرا لاڳاپا قائم ٿيا. سنڌ وارن جا عرب ملازمن، ڪاريگرن ۽ عالمن سان گهرا معاشرتي ناتا ۽ تعلق پيدا ٿيا. عربن سنڌ جي سرزمين کي پنهنجو وطن بنايو محمد بن قاسم کانپوءِ سنڌ ۾ آباد عرب باشندن واپس موٽڻ تي چاهيو ليڪن خليفي سليمان جو فرمان آين ته "اتي رهو کيتي ڪريو هر ڪاهيو ته شڪيا هجو". سليمان جي ان حڪم پهچڻ بعد سنڌ ۾ آباد عرب باشندا سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهي ويهي رهيا ۽ سنڌي آبادگارن ۽ هارين جا پاڙيسري ٿي پاڻ سنڌي بنجي ويا.

سندن دائمي سڪونت سببان، عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ شادين مرادين ۽ مائٽين جا سلسلا قائم ٿيا. سنڌين جي شرافت ۽ مروت کان وڏا وڏا عرب خاندان متاثر ٿيا ۽ هنن سنڌين سان مٽيون مائٽيون ڪيون. معتبر حوالن مان معلوم ٿيو آهي ته حضرت علي رضه جي فرزند محمد، امام زين العابدين ۽ امام زيد بن الحسين جون مائرون سنڌي هيون (3) علي اصغر بن زين العابدين علي بن الحسين جي امڙ به سنڌڻ هئي (4) بنو اميه جي مشهور جرنيل مهلب جي ٻن بهادر پٽن مفضل ۽ عبدالمالڪ جي ماءُ سنڌڻ هئي. سندس نالو مائي يلي هو. (5) بنو اميه جي آخري ڪمانڊر انچيف يزيد بن عمر بن هبيرته الفزاري جي ماءُ جيڪا نهايت حسين عورت هئي، سا به سنڌڻ هئي. (6).

انهيءَ سنڌي رشتي جي ڪري ئي ان وقت جي شاعر ابو عطا سنڌيءَ سندس ظالمانه قتل ٿيڻ تي هڪ دردناڪ مرثيو چيو جو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو ۽ عربي شاعريءَ ۾ مرثيي گوئيءَ جو بهترين مثالي شعر بڻيو ۽ عربي ادب جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ نموني طور نقل ٿيو.

ٻيو اهم ڪارڻ جنهن ماڻهن جي انفرادي توڙي اجتماعي زندگيءَ ۾

وڏي نفسياتي تبديلي آندي، سو هو اسلام جو دلين تي اثر. خداوند تعاليٰ جو خوف، ڪفر ۽ ايمان ۾ فرق، دنيا ۽ آخرت جو تصور، دوزخ ۽ بهشت (عذاب ۽ انعام) جو فڪر، حق تي سر ڏيڻ، شوق شهادت، ۽ اسلامي عقيدن ماڻهن جي سوچ ويچار توڙي عقيدن ۾ نئين ڪيفيت پيدا ڪئي، جُنهن ڪري شخصي توڙي اجتماعي نفسيات جو رخ بدليو ۽ ان ڪري نفسياتي ڪيفيت ۾ بہ تبديلي آئي، جنهن جو ٻوليءَ جي نفسيات تي بہ اثر پيو. جڏهن ماڻهن جي خيالن، احساسن ۽ جذبن جي نوعيت بدلجڻ لڳي، تڏهن سندن نفس ڪلام جي هيئت بدلجڻ ضروري هئي. اسلام، ايمان، شريعت، دين، توحيد، فرض، سنت، نماز روزا، حج، زڪوات، خيرات ۽ ٻيا متعدد الفاظ روزمره جي ٻوليءَ ۾ رائج ٿيا، عملي زندگيءَ ۾ انهن تخيلن جي اثر، خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت (Thought Process) عمل جي نوعيت (Behaviour) ۽ اجا بہ زياده نفس ڪلام جي حيثيت ۽ ٻوليءَ جي سٽاءَ تي پيو جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي نفسيات ۾ وڏو ڦيرو آيو (7) عربي زبان جي اسلامي، ادبي، اخلاقي، مذهبي اصطلاحن سنڌي زبان کي متاثر ڪيو ۽ ڪيترائي لفظ هوبهو ڪجهہ ملندڙ جلندڙ ۽ ڪجهہ لفظ ٿوري تبديليءَ سان سنڌي زبان ۾ شامل ٿي ويا.

**سنڌي ٻوليءَ جي لغات تي عربيءَ زبان جو اثر:**

عرب حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لغات ۾ ڪافي واڌارو آيو، اسلامي تعليم، عبادتن، عقيدن لاءِ هوبهو عربي لفظن سنڌي زبان ۾ جاءِ والاري ورتي جن ۾ مسجد، وضو آذان، تڪبير، اقامت، اطاعت، زڪوات، خيرات، صدقو عفو شڪر، ذڪر ۽ ٻيا ڪيترائي مذهبي اصطلاح ۽ لفظ داخل ٿيا.

زراعت ۽ ٻين ڌنڌن ۾ ڪم ڪندڙن، ڪم جي اصطلاحن ۽ اوزارن کي عربي ٻوليءَ جا لفظ مليا، زراعت ۾ "هاري" ۽ "مجيريءَ" جا بنيادي نالا، عربي لغت ۽ ان جي اثر سببان سنڌي ٻوليءَ جو جز بڻيا. هاري، جيڪڏهن

"هر" مان اسم فاعل آهي ته بہ عربيءَ جي اثر هيٺ، ۽ جيڪڏهن "حارث" مان نڪتل آهي ته بہ عربي اثر هيٺ، هرلي، يا ايٺ. لاءِ عربي نالي 'ناعوره' مان سنڌيءَ ۾ "نار" جو نالو رائج ٿيو ۽ نار چاڙهيندڙ کي ان ابتدائي دؤر ۾ اسم فاعل جي ترڪيب موجب، ناري سڏيو ويو، جنهن جو اهڃاڻ اڄ تائين "هاري ناري" جي اصطلاح ۾ موجود آهي.

"مجيري" عربي اُچار_ مُجير مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سنڀاليندڙ حافظ يا نگران، عراق جي آباد زمين وانگر سنڌ جي زمين جي ماپ تي ۽ 'جريب' جو آڳاٽو عربي لفظ عام مروج ٿيو.

هاٽوڪي سکر بئراج وانگر، عربي دؤر ۾ خليفي معتصم بالله جي دؤر ۾، سنڌ جي گورنر موسيٰ بن عمران زراعت جي ترقيءَ لاءِ هڪ بئراج يا بند ٻڌرايو جنهن جو نالو هو "سڪرالميد" يعني ميد يا مهاڻن وارو بند، عربيءَ ۾ 'سڪر' لفظ جي معنيٰ آهي بند، هاٽوڪي سکر شهر جو نالو شايد انهيءَ آڳاٽي بند جو يادگار هجي، جو جو درياهہ جي ڪپ تي (ميد= مهاڻا، ملاح = ميربحر) رهندا هئا. ان ڪري ان بند جو نالو سڪرالميد رکيو جيڪو اڳتي هلي سکر نالي سان مشهور ٿي ويو. درياهہ ۽ واهن جي ڪنارن تي آمد رفت لاءِ دڪا بنيا، جن تان سنڌي لفظ ڦڙ (عربي فرضہ = ڪچي پل) عام استعمال ٿيو. اهڙيءَ طرح آنَ جي ماڻ جو نالو ڪاسو ڪنهن عربي ماپي "ڪاسہ" برتن جو يادگار آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌي زبان ۾ رائج آهي.

چوٿائي، عربي لفظ ربع جو ترجمو آهي ۽ خرار عربيءَ جي ذريعي آيل فارسي ماڻ جو نالو آهي.

لوهارڪي ڌنڌي ۾ مترڪو عربي زبان جي 'مطرقہ' مان نڪتل آهي، ۽ 'سنداڻ' لفظ عربي جي "سندان" جا يادگار آهن.

جهازرانيءَ ۾ 'مڪڙي' (عربي جي مُخر= ٻيڙيءَ جو پاڻي جي سطح کي چيرڻ (مخري= ٻيڙي)) 'ملاح'، 'ميربحر'، 'اميرالبحر'، 'زورق' ٻيڙيءَ جو قسم، 'سڪان' عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ 'سڪاڻ' لفظ رائج ٿيا.

ڪاسائڪي ڏنڏي ۾ 'ڪاسائي'، عربي قصاب، 'ڪاتي'، عربيءَ جي قاطع مان، 'حُلوان' عربيءَ ۾ نذرانو پڪر، 'ذبح'، 'حلال'، 'حرام' ۽ 'تڪبير' اهي لفظ نج عربي آهن. واپار ۾ دڪان فارسيءَ مان عربي ذريعي ساهمي، دلال، منيب، بيانو عربيءَ جي بيعانہ ڪاپاڙو عربيءَ جي قبالہ ڪڙيو يا خرجين عربيءَ جي خرج مان بقر يا باقري، عربيءَ جي بقال، بجاج عربيءَ جي بزاز حلوو عربيءَ جي حلواه، مان نڪتل آهي.

**سنڌي علم ادب جي بنياد تي عربيءَ زبان جو اثر:**

سنڌ ۾ عرب دؤر حڪومت ۾ اسلامي سلطنت واري علم ادب ۽ سائنس جو سڄيءَ دنيا ۾ چرچو هو. جتي جتي اسلام پهتو اتي علمي ادبي ۽ فني ميدان ۾ ترقي ٿي. سنڌ ۾ بہ فتح اسلام بعد نئون علمي دؤر شروع ٿيو. سنڌ ۾ عربي حڪومت جي شروع ٿيڻ کان اٽڪل هڪ سؤ ورهين اندر سنڌ جي علمي درسگاهن مان عربي ۽ سنڌي توڙي هندي ٻولين جا وڏا ڄاڻو ۽ ماهر پيدا ٿيا. عباسي حڪومت جي دؤر ۾ خاص ڪري مامون جي وقت ۾ جيڪي علمي ۽ فني ڪتاب سنسڪرت مان ترجمو ٿيا، سي اڪثر سنڌ جي گورنرن معرفت ۽ سنڌ جي درسگاهن مان نڪتل عالمن جي معرفت ٿيا. هڪ عرب عالم جو بيان آهي تہ: هن طبرستان طرف هڪ ڪتبخاني ۾ هڪ هندي ڪتاب عربيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڏٺو جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ هي ترجمو ساوندي جي امير جي سرپرستيءَ هيٺ ٿيو. "ساوندي" سنڌ جو شهر ساوڙي نوابشاهہ ۾ هو جنهن جا والي سما هئا.

خاص سنڌ جي ڪيترن ئي باشندن مان، محدث، مصنف، مؤرخ ۽ شاعر پيدا ٿيا، جنهن ڪري سنڌي علم ۽ ادب تي عربي زبان جي اثر سببان واڌارو ٿيو.

ابو عطا سنڌي، عربيءَ جو بلند پايہ شاعر، ابو معشر سنڌي تاريخ جو مشهور راوي، انهن جا نالا قابل ذڪر آهن. سنڌ جي گادي "منصوره" جي قاضي احمد بن محمد، عراق ۽ فارس ۾ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي.

انساب سمعاني، معجم البدان ۽ ٻين عربي ڪتابن ۾ ڪيترن ئي سنڌي محدثن، ديبل جي عالمن فرح السنڌي، ابوالفرج السنڌي، خلادالسنڌيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. هڪ طرف سنڌي نسل جي عالمن عربي علوم ۾ شهرت حاصل ڪئي ته ٻئي طرف عرب عالمن ۽ اديبن جي اثر سببان سنڌي علم ۽ ادب تي عربي زبان جا گهرا اثر ثيا. ساڳي وقت عرب عالمن ۽ اديبن سنڌي زبان جي مطالعي ۾ مهارت حاصل ڪئي. سنڌ ۾ منصوره علم جو مرڪز هو جتي 117 هه ۾ برهمگپت جي ڪتاب "ڪنڊ ڪا ديڪ" جو عربيءَ ۾ 'والار ڪند'، جي نالي سان ترجمو ڪيو. سن 288 هه ۾ ابو محمد الحسين نالي هڪ عالم منصوره ۾ هو هن اتي هڪ معتبر شخص کان ٻڌو ته ڪشمير جي طرف جي هڪ راجا، جنهن جو لقب (راءِ) ۽ نالو (مهروڪ بن رايق) هو جيڪو هندستان جي نامر نهاد راجائن مان هو سن 270 هه ۾ سنڌ جي حاڪم عبدالله هباريءَ ڏي لکيو ته سندس واسطي اسلامي احڪام جو هندي، ڏيهي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي موڪلي، عبدالله منصوره جي هڪ عالم کي گهرائي اسلامي احڪامن کي ڏيهي ٻوليءَ ۾ قصيدي جي صورت ۾ نظم ڪرائي راجا ڏانهن موڪليو. عبدالله هباريءَ جنهن عالم کي گهرايو هو اهو اصل ۾ عراقي عرب هو ليڪن هو هتان جي ڏيهي ٻولين ۽ محاورن جو وڏو ڄاڻو ۽ سٺو شاعر به هو. جڏهن راجا وٽ اهو نظم پهتو ته هن کي ڏاڍو پسند آيو ۽ راجا عبدالله کان مصنف جي گهر ڪئي، جنهن کي عبدالله راجا ڏانهن روانو ڪيو جيڪو ٽن سالن بعد واپس آيو ۽ ٻڌايائين ته راجا مون کان قرآن مجيد جو ترجمو ڪرايو ۽ هن قلب توڙي زبان سان اسلام کي قبول ڪيو آهي، ليڪن سياسي مصلحت تحت اعلان نٿو ڪري ۽ هن ٻڌايو ته راجا مون کي ٽن ڀيرن ۾ ڇهه سؤ مڻ سون بخشش طور ڏنو. (8)

انهن حقيقتن مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ نه رڳو سنڌي بلڪ عربي زبان جي مطالعي لاءِ به جوڳو بندوبست هو. عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي

ڪهڻي ۽ اٿڻ ويهڻ سبب سنڌي زبان جي علم و ادب تي گهرا اثر ٿيا. سنڌ ۾ آيل سيني عرب سياحن جو بيان آهي ته سنڌ ۾ سنڌي ۽ عربي ٻئي ٻوليون رائج هيون. سنڌي زبان ۽ عربي زبان ۾ ترجما، شعر شاعريءَ جو چرچو بغداد جي درٻارن تائين عام هو ۽ انهن کي انعامن سان پڻ نوازيو ويو. عربن جي دؤر ۾ عرب ملڪن مان شاعر، عالم اديب ۽ فني ماهر سنڌ ۾ ايندا رهيا. جنهن ڪري سنڌي زبان جي علم ادب ۽ لغت ۾ واڌارو ٿيو نه رڳو ايترو ليڪن ابو جعفر منصور جي دؤر ۾ هڪ عالم سنڌ جي تاريخ بابت پڻ تحقيق ڪئي. محمد بن قاسم جو درياهه اڪرڻ وارو باب به ان تحقيق جو نتيجو آهي. (9)

**علم بديع، علم بيان ۽ علم معانيءَ تي عربيءَ زبان جو اثر:**

جيئن ته عربي زبان جنهن کي (ام اللسنه) يعني تمام زبانن جي ماءُ چيو ويجي ٿو ان جي سنڌي زبان تي اثر بابت جيڪي نوان راز نروار ٿين ٿا. انهن مان خبر پئي ٿي ته سنڌي زبان پنهنجي جاءِ تي هڪ شاهوڪار ۽ مالا مال زبان ضرور آهي، ليڪن سنڌي زبان جي بنيادن ۾ عربيءَ زبان جو جيڪو اثر نظر اچي ٿو اهو ٻيءَ ڪنهن زبان ۾ نظر نٿو اچي. سنڌي الف-ب ۾ عربي حرفن جي داخل ٿيڻ جو مسئلو هجي، رسم الخط لغت ۾ واڌارو، گرامر، علم عروض، شاعريءَ ۽ ادب جو معاملو هجي، اتي سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر نمايان طور تي نظر ايندو. اسان کي علم ڪلام، علم بديع، علم بيان ۽ علم معاني تي نه رڳو عربي زبان جو اثر نظر اچي ٿو بلڪ سنڌي شاعريءَ جي صنفن جي نالن ۽ گرامر تي هوبهو عربي زبان جي اثر وانگر هتي به يعني انشا پردازيءَ ۽ اعليٰ مضمون نويسيءَ لاءِ علم بديع، علم بيان ۽ علم معانيءَ لاءِ جيڪي نالا ۽ الفاظ، ترڪيبون ۽ قاعدا بيان ڪيا ويا آهن، اهي به عربي زبان مان اخذ ڪيل آهن. بذات خود لفظ 'علم' عربي زبان جو لفظ هجڻ سان گڏ 'بديع'، 'بيان' ۽ 'معنيٰ'، 'معاني' الفاظ به عربي زبان سان واسطو رکن ٿا. صنائع و بدايع لفظي ۽ معنويءَ ۾ وري "تجنيس تام" ۽ 'تجنيس ناقص'، 'ايهام' يعني وهم مان نڪتل، 'مراعات النظير' يا تناسب

جا قاعدا (لف و نشر معنيٰ ويڙهڻ ۽ ڦهلائڻ، وغيره جا عربي زبان جا لفظ، اغراق= (غرق) (مدح مشابہ ذم): جو اصول حشو مليح ۽ قبيح جا اصول عربي اثر جي علامت آهن. علم بيان ۾ تشبيهہ، استعارو ڪنايو "مشبہ"، ملفوف، مجمل، مفصل، قوي، ضعيف، ڪامل، استعاره ۾ استعاره لہ، مستعارلہ، مستعار منہ، استعاره داخليہ، استعاره خارجيہ، ڪُلہ جزئيہ، سببہ، مسببيہ، محليہ، ماضيہ، استقباليہ وغيره جا قاعدا، جيڪي علم بيان ۾ استعمال ٿين ٿا، سي تقريباً سڀ عربي زبان مان نڪتل آهن ۽ ڪجهہ ٻين زبانن ذريعي سنڌي زبان ۾ داخل ٿيل آهن، اهي بہ عربي جي قريب ترين آهن.

علم معاني ۾ فصاحت، بلاغت، مسند، مسندالیہ، قصر، قصر حقيقي ۽ غير حقيقي وغيره اهي تمام الفاظ جيڪي قاعدن ۽ ضابطن لاءِ سنڌي زبان ۾ رائج آهن، سي سڀ عربي زبان جي اثر جو واضح نشان بنيل آهن.

عربي زبان جي اعرابن ڏيڻ سببان سنڌي زبان جي لفظن کي صحيح طريقي، اچارڻ، ادا ڪرڻ، لکڻ پڙهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ وڏي مدد ملي آهي. اعرابن جي استعمال ڪري زبان ۾ هڪ ضابطو مقرر ٿيو ۽ اعرابن جي ذريعي انهن کي صحيح نموني ادا ڪرڻ جو موقعو مليو جنهن ڪري لفظ پنهنجي اصلي حالتن ۾ موجود آهن. مثلاً عامل کي عاملُ اصيل کي اصيلُ، قاعده کي قاعدو فائده کي فائدو قانون کي قانونُ ڪاغذ کي ڪاغذُ، قلم کي قلمُ، ورق کي ورقُ، صفحہ کي صفحو انصاف کي انصافُ، انقلاب کي انقلابُ، وعده کي واعدو صوفيءَ کي صوفي، نفع کي نفعو نصيب کي نصيبُ، قسمت کي قسمتَ، انعام کي انعامُ، استعفيٰ کي استعيفا. ان کان سواءِ عربي زبان ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت لاءِ هڪ باقاعدي قرات جو نظام آهي، جنهن ۾ هرهڪ لفظ لاءِ ان جو الڳ آواز مخرج ۽ قرات مقرر ٿيل آهي، ان جو بہ سنڌي زبان تي گهرو اثر ٿيو ۽ جيڪي 11 عدد لفظ عربي الف ـ ب مان سنڌي الف ـ ب ۾ شامل ٿيا، انهن جي باقاعدي عربي زبان ۾

تجويد جي فن هيٺ ادائگيءَ لاءِ ضابطو ۽ مخرج مقرر آهي، جڏهن ته ٻيا به سنڌي الف- ب ۾ عربيءَ جا مشترڪ الفاظ موجود آهن ۽ باقي رهيل حرفن جي ادائيگيءَ لاءِ سنڌي زبان ۾ به باقاعدي علم اللسان ۽ سنڌي زبان جا قاعدا آهن ۽ اچارن ۽ اعرابن به ان سلسلي ۾ وڏي مدد ڪئي آهي. ان ڪري صدين جي گذرڻ باوجود لفظن جي لکت ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ٿي آهي ۽ اميد ته اڳتي به نه ٿيندي، يعني لفظ عامل کي آمل، اصيل کي اسيل، قانون کي ڪانون، ڪاغذ کي ڪاغز قلم کي ڪلم، صفحه کي سفو انصاف کي انساف واعدو کي وائدو يا وادو قسمت کي ڪسمت، انعام کي انئام، چقمق کي چڪمڪ، قابو کي ڪابو استعفيٰ کي استيفا ڪري نه لکبو آهي ۽ نه وري غلط تلفظ سان پڙهبو (10). اعرابن جي ڦيرڦار سان نه رڳو لفظ غلط ٿي ويندا آهن، بلڪ انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم به بدلجي ويندو آهي، مثلاً اشراف کي اشِراف، آسباب کي اِسباب، حَل کي حِل، شرارت کي شَرارت، تندرستيءَ کي تندرستي، خودڪشيءَ کي خودڪشي، فساد کي فساد ڪري نه پڙهبو.

اهڙيءَ طرح شد يا تنوين جي صورت ۾ به لفظ جي ادا ڪرڻ ۾ غلطيءَ جو امڪان هوندو آهي، ليڪن اعرابن کي صحيح نموني سمجهي ادا ڪرڻ سان غلطيءَ جي گنجائش نه رهندي آهي ۽ لفظ جي معنيٰ به ساڳي رهندي آهي. مثلاً لفظ مدبر (ب جي شد سان) وڏي سياستدان کي چئبو آهي، اگر ان جي شد جو خيال نه رکيو ويو ۽ ان کي مدبر (دال جي جزم سان ۽ ب جي زير سان) پڙهبو ته ان جي معنيٰ به بدلجي ويندي، مدبِر جي معنيٰ آهي، بدبخت، نياڳو بدقسمت، بدنصيب ۽ ٻوڙين ٻير ٻڃندڙ هن مان ثابت ٿيو ته عربي زبان جي اعرابن سنڌي زبان جي لفظن جي ادائگيءَ ۾ وڏي مدد ڪئي آهي.

ساڳيءَ طرح تنوين به سنڌي زبان ۾ هوبهو عربي واريءَ صورت ۾ رائج آهي، اگر ان کي سنڌيءَ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اهو غلط ٿي ويندو مثلاً لفظ، کي لکڻ مهل (مثلاً) لکڻ گهرجي ۽ اهو صحيح آهي، ان کي

اگر مثلن لکبو تہ اھو سراسر غلط ٿي ويندو.

عربيءَ جي ڪن لفظن مٿان الف ۽ لام (اَل) ھوندو آھي، انھن جي مٿان اسم يا حرف ايندو آھي، تہ پڙھڻ مھل الف جو اچار نہ ڪيو بلڪ لکڻ مھل الف ضرور لکبو جھڙيءَ طرح عبدالڪريم کي پڙھبو تہ عبدل ڪريم. ليڪن جڏھن لکبو تہ الف ۽ ل بہ لکبو يعني عبدالڪريم. ڪجھہ لفظ اھڙا آھن جن جي لکڻ مھل الف نہ لکڻ جو رواج پئجي چڪو آھي، جيڪو غلط العام جي قاعدي ۾ داخل ٿي سگھي ٿو ليڪن انھن لفظن کي بہ صحيح صورت ۾ لکڻ گھرجي، جھڙيءَ طرح (بلڪل ۽ بلفعل) اصل ۾ بالڪل ۽ بالفعل آھن. جن لفظن مٿان حرف علت (و الف ي) ايندو تہ اھو بہ پڙھبو مثال "ابو الڪلام" پڙھڻ مھل اَبُل ڪلام پڙھبو ليڪن لکڻ مھل ابوالڪلام لکبو. اھي سڀ قاعدا عربيءَ جي اثر جو ثبوت آھن. وقت سان گڏ انھن ۾ تبديلي بہ آئي آھي، جيڪا صحيح آھي يا غلط ان جو فيصلو عالم ئي ڪري سگھن ٿا. خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ان سلسلي ۾ ڪو معيار مقرر ڪري.

**مددي ڪتاب:**


1ـ سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ص 321، ڊاڪٽر الھداد ٻوھيو.

2ـ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

3ـ ڪتاب المعارف، ابن قتيبہ حوالو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

4ـ عمدة الطالب، حوالو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽربلوچ

5ـ ديوان فرزوق، حوالو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ.

6_ ڪتاب المعارف، حوالو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ.

7_ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

8_ عجائب الهند، حوالو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ.

9_ فتح نامہ سنڌ، حوالو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽربلوچ.

10_ رسالو وينجهار ڪراچي، شمارو 2، 1992ع.


[ڪلاچي، شاھ عبداللطيف چيئر، ڪراچي، ڊسمبر 2000ع تان ورتل]

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

# سنڌي تعليم جي ترقي ۽ ان آڏو آيل مسئلا

سنڌي ٻولي سنڌ جي ڌرتيءَ سان ئي وجود ۾ آئي آهي ۽ يارهين صديءَ کان منجهس تعليم، ادب، روزمره جي استعمال توڙي واپاري وهنوار جي تاريخي چارڻ موجود آهي. لاثاني ڪوين قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي، دلپت، روحل اسان لاءِ فخر جو باعث آهن.

سنڌيءَ جي اهڙين خوبين کي انگريز حڪمرانن قبول ڪري، سنڌ صوبي ۾ ان کي سرڪاري زبان جي روپ ۾ قبول ڪيو. 1948ع ۾ بمبئي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ هيٺيون حڪم نامو جاري ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏنو:

"اسان کي ملڪي ٻوليءَ (سنڌيءَ) کي دفتري ٻولي بڻائڻ گهرجي. مون کي خبر نٿي پوي ته اسان جي روينيو ۽ عدالتي ڪاتن جا عملدار پارسي ۽ انگريزيءَ جهڙين غيرملڪين ٻولين ذريعي ڪاميابيءَ سان ڪم ڪيئن ڪري سگهندا هوندا. ان سلسلي ۾ سيني ڪامورن کي ارڙهن مهينن جو مُدو ڏنو وڃي، جنهن ۾ هو سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪن. اهڙن ڪامورن کي ليفٽيننٽ اسٽئڪ جي ڊڪشنري وڏي مدد ڏيئي سگهي ٿي، جنهن جي ڇپائڻ جي هن کي اجازت ڏني وڃي."[1]

ان سلسلي ۾ بي. ايچ. ايلس (B.H. Ellis) جي صدارت ۾ هڪ صورتخطي مقرر ٿيڻ ڪري، ٻوليءَ کي وڏو فائدو رسيو ۽ سنڌيءَ جي واڌاري ۾ خانگي، تعليمي، ادبي ۽ تهذيبي ادارن جو ساراهه جوڳو حصو رهيو. جنهن ڪري ٻين جديد ڀارتي ٻولين مثل سنڌيءَ کي به اُسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جو پورو پورو وجهه مليو. شروعاتي تعليم لاءِ ڳوٺ ڳوٺ ۾ اسڪول کولايا ويا. ثقافتي

1. James Melvill 'sinde' A copy of a report of Sir George Cleark (page 68& 69)

۽ ادبي منڊليون قائم ٿيون. اخبارون ۽ رسالا چڱي تعداد ۾ ڇپجڻ لڳا. مطلب سنڌي تعليم ڪافي ترقي ڪئي.

1947ع جي ورهاڱي جي طوفان سبب جهجهي تعداد ۾ هندو سنڌي ڌرتيءَ ڌڪجي، ڀاڙئون ڀنجي ڀارت پهتا. هڪ ورهاڱي جو ڪاپاري ڌڪ، ٻيو ٻولي وار صوبن جي هن گهڻ ٻوليءَ ملڪ ۾ سنڌين کي ٽانئيڪو ٽيڻ لاءِ ڪو زمين جو ٽڪرو نه مليو. جتي هو يڪ وجودگيءَ سان پنهنجي ٻوليءَ ذريعي تعليم ڏيندي، پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي محفوظ رکندي، شاندار ورثي کي نئين ٽهيءَ جي سگهارن هٿن ۾ سونپي، قرض چڪائي سگهن. هُو ته اُٿي لٿي اجهي جون بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا. دور دراز جي دادرا، نگر حويلي، سڪم، پانڊيچري، انڊمان نڪوبار، ڪشمير، اروڻاچل، مزورم ۾ هڪ سؤ ڪان ٻه گهٽ سنڌي رهن ٿا، اُتي سنڌي تعليم جي سوچ ئي ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ آهي. ساڳي ڳالهه پنجاب، هرياڻا، گوئا، آسام، چنڊيگڙهه، هماچل پرديش ۾ هڪ سؤ کان هزار تائين رهندڙ سنڌين سان لاڳو آهي.

باقي گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيه پرديش، اُتر پرديش ۽ دهليءَ ۾ هزارن کان لکن تائين سنڌي وسن ٿا. انهن جي پاڙن ۾ جيڪا سنڌ جي مٽي هئي، مٽيءَ جو هڳاءُ هو اُن ٻوليءَ لاءِ پيار ئي نه موهه کي وڌائي ڇڏيو ۽ باوجود مخالف حالتن جي انهن صوبن جي مهانگر ۽ شهرن ئي نه ننڍن قصبن ۾ جتي سنڌي مرڪوز هئا، اُتي اسڪول ڪليا ۽ سنڌي تعليم جي ٻنهي روپن يعني مضمون ۽ ميڊيم سان تعليم ڏني ويئي. ساليانن رسالن جي نيمائتو نڪرڻ جو سلسلو هليو. ساليانن جلسن ۾ سنڌي پروگرام پيش ڪيا ويا. ناٽڪ، گيت، نرتيه ناٽڪائون، انتاڪشري، چٽاڀيٽيون (تقرير، ڪويتا، پاٺ، ڪهاڻي پڙهڻ) ادبي ڪلاسن وغيره اهو ثابت ڪيو ته سنڌ سنڌين ۾ وسي ٿي)، سنڌ هتي سنڌ هُتي! اسٽيشن جا ڪولي/ قُلي، دڪاندار ٽانگي ۽ رڪشا وارا سڀ سنڌي ڳالهائيندڙ ايتري قدر جو مڪاني دڪاندار کي سنڌي گراهڪن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو تجربو

ڪرڻو پيو. اڄ جيڪي سنڌي ڪامياب واپاري، انجنيئر، ڊاڪٽر، آفيسر، رٽائر ٿيا آهن يا ٿيڻ وارا آهن، سڀ اُهي سنڌي ميڊيم اسڪولن مان پڙهي نڪتل آهن. سنڌ جو فائينل (ستون درجو) پاس يا اُن کان به گهٽ پڙهيل کي سولائيءَ سان نوڪري ملندي هئي. درسي ڪتاب ڇپرايا ويا (سڀ خانگي سطح تي)، سرڪاري اسڪول پڻ تسلي بخش انداز ۾ کليا. اصولي طور ڀارت ۾ آزاديءَ بعد 1948ع ۾ ڊاڪٽر راڌا ڪرشن آيوگ، 1952ع مداليار آيوگ، 1996ع ڪوٺاري ڪميشن ۽ 1986ع جي قومي تعليم نيتيءَ موجب گهٽ ۾ گهٽ پرائمري اسٽيج تائين مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ جي سفارش ڪئي ويئي. ٿورائيءَ وارن سرڪاري ۽ جوڙجڪي سطح تي قانون موجب فيصلو ڪيل آهي ته جتي چاليهه شاگرد تيار هجن، اتي اُن ٻوليءَ جو اسڪول ۽ ڏهه ٻار تيار هجن ته مضمون کوليو ويندو. ماسترن جي به ٻولياتي ماستر جي روپ ۾ مقرري ٿيندي هئي. اهڙين سازگار حالتن ۾ سنڌي تعليم جي ٿيل ترقيءَ جا ڪي صوبي وار انگ اکر هن ريت آهن. جيئن ته هاير ايڊيوڪيشن تي جدا مقالو آهي. ان ڪري فقط پرائمري ۽ سيڪنڊري سنڌي تعليم جا انگ اکر ڏيان ٿي.

گجرات: ورهاڱي بعد گجرات ۾ جهجهي تعداد ۾ سنڌي ٿانئينڪا ٿيا ۽ تعليم ڏانهن ڏيان ڏنائون. 1980ع جي انگ اکرن موجب گجرات ۾ سنڌي ميڊيم جا 110 پرائمري اسڪول هئا، جن ۾ انٽيهه هزار شاگرد پڙهي رهيا هئا. 20 سنڌي ميڊيم جا سيڪنڊري اسڪول هئا، جن ۾ 9000 هزار شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. 1976ع کان هاير سيڪنڊري سرشتو لاڳو ٿيڻ تي ڏهن هاير سيڪنڊري اسڪولن ۾ سنڌي ميڊيم سان تعليم حاصل ڪرڻ جي سهوليت ڏني ويئي. ٻن ۾ سائنس فيڪلٽي به شروع ڪئي ويئي. جنهن ڪري شاگردن کي انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ۾ داخلا ملڻ لڳي. سڀ کان وڌيڪ اسڪول احمد آباد ۾ آهن. گانڌيڌام، آديپور ۾ پنج، ٻڙودا ۾ ٽي، نڙياد، راجڪوٽ، جهوناڳڙه، ڀاونگر، ويراول، جيتپور، پليتاڻا، ٻانٽوا ۾ هڪ هڪ سيڪنڊري اسڪول آهي. گهڻو تڻو اسڪول 1948ع کان

1952ع جي وچ ۾ کليا. 1996ع جي انگ اکرن موجب هر اسڪول ۾ 250 کان 2000 تائين ٻار آهن.

مهاراشٽر: ورهاڱي بعد ممبئي ۽ آسپاس جي ايراضي خاص ڪري ڪلياڻ ڪئمپ ۾ وڏي تعداد ۾ سنڌي اچي وسيا. سنڌي ٻولي قائم رکڻ لاءِ انيڪ تعليمي سنسٿائون (ادارا) برپا ڪيائون. سنڌي ميڊيم جا اسڪول کوليا ويا. آڪٽوبر 1948ع ۾ ڪلياڻ جي سنڌي اسڪولن کي ٺاڻي ضلعي جي اسڪول بورڊ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. سنڌي ميڊيم جي 22 اسڪولن ۾ اٽڪل ڏهه هزار شاگرد پڙهندا هئا.

1976-77ع ۾ ٺاڻي ضلعي پريشد جا سڀ اسڪول اُلهاس نگر کي ڏنا ويا. اُن وقت اٽڪل 11 هزار شاگرد سنڌي ميڊيم سان تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. اُتي جي خانگي اسڪولن ۾ اٽڪل 6000 ٻار پڙهي رهيا هئا.

پوني ۽ پمپريءَ ۾ شاگردن جو سٺو تعداد هو. ڪولهاپور ناسڪ، ديولالي، ڌوليا، چاليس گانو جل گانو ڀوساول ۾ سنڌي ميڊيم جا سيڪنڊري اسڪول آهن. هن وقت ٻه 100 کان 500 ٻارن تائين انهن ۾ سنڌي تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد آهن.

ناگپور، امراوتي، اڪولا، جدا جدا اسڪولن ۾ سون کان هزارن جي تعداد ۾ سنڌي پڙهندڙ ٻار هئا.

راجستان: ورهاڱي بعد چڱي تعداد ۾ سنڌي اجمير، جئپور، جوڌپور، ڪوٽا، اُديپور بيڪانير وغيره ۾ اچي وسيا ۽ سنڌي ٻولي قائم ڪرڻ لاءِ انيڪ اسڪول کولايا ويا. ادبي تنظيمون برپا ڪيون ويئون ۽ سنڌي پريسون شروع ٿيون. اجمير ۾ سنڌي ميڊيم جا 30 پرائمري ۽ پنج هاءِ اسڪول هئا. اُنهن جا نالا هي هئا. گورنمينٽ هاءِ اسڪول فار سنڌيز-1، 2، 3، 4، 5 وغيره. پوءِ ٻه سالن تائين اُنهن نالن سان بحث هلندو هو توڙي سنڌي پڙهندڙن جو تعداد ختم ٿي ويو. ٻين شهرن ۾ ٻه ڏهاڪو پرائمري اسڪول ۽ هاير سيڪنڊري اسڪول کليا. هاڻي ته مضمون جي روپ ۾ هلائڻ ڏکيو ٿي

پيو آهي. جئپور ۾ تہ تازو گذريل مهيني ئي تعليمي وزير سنڌي اسڪولن آڏو لڳل شرڻارٿي (پناهگير) لفظ جو لڄائيندڙ ليبل ختم ڪرڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو آهي. 1965ع بعد اجمير کي راجستان صوبي جو حصو بڻائڻ کان پوءِ آهستي آهستي سنڌي ميڊيم هٽائي هندي ڪيو ويو. سنڌي شاگردن جو تعداد گهٽبو ويو. جتي چار چار پنج پنج سؤ ٻار هئا. اُتي وڃي 40_ 50 تائين پهتا. اهڙين مخالف حالتن ۾ خانگي تعليم تنظيمون سجاڳ ٿيون. آدرش گروپ، سڌار سيا گروپ آف انڊيوڪيشن جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي پڙهندڙن جو تعداد هزارن تائين پهتو. مذڪوره شهرن جي اسڪولن ۾ سوَن جي تعداد ۾ شاگرد سنڌي پڙهندا هئا. ڏيري ڏيري تعداد گهٽجي اسڪولن کي بند ڪرڻ جي حد تائين پهتو. لاچار ڇڪي تاڻي مضمون جاري رکڻ جي حد تائين پهتو آهي.

مڌيہ پرديش: گهڻو ٿڻو تعليمي ادارا سرڪاري هٿن ۾ رهيا. بيرا ڳڙه ڀوپال ۾ ڪي چار پنج خانگي ادارا رهيا. ظاهر آهي سرڪار اونو ڪندي ڪونہ سنڌين کي اهڙو جنون تہ چڙ. چاهہ بہ ڪونهي. شروع ۾ ڪجهہ پرائمري اسڪول کولايا ويا. پر هن وقت نہ جي برابر سنڌي تعليم جو بندوبست آهي.

اُتر پرديش (يو. پي): سنڌي گهڻي ڀاڱي آگري، ڪانپور، لکنؤ ۾ وسيل آهن. ورهاڱي بعد سنڌين تعليمي ادارا تہ برپا ڪيا. پر نہ سنڌين ۽ نہ سرڪار پاران سنڌي ميڊيم کي همٿايو ويو. بس مضمون جي روپ ۾ سنڌي پاڙهڻ جو بندوبست هو. سڀ کان وڌيڪ آگري ۾ ڇهہ هاير سيڪنڊري اسڪول آهن. ڪيولرام گرمکداس انٽر ڪاليج ۽ سوامي ليلاشاهہ آدرش سنڌي انٽر ڪاليج ۾ شاگرد هزارن ۾، پر ميڊيم هندي، سنڌي مضمون جي چونڊ ڀيرين تہ سوين شاگرد ڪندا هئا. پر هاڻي اهو چاهہ ناهي، جڏهن تہ 1996ع ۾ بہ 1249 شاگردن مان 568 سنڌي هئا ۽ 478 سنڌي مضمون پڙهي رهيا هئا.

دهلي: شروع ۾ نوڪري ۽ واپار سانگي چڱا سنڌي دهليءَ ۾ رهڻ لڳا. چار سنڌي ميڊيم جا اسڪول هئا، جن ۾ تمام وڏي تعداد ۾ شاگرد سنڌي تعليم حاصل ڪندا هئا. پر 1980ع تائين چئن مان ٽن اسڪولن ۾ سنڌي ميڊيم بند ٿي ويو. چوٿين ۾ 500 ڪن شاگرد هئا. پر وقت جي اثر ڪري اتي ميڊيم ختم ٿيو هاڻي ڪنهن بہ اسڪول ۾ ميڊيم ڪونهي، بس مضمون جي روپ ۾ سنڌي تعليم جاري آهي، اها چوندا بہ گهٽ شاگرد ڪن ٿا.

هڪ تنظيم جنهن تمام گهڻو ڪم ڪيو جنهن تي جدا ليک لکي سگهجي ٿو سا هئي آل انڊيا فيڊريشن آف سنڌي پرنسيپالس، جيڪا ڏهاڪي کان وڌيڪ سال سرگرم رهي. هر سال سميلن ڪندا هئا ۽ سنڌي تعليم جي ترقيءَ لاءِ رٿائون عمل ۾ اينديون هيون. جنهن جو روح رهاڻ جهمٽ مل ٽلواڻي هو.

مٿيون حقيقتون سنڌي تعليم جي ڏس ۾ تسلي بخش ٿي نہ حوصلہ افزائي ڪندڙ بہ آهن. اهائي رفتار رهي ها تہ سنڌي گهٽائيءَ وارن مٿين صوبن ۾ سنڌي يونيورسٽي هجي ها. هزارين شاگرد پڙهندڙ هجن ها. جهجهي تعداد ۾ شاگرد I.F.S, I.P.S, I.A.S وغيره ۾ چوندجن ها.

اهو چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ سرڪاري سطح تي اسان کي هر طرح جو سهڪار مليو. 1952ع ۾ ساهت اڪاڊمي برپا ٿيڻ تي صوبو نہ هوندي بہ سنڌيءَ کي شامل ڪيو ويو ۽ هر سال بهترين سنڌي ڪتاب کي انعام ملندو آهي. سنڌي ٻولي صلاحڪار ڪاميٽي گهڻين رٿائن کي عملي جامو پارائيندي آهي. 1956ع ۾ ٿي پارٽ جي صوبن جي نئين سر ٻوليءَ جي آڌار تي رچنا ڪئي ويئي. جنهن جو مقصد هو صوبائي ٻولين جو واڌارو ٿئي. ماڻهو نہ رڳو رواجي وهنوار ۽ نوڪريون ڪن پر مادري زبان ذريعي اوچ تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ ڌيري ڌيري انگريزيءَ جو دٻدٻو گهٽجي. ان سلسلي ۾ سيني اهم ٻولين لاءِ صوبا نهيا. اها صوبائي سرڪار ٻولي ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ذميوار مڃي وئي، هر صوبي کي هڪ ڪروڙ روپيا گرانٽ ڏني

ويئي. باقي اردو سنسڪرت ۽ سنڌيءَ لاءِ جدا صوبا نہ هجڻ ڪري مرڪزي سرڪار انهن جي ترقيءَ لاءِ ذميوار رهندي ڏنو ويجي تہ اُن بندوبست موجب اُنهن ٻولين جي ڪا قانوني حيثيت نہ رهندي عجب آهي جو سرڪار سنسڪرت ۽ اُردو کي قومي ٻولين جي شجري ۾ جاءِ ڏني، باقي سنڌيءَ کي لاوارث سمجهي ڇڏي ڏنو. اُن سجهاو جي خلاف ذهين طبقي، اديبن، سياستدانن خاص ڪري اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا آواز اُٿاريو آندولن ٿيا. آخر 10 اپريل 1967ع تي سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ جي اٺين شيڊيول ۾ جاءِ ڏيڻ واري بل کي پارليامينٽ ۾ پيڪراءِ بحالي ملي.

نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج برپا ٿي. راجستان، گجرات، مهاراشٽر، يو-پي، دهلي ۽ مڌيہ پرديش ۾ صوبائي اڪادميون برپا ٿيون. ڀارتي ڀاشا سنستان مئسور M.I.IL قومي تحقيق ۽ تربيت واري ڪائونسل (N.C.E.R.T) ۽ قومي تعليمي يوجنا ۽ انتظام واري ڪائونسل NEPA توڙي يونيورسٽي گرانٽ ڪميشن (U.G.C) ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيس فار مائينيورٽي ايڊيوڪيشن D.E.O.M.E جهڙا ادارا برپا ڪيا ويا. پر تعليمي پاليسي تيار ڪرڻ جي ڪنجي پوريءَ طرح صوبائي سرڪارين جي هٿ ۾ آهي ۽ سنڌيءَ کي صوبو ڪونهي، جنهن ڪري سنڌي تعليم جي موقعائتي اهميت بلڪل نہ رهي آهي. مالي فائدا، روزگار واپار ڪورٽ ڪچهري ڪنهن ڏس ۾ ڪارگر نہ هجڻ. انگريزيءَ جو وڌندڙ واهپو ۽ ضرورت، سنڌي ماسترن جي کوٽ. تعليم جي گهٽجندڙ معيار ميڊيم مٽجڻ جو مونجهارو وغيره. 1949ع ۾ مرڪزي سرڪار پاران ديوناگري لپيءَ منظور ڪرڻ جي. آر. (G.R) جو اُگرو نتيجو ٿورو پئسو ڪمائڻ بعد ڪوڙو ڏيکاءُ وغيره انيڪ اهڙا ڪارڻ پيدا ٿيا، جن سنڌي تعليم جي ڇيلهہ ڀڃي اُن کي ساٿو ڪري ڇڏيو. تکي رفتار سان هلندڙ بلنديءَ تي پهتل سنڌي تعليم اڄ بيحد قياس جوڳي حالت تي پهچي ڪٿي بلڪل ختم ٿي ويئي آهي، ڪٿي دم جي مريض جيان سهڪي رڙهي رهي آهي، ڪٿي آئي سي يو جي آڪسيجن تي هلندڙيا ڊائليسس واري مريض

جي حالت ۾ زنده رهڻ لاءِ ادم ڪري رهي آهي. اڄ اسان جا ٻار ڏهن قسمن جون پرڏيهي ٻوليون سکڻ جي نہ رڳو ضرورت محسوس ڪن ٿا، پر ان کي ڪاميابيءَ جو الهہ ديني (علاؤالدين) چراغ سمجهي فخر محسوس ڪن ٿا.

سنڌي واپاري ڏهن قسمن جي گراهڪن سان ڏهن قسمن جي ٻولي ڳالهائي ٿو مالي ترقي ڪري ٿو ان ڏس ۾ ڪانئس اهو وسريو وڃي تہ سندس شخصيت ۾ ڪو خال ڪا گهٽتائي رهجي ويئي آهي. هو سنڌي آهي، اهو بہ پنهنجي ٻارن کي انگريزي يا هنديءَ ۾ ٻڌائي ٿو. اهڙي انڌي گونگي ٻوڙي محتاج نسل جو تصور ڪندي ٿي امداد حسينيءَ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي انڌا اونڌا ٻار
ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻار
گونگا هوندا ٻوڙا هوندا پٽ ڏٽيءَ جا بيت
کهڙيءَ بس تي بيٺا هوندا تنهنجا منهنجا ٻار.

سو سڄڻ! ٻار تہ ڪانوينٽ ۽ سوفيا جي بس تي ٿي بيهندا. اسان جو رت ولوڙڻ بہ پاڻي ولوڙڻ ٿي ثابت ٿيندو. سنڌين سڏي هڪ پيڙهي اسان کان ڪٽجي چڪي آهي. جيتوڻيڪ سروي ڪئي وڃي تہ نتيجا چرڪائيندڙ ٿي نظر ايندا. مون اول ذڪر ڪيو تہ سنڌي ميڊيم سان تعليم ورتل اوچ عهدن تي پهتا. جڏهن تہ انگريزي ميڊيم سان پڙهيلن هزارن ٻارن مان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڃي لائقيءَ لڳا هوندا. باقي ڇوڪرا پيءُ جو ڏنڌو سنڀالين، چاهي ولائت وڃي واپار ڪن ۽ ڇوڪريون ساهري وڃي گهرو ڪم ۾ ٽيلينٽ ختم ڪريو ڇڏين.

**مسئلا ۽ حل:**

پهريان ادائي ٽي ڏهاڪا سنڌي تعليم جي ترقي جنهن تکي رفتار سان ٿي، ان کان وڏيڪ تيزيءَ سان تعليم پوئتي پوندي ويئي. جنهن جا گهڻا ئي ڪارڻ آهن. گهڻا مسئلا درپيش آيا، جن مان اهم مسئلن جو ذڪر مٿي ڪيو اٿم. پر سيني کي دور ڪري سگهبو جيڪڏهن هن هڪ مسئلي جو حل نڪتو تہ!

اسين خود: سنڌي تعليم جي توڙي ٻوليءَ جي واڌپي گهٽجڻ لاءِ اسين خود ذميوار آهيون. سنڌي قوم جو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ان جي تعليم ڏانهن لاپرواهي ۽ نااُميديءَ ڀريو نظريو آهي. نہ تہ جنهن نموني هتي خالي هوندي بہ پنهنجي جنون، اورچائي، محنت سان آنديءَ ۾ جوت جڳائي مٽيءَ کي سون بڻائڻ جي سگهہ رکي، اميدن کان گهڻي وڌيڪ مالي ترقي ڪئي. اُن جي 10 سيڪڙو جيتري سچائي ۽ ايمانداري رکي ڪوشش ڪريون تہ ناممڪن ڪونهي، نئين ٽهيءَ کي جڙن ڏانهن موٽڻ جي چاهت آهي، ماضيءَ کي ڄاڻڻ جي خواهش آهي. اسان اڻڄاتل خوف وچان سنڌيءَ کان ونءُ وڃي رهيا آهيون. ان ڪري پنهنجي پنهنجي منورتي متايون تہ ٻيا سڀ مسئلا اسان جي هڪ ڌوڪ سان اُڏامي بي معنيٰ بڻجي ناس ٿي ويندا.

ڪريون حساب حاصلاتن جو
۽ ڪا تڪ تور تقاضائن جي.
رکي سنجيدگي ڪو سوچ ڪر،
گهٽايون عمر آپدائين جي.

ڀلي اسان ڳتيل آباديءَ مان نڪري ڪالونين جي محلات نما بنگلن ۾ رهون ٿا تہ اُتي سنڌي تعليم لاءِ بندوبست نہ ٿي ٿي سگهيو ڇا؟ ميڊيم نہ تہ مضمون جي روپ ۾ هلائي سگهون ٿا. بس اسين سجاڳ ٿيون.

(1) مٿي بيان ڪيل سيڪنڊري اسڪولن لاءِ ٽرينڊ ماسٽر ڪونہ آهن. B.Ed ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون کولائڻ سان ان کوٽ جي پورائي ممڪن آهي.

(2) شهر ڇڏي جن ڪالونين ۾ سنڌي وسيا آهن، اُتي نوان اسڪول کولي پنچاتين جي مدد سان مائٽن ۾ سجاڳي آڻجي. سرڪاري سهولت چاليهن ٻارن تي هڪ اسڪول، ڏهن ٻارن تي هڪ ماستر، جو ڀرپور فائدو وٺجي.

(3) سنڌي پڙهڻ کان ٻار ان ڪري ونءُ وڃي ٿو جو کيس ڪئريئر نظر نٿو اچي، ان ڪري پرچار ڪجي تہ R.A.S, I.A.S

آڪاشواڻي، دوردرشن، اسڪول، ڪاليج، ليڪچرار، مترجمن وغيره ·لاءِ سنڌي ڪارائتي آهي. نه رڳو ايترو پر سنڌيءَ ۾ ڪامپٽيشن نه جي برابر آهي.

(4) سنڌي پڙهي اوچ عهدن تي رسيل پروفيسرن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن وغيره جا مثال ڏيئي همٿائجي. اولڊ اسٽوڊنٽ ايسوسيئيشن ذريعي پروگرام رکجن.

(5) سنڌي پڙهندڙن کي سنسڪرت ۽ اردوءَ مثل سرڪاري اسڪالرشپ لاءِ ڪوشش ونجي. نئشنل ڪائونسل ۽ صوبائي اڪاڊميون گرانٽ ڏيئي سگهن ٿيون، سرنديءَ وارن جي مدد ونجي.

(6) سڌار سڀا جي طرز تي اسڪول ۾ شاگرد گود کڻڻ جي ڀاونا جو سرنديءَ وارن ۾ پرچار ڪجي.

(7) سرڪار تي زور آڻي Dy DEO, DEO ۽ SDI سنڌي اسڪولن لاءِ سنڌي مقرر ڪرائجن. جيئن اهي اسڪولن جي حالت سڌارڻ جي ڏس ۾ ڪم ڪري سگهن. پر ان ڪم ۾ لاپرواهي، لاغرضي ختم ٿئي، ٽيچنگ لائيسنس انڪريمينٽ روڪڻ ۽ ايڪسٽرا ڏيڻ.

(8) جديد ٽيڪنالاجيءَ جو مڪمل فائدو ونندي، انٽرنيٽ ۽ آڊيو- ويڊيو وسيلن ذريعي غير- دستوري تعليم ڏجي، جيئن گيان وارو مقصد به حاصل ٿي سگهي، سرڪاري بجٽ اٿاهه آهي.

(9) مددي سامان جي روپ ۾ چارٽن، ماڊلن وغيره جو جهجهو استعمال ڪجي. اڄ تائين سنڌي آيووڻا جو چارٽ به ميسر ڪونهي. گرامر، آوازي عضوا وغيره ته درڪنار.

(10) سنڌين جي واپاري منورتيءَ جو فائدو ونجي، اهو ذهن نشين ڪرائجي ته ٻين وديشي ڀاشائن مثل سنڌي هڪ ائڊيشنل ڀاشا به آهي.

(11) C.B.S.E ۾ سنڌي مضمون لاڳو ڪرائي، سڄي ڀارت جي اسڪولن ۾ اُهوئي سليبس هلائڻ سان گهڻن ئي مسئلن جو حل پنهنجو پاڻ ئي ٿي ويندو. جيئن درسي ڪتاب، سرڪاري نوڪرين وارن جي بدليءَ ڪري مضمون متاثيندڙ شاگردن جا مسئلا، ڪتابن جي ڇپائي ۽ وڪرو.

(12) اندرا گانڌي اوپن يونيورسٽيءَ ۽ نئشنل اوپن اسڪول، 'ماڌيمڪ شڪشا بورڊ' راجستان جي اوپن اسڪول امتحان، ڪوٽا اوپن يونيورسٽيءَ ۽ ڏورانهين تعليم جي ڪورس جي ادارن ۾ سنڌي مضمون ڪولارائجي، جيئن گهر ويٺي به شاگرد سنڌي تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ ڊگري حاصل ڪرڻ جو مقصد به برثواب ٿئين.

تسلي بخش ڳالهه اها آهي، جو سنڌي جوڙجڪ ۾ تسليم ٿيل آهي. ان ڪري جيڪي رڻائون ٻولين جي واڌاري لاءِ ٿهنديون، انهن ۾ سنڌيءَ کي فائدو ملڻو آهي. ريڊيو ٽي. وي، اڪادميون انعام سڀ حاصل ٿيندا، پر ان لاءِ سنڌي ڄاڻڻ ته ضروري آهي. ڄاڻ تعليم سان ئي ته ممڪن آهي.

پرڏيهه ۾ ويندڙ سنڌي، سنڌي سيٺين ۽ سنڌ ورقين وٽ آهن. سنڌي ڄاڻندا هوندا ته واپار لاءِ ڪوڊ لئنگوئج (مخفي ڀاشا) جي روپ ۾ سنڌيءَ جي ڄاڻ ڪيتري نه ڪارگر ٿيندي برٿين، اسپينش، جرمني، جاپاني سکون ٿا ته ڀوءِ امڙ جي لولين جي ٻولي سنڌي ڇو نه سکون؟

(13) جن جو ساهتيه ۽ ڪلا سان چاهه آهي، سي پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ خود کي وڌيڪ اثرائتي نموني، وڌيڪ سياويڪ نموني اظهاري سگهندا! گهڻين ٻولين واري ملڪ ڀارت ۾ هرڪنهن ٻوليءَ جي اهميت آهي، ان ڪري سنڌي تعليم جي اهميت آهي ئي.

(14) مضمون جي روپ ۾ تعليم ۾ سنڌي مضمون اچي وڃي ٿو. جيڪڏهن سنڌي ميڊيم سان پڙهون ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀاشائي فارمولا موجب ٽين ڀاشا جي روپ ۾ سنڌي پڙهڻ جي پنهنجي جوڳجڪي حق کي ماڻي، جاتيءَ، قوم ۽ ٻوليءَ سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏيون. ميڊيم پڙهڻ جون ٽي حالتون آهن. پهرئين درجي کان وٺي سکون. بيشڪ ميڊيم انگريزي رهندي هجي. ڇهين درجي کان ٽين ڀاشا، نائين درجي کان ٻي ڀاشا. يارهين درجي کان آپشنل مضمون جي روپ ۾ سنڌي کڻون. الهاس نگر، گجرات، راجستان، دهليءَ ۾ ان نموني مضمون جي چونڊ ڪري سنڌي تعليم جي ڏس ۾ اُميدون آهن. مضمون کڻندڙن جو تعداد وڌائجي، اهو اسان جو فرض به آهي، وقت جي ضرورت به.

سنڌالاجيءَ جي نولراءِ اڪاڊمي اسڪول، ساڌو واسواڻي مشن جا اسڪول، اجمير ۾ عيسائين جو سينٽ جانس ۽ آريه پتري اسڪول، چيمبور ممبئيءَ جا وويڪانندا ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي اسڪولن جهڙا ٻيا به مثال هوندا، جتي ٽين ڀاشا جي روپ ۾ ٻار سنسڪرت عيوض سنڌي مضمون پڙهن.

اڄڪلهه سٽلائيٽ جو زمانو آهي. جدا جدا چئنلن جي ذريعي سنڌي تعليم جو پرچار ڪجي. هرهڪ شهر جي سٽي چئنل تي ڪلاڪ اڌ لاءِ سنڌي سکڻ جو ڪورس ۽ پروگرام هلائجن.

ڪل ملائي جيترا مسئلا آهن، ان کان گهڻا اُنهن جا حل آهن. ضرورت آهي مشنري جذبي سان پرچار جي، سرڪاري سهوليتن جي ڦهلاءَ جي، جيئن وڌ ۾ وڌ اُنهن جو فائدو وٺي سگهجي. سرڪاري ڪئلينڊرن ۾ سنڌي شهيدن ۽ اهم سنتن مهاپرشن جا ڏينهن درج ڪرائجن، جيئن غير سنڌي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻار به سنڌي سنسڪرتيءَ کان واقف ٿي سگهن ۽ سنڌي ٻارن جي احساس ڪمتري ختم ٿئي.

مون کي بيحد افسوس ٿيندو آهي، جڏهن تعليم جو نالو ايندي ئي عالم سياستدان، خود تعليم سان واسطو رکندڙ گهور نراشا ۾ ٻڏي چوندا آهن، سنڌي تعليم ختم ٿي چڪي آهي. گهٽ ۾ گهٽ گجرات ۽ راجستان ۾ خاص ڪري جن اسڪولن ۾ هن وقت سنڌي آهي، اتي ايندڙ ڏهاڪي تائين ته قائم رهندي ۽ جيڪڏهن ڪي شاگرد سنڌي مضمون سان IAS, RAS بڻيا ته پوءِ هاير ايڊيوڪيشن لاءِ وڏيڪ سٽائو واءُ ورڻ جا امڪانات آهن. جيڪي سنڌي تعليمي تنظيمون ۽ ادارا جوت جڳائي وينا آهن. اُتساهه جي تيل ۽ استاد توڙي شاگردن جي وٽ سان وڏيڪ روشن ڪريون. بيشڪ ترت نتيجو نه نڪري، پر ٻاٽ اونداهي ته نه رهي. ڪي به ٿي تارا ۽ جگنو ئي روشني عطا ڪندا رهن. انٽرنيٽ جو فائدو وٺڻ لاءِ ته اول ئي عرض ڪيو اٿم.

آخر ۾ اجمير جو ئي هڪ مثال: اسان ٽي چار سال ڇيٽي چنڊ پکواڙيءَ ۾ ڪلچرل نائيٽس (ثقافتي راتيون) رکيون. هن سال ڪيبل ذريعي سنڌي چينل شروع ٿيڻ تي اهي هلارايون ته عجب ۾ وجهندڙ نتيجو نڪتو جو شهر جا پڙهيل ٻار اسان وٽ آيا ۽ چيائون اسين به گيت، نرتيه ۽ ناٽڪ ۾ ڀهرو وٺڻ چاهيون ٿا. ائين سنڌي ٻوليءَ لاءِ چاهه جاڳڻ بعد تعليم لاءِ به اوس جاڳندي، نراس ٿيڻ ته مان سکي نه، ڪونه آهيان.

اياز جي لفظن ۾:

جوت ٻرندي رهي، رات ٺرندي رهي،
ٻاک جي ساک مان اڄ ڏيئي ٿو وچان،
۽ چئي ٿو وچان هاءِ هاريو متان.

(شاهه لطيف چيئر جي ڇپايل ڪتاب "سنڌ، ماضي، حال ۽ مستقبل" 2006ع تان ورتل)

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

# عربي- سنڌي رسم الخط جي اوسر

## (تاريخي پس منظر)

سنڌي ٻولي پنهنجي قدامت ۽ ساخت جي شاندار ورثي سبب ڏيهان ڏيهه مشهور آهي. تاريخ جي ڊگهي سفر ۾ ان ڪيئي لاهه چاڙهه ڏٺا آهن. جدا جدا زمانن ۾ ان کي مختلف صورتن ۾ تحرير هيٺ آندو ويو آهي. عربن جي سنڌ تي ڪاهه وقت اسان جي ٻولي، خروشطي خط ۽ ديوناگري توڙي ٻين متعدد صورتن ۾ ضبط تحرير ٿيندي هئي(۱). عربن سنڌ تي ٽي صديون راڄ ڪيو. ان دور ۾ عربي زبان هتان جي علمي، سرڪاري ۽ مذهبي ٻولي رهي. اهو ئي سبب آهي جو عربي ٻولي، سنڌي زبان جي هيئت، لسانيات ۽ لغت تي اڻ مٽ اثرات ڇڏيا. ان جو لازمي نتيجو هي نڪتو جو آهستي آهستي قديم رسم الخط جي بجاءِ، سنڌي ٻولي به عربي رسم الخط ۾ لکجڻ شروع ٿي. اڳتي هلي ان کي عربي- سنڌي رسم الخط سڏيو ويو. عام طرح ٺٽي جي مخدوم ابوالحسن کي هن قسم جي رسم الخط جو باني سڏيو وڃي ٿو ۽ سندس ڪتاب "مقدمة الصلواة" کي پهريون سنڌي ڪتاب سڏيو ويو آهي. اڄ کان پنجاهه ورهيه اڳ خانبهادر محمد صديق ميمڻ ان متعلق لکيو هو ته:

"1650ع کان پوءِ نواب حفظ الله جي حڪومت ۾ ننگر ٺٽي ۾ هڪ اهڙي تحريڪ جاري ٿي، جنهن ڪري سنڌي عالمن مجبور ٿي پارسي ۽ عربيءَ جي بدران سنڌي زبان ۾ تصنيف شروع ڪئي. بغداد جي مشهور قطب رباني سيد شيخ عبدالقادر جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغدادي ٺٽي ۾ آيو ۽ سندس واعظ ۽ نصيحت جي ڪري هزارن جي تعداد ۾ ڪيترا غير مسلم اسلام ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۽ ڪڇ جا ميمڻ (مومن) انهيءَ شيخ جي هدايت تي ٺٽي ۾

مسلمان ٿيا...

"ان وقت جو عالم مشهور فقيه مولوي ابوالحسن، جو سنڌ جي تختگاهہ ٺٽي ۾ هو تنهن سمجهيو تہ ايترن عمر رسيده ماڻهن کي پارسي عربي سيکاري اسلامي واقفيت ڏيڻ خاص ڪري فقه جي مسئلن کان واقف ڪرڻ ممڪن نہ آهي، تنهنڪري هن ماڻهن جي مادري زبان يعني سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. ابوالحسن پنهنجو ڪتاب "مقدمة الصلواة" سال 1700ع ڌاري لکيو ۽ 1715ع تائين پاڻ ٺٽي ۾ پاڙهيندو ۽ سمجهائيندو هو"(2).

جنهن وقت هيءَ راءِ ڏني وئي، اهو مواد جي لحاظ کان قحط جو زمانو هو. بعد ۾ ايندڙ سالن ۾ تازه ترين تحقيق پيش ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪم ٿيو آهي. تاهم اسان جي ادبي تذڪره نويسن ۽ مصنفن حسب دستور ابوالحسن کي هن رسم الخط جو باني ۽ پهرئين سنڌي ڪتاب جو مصنف پي سڏيو آهي!

**محمد صديق ميمڻ جي راءِ جو تنقيدي جائزو:**

ان کان اڳ جو اسين اصل عنوان طرف اچون، بهتر ٿيندو تہ مرحوم محمد صديق ميمڻ جي مٿي ڏنل اقتباس جو تنقيدي جائزو وٺجي.

(**الف**) **مخدوم ابوالحسن جو زمانو:** ميمڻ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هن بزرگ جي مختصر سوانح ڏني آهي. سندس ماخذ "تحفتہ الڪرام" ۽ "ڪنز العبرت" آهن. مير علي شير قانع پنهنجي ڪتاب ۾ مخدوم ابوالحسن جو ذڪر تہ ڪيو آهي، ليڪن هو هن عالم فاضل جي وفات ۽ پيدائش جي سالن يا زماني متعلق خاموش ڏسجي ٿو(3). ميمڻ صاحب "ڪنزالعبرت" جي آڌار تي، ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جو هيءَ آڳاٽو مصنف سن 1075هہ/ 1661ع ۾ پيدا ٿيو ۽ نوي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين (4). هن حساب موجب مبين ابوالحسن جي وفات 1165هہ/ 1751ع ۾ ٿي هوندي، سال 1075هہ ۾ عيسوي سن 1664ع بيهي ٿو نہ ڪي 1661ع، جيئن محمد صديق ميمڻ تجويز ڪيو آهي.

ابتدا ۾ "ڪنزالعبرت" کي مخدوم ابوالحسن جي هڪ عزيز ميان عبدالله واعظ (ميان موريو) جي تصنيف سمجهيو ويو. هي ڪتاب 1175هه/ 1761ع ۾ تصنيف ٿيو. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي تحقيق موجب، جيڪي تصنيفون ميان عبدالله واعظ جي نالي منسوب ٿيون آهن، اهي سڀ ڪتاب مخدوم عبدالله نرئي واري جا لکيل آهن (5). اهڙي تصديق مشهور سنڌ شناس مصنف رچرڊ برٽن به ڪئي آهي(6). برٽن جي تحرير مان اندازو ٿئي ٿو ته مخدوم عبدالله نرئي واري سال 1821ع ڌاري وفات ڪئي. ميان عبدالله واعظ مصنف ته نه هو البته سنڌس هڪ ٽيهه اکري مشهور آهي.

ميان عبدالله واعظ مصنف نه هو تڏهن به پاڻ ننگر ٺٽي ۾ هڪ اهم شخصيت ضرور ٿي گذريو آهي. مير علي شير سنڌس وفات جو سال 1167هه (1753ع) ڏنو آهي ۽ ٻڌائي ٿو ته ميان عبدالله جي جنازي ۾ عوام جو وڏو هجوم شريڪ ٿيو هو (7). مير علي شير "تحفته الڪرام" ۾ مخدوم ابوالحسن جو ذڪر، هڪ سنڌي مصنف جي حيثيت ۾، وڏي ادب ۽ احترام سان ڪيو آهي. ليڪن هي مصنف، ابوالحسن جي زماني ۽ وفات يا ڄم جي سالن متعلق بلڪل خاموش ڏسجي ٿو. محمد صديق ميمڻ جي اندازي موجب، هن عالم جي وفات سن 1165هه ۾ ٿي هوندي، ان جو مطلب ته ابوالحسن به ان دور ۾ ٿي گذريو جنهن زماني ۾ شاهه عبداللطيف، مخدوم معين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ٿي گذريا آهن. مير علي شير هنن بزرگن جي زماني متعلق مواد ڇڏيو آهي، ليڪن ابوالحسن متعلق بلڪل خاموش آهي. مير علي شير قانع جنهن انداز سان مشهور سنڌي شاعر ميين عنات جو ذڪر ڪيو آهي، نيڪ ان ريت پاڻ ابوالحسن متعلق به اظهار خيال ڪيو اٿس (8). هن مان هي گمان نڪري ٿو ته، شاهه لطف الله قادري، ميون عنات رضوي ۽ ميون ابوالحسن، لڳ ڀڳ هڪ ئي زماني ۾ ٿي گذريا. هوندئن به مخدوم عبدالله ۽ "ڪنز العبرت" متعلق ڇنڊڇاڻ ٿيڻ بعد، محمد صديق ميمڻ جي راءِ پنهنجي وقعت وڃائي ويٺي هئي. پوءِ به خبر نه آهي ته ڪيئن ايندڙ دور

جي تذڪره نگارن، وري وري ساڳي ڳالهہ پي دهرائي آهي.

(ب) **نواب حفظ الله جو زمانو:** محمد صديق ميمڻ مرحوم سن 1650ع کان پوءِ نواب حفظ الله جي دور ۾ هڪ تحريڪ جو ذڪر ڪندي، ان کي سنڌي ڪتب نويسيءَ جو محرڪ سڏيو آهي.

تاريخي طرح اسان کي مذڪوره نواب جو زمانو معلوم آهي. نواب حفظ الله سن 1103هہ/ 1691ع ۾ ٺٽي ۽ سيوهڻ جو حاڪم ٿي آيو. جڏهن ميان دين محمد ڪلهوڙي مضبوط ٿي، مغل شهنشاهہ جي قوت کي للڪاريو تڏهن شهزادو معز الدين ان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ داخل ٿيو. شهزادي جي حڪم تي نواب حفظ الله سيوهڻ ۾ پل ٺاهڻ جي ڪم جي خود نگراني ڪئي. سخت گرمي سبب ڪيس ڏينهن لڳو ۽ هو 1112هہ/ 1700ع ۾ فوت ٿي ويو (9). مخدوم ابوالحسن جي سوانح جي ضمن ۾، محمد صديق ميمڻ هڪ وڏيڪ عملدار نواب شهادت خان جو ذڪر ڪيو آهي (ص 129). حقيقت ۾ ان نالي سان ڪو بہ نواب ٺٽي ۾ نہ پهتو هو (10). اهڙيءَ ريت ميمڻ صاحب ٺٽي جي نوابن متعلق جيڪو مواد مهيا ڪيو آهي، تاريخي طرح اهو درست ڪونهي يا وري انهن جو زمانو صحيح نہ ڏنو ويو آهي.

(ج) **شيخ يوسف الدين جو ٺٽي ۾ اچڻ:** فاضل مصنف جي تحرير موجب، شيخ يوسف الدين جي تحريڪ سبب، ٺٽي جا غير مسلم وڏي تعداد ۾ مسلمان ٿيا ۽ انهن جي تعليم واسطي ابوالحسن "مقدمة الصلواة" نالي هڪ ڪتاب لکي، سنڌي زبان ۾ ڪتب نويسيءَ جو بنياد وڌو.

شيخ يوسف الدين جي هن تحريڪ لاءِ تاريخي طرح ڪو بہ ثبوت ڪونهي. خبر نہ آهي تہ هن بيان جو ماخذ ڪهڙو آهي؟ مشهور مصنف ڪاڪو ڀيرومل ان ڏس ۾ لکي ٿو:

> "سمن جي صاحبيءَ کان وٺي، سنڌ جا ڪيترا لهاڻا ڦري ميمڻ ٿيا ۽ اهي وڌيا ويجهيا. تہ ائين مسلمانن جو تعداد سترهين صديءَ ڌاري وڌي گهڻو ٿيو (11).

بلاشبہ ننگر ٺٽو صدين کان وٺي اسلامي تعليمات جو هڪ اهم مرڪز رهندو پيو آيو. لهذا، اتي مسلمانن جو تعداد بہ قدم بقدم وڌي رهيو هو. اُن پس منظر ۾ شيخ يوسف جي فرضي تبليغي تحريڪ ڪي ڪا بہ وقعت ڪانهي. بهرحال ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي، تہ سترهين صدي ڌاري سنڌي مسلمانن جي تعليم واسطي، سنڌيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جي ازحد ضرورت سمجهي وئي ۽ اهڙي سوچ "مقدمة الصلواة" کان بہ گهڻو وقت اڳ پيدا ٿي چڪي هئي.

**سنڌ جو سياسي، ادبي ۽ تهذيبي پس منظر:**

عربي سنڌي رسم الخط سنڌ ۾ اسلامي دور جي پيدائش آهي. امڪاني طرح ان جو زمانو مغل دور (ارغون، ترخان ۽ مغل) حڪومت ڏسجي ٿو. هي رسم الخط ڪهڙي تهذيبي صورت حال، ادبي ماحول ۽ سياسي حالتن ۾ وجود ۾ آيو، ان جو سرسري خاڪو همعصر ذريعن مان هن ريت ملي ٿو.

سن 93هہ/ 712ع ۾ سنڌ تي عربن جو راڄ قائم ٿيو. عرب دور حڪومت سنڌ لاءِ مڪمل تهذيبي، علمي ۽ ادبي تبديلي آندي. سنڌ ۾ ان پوري عرصي ۾ عربي زبان دفترن، مدرسن ۽ درسگاهن ۾، سرڪاري زبان جي حيثيت ۾ موجود رهي. عربن جي زوال کان پوءِ، هن ملڪ تي سومرن ٽن صدين (1350ع تائين) لاءِ راڄ ڪيو. هن دور ۾ بہ عربي زبان ڪورٽ ۽ تعليم جي ٻولي رهي(12).ان بعد سمن جي سلطنت قائم ٿي. هي بادشاهي اٽڪل روءِ ٻہ صديون (1520ع تائين) برقرار رهي. هن دور ۾ فارسي زبان کي عربيءَ جي پيٽ ۾ اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ٿي. ليڪن ان دور جو ٿوس تاريخي ۽ علمي اڀياس ٻڌائي ٿو تہ، سمن جي دور ۾ عربي ٻولي، سرڪاري ۽ تعليمي زبان طور برقرار رهي (13).

سن 927هہ/ 1520ع ۾ دولهہ دريا خان جي شهادت سان، سنڌ تي ارغونن جو راڄ مڙهجي ويو. هن سياسي تبديليءَ سبب، سنڌ جي سموري تهذيبي فضا توڙي علمي ۽ ادبي صورت حال تبديل ٿي وئي. سنڌ جي پنهنجي هر آرٽ، هنر ۽ فن کي متاثر جي رتا نهي. ارغونن مڪليءَ تي فن

تعمير لاءِ بہ وچ ايشيا جي ڪاريگري استعمال ڪئي (14). شاهہ بيگ کان پوءِ سندس پُٽ شاهہ حسن ارغون سنڌ جو حاڪم بڻيو. ارغونن جي مادري زبان فارسي هئي، ان ڪري وچ ايشيا، قنڌار ۽ ايران مان سوين فارسي گو شاعر، عالم ۽ اديب سنڌ پهچڻ لڳا. انهن کي هتي هر طرح سان نوازيو ويو. شاهہ حسن جي درٻار ۾ مرزا حسين بايقرا (وفات: 911هہ) جو ديوان پهتو تڏهن هو ان جي احترام ۾ با ادب اٿي بيٺو(15). هيءَ قدرداني ڏسي فخري هروي "روضة السلاطين" (958هہ) نالي هڪ تذڪرو تيار ڪري شاهہ حسن جي نالي منسوب ڪيو. فخري هروي هڪ ٻيو تذڪرو "جواهر العجائب" (962هہ) نالي تيار ڪيو ۽ مرزا عيسيٰ ترخان جي زال جي نالي منسوب ڪيائين.

سن 962هہ/ 1555ع ۾ مرزا شاهہ حسن وفات ڪئي. اتر سنڌ تي سلطان محمود بکريءَ راڄ قائم ڪيو. هو ظالم هوندي بہ فارسي علم ادب جو مداح هو. لَٽي ۾ ترخانن جو راڄ قائم ٿيو. مرزا عيسيٰ، باقي بيگ، جاني بيگ ۽ غازي بيگ، خونريزي سبب سنڌ جي تاريخ ۾ نهايت ئي پڙرا آهن. ليڪن فارسي علم ۽ سخن پروري ڪري، سنڌ جا هي حاڪم ايران، هند توڙي سنڌ ۾ مشهور آهن. سلطان محمود بکري سن 982هہ/ 1574ع ۾ فوت ٿيو. تڏهن اپر سنڌ مغل سلطنت جو حصو بڻي. سن 1001هہ/ 1592ع ۾ لَٽو صوبو بہ اڪبري سلطنت ۾ شامل ٿي ويو. هن دور ۾ لَٽو، سيوهڻ ۽ بکر، سرڪاري مرڪزن جي حيثيت ۾ فارسي علم ۽ شعر جي پرورش ۾ پيش پيش رهيا.

اڪبر، سلطنت جي هر حصي ۾ فارسي زبان جي ترقيءَ لاءِ خاص حڪم جاري ڪيا. ان پس منظر ۾ مغل جاگيردارن، نوابن ۽ حاڪمن هن ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ خاص دلچسپي ورتي. سرڪاري ڪارندن کان علاوه هتان جي مختلف خاندانن: امير خانين، بلگرامي ساداتن، بيگلارن، پورانين ۽ شڪر الاهي سيدن، پڻ سنڌ جي علمي ۽ ادبي فضا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. نواب امير خان، ابو نصرت خان، حفظ الله خان، امين الدين خان،

احمد يار خان، محبت خان، سيف الله خان، دلير دل خان ۽ مير لطف علي ٻارن عملدارن ننگر ٺٽي ۾ وڏي پيماني تي شاعرن، اديبن ۽ عالمن جي سرپرستي ڪئي(16). هونئن تہ ارغونن کان مغلن تائين، سنڌ ۾ سوين اهل قلم هئا، جي هتان جي دربار تي ڇانيل رهيا. تاهم هي نالا ان ڏِس ۾ وڏي اهميت رکن ٿا: مير طاهر محمد، يوسف ميرڪ، سيد مير محمد، ادراڪي بيگلاري، عبدالشڪور ٺٽوي، قاضي محمود ٺٽوي، مير معصوم بکري، شاهہ جهانگير هاشمي، سيد علي ثاني، عبدالغفور سيوهاڻي، محمد بن بايزيد پوراني، عطا ٺٽوي، سيد عبدالقادر مير غلام علي آزاد ۽ عبدالرشيد ٺٽوي وغيره. هنن بزرگن سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ سنڌ اندر فارسي زبان ۾ تصوف، عرفان، تاريخ، مشاهير، لغت، تذڪري ۽ شعر و سخن جا سوين جلد تيار ڪيا ۽ انهن جو بهترين ڦل ماڻيو!

## مغل دور ۾ سنڌي ادب جي واڌاري جا اهم نڪتا:

سنڌي شعر و سخن جا ابتدائي اهڃاڻ، اسان کي عربن جي دور ۾ ملن ٿا. تاهم سومرن ۽ سمن جي راڄن ۾ سنڌي شاعريءَ مناسب ترقي ڪئي. موجوده معلومات جي آڌار تي اسان کي پنهنجي علم ادب جا پختا اهڃاڻ ۽ ثبوت ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حڪومت واري زماني ۾ ملن ٿا. ملڪي توڙي ادبي سطح تي هنن ٽنهي راڄن جي حاڪميت کي هڪ زماني ۾ شمار ڪيو ويو آهي. هنن سنڌ ۾ سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ حڪومت ڪئي. هن دور ۾ فارسي ادب، سرڪاري سرپرستيءَ ۾ مثالي ترقي ڪئي. هن دور ۾ سنڌي ساهت جي واڌاري ۽ عربي- سنڌي رسم الخط جي اوسر جي حوالي سان، اسان کي هي نڪتا ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

I. هر زبان جو اوائلي تحريري سرمايو ان جو آڳاٽو شعر آهي. ان طرح سنڌي زبان جو تحريري شعر قاضي قاضن (قادن) کان شروع ٿئي ٿو(17). مرحوم محمد صديق ميمڻ پڻ آڳاٽي شعر جي حوالي سان قاضي قادن جو نالو ڪنيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

"سنڌيءَ ۾ قاضي قاضن جهڙي اهل الله، شاهہ عبدالڪريم جهڙي

ڪامل ولي، مخدوم محمد هاشم جهڙي فقيه ۽ مولوي ابوالحسن جهڙي محدث جيڪا خدمت ڪئي آهي، سا ڪنهن کان ڳجهي نہ آهي" (18).

2. سنڌي زبان ۾ الف اشباع جي طرز تي شعر جو پهريون سلسلو پيرمحمد لڪوي (وفات 1600ع) جي حوالي سان مليو آهي. پوءِ جي زماني ۾ ٺٽي جي بزرگن ان جي تقليد ڪئي (19).

3. شاهہ عبدالڪريم جي مريد محمد رضا، سنڌي گفتن کي فارسي زبان ۾ "بيان العارفين" جي نالي سان سن 1038هہ/ 1628ع ۾ تيار ڪيو. ان ۾ پاڻ قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم جا سنڌي بيت بہ نقل ڪيائين. هن وقت جي ڄاڻ جي آثار تي عربي- سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي تحرير جو هي پراڻي ۾ پراڻو تجربو اسان جي آڏو اچي ٿو. بعد ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي "بيان العارفين" ۽ ان جا سنڌي شعر ڇاپي پڌرا ڪيا.

4. سچل نيشنل سيمينار خيرپورميرس (1982ع) ۾ ڪتابن جي نمائش ۾ سنڌ جي هڪ علمي شخصيت ڊاڪٽر عباس علي گهمري، ولهاري بزرگن جي ڪتبخاني ۾ موجود سنڌيءَ ۾ يارهين صديءَ ۾ لکيل قلمي ڪتاب جو هڪ جهونو دستخط آندو. اخبارن هن نسخي جي رپورٽنگ هن ريت ڪئي:

"هن نسخي ۾ جملي 28 موضوع شامل آهن، جن ۾ نبي ڪريم ﷺ جي سوانح عمري، مدح ۽ منقبت، مخدوم عثمان جو چئن علمن بابت تفصيل، فارسيءَ ۽ عربيءَ مان ترجمو ٿيل ٻہ رسالا، معراج نامو، نور نامو ۽ چار قصا شامل آهن. هي عربي سنڌي رسم الخط ۾ هيل تائين هٿ آيل قلمي ڪتابن ۾ جهوني ۾ جهونو نسخو آهي. هن جو ڪاتب عزت پٽ سليمان آهي ۽ ڪتابت جو سال 1068هہ/ 1657ع اٿس." (20). هي ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سعيي سان، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 1993ع ۾ ڇپيو آهي.

5. مشهور بزرگ ۽ شاعر شاهه لطف الله قادري سن 1078هه/ 1667ع ڌاري فارسيءَ ۾ تصوف بابت "منهاج المعرفت" نالي هڪ ڪتاب تيار ڪيو. ان ۾ ڪجهه سنڌي بيت بہ شامل ڪيائين. هي بيت سندس چيل هئا. ڊاڪٽر دائودپوٽي ابتدا ۾ انهن بيتن کي شايع ڪيو(21). شاهه لطف الله قادري هن تصنيف بعد، وطن جي حق ادا ڪرڻ ۽ عام سنڌي عوام جي ڄاڻ لاءِ مڪمل سنڌي ڪتاب جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان کي "سنڌي رسالو" سڏيائين. پاڻ ئي ان جي اهميت هن ريت ٻڌائي ٿو:

ڪوڏا ڪِئو رسالو ايءُ فقير جوڙي بيتن
تہ هوءِ سِنڌي وائي سَهُلو ٻُجهڻ ابوجهَنِ
پاهِنجي ٻُولِي ڪري سِگهائين اِي سکن
لطف الله چئي، لئي پيو ور سکن ۽ پڙهن(22).

6. تازي تحقيق موجب ابوالحسن سنڌي زبان ۾ ٽي ڪتاب هن طرح لکيا: ڪفاره جا پنج روزا، صلواة پياري حبيب جي (رجب 1097هه)، ۽ مقدمة الصلواة (23). پوئين ڪتاب لاءِ راءِ ڏني وئي هئي تہ هي سن 1112هه/ 1700ع ۾ لکيو ويو. هي راءِ درست ڪانهي. قاسميہ لئبريري ڪنڊياري ۾ 16 رجب 1100هه جو لکيل هڪ ناقص نسخو موجود آهي، ان جو مطلب تہ هي ڪتاب اڳ ۾ لکيو ويو.

مغل دور ۾ سنڌي ادب جي واڌاري متعلق هي نڪتا ذهن ۾ رکڻ سان، اسان آڏو عربي سنڌي رسم الخط جي اوسر جو هڪ چٽو تصور اڀري ٿو.

**عربي سنڌي رسم الخط جو نروار ٿيڻ ۽ ان جي پس منظر ۾ محرڪ جذبا:**

سنڌي ٻولي تاريخ جو هڪ طويل ۽ ڪٺن سفر طئہ ڪيو آهي. اسلامي دور کان اڳ بہ ان کي جدا جدا صورتن ۾ قلمبند ڪيو ويندو هو. عربن کان پوءِ تاريخ جي ڪهڙي دور ۾، سنڌي ٻولي بہ پنهنجي پاڙيسري فارسي زبان وانگر عربي رسم الخط ۾ لکجڻ ۾ آئي، ان متعلق ڪو چٽو مواد

يا حوالو موجود ڪونهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:

"اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ عربي رسم الخط انهيءَ قديم خط جي جڳهہ ڪڏهن والاري. يقيناً اسلامي فتوحات کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن (خاص طور مسلمانن) جلد ئي اسلامي خط (عربي خط) اختيار ڪيو هوندو" (24).

عربن جي ٽن صدين جي حڪمرانيءَ بعد سنڌ ڌيهہ تي سومرن طويل عرصي لاءِ حڪومت ڪئي. هنن جي زماني ۾ سنڌي ٻولي، شعر ۽ ڪلچر ۾ جان پئي. سومرن جي زوال ڏاري ابن بطوطہ سنڌ پهتو. هن لاڙ ۾ هڪ قتل شهر ۾ سنڌي تحرير ڏٺي هئي. هو لکي ٿو:

"اتي ڪيترين ئي ديوارين تي سنڌي زبان ۾ ڪي اکر لکيل هئا" (25). اندازو آهي تہ ان تحرير جي طرز ديوناگري هئي، جيئن هن جي سفرنامي جي انگريزي ايڊيشن مان ظاهر ٿئي ٿو (26).

سمن چامن اٽڪل روءِ بہ صديون، سنڌ تي آزادي ۽ استقلال سان راڄ ڪيو. هنن جي مادري زبان سنڌي هئي. سندن اٺي ويٺي ۽ محفل توڙي معرڪن جي ٻولي سنڌي هئي. فطري طور تي ان دور ۾ سنڌي زبان جي ترقيءَ ۽ ترويج کي ڪافي هٿي ملي. ليڪن وطن دوست سلاطين جي حيثيت ۾ هنن سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت توڙي تحرير کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪو غير معمولي قدم نہ کنيو. ان جو سبب ڪٿي ڪهڙو بہ هجي، ليڪن جڏهن اقتدار جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ هجي، تڏهن ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر باقي نہ ٿو رهي.

ارغون حاڪميت قائم ٿيڻ سان (927هہ)، سنڌ جي سموري تهذيبي، علمي ۽ ادبي فضا تبديل ٿي وئي. غير ملڪي عالمن، شاعرن ۽ سوين ڏارين قبيلن جي اچڻ سان، هتان جو اصل سماجي ڍانچو لڏي ويو. سنڌي عالمن ۽ اديبن مان ڪن گجرات ۽ حجاز مقدس جو رخ رکيو ۽ ڪجهہ بزرگن وطن ۾ رهي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي آبياري شروع ڪئي. شيخ لاڏ جيو وطن کي ياد ڪندي گجرات ۾ ڪافيون جهونگاريندو هو (27). مڪلي ۽ ٻين درگاهن تي فقير تن صوفين سماع جون محفلون ڪري سنڌي سخن جي خدمت

جاري رکي. حضرت مخدوم نوح رحہ جهڙي مثالي درويش، ان دور ۾ سنڌي عوام جي بيڪسي هن ريت ظاهر ڪئي:

"پيئي جا پريات، سا ماڪ مريانيو ماڻهئا
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي" (28).

سنڌ جي علمي دنيا ۾ آيل تبديلين کي هڪ عالم هن ريت ٻڌايو آهي:

"هي عجيب واقعو آهي جو ارغونن جي حڪومت جو زمانو فارسي تصنيفات جي لحاظ کان سنڌ لاءِ علمي عروج جو زمانو ثابت ٿيو. اهو ساڳيو زمانو سنڌي ٻوليءَ جي تحرير يعني لکت ۾ اچڻ جو زمانو پڻ آهي....

مهدوي تحريڪ کان اڳ تصوف جو سمورو مواد ڪجهہ عربي ۽ زياده تر فارسيءَ ۾ هو. ڀانئجي ٿو تہ مهدوي تحريڪ جي بزرگن کي انهيءَ رمز جو احساس ٿيو ۽ انهن صوبائي زبانن ۾ پنهنجي خيالات ادا ڪرڻ جي ابتدا ڪئي"(29).

مرحوم محمد صديق ميمڻ، هن راءِ جي برعڪس سنڌي ادب ۾ آيل تڪڙي تبديليءَ ۽ ترقي لاءِ ارغون حڪومت کي جوابدار سمجهي ٿو. هو لکي ٿو:

"ارغون اصل مغل هئا، تنهنڪري انهن پنهنجي حڪومت ۾ ايران جا شاعر ۽ عالم آندا. شاهہ بيگ وڏو پڙهيل هو ۽ پاڻ قرآن شريف جو ترجمو ۽ تفسير پارسيءَ ۾ تيار ڪيائين. ارغونن جي حڪومت ۾ سنڌ جي سيني وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ فارسي مدرسا برپا ٿيا ۽ فارسيءَ جي تعليم رائج ٿي....

ميمڻ صاحب وڌيڪ لکي ٿو:

زيردست عالمن ارغوني دربار جي اثر کان بيزار ٿي وڏيءَ جرئت سان سنڌي علم ادب جي خدمت ڪئي"(30).

مغل دور جي مٿي آيل تهذيبي ۽ علمي اپياس تورڙي الحاج الهہ بخش عقيليءَ ۽ محمد صديق ميمڻ جي مٿي ڏنل اقتباسن جي آڌار تي، هي چوڻ...

ڪا بہ هيڪ نہ هجڻ گهرجي تہ ارغونن، ترخانن ۽ دهليءَ جي عملدارن، سنڌ ۾ جيڪا تعليمي ۽ عمراني پاليسي اختيار ڪئي، ان دور اندر سنڌي ساهت جي ترقي ۾ سنڌي- عربي رسم الخط ان جي ردعمل ۾ نسري نروار ٿي. ان قسم جي علمي تحريڪ لاءِ عقيلي صاحب مهدوين ۽ قاضي قادن کي رهبر طور اڳتي آڻي ٿو. بلاشبہ قاضي قادن هن دور ۾ سنڌي شعر ۽ بزم جي پرورش ۾ پلان پل حصو ورتو آهي (31). سورهين سترهين صديءَ ۾ حاڪمن طرفان سنڌي ساهت ۽ زبان ڏانهن جيڪو رخ اختيار ڪيو ويو، ان کي اسان جي عالمن، صوفين ۽ شاعرن وڏيءَ شدت سان محسوس ڪيو. ان جي تصديق ميمڻ صاحب مرحوم بہ ڪئي آهي (تعجب آهي تہ ايڏو واضح هوندي بہ، هن صاحب ان قسم جي خاص علمي تحريڪ کي شيخ يوسف الدين جي خيالي هلچل سان لاڳو ڪري ڇڏيو). شاهہ عبدالڪريم (وفات: 1623ع) جي درويشي عالم آشڪار آهي. ان بزرگ بہ سنڌي سخن ۾ زبردست دلچسپي ورتي. مغل دور جي زوال ڏاري ميين شاهہ عنات رضويءَ جي، سنڌي سماج سان دلچسپي ۽ لاڳاپي جو هي حال هو جو هن پنهنجي شعر ۾ ميان نصير محمد، ميان دين محمد ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي وڌندڙ طاقت کي ساراهيو ۽ انهن جي فتح ۽ سوڀ لاءِ دعائون ڪيون (32). شاهہ لطف الله قادري (وفات: 1679ع)، ابتدا ۾ تہ فارسي زبان ۾ سلوڪ ۽ طريقت بابت ڪتاب تيار ڪيو ليڪن سنت ٿي ڪيس هي احساس ٿيو تہ، سنڌي عوام جي تعليم ۽ تربيت لاءِ، سنڌي زبان ۾ تصنيف ضروري آهي. ان پس منظر ۾ پاڻ "سنڌي رسالو" جوڙي راس ڪيائين. مرحوم محمد صديق ميمڻ ان صورت حال جي پس منظر ۾ ڪهڙو نہ سچ لکيو آهي:

"ديس ۾ ڌارين جي ٻولي ڪيتري بہ ترقي ڪري وڃي ۽ پڙهيلن جي دل ۾ گهر ڪري وڃي تہ بہ ممڪن نہ آهي تہ عام ماڻهن لاءِ اها زبان مقبول ۽ محبوب ٿيندي" (33).

شاهہ لطف الله قادري پنهنجي دور جو ناليرو عالم ۽ درويش هو. هن بزرگ پنهنجي پوري ارادي ۽ نيت سان، سنڌي عوام جي تعليم واسطي

سنڌي رسالو تيار ڪيو. خاطري آهي ته ان جي ذهن ۾ پنهنجي پورهئي کي، پني تي اتاري محفوظ ڪرڻ ۽ عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي سوچ ۽ تصور به موجود هوندو. عربي- سنڌي رسم الخط ۾ تصنيف تاليف جو گهڻ ۾ گهڻ هڪ پختو مثال ۽ ثبوت، قادري صاحب جي سنڌي رسالي کان به ڏهاڪو کن ورهيه اڳ جو اڄ اسان جي آڏو موجود آهي. عزت پٽ سليمان سن 1068هه/ 1657ع ۾، عربي سنڌي خط ۾ مختلف عنوانن تي هڪ ڪتاب نقل ڪيو جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هي واقعو ان دور جو آهي، جڏهن اورنگزيب وڏي ڪشت و خون سان، مغل شهنشاهت تي قبضو ڪيو هو. مخدوم ابوالحسن جو "مقدمة الصلواة" هن رسالي کان پوءِ تيار ٿيو آهي. الف اشباع جي طرز جي نظم جو باني به ٺٽائي بزرگن کي سمجهيو ويندو آهي. حقيقت ۾ ان قسم جي نظم جو پهريون مثال، اسان کي ابوالحسن جي تصنيف کان هڪ صدي اڳ، پير محمد لکويءَ جي ضمن ۾ ملي ٿو.

هت هي سوال ٿو اٿي ته جڏهن وسيع پيماني تي سنڌي زبان ۾ تصنيف ۽ تاليف جي ضرورت سمجهي وئي، تڏهن ديوناگري يا ٻين قسمن جي رائج الوقت رسم الخط کي ڇو نه اختيار ڪيو ويو؟ مرحوم الهه بخش عقيلي ان متعلق لکي ٿو:

> "سنڌي زبان هڪ ٻولي جي حيثيت ۾ ته تمام آڳاٽي آهي، پر ان کي هڪ مستقل تحريري شڪل ڏيڻ جو مرحلو ان وقت پيش آيو جڏهن قاضي قاضن ۽ ان کان پوءِ ايندڙ بزرگن اسلامي تعليمات ۽ تصوف جي مسئلن بيان ڪرڻ لاءِ ان کي سنڌي عوام جي خاطر هڪ ذريعي طور اختيار ڪيو. جيئن ته هنن جو ڪوششون خالص اسلامي نوعيت جون هيون، تنهنڪري اصلي پراڪرت جو قديم رسم الخط هنن کي انهيءَ مقصد لاءِ موزون نظر نه آيو" (34).

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته هن قسم جي تحريڪ خاص اسلامي تعليم جي پکيڙڻ لاءِ ظاهر ٿي، تاهم ان جي پس منظر ۾ جيڪي به بزرگ هئا، انهن پنهنجي دور جي حاڪمن ۽ بادشاهن جي تنگ نظر پاليسين کان

هئي، همه گير پيغام واري وحدت الوجودي فلسفي جو پرچار شروع ڪيو. ان ريت قاضي قادن، شاهه ڪريم، لطف الله قادري ۽ ميين شاهه عنات، سنڌي زبان کي جيوت بہ بخشي ۽ ان جي سماجي ڪارج ۾ بہ تازگي پيدا ڪئي. بعد ۾ ايندڙ شاعرن: شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ساميءَ پنهنجن اڳين بزرگن جي مشن کي تڪميل تي پهچايو.

عربي- سنڌي رسم الخط جو موجد ڪير هو يا ان خاص ڪهڙي زماني (ارغون يا ترخان يا وري مغل) ۾ جنم ورتو ان متعلق في الحال ڪجهه چوڻ مناسب ڪونهي. سنڌي سماج صدين کان ڇڙوڇڙ پنهنجو سفر جاري رکيو آهي. سورهين سترهين صديءَ ۾ جڏهن عربي رسم الخط ۾ سنڌي ڪتب نويسي شروع ٿي، تڏهن عالمن متحد يا متفق ٿي، ان قسم جي رسم الخط کي جنم نہ ڏنو ليڪن حالتن جي دٻاءَ تحت اتر کان لاڙ تائين، هر محب وطن اديب، شاعر يا مصنف، پنهنجي روءِ سوءِ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت جاري رکي. اوڻيهين صديءَ ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن عربي رسم الخط ۾ سنڌي ڪتابن جو چڱو تعداد موجود هو. ان کان علاوه متعدد ٻيا خط بہ ان وقت ڏاري سنڌ ۾ رائج هئا. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر سنڌي زبان کي صوبي جي واحد سرڪاري ٻولي بنايو تڏهن ان لاءِ هڪ متفق رسم الخط جي ضرورت اڃا باقي هئي (35).

ادبي محققن بنا ڪنهن تاريخي جواز جي، مخدوم ابوالحسن کي ڪلهوڙن جي دور جو مصنف سڏيو آهي. اسان جي تحقيق موجب هي بزرگ بہ ان دور ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ميين شاهه عنات ۽ لطف الله قادري پنهنجو ادبي ڪردار ادا ڪيو. مخدوم صاحب سڄي زندگي ننگر ٺٽي ۾ گذاري ۽ پنهنجو ڪتاب "مقدمة الصلواة" ۽ ڪي ٻيا رسالا هن ئي شهر ۾ تيار ڪيا. تاهم سندس دور جو تعين ڪرڻ لاءِ ڪجهه اهم واقعا ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

1. سنڌ جي اتر ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي قيادت ۾ ڪلهوڙا حڪومت جو قيام 1092هه/ 1681ع.

2. سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ شاهه لطف الله قادريءَ جي وفات 1090هـ/ 1679ع.
3. مياں ابوالحسن پاران سنڌي تصنيف و تاليف: (1) ڪفاره جا پنج روزا (2) صلوات پياري حبيب جي، رجب 1097هـ (3) مقدمة الصلواة 16 رجب 1100هـ جو نسخو موجود.
4. ٺٽي ۽ سيوهڻ تي نواب حفظ الله جي مقرري 1103هـ/ 1691ع.
5. شهزادي مُعز الدين جي سنڌ تي ڪاهه 1112هـ/ 1700ع.
6. نواب حفظ الله جي وفات 1112هـ/ 1700ع.
7. ميان يار محمد جي روپ ۾ ڪلهوڙا راڄ جو مستقل قيام 1113هـ/ 1701ع.
8. ننگر ٺٽي تي نواب سعيد خان جي مقرري 1113هـ/ 1701ع.
9. شهنشاهه اورنگزيب جي وفات 1119هـ/ 1707ع.
10. صوفي شاهه عنايت جي شهادت 1130هـ/ 1718ع.
11. ميين شاهه عنات جي وفات 1133هـ/ 1720ع.
12. ٺٽي ۾ آخري نواب صادق علي خان جو تقرر 1149هـ/ 1736ع.
13. ٺٽي سميت سڄي سنڌ مان مغل راڄ جو خاتمو 1150هـ/ 1737ع.

## حوالا ۽ حاشيا

1) پروفيسر عبدالڪريم لغاري: "سنڌي الف بي جي ارتقا" ص 19 ـ 27، سنڌالاجي، سال 1976ع.
2) خانبهادر محمد صديق ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ (برٽش حڪومت کان اڳ)، ص 113 ـ 115، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، سال 1937ع.
3) مير علي شير قانع: "تحفة الڪرام"، ترجمو: مخدوم امير احمد، ص 559 ـ 560، سنڌي ادبي بورڊ 1976ع.
4) خانبهادر محمد صديق ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ (برٽش حڪومت کان اڳ)، ص 113 ۽ ص 130.
5) عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌيون" ص 72، سنڌالاجي، سال 1970ع.
6) رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، مترجم: محمد حنيف صديقي، ص 80، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1971ع.
7) مير علي شير قانع: "مقالات الشعرا"، ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، ص 396، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1957ع.
8) تحفة الڪرام، سنڌي ڇاپو ص 398، ص 559ـ560.
9) تحفة الڪرام، سنڌي، ص 243 ـ 244.
10) مير علي شير قانع: "تحفتہ الڪرام" ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، ص 386 ـ 428، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1971ع.
11) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 228، سنڌي ادبي بورڊ سال 1972ع.
12) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، ص 6، ايڊيشن ٻيو.
13) غلام محمد لاکو: "سمہ دور جي علمي ۽ سرڪاري زبان" (اردو)، سہ ماهي اردو 2/1981ع، انجمن ترقي اردو ڪراچي.

14) ايم. ايچ پنهور: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" ص 161 جي سامهون واري تصوير. سنڌالاجي، سال 1983ع.
15) فخري هروي: "روضة السلاطين و جواهر العجائب" تصحيح: سيد حسام الدين راشدي، ديباچہ، ص 2 ۽ 3. سنڌي ادبي بورڊ 1968ع.
16) ڊاڪٽر ايچ. آءِ. سدارنگاڻي: "پرشين پوئٽس آف سنڌ" ص 18ـ 19. سنڌي ادبي بورڊ 1956ع.
17) الهہ بخش سرشار عقيلي: "سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ" ڪتابچو، ص 4.
مقالہ نگار ميان عبدالغني پيڪ (ڪراچي) جو شڪرگذار آهي، جنهن منهنجي گذارش تي مهدوي تحريڪ متعلق مواد فراهم ڪيو. ان جي اڀياس کان سواءِ هن پيپر جي تشڪيل ۾ هوند تشنگي رهجي وڃي ها.
18) سنڌ جي ادبي تاريخ، ص 43.
19) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ص65، سال 1983ع.
20) روزنامہ "عبرت" حيدرآباد. رپورٽ مجيد ميمڻ، 27 مارچ 1982ع.
21) علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو: "مضمون ۽ مقالا" ترتيب: خانم خديجہ دائود پوٽو ص 20ـ 23، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد. سال 1978ع.
22) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام"، ص16، سنڌالاجي، سال 1968ع.
23) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقالو ڇپيل رسالو "مهراڻ" نمبر 1ـ2، سال 2008ع.
24) سنڌي صورتخطي، ص 23، سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد 1969ع.
25) ابن بطوطہ جو سفرنامو سنڌي ترجمو: محمد ابراهيم عباسي، ص

15، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1976ع.
26) ابن بطوطہ: "ٽريولس ان آفريڪا اينڊ ايشيا"، ص 185، سروس بڪ ڪلب، راولپنڊي، سال 1985ع.
27) محمد غوثي مانڊوي: "گلزار ابرار"، اردو ترجمو: فضل احمد جيوري، ص 442، طبع دوم لاهور 1395هه. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو (مترجم: مخدوم عبدالجبار صديقي) سنڌي ادبي بورڊ 2009ع ۾ ڇپيو آهي.
28) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ص66.
29) الحاج الهہ بخش عقيلي: "سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ"، ص 7.
30) سنڌ جي ادبي تاريخ، ص 42 ۽ 47، سال 1937ع.
31) هيرو ٺڪر: "قاضي قادن جو ڪلام" دهلي، سال 1978ع.
قاضي قادن جي شخصيت، ڪلام ۽ فڪر توڙي سندس شعر جو زمانو ابتدا کان ڪري سنڌ ۾ تڪراري موضوع پئي رهيا آهن. مون هنن عنوانن تي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، جنهن کي عنقريب شايع ڪيو ويندو.
32) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "ميين شاهہ عنات جو ڪلام"، مقدمو ص 47 _ 51، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1963ع.
33) سنڌ جي ادبي تاريخ، ص 46_47.
34) سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ، ص 8.
35) سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون، ص 142 _ 146، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1971ع.

(مهراڻ نمبر 3، سال 1987ع تان سڏارن ۽ واڌارن بعد ورتل)

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو

# پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابنديءَ ۾ سنڌي ٻولي

ترقي يافته توڙي ترقي پذير ملڪن ۾ ماڻهن جي فلاح بهبود، سماجي ڀلائي، ملڪ جي ترقي ۽ آمدنيءَ جي واڌ لاءِ رٿابندي هڪ اهم ۽ بنيادي ضرورت آهي. ان رٿابنديءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ملڪي سطح تي حڪمت عملي تيار ڪئي ويندي آهي. رٿابندي ڪرڻ ۽ حڪمت عملي جوڙڻ جي ذميواري ملڪ جي سربراهن، سياستدانن ۽ ماهرن (Technocrats) جي هوندي آهي. رٿيل ترقيءَ جي اهميت کي، سڄي دنيا ۾ ماهر تسليم ڪري چڪا آهن ۽ مختلف ضرورتن تحت ان ڏس ۾ حڪمت عمليون تيار ڪندا رهندا آهن.

بدقسمتيءَ سان ابتدا کان ئي اسان جي ملڪ ۾ صحيح رٿابندي ۽ فلاح بهبود يا عام ڀلائيءَ وارن منصوبن ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو ويو جنهن جو اثر سڄي ملڪ جي ترقيءَ تي پيو آهي ۽ ملڪ جي اقتصاديات مضبوط بنيادن تي بيهي نه سگهي آهي. (نتيجي طور سرمايه دار وڏيڪ سرمايي وارو ۽ غريب وڏيڪ غريب ٿيندو ٿو وڃي). سواءِ چند منصوبن جي، باقي ٽڙ ٽڪڙ يا سياسي مجبورين تحت رٿيل منصوبا پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي نه سگهيا. ان جو مکيه سبب ڊگهي وقت جي رٿابندي Long term Planning طرف ڌيان نه ڏيڻ آهي. ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ اهو بحث منهنجي هن موضوع سان تعلق نه ٿو رکي.

جهڙيءَ طرح، اقتصادي رٿابنديءَ طرف سنجيدگيءَ سان ڌيان نه ڏنو ويو بلڪل اهڙيءَ طرح پاڪستان جي ماڻهن جي ٻولين جي ترقيءَ، بقا ۽ حيثيت بابت رٿابنديءَ طرف سياسي مصلحتن ۽ وقتي جذبن تحت اهڙا

فيصلا ڪيا ويا، جن جي ڪري ملڪ ۽ ان جي ماڻهن کي قومي ۽ نفسياتي طرح وڏا نقصان رسيا. "حقيقت ۾ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به ٻوليءَ جي رٿابندي، ملڪ جي رٿابنديءَ واري شعبي ۾ گهڻو پوءِ داخل ٿي. البت ٻوليءَ جي بناوت (Structure) تبديلي (Change) ۽ حفاظت (Preservation) بابت رٿابنديءَ (Corpus planning) جي ڪوشش اوتري ئي پراڻي آهي، جيتري ناڻي بابت رٿابندي"(1) ٻوليءَ جي رٿابنديءَ کي ويجهڙائيءَ ۾ ئي قومي رٿابنديءَ ۾ اهميت ڏني وئي آهي، جو ڪيترن ملڪن ان ڏس ۾ نيون رٿابنديون ڪري پنهنجي گهرجن- ٻولين واري ملڪ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو سائنسي ۽ عملي بنيادن تي حل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. تجربن اهو ثابت ڪيو آهي ته قومي رٿابنديءَ ۾ ٻوليءَ جي شموليت عام ترقيءَ جي رٿابنديءَ جو هڪ اهم حصو ۽ هڪ ٺهيءَ تي آڌاريل آهي.

هن مضمون جو مقصد پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي، پاليسي ۽ ان تي عمل جو جائزو وٺڻ آهي. پر ان کان اڳ اهو ضروري آهي ته رٿابنديءَ بابت ڪي بنيادي وضاحتون پيش ڪجن. ٻوليءَ جي رٿابندي سماجي لسانيات جو هڪ اهم حصو آهي، تنهن ڪري ٻوليءَ جي رٿابنديءَ کي سمجهڻ کان اڳ "سماجي لسانيات" جو سمجهڻ ضروري آهي.

جيئن اصطلاح مان ئي ظاهر آهي ته سماج ۽ لسانيات جي ترتيب وار يا سماج ۽ ٻوليءَ جي هڪٻئي سان لاڳاپي جي مطالعي کي، "سماجي لسانيات" چئي سگهجي ٿو. علم لسانيات ۾ سماجي لسانيات جو اصطلاح ذري گهٽ نئون آهي. هن اصطلاح جو پهريون استعمال ڪيوراءِ (Curri) 1952ع ۾ ڪيو. هرزلر (Hertzler) جي بيان مطابق "اوڻيهين صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٻولي ۽ سماج جي حوالي سان ڪجهه مطالعا ڪيا ويا ۽ اهي ڇپيا به ويا"(2). پر ان ابتدائي ڪوشش کي اڄ جي سماجياتي لسانيات جا ڄاڻو ڪا اهميت نه ڏيندي هن ميدان ۾ گذريل 20- 25 سالن کان ڪيل تحقيق کي شمار ڪن ٿا. سماجي لسانيات جي موضوع

تي تحقيق ڪندڙ ڪن اهم عالمن جا نالا پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

برلنگ 1970ع، پرائيڊ 1971ع، فشمين، 1972ع، رابنسن 1972ع، ترڊ گل 1974ع، پلاٽ ۽ پلاٽ 1975ع، بيل 1976ع، ڊتمبر 1976ع، وارڊ هاگ 1976ع.

هن موضوع تي گهڻو تڻو ڪم 1968ع کان 1976ع واري عرصي ۾ اُسريو ۽ دلچسپيءَ جو سبب بڻيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي موضوع ڪيترو نہ نئون آهي، پر ان جو مطلب اهو بہ نہ آهي تہ سماج جي تعلق سان ٻوليءَ جو مطالعو ڪو 1960ع جي ايجاد آهي، چاڪاڻ تہ لهجن، محاورن، ڪلچر ۽ لفظن جي معنويت جي لحاظ کان تحقيق جي ڏگهي روايت آهي، جنهن کي سماجي لسانيات جي مدَ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. (سنڌي لسانيات جي علم ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو آرٽيڪل "سنڌي ٻوليءَ جي سماجيات تي اسلامي ثقافت جو اثر" ۽ الهداد ٻوهيي جو پي. ايڇ ڊيءَ لاءِ ڪيل ڪم ۽ ٿيسز "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" سماجي لسانيات ۾ ڳڻي سگهجي ٿو جڏهن تہ محمد عمر چنڊ جي ڪتاب "ٻوليءَ جون آراڏايون" ۾ سماجي لسانيات جو ذڪر ٿيل آهي. ان سلسلي ۾ ڀارت جي سنڌي عالم، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جي پي. ايڇ. ڊيءَ لاءِ لکيل مقالي "Acculturation of Indian Sindhi into Hindi" کان علاوه سندس ٻيا انيڪ تحقيقي مقالا هن موضوع سان واسطو رکن ٿا. نئين ڳالهہ صرف ان ۾ وڌيل دلچسپي ۽ ان حقيقت جي پروڙيا مڃتا آهي تہ ان ذريعي ٻولي ۽ سماج جي اصليت تي چڱيءَ طرح روشني وجهي ڪيترائي منجهيل مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا.

ٻولي ڪي قدر سماجي حالتن ۽ مامرن جو پرتوو آهي. تنهن ڪري سماجي سائنسدانن جي ڪوجنا لاءِ مفيد ثابت ٿئي ٿي. ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو ان جي ڳالهائيندڙن جي ضرورتن، تجربن ۽ ماحول جي چٽي تصوير

ٿئي ٿو. (اها ڪا عجيب ڳالهہ نہ ٿيندي جيڪڏهن اسان اهو چئون تہ سماجي ناتن رشتن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ انگريزي يا ٻين ڪيترين ٻولين کان وڌيڪ لفظ آهن. جيڪي ڪنهن بہ صورت ۾ ٻٽا لفظ "Compound words" نہ آهن.) ٻولي سماجي گهاڙيٽي بابت بہ ڪيترين ئي شاهدين مهيا ڪري ٿي. رشتن ناتن، عقيدن، قاعدن ۽ قدرن جي مطالعي مان مختلف نسلي ۽ سماجي گروهن ۾ استعمال ٿيندڙ محاورن ۽ اصطلاحن ذريعي عورتن ۽ مردن ۾ استعمال ٿيندڙ الڳ الڳ محاورن ۽ اصطلاحن ذريعي پڻ سماجي گهاڙيٽي بابت راءِ قائم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. اهڙي قسم جي سمورين ڪوششن کي سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. وڌيڪ سمجهاڻيءَ لاءِ ڪجهہ تشريحون هيٺ ڏجن ٿيون:

لسانيات ۽ صوتيات جي لغت مطابق .سماجي لسانيات، لسانياتي علم جي اها شاخ آهي، جنهن ذريعي سماج ۽ ٻوليءَ جي وچ ۾ سيني لاڳاپن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. سماجي لسانيات جا چاڻو سماجي گروهن جي لساني سڃاڻپ، ٻوليءَ ڏانهن سنڌن سماجي رويو معياري ۽ غيرمعياري جوڙجڪ، قومي ٻوليءَ جي استعمال جون گهرجون ۽ گهاڙيٽو (Needs and Pattern) سماجي آراڏايون (Varieties) ۽ سطحون، گهڻ ٻولي سرشتي جي سماجي مدار وغيره جي علم جو مطالعو ڪري سگهن ٿا. سماجي لسانيات کي ٻين لفظن ۾ ٻوليءَ جي سماجي علم طور واضح ڪري سگهجي ٿو پر اها تشريح لساني بدران سماجي ٿيندي"(3)

سماجي لسانيات جا ڪيترائي پاسا آهن. ٻوليءَ جي رٿابنديءَ ان جو هڪ اهم پاسو آهي، جنهن جو تعلق سڌو سنئون ڪنهن ملڪ يا قوم جي ترقي، سڃاڻپ ۽ علمي اهميت سان آهي. ٻوليءَ جي رٿابنديءَ کي مختلف عالمن هيٺين طرح واضح ڪيو آهي:

"ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جي اصطلاح مان مراد آهي، ٻوليءَ بابت دانشورن ۽ ادارن جو رواجي ڪم جنهن کي عام طور "Language

"Cultivation" چئجي ٿو جنهن موجب ڪنهن ٻوليءَ ۾ سڌارا آڻي، وڌائي، نون لفظن ۽ اصطلاحن جي ايجاد ڪري، جديد دؤر جي گهرجن مطابق بڻائڻ جون ڪوششون شامل آهن".(4)

"رٿابنديءَ کي ڪا مقبول ۽ خاص لسانياتي مصروفيت طور نٿو پيش ڪري سگهجي. پر سماج ۾ ٻوليءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي سياسي ۽ انتظامي ڪوشش ڪوٺي سگهجي ٿو.(5)

ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جو اصطلاح قومي سطح تي ٻوليءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ منظم ڪوشش طور ڪتب آڻي سگهجي ٿو(6).

ٻوليءَ جي رٿابندي، موجوده ٻولين کي قائم دائم رکڻ جو ۽ نين عام (Common) علاقائي، قومي يا بين الاقوامي ٻولين تخليق ڪرڻ جو هڪ سٽائتو عمل آهي(7).

ٻوليءَ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻ وقت ٻولي سيکارڻ ۽ ان جي استعمال بابت حڪمرانن کي اهڙا محتاط فيصلا ڪرڻ گهرجن، جيڪي ايندڙن لاءِ رهنمائيءَ جو ڪارڻ ٿين(8).

انسان جي باقاعدي استعمال ۾ ايندڙ شين ۾ ٻولي هڪ اهم ۽ ضروري شيءِ آهي. انسان شروع کان ئي ٻوليءَ جو استعمال ڪندو آيو آهي ۽ ٻولي هميشه انساني زندگيءَ جو لازمي جزو رهي آهي. تصويري ٻولي، لکيل ٻولي، ڇپيل يا اُڪريل ٻولي، توڙي ڳالهائجندڙ ٻولي: ٻوليءَ ذريعي ئي انسان بين انسانن سان لاڳاپيل رهيو آهي. ٻوليءَ جو ترتيب وار ۽ بيروني مطالعو (Objective Study) ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. ٻوليءَ بابت بحث هميشه جهڳڙن ۽ ملامتن جو باعث بڻيو آهي. ٻولي هرڪنهن جي آهي، جيڪا هرڪنهن سان واسطو رکي ٿي، تنهنڪري هرڪو عام خاص اهو سمجهي ٿو ته ٻوليءَ بابت کيس پنهنجو رايو رکڻ ۽ ڏيڻ جو حق آهي. ٻولي به سياسي ۽ سماجي علم وانگر، عام ماڻهوءَ جي روين مطابق ۽ ملڪيت آهي، جنهن جي استعمال بابت اختلاف يا تنقيد ڪرڻ تمام سولو آهي. ڇاڪاڻ ته سماج، سماجي ۽

سياسي رويا. ڪنهن بہ لحاظ کان تنقيد کان مٿانهان ڪونہ آهن. تنهنڪري هرڪنهن کي پنهنجي راءِ رکڻ جو پورو حق آهي. پر جڏهن راين ۾ اختلاف ٿئي ٿو تہ مسئلو جذباتي ٿي، وڃي جهيڙي تائين پهچي ٿو. سنڌي، اردو توڙي انگريزيءَ ۾، ننڍين يا ٻوليءَ جي رٿابنديءَ بابت اهم مسئلن تي اختلافن جا ڪيترائي مثال ملندا. جيڪي علمي بحث مان وڌي ذاتي جهڳڙن ۾ وٽت اڻ وٽت تي ختم ٿيا آهن.

ٻوليءَ جو ترتيب وار علم 'لسانيات' ٿي آهي، جيڪو انساني پرک جي قوت تي اثرانداز ٿئي ٿو. ڪنهن شخصيت جو تجزيو ڪرڻ سندس ذهانت، سماجي رتبي، تعليمي معيار، ڪم جي اهليت، گروهي وابستگي ۽ ٻين ڪيترن سچاٽپ جي ميدانن ۾ سماجي حيثيتن جو مطالعو لسانيات جي علم ذريعي ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ٻوليءَ جي استعمال تي ڪنورتا سان حملو ٿئي ٿو تہ نتيجي طور ڪنهن کي ڏکوئڻ يا پنهنجو ڏکوئجڻ نهايت سؤلو ٿي پوي ٿو. مثال طور جڏهن ڪو لاڙڪاڻي يا جيڪب آباد جو ماڻهو حيدرآباد يا سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن معياري ٻولي ڳالهائيندڙ يا پڙهيل ماڻهو اڳيان "چ" جو اُچار "ش"، يا "ف" جو اچار "ڦ" ڪري اُچاري ٿو يا وري سکر يا شڪارپور جو سنڌي، ارڙهن بدران "اٺاره" ڪري اُچاري ٿو ۽ معياري ٻولي استعمال ڪندڙ سندس ان ڳالهہ کي نظرانداز نہ ڪندي، سندس اُچار کي غلط چئي ڏئي ٿو يا ٽوڪ ڪري ٿو تڏهن ان ماڻهوءَ جا احساس ۽ ٻوليءَ جي استعمال ۽ رويي بابت ويچار نهايت ڏکوئيندڙ ٿين ٿا. ساڳيءَ طرح لاڙي ماڻهوءَ جو اترادي‌ءَ سان ۽ وچولي ڳالهائيندڙ جو ٿري لهجي ۾ ڳالهائيندڙ سنڌي ماڻهوءَ سان معمولي اُچاري اختلاف ۽ ان طرف ڌيان ڇڪائڻ، ڪيترن کي گهٽ ۽ ننڍو هجڻ جو احساس ڏياري ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو ساڳئي علائقي يا حدن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻي ٻوليءَ کي جيڪڏهن مادري ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ وانگر نٿو اُچاري تہ اها ڪا لساني طرح گهٽتائي ڪونہ ليکبي. ان سلسلي ۾ اردوءَ جي شاعر جوش

مليح آباديءَ بابت ڪيترائي واقعا مشهور آهن تہ جڏهن ڪير غلط اردو ڳالهائيندو يا اُچاريندو هو تہ اُن وقت ئي ٽوڪي، جذباتي ٿي ويندو هو.

هتي سماجي لسانيات جي ڄاڻو ۽ پنهنجي استاد پروفيسر پيٽر ٽرڊ گِل (Peter Trudgill) جي اها راءِ ورجائڻ مناسب ٿو سمجهان تہ، "گذريل ڏهاڪي کان لسانيات جا ڄاڻو دنيا جي ٻولين جو چڱو چوکو حصو مطالعي ۾ آڻي چڪا آهن ۽ ان مطالعي مان ان راءِ تي پهتا آهن تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سٺو يا خراب چوڻ جو ڪوبہ لسانياتي سبب ڪونہ آهي. مڙئي ٻوليون هڪ جيتريون ئي سٺيون آهن. ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي ٻيءَ کان مٿانهون سمجهڻ لاءِ ڪوبہ علمي معيار ڪونہ آهي. مڙئي ٻوليون گهڻ پاسائون (Complexed) آهن، جيڪي پنهنجي ڳالهائيندڙن جون سيئي گهرجون پوريون ڪن ٿيون"(9).

اها ساڳي راءِ هڪ ئي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ محاورن جي استعمال بابت پڻ اهميت رکي ٿي. ڪاڪو ڀيرومل پڻ ان راءِ جو آهي تہ: "سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبہ لهجو يا اُپڀاشا سٺي يا خراب، گهٽ يا وڌ ڪونہ آهي. هر اُپڀاشا جو پنهنجو ميناج ۽ خاصيت آهي. رڳو ڪن خاص سببن يا حڪومتي ادارن جي ويجهو هئڻ ڪري هڪڙي علائقي جي ٻوليءَ کي ٺيٺ، کري يا معياري ڪري سمجهيو وڃي ٿو نہ تہ ڪابہ هوند ڪنهن بہ علمي معيار کان گهٽ نہ آهي"(10).

لهجن جي اهميت ۽ حيثيت بابت پروفيسر پيٽر ٽرڊگل جي راءِ آهي تہ: "ڪنهن بہ هڪ لهجي ڳالهائيندڙ کي، ٻئي لهجي ۾ ڳالهائڻ لاءِ چوڻ ڪنهن بہ طرح مناسب نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ان لهجي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي تہ هُو پنهنجي سمجهہ جي قوت وڌائي، نہ ڪي ڳالهائيندڙ کي تبديل ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. هڪ لهجي کي ٻئي ۾ تبديل ڪرڻ لسانياتي لحاظ کان اڻ ٿيڻي آهي. ٻوليءَ جا مختلف لهجا ان ٻوليءَ جي سونهن آهن."(11).

لسانياتي علم جا ڄاڻو ان راءِ جا آهن تہ سڀئي ٻوليون ماڻهن جي گهرجن مطابق اُسريون ۽ نسريون آهن ۽ سڀئي هڪ جهڙيون ۽ برابر آهن. پر لسانيات جي ڄاڻن جي ان علمي راءِ کي، لسانيات جو سائنسي مطالعو نہ ڪندڙ يا اڌي ڳابري لساني تعليم حاصل ڪندڙ يا وري مختلف تعصبن، نفرتن ۽ محبتن جي بنياد تي راءِ قائم ڪندڙ ماڻهو وقت بہ وقت ٺڏيندا يا رد ڪندا رهيا آهن. جنهن ڪري لسانيات جي ڄاڻن جي ان علمي راءِ کي وقت بہ وقت علمي دليلن سان دفاع جي ضرورت پيش ايندي رهي آهي. "ڪابہ ٻولي اندروني بناوت جي لحاظ کان محدود، گهٽ مان مرتبي يا مڪمل اظهار کان اڻ پوري يا معذور نہ آهي. مڙيئي ٻوليون پنهنجي ڳالهائيندڙن جون سماجي ۽ نفسياتي گهرجون پوريون ڪن ٿيون ۽ سائنسي علم لاءِ پڻ هڪ جيتريون لائق يا اهل آهن. اُهي سماجي ۽ انساني فطرت بابت مڪمل ڄاڻ ڏيڻ جو ذريعو آهن."(12)

ٻوليءَ بابت مختلف عالمن توڙي ڄاڻ رکندڙن ۾ ڪيترائي غيرعلمي ۽ غيرسائنسي مفروضا ۽ تصور قائم ٿيل آهن تہ ڪجهہ ٻوليون اڻ سڌريل يا جهنگلي ۽ گهٽ ترقي يافتہ آهن. سادي يا عام گرامر، ٿورن آوازن (Sounds) ۽ گهٽ لفظي ذخيري وارين ٻولين کي ان مد ۾ آڻين ٿا، جن جي ڳالهائيندڙن کي اها کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ اشارن کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. پر اهو ثابت نہ ڪري سگهيا آهن تہ اهڙي ٻولي ڳالهائيندڙ ڌرتيءَ جي ڪهڙي ڪُنڊ ۾ رهن ٿا، جو اڄ تائين دنيا جي نظر کان لڪل آهن، جڏهن تہ انسان کوجنا جي جستجو ۾ چنڊ کي بہ لتاڙي چڪو آهي. هتي سنڌي ٻوليءَ جي عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هڪ راءِ ۽ ان تي بحث جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو جنهن مطابق "اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيئن اڳ تيئن الفاظ حروف صحيح سان بنيل هئا، يعني تہ منجهس حروف علت بلڪل ڪم هئا، يا موريگو نہ هئا... ماضيءَ جي مطالعي مان پاڻ ٿي ٿو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر

حروف صحيح جا مرڪبات هئا"(13). ان راءِ جي پٺڀرائيءَ ۾ "ڪکڙ" ۽ "گدڙ" وغيره جا مثال ڏنا اٿائين. ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ جو ذڪر ڪندي سراج لکي ٿو "هيءَ صاحب انهن لفظن کي انگريزيءَ ۾ لکي ڏسي ها، تہ کيس خبر پئجي وڃي ها تہ انهن لفظن ۾ ٽن حروف صحيح کان سواءِ اوترائي حروف علت موجود آهن."(14) ٻوليءَ جو ٻيو عالم محمد حسين پنهور ان بابت چوي ٿو تہ "Sindhi had vowels as is clear from "Chachnama" which gives Sindhi names like, Channa, Moka, Sehta, Jatt, Med, Dahar, Jaisina, Debel, Nerun, Alore and many others"(15).

لسانيات جو علم گهڻو ڪري ڳالهايل ٻوليءَ تي مدار رکي ٿو. لکت جي اهميت ٻئي نمبر تي آهي. ٻولي ماڻهو ڳالهائين ٿا. اها انهن جي وات مان آواز جي صورت ۾ نڪري ٿي ۽ صوتيات جي علم مطابق ڪابہ اهڙي ٻولي ڪونہ آهي، جنهن ۾ آواز نہ هجن. پر جيئن تہ سنڌي ٻولي عربي لکت ۾ آهي، تنهن ڪري اُن جا آواز عربي مطابق "زير"، "زبر"، "پيش" جي صورت ۾ لکجن ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن ٻولين ۾ آوازن کي لکڻ لاءِ حروف علت نہ هجن، پر هر ٻوليءَ جي اندروني بناوت جاچڻ سان خبر پوندي تہ ان ۾ آواز موجود آهن. البت ڪن ٻولين جي صورتخطيءَ ۾ انهن کي لکيل صورت حاصل آهي تہ ڪن ۾ نہ. هتي حروف صحيح (Consonants) ۽ حروف علت (Vowels) جي تشريح پڙهندڙن لاءِ ضروري آهي. اندرين هوا ڳالهائڻ واري حصي (Oral cavity) ۾ ڪنهن بہ هنڌ رُڪجي تہ ان آواز کي چئبو "حرف صحيح" ۽ جي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ان حصي جي گول يا تراڪڙي صورت جي آڌار تي هوا ٻاهر نڪري تہ اهو آواز سڏبو "حرف علت". بهرحال ڊاڪٽر بلوچ جي اهڙي راءِ رکڻ مان مراد سنڌي ٻوليءَ جي ننڍا ڪونہ آهي، پر ٻوليءَ جي صوتياتي علم ڏانهن ڌيان نہ ڏيڻ آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي محبت ۾ سنڌي ليکڪا، پوپٽي

هيراننداڻي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڏيون دعوائون ڪري، ان کي افضل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙين دعوائن جي ڪابہ علمي يا لسانياتي حيثيت ڪونہ آهي. مثال طور هوءَ هڪ هنڌ چوي ٿي، "سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جي سڀني ٻولين جا اُچار اچي وڃن ٿا"(16). سنڌيءَ ۾ ٻين ڪن ٻولين جي ڀيٽ ۾ رڳو چار ٻٽا آواز ٻ، ڄ، ڏ، ڳ وڌيڪ آهن. انهن جي آڌار تي اهڙي دعويٰ نٿي ڪري سگهجي.

تهذيب يا ثقافت ڪيتري بہ سڌريل يا اڻ سڌريل، آڳاٽي يا قديم چونہ هجي، پر ٻوليون هر وقت پنهنجي ڳالهائيندڙن جي گهرجن مطابق پوريون هيون. تنهن ڪري ڪا قوم تہ سڌريل يا اڻ سڌريل ٿي سگهي ٿي، پر ڪنهن بہ ٻوليءَ بابت اهڙي راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪنهن خاص شيءِ ۾ لفظي کوٽ آهي، پر ان جو مطلب آهي تہ اها ايجاد ان قوم جي نہ، پر ٻاهران آيل آهي. ان ڪري عالمن، ٻوليءَ جي ماهرن لاءِ ضروري آهي تہ ان لاءِ لفظ ايجاد ڪن يا جنهن قوم اها ايجاد ڪئي آهي، ان جي ٻوليءَ واري نالي کي برقرار رکن. ائين ڪرڻ سان ٻوليءَ جي ڪابہ گهٽتائي نٿي ٿئي.

مختلف وقتن تي، ڪي خاص حلقا، ڪن خاص ٻولين کي گهٽ ترقي يافتہ ۽ مختلف وڏون ڪيڏي اڻ سڌريل چئي، انهن کي سندن اصل مقام تان هٽائڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي مختلف دليل ڏئي، ڪن ٻولين کي عظيم ۽ مڙني رابطي جون گهرجون پوريون ڪرڻ جو اهل سمجهي، عجيب جاهلاڻا، غيرلسانياتي ۽ مذهبي جذبا اُڀاريندڙ دليلن سان، قدرتي طرح عظيم ٻولي قرار ڏئي، ماڻهن جي حقيقي مادري ٻولين مٿان ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. عام طور ماڻهن جو اهو عقيدو هوندو آهي تہ سندن ٻولي ٻين ٻولين کان مٿانهين ۽ عظيم آهي، پر علمي طرح اهڙي تصور يا ويچار جي ڪابہ حيثيت ڪونہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ماڻهو ڪنهن خاص ٻوليءَ کي اهميت ڏيارڻ لاءِ

مختلف دليلن کان ڪم وٺندا هجن. مثال طور تہ هيءَ ٻولي تمام قديم، منطقي، گهڻي علمي مواد واري يا خدا تعاليٰ جي ٻولي آهي يا وري اُچارڻ ۾ سولي ۽ ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ اثر واري آهي. جيئن عربي ڳالهائيندڙ اهو چئي سگهن ٿا تہ سندن روايتي (Classical) عربي تمام خوبصورت ۽ منطقي آهي. ڪابہ ٻولي گرامر جي خوبصورتي ۽ لفظي ذخيري ۾ سائنس برميچي نہ ٿي سگهي. اها مذهبي ٻولي هجڻ سان گڏ ڪلام پاڪ جي ٻولي آهي، جيڪا اسلام جي سچائيءَ بابت معجزاتي شهادت پيش ڪري ٿي. ان ڪري خدا تعاليٰ ان ٻوليءَ کي پيغمبر عليہ السلام جي اظهار لاءِ چونڊيو. هيءَ ٻولي ئي آخرت ۾ استعمال ٿيندي، تنهن ڪري سڀني ٻولين کان مٿانهين ۽ اُتم آهي.

اهڙي قسم جا ويچار هندو سنسڪرت لاءِ يهودي، عبرانيءَ لاءِ رکي سگهن ٿا. خاص ڪري ٻوليءَ جي قدامت جي باري ۾. ساڳيءَ طرح جرمن ڳالهائيندڙ جرمني ٻوليءَ کي سڀني کان اُتانهون سمجهن ٿا، جو سندن عقيدي موجب حضرت آدم عليہ السلام باغ عدن ۾ جرمن ڳالهائي هئي(17). اهڙيءَ طرح سياسي، سماجي ۽ مذهبي اثرن ۽ عقيدن جي حوالي سان ڪيترائي رايا ٿي سگهن ٿا. پر علم لسانيات جي حوالي سان انهن جي ڪابہ علمي حيثيت نہ آهي.

پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي مسئلي کي منجهائڻ خاطر ڪن ٻولين کي مذهب جي آڙ قومي ٻڌي ۽ حب الوطنيءَ جي نالي ۾ نہ صرف تحفظ ۽ ترقي ڏيڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن، پر ٻين قومي ٻولين تي مڙهڻ جي ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي وئي آهي. مولانا ٿانويءَ جي هيءَ فتوي تہ "هن وقت اردو ٻوليءَ جي حفاظت دين جي حفاظت آهي، تنهن ڪري هن جي حفاظت لاءِ وس آهر ڪوشش ڪرڻ خدا جي اطاعت (حڪم جي بجاآوري) برابر آهي ۽ ان ۾ غفلت ڪرڻ وارن کان آخرت ۾ پڇاڻو ٿيندو."(18) ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ ۽ انهن جي مذهبي جذبن کي ڀڙڪائڻ کان علاوه، ٻين ٻولين

ڳالهائيندڙن جي جذبن سان ڪيڏي ۽ ٻين ٻولين جي حقن ۽ اهميت کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي.

ٻولي سڄي دنيا جي ماڻهن لاءِ جذباتي مسئلو بڻيل آهي ۽ هر ملڪ جي حڪمرانن ٻوليءَ جي مسئلي کي تمام هوشياري ۽ عقل منديءَ سان حل ڪري ملڪ ۾ رهندڙ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ گروهن يا قومن کي برابري جي بنياد تي استوار ڪري هلائڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. اها هڪ ميچيل حقيقت آهي تہ قومي ٻڌي ۽ ترقيءَ جو دارومدار گهڻو ڪري مواصلاتي ذريعن جي تعداد ۽ خاصيت (اهليت) تي ٽڪي ٿو. ۽ ٻولي سمورن مواصلاتي ذريعن ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. قومن ۽ ملڪن جا ليڊر يا حڪمران مواصلاتي ذريعن جي ان اهميت کان اڻ واقف ڪونہ آهن. پر ڏسجي ٿو تہ اسان وٽ ان مسئلي کي خاص اهميت نہ ڏئي مستقل حل ڪرڻ جي ڪوشش کان پٺي نٽايو ويو آهي. وقتي طرح ڪنهن خاص ٻوليءَ کي اهميت ڏئي سياسي مصلحتن تحت مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش تہ ڪئي، پر لسانياتي بنيادن تي ٻوليءَ جي رٿابندي ڪري مستقل حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي ويئي آهي. جڏهن تہ ٻوليءَ جو مسئلو وقت بہ وقت ملڪ يا صوبائي سطح تي حڪومت جي لاءِ مٿي جو سور بڻبو رهيو آهي ۽ ڪيترين انساني جانين ۽ قومي ملڪيتن جي تباهيءَ جو ڪارڻ پڻ ٿيو آهي.

هر سماجي گروهہ پنهنجي ٻوليءَ کي اهم حيثيت ۾ ترقي ڪندي ڏسڻ گهري ٿو ۽ ان لاءِ ڪنهن بہ قسم جي جدوجهد ڪرڻ کان ڪڏهن بہ ڪيٻائي نٿو. انهن جذبن ۽ جدوجهد کي مختلف سياسي فيصلن يا دٻائڻ جي ذريعي وقتي طرح تہ حل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي آهي، پر مستقل حل لاءِ شعوري، علمي ۽ اصولي ڪوشش ڪري ٻوليءَ بابت رٿابندي ڪرڻ نهايت ضروري آهي. هتي پاڪستان جي ابتدا کان وٺي ٻوليءَ بابت پاليسيءَ جو ٿلهي ليکي جائزو وٺڻ ضروري ٿو سمجهان.

هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هوندئن ته ان وقت شامل سمورن علائقن جا ماڻهو هئا. پر هندو آباديءَ جي اڪثريت وارا علائقا ان ۾ سڀ کان اڳرا هئا. جيتوڻيڪ ابتدا ۾ صرف انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ مقصد هو پر جيئن جيئن آزاديءَ جا آثار نظر اچڻ لڳا تيئن آزاديءَ کان پوءِ جي ملڪي پاليسيءَ بابت پڻ مختلف سياستدان مختلف نظريا کڻي ظاهر ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح هندستان ۾ انگريزيءَ جي جاءِ تي ڪن حلقن طرفان هندي رائج ڪرڻ جو اظهار ڪيو ويو. جڏهن ته هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هنديءَ کان علاوه هندستان جي ٻين ٻولين جا ڳالهائيندڙ نه صرف اڪثريت ۾ هئا. پر ڪين اهم حيثيت حاصل هئي. (مهاتما گانڌي گجرات مان، تلڪ مهاراشٽر مان، راج گوپال اچاريه مدراس مان وغيره) ٻئي طرف اڪثريتي هندي ڳالهائيندڙ علائقن ۾ اردو ڳالهائيندڙ مسلمان ڪنهن به صورت ۾ هنديءَ کي هندستان جي سرڪاري يا قومي ٻولي مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. (اردو ٿورڙن آوازن ۽ گرامر جي لحاظ کان هنديءَ کان ڪجهه مختلف آهي جڏهن ته صورتخطي بلڪل جدا آهي.) هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ گانڌيءَ جي شامل ٿيڻ کان پوءِ، گانڌي هندستان جي سرڪاري ٻوليءَ جي حل لاءِ هندستان ۾ واپرائجندڙ ڪنهن هڪ ٻوليءَ بدران اردو ۽ هندي ٻولين جي ميلاپ سان هندوستاني ٻوليءَ جي استعمال لاءِ انڊين نيشنل ڪانگريس جي 1925ع واري اجلاس ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو. ان ٺهراءُ مطابق:

"The proceedings of the Congress shall be conducted as far as possible in "Hindustani". The English language or any provincial language may be to speak "Hindustani used if the speaker is unable or when ever necessary"(19)

پر مختلف قومون ڪنهن به طرح پنهنجي قومي ٻولين تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿيون ۽ اهڙيءَ طرح ڪا هڪ "هندستاني" ٻولي نه ٿي سگهي، (1967ع ۾ ڀارت جي آئيني ائين شيڊول مطابق ٻوليءَ

جي رٿابنديءَ تي عمل ڪندي 15 ٻولين کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏني وئي. جڏهن تہ هندي ۽ انگريزي سرڪاري لک پڙهہ لاءِ استعمال ڪيون وڃن ٿيون)

هندوستان جي هندي ڳالهائيندڙ علائقن ۾ ٻي وڏي گهڻائي اردو ڳالهائيندڙن جي هئي، جيڪا اتي رهندڙ مسلمانن جي مادري زبان هئي. جڏهن هندستان لاءِ هنديءَ جا مطالبا زور وٺڻ لڳا، تڏهن انهن ئي علائقن ۾ مسلمانن وري اردو جي حمايت ۾ دليل ڏنا. اهڙيءَ طرح جڏهن مسلم ليگ مسلمانن لاءِ الڳ ملڪ پاڪستان جو مطالبو ڪيو تڏهن ان جي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ لاءِ اردوءَ جي حمايت ڪئي، پر مسلم ليگ پاڪستان ۾ جيئن تہ اردوءَ کي ئي قومي ٻولي طور رائج ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو تنهن ڪري پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ان تي ڪنهن بہ ويچار جي ضرورت محسوس نہ ڪئي، ۽ اردوءَ کي ئي قومي ٻولي طور چونڊيو. ڪجهہ ماڻهن ان سلسلي ۾ آواز اُٿاريو تہ باباءِ قوم محمد علي جناح اهڙن ماڻهن کي ننديندي ڍاڪا ۾ اعلان ڪيو تہ:

"...... Let me make it very clear to you that, the state language of Pakistan is going to be Urdu and no other language. Any one who tries to mislead you is really the enemy of Pakistan."(20)

آزاديءَ ۽ مذهبي جذبي تحت جيڪو اتحاد ماڻهن ۾ پيدا ٿي چڪو هو ان تحت ڪنهن بہ ڌُر يا قوم ان وقت تہ اردوءَ جي قومي يا سرڪاري حيثيت کي رد نہ ڪيو پر ٿوري وقت کان پوءِ جيئن ئي ترقي ۽ سياسي نظام ۾ ٻيا مختلف مسئلا سامهون آيا، تڏهن قومي ٻوليءَ لاءِ پڻ مسئلا ڪڙا ٿيندا ويا. (پاڪستان جي پنجن ئي صوبن مان ڪنهن هڪ جي بہ مادري يا حقيقي زبان اردو ڪونہ هئي، پر بنگال جي بنگالي، پنجاب جي پنجابي، سنڌ جي سنڌي، بلوچستان جي بلوچي ۽ سرحد جي پشتو هئي. البت پاڪستان ٺهڻ وقت جيڪي ماڻهو هندوستان جي هندي اڪثريت

وارن علائقن مان لڏپلاڻ ڪري پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ اچي وسيا، انهن مان گهڻائيءَ جي مادري زبان اردو هئي، جن جو پاڪستان جي آباديءَ ۾ 7.6٪ حصو هو جڏهن ته بنگالي 54.6٪ هئا)(21).

ڪنهن به ٻوليءَ کي ڪنهن به مذهب سان وابسته نٿو ڪري سگهجي، ائين ڪرڻ سان مذهبن جي آفاقيت کان انڪار ٿيندو. ڪابه ٻولي ڳالهائيندڙ ڪوبه مذهب اختيار ڪري سگهي ٿو ان لاءِ ڪنهن خاص ٻوليءَ جو ڄاڻڻ ضروري نه آهي، پر مذهبي ۽ ملڪي ٻڌيءَ لاءِ ان ڳالهه کي اهم سمجهي پاڪستان جي ليڊرن اردوءَ کي قومي ٻوليءَ طور رائج ڪيو. درحقيقت پاڪستان جو مطالبو ڪندڙ جماعت مسلم ليگ شروع کان ئي ماڻهن کي اهو احساس ڏياريو ته پاڪستان مان مراد آهي هندستان جو ورهاڱو ۽ انگريزن ۽ هندن به ان کي ورهاڱي سان تعبير ڪيو ۽ اصل تاريخي حقيقتون وساري ويٺا ته جن علائقن تي پاڪستان مشتمل ٿيندو آهي ڪڏهن به هندوستان جو حصو ڪونه رهيا آهن. انهن جي هميشه الڳ خودمختيار ۽ قدرتي حيثيت رهي آهي. اهي ڪڏهن به گنگا جمنا تهذيب جي اثر هيٺ نه رهيا آهن. انهن جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ پنهنجي تهذيب رهي آهي. وقتي طرح ڪجهه علائقن تي هندستان يا ٻين ملڪن ۽ قومن قبضو ته ڪيو آهي، پر اهي ڪڏهن به انهن جو اٽُٽ حصو نه رهيا آهن. انگريزن پڻ انهن ملڪن تي الڳ الڳ قبضو ڪري انتظامي سهولت خاطر "All_ India" يا گڏيل هندستان جو نالو ڏنو. پاڪستان جو ٺهڻ دراصل هندستان جي ورهاڱي سان تعبير نه ڪرڻ گهرجي، پر بنگال، پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي آزادي، سمجهڻ گهرجي. جن علائقن تي پاڪستان مشتمل ٿيو آهي، انهن جون پنهنجون ٻوليون ۽ قومي ڪلچر آهن ۽ ڪنهن به صورت ۾ انهن ٻولين يا ثقافتن کي پاڙئون پٽي نٿو سگهجي.

بهرحال جيئن ئي آزادي ۽ مذهبي جوش جا جذبا ماٺا ٿيا تيئن ٻين اقتصادي مامرن کان سواءِ ٻوليءَ جو مسئلو وڏي وڻ ٽيڻ لڳو ۽ ٿوري ئي وقت

۾ "بنگال بنگالي ٻوليءَ جي بنياد تي هڪ ٿي، پنهنجي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي درجي ڏيارڻ ۽ آباديءَ جي نسبت سان پنهنجي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حقن جا مطالبا ڪرڻ لڳو. هنن وڏي پيماني تي بنگالي ٻوليءَ جي مڃتا ۽ حقن لاءِ پاڪستان ٺهڻ جي ڪجهه سالن کان پوءِ ٿي تحريڪ شروع ڪئي ۽ ان تحريڪ ۾ ڪيترين انساني زندگين کان سواءِ، ڪيترين قومي ملڪيتن جو زيان ٿيو"(22). ان هلچل جي نتيجي ۾ پاڪستان جي آئيني اسيمبلي 1956ع ۾ بنگاليءَ کي اردوءَ سان گڏ سرڪاري ٻولي ڪري تسليم ڪيو. اهو فيصلو صرف بنگالين جي دٻاءُ ۽ هلچل جي نتيجي ۾ ٿيو نه ڪي ماڻهن جي حقيقي فطري ٻوليءَ جو جائز حق تسليم ڪرڻ ڪري ان وقت ٿي حڪمرانن جا ڪن اُيا ٿيڻ ڪپندا هئا. باهه کي تيل ڏيکارڻ وارو ڪم وري ون يونٽ قائم ڪرڻ واري عمل سان ڪيو ويو. جنهن تحت صوبن جي اصل نالن کي ختم ڪري اوير بنگال کي مشرقي پاڪستان ۽ پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان کي مغربي پاڪستان نالو ڏنو ويو ۽ اصل نالن استعمال ڪرڻ تي پابندي وڌي وئي. (ڪيترن عالمن ۽ محققن بہ "سابق سنڌ" ۽ "سابق پنجاب" ڪري پنهنجن ڪتابن ۽ مقالن ۾ ذڪر ڪيو!) سنڌ صوبو بہ لسانياتي رٿابندي نہ ٿيڻ ڪري متاثر ٿيو. سنڌ جي ٻولي "سنڌيءَ" جا اهڃاڻ قديم زماني کان ملن ٿا. لسانيات جي ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ جنهن بہ ايراضيءَ ۾ ڪي ماڻهو رهن ٿا، اهي هڪ ٻئي سان رابطي لاءِ جيڪا ٻولي استعمال ڪن ٿا، اها ان گروهہ جي قومي ٻولي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي دوران مليل قديم آثارن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڄ کان 5000 هزار سال اڳ بہ سنڌ ۾ ماڻهو رهندا هئا. جن جي تهذيب يافتہ هجڻ ۾ تہ ڪو شڪ ڪونہ آهي، پر سموري انسانيت ان تهذيب تي فخر ڪري رهي آهي. انهن آثارن مان ٻين شين کان علاوه لکيل صورت ۾ ٻولي بہ ملي آهي، جيڪا يقيناً اتي رهندڙ ماڻهو پنهنجو روزمره جي ڏنڌي لاءِ ڳالهائيندا هوندا. اها ٻولي يقيناً پنهنجي ڳالهائيندڙن جون

مڙني گهرجون پوريون ڪندي هوندي

سنڌي ٻوليءَ جي ويجهڙائيءَ واري تاريخ ٻڌائي ٿي ته نه صرف ان ٻوليءَ ۾ هر موضوع تي اهم مواد موجود آهي، پر جديد سائنسي گهرجون پڻ پوريون ڪرڻ جي اهليت رکي ٿي، ان ئي سبب ڪري انگريزن سنڌ تي قبضي کان پوءِ پهريون ڪم اهو ڪيو جو اڳ وارن حاڪمن جي روايت کي رد ڪندي، سنڌ ۾ ڌارين ٻولين جي استعمال بدران، سنڌي ٻولي رائج ڪئي ۽ ان کي صحيح تاريخي حيثيت ڏئي سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ اها سکڻ لازمي قرار ڏني:

"We Should introduce the language of the country (namely Sindhee) as the medium of official inter course. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be constituted) can work effectually through a foreign medium of communication, such as Persian or English. A period of 18 months should, therefore, be allowed to the officers in civil employ in the Sind_ qualify them selves for an examination in the language"(23).

اهو تسليم ٿيل آهي ته اوڻيهين صديءَ ۾ لسانيات جي علم ۾ انگريز عالم پڙ هجڻ کان علاوه عالمي حيثيت حاصل ڪري چڪا هئا. اهوئي سبب هو جو انهن سنڌي ٻوليءَ ۾ مڙني گهرجن پوري ڪرڻ جي اهليت سمجهندي ٻين رائج ڌارين ٻولين فارسي ۽ انگريزيءَ تي ترجيح ڏني. انگريزن جي سؤ سالا حڪومتي دؤر ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ نه صرف هر علم ۽ موضوع تي ڪتاب لکيا ويا، پر ٻين پرڏيهي ٻولين مان پڻ چونڊ ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ کي مالامال ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڪلاسيڪل ادب کي پڻ انگريزيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي عالمي مڃتا حاصل ٿي. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ڳالهين سان گڏ نظرانداز ٿيندو ڏسي دانشورن، اديبن، استادن، ڪتابن،

پمفليٽن ۽ اخباري بيانن ذريعي پنهنجو احتجاج ڏيکاريو(24)، پر ان تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ويو. اهڙي قسم جي ٻہ اکيائيءَ جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1- 1948ع ۾ ڪراچيءَ ۾ قائم 1300 سنڌي پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول بند ڪيا ويا. اهو دنيا جي لسانياتي تاريخ ۾ ڪنهن ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جو انوکو مثال آهي. سنڌي ليکڪن، عالمن، شاگردن ۽ آباديءَ جي هر طبقي مان ان فيصلي خلاف هاءِ گهوڙا ٿي، پر ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو ويو. هاءِ ڪورٽ پڻ ان فيصلي خلاف فيصلو ڏنو پر ان تي بہ ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو ويو.

2- 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ مان حيدرآباد منتقل ڪري، ان جي جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪئي وئي، جنهن جي سنڊيڪيٽ 1956ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي امتحانن ۾ جواب ڏيڻ جي ٻوليءَ طور رد ڪيو. "سنڌي شعبو" اهو چئي بند ڪيو ويو تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن جو تعداد گهٽ آهي. اِهو سبب پوءِ تڏهن غلط ثابت ٿيو جڏهن 2000 شاگردن سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف امتحانن ڏيڻ جي خواهش ڏيکاري.

3- 1956ع جي آئين مطابق سنڌ ۾ سنڌي شاگردن لاءِ اردو ۽ اردو وارن لاءِ سنڌيءَ کي لازمي قرار ڏنو پر پوءِ صرف سنڌي شاگردن لاءِ اردو برقرار رهي.

4- 1958ع جي مارشلا کان پوءِ 1959ع ۾ هڪ تعليمي ڪميشن جوڙي وئي تہ جيئن اُها پڙهڻ ۽ سيکارڻ جي ٻوليءَ بابت پاليسي ٺاهي. پر ان ڪميشن ۾ تاريخي لسانيات جي رٿابنديءَ کان اڻ واقف ماڻهن، صوبائي ٻولين لاءِ، 1956ع واري

آئين ۾ ڪيل فيصلن کان بہ خراب ۽ ڏڪائيندڙ فيصلا ڪيا. ڪميٽي رپورٽ ۾ لکيو:

"…. The experience of other countries show that, where there are many languages, the best results could not be obtained. When the education in mother tongue will be given upto 5th standard… But after standard 5, national language would be adopted as the medium of teaching and the mother tongue will stop forth with. We strongly recommend the above formula".(25)

جن ٻين ملڪن جي تجربن جو حوالو ڏنو ويو آهي، انهن جو ڪوبہ مثال ان رپورٽ ۾ ڪونہ ڏنو ويو آهي تہ اهڙو فارمولو ڪهڙن ملڪن ۾ رائج آهي ۽ ڇا اسان وٽ ٻوليءَ بابت ساڳيون حالتون آهن؟ جڏهن تہ اصولي طرح انهن کي يونيسڪو جي 1951ع واري گڏجاڻيءَ ۾ ٻوليءَ بابت ڪيل فيصلن تي عمل ڪندي، مادري زبان ۾ تعليم تي ڌيان ڏيڻ کپندو هو. جنهن مطابق مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ ڪيترائي سبب ڏيندي چيو ويو آهي تہ:

"For these reasons, it is important that every effort should be made to provide education in the mother tongue… On education grounds we recommend that, the use of the mother tongue be extended to, as late a stage in education as possible."(26)

پر تعليمي ڪميشن جو فيصلو نهايت تعجب انگيز هو. حيرت جي هيءَ ڳالهہ آهي تہ اُن ڪميشن ۾ هڪ بہ سنڌي دانشور يا تعليمي ماهر شامل ڪونہ هو.

5۔ 1970ع ۾ پهريون ڀيرو بالغ راءِ دهي جي بنياد تي چونڊيل اسيمبليون وجود ۾ آيون. پر صحيح سياسي فيصلا نہ ڪرڻ ڪري بنگال ۾ فساد ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ بنگال پاڪستان کان ڌار ٿي "بنگلاديش" جو روپ اختيار ڪيو ۽ باقي رهيل ملڪ ۾ جمهوري حڪومت قائم ڪئي وئي.

1972ع ۾ سنڌ جي اسيمبليءَ سنڌي ٻوليءَ جي شاندار ماضي ۽ جديد علمي اهميت ۽ ماڻهن جي اڪثريت جي خواهش کي نظر ۾ رکندي، ٻوليءَ جو بل پاس ڪيو جنهن مطابق سنڌ جي سرڪاري ٻولي سنڌيءَ کي قرار ڏنو ويو جڏهن تہ پاڪستان جي آئين ۾ اردوءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي اڳ ۾ ئي قرار ڏنو ويو هو جنهن کي سنڌ ۾ سنڌيءَ سان حصيداري ڪرائي وئي هئي. پر سنڌ اسيمبليءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي بل پاس ٿيڻ سان ئي اردوءَ جي ڪن دانشورن فساد ۽ هنگاما ڪرائي ڏنا، ۽ انهن هنگامن کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت هڪ حڪم نامو جاري ڪيو جنهن تحت سنڌ کي ٻہ زباني صوبو قرار ڏنو ويو. نتيجي طور ان وقت کان وٺي سنڌ جي اقتصاديات ۽ جاگرافيائي حيثيت تي وقت بہ وقت حملا ڪري ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن.

6ـ 1975ع ۾ ان وقت سنڌ جي وزيراعليٰ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ 35 رسالن ۽ انهن جي اڳوڻين سمورين اشاعتن تي پابندي لڳائي، سنڌي ٻوليءَ تي هڪ وڏو وار ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 500 کان وڌيڪ رسالا ۽ ڪتاب پابنديءَ جو شڪار ٿيا.

1977ع جي مارشلا کان وٺي هيل تائين، سنڌ جي شهري علائقن مان سنڌي ميڊيم اسڪول ختم ٿي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ نندڙن ٻارن بہ ڪيترين جماعتون ٺاهي سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ ۽ ان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي جدوجهد جاري رکي آهي. حڪومتي ادارن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ وقت بہ وقت دانشورن، اديبن، استادن ۽ عالمن طرفان ڪانفرنسون ڪوٺائي، پمفليٽ ۽ ڪتاب لکي، حڪومتي اهلڪارن جو ڌيان ان طرف ڇڪايو ويندو رهيو آهي، پر اڄاتائين ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو آهي. هن وقت هيءَ معاملو حساس صورت اختيار ڪري رهيو آهي، جنهن کي ٻوليءَ جي اصولي

۽ علمي رٿابنديءَ تحت حل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مٿي اسان ذڪر ڪري آيا آهيون ته ٻوليءَ جي رٿابندي ڇا آهي؟ ان جي روشنيءَ ۾ تفصيلي جائزو وٺندي ٻوليءَ جي مسئلي جو حل پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي. ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جي ماهرن جي راءِ ۾ (27) ٻوليءَ جي رٿابنديءَ کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون جسماني رٿابندي (Corpus planning) هن مطابق ٻوليءَ جي بناوت، لفظي ذخيرو لفظن جي بناوت، صورتخطي ۽ نئين اسڪرپٽ جو اختيار ڪرڻ، نون لفظن ۽ اصطلاحن جو ناهڻ ۽ گرامر جا اصول مرتب ڪرڻ، لسانياتي خاصيتون طئي ڪرڻ وغيره اچي وڃي ٿو. ٻيو درجاتي يا حيثيتي رٿابندي (Status planning)، هن قسم مطابق ٻوليءَ بابت قومي رٿابنديءَ ۾ هر ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪرڻ آهي. مثال طور سکيا يا تربيت جو ذريعو عام رابطي جو ذريعو سرڪاري لکپڙهه جو ذريعو يا قومي سڃاڻپ جو ذريعو وغيره. هن قسم جي ذريعي سماج ۾ ڪنهن به ٻوليءَ جو استعمال ۽ حيثيت متعين ڪري سگهجي ٿي. ٽيون- اختياري يا حاصلاتي رٿابندي (Aquisition planning) هن قسم مطابق ڪنهن به ٻوليءَ کي اختيار ڪرڻ جا طريقا اچي وڃن ٿا، جيئن ته سيکارڻ ۽ سکڻ جا طريقا ۽ ٻوليءَ کي پکيڙڻ بابت پاليسي يعني مواصلاتي ذريعن جو استعمال وغيره اچي وڃي ٿو.

رٿابنديءَ جا مٿي بيان ڪيل ٽيئي قسم جيتوڻيڪ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن، پر ان جي باوجود هر ڪنهن جي اهميت هڪ جيتري نه آهي. ٻوليءَ جي رٿابنديءَ ۾ جنهن قسم کي وڏيڪ ۽ بنيادي اهميت حاصل آهي، اهو آهي حيثيتي رٿابندي. ٻوليءَ جي رٿابندي ڪرڻ وارن لاءِ ضروري آهي ته گهڻ- ٻوليائي ملڪ ۾ سڀ کان اول هر ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪن ۽ جڏهن سيني ٻولين جا ڳالهائيندڙ هر ٻوليءَ جي حيثيت کي تسليم ڪندا، تڏهن ئي باقي ٻين قسمن تي عمل ڪري ٻولين کي وڌائي شاهوڪار بنائڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ لاءِ اٿارٽيون يا ادارن جو عمل ڪارگر ثابت ٿيندو.

ٻوليءَ جي مسئلي جي سلسلي ۾ رٿابندي ڪندڙن ڪي بااختيار ڪري ۽ اهميت ڏئي ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪرائجي، ان مطابق پاليسيون اختيار ڪيون وڃن. اسان جي ملڪ ۾ چار صوبا آهن، جن ۾ چار قومون رهن ٿيون، جن کي پنهنجي پنهنجي ثقافت، تاريخي ورثا ۽ شاهوڪار ٻوليون آهن. تنهن ڪري انهن چئن ئي صوبن جي مادري ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏئي، ٻوليءَ جي رٿابنديءَ تي عمل ڪندي انهن جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ اٿارٽيون ۽ ادارا قائم ڪري ڪوششون ڪيون وڃن. اهڙيءَ طرح پاڪستان جون چار قومي زبانون ٿينديون، جيڪي قومي ٻڌيءَ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ نقصانڪار نه ٿينديون، پر جڏهن هر ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ اُن جي ٻوليءَ کي وڌڻ ويجهڻ جا هڪ جيترا ۽ تاريخي حق حاصل ٿيندا، تڏهن ايڪي، ٻڌي ۽ سهپ جا پڻ جذبا وڌندا.

جيئن ته اردو گذريل 40 سالن کان جاري آهي ۽ ملڪ جي گهڻي آبادي ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿي، تنهن ڪري ان کي عام واهپي (Lingua Franca) ٻوليءَ جي حيثيت ڏئي، ان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ ڪوششون جاري رکيون وڃن. عالمي سطح تي مقابلن ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ انگريزيءَ کي هر تعليمي سطح تي رائج ڪري ملڪ ۾ لکپڙهه ۽ ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. هن وقت جيڪا سهولت شهري ۽ وڏن ماڻهن جي ٻارن کي حاصل آهي ته انگريزيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري وڏا عهدا ماڻي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀاڱيوار ٿين، پر جڏهن انگريزيءَ کي هر سطح تي رائج ڪيو ويندو ته اها سهولت هر طبقي جي ٻار ۽ ماڻهو کي هڪ جيتري حاصل ٿيندي ۽ ملڪ جي سموري آبادي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندي ۽ اهڙي قسم جو احساس، ملڪ سان پيار جو جذبو پيدا ڪندو ۽ نفرتن بدران محبتون وڌنديون. اهڙي قسم جي رٿابنديءَ ۾ وقت ضرور لڳندو، پر ان ڪانپوءِ جيڪي نتيجا نڪرندا، اهي ملڪ ۾ هڪ سونهري ۽ خوشحاليءَ جو دور آڻيندا ۽ گهڻي قدر ٻوليءَ جي بنيادن تي رنجشن جو خاتمو ٿي ويندو.

## Reference

1. Gupta, J. Das. Language Planning Process P_4 Mouton 1977.
2. Hertzler, Joyee D. The Sociology of Language. Random House New York, 1965.
3. Crystal David, Dictionery of Linguistics and Phonetics, Basil Black well Oxford, P_281_82, 1987.
4. Haugen, Einar, Language Planning, Theory and Practice. In a Gruar (Ed), Actes duexe congress International des Linguistes: Bucarest 28 Aout_2 Sept. 1967. Bucarest: Editions deL' Academic de La Republique Socialiste de Roumanie, Vol. 1, P_701.
5. Jernudd, Bjoru, H. and Jyotindro Dasx Gupta 1971. Towards a Theory of Language Planning, IN Joan Rubin+ Bjorn, H, Jernudd (Eds.) Can Language Be Planned? Socioloingistic, Theory and Practice for Developing Nations, The Hague: Moktan, P.211_ 1971.
6. Fishman Joshua A. Language modernization and planning in comparison with other types of national modernization and planning. In Joshua Fishman (Ed) Advances in language planning. The Hague: Monton, P_79, 1974.
7. Tauli, Valter, The Theory of Language Planning, In Joshue A. Fishman (Ed), Advances in Language Planning, The Hague: Monton 1974, P_56.
8. Prator_Reffrom Robert L. Cooper's "Language Planning and Social Change, C.U.P. 1989, P_31.
9. Trudgill_Petar, 'Accent, Dialect and The School P_24, Edward Arnold Reprint 1979.
10. Advani Bherumal Mehrchand, Sindhi Bolia ji Tarikh, Sindhi Adabi Board Hyderabad, 1956 PP_92_94.

11. Trudgill Petar. Accent, Dialect and the School, Edward Arnold, P.54_55, 1979.

12. Crystal David, The Cambridge Encyclopedia of Languages C.U.P. 1988, P_6.

13. Baloch Nabi Bukhsh, Sindhi Bolia ji Mukhtasar Tarikh, Ist ed. 1962, P_22.

14. Siraj, Sindhi Boli_ Hyderabad_ 1964, P.48_49.

15. Panhwar M. H., Languages of Sindh Between Rise of Amri and Fall of Mansura i.e, 5000 year age to 1025 AD". PP 12_13 in A. Junejo+ Q. Bughio's "Cultural heritage of Sindh" Sindhi Adabi Board, 1988.

16. Popti Hiranandani 'Bhasha Shastar' Bombay 1962, P_270.

17. – do_ p.7.

18. Thanvi_ Moulana Ashraf, Ikhabar_e_Urdu, 23 Feb. 1983, Muqatidrah Quami Zuban Karachi.

19. Das Gupta J. Ref. from Current Trends in Lingistics P_579 South Asian Lingistics Monton 1979.

20. Jinah Mohd Ali, in Keith Callard (Pakistan) P_182 London 1957.

21. Census of Pakistan 1_71 (1951).

22. Syed K. B., The Political System of Pakistan, P_189_90 Boston, 1967.

23. Clerk's Sir G. Minute P_15. Great Britain House of Common 11_East India Scinde_ Session 31Jan to 12 Aug, 1854 Vol. XLIX. 1854.

24. Save Sindh Save the Continent 1947. Shall Sindhi Language stay in Karachi or not? 1957, Unjustice to Sindh.
Apeal to the people of Pakistan 1951.
The Story & Suffering of Sindh 19.

25. Report, Education Commission of Pakistan 1959, P_283.

26. Unesco, The Report of the Unesco Meeting of Specialists, 1951 in Joshua Fishman, Redadings in the Sociology of Language. Monton 1968. P_691.

27. Cooper Robert L. 'Language Planning and Social Change. C.U.P. 1989, PP. 31_34.

ڪريم بخش خالد

# سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولين جو سٻنڌ

سنسڪرت جي لفظي معنيٰ آهي فصيح ۽ نستعليق. هيءَ ٻولي، هندو تهذيب جي اوج واري زماني ۾ ماڻهن جي اظهار جو ذريعو هئي، پر اُن جي شروعاتي هيئت يا شڪل، موجوده سنسڪرت کان مختلف هئي.

اڄ کان اٽڪل چار هزار سال اڳ، جڏهن آريا هندستان ۾ داخل ٿيا ته، هنن وٽ پاڻ سان گڏ آندل 'انڊو- آريائي' زبان کان علاوه ٻيون به ڪيتريون مختلف ٻوليون رواج ۾ هيون. اها ٻولي، ايراني شاخ جي ٻين ٻولين سميت، جيڪي ان وقت ايران ۾ مروج هيون، 'انڊو- يورپي' خاندان جي 'هندي- ايراني' شاخ مان نڪتي.

انهن ٻولين کان علاوه، ان زماني جي 'انڊو- آريائي' زبان جي هڪ ادبي طرز به هئي، جنهن ۾ ويد جا اشلوڪ مرتب ڪيا ويندا هئا، ان ڪري ان کي 'ويدڪ' به چيو ويندو هو. هيءَ زبان پوري طرح معياري ۽ باضابطه نه هئي، جنهنڪري اُن 'ادبي ويدڪ' کي آهستي آهستي ترقي ڏيئي، معياري بڻايو ويو. تان جو اها هڪ مقرر ڪيل صرف و نحو (گرامر- وياڪرڻ) سان نمودار ٿي. ان زبان کي سنسڪرت جو نالو ڏنو ويو. ان جي گرامر جا قاعدا ۽ ضابطا، حضرت مسيح جي جنم کان چار سؤ سال اڳ پاڻينيءَ مرتب ڪيا، جنهن جو وطن شلاترا (موجوده لاهور) هو. صحيح معنيٰ ۾ سنسڪرت جو اصطلاح فقط انهيءَ بامحاورا زبان لاءِ استعمال ٿيندو آهي، پر رواداريءَ ۾ ان جو اطلاق ان کان اڳوڻي دؤر تي به ڪيو ويندو آهي، تاهم اڳوڻي دؤر جي زبان کان ممتاز ڪرڻ خاطر ان کي اڪثر 'ٽڪسالي سنسڪرت' به چيو ويندو آهي. ان دؤر کان ٿورو پوءِ، پراڪرت (لفظي معنيٰ ۾ فطري) جيڪا عوام جي زبان هئي، ان جي مقابلي ۾ سنسڪرت معاشري جي بلند طبقن

جي جماعتي ٻولي بڻجي پئي ۽ ان سببان اُها جامد ٿي ويئي ۽ ان جي صحيح استعمال تي قدرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ خاص درس آموزيءَ جي ضرورت ٿيڻ لڳي.

هاڻي سنسڪرت هڪ الهامي زبان سمجهڻ ۾ اچڻ لڳي ۽ ان جي تحويلدارن يعني برهمڻن، غير برهمڻن کي ان جي تعليم ڏيڻ مذهب جي بيحرمتي پئي سمجهيو. اهڙيءَ طرح ويدن جو پڙهڻ بہ عوام لاءِ ممنوع ٺهرايو ويو جنهن ڪري انهن کي پوءِ لکيل جنگي نظمن ۽ ترانن جهڙوڪ رامائڻ ۽ مهاڀارت تي قناعت ڪرڻي پيئي. برهمڻن جي مقابلي ۾ نئين جيني ۽ ٻڌ ڌرم وارن پنهنجي تبليغ لاءِ پراڪرت کي وسيلو بڻايو پر زياده دقيق ۽ سنجيده خيالن جي لاءِ، انهن بہ ڪڏهن ڪڏهن سنسڪرت جو استعمال پئي ڪيو. اشوڪ جي زماني ۾ پراڪرت جو ملڪي نظم ۽ نسق ۾ عمل دخل ٿي ويو هو.

ساخت جي اعتبار کان، سنسڪرت بہ عربيءَ وانگر ڪنهن حد تائين تصريفي آهي. جيئن عربيءَ ۾ ماده ۽ لفظ جو آخري حرف پاڻ ۾ لازمي طور پيوست ٿين ٿا، پر تنهن هوندي بہ انهن جو علحدو وجود نظر اچي ٿو اهڙيءَ طرح سنسڪرت ۾ بہ ٿئي ٿو پر سنسڪرت جي مزاج ۽ ان جي مذهبي خصوصيتن جي باوجود ان ۾ مسلمانن جي تصنيفن ۽ تاليفن جو فارسي ماخذن مان پتو پوي ٿو ڇوتہ عين ممڪن آهي جو پنڊتن انهن کي باقاعده تسليم نہ ڪيو هجي ۽ اهي مخطوطات جي صورت ۾ ئي تلف ٿي ويون هجن. البتہ سنسڪرت ۾ هڪ مسلمان جو لکيل ڪتاب محفوظ ۽ موجود آهي. ان جو نالو آهي ’سنديش راسڪ‘ جنهن کي اپڀرنش شڪل ۾ ’سنيهر ساو‘ چئجي ٿو. اهو 223 بندن جو نظم آهي ۽ ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. نظم جو مضمون هڪ عورت جو پيغام آهي، جيڪو هوءَ هڪ مسافر کي ڏئي ٿي تہ سندس مڙس کي پهچائي، جيڪو گهڻي وقت کان ڪاروبار جي سلسلي ۾ وطن کان ٻاهر ويل آهي. حسن بيان ۽ حسن تخيل جي لحاظ

ڪان هيءَ نظم نهايت دلاويز آهي. ان جي شرحن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ان جو مصنف 'اڏ مان' يعني عبدالرحمان هو جيڪو هڪ ڪپڙي اُڻندڙ 'ميرسن' (يعني مير حسن يا امير حسن) جو پٽ ۽ معرب جي هڪ اجنبي ملڪ جو رهندڙ هو. شايد ان جو اشارو سنڌ جي ڪنهن علائقي ڏانهن هجي، جنهن ۾ مسلمان آباديءَ جو غلبو هو. زبان جي خصوصيتن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ اهو ڪتاب چوڏهين صدي عيسويءَ جو آهي ۽ ٺٽي جي ميمڻ قوم سان ان جو لاڳاپو آهي

سنسڪرت ادب جي هڪ شاخ 'اتهاس' آهي. يعني تاريخي ڪتاب جهڙوڪ مهاڀارت ۽ رامائڻ. هي رزميہ داستان آهن، جن ۾ ديوتائن ۽ ديوين سان لاڳاپو رکندڙ پراڻا قصا ڪهاڻيون ۽ قديم زماني جي رشين ۽ بادشاهن بابت داستان آهن.

يونائيٽيڊ پريس انٽرنيشنل، دهليءَ مان خبر ڏيندي ٻڌايو آهي تہ هڪ هندستاني معالجہ ڊاڪٽر پي. وي ورتا، ٻارهن سالن جي تحقيق ڪان پوءِ ڄاڻايو آهي تہ رامائڻ ۽ مهاڀارت جا رزميہ داستان سچا آهن. مهاڀارت واري جنگ آچر ڏينهن 16 آڪٽوبر تي 5561 سال قبل مسيح ۾ شروع ٿي هئي. رام اڱاري ڏينهن 4 ڊسمبر تي 7323 سال قبل مسيح ۾ پيدا ٿيو هو. ڊاڪٽر ورتا اهي تاريخون ۽ سال ائسٽرو- ميٿميٽڪس ۽ سيارن جي نقل و حرڪت جي اڀياس جي ذريعي معلوم ڪيا آهن، جن بابت انهن رزميہ داستانن ۾ اشارا ڏنل آهن. سندس حساب موجب رام، لڇمڻ ۽ سيتا جي بنواس ٿيڻ وارو واقعو خميس ڏينهن 29 نومبر تي 7306 سال قبل مسيح ۾ ٿيو ۽ اها ڀاڳمرادو شهر بدري چوڏهن سالن تائين رهي.

اهڙيءَ طرح ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ ڪورون ۽ پانڊون ۾ ڪشمڪش جو ميدان مهراڻ جي وادي هو.

اسلام کان اڳ واري دؤر جي سنڌ جي تاريخ بابت مقامي ماخذن تي ٻڌل، هڪ مختصر عربي رسالو ابو صالح بن شعيب لکيو. 1026ع ۾

جرجان جي شهري ڪتب خاني جي محافظ ابوالحسن علي بن محمد، ان جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جناب ابوالحسن جو بيان آهي ته اصل عربي ڪتاب ڪنهن هندستاني زبان ۾ لکيل ڪتاب جو ترجمو هو پر نالن جي صورت ڏسڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته ان جو ماخذ سنسڪرت زبان نه هئي. انهيءَ رسالي جو فارسي ترجمو هڪ وڏي تصنيف، 'مجمع التواريخ' ۾ شامل ٿيل آهي. رسالي ۾ افسانوي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته، مهاڀارت جي سورمن جو سنڌ سان ڪهڙو لاڳاپو هو. ابوالحسن ترجمي ۾ ڄاڻايو آهي ته ابو صالح پنهنجي رسالي ۾ مهاڀارت جو داستان بيان ڪيو آهي. ان جو عام خاڪو سنسڪرت جي اصل تصنيف جي مطابق آهي، پر نالن جون شڪليون، جيڪي ڪن حالتن ۾ سنسڪرت ۾، پر گهڻو ڪري ڪنهن ديسي ٻوليءَ تي مبني آهن، تن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ابو صالح ضرور پنهنجي وقت جي ڪنهن سنڌي هندوءَ کان اهو داستان ٻڌو هوندو. هيءَ فارسي ڪتاب، مهاڀارت جي موجوده مروج داستان جي ڪن اهم اختلافي امورن کي واضح ڪري ٿو ۽ انين صديءَ ۾ مهراڻ جي واديءَ جي ٻولين مثلاً سنڌيءَ جي تاريخ جي باري ۾ قابل قدر معلومات مهيا ڪري ٿو.

آڳاٽي زماني کان سنڌ صوبي جي زبان سنڌي آهي، جيڪا صوبي کان ٻاهر بلوچستان جي لسٻيلي، ڪڇي، ۽ سبي ضلعن، پنجاب جي رحيم يارخان ضلعي جي اڪثر باشندن جي زبان پڻ آهي. ڀارت جي ڪڇ علائقي ۾ به ماڻهن جي گهڻائي سنڌي زبان ڳالهائي ٿي، جنهن جو مقامي ڪڇي لهجو آهي.

سنڌي زبان، سنڌونديءَ جي ڏاکڻي واديءَ- سنڌ ۾ جنم ورتو. برصغير جي ٻين علائقن جي بنسبت، سنڌ هڪ ٻاهريون نواحي علائقو آهي ۽ انهي جاگرافيائي مناسبت جي ڪري، سنڌيءَ جو شمار بيروني زبان ۾ ٿئي ٿو.

سنڌوماٿر جي مرڪز- موهن جي دڙي جي پنهنجي ترقي يافته زبان هئي، جنهن کي شڪلي (صوري) خط ۾ لکيو ويندو هو. موهن جي دڙي مان

جيڪي مهرون مليون آهن، انهن مان اندازو ٿو ٿئي ته اهو صوري خط اٽڪل 474 علامتن ۽ 63 عددن تي مشتمل آهي. (ڊاڪٽر احمد حسن داني: Indian Palaeography صفحو 19). اهڙيون مهرون، موهن جي دڙي جي تهذيبي خطي کان ٻاهر، ڪن ڀارتي علائقن ۽ عراق جي آڳاٽن آثارن مان به مليون آهن. اها ٻولي اڃا تائين پوري طرح پڙهي نه ويئي آهي، انهيءَ ڪري ان قديم زبان جي باري ۾ به ڪا راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي. البته مختلف راين کي ٿن مفروضن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

پهريون هيءَ ته دجله، فرات ۽ سنڌ جون تهذيبون پاڙيسري هيون، ۽ انهن دريائي تمدنن ۾ جيڪڏهن ڪو لاڳاپو موجود هو ته پوءِ موهن جي دڙي جي قديم زبان سميري ۽ بابلي زبانن جي وچ ۾ به ڪو تعلق هجڻ گهرجي. سمير ۽ بابل ۾ هٿ آيل ڪن تحريرن کي پڙهيو ويو آهي. انهن ۾ هڪ لفظ 'ادا' بمعنيٰ 'ڏاڏا' مليو آهي، جيڪو هاڻي به سنڌيءَ ۾ 'ڀاءُ' جي معنيٰ ۾ رواج ۾ آهي. انهيءَ آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته موئن جي دڙي، سمير ۽ بابل جون قديم زبانون، ڪنهن هڪ 'سامي' سلسلي سان ڳنڍيل آهن.

ٻيو مفروضو هيءَ آهي ته موهن جي دڙي جي تهذيب آريائي تهذيب کان آڳاٽي آهي، تنهنڪري اها دراوڙي تهذيب ٿي سگهي ٿي ۽ ان ڪري موهن جي دڙي جي زبان به دراوڙي هجڻ گهرجي. آرين جي اچڻ (1500-1200 ق. م) کان اڳ پاڪستاني علائقن ۾ دراوڙي زبانن جو رواج ممڪن معلوم ٿئي ٿو ۽ سنڌ جي الهندي لاڳيتي علائقي ۾ دراوڙي سلسلي جي زبان بروهي جي موجودگي ان جي تائيد ڪري ٿي. انهي گمان تي جارج شرٽ 1878ع ۾ موجوده سنڌي زبان ۾ دراوڙي عنصر جي سراغ لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مقالو لکيو پر سندس دليل ڪمزور ۽ بي ربط آهن. دراوڙي، سنڌي زبان جو بنياد ته ڪونهي، البته ٻين پاڙيسري زبانن وانگر سنڌيءَ ۾ به دراوڙي لفظ شامل آهن، جيڪي آڳاٽن لساني لاڳاپن جو يادگار آهن. جهڙوڪ: ايلاچي (ننڍا ڦوٽا)، ڪانجهي (اُڀاريل چانورن جو پاڻي مصالا وغيره)،

ڪڙهي، چاڏي، ڪاپاڙو (ڪاپر جو رسو) ڪڏي، هنڊي، نير، نيرو منڊي، موتي، آرس، ورلو ٺنگڻ، ملھ وغيره.

ٿئين مفروضي کي گذريل صديءَ ۾ مغربي ليکڪن هوا ڏني ۽ چيو ته برصغير جي ٻين زبانن وانگر، سنڌي به سنسڪرت مان نڪتي آهي. ديسي عالمن به ائين وسهڻ شروع ڪيو ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 'آفتاب ادب' ۾ سنسڪرت کي سنڌيءَ جي ماتا لکيو آهي. پر پوءِ سينارٽ (Senart)، پيشل (R.Pischel) ۽ ٻين محققن اُن نظريي جي ترديد ڪئي ۽ علمي طور ثابت ڪيو ته نه سنسڪرت ملڪ جي عوامي پراڪرتن جو سرچشمو هئي ۽ نه وري برصغير جون موجوده عوامي زبانون سنسڪرت مان ماخوذ آهن. سنسڪرت، پراڪرت ۽ اُپڀرنش سلسلي سان وابسته هڪ نظريي موجب، موجوده سنڌي زبان کي وراچڊ اُپڀرنش مان نڪتل مڃيو ويجي ٿو.

سنسڪرت جي معنيٰ آهي فصيح ۽ نستعليق. پراڪرت جي معنيٰ آهي عوامي ٻولي. سنسڪرت کان قرابت جي لحاظ سببان دور علائقائي زبانن جي هڪ ارتقائي منزل کي اُپڀرنش چئجي ٿو ۽ تمام گهڻي بگڙيل ٻوليءَ کي وراچڊ چيو ويجي ٿو. ظاهر آهي ته هيءَ لساني نظريو به تاريخي شاهدين جي بنياد تي باطل آهي. سنڌي زبان، مقامي سرزمين ۽ ماحول جي پيداوار هئي. سنڌ جو علائقو سنسڪرت جي دائره عمل کان دور هو ان ڪري انهن جي وچ ۾ قرابت ناممڪن هئي. انهيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌي هڪ اوائلي پراڪرت آهي يا اُپڀرنش مان نڪتل آهي. البته اها حقيقت آهي ته موجوده سنڌي زبان ۾ ٻين ٻولين جي لفظن وانگر، سنسڪرت جا به گهڻيئي لفظ پنهنجي اصلوڪي شڪل ڦيرائي، مروج آهن. ڪي لفظ پالي ٻولي جي معرفت آيا، ڪي ماڻهن جي ميل جول، واپار وڻج ۽ حڪومتي ڪاروبار جي ضرورتن سببان آيا.

مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، اهڙن سنسڪرت لفظن جو ذڪر، پنهنجي ڪتاب 'آفتاب ادب' ۾ تفصيل سان ڪيو آهي، مثلاً: پورن

مان پورو، سانس مان ساهہ، پتر مان پٽ، چندر مان چنڊ، سورج مان سج، جڳتر مان جڳ، منش مان ماڻهو، ميگهہ مان مينهن، متر مان مٽ، ڪنيڪار مان ڪنيار ـ سورن ڪار مان سونارو ـ ڪدا مان ڪڏهن ـ ڪسيہ مان ڪنهن ـ تسيہ مان تنهن وغيره.

ٻولين اهڙي نموني سان ماڳ ۽ مهل جي ضرورتن موجب وڌن ويجهن ٿيون ۽ گوناگون رنگن ۾ رڱجن ٿيون. ٻوليون ٺهنديون آهن، ناهبيون ڪينهن.*

[ماهوار پيغام، ڪراچي، فيبروري ـ مارچ، 1982ع]

* اهي مفروضا هاڻي پراڻا ٿي چڪا آهن، پر انهن مفروضن جي ارتقاء جي ڪڙين مان هڪ آهي ان ڪري هتي ڏنو ويو آهي. (ادارو)

شمس سومرو

# سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، استعمال ۽ پيداواري صلاحيت

**ٻولي:**

انسان جسماني طرح حياتياتي دنيا جو ياتي، تہ ٻوليءَ جي آڌار تي ثقافتي دنيا جو واسي آهي.[1] انسان جو پهريون اوائلي پورهيو ڳالهائڻ Articulation آهي،[2] ٻولي سندس انهيءَ پورهئي جي پيداوار آهي، جڏهن تہ ٻوليءَ جي پيداوار جاڻ آهي، جنهن کي اسين علمي طور تي سائنس ۽ پيداواري اُپت طور ٽيڪنالاجي سڏيون ٿا. تنهنڪري ٻوليءَ جي سادي ۾ سادي وصف آهي، جيڪا پنهنجي ڳالهائيندڙن جون گهرجون پوريون ڪري سگهي.[3]

**سنڌي ٻولي:**

جيئن اسين مٿي ڏسي آياسين تہ ڪابہ ٻولي، جيڪا ڳالهائيندڙن جون گهرجون پوريون ڪري سگهي، ٻوليءَ جي سولي وصف موجب جيئري ٻولي چئي سگهجي ٿي، تنهنڪري انهيءَ حقيقت کي ميڻ لاءِ بہ رايا ڪونهن تہ سنڌي ٻولي، دنيا جي جيئرين ٻولين وانگر هڪ جيئري جاڳندي ٻولي آهي.

**سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا:**

تاريخ جي پس منظر ۾ هڪ آرئي عالم جو هڪ اڻ آرئي عالم جي ٻوليءَ کي، "ڍڳي جي رنڀ" سان تشبيهہ ڏيڻ ۽ ان جي جواب ۾ اڻ آرئي عالم جو سندس ٻوليءَ کي، "ڏيڏر جي ٽان ٽان" ساڻ ڀيٽڻ[4] يا اتروير ۾ "درائيتا" نالي اهڙي جماعت جي ماڻهن جو ذڪر، جيڪي ويدن کي نہ مڃيندا هئا.[5] جي اهڃاڻن کان وٺي 1852ع ـ Todays global community is presented

with a for larger challenge _ 1862ع ڌاري سنڌي آئيوبٽا جي جڙي راس ٿيڻ تائين،[6] سنڌي ٻولي هزارين سالن جو ارتقائي سفر طئي ڪري، هڪ مڪمل ٻوليءَ جي صورت ۾ پڪيڙ Flexion واري درجي تائين پهتي آهي.[7]

### سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو سوال:

لفظ "ترقي" نسبتي آڌار تي هڪ مبهم اصطلاح آهي[8] اسين جامع سنڌي لغات ۾ ترقيءَ جي ڌاتو "رقي" جنهن جي معنيٰ آهي، مرحليوار مٿي چڙهڻ، "مرحليوار مٿي چڙهڻ" کي بنياد ڪري وٺنديءَ ان کي ثقافت جي هڪ مظهر طور ارتقا جو هڪ درجو اڪري، ٻئي درجي ۾ داخل ٿيڻ يا اڳ ۾ ماٺيل درجي کان اڳتي جي اوسر ۽ مرحلي لاءِ ڪوشش جي معنيٰ طور استعمال ڪنداسين.

انهيءَ لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جون چار نسبتون مقرر ڪري سگهجن ٿيون.

1. سنڌي ٻوليءَ جي اوسر Development (2) واڌ، ويجهه Growth (3) واڌارو Expansion ۽ (4) پيداوار يا اپراسو Production _ انهن منجهان ٻوليءَ جي استعمال يا ڪارج Utility جي سوال سان ان کي ڳنڍينديءَ اسين ان جي پيداواري صلاحيت Productivity تي نسبتن وڌيڪ ويچار ڪنداسين.

### عالمي تناظر:

ايڪيهين صديءَ جي تياري Preparing for the Twenty First century جي شروعات ۾ ڪتاب جو مصنف پال ڪينڊي Paul Kennedy اسان کي چتائيندي لکي ٿو:

... The demographic boom is occurring in countries with limited technological resources, very few scientists and skilled workers, inadequate investment in research and development, and few or no successful corporations, in many cases, their governing

elites have no intrest in technology, cultural and ideological prejudices are much more tilted against change...

New scientific breakthroughs often create structural problems of transferring their benefits from the "haves" to the "have nots" within that society. As advanced technologies threaten to undermine the economies of developing countries....P.13

ياد رهي تہ پال ڪينڊي، جيڪو پاڻ بہ تاريخ جو استاد ۽ اسٽيٽيشن آهي، هيءَ منظرنامو 1990ع کان بہ اڳ ۾ جڙيو هو چوتہ ڪتاب جي ڇپجڻ تائين ڦهڻندي ڦهڻندي ڪيس پنهنجي اڳ قائم ڪيل نتيجن ۾ ترميمون ڪرڻيون پيون هيون، جيئن اسان کي سندس ڪتاب جي شروعات ۾ روس جي ڳنڍيل رياستن ۽ ڇڄڻ واري ڀاڱي ۾ ڳنڍيل رياستن جي ٽٽڻ جو حوالو ملي ٿو. ناٽي وادي سرشتن جي عيوضيءَ طور ڪينڊي پنهنجي تجزئي ۾ ڏٽڙيل قومن جي ٽيڪنالاجي ڏانهن عدم دلچسپيءَ جي ڳالهہ ڪندي، ان جي بنيادي پر اهم سماجي ڪارڻن کي صفائيءَ سان ڳول ڪري ويو آهي، جن منجهان ماڻهن جي ٽيڪنالاجي ڏانهن اوپرائي Allination تمام اهم سماجي ڪارڻ چئي سگهجي ٿو چوتہ ٽيڪنالاجيءَ جي منتقليءَ ۾ سڌريل دنيا جي قومن جو رويو متيبيد ۽ سرد مهري(empathy) تي ٻڌل آهي. هڪ هنيءَ جي ڪري، سڌريل ملڪ گهرجائو ملڪن کي گهٽي ڀاڱي مدي خارج (outdated) غيرپيداواري(nonproductive) اڻپوري (incomplete) ۽ ڳري ٻها (expensive) واري ٽيڪنالاجي پنهنجي شرطن تي صرف مشينري يا اوزارن (spare parts) جي صورت ۾ ڏيندا آهن، پر اها منتقلي يا ڏي وٺ پوري ڄاڻ ۽ تربيت سان نہ هوندي آهي ۽ گهڻو ڪري ٽيڪنيڪز ۽ ماهرن جي نالي ۾ خود انهن جا ئي مقرر ڪيل ماڻهو مشينن تي ڪم ڪندا آهن، جنهن ڪري ماڻهن لاءِ اهي وٿون اوپريون هونديون آهن. بهرحال سندس ان تجزئي سان سندس لفظن ۾:

"... A population explosion on one part of the globe and

technological explosion on the other is not a good recipe for a stable international order." PFTTFC.P_331.

اتفاق ڪري سگهجي ٿو تہ دنيا تيستائين جٽادار نہ ليکي ويندي، جيستائين آدم وڌائيندڙ اسرندڙ دنيا ۽ ٽيڪنالاجي جي آڌار تي راڄ ڪندڙ اسريل ڏر جو اڻ سهائيندڙ ڀوروڇوٽ ڪنهن قبولڻ جوڳي نتيجي تي نہ رسندو. (9)

**آبادي:**

ڌرتي هڪ سنهڙي حياتياتي تهہ Flim سان ويڙهيل آهي، جنهن ۾ انسان بہ شامل آهي، پر لوڀ ويهڻو ماڻهو پنهنجي فائدي جي اندڙ ۾ ڌرتيءَ کي جڻ تہ ڪُڙڪائيندو ٿو وڃي. سندس انهيءَ قسم جي وضع کي لڳاتار رت ڳاڙيندڙ زخم سان تشبيهہ ڏيندي، ان کي "مالٿس واري چٽي جي نشاني "Malthusian specter stigma" چيو ويندو آهي.

ٿامس رابرٽ مالٿس Thomas Robert Malthus (1834_1766) پهريون سماجي/ حياتياتي ڏاهو هو جنهن 1798ع ڌاري پنهنجي مشهور مضمون آباديءَ جا اصول جيڪي ايندڙ زماني جي سماجي سڌارن تي اثر وجهندا. An Essay on the principles of population as extaffects the future improvement of society ۾ آباديءَ ۾ ايندڙ واڌاري جي اثرن ۽ هاڃن کي نروار ڪري ٻڌايو. مالٿس جڏهن پنهنجي هن جڳ مشهور ڪارنامي جا پاسا ۽ پلو سهيڙي رهيو هو انهيءَ وقت يورپ ۾ آباديءَ جي واڌ تباهي مچائي ڇڏي هئي. خاص ڪري 1789ع ڌاري فرانس جي انقلاب هڪ وڏو ترٿلو مچائي ڇڏيو هو. مالٿس انهن حالتن ۽ واقعن جو اکين ڏٺو شاهد هئڻ ڪري، ان تحرير جو سبب بڻيو. (10) جيڪا آباديءَ جي انگي ڇيد Mathamatical demography واري تحريڪ جو هاواڻو ثابت ٿي ۽ انهيءَ ڪري سندس مقالو دنيا ۾ اهميت رکي ٿو.

[ماهوار سوجهرو ڪراچي نومبر 2002ع]

آفتاب ابڙو

# سنڌي ٻوليءَ جون خوبيون

انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب تي ابتدائي ڪم ٿيو. صورتخطيءَ لاءِ هڪ ڪاميٽي ويهاري وئي. انهيءَ ۾ انگريزن پاران ٻه ٻوليءَ جا ماهر مقرر ڪيا ويا هئا. هڪ ڪيپٽن رچرڊ برٽن ۽ ٻيو ڪيپٽن اسٽئڪ.

ڪيپٽن اسٽئڪ اُهو عالم هو جنهن سنڌي ٻوليءَ جو باقاعده مطالعو ڪيو هو ۽ هن ڪاميٽيءَ پاران 1853ع ۾ جوڙيل صورتخطيءَ کان اڳ، هڪ لغت 'انگريزي- سنڌي' (1848ع) شايع ڪرائي هئي. ان کان پوءِ جڏهن سرڪاري طور لپي جڙي ته ان جي سختيءَ سان مخالفت ڪيائين. سندس راءِ هئي ته ديوناگري خط سنڌي ٻوليءَ لاءِ نهايت موزون آهي ان ڪري جڏهن 1854ع ۾ ٻي لغت 'سنڌي- انگريزي' شايع ڪرايائين ته ان جو خط به ديوناگري رکيائين. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي قاعدن لاءِ هڪ انگريزيءَ ۾ گرامر به لکيو هيائين. اهو صاحب سنڌي ٻوليءَ لاءِ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

I was hither proud of English language as I considered, it was more beautiful and very copious language in the world, but it was really vain of me. When I learnt Sindhi. I found reduplicated casual verbs and other points that give to Sindhi, beauties distinct from most Indian tongues.(1)

ان کان پوءِ سنڌ جي محسن، جڳ مشهور ٻوليءَ جي ماهر ۽ مشرقي علمن جي ڄاڻو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جي راءِ ڏيون ٿا. جنهن 1864ع ۾ سرڪار کان خاص موڪل وٺي پنهنجي ڳوٺ لپسيا، جرمنيءَ ۾ وڃي ٻه سال هيڪاندو ويهي شاهه تي ڪم ڪيو ۽ سڀ کان اڳ ۾ رسالي شايع

ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو.

موصوف 1872ع ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ بابت انگريزي ٻوليءَ ۾ گرامر لکيو جنهن جي اها اهميت آهي، جو جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۽ تاريخ جي ماهر ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي 1925ع ۾ سنڌي 'وڏو وياڪرڻ' لکيو ته ان جي مهاڳ ۾ اهو ڄاڻايو اٿائين ته هن کي سڀ کان وڌيڪ مدد ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جي گرامر مان ملي آهي. ان گرامر جي هڪ ٻي خوبي اها به آهي ته ان ۾ مثال گهڻي قدر شاهه سائين جي بيتن مان ورتل آهن. اسمن، ضميرن کان وٺي صرفي ۽ نحوي ترڪيبن لاءِ شاهه جي رسالي مان مثال ورتا ويا آهن، جيڪو هڪ سونهري مثال آهي، جنهن تي اڳتي هلي ڪاڪي ڀيرومل ۽ ويجهي دؤر ۾ واحد بخش شيخ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صرف۔ نحو' ۾ عمل ڪيو ۽ شاهه جي رسالي مان وڌ ۾ وڌ مثال ڏنا آهن، ان کان پوءِ سچل، سامي ۽ بيدل وغيره جي شاعريءَ کي به مثال طور پيش ڪيو اٿائون.

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ لکي ٿو:

Sindhi is pure Sanskritical language, more free from foreign elements than any other of the North_Indian Vernaculars. The old Prakrit grammarians may have had their good reasons to designate the Apabhrnsha dialect, from which the modern Sindhi is immediately derived, as the lowest of all the Prakrit dialects, but if we compare now the Sindhi with its sister tongues, we must assign to it, in a grammatical point of view, the finest place among them. It is much more closely related to the old Prakrit than the Marhati, Hindi, Punjabi and Bengali of our days and it has perserved an exuberance of grammatical forms, for which all its sisters may well envy it, for while all the modren vernaculars of India are already in a state of complete decomposition, the old venerable mother tongue being hardly recognisable in her degenerate daughters the Sindhi

has, on the contrary perserved most important fragments of it and erected for itself a grammatical structure which surpasses in beauty of execution and internal harmony by far the loose and leveling construction of its sisters.(2)

جان بيمس کي سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ايترو وقت نہ مليو ۽ البت هن هڪ ڪتاب Comparative Grammar of Modern Aryan Languages of India. لکيو. ان ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

The most advanced language is Hindi, which is closely followed by the Punjabi and Gujrati.... Sindhi ranks next in the matter of development. It is rough language loving thorny paths of it's own, but there hangs about it, to my mind, some what of the charm of the wild flowers in the hadge whose untamed luxubriance pleases more than the regular splendour of the parterre. Even as early as Prakrit times the dialect of Indus velley shook itself free from trammels and earned for itself from the pendantic followers of rule and line, the contemptunous epithet of Apabhransa or vitiated. There is flavour of wheaten flour and a reek of cottage smoke about Punjabi and Sindhi which is infinitely more natural and captivating than any thing which the hide_ bound pandit_ridden languages of the eastern ports of India can show us.(3)

**سنڌي ٻوليءَ بابت علامہ آءِ آءِ قاضي جي راءِ:**

سنڌي ٻوليءَ کي زندهہ رکڻ، انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام "سنڌيءَ" ۾ آهي.

عربي زبان کي رڳو ان ڪري زندهہ رکڻ ضروري آهي، جو قرآن شريف ان ٻوليءَ ۾ آهي.

سنڌي زبان هڪ موسيقيءَ واري زبان (Musical language) آهي.

۽ موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خوبيءَ کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر جي چند شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي، جڏهن ته شاهه عبداللطيف جي سٽ سٽ کي ڳائي ٿو سگهجي. (مهراڻ 4- 1965ع، ص- 40)

**سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب لاءِ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جا وڌيڪ خيال:**

سنڌي ٻوليءَ کي بهترين ماحول هوندي به گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ورهيه لڳا آهن. ان جي تشڪيل ۽ ترقي هڪ اهڙي خطي ۾ ٿي، جو اقتصادي لحاظ کان ٻاهر جو محتاج نه هو ۽ هتي جي زندگيءَ جون ضرورتون خود هتي جي باشندن جي هٿان پوريون ٿي ٿيون. مثلاً دنيا جا ڪي ڀاڱا ڪپهه پيدا ڪن ٿا، ڪي چانور ته ڪي وري ڪڻڪ اپائين ٿا، مگر سنڌ اُهي سڀئي اپائي ٿي. انهيءَ ڪري قديم وقت کان وٺي اقتصادي طور سنڌ پنهنجو پاڻ مڪمل ۽ خود- ڪفيل ڀاڱو ٿي رهيو آهي.

تقريباً ڏيڍ سؤ سال اڳ، سنڌي ٻولي توڙي سنڌ جا باشندا، هر نڪتي کان دنيا ۾ برک هئا، وڏي ۾ وڏا شاعر، عالم، گرامر جا ماهر ۽ لغتدان هن ننڍڙي خطي مان طلب ڪيا ويندا هئا. (مهراڻ-2، 1956ع)

**سنڌي ٻوليءَ بابت علامہ دائودپوٽي جي راءِ:**

اسان جي ڀاڄهاري ٻولي، موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان اڳاٽي آهي، اُهي اجان وجود ۾ ئي نه آيون هيون، ۽ اردوءَ جو اجان اير- پير به معلوم ڪونه هو ته سنڌي زبان هڪ پاڪيزه نموني ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي. جهر جهنگ ۾ سنڌ جا اهل الله سنڌي بيت ۽ دوهرا جهونگاريندا هئا. انهن ۾ ايترو ته سوز ۽ ساز هوندو هو جو ماڻهو پنهنجون جانيون فدا ڪندا هئا. (مهراڻ 4-1965ع)، ص 40)

**ڊاڪٽر اينيمري شمل جي راءِ:**

"موجوده وقت جي برائين ۽ جنگين جي تباھہ ڪارين کي ختم ڪرڻ لاءِ انسانذات ۾ محبت ۽ درگذر ڪرڻ جي ضرورت آھي. سنڌي ٻوليءَ ۾ انساني همدردي ۽ محبت جي جذبن سان لبريز "عظيم ادب" موجود آهي. سنڌ جي سرزمين کي اهو فخر حاصل آهي، جو ان 'شاھہ لطيف' جهڙو لاثاني ۽ لافاني شاعر پيدا ڪيو. (27 مارچ 1961ع تي حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير)

**محقق ۽ ماهر لسانيات سراج الحق ميمڻ جي راءِ:**

سنڌي ٻولي انساني شعور جي ست هزار سالن جي تاريخ آهي. انهيءَ دؤر جي ڏاهپ جو ثمر آهي. حقيقت ۾ سنڌي ٻولي ست هزار ورهين جي انساني احساسن ۽ جذبن جي ٻولي آهي. (جمال ابڙي سان سنڌ سينٽر ڪراچي ۾ ملهايل ادبي رهاڻ جي موقعي تي ڪيل تقرير)

**محقق ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ:**

"سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ ۽ سنڌيءَ کي تعليمي ذريعي استعمال ڪرڻ". اِهي ٻئي مرحلا بہ انگريزن جي دؤر کان بہ صديون کن اڳ طئي ٿيا. سنڌ جي عالمن ۽ استادن اهو محسوس ڪيو تہ ٻارن کي شروع ۾ ئي عربي فارسيءَ جي بجاءِ سنڌي پڙهائي، پوءِ عربي فارسي پڙهائجي.

تاريخي طور، سنڌي زبان کي خصوصي تعليمي حيثيت ۽ اهميت حاصل رهي آهي، ڇاڪاڻ جو برصغير هندستان جي سيني صوبائي ٻولين ۾ سنڌي ئي اُها اڪيلي زبان آهي، جنهن ۾ نہ صرف ڪن ٻين صوبائي ٻولين وانگر تعليم ڏني وئي، پر جنهن کي ٻين زبانن سکڻ لاءِ سڀ کان اڳ "تعليمي ذريعي" طور استعمال ڪيو ويو. اهو خيال سراسر غلط آهي تہ ڪو انگريزن جي دؤر ۾ 'سنڌي الف- ب' ٺهي، يا سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي شروعات ٿي، يا سنڌيءَ کي 'تعليمي ذريعي' طور استعمال ڪيو ويو. اهي

ٽئي مرحلا سن 1843ع ۾ انگريزن جي سنڌ تي ڪاهه ۽ قبضي کان صديون اڳ طئي ٿي چُڪا هئا. (افتتاحي خطبو بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس/ ڄامشورو 1988ع)

### 23 ٻولين جي ماهر ڊاڪٽر رچرڊ برٽن جي راءِ:

اسان جڏهن برصغير تي قبضو ڪيو ته سمورن خطن جي ٻولين مان ٻه رف "سنڌي ٻوليءَ" ۾ جججهو علمي ۽ ادبي ذخيرو موجود هو. (سنڌو ماٿر ۽ ان ۾ رهندڙ قومون، ص 135).

### سنڌي ٻوليءَ جي انفراديت يا خاص خوبيون:

جيئن اسان مٿي ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي سان ڄاڻائي آيا آهيون ته سنڌي ٻولي 'ذريعي تعليم' جي لحاظ کان، انگريزن جي قبضي کان ٻه ٻه ايائي صديون اڳ رائج هئي. البت اُها ثانوي سطح (Intermediate level) تائين پڙهائڻ ۾ ايندي هئي. ان کي اعليٰ ثانوي (Graduate level) طور رائج ڪرڻ لاءِ تعليم جي هڏڏوکي ڏيارام گدومل شاهاڻي عملي ڪوششون ورتيون ۽ 1885ع ۾ 48 صفحن تي مشتمل انگريز سرڪار کي (انگريزيءَ ۾) سنڌ ۾ آرٽس ڪاليج کولڻ لاءِ اپيل ڪئي، جنهن ۾ هن سنڌي ميڊيم تي وڌ ۾ وڌ زور ڏنو.

ان کان پوءِ 1940ع ڌاري تڏهوڪي تعليم جي ڊائريڪٽر علامه عمر بن محمد دائودپوٽي کي چيو ويو ته هو تفصيلي رپورٽ تيار ڪري ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو مايو (وسعت) آهي، جو ان کي M.A تائين رائج ڪري سگهجي. علامه دائودپوٽي تمام تفصيل ۽ وضاحتن سان رپورٽ تيار ڪري موڪلي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي بمبئي يونيورسٽيءَ جي ڪورس ۾ شامل ڪيو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ معاملو ٺيڪ طرح پئي هليو پر 1956ع ۾ تعليمي ڪميشن جي سفارش تحت سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت گهٽائي پنجين درجن تائين ڪئي وئي، جنهن تي پوري سنڌ ۾ ڪهرام مچي ويو. ۽ آخر 14 آڪٽوبر 1962ع تي تمام وڏي جدوجهد کان پوءِ مرڪزي حڪومت

ڪي فيصلو واپس ورتو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ساڳئي حيثيت بحال ڪئي وئي.

سنڌيءَ ۾ علم ادب جي ذخيري جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ صرف سنڌ متعلق 25 کان 30 هزار ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ رکيل آهن. ان کان علاوه اُتي تقريباً هر موضوع تي بيشمار ڪتاب رکيل آهن.

سنڌ جي عالمن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم معين الدين ٺٽويءَ جا ڪتاب اڄ سوڏو اسلامي دنيا جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي "جامع الاظهر" مصر ۾ پڙهايا وڃن ٿا.

**قرآن شريف جو ترجمو:**

مستند روايتن مطابق قرآن شريف جو سڀ کان پهريون ترجمو سنڌي زبان ۾ ٿيو جيڪو عربي ڪتاب 'عجائب الهند' مطابق منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر هباريءَ جي زماني ۾ اتر سنڌ جي هڪ هندو راجہ جي چوڻ تي لکيو ويو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي زبان ۾ ان وقت بہ ايتري جامعيت ۽ وسعت هئي. ان کان پوءِ مختلف وقتن ۾ قرآن شريف جا، غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي لکڻ مطابق سنڌيءَ ۾ 24 ترجما ٿيا آهن ۽ تفسيرن جو تعداد الڳ آهي.

**حرفن جي گهڻائي:**

سنڌي زبان ڏکڻ ايشيا جي مڙني ملڪن جي زبانن کان حرفن (Phonemes) جي لحاظ کان مٿيري آهي. صرف چيني زبان ۾ حرف يا صوتيا وڌيڪ آهن. پر اُهي، نيم صوتيا (Semi Phonemes) سڏيا ويندا آهن. ان خصوصيت ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جو تقريباً هر لفظ اچاري سگهجي ٿو. اهڙي خصوصيت ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ نہ آهي.

**لغت جو ذخيرو:**

جامع ۽ وسيع ٻولين جي اها بہ خوبي هوندي آهي تہ انهن ۾ هڪ شيءِ لاءِ گهڻا لفظ هجن ۽ هڪ لفظ گهڻيون معنائون رکندو هجي. انهيءَ ڪسوٽيءَ تي سنڌي ٻولي بنهہ پوري آهي. مثال لاءِ ڏسو سنڌ جو سينگار يا

ڏهس (لوڪ ادب جون صنفون). خود شاهه لطيف اُٺ لاءِ ويهه لفظ ڪتب آندا آهن.

ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو لغت جو جججهو ذخيرو موجود آهي، ان جو انحصار پنهنجن بنيادي لفظن تي آهي، جڏهن ته اردو ٻوليءَ لاءِ لکيل لغتن ۾ 80 سيڪڙو لفظ عربي، فارسي، هندي ۽ ترڪي زبانن جا آهن. سنڌي لغت جا قاعدا به دنيا جي سڌريل ٻولين مطابق مقرر آهن.

**اسمن جي ادائگي:**

سنڌي ٻوليءَ جي اها خاص خوبي آهي ته جهڙي ريت جملي جي ادائگي هوندي، اهڙيءَ طرح اسم به پنهنجي صوتي حالت بدلائيندا. جهڙي ريت: مان لاڙڪاڻي ۾ رهان ٿو، مون لاڙڪاڻو ڏٺو آهي. يا لاڙڪاڻو وڏو شهر آهي. جيڪڏهن اهي جملا انگريزي، اردو يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ڪتب آڻبا ته لاڙڪاڻو هميشه ساڳيءَ طرح لکڻ ۾ ايندو مثال:

I live in Larkana, I have seen Larkana, Larkana is a big city.

اردوءَ ۾ وري: مين لاڙڪانه مين رهتا هون. مين ني لاڙڪانه ديکا هي. لاڙڪانه بڙا شهر هي.

**صفت جو جمع وارو صيغو:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪنهن شيءِ سان صفت لڳائبي آهي، ته اُها به شيءِ جي حالت سان گڏ ڦرندي آهي. جهڙي ريت سٺي بس، وري جمع جي صورت ۾ سٺيون بسون ان لاءِ اردوءَ ۾ ٿيندو: اچهي بس، اچهي بسين. اهڙيءَ ريت انگريزي ۾ Good bus, Good buses.

**آخري لفظ متحرڪ:**

ايشيا جي ڪن چند ٻولين ۾ اِها خوبي آهي، جو انهن جو آخري لفظ متحرڪ هوندو آهي. يعني انهيءَ جي آخري حرف تي زير، زبر يا پيش هوندو آهي. انهيءَ خصوصيت سان ٻوليءَ جي لغت ۾ بيحد اضافو ٿئي ٿو ۽ لفظن جي اُچار ۽ معنيٰ ۾ چٽائي ٿئي ٿي. انهيءَ جي برعڪس غير متحرڪ

لفظن واريون ٻوليون، جن ۾ اردو ۽ هندي ٻـ اچي وڃن ٿيون. لغت جي ذخيري جي لحاظ کان ايتريون ڪشاديون نـ ٿيون ٿين.

**ٻٽا لفظ:**

ڪي انفرادي خصوصيتون اهڙيون هونديون آهن، جن سان ٻوليءَ ۾ نکار اچي ويندو آهي. جيئن ٻٽن حرفن جي ترڪيب: ماٺهو ڇيٽو ڪک پن، ڍور ڍڳو اوهي واهي، آويل سويل، چڱو مٺو وٽج واپار، هوندي سوندي وغيره. اهڙي خصوصيت بـ ڏيهي ٻولين ۾ گهٽ ملي ٿي. ڏيهي ٻوليون ان معاملي ۾ اجايو آهل ڪن ٿيون جيئن، انڊا شنڊا، روٽي شوٽي، بس وس وغيره. چوڻ جو مطلب تـ انهن ۾ لساني ۽ لغوي خوبي نـ آهي جو اُهي ترتيب ۽ ضابطي سان ٻٽا حرف ٺاهي سگهن. اسم تصغير ڪري بـ سنڌي ٻوليءَ ۾ سونهن پيدا ٿئي ٿي، ان ڪري شڪارپور جي ٻوليءَ کي ساراهيو ويندو آهي. جيئن: ادڙا هتڙان ٿيندو وڃجانءِ

**پهاڪا ۽ چوڻيون:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪا، چوڻيون، محاورا، اصطلاح، ورجيسون موقعي ۽ محل جي لحاظ کان تمام گهڻيون آهن. جيئن تـ اڳ ۾ ئي عرض ڪري آيا آهيون تـ سنڌي صدين جي سوچ ۽ ڏاهپ جو ثمر آهي، ان ڪري هن ٻوليءَ ۾ جيڪي پهاڪا آهن، اُهي جڻ تـ صدين جا طئي ٿيل فيصلا آهن. جيئن:

آزمائي ڪي آزمائي، ڏوڙ منهن ۾ پائي.
ٻلي ٻک ٻرم جي، شال نـ وڃي شان،
الله ڏئي ايمان، تـ گوڏا ڏئي گذارجي.
جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو مٺو نـ ٿئي. يا
ٻلا ڪن ٻلائيون مدايون مدن،
جو وڙ جڙي جن سين، سي ئي سو وڙ ڪن.

تـ پهاڪن، چوڻين، محاورن ۽ اصطلاحن جي لحاظ کان بـ سنڌي

ٻولي ڏيهي ٻولين ۾ ڪر ڪنيو بيٺي آهي.

**قديم رسالا:**

شاهه جو رسالو سچل جا رسالا. شاهه ڪريم جو رسالو لطف الله قادريءَ جو ڪلام. ميين عيسي ۽ ميين عنات جو ڪلام ۽ خانزئيءَ جو رسالو وغيره.

اِهي سنڌي علم ۽ ادب جا شاهڪار مجموعا آهن. جن ۾ زندگي، اسلام، تصوف، فلاسافي ۽ لغت جو لاثاني ذخيرو موجود آهي.

شاهه جي رسالي کي انگريزن صورتخطي ۽ ابتدائي نصاب ترتيب ڏيڻ وقت مثالي ڪتاب ڪري آڏو رکيو هو. شاهه جي رسالي ۾ جيڪو زندگيءَ بابت فلسفو آهي ۽ لغت جو ذخيرو آهي، ان جو مثال به ڏيهي ٻولين ۾ نه ملندو.

**لوڪ ادب:**

سنڌي لوڪ ادب ۾ جيڪا گوناگوني (Depth) ۽ وسعت آهي، ان جا پرڏيهي عالم به معترف آهن. سنڌي لوڪ ادب بلاشڪ دنيا جي تمام سڌريل ٻولين جي لوڪ ادب سان برميچي سگهجي ٿو. اسان بجا طور ان تي فخر ڪري سگهون ٿا. برصغير ۾ ان جو مثال ڪونه ملندو. ڪاش ان جي اڄ لغت به موجود هجي ها!

**مٽي مائٽي يا سڱن جي سڃاڻپ:**

جيڪا ٻولي فطرت جي قريب هوندي آهي ۽ وڏو تاريخي پس منظر رکندي آهي، ان ۾ ٻين فطري لاڳاپن، اهڃاڻن سان گڏ مٽي مائٽي وغيره لاءِ به موزون لفظ هوندا آهن. ان جي برعڪس جيڪي ٻوليون ڍگهو تاريخي پس منظر نه رکنديون آهن، انهن ۾ اهڙن لفظن جي اٿاڻ هوندي آهي. مثال طور:

انگريزيءَ ۾ مامي چاچي يا ٻين بزرگن لاءِ انڪل (Uncle) لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اردوءَ ۾ سوٽ لاءِ چچازاد ڀائي۔ ماسات لاءِ خاله زاد ڀائي۔ ماموں زاد ڀائي وغيره.

پر سنڌي ٻوليءَ ۾ هر ننڍي توڙي وڏي سنگ لاءِ الڳ الڳ لفظ موجود آهن. جيئن: سوٽ، ماسات، پيٽيوو ناٺي، سهرو سيٽوٽ وغيره. اهڙي خصوصيت ننڍي کنڊ جي ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ مشڪل ملندي.

ان ڪري هر حالت ۾ مڃڻو پوندو ته سنڌي ٻولي، علم ادب، لغت جي ذخيري، احساسن جي مڪمل اظهار مختلف لفظن جي ادائگي ۽ ٻين لساني خوبين ڪري ننڍي کنڊ ۾ ممتاز زبان آهي. منجهس ايتري وسعت آهي، جو ان ۾ هر علم ۽ هنر بابت تعليم ڏئي سگهجي ٿي ۽ ذريعي تعليم Ph.D تائين مقرر ڪري سگهجي ٿي.

انجنيئر احسان احمد عرساڻي

# سائنسي علم جي تاليف لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت

انڊو يورپي (Indo_European) ٻولين جو اهڙو خاندان آهي، جنهن تي گهڻي کان گهڻو لسانياتي مطالعو ڪيو ويو آهي. ان جو سبب انڊو يورپي ٻولين جي غيرمعمولي اهميت آهي، جنهن ۾ يورپ جون اهم ترين جديد ٻوليون يعني اسپينش، انگريزي، فرانسيسي، اطالوي، جرمن ۽ روسي وغيره کان سواءِ اتر هندستان جون مڙئي ٻوليون جهڙوڪ بنگالي، هندي ۽ اردو اچي وڃن ٿيون. ان کان سواءِ مذهب، ثقافت، ۽ فلسفي جي عظيم ڪلاسيڪي ٻولين جو تعلق به ان خاندان سان آهي، جهڙوڪ لاطيني، سنسڪرت، پالي ۽ فارسي.

سنڌي ٻوليءَ جو تعلق به ان ئي خاندان سان آهي. اڄ سڀني کان طاقتور ٿي ايرندڙ ٻولي انگريزي آهي. اڄ انگريزي سڀني ٻولين کان گهڻي لفظيات (Vocabulary) رکي ٿي، جيتوڻيڪ وچولي دؤر واري انگريزي ٻوليءَ، نورز (Norse) جرمن ۽ فرانسيسي ٻولين جي ميل ميلاپ سان جنم ورتو پر لڳ ڀڳ 500 سال اڳ جڏهن جديد انگريزي زبان واري دؤر جو آغاز ٿيو تڏهن کان اڄ ڏينهن تائين دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين جو مواد انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. ان ترجمي سبب انگريزي زبان ۾ ڪيترائي لفظ ٻين ٻولين جا اڌارا آهن. گهڻي کان گهڻا ترجما لاطيني ۽ يوناني ٻولين مان ڪيا ويا آهن، جن جو اثر انگريزيءَ تي نمايان آهي. ترجمن ذريعي نه رڳو انگريزي زبان ۾ انهن ٻولين جا لفظ داخل ٿيا، بلڪ انهن ٻولين جي وياڪرڻ پڻ انگريزيءَ تي پنهنجا اثر ڇڏيا، جنهن باعث انگريزيءَ ۾ هڪ وڏي تبديلي آئي، جن ۾ ان جي سُر آوازن (Vowels) ۾ ڦير

۽ فعل توڙي اسم مان گردان (Inflection) ختم ٿيڻ آهي. مطلب ته اها مڪمل طور (Analytical form) ۾ اچي وئي.

جيڪڏهن سنڌي زبان تي نظر وجهبي ته ان جي تاريخ ۾ گهڻي مختلف نظر نه ايندي دنيا جي مختلف قومن جو سنڌ ۾ اچي وسڻ، سنڌ تي قابض ٿيڻ ۽ بعد ۾ سنڌ جي اصلوڪي آباديءَ ۾ ضم ٿيڻ سان سنڌي زبان تي عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين جا نمايان اثر پيا. ايترا سارا اثر قبول ڪرڻ بعد سنڌي ٻولي هڪ وسيع لفظيات واري طاقتور زبان ته ٿي وئي، مگر سنڌي زبان سان ڪجهه غير موافق حالتون رهڻ سبب ان جي مناسب ترويج ٿي نه سگهي. ٻوليءَ جا پراڻا تحريري نمونا محفوظ نه رهي سگهڻ سبب ڪيترو ئي نقصان ٿيو جنهن ڪري لفظيات (Vocabulary) جو انمول خزانو ضايع ٿيڻ سان گڏ ٻوليءَ جي درجه بدرجه ترقيءَ واري تسلسل کي ڇيهو رسيو ۽ لکڻ توڙي ڳالهائڻ جون ڪيتريون صحتمند روايتون پڻ وڃائجي ويون. مگر اهو چوڻ هرگز به درست نه ٿيندو ته سنڌي زبان ۾ ڪي فطري اوڻايون آهن، جن سبب اها سائنسي علمن جو ذريعو نٿي ٿي سگهي.

جيتوڻيڪ اڃا سنڌي زبان پوريءَ ريت Analytical Form ۾ اچي نه سگهي آهي، پر وري به اها ڪنهن حد تائين گرداني صورت (Inflectional form) مان نڪري آئي آهي. هن وقت سنڌي زبان ۾ اظهار جي وسيع طاقت موجود آهي، تنهنڪري ڪن فردن جو اهڙو خيال بلڪل غلط ۽ بي سبب آهي ته سنڌيءَ ۾ سائنسي علمن جي تاليف ممڪن نه آهي. ڪيترن اهڙن فردن طرفان اخباري ڪالمن ۾ اهو لکيو پيو وڃي ته انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ سائنسي علمن جو ترجمو ناممڪن آهي ۽ اهو ته جيسين اڄوڪو علم ترجمو ڪيو ويندو تيسين اهو مدي خارج ٿي ويندو جيڪي پاڻ هڪ مضمون جي ترجمي جو به تجربو نه ٿا رکن، اهي اهڙا ليک لکي رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ نه ته سائنسي علم ڪڏهن مدي خارج ٿئي ٿو ۽ نه ئي سنڌيءَ ۾ سائنسي علمن جي تاليف ناممڪن آهي. سائنس جي ميدان ۾

هڪ علمي تحرير مستقبل ۾ بي اچا بهتر تحرير جو بنياد بڻبي آهي.

درحقيقت ضرورت صرف سنڌيءَ ۾ سائنسي علمن جي تاليف جو بنياد وجهڻ جي آهي. هڪ دفعو سائنسي اصطلاحن جي جوڙجڪ جي ميڪانيت (Mechanism) تيار ٿي ويڻ کان پوءِ سائنسي علمن جي تاليف به آسان ٿي ويندي تہ انگريزيءَ يا ٻين ٻولين مان ترجمو پڻ ترت ۽ آسان ٿي ويندو. ضرورت محض سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازيءَ جي راهہ ۾ مضبوط بنياد ۽ درست ابتدا جي آهي، جنهن لاءِ اڃا پوريءَ طرح ڪوشش ورتي ڪانہ وئي آهي، بلڪہ ان جي ابتڙ اسان جا ڪيترا سنڌي استاد، سائنسدان ۽ ادارا پنهنجي نااهليءَ تي پردو رکڻ خاطر ماڻهن کي اهو چئي گمراهہ ڪري رهيا آهن تہ سنڌي زبان ۾ جديد سائنسي علوم پڙهي لکي نہ ٿا سگهجن.

سنڌيءَ ۾ اڃا ڪيترا ئي گردان (Inflections) مروج آهن. اهي گردان يا ڦيرا اسمن کان سواءِ فعلن ۽ صفتن ۾ بہ موجود آهن. مثال طور:

اسم: ٻلو ٻلا، ٻلن، ٻلي، ٻلي، ٻليون، ٻلين، ٻليءَ

فعل: چئہ، چئو چوي، چون، چوڻ، چيو چيائين، چيائون، چئي

صفت: سُنو سُنا، سُني سُنن، سُني، سُنيون، سُنين

تنهن کان سواءِ سنڌيءَ زبان کي هڪ پيچيده ڦُٽل صرفيات (Derivational Morphology) پڻ آهي. ڪافي اسمن سان حرف جر ڳنڍيل ٿئي ٿو. مثال طور، گهران (گهر+ کان)، واتان (وات+ مان). وغيره. سنڌيءَ جي پيچيده صرفيات (Morphology) سائنسي علمن جي تاليف ۽ ترجمي ۾ فائديمند (Advantage) بہ ٿي سگهي ٿي تہ خامي (Disadvantage) بہ. تنهنڪري جتي ان جو فائدو وٺي سگهجي ٿو اتي ان جو ڀرپور فائدو وٺجي ۽ جتي ضرورت پوي اتي ان کي ڪيرائي بہ سگهجي ٿو. ڪن حالتن ۾ پيچيده سائنسي خيالات جي اظهار ۾ سنڌي زبان جي اها پيچيده صرفيات (Morophology) فائديمند بہ ثابت ٿي سگهي ٿي. مثال طور، هڪ انگريزي

سائنسي اصطلاح Antimatter Propelled Engine کي ئي وٺو. هتي لفظ Propelled انگريزي لفظ Propel مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ "ڌڪڻ" آهي. مطلب ته هت لفظ Propelled جي معنيٰ "ڌڪيل" ٿيندي، جڏهن ته Propulsion جي معنيٰ "ڌڪ" ٿيندي. Matter جي عام معنيٰ "مادو" آهي، جڏهن ته Anti هڪ اڳياڙي آهي، جنهن جو مقصد ناڪاري آهي ۽ ان جو مناسب سنڌي بدل "نِس" ٿيندو. مطلب ته Antimatter کي "نِس مادو" چوڻ غلط نه ٿيندو ۽ Antimatter Propelled Engine جو مطلب ٿيندو. "نِس مادي کان ڌڪايل انجڻ". اسم يعني "مادي" ۽ حرف جر يعني "کان" کي ڳنڍيو، ان فقري (Phrase) کي سليس نموني "نس مادان ڌڪايل انجڻ" لکي سگهجي ٿو. استعمال ۾ اها ترڪيب ڪيتري سلاست پيدا ڪري ٿي، تنهن جو مثال هيٺيون انگريزي جملو ۽ ان جو سنڌي ترجمو آهي:

Looking at the present pace of research, most people think that it would take hundreds of thousands of years in collecting one kilogram of antimatter, which is required to take a day's round trip to moon using antimatter_propelled rocket engine.

ترجمو: هلندڙ تحقيق جي رفتار ڏسي، اڪثر ماڻهو اهو ٿا سمجهن ته نس مادي جو هڪ ڪلوگرام گڏ ڪرڻ ۾ لکين سال لڳي ويندا، جڏهن ته نس مادان ڌڪايل راڪيٽ انجڻ ذريعي ڌرتيءَ کان چنڊ تائين ڏينهنڪ اوٽ موٽ چڪر نس مادي جو هڪ ڪلوگرام کائي ويندو.

اهڙو ٻيو مثال Friedmann_like Models آهي. فرائيڊمين هڪ سائنسدان جو نالو آهي، جنهن ڪائنات جي ساخت بابت بنيادي نظريو ڏنو. هو پهريون شخص هو جنهن ٻڌايو ته ڪائنات ڦهلي رهي آهي ۽ جنهن ڦهلندڙ ڪائنات جا ٽي امڪاني ماڊلس پيش ڪيا. بعد ۾ ڪيترن ٻين سائنسدانن فرائيڊمين جي ڏنل ماڊلس جهڙا ٻيا ماڊلس پيش ڪيا، جن جي لاءِ فقرو Friedmann_like Models استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن Friedmann_like Models جي بدل طور سنڌيءَ ۾ "فرائيڊمين جي ڏنل

ماڊلس جهڙا" فقرا استعمال ڪيا ويا تہ اهو جملي ۾ ناقابل ڪار تي پوندا ۽ جيڪڏهن سادو ڪري "فرائيڊمين جهڙا ماڊلس" لکبو تہ بہ جملو نہ رڳو منجهائيندڙ ٿيندو بلڪ درست مطلب پڻ نہ ڏئي سگهندو. حقيقت ۾ هتي لفظ like هڪ پڇاڙيءَ طور استعمال ٿيل آهي، تنهنڪري اتي -Friedmann like جي بدل طور بہ لفظن "فرائيڊمين جهڙا" جي جاءِ تي هڪڙو ئي لفظ رکڻو پوندو ۽ سو آهي فرائيڊميناڻ. بلڪل ايئن جيئن سنڌيءَ ۾ ٻراڻو ٻراڻا ۽ ٻراڻي وغيره مروج آهن. مثال طور مشهور سائنسدان اسٽيفن هاڪنگ Stephen Hawking جي جڳ مشهور ڪتاب "Brief History of Time" مان هڪ جملو ۽ ان جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو:

جنهن ۾ ڦهلجندڙ فرائيڊميناڻ ڪائنات Friedmann-like Expanding Universe استعمال ٿيل آهي.

Penrose's theorem had shown that any collapsing star must end in a singularity; the time-reversed argument showed that any Friedmann-like expanding universe must have begun with a singularity.

ترجمو: پينروز جي ٿيورم ڏيکاريو تہ ڪنهن بہ ٽُٽندڙ (Collapsing) تاري جو انت لازماً هڪ واحديت تي ٿئي ٿو ۽ ان جي وقت — الٽيل دليل ظاهريو تہ ڪنهن ڦهلندڙ فرائيڊميناڻ ڪائنات جو آغاز لازماً ڪنهن واحديت سان ئي ٿيو هوندو.

مگر ڪن جاين تي اسان کي جملي ۾ سلاست پيدا ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جي عام لکت ۾ مروج پيچيده صرفيات (Morphology) ختم ڪرڻي پوندي مثال طور انگريزي سائنسي اصطلاح Big Bang Singularity کي ئي وٺو Big Bang هڪ عظيم ڌماڪي جو تصور آهي، جنهن سان ڪائنات جو آغاز ٿيو هو. ان جو متبادل ۽ ٺهڪندڙ سنڌي لفظ "ڌم ڌماڪو" ڀهريون پيرو محترم والد. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي معروف سائنسدان ڪارل سيگن Carl Sagan جي تحريريل جڳ مشهور انگريزي ڪتاب "آفاق 'Cosmos' جي ترجمي ۾ استعمال ڪيو. جڏهن تہ Singularity جو اصطلاح ڪائنات جي ان حالت لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾

سمجهيو وڃي ٿو ته سموري ڪائنات جڳهه نه والارينڊڙهڪ نقطي ۾ سمويل هئي، بلڪ ايئن ڪٿي چئجي ته جڏهن والار يا پولار Space جو ڪو تصور ئي نه هو. "يت" پڇاڙي سنڌيءَ ۾ اڳي ئي مروج ۽ مانوس آهي، جيڪا ڪنهن خاصيت جي اظهار لاءِ استعمال ٿيندي آهي. مثال طور "انسانيت"، "حيوانيت" وغيره. جيئن ته انگريزي لفظ Singular جو سنڌي بدل "واحديت" مناسب آهي. تنهنڪري عام سنڌي نحو ۽ صرفيات جي اصولن پٽاندڙ Big Bang Singularity جو سنڌي بدل "ڏم ڏماڪي واري واحديت" ٿيندو جڏهن ته اتي "ڏماڪو" جو "ڏماڪي" ٿيڻ سنڌي صرفيات جي روايت مطابق آهي. مگر چئن لفظن وارو اهو فقرو "ڏم ڏماڪي واري واحديت" هيٺ ڏنل انگريزي جملي جي ترجمي ۾ رڪاوٽ ثابت ٿيندو.

The whole idea of Big Bang Singularity is repugnant and has spoiled the beauty of Einstien's Theory.

ترجمو: ڏم ڏماڪي واري واحديت وارو سڄو خيال بڪواس آهي، جنهن آئين سٽائين واري نظريي جي سونهن خراب ڪري ڇڏي آهي.

پر جيڪڏهن سنڌي زبان جي گرداني صرفيات Inflectional Morphology کي نظرانداز ڪري Big Bang Singularity بدل طور "ڏم ڏماڪي واري واحديت" جي جاءِ تي 'ڏم ڏماڪو واحديت' لکجي ته جملو هيٺئين ريت سليس ٿي پوندو.

ڏم ڏماڪو واحديت وارو سڄو خيال بڪواس آهي جنهن آئين سٽائين واري نظريي جي سونهن خراب ڪري ڇڏي آهي.

ساڳيءَ ريت Big Bang Model جي بدل طور ڏم ڏماڪي وارو ماڊل لکڻ بدران "ڏم ڏماڪو ماڊل" لکي جملن کي سليس بڻائي سگهجي ٿو.

انگريزي زبان جي سائنسي ادب ۾ ڪيترائي فعل نظر ايندا، جيڪي يقيناً عام ٻوليءَ ۾ مروج نه هوندا آهن. انهن جي ضرورت محض سائنس جي پيچيده خيالات جي اظهار لاءِ پوندي آهي. مثال طور هيٺيان لفظ ڄاڻائي سگهجن ٿا:

Magnet مان Magnetize، Pole مان Polarise، Television مان

Energy, Televise مان Energise وغيره.

مگر اها ساڳي قوت سنڌيءَ ۾ اڳي ئي موجود آهي. اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي ڌارين لفظن کي اڌارڻ بعد انهن جون فعلي صورتون بڻايون ويون آهن. مثال طور، "دفن" مان "دفنائڻ"، "صلاح" مان "صلاحڻ"، "بخش" مان "بخشڻ"، "نظر" مان "نظرڻ"، "خلق" مان "خلقڻ" وغيره. ساڳيءَ ريت اسان اسم جي صورت ۾ استعمال ٿيندڙ سائنسي اصطلاحن مان انهن جون فعلي صورتون پڻ جوڙي سگهون ٿا، جيڪي جملن کي وڌيڪ بامعنيٰ ۽ سليس بڻائينديون. اهڙا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| Noun | Verb | فعل | اسم |
|---|---|---|---|
| Magnet | Magnetize | مقنائڻ | مقناطيس |
| Pole | Polarize | قطبائڻ | قطب |
| Television | Televise | ڏور ڏيکائڻ | ڏور ڏيک |
| Energy | Energize | توانائڻ | توانائي |
| Electro | Electrify | برقڻ | برق |
| Orbit | Orbit | مدارڻ | مدار |
| Observation | Observe | مشاهدڻ | مشاهدو |
| Predeiction | Predict | اڳڪٿڻ | اڳڪٿي |
| Atom | Atomize | ائٽڻ | ائٽو |

مٿين لفظن جو جملن ۾ استعمال هيٺ ڏجي ٿو.

Ptolemy's model provided a reasonably accurate system for predicting the position of heavenly bodies in the sky. (page 4, Chapter I, A Brief History of Time, Stephen Hawking).

بطليموس وارو ماڊل آسمان ۾ فردوسي اجسام جون بيهڪون اڳڪٿڻ لاءِ مناسب حد تائين ٺڙ سرشتو هو.

The death blow to Aristotelian/Ptolemaic theory came in 1609. In that year, Galileo started observing the night sky with a

telescope which had just been invented. (page 4, A brief History of Time)

بطليموس ۽ ارسطوءَ واري نظريي کي موتمار ڌڪ 1609ع ۾ لڳو. ان سان گاليليئو رات جو آسمان جو هڪ ڏور ويک سان مشاهدو شروع ڪيو جيڪو تڏهن نئون نئون ايجاد ٿيو هو.

When he looked at the planet Jupiter, Galileo found that it was accompanied by several small satellites or moons that orbited around it. (Page 4, A Brief History of Time)

جڏهن گاليليئو مشتري گرهه تي نظر وڌي، تڏهن مٿس مشتريءَ جي چوڌاري ڪيترائي اپگرهه يا چنڊ افشان ٿيا. جيڪي ان جي چوڌاري مداري رهيا هئا.

This implied that everything did not have to orbit directly around the earch, as Aristotle and Ptolemy had thought. (Page 4, Brief History of Time)

تنهن جو مطلب اهو ٿيو ته لازمي نه آهي ته هر شيءِ سڌو سنئون ڌرتيءَ کي مداري، جيئن ارسطو ۽ بطليموس سمجهندا هئا.

Antimatter is the ideal fuel that energises the spaceships of the famous TV serial Star Trek.

نس مادو ئي اهو خيالي ٻارڻ آهي، جيڪو مشهور ٽي وي سيريل اسٽار ٽريڪ Star Trek جي خلائي گاڏين کي توانائي ٿو.

مٿي ٻه پڇاڙيون "ڻ" ۽ "يت" استعمال ڪندي صفت ۽ صفت ظاهر ڪندڙ اسم سان سائنسي اصطلاح جوڙي ڏيکاريا ويا. "يت" پڇاڙي استعماليندي هيٺ ڪجهه بيا اصطلاح جوڙي پيش ڪريان ٿو.

| | |
|---|---|
| برقيت | Electricity |
| مقنايت | Magnetism |
| ميڪانت | Mechanism |
| پسرايت | Conductivity |

مگر سنڌيءَ ۾ صفت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪجهه بيون پڇاڙيون به مروج آهن، جن کي استعماليندي سائنسي زبان لاءِ صفت ظاهر ڪندڙ اصطلاح جوڙي سگهجن ٿا. انهن مان هڪڙي پڇاڙي صفتن جي اظهار لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻي عام پڇاڙي مذڪر اسمن لاءِ "آئتو" ۽ مونث اسمن لاءِ "آئتي" آهي. مثال طور "لايائتو"، "لايائتي"، "ڪارائتو"، ۽ "ڪارائتي"، "قربائتو"، "مانائتو" وغيره. اها پڇاڙي انگريزي پڇاڙي Able جي بدل طور ڪم اچي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| چارجائتو | Chargeable |
| قطبائتو | Polarizable |
| مقنائتو | Magnetizable |

صفتون جوڙڻ جو سنڌي زبان ۾ هڪ ٻيو به تمام نرالو ۽ آسان طريقو مروج آهي، جنهن ۾ اسم ۾ الف وجهي صفت جوڙي ويندي آهي. مثال طور، "ذڪر" مان "ذاڪتو"، "ٻڪر" مان "ٻاڪرو"، "شڪ" مان "شاڪي" وغيره. البت سنڌي زبان جي اهڙي خاصيت جو ايجا فائدو نه ورتو ويو آهي.

ظرف Adverb جوڙڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪا خاص پڇاڙي موجود نه آهي. البت هڪ عربي پڇاڙي عربي لفظن ذريعي سنڌي زبان ۾ متعارف ٿي، مگر ٻين سنڌي لفظن ۾ ان کي پنهنجائڻ بدران اڄڪلهه ماڻهين ان جي استعمال کي ختم ڪيو پيو وڃي. اها عربي پڇاڙي "اً" آهي جيڪا "تقريباً"، عملاً، اصولاً، اندازاً، غالباً ۽ مثلاً ۾ استعمال ٿئي ٿي. اها پڇاڙي ڪيترائي سائنسي اصطلاح جوڙڻ ۾ مددگار ثابت ٿي آهي. ڪجهه مثال

هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Electrically | برقيتاً |
| Electronically | برقياتاً |
| Magnetically | مقناطاً |
| Mathemetically | رياضياتاً |
| Scientifically | سائنساً |
| Biologically | جياپياساً |
| Geographically | ڀون ليکاً |
| Alternatively | متبادلاً |
| Extraordinarily | غير معمولاً |
| Anonimously | گُپتاً/ گمناماً |

جملن ۾ استعمال جا مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

In the atom of ordinary matter, nucleus has positive charge protons and electrically neutral neutrons.

عام مادي جي اٽي (Atom) اندرناپ (Nucleus) ۾ واڌو چارج رکندڙ پروٽيا (Protons) ۽ برقيتاً نيُوَس (Electrically Neutral) نيُوسيا (Neutrons) ٿيندا آهن.

ڌارين ٻولين جا لفظ اڌارڻ ڪان پوءِ ئي ٻولين کي وسعت ۽ اظهار جي طاقت حاصل ٿيندي آهي. گهٽي ڪان گهٽو سائنسي علم پنهنجي آغوش ۾ رکندڙ انگريزي ٻوليءَ ۾ پڻ ساڳي خوبي ڏٺي وئي آهي. عام ڳالهائجندڙ توڙي علمي ادبي ۽ سائنسي انگريزي زبان ۾ ڪيترائي ڌارين ٻولين جا لفظ پنهنجايا ويا آهن، جن ۾ عربي، فرانسيسي ۽ خاص طور يوناني ٻولين جا لفظ شامل آهن. عام ڳالهائجندڙ انگريزي زبان ۾ گهٽي ڪان گهٽا اڌاريل لفظ فرانسيسي زبان جا آهن، جڏهن ته علمي انگريزي زبان ۾ گهٽي ڪان گهٽا (لڳ ڀڳ سڀ جا سڀ) اڌاريل لفظ يوناني ٻوليءَ جا آهن. عام ٻوليءَ ۾ اڌاريل

فرانسيسي لفظن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

Tax, estate, trouble, duty, pay, table, boil, serve, roast, dine, religion, savior, pray, trinity, anger, wrath, ill, skill, skin, skirt, scatter, skip.

انگريزي سائنسي زبان ۾ زير استعمال لفظن جو بنياد يوناني آهي ته اڳياڙيون، پڇاڙيون ۽ وچياڙيون وري انگريزي آهن. مثال طور، Thermometer, Pnumatics, Robotics, Denstistry, Chemistry, Chromatic وغيره. ڪن حالتن ۾ ته اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون به غيرانگريزي آهن. مثال طور Phonology, Microbiology, Microscope, Telephone وغيره.

جهڙيءَ ريت سنڌي زبان ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ شامل ٿيڻ سان گڏ ڪجهه واحد جمع جا قاعدا به رائج ٿي ويا، تيئن انگريزي زبان ۾ به فرانسيسي ٻوليءَ جا لفظ شامل ٿيڻ سان فرانسيسي جمع ڪرڻ وارو اصول رائج ٿي ويو. مثال طور سنڌيءَ ۾ فرائض اسباب، حاصلات، معاشيات وغيره رائج ٿي ويا آهن. جڏهن ته انگريزي زبان ۾ سمورن اسمن جه جمع پڇاڙيءَ ۾ n هڻڻ سان ٿيندا هئا. اڄ اهڙا چند لفظ رهجي ويا آهن. مثال طور، Oxen ۽ Children جڏهن ته هاڻوڪو s لڳائي جمع بنائڻ وارو طريقو فرانسيسي ٻوليءَ کان ورتو ويو آهي. ڪن حالتن ۾ جمع بنائڻ واري اها ترڪيب سنڌيءَ ۾ اختيار ڪرڻ تمام ڪارگر ثابت ٿئي ٿي، خاص طور انهن لفظن ۾ جيڪي انگريزي زبان کان ئي اڌاريا ويا هجن. جمع ڪرڻ لاءِ s پڇاڙي تڏهن به استعمال ڪرڻ فائديمند ٿي سگهي ٿي، جڏهن اسم منجهان مونث مذڪر جي تفريق مٽائڻي هجي.

**فعل مان اسم جوڙڻ:**

مٿي مون اسمن مان فعل ناهڻ واري ميڪانيت (Mechanism) بيان ڪئي. مگر ڪيترين حالتن ۾ انهن ئي ناهيل فعلن مان وري اسم جوڙڻ جي ضرورت پيش ايندي آهي، ڪنهن عمل يا پراسيس کي ظاهر ڪندڙ

انگريزي سائنسي اصطلاحن کي اڪثر ٻن پڇاڙين zation يا tion ۽ ing مان ڪا هڪ هوندي آهي. وياڪرڻ جي لحاظ کان اهي اصطلاح اسم هوندا آهن. مگر انهن جو مصدر اڪثر فعل ٿي ٿو. مثال طور. Magnetize مان Magnetization مان Polarize, Polarization مان Automate, مان Atomize مان Atomization وغيره. انهن مان ڪجهه اصطلاح سنڌيائڻ لاءِ "ڪاري" ۽ ڪجهه لاءِ وري "آءِ" استعمال ڪري سگهجي ٿو. "آءِ" اها ٿي پڇاڙي آهي، جيڪا "ورجاءُ" "تڪراءُ" ۽ "پڇتاءُ" جهڙن لفظن ۾ استعمال ٿيل آهي. ڪجهه مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

| | | | |
|---|---|---|---|
| Atomization | اٽڪاري | Atom | اٽڻ (فعل) |
| Charging | چارجڪاري | Charge | چارجڻ (فعل) |
| Polarization | قطبڪاري | Polarize | قطبڻ (فعل) |
| Magnetization | مقناءُ | Magnetiz | مقنائڻ (فعل) |
| Digitization | عددڪاري | Digitize | عددڻ (فعل) |
| Conduction | پسراءُ | Conduct | پسرائڻ (فعل) |
| Automation | خودڪاري | Automate | خودڪارڻ (فعل) |
| Lonization | آيونڪاري | lonize | آيونڻ (فعل) |
| Forestation | ٻيليڪاري | Forest | ٻيلو (اسم) |
| Modelling | ماڊلڪاري | Model | ماڊل (اسم) |

**ڪجهه ٻيون ترڪيبون:**

جيتوڻيڪ ڪيترا ئي اسان کي انگريزي سائنسي علم ۾ مروج ڪجهه اسم جيئن جو تيئن خاص سنڌيءَ ۾ اختيار ڪرڻا ٻه پوندا، پر ڪن حالتن ۾ انهن کي هڪ مخصوص پڇاڙي ٻه هڻڻي پوندي ته جيئن اهي گهربل مطلب ڏئي سگهن. اهڙو هڪڙو مثال ائٽم (Atom) جي ذرڙن (Particles) جا نالا آهن. ائٽم جا ٽي بنيادي ذرڙا Proton, Electron ۽ Neutron چوائيندا آهن. جيئن ته ,Electric, Electronics, Electronic

Electricity ۽ Electron جو بنياد ساڳيو آهي. اهو نامناسب ٿيندو ته سنڌي سائنسي ادب ۾ Electronics جي بدل طور "برقيات" استعمال ڪجي ۽ Electron جي لاءِ وري "اليڪٽران" ئي لکجي. مطلب ته Electron جو بدل به بنيادي لفظ "برق" مان ئي نهڻ گهرجي. تنهي ذرڙن جي نالن ۾ قابل غور ڳالهه اها آهي ته اهي ٽئي ٻن اکرن on سان ختم ٿين ٿا. بعد ۾ ائٽي جا اندر جيڪي به نئيا ذرڙا لڌا ويا آهن، تن تي on سان ئي ختم ٿيندڙ نالا رکيا ويا، ته جيئن اهي ائٽوي ذرڙا هئڻ جو فهم ڏئي سگهن. تنهنڪري بهتر اهو ٿيندو ته سنڌي اصطلاح ناهڻ ۾ به اهڙو خيال رکيو وڃي. Neutron نالو انگريزي لفظ Neuter يا Neutral مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "نپُوس" يعني "ڪا به جنس نه رکندڙ". منهنجي خيال موجب انهن ٽن اصطلاحن جا بدل هيٺينءَ ريت رکجن ته غلط نه ٿيندو.

| | |
|---|---|
| Electron | برقيو |
| Proton | پروٽيو |
| Neutron | نپوسيو |

اهي ٽئي لفظ "يو" تي ختم ٿين ٿا. لفظ "برقيو" تمام بامعنيٰ محسوس ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد اهو ئي آهي، جيڪو "برقيات"، "برقيت"، "برقي" ۽ "برقڻ" جو آهي، جڏهن ته لفظ "پروٽيو" ساڳي انگريزي لفظ Proton مان ئي ورتل آهي. مگر هڪجهڙائي، خاطر ان کي به "يو" پڇاڙي هنئي وئي آهي.

### سائنسي اصطلاحن ۾ اڳياڙين جو استعمال

سائنسي اصطلاحن ۾ اڳياڙين جي تمام گهڻي اهميت آهي، ڇاڪاڻ ته انهن جي استعمال سان موجود اصطلاحن مان ڪيترائي ٻيا اصطلاح جوڙي سگهجن ٿا. جيڪي اصل اصطلاحن جا ضد هجن يا انهن جا هم معنيٰ هجن. انگريزي سائنسي اصطلاحن ۾ عام طور اڳياڙيون A, Dis,

Re, Avit, De, Non, Un آهن. انهن مان Re کي ڇڏي باقي سڀ جون سڀ اڳياڙيون ناڪاري معنيٰ رکن ٿيون. جڏهن تہ Re اڳياڙي ورجاءُ کي ظاهر ڪري ٿي، ان جو آسان سنڌي بدل "ور" آهي. مثال طور ڪجهہ اصطلاح هيٺ پيش ڪجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Recharging | ورچارجڪاري |
| Remagnetization | ورمقناءُ |
| Repolarization | ور قطبڪاري |
| Reforestation | ور ٻيليڪاري |

ناڪاري پڇاڙين مان De ۽ Dis جو استعمال ڪو عمل يا پراسيس ظاهر ڪندڙ فعل توڙي اسمن سان ٿيندو آهي. Ing پڇاڙيءَ سان ختم ٿيندڙ اصطلاحن کي Dis اڳياڙي هنئي ويندي آهي، جڏهن تہ tion پڇاڙيءَ سان ختم ٿيندڙ اصطلاحن کي De اڳياڙي هنئي ويندي آهي. جيئن Discharging ۽ Antibiotic. اهڙيءَ طرح Dis ۽ De جو مناسب سنڌي بدل "نِر" آهي، جڏهن تہ Anti جي بدل طور سنڌي اڳياڙي "نِس" ڪم آڻي سگهجي ٿي. Dis جي جاءِ تي "نِر" جي استعمال جا ٻہ مثال "نِر آس" ۽ "نِر موهيو" آهن، جن کي انگريزيءَ ۾ ترتيبوار Disappointment ۽ Disliked چئجي ٿو.

| | |
|---|---|
| Discharge | نِرچارجڻ |
| Discharging | نِرچارجڪاري |
| Demagnetize | نِرمقنائڻ |
| Demagnetization | نِرمقناءُ |
| Deforestation | نِر ٻيليڪاري |
| Depolarize | نِر قطبڻ |

| | |
|---|---|
| Depolarization | نِر قطبڪاري |
| Antimatter | نِس مادو |
| Anti Electron | نس برقيو |
| Anti Proton | نِس پروٽيو |
| Anti Neutron | نِس نيوسيو |
| Antibiotic | نِس جياڪ |

جڏهن تہ Non, Un ۽ In اڳياڙين لاءِ "غير"، "اڻ" ۽ "ا" اڳياڙيون استعمال ٿي سگهن ٿيون.

**نوعيت ظاهر ڪندڙ اڳياڙيون**

ڪجهہ اڳياڙيون جهڙوڪ: Mini, Ultra, Infra, Mis ڪن طبيعاتي مقدارن جي نوعيت، مثال طور گهٽ، وڌ، سٺو خراب ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿينديون آهن. انهن مان Mis اڳياڙي "غلط" يا "خراب" جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي آهي. جڏهن تہ Infra ۽ Ultra اڳياڙيون ترتيبوار "گهٽ" يا "هيٺ" ۽ "مٿي" يا "گهڻو" جون معنائون ظاهر ڪن ٿيون. ڪيترين ئي جاين تي Mis جو مناسب بدل "ڪ" يا "بد" ۽ Mini جو بدل "ننڍ" ٿي سگهي ٿو.

| | |
|---|---|
| Ultra Voilet | اترڪاسني |
| Ultra Sound | اٿر آواز |
| Mini Computer | ننڍ ڪمپيوٽر |
| Miniaturized | ننڍيل |
| Miniaturization | ننڍڪاري |

**ماپ واريون اڳياڙيون**

ڪجهہ اڳياڙيون، جهڙوڪ ,Pice, Nano, Micro, Genti, Mili Mega, Kilo ۽ Tera وغيره ماپ کي ظاهر ڪن ٿيون ۽ اڪثر ڪري ايڪن سان گڏ استعمال ٿينديون آهن. انهن مان پهريون چار اڳياڙيون ايڪي کان

ننڍيون ماپون ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿينديون آهن. ته آخري ٽي اڳياڙيون ايڪي ڪان وڏيون ماپون ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿينديون آهن. البت ماپ جي ايڪن ڪان سواءِ اهي اڳياڙيون ڪجهه ٻين لفظن سان گڏ پڻ ڪم اينديون آهن.

جيئن ته Kilo اڳياڙي تمام گهڻي عام ٿي وئي آهي، تنهن ڪري ان جو بدل ڳولڻ جي ضرورت نه رهي آهي، توڙي ان جي معنيٰ "هزار" آهي ۽ ان جو سنڌي بدل "سهس" رکڻ ممڪن آهي؛ "مائڪرو Micro" هڪ يوناني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ "تمام ننڍڙو" آهي. ان جو سنڌي بدل "پٽ" رکڻ مناسب ٿيندو. ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اها اڳياڙي ڪيتري نه سليس ۽ اثرائتي آهي.

| | |
|---|---|
| Micro | پٽ |
| Micro Computer | پٽ ڪمپيوٽر |
| Micro meter | پٽ ميٽر |
| Micro electronics | پٽ برقيات |
| Micro wave | پٽ لهر |
| Micro phone | پٽ وايو |
| Micro biology | پٽ جياپياس |

Pico اهڙو ٻيو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ "ننڍو" آهي، مگر اهو لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي. جديد لاطيني ٻولين جهڙوڪ اطالويءَ ۾ Picolo لفظ عام مروج آهي، جنهن جي معنيٰ "ننڍڙو" آهي. انجنيئرنگ ۾ اها هڪ جي ڏهه ڪربين حصي کي ظاهر ڪري ٿي. ساڳي ئي معنيٰ سان Nano اڳياڙي به مروج آهي، جيڪا انجنيئرنگ ۾ هڪ جي اربين حصي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿي. ان جي بدل طور پراڻي سنڌيءَ جو لفظ "سوکيم" استعمال ڪري سگهجي ٿو جنهن جي معنيٰ پڻ "تمام ننڍڙو" آهي. مثال طور:

| | |
|---|---|
| سوکيم برقيات | Nano Electronics |
| سوکيم ٽيڪنيڪياس | Nano Technology |
| سوکيم ميٽر | Nano meter |
| سوکيم فيراڊ | Nano Farad |

**هڪ مشهور اڳياڙي**

انجنيئرنگ جي شعبي ۾ Tele هڪ اهم اڳياڙي آهي، جيڪا تمام گهڻن اصطلاحن ۾ استعمال ٿي ٿئي، جيئن ته ان لفظ جي معنيٰ "پري" آهي، تنهن ڪري ان جو مناسب سنڌي بدل "ڏور" آهي.

| | |
|---|---|
| ڏور وايو | Telephone |
| ڏور وائي | Telephony |
| ڏور طب | Telemedicine |
| ڏور ڏيک | Television |
| ڏور ويک | Telescope |
| ڏور ماپ | Telemetry |

**پڇاڙيءَ بدران اڳياڙي**

انگريزيءَ ۾ "بنا" جي معنيٰ ۾ هڪ پڇاڙي less استعمال ٿيندي آهي. مثال طور Cordless, Wirless وغيره. ان جي بدل طور سنڌيءَ ۾ پڇاڙيءَ بدران اڳياڙي سونهندي. اها ڳالهه ان مان ئي ظاهر آهي ته لفظ "بنا" به اڳياڙيءَ طور استعمال ٿيندو آهي. مگر "بنا" کانسواءِ پراڻي سنڌيءَ جو هڪ تمام سنو لفظ "ري" به مروج هو جيڪو سائنسي ۽ ٽيڪني اصطلاحن ۾ تمام گهڻو سونهندو.

| | |
|---|---|
| ري تار | Wirless |
| ري تار ريطيات | Wirless Communication |
| ري تند | Cordless |
| ري بگاڙ | Distortionaless |

**علمن جو اسم خاص:**

سائنسي علمن جا Self_explanatory سنڌي نالا رکڻ به لازمي آهن. ڪيترن علمن جا نالا توڙي جو اڳي ئي مروج آهن. مگر اهي ايترا سليس ۽ فصيح نه آهن، جن مان آسانيءَ سان وابسته ٻيا به سمورا اصطلاح جڙي سگهن. مثال طور Biology جو عام بدل "علم حياتيات" آهي، جيڪو درسي ڪتابن ۾ استعمال ڪيل آهي. مگر اهو خود ٻن الڳ ٿلڳ لفظن تي ٻڌل آهي، تنهن ڪري ٻين سائنسي اصطلاحن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي. مثال طور Biological ۽ Biologically لاءِ سنڌي بدل ٺاهڻ ناممڪن ٿي پيو آهي، پر جيڪڏهن اسان لفظ Biology جي بدل طور هڪ ئي لفظ رکون ته باقي اصطلاح ٺاهڻ به ممڪن ٿي پوندا. اسين ان جو بدل به بلڪل ايئن ئي ٺاهي سگهون ٿا، جيئن اهو اصطلاح پاڻ جڙيل آهي. اَنـ Biology ٻن لفظن ۾ يعني Bio ۽ logy جو مرڪب آهي. جڏهن ته انهن مان پهرين لفظ جي معنيٰ آهي حيات يا زندگي ۽ ٻي لفظ جي معنيٰ آهي اڀياس، مطالعو يا علم. ان کي سامهون رکندي هيٺيان اصطلاح جوڙي پيش ڪريان ٿو:

| | |
|---|---|
| جياڀياس | Biology |
| جيا ڀياسي | Biological |
| جياڀياسا | Biologically |
| جياڀياسدان / جيادان | Biologist |
| جياطِب | Biomedical |

ساڳيءَ ريت:

| | |
|---|---|
| Technology | ٽيڪنيڀياس |
| Geology | ڀون ڀياس |
| Geologist | ڀون دان |
| Zoology | حيوان ڀياس |
| Phonology | وايو ڀياس |
| Psychology | نفسيات/ نفس ڀياس |
| Botane | ٻوٽاڻ |
| Botany | ٻوٽاڻ ڀياس |
| Robotology | روبوٽ ڀياس |

ڪيترن ئي ٻين علمن جي نالن ۾ ics پڇاڙي ٿيندي آهي. مثال طور Physics, Mathematics, Electronics ۽ Machanics وغيره اهڙن علمن جا بدل آسانيءَ سان "يات" پڇاڙي لڳائي جوڙي سگهجن ٿا. مثال طور:

| | |
|---|---|
| Electronics | برقيات |
| Physics | طبعيات |
| Mathematics | رياضيات |
| Mechanics | ميڪانيات |
| Linguistics | لسانيات |
| Communications | ربطيات |
| Satellite Communications | اپگرهه ربطيات |
| Telecommunications | ڏور ربطيات |
| Chemistry | ڪيميات |
| Astronomy | فلڪيات |

جيتوڻيڪ "يات" هڪ عربي پڇاڙي آهي، پر اسان اها انگريزي،

فارسي ۽ خالص سنڌي لفظن سان بہ جوڙي سگھون ٿا. مثال طور هيٺ ڪجھہ اصطلاح پيش ڪجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Robotics | روبوٽيات |
| Mechanics | ميڪانيات |
| Optics | چشميات |
| Optical Fibre | چشمياتي ريشمو |
| Fibre Optics | ريش چشميات |

ڪن صورتن ۾ ڪجھہ وچياڙيون بہ استعمال ڪرڻيون پونديون آهن، جيئن انگريزي اصطلاح Phonetics ۾، جيڪو بنيادي لفظ Phone مان نڪتو آهي. اتي t وچياڙيءَ طور ڪم آئي آهي.

| | |
|---|---|
| Phonetics | وايوڪيات |
| Phoneme | وايوم |
| Phonemics | وايوميات |

مٿي ڏنل مثالن مان محسوس ٿيندو تہ سمورين غير موافق حالتن مان گذرڻ جي باوجود سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري وسعت ۽ بلاغت آهي، جو اها سائنسي علم جي ترجمي، تاليف ۽ حاصلات جو هڪ بهترين ذريعو ثابت ٿي سگھي ٿي. ضرورت صرف ان عزم جي آهي تہ اسان پنهنجي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ان ۾ سائنسي علم تحرير ڪرڻ جو پختو بنياد وجھون ۽ سنڌ جي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترويج لاءِ مناسب قدم کڻون.

[ماهوار پيغام ڪراچي، جنوري 2005ع]

انجنيئر احسان احمد عرساڻي

# جديد ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي

وقت جون حڪومتون سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ کي روڪڻ لاءِ هر قسم جا حربا هلائينديون رهيون آهن، جن ۾ جديد اليڪٽرانڪ ميڊيا (ريڊيو ۽ ٽي ويءَ) تي سنڌي ٻوليءَ لاءِ دروازا بند ڪرڻ، مختلف سرڪاري ادارن مان سنڌي ٻوليءَ کي تڙي ڪيڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪليل ادارن ۾ پنهنجن چاڙتن کي سربراهه ڪري ويهارڻ شامل آهن. سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ادارو سنڌ يونيورسٽي آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو ضامن هئڻ گهرجي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻن وائيس چانسلرن مان پروفيسر رضيءَ الدين صديقيءَ جو نالو قابل ذڪر آهي، جنهن سنڌي اڪيڊميءَ جو پايو وڌو ۽ جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڏجنڌڙ اعليٰ تعليم جو ذريعه تدريس سنڌي ڪرڻ تي گهريو. تنهن کان پوءِ غلام مصطفيٰ شاهه صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر ٿيا. شاهه صاحب سنڌي اڪيڊميءَ کي هڪ وسيع مقصد اداري، سنڌالاجيءَ ۾ بدلايو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي دفتري ٻوليءَ جو درجو ڏنائون. پر افسوس جو شاهه صاحب کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ کي اهڙا عظيم سربراهه ملڻ جو سلسلو بند ٿي ويو، جن سنڌ يونيورسٽيءَ جو نالو سنڌي ٻوليءَ سان منسوب ڪيو. تنهن کان پوءِ جيڪي به وائيس چانسلر آيا، تن اهڙا حڪم صادر ڪيا، جن پوين سيني ڪوششن تي پاڻي وجهي ڇڏيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ کي ناقابل تلافي ڇيهو رسايو. سنڌي ٻوليءَ کان سنڌ يونيورسٽيءَ جيَ دفتري ٻولي هئڻ جو حق به کسي ورتو. اتفاق سان سنڌن هر قدم سنڌي ٻوليءَ لاءِ منفي ثابت ٿيو.

ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ٻيهيل ادارو سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پڻ ايترو فعال نه رهيو ۽ ان کي ڪي چيئرمين اهڙا به مليا، جن

سنڌي ٻوليءَ جي وحدانيت کي ڇيهو رسائڻ جي ڪوشش ڪئي يا پنهنجن مفادن کي قومي مفادن تي ترجيح ڏني.

پاڪستان ۾ ڇپني ۽ ڇپائيءَ کي ايترو مهانگو شايد نہ پر يقيناً سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جون راهون بند ڪرڻ خاطر رکيو ويو آهي. پاڪستاني ٻولين ۾ فقط سنڌي ٻولي ئي آهي، جيڪا سرڪاري ۽ تدريسي ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي. پاڪستاني ٻولين ۾ فقط سنڌي ٻولي ئي واحد ٻولي آهي، جنهن ۾ اخبارون نڪرن ٿيون ۽ وڏي مقدار ۾ ادب لکجندو رهيو آهي، تنهن ڪري واحد سنڌي ٻولي ئي آهي، جيڪا ڇپنو ۽ ڇپائي مهانگي ٿيڻ سان متاثر ٿئي ٿي. واحد سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن جي ترقي پاڪستان ۾ قومي ٻوليءَ جي مقام ۽ حيثيت کي اڄ بہ چئلينج ڪري سگهي ٿي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي پريس تي مصيبتن جو پهاڙ ٽٽي پيو ڇوتہ حڪومت جي پاليسي يڪايڪ تبديل ٿي وئي. مختلف مارشلائن دوران ڪيترين اخبارن ۽ رسالن تي بندشون لڳايون ويون ۽ صحافين کي زندان حوالي ڪيو ويو. انگريزن جي حڪومت، سنڌ جي ڀرين ۽ آخري حڪومت هئي، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي ترقي وٺائڻ لاءِ ثابت قدم کنيا. انگريزن جي حڪومت معياري سنڌي صورتخطي ٺهرائي. سنڌي اسڪول کوليا ۽ سنڌيءَ کي قانوني ۽ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو. پاڪستان ٺهڻ کان گهڻو اڳ سنڌي پريس ترقيءَ جون منزلون ماڻي چڪي هئي، سنڌي اخبارون اڄ کان تقريباً ڏيڍ سؤ سال اڳ شروع ٿي چڪيون هيون. "سنڌ سڌار" تنهن وقت جي مشهور اخبار هئي، جيڪا 1878ع ۾ رجسٽر ڪرائي وئي.

ڪنهن دؤر کان ٻولين جي ترقي ۽ واڌاري جو دارومدار سنئون سڌو اليڪٽرانڪ ميڊيا تي رهيو آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا جو اهو دؤر تڏهن شروع ٿيو جڏهن فونوگراف منظرعام تي آيو. فونو جي عروج وارو دؤر، سنڌي ٻوليءَ جي بہ عروج وارو دؤر هو. جيڪر سنڌي ٻولي ٻين هندستاني

ٻولين کان اڳتي نه نڪري چڪي هئي ته ڪنهن صورت ۾ پوئتي به نه هئي. اهو دؤر هن صديءَ جي اوائلي ڏينهن وارو هو جڏهن هندستان جون مشهور ڪمپنيون سنڌي فنڪارن کي رڪارڊ ڪنديون هيون. ڀڳت ڪنور، ماسٽر چندر، مولي ٻائي، جيوڻي ٻائي، ڀڳت موٽومل، بيبي خان، سونا خان بلوچ، محمد يوسف ماڇي، ڀڳت جاڙا رام ۽ بيگم فقيرائيءَ جا راڳ تنهن دؤر جي سنڌي عوام جي روح کي تسڪين بخشيندا هئا.

تنهن کان پوءِ جڏهن سئنيما جو دؤر آيو ته سنڌي فلمون به برابر ميدان ۾ آيون. ورهاڱي کان پهرين ئي سنڌي فلمون ٺهڻ لڳيون هيون. "ايڪتا" ورهاڱي کان پهرين جي مشهور سنڌي فلم آهي. پاڪستان جي قيام کان پوءِ به سنڌي فلمون وقفي وقفي سان ٺهنديون رهيون. "عمر مارئي"، "پرائي زمين"، "سسئي پنهون" ۽ "پرديسي" ورهاڱي کان هڪدم پوءِ جون مشهور سنڌي فلمون آهن. ورهاڱي کان پوءِ ون يونٽ ۽ پاڪستان حڪومت جي ٻين سنڌ دشمن قدمن سان سنڌي فلمن جي ترقيءَ تي به خراب اثر پيا. تنهن کان پوءِ به سنڌي فلمون نڪرنديون رهيون، جن مان "شهروفيروز"، "گهونگهٽ لاهه ڪنوار"، "رنگ محل"، "منڙا شال ملن"، "چانڊوڪي" ۽ "بادل" مشهور ٿيون. "منهنجو پيار پڪاري"، "بادل ۽ برسات"، "پير ڪيو سينگار"، "ڌرتي دل وارن جي" ۽ "البيلي" به قابل ذڪر آهن. 1960ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ پهرين سنڌي رنگين فلم "سورٺ" سئنيما تي لڳي، جنهن جي ڪاميابيءَ سان سنڌي فلمن جو هڪ نئون دؤر شروع ٿيو پر جلد ئي 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعات ڌاري سنڌ ۾ لساني فساد شروع ٿي ويا، جن ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي ماڻهن جو بي رحميءَ سان ڪوس ڪيو ويو ۽ انهن سئنيمائن کي باهه ڏني وئي، جيڪي سنڌي فلمون چاڙهينديون هيون. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌي فلمن جو هڪ نئون دور شروع ٿيو جنهن ۾ ويهارو کن فلمون منظرعام تي آيون، جن مان "ڦل ماڇي" ۽ "پرو چانڊيو" مشهور ٿيون، پر وقت جي تقاضائن مطابق اڪثر فلمون معيار

تي پوريون نہ لهڻ ڪري عوام ۾ مقبول نہ ٿي سگهيون. گهر گهر، وي سي آر عام ٿي وڃڻ ڪري 1980ع کان پوءِ هونئن بہ سئنيما جو زوال شروع ٿي ويو. هن وقت تائين حيدرآباد جون اهم ترين سئنيمائون ڍهي چڪيون آهن. دراصل، پاڪستان ۾ اسٽيج ۽ سئنيما لاءِ عوام جي دلچسپي تڏهن ئي گهٽجڻ شروع ٿي وئي، جڏهن ملڪ ۾ پهريون ٽي وي چينل (PTV) شروع ٿيو.

جيئن ته پاڪستان ٽيلي وزن (PTV) محدود سهوليتن ۽ سروسز سان شروع ٿيو پر تمام جلد ئي تڪڙي ترقي ڪري، ان رڪارڊنگ ۽ رنگين نشريات جون سهوليتون بہ ماڻي ورتيون. پي ٽي ويءَ جي ترقيءَ ۾ نہ صرف حڪومت جي هٿي هئي، بلڪ خانگي ادارن ۽ ڪمپنين جو بہ ڪردار هو. 1992ع تائين پاڪستان اندر عوام لاءِ پي. ٽي. وي ڏسڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هو ڇوتہ پاڪستاني حڪومت ڪنهن کي بہ خانگي ريڊيو يا ٽي. وي اسٽيشن هلائڻ جي اجازت نہ ڏني هئي ۽ ان واحد ٽي وي چينل تي شروعاتي دؤر ۾ ڪل وقت اردو پروگرام هلايا ويندا هئا. جڏهن پي. ٽي. وي نشريات جو وقت وڌي اٺ ڪلاڪ ٿي ويو، تڏهن سنڌي ٻوليءَ کي پنجابي، پشتو ۽ بلوچيءَ جهڙين غير تدريسي ٻولين جيان "علائقائي زبان" جو درجو ڏئي، پي. ٽي. ويءَ تي روزانو اڌ ڪلاڪ جو وقت خيرات طور ڏنو ويو. جڏهن تہ انگريزي زبان کي بہ ننڍڙي سنڌيءَ کان ٽيڻو چوڻو وقت نشر ڪيو ويندو آهي. حالانڪ انگريزي تہ علائقائي ٻولي بہ نہ آهي، پر جيئن تہ انگريزن جي هيءَ غلام قوم، انگريزيءَ کي گهڻو اڳ ئي بين الاقوامي ٻوليءَ طور تسليم ڪري چڪي ۽ حڪمران ملڪ ٺهڻ شرط ئي اردوءَ کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏئي ملڪ تي مڙهي چڪا، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ ڳالهائڻ روز اول کان ئي ڪفر سمجهيو ٿو وڃي. اڄوڪي دؤر ۾ بہ جڏهن پي. ٽي. وي نشريات جو وقت گهڻو وڌي چڪو آهي ۽ پي. ٽي. ويءَ جو ٻيو چينل پي. ٽي. وي ٽو بہ شروع ٿي چڪو آهي، سنڌي ٻوليءَ کي ساڳيو ئي

اڌ ڪلاڪ روزانو نشر ڪيو وڃي ٿو. ساڳي ئي وقت دنيا ڀر جا غير سنڌي ٽي. وي چينل سيٽلائيٽ ذريعي اسان جي معاشري تي اثرانداز ٿي رهيا آهن. سيٽلائيٽ ڪميونيڪيشن 90ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ متعارف ٿي ۽ جلد ئي گهر گهر ۾ سيٽلائيٽ رسيور عام ٿي ويو انهن چينلن تي ٻه هر وقت اردو/ هندي ئي هلندي رهي ٿي.

1988ع ڌاري ڪنهن خانگي ڪمپنيءَ کي ٽي. وي اسٽيشنون هڻڻ جي اجازت ڏني وئي، سڀ کان پهرين خانگي اسٽيشن ڪراچيءَ ۾ هڻئي وئي، پوءِ پاڪستان جي ٻين وڏن شهرن کان علاوه حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٻه اهي خانگي اسٽيشنون لڳايون ويون. اهو خانگي چينل پيپلز ٽيليويزن نيٽ ورڪ PTN جي نالي سان کوليو ويو پر پوءِ حڪومت بدلجڻ ڪري ان جو نالو ٻه بدلائي شاليمار ٽيليويزن نيٽ ورڪ Stn رکيو ويو. مختلف شهرن ۾ لڳل اهي اسٽيشنون شهري حدن اندر نشريات موڪلينديون آهن ۽ سڀني اسٽيشنن جي نشريات ڌار ڌار هلندي آهي، اهي اسٽيشنون پنهنجا پروگرام حڪومت سان مڃيل شرطن ۽ حدن اندر رهي نشر ڪنديون آهن. مثال طور Stn جون اسٽيشنون پابند آهن تہ شام جو ستين لڳي پي. ٽي. ويءَ جون انگريزي خبرون ۽ رات جون نوين لڳي پي. ٽي. وي خبرنامو جيئن جو تيئن نشر ڪنديون، مگر انهن اسٽيشنن تي اهڙو ڪوبہ شرط نہ وڌو ويو تہ اهي سنڌي پروگرام بہ هلائينديون. ٿيڻ تہ ائين گهربو هو جو ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ هلندڙ Stn اسٽيشنن کي پابند ڪيو وڃي ها تہ اهي گهٽ ۾ گهٽ 30 سيڪڙو وقت سنڌي پروگرام نشر ڪن. اهو سڀ تہ ٺهيو پر انهن اسٽيشنن تي سنڌي ٻوليءَ جو نالو نشان ڪونهي. ساڳيءَ ريت ڪراچيءَ ۾ ڪنهن خانگي ڪمپنيءَ کي FM100 نالي ايف. ايم ريڊيو چينل هلائڻ جي اجازت ڏني وئي. حالانڪ ڪراچي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي، پر ان ريڊيو چينل کي بہ کلي ڇوٽ ڏني وئي تہ ڀلي سؤ سيڪڙو اردو پروگرام نشر ڪري، لڳي ٿو تہ سنڌ حڪومت جو انهن ريڊيو ۽ ٽي وي چينلن تي ڪوبہ

اختيار يا ضابطو نہ آهي. موجوده وقت جي تقاضا آهي تہ سنڌ حڪومت توڙي سنڌي عوام سنڌي ٻوليءَ جي بقاءَ لاءِ ترت ۽ هنگامي قدم کڻي. پاڪستاني آئين موجب سنڌ حڪومت صوبائي ٽي. وي اسٽيشن هڻي سگهي ٿي. سنڌ جي ٻن وڏن شهرن، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ايف. ايم ريڊيو شروع ڪرائڻ گهرجن. جيڪي سؤ سيڪڙو سنڌي ٻوليءَ لاءِ وقف هجن. سنڌي ريڊيو ۽ ٽي. وي چينل کولڻ وارو ڪم صرف سنڌ حڪومت ئي ڪري سگهي ٿي. خانگي ڪاروبار ۾ رڌل سنڌي واپاري بہ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ايف. ايم ريڊيو اسٽيشن هڻڻ لاءِ ڪوشش وٺي سگهن ٿا.

حالانڪ ٽي وي ۽ ٻي وڊيو ميڊيا عوام ۾ گهڻي مقبول رهي آهي، پر آڊيو ميڊيا بہ وقت سان گڏ هلندي اچي ۽ موسيقيءَ ۾ نوان لاڙا بہ پيدا ڪندي اچي. دراصل آڊيو ميڊيا عام ماڻهوءَ جي شوق، ذوق، رويي، سوچ ۽ ٻوليءَ تي سڀ کان گهڻو اثرانداز ٿئي ٿي. ٽيڪنيڪل جي لحاظ کان آڊيو ميڊيا فونو بعد بہ منزلون طئي ڪري چڪي آهي. يعني ڪيسيٽ ۽ سي ڊي. سنڌي موسيقي ڪيسيٽ جي دؤر ۾ نين روايتن سان هلي نہ سگهي ۽ پٺتي رهجي وئي. حقيقت تہ اها آهي جو پٺين ڪجهہ ڏهاڪي سالن ۾ اسين سنڌي موسيقيءَ ۾ شاعريءَ جون اصل روايتون بہ وڃائي ويٺا آهيون. شاعريءَ جي عوامي صنف. يعني گيت تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بنهہ ناس ٿي چڪي آهي. ڏکڻ سنڌ ۾ سنڌي موسيقي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ڪي نالي ماتر ڪمپنيون آهن، جيڪي پڻ اهو ڪجهہ مهيا ڪرڻ ۾ قطعي ناڪام ويون آهن، جيڪو اڄ جي نوجوان نسل جي ضرورت آهي. مشڪل سان ئي ڪو سنڌي نوجوان سنڌي گيت ٻڌندو هوندو يا سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي دلچسپي رکندو هوندو.

ورلي سنڌي ٻڌندڙن جو بہ غيرمعياري شاعري ۽ نقلي موسيقي ٻڌي، سنڌي موسيقيءَ تان ئي ارواح کڄي ويو آهي، جيتوڻيڪ اتر سنڌ ۾ چڱي مقدار ۾ سنڌي آڊيو رڪارڊنگ ٿئي ٿي، پر اهي بہ اڪثر هندستاني

موسيقيءَ جو نقل هونديون آهن. مطلب ته سنڌي موسيقي پنهنجو وجود وڃائي ويٺي آهي، جيڪو هاڻي ٻوليءَ جي پنهنجي بقاءَ لاءِ خطرو ثابت ٿي چڪو آهي. نئين ٽيڪنيڪيپاس ۾ ته سنڌي ٻولي متعارف ئي نه ٿي آهي. هيستائين ڪنهن به ڪمپنيءَ سي ڊيءَ تي سنڌي گيت رڪارڊ نه ڪيا آهن. ولايت ۾ ڪا هڪ سي ڊي رڪارڊ ڪرائي وئي آهي، سا به شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي! بدقسمتيءَ سان سنڌي ويچار وادي (Think Tank) اڃان تائين اهو سمجهي نه سگهي آهي ته اڄوڪي نسل جي وندر لاءِ شاهه صاحب جو ڪلام ۽ يڪتارو ناڪافي آهن. اسان وٽ تخليقي صلاحيتن جي سخت کوٽ آهي، جنهن کي دور ڪرڻ لاءِ اسان کي سنڌي موسيقيءَ جي سکيا جا جديد مرڪز کولڻا پوندا، جن ۾ ماهر استادن ۽ موسيقيءَ جي نون اوزارن جي سهوليت ميسر هجي. تنهن کان سواءِ اڳيئي موجود رڪارڊنگ ڪمپنين جي به اصلاح جي ضرورت آهي، جيڪي اڪثر غيرمعياري ٻوليءَ ۾ غيرمعياري شاعري رڪارڊ ڪرائينديون رهن ٿيون.

مٿي بيان ڪيل حقيقت مطابق، سنڌ حڪومت جو ثقافت وارو کاتو به اهڙن ئي ماڻهن جي ور چڙهيل آهي، جيڪي پنهنجن آقائن سان سنڌي موسيقيءَ کي ترقي وٺائڻ لاءِ ڪوبه قدم نه کڻڻ جو واعدو وچن ڪري آيا آهن. ان کاتي هيٺ، گهڻو اڳ "شاهه لطيف ثقافتي مرڪز" ان مقصد سان کوليو ويو ته جديد ۽ ڪلاسيڪي سنڌي موسيقيءَ جي سکيا ڏني ويندي، مگر اٽڪل چاليهه سال گذري وڃڻ کان پوءِ به اڄ تائين ان مرڪز ۾ اهڙو ڪنهن به قسم جو تحرڪ نظر ڏسجي.

سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ خاطر ڪليل ادارن جي مايوس ڪن ڪارڪردگي ۽ پاڪستاني حڪومت جي مخالف پاليسي ڏسي اهو سمجهي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ سنڌي عوام کي خانگي طور مجموعي توڙي انفرادي ڪوششون وٺڻيون پونديون. پنهنجي ٻوليءَ کي

وقت سان گڏ ترقي ڏيارڻ لاءِ اجوڪي جديد ميڊيا جي ضرورت آهي. اڄ جو نئون اڀرندڙ ۽ مستقبل جو عام ترين ميڊيا "انٽرنيٽ" آهي. انٽرنيٽ کي ٻي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي گهڻيون ئي سرسايون Advantages آهن. مثال طور، اها ڪنهن به حڪومتي پابندي ۽ ضابطن کان آجي آهي، ان جي پهچ سڄي دنيا تائين آهي، وغيره وغيره. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته انٽرنيٽ، ٻي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي نسبت سستي آهي. اسان کي گهرجي ته انٽرنيٽ تي ڪئين "سنڌي ويب سائيٽون" کوليون ته جيئن دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ويهي انٽرنيٽ تي ڪم ڪندڙ سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ سان واسطي ۾ به رهي ته سنڌ جي سياسي حالتن کان به باخبر رهي. انٽرنيٽ تي سنڌي ويب سائيٽ جا ڪيترائي مصرف ٿي سگهن ٿا. مثلاً سڄي دنيا ۾ ويڙهيل سنڌين کي هڪ ٻئي سان مستقل رابطي جو وسيلو مهيا ڪرڻ، سنڌ جي سياسي مفادن ۽ حقن جي حفاظت ڪرڻ، سنڌي انٽرنيٽ اخبار ۽ رسالو شايع ڪرڻ، سنڌي موسيقيءَ کي ترقي ڏيارڻ، سنڌي ڊرامي کي ترقي وٺائڻ، سنڌي ڪتابن جي انٽرنيٽ لائبرري قائم ڪرڻ وغيره وغيره.

دنيا جي ڏورانهن علائقن ۾ ويڙهيل سڀني سنڌين کي مستقل رابطو مهيا ڪرڻ لاءِ سنڌي اي ميل سرشتو جوڙائڻ گهرجي ته جيئن سنڌي ماڻهو سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي پنهنجو نياپو رسائي سگهن. جيڪڏهن جلد ئي اهو نه ڪيو ويو ته چند ئي سالن ۾ خط لکڻ واري روايت ختم ٿي ويندي ۽ سنڌيءَ ۾ اي ميل سرشتو نه هئڻ ڪري سنڌي ماڻهو مجبوراً اردو يا انگريزي ۾ پيغام رسائي ڪندا. اها ٻولي، جنهن ۾ پيغام رسائي نه ٿي سگهي، سا جلد ئي پنهنجو وجود وڃائي ڇڏيندي. ان کان سواءِ سنڌي چيٽ سائيٽ به اڄ جي اهم ضرورت آهي ته جيئن اڻ ڄاڻ سنڌي ماڻهو هڪ ٻئي کي پنهنجو تعارف ڪرائي پنهنجو دل به وندرائين ته اتحاد به پيدا ڪن. تنهن کان سواءِ "آڊيو آن ڊمانڊ" جي متبادل سنڌي موسيقيءَ جي سهوليت انٽرنيٽ تي مهيا ڪري سگهجي ٿي. اهڙي ويب سائيٽ ذريعي نئين کان نئون ته پراڻي کان

پراڻو سنڌي ڳانو ڪنهن به فرمائش ڪندڙ کي ٻڌرائي سگهجي ٿو. بهترين ٽيڪنالاجيءَ سان اهو به ممڪن آهي ته ويب سائيٽ ذريعي سنڌي ڊراما به نشر ڪجن. سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ وارن کي همٿائڻ لاءِ هڪ اهڙي ويب سائيٽ جوڙي سگهجي ٿي، جيڪا اڄ تائين لکيل ڪتابن جي فهرست ۽ ٻيو چارٽ مهيا ڪري. ان ڏس ۾ سڀ کان وڏي ذميواري سنڌي سائنسدانن ۽ انجنيئرن جي ٿئي ٿي ته هو سنڌي ٻوليءَ لاءِ جديد ترين اليڪٽرانڪ ميڊيا جي حاصلات يقيني بڻائين. منهنجو اهوئي مقصد هو ته هن مضمون رستي آئون سنڌي سڄاڻن، خاص طور سائنسدانن ۽ انجنيئرن کي ان اهميت جو احساس ڏياريان، جيڪا ميڊيا ڪنهن ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ رکي ٿي نه صرف ايترو بلڪ کين ان ذميواريءَ جو به احساس ڏياريان، جيڪا مٿانئن عائد ٿئي ٿي.

[ماهوار مومل، حيدرآباد، مارچ/اپريل، 1999ع]

مختيار احمد ملاح

# سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪجهہ تجويزون

سنڌي زبان قديم دؤر کان سنڌ جي ماڻهن جي ٻولي رهي آهي، اها هن وقت بہ بلوچستان جي ضلعن جهڙوڪ ڪڇي ۽ سبي، پنجاب جي ضلعن جهڙوڪ رحيم يارخان ۽ ملتان، هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪٿي توري ڪٿي گهٽي ڳالهائي وڃي ٿي.

سنڌ تي گهڻين ئي قومن قبضا ڪري حڪومتون ڪيون ۽ سنڌي زبان کي ختم ڪرڻ جون سازشون ڪيون، پر سنڌي ٻولي پوءِ بہ سلامت رهندي آئي آهي. قدرت هرهڪ پرڳڻي کي پنهنجي پنهنجي ٻولي ڏني آهي. سموري عربستان لاءِ عربي ٻولي آهي، تہ فارس (ايران) لاءِ فارسي. انگريزن سنڌ تي 100 سال حڪومت ڪئي، پر پنهنجي ٻوليءَ کي اسان مٿان نہ مڙهيائون، پر ان جي برعڪس سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ (الفابيٽ) کي سينگارياڻون. اڄوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو موجوده سڌارو آيل آهي، سو انگريزن جو اسان تي ٿورو آهي. جڏهن تہ اسان جي سنڌي عالمن کي بہ سلام آهي، جن پنهنجي ٻوليءَ کي خوبصورت الفابيٽ ڏني هئي. انگريز فاتحن سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ کي ڀرپور انداز ۾ سنواريو سينگاريو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ پرڳڻي لاءِ دفتري، سرڪاري توڙي قومي ٻولي قرار ڏنو. ايتري حد تائين جو سنڌ ۾ جيڪي اهلڪار انگريز يا غيرسنڌي رکيا ويندا هئا، انهن لاءِ بہ سنڌي ٻوليءَ جو ڳالهائڻ توڙي لکڻ پڙهڻ ضروري قرار ڏنو ويو هو. 1947ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. سنڌ جا هندو

اديب، هتان لڏڻ لڳا ۽ انهن جي لڏي وڃڻ جي ڪري سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي جهولي خالي ٿي پئي. ان صورتحال هڪ وڏي بحران کي جنم ڏنو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۽ زبان تي ڪيئي وار ڪيا ويا، سنڌيءَ جي تعليم کي پرائمريءَ تائين محدود ڪيو ويو. سنڌي ميڊيم اسڪول بند ٿيا. تعليمي معيار روز بہ روز گهٽ ٿيندو رهيو. ادب جي ميدان ۾ پيدا ٿيل حال پرجڻ ۾ وقت لڳو سائنسي، تاريخي، جاگرافيائي ۽ ٻين علوم تي سنڌي زبان ۾ ڪتابن جي تمام کوٽ محسوس ٿي رهي آهي. تعليمي سطح تي، ڪمپيوٽر جي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي سطح تي، ترجمن جي سطح تي، انٽرنيٽ، موبائيل فونز ۽ ڪيبل ٽي وي سطح تي، سنڌي ٻوليءَ کي اڃان تمام گهڻي ترقي ڪرڻ جي ضرورت آهي. هاڻي سنڌي زبان جي علمي، سائنسي، اقتصادي، حيثيت کي ڏسندي اڇو تہ ڏسون تہ اسان ان لاءِ ڇا ڪري سگهون ٿا.

**(1) سائنسي ۽ ٻين علوم جي ڪتابن جي کوٽ کي ختم ڪرڻ:**

اڄ اسان ايڪويهين صديءَ ۾ هلي رهيا آهيون. دنيا جي نقشي تي نيون نيون تبديليون اچي رهيون آهن. اڄ جي دنيا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دنيا آهي. سائنسي ڪرامتن سان دنيا هڪ ڳوٺ (Global Village) ٿي پئي آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي، جاگرافيائي ۽ ٻين علمن جي ڪتابن جي سخت کوٽ آهي. معياري ڪتاب تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر غيرمعياري ڪتاب بہ ڳوليو ڪونہ ٿا لڀن. معياري ڪتاب نہ هئڻ ڪري سنڌي زبان ۾ اهي علوم پڙهايا بہ نٿا وڃن. اسان جا پروفيسر، استاد، ماهر وغيره جيڪي هن سلسلي ۾ مهارت رکن ٿا، انهن کي گهرجي تہ هو فزڪس، ڪيمسٽري، جاگرافي، ارضيات، حياتيات، ڪمپيوٽر سائنس، اقتصاديات، جرميات ۽ ٻين علمن وغيره تي تحقيق ڪري سنڌي اصطلاحن ۾ ڪتاب لکن.

ان ڏس ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي فرمايو آهي تہ "سنڌي زبان جي بقا جو هڪ موثر طريقو هي آهي تہ سنڌين ۾ قوت فڪر پيدا ٿئي. جيئن نئين

خيال ۽ نئين معنيٰ کي سنڌي زبان ۾ قلمبند ڪن. ائين ڪرڻ سان زبان ۽ بقا جو سوال پاڻهي حل ٿي سگهي ٿو."

**(2) جديد ٽيلي ڪميونيڪشن جو عام استعمال:**

اسان کي خبر آهي تہ هي دؤر جديد ٽيلي ڪميونيڪشن جو دؤر آهي، سڄيءَ دنيا جا مسئلا هن رستي ڏسي ۽ ٻڌي سگهجن ٿا. سنڌي زبان ۾ ڪيترائي ٽي وي چينل شروع ٿي چڪا آهن ۽ اڃان بہ گهڻي ضرورت باقي آهي، پر انهن تي معياري پروگرامن جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي. انهن تي صرف معياري پروگرام نشر ڪرڻ گهرجن. جن سان سنڌ جي تاريخي، ثقافتي، ورثي کي سڄي دنيا ۾ متعارف ڪرائي سگهجي. ڪمپيوٽر جي تعليم ۽ ڪمپيوٽر ذريعي تعليم سنڌي زبان ۾ عام ٿيڻ سان سنڌي زبان ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي سگهي ٿي. ايتري تائين جو موبائيل فونن تي پيغام (SMS) بہ سنڌيءَ ۾ هئڻ گهرجي.

**(3) تعليمي معيار کي بهتر ڪرڻ:**

اڄ سنڌ جي تعليم جو معيار تمام ڪري چڪو آهي. جاگيرداري نظام، تعليمي ادارن ۾ سياسي ڪلچر، ڪاپي ڪلچر، پنهنجن نوازڻ واري ڪلچر سنڌ ۾ تعليمي معيار کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي عوام کي هن وقت تعليم جي اهميت سمجهڻ گهرجي ۽ ان جي معيار کي مٿاهون ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ سرڪار استاد، والدين ۽ عام شهري ۽ شاگرد برابر جا ذميوار آهن.

1973ع واري آئين ۾ ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي ڪيترين ئي حڪومتن طرفان جاري ڪيل تعليمي پاليسين ۾ صوبائي زبانن جي ترقيءَ ۾ ذريعہ تعليم طور استعمال ڪرڻ لاءِ واضح طور پاليسي اختيار ڪئي ويئي، پر ان جي باوجود سنڌ ۾ خاص طور تي ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاهہ ۽ سکر جهڙن وڏن شهرن ۾ سنڌي ميڊيم اسڪولن جو پورو اهتمام ڪيل نہ آهي. مشنري ۽ خانگي اسڪولن ۾ سنڌي لازميءَ

ڪي ختم ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ حڪومت ۽ عوام کي خاص اُپاءَ وٺڻ گھرجن.

**(4) ادب ۾ ترجمن ۽ ادارن جي ضرورت کي پورو ڪرڻ:**

سنڌي زبان ۾ شاعري ۽ افسانيءَ تہ تمام گھڻي ترقي ڪئي، پر ناول ۽ ڊرامي وغيره گھٽ ترقي ڪئي آهي. ان کان علاوه سنڌي زبان جي ادب ۾ ترجمي جي سخت کوٽ محسوس ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ انگريز دؤر ۾ سنڌي زبان ۾ ترجما نگاري پنهنجي عروج تي هئي، پر موجوده دؤر ۾ اهو رجحان گھٽجي ويو آهي. سڄي دنيا ۾ ادب ۽ سائنس، آرٽ، مذهبيات ۽ ٻين علمن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. پر اسان انهن کان اڄ بہ اڻ واقف آهيون.

سنڌ ۾ ادارن جي تمام گھڻي کوٽ آهي، جيڪي نوان ڪتاب ڇپائي سگھن. سنڌي اديب هميشہ مفلسيءَ جو شڪار رهيو آهي. اهڙا ادارا هجن، جيڪي سنڌن واهر ڪن يا سنڌن معاشي مدد ڪري سگھن. ترجما ڪرائي ڪتاب شايع ڪرائين، تہ جيئن دنيا ۾ مختلف علمن جي ترقيءَ کان اسان بہ گڏوگڏ فائدو حاصل ڪندا رهون.

**(5) ملڪي سطح جون ڪوششون:**

(الف) هر صوبي جي ٻوليءَ کي اتان جي قومي ٻوليءَ وارو درجو هئڻ گھرجي ۽ انهن کي علائقائي ٻولي چوڻ بند ڪيو وڃي. ملڪي سطح تي ٻولين جي ترقيءَ لاءِ خاص اُپاءَ ورتا وڃن.

(ب) وفاقي حڪومت جڏهن صوبي ۾ داخل ٿئي تہ پنهنجي سيني ادارن کي هدايت ڪري تہ هو ادارا سنڌي ٻوليءَ کي اهميت ڏين، جيئن سعودي عرب ۾ عربيءَ کي مٿانهون مقام مليل آهي ۽ ٻين ٻولين کي ثانوي حيثيت ڏنل آهي.

**صوبائي سطح تي ڪوششون:**

(1) حڪومت ادارن تي لڳل تمام سائن بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرائي.

(2) تمام سنڌ جا ادارا پنهنجا سائن بورڊ توڙي ٻي لکپڙهه سنڌيءَ ۾ ڪن.

(3) حڪومت سنڌ پاران تمام خانگي ادارن کي هدايت ڪئي وڃي ته سمورا اشتهار وغيره سنڌيءَ ۾ هٽن ۽ روڊن رستن شهرن توڙي واهڻن ۾ پنهنجي لکپڙهه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن.

(4) وزارت ريلوي، وزارت پاڻي بجليءَ وغيره کي هدايت ڪئي وڃي ته هو پهرين اهميت سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڏين. مثال سمورين اسٽيشنن جا نالا اوليت جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ بعد ۾ انگريزي ۽ اردو لکيا وڃن.

(5) سنڌ جون سڀ وزارتون سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اهميت ڏين.

(6) سنڌ اسيمبليءَ ۾ پهرين اهميت سنڌي ٻوليءَ کي ڏني وڃي. سنڌ جي بجيٽ تقرير سنڌيءَ ۾ پيش ڪئي وڃي. مطلب ته سرڪاري سطح تي سنڌ حڪومت طرفان سنڌي ٻوليءَ جي مالڪي ڪئي وڃي.

(7) سنڌي زبان ۾ چٽاپيٽيءَ وارن امتحانن لاءِ اجازت ڏني وڃي.

(8) عالمن ۽ اديبن جي مشڪلاتن، بيمارين جو خاص خيال رکيو وڃي، سندن واهر ڪئي وڃي.

**(الف) عوامي سطح جون ڪوششون:**

(1) سنڌي ماڻهن جي گهرن تي جيڪي نالن جون تختيون کهڙي به ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، سي چند روپيا خرچ ڪري سنڌيءَ ۾ لکرائين. پنهنجي آفيس پنهنجي ڪاروبار جا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرائين.

(2) هرڪنهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪن ته جيئن سنڌ ۾ رهندڙ هر شخص کي سنڌي زبان سان واهپو ٿي پوي.

(3) شادي ڪارڊ وغيره سنڌيءَ ۾ ڇپرائن.

(4) سنڌي پينٽر، آرٽسٽ سنڌي ٻوليءَ کي اوليت ڏين.
(5) سنڌي زبان ۾ ٻارن، خواتين ۽ ديني ادب لاءِ خاص جتن ڪن.
(6) لائبريرين ۽ پنهنجي پڙهڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ سنڌي ڪتاب خريد ڪن.
(7) سنڌي عالم شهرن توڙي واهڻن ۾ واعظ وغيره سنڌيءَ ۾ ڪن.

**(8) سياسي تنظيمن کان مطالبا.**

(9) سموري سنڌ ۾ سنڌين کي پنهنجي ٻوليءَ جي اهميت کان آگاهه ڪن.
(3) قوم پرست ڏريون ڪاليج ۽ اسڪول بند ڪرائڻ بدران تعليمي اهميت تي ڌيان ڏيارين.
(4) سيئي جلسا، پروگرام، سيمينار سنڌي ٻوليءَ لاءِ منعقد ڪرائن.
(5) سنڌي ٻوليءَ جي فلاح ۽ ترقيءَ لاءِ جلسا، سيمينار ۽ ادبي گڏجاڻيون ڪرائڻ جون ڪوششون ڪن.

سنڌي ٻوليءَ کي جديد دؤر ۾ درپيش چئلينج واري موضوع تي ٿيل سيمينار ۾ پيش ڪيل نڪتا دهرائجن ٿا، جن تي عمل ڪري سنڌي ٻوليءَ کي سندس صحيح رتبو ڏياري سگهجي ٿو.

2002ع ۾ حيدرآباد ۾ جديد دؤر جي چئلينجن کي منهن ڏيندي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اُپاءَ وٺڻ واري موضوع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٻن ويهڪن وارو سيمينار ٿيو. جنهن جي پهرين ويهڪ جي صدارت ڪندي، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي چيو ته 'ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ جي بنياد تي سنڌي لغت جوڙڻ جي ضرورت آهي'. هن چيو ته ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ سنڌي ماڻهن جي گهرن ۾ اردو ۽ انگريزيءَ جي بدران سنڌي ٻولي ڳالهائڻ کپي. هن پنهنجو مثال ڏيندي چيو ته منهنجي گهر ۾ پڻ سنڌي ٻولي ڪونه ٿي ڳالهائي وڃي. سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين محمد ابراهيم جويي سيمينار ۾ ڳالهائيندي چيو ته حڪومتي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۾ هلندڙ اسڪولن کي هٿ وٺي بند ڪيو پيو وڃي.

هن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا مثال ڏيندي چيو ته انهن ٻنهي شهرن ۾ سنڌي پاڙن ۾ سنڌي اسڪول نٿا کولي ڏنا وڃن. هن چيو ته حڪومت جي اهڙي ورتاءَ جي ڪري اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي وڏو خطرو درپيش آهي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پنهنجو جاٺايل اصلي ڪم ڪرڻ جي بدران ٻين اجاين ڪمن ۾ پنهنجو وقت وڃائي رهيو آهي. هن چيو ته انگلش ميڊيم اسڪولن کي هر صورت ۾ پابند ڪيو وڃي ته هو انگلش سان گڏوگڏ سنڌي ٻولي به ضرور پڙهائين. ان لاءِ ٻولي اختياريءَ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻولي اختياريءَ جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي چيو ته انگلش ميڊيم وارن اسڪولن کي جڏهن سنڌي پڙهائڻ لاءِ اٿارٽيءَ پاران زور پريو ويو ته هنن واضح ڪندي چيو ته اوهان وڏيڪ دٻاءُ وجهندؤ ته اسان سنڌ ۾ هلندڙ اهڙا اسڪول بند ڪري ڇڏينداسون. هن چيو ته ستي اسڪول جي پرنسپل چيو ته آئون سنڌيءَ جو سبجيڪٽ شروع ڪرائيندس ته منهنجي نوڪري ختم ٿي ويندي. ڊاڪٽر ٻگهيي چيو ته هونئن ٻاهريان ايندڙ ماڻهو مقامي ٻولي سکندا آهن. جڏهن ته اسان وٽ سنڌ ۾ اهو رواج ڪونهي. عبدالقادر جوڻيجي چيو ته اڳ ۾ سياسي آمريت جو اصطلاح هوندو هو جڏهن ته انٽرنيٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ڪري انگريزيءَ جي دنيا جي ٻين ٻولين تي آمريت قائم ٿي وئي آهي. هن چيو ته ٻوليءَ جي گڏيل ورثي کي بچائڻ جي بنياد تي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي ضرورت آهي. جاڪوڙي دانشور بدر ابڙي چيو ته انسان ذات جو علم محفوظ ٿيل آهي. ان ٻوليءَ کي جديد بنيادن تي محفوظ نه ڪيو ويو ته سڄي پونجي ضايع ٿي ويندي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي سموري ذخيري کي اليڪٽرانڪ اوزارن تي محفوظ ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن ٻولي اختياريءَ تي زور ڏيندي چيو ته سنڌيءَ کي يوني ڪوڊ تي آڻڻ ۽ ڪمپيوٽر تي سنڌيءَ جو عربي مان ورتل عارضي پروگرام جي بدران مستقل پروگرام جوڙڻ وارو ڪم هٿ ۾ کڻڻ کپي. ڊاڪٽر شمس سومرو چيو ته جديد لئنگئيج ڊڪشنري جوڙڻ جي

ضرورت آهي. جڏهن تہ روزمره ضرورت ۾ اينڊڙ ٻوليءَ جي ڊڪشنري موجود نہ آهي. پروفيسر قاضي خادم چيو تہ اسان کي اهو سوچڻ کپي تہ اسان سنڌيءَ کي جيئرو رکڻ چاهيون ٿا يا سنڌ کي جيئرو رکڻ چاهيون ٿا. سنڌي ٻولي سنڌ جي سڃاڻپ آهي.

## مددي مقالا:


(1) سنڌي ٻوليءَ جي علمي حيثيت (ششماهي سنڌي ادب) مراد علي مرزا.

(2) سنڌي ٻوليءَ جي فني حيثيت (سنڌ لائين: جولاءِ 1999ع) ڊاڪٽر غلام علي الانا

(3) سنڌي ٻوليءَ جو تعليمي زبان وارو ڪارج (پرک) تنوير عباسي.

(4) سنڌي ٻوليءَ جو موجوده مقام، ان جو مستقبل ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ تجويزون (مهراڻ 4/ 1984ع) ڊاڪٽر غلام علي الانا

(5) سنڌي ٻوليءَ جو مقدر (رهاڻ: آڪٽوبر 1996ع) رحيم بخش مهر.

(6) سنڌي ٻوليءَ کي جديد دؤر ۾ چئلينج (روزانہ ڪاوش 2002ع)


[سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو تان ورتل]

موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي گهڻائي چئلينج درپيش آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ استعمال ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندا وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ ان جو ڦهلاءُ ۽ ترقي سخت متاثر ٿي رهيا آهن. اهو اسان سڀني تي لازم آهي ته پنهنجي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ان جي تعليم کي بهتر رخ ۾ اڳتي وڌائڻ جون ڪوششون ڪريون ۽ ان جي استعمال کي درست نموني سان جديد اليڪٽرانڪ ميڊيا (موبائيل فون، انٽرنيٽ، ٽي وي چئنل ۽ ريڊيو وغيره) ذريعي وسعت ڏياريون. هن ٿي ڪتاب ۾ اسين ڏسون ٿا ته ڪيئن تاريخ جي مختلف دورن ۾ سنسڪرت عربي، فارسي، انگريزي يا اردو ٻولين جي غلبي جي باوجود سنڌ جي عالمن اديبن کان سواءِ عام ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ کي نه صرف زنده رکيو، پر ان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. اڄ به اهڙائي ساڳيا بلڪ ان کان وڌيڪ خطرا سنڌي ٻوليءَ کي درپيش آهن. گلوبلائيزيشن جي نالي ۾ ، توڙي قومي يڪسانيت جي نعري هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي قومي حيثيت اهميت ۽ مقام کي گهٽائي محض هڪڙي علائقائي (regional) زبان ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي، پر اسان کي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪيئن سنڌي ٻوليءَ هڪ مضبوط ۽ ٺاهوڪي ٻوليءَ جي صورت ۾ مذهبي، سياسي ۽ علمي طور تي غالب ٻولين سان مقابلو ڪيو ۽ نه صرف ڏکين حالتن ۾ پاڻ کي جيئرو رکيو، بلڪ ايڪيهين صديءَ تائين ترقيءَ جون منزلون طي ڪيون، ان جو جس پڪ سان ان جي ڳالهائيندڙن خاص ڪري عالمن اديبن کي ملڻ گهرجي، جيڪي سائنس دل و جان سان پيار ڪن ٿا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ISBN 978-969-9098-62-8

Rs. 400/-